سنگيت سنسار

(فرهنگِ موسيقي)

سيد حاڪم علي شاھ بخاري

محمد عثمان ميمڻ

سنڌي لئنگويج اٿارٽي

قيڊڏآباڊ، بنلڊ

2008ع

سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر (١١٣)

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

سنگيت سنسار (فرهنگ موسيقي)

Catalogue Reference
Bukhari Syed Hakim Ali Shah &
Memon M. Usman
Music
Sindhi & English Languages
Sindhi Language Authority
ISBN 978-969-8194-93-2

مؤلف: سيد حاڪم علي شاهه بخاري ۽ محمد عثمان ميمڻ
ڇاپو: پهريون، ٢٠٠٨ع
تعداد: ١٠٠٠
قيمت: 400/= روپيا

Sangeet Sansar

By:	Syed Hakim Ali Shah Bukhari & M.Usman Memon
Edition:	First 2008
Quantity:	1000
Price:	400/=
Published by:	Sindhi Language Authority National Highway, Hyderabad Sindh 71000, Pakistan.
Tel:	022-9240050-53
Fax:	022-9240051.
Composed by:	M. Ramzan
Title:	Assadullah Bhutto
Printer:	Nasira Advertisers, Hyderabad, Sindh.
Email:	sindhila@yahoo.com,sindhila1@hotmail.com
Website:	www.sindhila.com.pk

هيءُ ڪتاب اداري جي چيئرمئن عبدالقادر جوڻيجي، ميشرس ناصره ايڊورٽائيزرس، حيدرآباد مان ڇپرائي،
سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جي آفيس، نئشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌرو ڪيو.

فهرست

ارپنا		24
ناشر نوٽ		25
مهاڳ		26

الف

آروهي امروهي	بيان	36
آڙي بسنت	راڳڻي	36
آساوري	راڳڻي	37
آساوري	راڳڻي	37
آننديشوري	راڳڻي	38
آئين اڪبري	ڪتاب	38
امارات (عرب)	موسيقي	38
امرت خان	ساز نواز	38
ايس بالاچندر	ساز نواز	39
ايوڳي ڪانڙو	راڳڻي	39
اپياس	موسيقي / سُر	40
اپيري	راڳڻي	40
اَپنياس	موسيقي / سُر	40
احمد ابراهيم	راڳي	40
احمد چاڳلا	موسيقار	40
اختيار علي خشڪ	راڳي	41
اڙانا	راڳڻي	42
اسراج	ساز	42
اقبال بانو	گائڪا	43
اقبال بانو (رهتڪ واري)	گائڪا	43
اقرار وحيد علي	راڳي	44
اڪبر بروهي	راڳي	45

اڪتال	وڃت	45
اڪرم مگڻهار	ساز نواز	45
اڪوائي	وڃت	45
الغوزو	ساز	46
النگهن	بيان	46
الهہ رکا استاد	طبلا نواز	46
اليا	راڳڻي	47
اليا بلاول	راڳڻي	47
امانت علي خان استاد	راڳي	47
استاد امجد علي خان استاد	ساز نواز	49
ام ڪلثوم	(مصرجي گائڪا)	50
اميد علي خان استاد	راڳي	51
امير بخش فقير	راڳي	51
امير حسن	راڳي	52
امير خسرو	شاعر/ موسيقار	53
امير علي استاد	راڳي	53
اَنِش	موسيقي/ سُر	54
انند ڀيرو	راڳڻي	54
انودرت	وڃت / لئي	54
انور حسين وسطڙو	راڳي	55
اهير ڀيرو	راڳڻي	55
ايراني موسيقي	بيان	55
ايمن ڪلياڻ	راڳڻي	58
ايمني بلاول	راڳڻي	59

ب

بسم الله خان استاد	ساز نواز	59
باگيسري	راڳڻي	60
بانسري	ساز	60
ببادي	موسيقي/ سُر	61

بياس	راڳڻي	61
بياس	راڳڻي	62
بحرائي تي چيچ	ناچ	62
بدهنس	راڳڻي	63
براري	راڳڻي	63
بربط	ساز	64
برڪت علي پٺ	راڳي	64
برڪت علي خان استاد	راڳي	64
بروا	راڳڻي	65
بروو سنڌي	راڳ	65
بساطن الانس	ڪتاب	66
بسنت	راڳڻي	66
بسنت مکاري	راڳڻي	66
بلاس خاني توڙي	راڳڻي	67
بلاول ٺاٺ	بيان	67
بندرابني	راڳڻي	67
بنگال ڀيرو	راڳڻي	68
بوڙيندو	ساز	68
بهادر توڙي	راڳڻي	68
بهاگ/ وهاڳ	راڳڻي	69
بهاگڙا	راڳڻي	69
بيبو خان استاد	راڳي	69
بيجو باورا	موسيقار / راڳي	71
بيدل مسرور	راڳي	71
بيگم اختر	گائڪا	72
بِين	ساز	72
بِين	ساز	73
بيگم پروين سلطانا	گائڪا	73

	ٻ	
ٻيلڻ	لوڪ گيت	73
	ڀ	
ڀارت سنگيت وديا	ڪتاب	74
ڀانومتي	وڄت/ تال	75
ڀائي لال محمد استاد	موسيقار	75
ڀٽيار	راڳڻي	76
ڀڪار	راڳڻي	76
ڀڳت	بيان	77
ڀڳت تيرٿ گر	راڳي	77
ڀڳت ڪنور رام	راڳي	78
ڪماري ڀڳونتي ناواڻي	گائڪا	78
ڀوپال	راڳڻي	79
ڀوپالي	راڳڻي	79
ڀير	ساز	80
ڀيرو	راڳڻي	80
ڀيرو ٺاٺ	بيان	80
ڀيروي	راڳڻي	81
ڀيروي ٺاٺ	بيان	81
ڀيم پلاسي	راڳڻي	81
ڀيم سين جوشي پنڊت	راڳي	82
	ت	
تار	بيان	82
تاسا/ مرفا	ساز	82
تال	بيان	82
تال تمامي	وڄت / لئي	83
تال	بيان	83
تمڪ	ساز	84
تالن جا ڪي قسم	بيان	85

تان	بيان	88
تانپُورو	ساز	89
تحفة الهند	ڪتاب	89
ترت	تال	89
تربيني / ترون	راڳڻي	89
تعمير حسين	ڳائڻو	90
تلڪ شيام	راڳڻي	90
تلڪ ڪامود	راڳڻي	91
تلنگ	راڳڻي	91
تلنگ	راڳڻي	91
تمبي	ساز	92
تنبور / طنبور	ساز	92
تين تال	تال	93
تيورا	تال	93
	ٽ	
ٽلو	تال	94
ٽوڙي	راڳڻي	94
ٽوڙي ٺاٺ	بيان	94
ٺهليو پگت	راڳي	95
	ٺ	
ٺاٺ	بيان	95
	پ	
پارجاتڪ	ڪتاب	95
پٽ ديپ	راڳڻي	96
پٽ منجري / مجري	راڳڻي	96
پٺاڻي خان	راڳي	96
پرياتي	راڳڻي	97
پرتاب ورالي	راڳڻي	97
پرج	راڳڻي	98

پرديپڪي	راڳڻي	98
پرسو ڀڳت	راڳي	99
پکواز	ساز	99
پکاوج	ساز	99
پنالال گهوش	موسيقار	100
پنج تال جي سواري	تال/ وڄت	100
پنجابي ٺيڪو	وڄت/ لئي	101
پنچم	موسيقي/ سُر	101
پنچم	راڳڻي	101
پوربي ٺاٺ	بيان	102
پوربي	راڳڻي	102
پوريا	راڳڻي	103
پوريا ڌناسري	راڳڻي	103
پوريا ڪلياڻ	راڳڻي	104
پهاڙي	راڳڻي	104
پيلو	راڳڻي	104

ج

جانسم موهني	راڳڻي	105
جاڙا رام ڀڳت	راڳي	105
جگپال	تال	105
جگجيت سنگهه	راڳي	105
جلال چاندبيو	راڳي	106
جلترنگ	ساز	107
جلندر ڪيڏارو	راڳڻي	107
جماعتي راڳ	بيان	108
جمالو	ناچ	108
جوڳ	راڳڻي	108
جوگيا	راڳڻي	109
جونپوري	راڳڻي	109

جئہ رام جوڳي	ساز نواز	110
جيت	راڳڻي	110
جيت سري	راڳڻي	110
جيت ڪلياڻ	راڳڻي	111
جيجي زرينا بلوچ	گائڪا	111
جي جي ونتي	راڳڻي	112
جيوڻي ٻائي	گائڪا	112
جهپ	تال	114
جهمٽ	تال	114
جهمر	ناچ	114
جهومرا	تال	114
جهنجهوٽي / جهجوٽي	راڳڻي	115
	چ	
چاچر / چنچل	تال / وڄت	115
چانڊني ڪيدار	راڳڻي	116
چترالي ستار	ساز	116
چپڙيون	ساز	116
چڪارو	ساز	116
چندر، ماستر سنگيت آچاريہ	راڳي	118
چندر ڪانت	راڳڻي	119
چندر ڪونس	راڳڻي	119
چندر هشمتراءِ	راڳي	120
چمٽو	ساز	120
چوتال	وڄت	121
چوتالو	وڄت	121
چنگ	ساز	122
چين جي موسيقي	بيان	122
	ڇ	
ڇايا نٽ	راڳڻي	127
ڇيڄ	ناچ	128

ح

حافظ علي خان استاد	ساز نواز	129
حامد حسين خان استاد	راڳي	130
حدو خان ۽ حسو خان	راڳي	130
حسين بخش خادم	راڳي	130
حسيني جو نهرو	راڳڻي	131
حضور بخش خان استاد	راڳي	131

خ

خادم سخيراڻي	راڳي	131
خميسو خان	ساز نواز	132

د

داگر پائر	راڳي	132
درباري	راڳڻي	133
درگا	راڳڻي	134
دربل	موسيقي/ سُر	134
درگا	راڳڻي	134
دف	ساز	135
دلربا	ساز	135
دنبوري/ دنبور	ساز	136
دنبورو	ساز	136
دهل	ساز	136
دهي سانگ	ناچ	139
ديپڪ	راڳڻي	139
ديس	راڳڻي	139
ديسڪار	راڳڻي	140
ديس گوندب	راڳڻي	140
ديسي	راڳڻي	141
ديشڪ	راڳڻي	141
ديوا	راڳڻي	141

ديو ساک	راڳڻي	142
ديوگري	راڳڻي	142
ديوگنڌار	راڳڻي	143
	ڏ	
ڏاٿيئڙو	لوڪ گيت	143
ڏاڏرو/ دادرا	تال	144
ڏاني	راڳڻي	144
ڏمار	تال	145
ڏمال	بيان	145
ڏناسري	راڳڻي	145
	ڏ	
ڏانڊيا/ ڏونڪا	تال	146
ڏانڊيا	تال	147
ڏنبو	ساز	147
	ڍ	
ڍول فقير	راڳي	147
ڍولو	لوڪ گيت	148
ڍيبڪي	ساز	148
	ر	
راسوڙو	ناچ	148
راڳ درپن	ڪتاب	149
راگيسري	راڳڻي	150
رام پرتاب راءِ پدماشري	راڳي	150
رامداسي ملهار	راڳڻي	151
رام ڪلي	راڳڻي	151
راٺو	راڳڻي	152
رباب	ساز	153
ردر	تال	153
رسيا	راڳڻي	153

رکب	موسيقي/ سُر	154
رگهونات پنڊت	ساز نواز	154
روبينا قريشي	گائڪا	154
روپ	تال	155
روشن آرا بيگم	گائڪا	155
رونا ليليٰ	گائڪا	156
ريشما ن	گائڪا	156
	زِ	
زاهده پروين	گائڪا	157
زرياب	موسيقار	158
زناني وڄت	تال	159
زنگولا/ جهنگلو	بيان	159
زيلف	راڳڻي	160
	س	
ساجن چانگ	بيتائي	160
سارنگي	ساز	161
ساز گيري	راڳڻي	161
ساونت سارنگ	راڳڻي	162
سانوڻ سُنگ بهليل شاهه	راڳي	162
سانوڻي ڪلياڻ	راڳڻي	162
ساويري	راڳڻي	163
سائين مرنا	راڳي	163
ستار	ساز	163
سترام ويڙهومل	راڳي	164
سجڻ سنڌي	راڳي	165
سرپردا/ سرپدا	راڳڻي	165
سرساگر	ساز	166
سرسامونڊي	راڳڻي	166
سُرسسئي	بيان	166

سُر کنيات	راڳڻي	166
سرمد سنڌي	راڳي	167
سرندو	ساز	167
سرود	ساز	169
سروري	راڳڻي	169
سري ٽنڪ	راڳڻي	169
سري راڳ	راڳڻي	170
سري رنجني	راڳڻي	170
سگرائي	راڳڻي	170
سلامت حسين استاد	راڳي	171
سلامت علي خان استاد	راڳي	171
سموادي	موسيقي/ سُر	174
سم	بيان	174
سمپورن	موسيقي/ قسم	174
سمہ / سماع	بيان	175
سمہ جھوڪ شريف	بيان	175
سمہ شاھ ڪريم	بيان	176
سنتو پڳت	راڳي	176
سنتور/ سرمنڊل	ساز	176
سندري	تال	177
سنڌي پيروي	راڳڻي	177
سنڌڙو	راڳڻي	178
سنڌي راڳ ۽ تال	ڪتاب	178
سنڌوي/ سنڌوا	راڳڻي	178
سنڌي پيروي	راڳڻي	179
سنڌي ثقافت جا امر آواز	ڪتاب	179
سنڌي جوڳ	راڳڻي	180
سنڌي روايتي موسيقي	بيان	180
سنڌي موسيقيءَ جي تاريخ	ڪتاب	181

سنڪرا ڀرن	راڳڻي	182
سنڪيرن راڳ	بيان	183
سنک/ ڪوڏ/ گھونگھو	ساز	183
سُنگ	بيان	183
سنگيتا شنڪر	ساز نواز	184
سنياس	موسيقي/ سُر	184
سواري	وڄت / تال	184
سوامي هريداس	راڳي	184
سورٺ	راڳڻي	185
سوپو ڀڳت	راڳي	185
سورٺ (سنڌي)	راڳڻي	185
سورداسي ملهار	راڳڻي	186
سول فاختہ	تال	186
سونا خان بلوچ	راڳي	187
سوها	راڳڻي	187
سهراب فقير	راڳي	187
سهڻي	راڳڻي	188
سيٺ وشنداس نهال چند	موسيقي نواز	188
سيد سليمان شاھ	راڳي	190
سينڌو خان استاد	راڳي	190
	ش	
شازيا خشڪ	گائڪا	190
شاھ عبداللطيف- سنڌي راڳ جو اڳواڻ	بيان	191
شاهد پٺو	موسيقار	192
شام ڪلياڻ	راڳڻي	193
شڌ سارنگ	راڳڻي	193
شڌ ڪلياڻ	راڳڻي	194
شڌ ملهار	راڳڻي	194
شرتي	موسيقي/ سُر	194

شرناءِ/ شرنائي	ساز	195
شفيع فقير	راڳي	196
شفيع محمد جمن	راڳي	196
شڪل بلاول	راڳڻي	196
شڪر	تال	197
شمع ونتي	راڳڻي	197
شوراشت	راڳڻي	197
شومت پيرو/ پيروون	راڳڻي	198
شهانا	راڳڻي	198
شهنائي	ساز	199
شيخ لاڏ جِيو (سنڌي برهانپوري)	راڳي	199
	ص	
صوفي ڪلام	بيان	200
	ط	
طبلو	ساز	200
طارق علي چانديو	راڳي	201
	ع	
عرب موسيقي	بيان	201
علاءُ الدين خان استاد	راڳي	203
عماني موسيقي	بيان	203
عود	ساز	204
عابده پروين	گائڪا	205
عاشق علي خان	راڳي	206
عبدالغفور فقير	راڳي	207
عبدالڪريم خان استاد	راڳي	208
عبدالله ڪچي	راڳي	209
عبدالوحيد خان استاد	راڳي	210
عثمان فقير	راڳي	211
علڻ فقير	راڳي	211

علڻ هوتيپوتو	راڳي	212
علي اڪبر خان	ساز نواز	212
علي نواز سمون	ساز نواز	212
	غ	
غارا	راڳڻي	213
غلام حيدر ماستر	موسيقار	213
غلام شبير شاهاڻي	راڳي	214
غلام شبير عمراڻي	ساز نواز	214
غلام علي خان صاحب (بڙي استاد)	راڳي	215
غلام علي	موسيقار	217
غنيات الامينا	ڪتابُ	218
غوث بخش بروهي	ساز نواز	219
	ف	
فتح علي خان استاد	راڳي	219
فدا حسين خان استاد	راڳي	219
فرودست	تال	220
فريدا خانم	گائڪا	220
فقير غلام علي مسرور	راڳي	221
فقير نجم علي	راڳي	221
فليوٽ	ساز	222
فوزيا سومرو	گائڪا	222
فياض حسين خان استاد	راڳي	223
	ڦ	
ڦوٽو زرداري	راڳي	224
	ق	
قانون	ساز	224
قطرجي موسيقي	بيان	224

ڪ

ڪافي	راڳڻي	225
ڪافي	راڳ جو قِسم	225
ڪافي ٺاٺ	بيان	226
ڪالنگڙو	راڳڻي	226
ڪامود ڪلياڻ	راڳڻي	226
ڪٿڪ	بيان	227
ڪرناٽڪي موسيقي	بيان	227
ڪڙا	ساز	228
ڪلواڙو / تلواڙو	تال	228
ڪرواني	راڳڻي	228
ڪشڪول	ڪتاب	229
ڪلياڻ ٺاٺ	بيان	229
ڪني	تال	229
ڪنجهيون_ تليون	ساز	230
ڪنزالتحف	ڪتاب	230
ڪنور پڳت	راڳي	230
ڪوسي/ ڪونسي	راڳڻي	231
ڪوسي جو نهرو	راڳڻي	231
ڪوڪب بلاول	راڳڻي	231
ڪونسي پيرو	راڳڻي	232
ڪوهياري	راڳڻي	232
ڪوهياري	راڳڻي	232
ڪمانچ/ ڪمانچو	ساز	233
ڪن موتيهر	گائڪ	233
ڪهروا	تال	235
ڪيدارا/ ڪيڏارو	راڳڻي	235
ڪيڏارو	راڳڻي	235

گ

گج ليلا	تال	236
گرهہ	موسيقي/ تال	236
گلابدا سي پگت	بيان	236
گلزار علي خان استاد	راڳي	236
گنڌار	موسيقي/ سُر	238
گنڪلي	راڳڻي	238
گواليار گهراڻو- سنڌ ۾	بيان	238
گوجري	راڳڻي	239
گوري	راڳڻي	240
گوري	راڳڻي	240
گوڙ سارنگ	راڳڻي	241
گونڊ ملهار	راڳڻي	241
گوهرجان	گائڪا	242

ڪ

ڪت/ ڪتا	راڳڻي	242
ڪڙتال/ چپڙيون	ساز	243
ڪماچ ناٿ	بيان	243
ڪنيات	راڳڻي	244
ڪنياوتي	راڳڻي	244
ڪمتا	تال	244
ڪيمپتا	تال	245

گه

گهاتم	ساز	245
گهاگهر	ساز	245
گهراڻا (پڪي راڳي جا)	بيان	245
گهنشام واسواڻي	راڳي	247

ل

لال ماڻي مسرا	موسيقار	248
لتا منگيشڪر	گائڪا	249
لچا ساڪ	راڳڻي	251
لطيفي تال	تال	252
لنڪڏن سارنگ	راڳڻي	252
لوڙائو	راڳڻي	252
لوڙائو سُر	موسيقي	252
لوڪ سنگيت ۽ پڪوراڳ	بيان	253
لڪيو	لوڪ گيت	254
لمڪيان ڙي لو	لوڪ گيت	254
لوڪ گيت	ڪتاب	255
للت	راڳڻي	255
للت پنچم	راڳڻي	255
لولي	لوڪ گيت	256
لهجات سڪندري	ڪتاب	257
لئي	تال	257
لئيڪو	گيت	260
ليالو	لوڪ گيت	260

م

ماڏو ڪونس	راڳڻي	260
ماروا ٺاٺ	بيان	260
ماروا	راڳڻي	261
مالڪوس	راڳڻي	261
مالوي	راڳڻي	262
ماليگورا	راڳڻي	262
ماليسري	راڳڻي	262
مانجهه	راڳڻي	263
مانجهه ڪماچ	راڳڻي	264

ماندڻ	راڳڻي	264
مائي ڀاڳي	گائڪا	264
مٽ	تال	265
مٽڪو	ناچ	266
مٺا خان زرداري	ساز نواز	266
مِٺُو ڪلهوڙو	راڳي	266
مٺو مگڻهار	راڳي	267
محمد ابراهيم ماستر	راڳي	267
محمد جمن استاد	راڳي	268
محمد حسن استاد	موسيقار	268
محمد صالح ساند استاد	راڳي	269
محمد ڪامل پيرزادو	راڳي	269
محمد يوسف	راڳي	270
مختار بيگم امرتسري	گائڪا	270
مڌ مار	راڳڻي	271
مردنگ	ساز	272
مرلي	ساز	272
مسيندو	ناچ	273
مشتاق علي خان استاد	راڳي	273
مشر راڳ	بيان	273
مشر غارا	راڳڻي	273
مصري خان جمالي	ساز نواز	274
مصري موسيقي	بيان	274
مضراب	ساز جو پرزو	276
مظهر حسين	راڳي	276
معذوري	راڳڻي	276
مغرمان	ساز	277
مغليہ دور جي موسيقي	بيان	277
ملتاني	راڳڻي	279

ملوها	راڳڻي	279
منشي ڪرم امام خان	موسيقار	280
منظور سخيراڻي	راڳي	280
منظور علي خان استاد	راڳي	281
منور علي خان استاد	راڳي	282
موائي	ناچ	283
موتيهر	راڳي	283
موٽڪي	راڳڻي	284
مورو	لوڪ گيت	284
مورچنا	بيان	284
مولود	مذهبي راڳ	285
موهن پڳت	راڳي	285
مهتابي	راڳڻي	286
مهدي حسن	راڳي	286
موهن ڪونس	راڳڻي	288
موهن وينا	ساز	288
ميان جو سارنگ	راڳڻي	289
ميان جي ملهار	راڳڻي	289
مهيش چندر	راڳي	290
ميرا ٻائي ملهار	راڳڻي	290
ميسو پوٽيمين موسيقي	بيان	291
ميگهه	راڳڻي	292
ميگهه رنجني	راڳڻي	292
ميلڪم آرنلڊ	موسيقار	293
	<u>ن</u>	
ناچ	بيان	293
نارائڻي	راڳڻي	294
نارومل پڳت	راڳي	295

نائيڪي جو نهرو	راڳڻي	295
نٽ بلاولي	راڳڻي	295
نٽ بلاول	راڳڻي	296
نٽ ملهار	راڳڻي	296
نڙ	ساز	296
نظر محمد چنو	راڳي	298
نصرت فتح علي خان	قوال/ موسيقار	299
نڪشت	تال	300
نغارو	ساز	300
نفيل	ساز	301
نواهاءِ راز	ڪتاب	301
نوبت	ساز	301
نورجهان ملڪ ترنم	گائڪا	301
نور شاهه	راڳي	303
نور محمد ۽ مير محمد ڪنير	راڳي	304
نور ونتي	راڳڻي	304
نئي/ نوا	ساز	304
نياز حسين خان استاد	راڳي	305
نياس	موسيقي/ سُر	306
نيلامر بري	راڳڻي	306
	وِ	
وائلن	ساز	306
وائي	بيان	307
وچتر ويٽا	ساز	308
وردواٽي سارنگ	راڳڻي	308
ورڏاني سارنگ	راڳڻي	308
وشوا موهن ڀٽ (پندت)	ساز نواز	309

ولايت علي خان	ساز نواز	309
وَهول	تال	309

ھ

هارمونيم	ساز	310
هندول	راڳڻي	310
هنس ڌن	راڳڻي	310
هنس ڪنڪني	راڳڻي	311
هنس نارائڻ	راڳڻي	311
همير ڪلياڻ	راڳڻي	311
هيرا ٻائي بڙوديڪر	گائڪا	312
هيم	راڳڻي	312
هيم بهاگ	راڳڻي	313
هيمنت	راڳڻي	313

ي

يار محمد فقير	راڳي	313
يڪتارو	ساز	314
يڪتاري تي ڳائيندڙ	بيان	314

ضميما

(الف) سنڌ الاجي ۾ موجود گرامو فون رڪارڊ	ياداشت	316
(ب) ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جا فنڪار	فهرست	326
(ت) سنگيت ڪوش ۽ فرهنگ ساز- ڪوش		332

ارپنا

استاد بخاريءَ جي نانءُ
جنهن اسان کي موسيقيءَ
جي ساڃاھ ڏني.

حاڪم علي شاھ
محمد عثمان ميمڻ

ناشر نوٽ

اداري طرفان مختلف موضوعن تي ڪتابن جي تياري ۽ ڇپائي واري سلسلي جو هيءُ اهم ڪتاب علمِ موسيقي جي ڪيترن ئي پهلوئن جو احاطو ڪري ٿو. جيتوڻيڪ هن کان پهرين پڻ اداري طرفان ”سر، شاهه، سمنڊ“ جي نالي سان هڪ ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو ويو هو، جنهن ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام جي موسيقي تي خصوصي طور تي تحقيق ڪئي وئي هئي.

موسيقيءَ وارو علم هن وقت هڪ سائنس جي شڪل اختيار ڪندو پيو وڃي. يونيورسٽين ۾ ان جي سکيا لاءِ ڌار ڌار شعبا قائم ڪري اتي استادن کي مقرر ڪيو پيو وڃي ته ٻئي طرف وري ان علم کي هٿي وٺرائڻ لاءِ جدا جدا ڪاليج پڻ قائم ڪيا ويا آهن.

مٿين ڳالهين کي نظر ۾ رکندي اهو فيصلو ڪيو ويو ته موسيقيءَ جي اهڙن ادارن جي قيام سان گڏوگڏ ضروري آهي ته ان شعبي سان لاڳاپيل شاگردن توڙي ٻين فنڪارن کي ڪتابي صورت توڙي سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙو مواد تيار ڪري ڏيون جن سان سندن رهنمائي ٿي سگهي.

سائين حاڪم علي شاهه بخاري ۽ محمد عثمان ميمڻ ان سلسلي ۾ جس لهڻن جو انهن منهنجي گذارش جي موٽ ۾ موسيقيءَ تي هيءُ اهم ڪتاب تيار ڪري ڏنو. اسان جون اهڙيون ڪوششون ابتدائي سهي، پر مستقبل ۾ پنهنجي جاءِ ضرور والارينديون.

اشاعتي بيورو جي پبليڪيشن آفيسر خالد آزاد ۽ خان محمد جروار هميشه جيان هن اهم رتا کي وقت اندر مڪمل ڪري منظرِعام تي آندو. سندن اهڙيون محنتون سنڌي ٻوليءَ جي ترقي واي تاريخ ۾ شمار ٿيڻ گهرجن. باقي مُڪياري پڙهندڙن تي ڇڏجي ٿي.

18 مارچ 2008ع

عبدالقادر جوڻيجو

چيئرمئن

مهاڳ

ڪتاب لکڻ جو ارادو

سچ ته هن ڪم ۾ هٿ وجهڻ جا ٻه مکيه سبب هئا، جن مان پهريون طبعي ۽ ٻيو شعوري، يادگيري به آهي، چاڪاڻ ته راڳ سان نندپڻ کان وٺي ناتو هو. راڳ ٻڌڻ سان دل کي آٿت ملندي هئي ۽ ڳائڻ سان سوز ۽ سرور، ڪئيفيت مطابق، حاصل ٿيندو هو. ڳائڻ جي حد پيشيوراڻي نه پر شوقيه هئي. ان وقت ڪنهن حد تائين موسيقي اسان کي سجاڳ به ڏني، ڇاڪاڻ ته ڪو نه ليکيا وياسون پر بنه اڻڄاڻ به نه. پنهنجي منهن روح ريجهائڻ ته عام شغل هو پر ڪڏهين ڪڏهين يارن کي به وندرائيندا هئاسين. اهو سلسلو 30-35 سالن جي عمر تائين هلندو رهيو، پر پوءِ زندگي گرهست جي گهيري ۾ اچي ويئي ۽ راڳ جو ڀوتو وڌڻ کان ته بيهي ويو پر ان کي سڪڻ کان بچائيندا آياسين، ڪڏهين ٻي سُر و ته ڪڏهين ٻي تالو، بعضي برداشت جهڙو پيو ڳائبو هو.

وري هڪ اهڙو وقت آيو، جنهن ۾ احساس ٿيو ته راڳ ته هر وقت اسان جي جان ۾ جان وجهي ٿو ڇڏي، پر انهيءَ احسان جي عيوض اسان ڪجهه به ڏئي نه سگهيا هئاسون. بس اهو خيال ايندي، توري ٿڪي محنت ڪري، جيڪا پنهنجي ميڙيل موڙي هئي سا سنگيت جي نذر ڪرڻ گهري سين. اڳهامي ويئي ته پلا پاڳ.

2. هن اوکي ۽ انوکي مضمون تي لکڻ لاءِ سوچي، جڏهين پاڻ وٽ موجود مواد تي نظر وڌي سين ته معلوم ٿيو ته عالمن ڏاڍا واهڻ ولوڙيا آهن. اسان وڌيڪ ڇا ٿي ڪري سگهياسين، پر نيت ست ساري سانباهيوسين. ڪٿي ڪٿي جي ڪا وٿي ڏسڻ ۾ آئي آهي ته وس آهر ان کي ڀرڻ جي ڪوشش ڪئي، ڪي ٽڙيل پکڙيل اسم ميڙي يڪجاءِ ڪيا ۽ انهن ۾ چند نيون شيون ۽ خيال شامل ڪري ڪتاب جوڙيو. ڇا ڇا رهجي ويو آهي؟ ته پوءِ گهٽو باقي رهيو، اهو ڏسڻ ڏارن ڏسبو ته بهرحال، ڪجهه ته سهيڙيو آهي. اسان پنهنجي پريت جو هي پورهيو پڙهندڙن اڳيان پيش ڪريون ٿا.

لفظ موسيقي بابت:

سوچ جي سواري شبد، شبدن جو ميڙ جُملا ۽ جملن جي ترتيب ٻولي. دنيا ۾ هزارين ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، ۽ ٻولي موسيقي جو هڪ اهم عنصر به آهي، موسيقي لاءِ جيڪڏهن هر ٻوليءَ ۾ نه ته ڏهين به ڪيترين ٻولين ۾ الڳ لفظ يا لفظَ هوندا. مثال طور ڏکڻ ايشيا جي اڪثر ملڪن ۾ موسيقي لاءِ مڪاني لفظ سنگيت آهي. انگريزي دنيا جي وڏي ٻولي آهي، جنهن جو اثر دنيا توڙي مغربي ملڪن ۾ خاص ڪري، وڌيڪ آهي. اتي الڳ الڳ لکڻين ۾ لفظ ”ميوزڪ“ استعمال ٿئي ٿو. اسلامي دنيا ۾ لفظ ”موسيقي“ جو وڌيڪ استعمال آهي. موسيقي لفظ جو بنياد

سرياني هجي يا عبراني يا ڪا ٻي ٻولي ۾ ان جو اشتقاق مؤسيقي، مو+ ساقي يا ڪنهن ٻي طرح جو ۽ اچار موساقي، موسيقي يا موسقي هجي پر اندازو آهي ته معنيٰ ۾ آواز ۽ تال جو مفهوم سمايل هوندو. عربي زبان ۾ موسيقيءَ لاءِ پراڻو لفظ ”غنا“ آهي.

يوناني لفظ ميوزڪ جو تعلق پنهنجي ديو مالائي نون (Muses) ميوزز سان ظاهر ڪن ٿا.هي ميوزز Zeus نالي سندن ديوتا جون ڌيون آهن. هر ڪا ”ميوز“ ڪنهن نه ڪنهن يا ڪن فنون جي محافظ يا حامي آهي، انهن مان ميوزڪ يا راڳ جي ديوي Euterpe آهي. هنن ميوزز جي ماءُ جو نالو Mnemosyne (نيموزيني) آهي. هندستان ۾ سنگيت جي ديوي Sarsavati ”سرسوتي“ آهي، جيڪا هندو ديومالا موجب ڪٿي برهما ۽ ڪٿي وشنو ديوتا جي زال ڄاڻائي ويئي آهي. هن کي سڀني فنون لطيفا، بمع سنسڪرت زبان، جي محافظ ديوي ڪري سمجهيو وڃي ٿو.

موسيقيءَ جي ابتدا ڪيئن ٿي هوندي:

هن نقطي کي سمجهڻ لاءِ موسيقي جي هاڻوڪي يا تاريخي دور واري صورت خيال ۾ نه آڻڻ گهرجي، بلڪ ان جي لکها سال قديمي شروعات جو تصور ڪرڻ گهرجي. ان جا بنيادي امڪاني ڪارڻ ڪهڙا ٿي سگهن ٿا، تن لاءِ ڪن مشهور مغربي عالمن جهڙوڪ چارلس ڊارون، ڪارل بشر، جي جي روسو، هربرٽ اسپينسر وغيره جا رايا ڏجن ٿا.

چارلس ڊارون جو خيال آهي ته جنسي موهه موسيقي جي ابتدا جو سبب ٿي سگهي ٿو، جيئن ڪن پکين ۽ جانورن جا آواز ۽ رويا ظاهر ڪن ٿا. بشر جو خيال آهي ته گڏجي ڪم ڪرڻ (Team Work) ان جو ڪارڻ ٿي سگهي ٿو، روسو جو خيال آهي ته ٻولي ان جو وسيلو آهي. اسپينسر به لڳ ڀڳ روسو جهڙي راءِ رکي ٿو، رچرڊ ويگنر جو به اهوئي خيال آهي. انهن سڀني راين جي مخالفت ڪندڙن جو تعداد به چڱو خاصو آهي. هڪ راءِ اها به آهي ته اهي سڀ عنصر ان جو سبب ٿي سگهن ٿا پر انهن مان ڪو به هڪ نلوڪارڻ سمجهڻ موسيقي جهڙي پيچيدي فن لاءِ ممڪن نه آهي. عالمن جو هڪ گروهه ائين به سمجهي ٿو ته موسيقي جي اصليت ۽ ابتدا سمجهڻ لاءِ (Anthropomusicology) بشري علم موسيقي ڪان مدد وٺي سگهجي ٿي، جنهن لاءِ اسان کي انهن قبيلن يا ماڻهن جي سنگيتڪاري سمجهڻي پوندي، جي اڄ به ثقافت جي پهرين يا ٻئي ڏاڪي تائين مس پهتا آهن. هن راءِ کي ڪمزور سمجهڻ وارن جو ويچار آهي ته موسيقي جي قدامت کي خيال ۾ رکندي ڏسبو ته هن وقت دنيا ۾ ڪو به اهڙو قبيلو يا علائقو نه رهيو آهي جو گذريل ڪيترن لکن سالن جي ثقافت ۽ روايتن کي جيئن جو تيئن محفوظ رکي سگهيو هجي. هن سلسلي ۾ عالمن جو اهو به خيال آهي ته رڳو موسيقي اهڙي شيءِ آهي، جنهن کي ثقافتي طور ماڻهو ارتقا جي سفر ۾ سانده ۽ وڌ ۾ وڌ محڪم رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

بهرحال، موسيقي پنهنجي موجوده صورت ۽ تصور ۾ ته نه پر ڪنهن نه ڪنهن صورت خود ماڻهوءَ کان گهڻو گهڻو وڏي آهي. اها هن جي صورت گونجار يا لات جهڙي هجي يا جانورن جي اوناڙ جهڙي.

موسيقيءَ جي ابتدا:

راءِ جنهن کي وڏيڪ قرين قياس سمجهي ٿو سا آهي، انسان جي نقل ڪرڻ واري جبلت جو نتيجو. هن موجب جانورن، پکين ۽ ساهوارن يا ڪن ٻي ساهن جي فطرتي آوازن ۽ چرپر مان پيدا ٿيندڙ مقرر وقفن سان ٺپر اهڙا عنصر هئا جي انسان جي ثقافتي ساهواري ٿيڻ کان اڳ ۾ موجود هئا. هي اهي ٻڌندو، ڏسندو ۽ سمجهندو پئي رهيو هوندو، پنهنجي مقصد، مزي يا رُچي وغيره تحت انهن آوازن جو نقل ڪندو هوندو. اهو عمل متواتر ڪندي جيئن جيئن ڪامياب ٿيو هوندو، تيئن وڌيڪ ورجاءُ ڪيو هوندائين. لڳاتار مشق ۽ ٻين جسماني ۽ دماغي سڌارن جي ڪري موسيقي انهيءَ حد تائين اچي پهتي، جتي اسان هن وقت ڏسون ٿا.

سنگيت ڏانهن سفر:

موسيقي، جا پنهنجي ليکي هن وقت هڪ مڪمل فن يا علم سمجهجي ٿي، تنهن جو هڪڙو پاسو طبعي آهي ته ٻيو پاسو ثقافتي، يعني انساني پورهئي جي پراپت. انهن ٻنهي پاسن جي اوسر کي سمجهڻ لاءِ ڪن بنيادي عنصرن جي واڌاري ۽ حقيقت کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. موسيقي جن ٻن بنيادي جُزن (آواز ۽ تال) جو ميل آهي، سي اصل ۾ ڪچي، ڦٽل ۽ مبهم وِچِتر صورت ۾ قدرت جي بخشش آهن. انهيءَ باري ۾ ارتقائي نظريي (Theory of Evolution) ۽ علم الانسان (Anthro pology) جا ماهر، ماڻهوءَ جي هينئين درجي کان اسري اتم درجي ماڻڻ تائين واري ڪئي سو لکن سالن تي ٻڌل اڙانگي سفر جو ڪافي تفصيل سان بيان ڪن ٿا.

انهيءَ سفر دوران هن جي جسماني، فڪري ۽ ثقافتي واڌ، خاص ڪري جِيو ڏسا (Ecology) ۽ ماحول (Environment) جي حوالي سان، تاريخي جڳن جي اهم ڪهاڻي آهي. وقت جي اوائلي ڊگهي عرصي کي درگذر ڪندي، تئين ڏهه – لکي کان قصو شروع ڪجي ٿو. پلايوسين (Pliocene وقت اٽڪل 5,000000 سال)دور جي وچواري عرصي جا ٻه ڪردار ڊرايو پيٿيڪس (Dryopithecus) ۽ پروڪنسول (Proconsul) نالي حيوان – اعليٰ (Primate) ، جسماني توڙي دماغي طور ايترا ارڪانن پربا تي چڪا هئا جو انهن لاءِ ڪو نئون طرزِ عمل يا رويو اختيار ڪرڻ گهڻو اوکو نه رهيو هو. سڀ کان اول ته هي ٻن پيرن تي بيهي ۽ هلي سگهيا ٿي، ان ڪري سندن ٻه اڳيان پير هلڻ لاءِ استعمال نه ٿي ٿيا. هي ارتقا جي اها پهرين وڏي ڪڙي هئي، جنهن هن نوع کي اڳتي وڌڻ ۾ هٿي ڏني. ان کان اڳ ڪيترا ڪير ڏارائيندڙ حيوان اعليٰ نه رڳو ڏڏن پر ايا تي ويهي تي سگهيا پر ڪجهه لمحن لاءِ ٻن (پوين) پيرن تي بيهي به سگهيا ٿي. اهڙن حيوانن مان جن کي ماحول ۽ جيو ڏسا سهارو ڏنو سي ٻه- پيرا ٿي سگهيا، ۽ انهن ۾ انسان صفت جنس مڙني کان اڳيري هئي، تنهن ڪري ڇا ٿيو؟ ٿيو ائين جو:

1. اٿي هلڻ ڪري سندس اڳيون ٽنگون ۽ پنجا آجا ٿيا ۽ کي اضافي ڪم ڪرڻ لڳا.
2. لڳاتار ۽ گهڻي استعمال جي ڪري ٽنگون ۽ پنجا ٻانهن ۽ هٿن جي صورت اختيار ڪرڻ لڳا.

3. آگرين ۽ آگوٺي جي شڪل ۽ بيهڪ بدلي. هٿ ۾ نرمي ڪري ورڻ جي سگهه ۽ برجستائي ۾ اضافو ٿيو. هو نہ رڳو شيون ڪٽڻ، جهلڻ ۽ اڇلڻ، پر ڪي شيون ٺاهڻ يا انهن ۾ ڦير ڦار ڪرڻ جي قابل بہ ٿي پيو. ان حالت ۾ هو سماجي حيوان اعليٰ مان ثقافتي حيوانِ اعليٰ جي درجي تي پهچي ويو.

4. ٻہ- پيري هلت جي ڪري سندس اڳتي وڌيل يا ڪنڌ تي لڙڪندڙ مُنڍي ڪنڌ جي مٿان عمودي بيهڪ اختيار ڪئي. ان ڪري جسماني چال ۽ توازن ۾ مثبت سڌارو ٿيو.

5. اٿي هلڻ ڪري ٽنگن، ٻانهن، ڍونگري وغيره جي حالت، آڪار ۽ ڪارڪردگي ۾ واضح تبديلي ٿي.

6. دوناڙ جو ننڍيو ٿيڻ يا پوئتي سميٽجڻ. ان جا ٻہ مکيہ سبب سمجهيا ويا آهن.

(الف) مٿي جي عمودي بيهڪ. (ب) ڪاڏي ڪائڻ، پٽڻ، ڊوهڻ وغيره ۾ وات يا دوناڙ جي استعمال ۾ هٿن جو وڏو حصو، جنهن جي ڪري ڊگهي دوناڙ جي ضرورت گهٽجي ۽ هٿن جي اهميت وڌي.

7. دوناڙ جي پوئتي سميٽجڻ جي ڪري نگاهہ تي تمام وڏو اثر پيو. ڪجهہ اثر سڌي بيهي هلڻ جي ڪري پيو. ڪجهہ دوناڙجي گهٽجڻ ڪري، اکيون هڪ ٻئي جي قريب ٿيون. نڪ جي ننڍي ٿيڻ ڪري ٻہ- ڪيندري (Bifocal) نگاهہ برجستہ بين (Stereo scopic) ٿي ويئي.ان ڪري شيون/ عڪس صحيح مفاصلي تي ۽ درست تناسب (Perspective) ۾ نظر اچڻ لڳيون/ لڳا.

8. دوناڙ جي پوئتي هٽڻ سان کوپري جي آڪار ۽ روپ ۾ تبديلي آئي. مٿي جي تاج، لونڊڙين ۽ پيشاني/ نرڙ ٻاهر ني نڪتا ان ڪري اندرين گنجائش وڌي نتيجي ۾ دماغ جا ڪي حصا کليا، انهن ۾ ڪي نوان ۽ اهم ڪم ڪندڙ حصا اُسريا.

9. دوناڙ جي پوئتي هٽڻ ڪري وات ۾ تارونءَ جي لڪائي (Concavity) ۾ واڌارو ٿيو، جنهن جي ڪري زبان جي چرپر لاءِ وڌيڪ گنجائش ۽ آساني ٿي.

مٿي ڄاڻايل جسماني تبديلين جي ڪري جيڪا عملي تبديلي آئي اها ثقافت جي رنگ ۾ ظاهر ٿي. ان وقت تائين هٿيارن ڪانسواءِ ماڻهو ٻيون بہ ڪي شيون ڪاٺ، هڏي، گاهن/ ڪانن، چمڙي وغيره مان ٺاهڻ لڳو ۽ پنهنجا مشاهدا، تجربا ۽ اندازا پنهنجي نسل تائين پهچائڻ جي قابل ٿي ويو هو. سندس جبلي آوازن (گرڻ، گونرڻ، ڪرڪڻ چيخڻ، ڳِنڪارڻ، سينڍارڻ، ڦُٽڪارڻ، وغيره ۽ ڪن ٻي تصريحي اشارن جي جاءِ تي سوچيل، سنواريل، جوڙيل مخصوص اشاراتي آوازن ۽ ڍاين جو واڌارو ٿي چڪو هو. ان ڪري هي حيوان- اعليٰ ٻين ڪان مختلف ۽ قدري آسان زندگي گذارڻ لڳو ۽ جهنگلي طور طريقن مان ڦري پاڻمرادو هيريل مخلوق ٿيڻ ڏانهن قدم وڌائي رهيو هو. عالمن جو خيال آهي تہ اٽ لک سالن ڪان پنج لک سال اڳ واري عرصي سان لاڳاپيل انساني جنس جي حيوانِ اعليٰ جي مٿي ۾ ڳالهائڻ واري حصي لاءِ خانو/ جاءِ موجود آهي. انهيءَ سلسلي ۾ هڪ عالم جي راءِ هوبهو هيٺ ڏجي ٿي:

"All present- day languages are product of language developments and changes that stem ultimately and with innumerable unknown details from beginnings of possibly more than a million years ago…… There must have been thousands of mutually unintelligible idioms or languages. Each was the vehicle of expression of some hundreds or very few thousands of persons in rather isolated districts …… through out a million or more years populations have been constantly dropping items from or adding to there linguistic heritage "Further he writes that at present world's mutually uninlelligible languages are little less than three thousands (3000). Some of which are believed to be diverged from some common ancient language group in the upper rather Mesolithic times and the main contributing language are believed at the most to fifty (50)"

ٻولين جي قدامت بابت راءِ تي مٿيون حوالو گهڻن عالمن جي خيال ۾ وڏاءُ آهي. انهيءَ مسئلي تي مختلف عالمن جا مختلف رايا آهن. ماهرين علم الانسان وٽ حيوان- اعليٰ جي انهيءَ روپ ۾ حالت ڪان پوءِ اڌ- انسان جو دؤر آهي، انسان- اعظم يا اشرف المخلوق جي هن ڌرتي تي حاڪميت پنجاه ڪان چاليهه هزار سال اڄ ڪان اڳ شروع ٿئي ٿي. عالمن وٽ ان جو نمونو ڪروميگنان (Cro-magnon) آهي، جنهن کي هڪ حوالي موجب سنگيت سنساري چئي سگهجي ٿو.

سنگيت يا موسيقي جي بنهي مکيه عنصرن جي جڙ "حرڪت" يا چرپر . (Motion) آهي .حرڪت جا ازلي آهي يا روز- ازل کان موجود آهي سائي ته سنگيت يا موسيقي جي ماءُ آهي، سائينس جي عام قائدي موجب ڪنهن به شئي ۾ حرڪت يا چرپر پيدا ڪرڻ يا ان جي چرپر ۾ تبديلي آڻن جو مدار ان تي لڳل طاقت، يا ڪنهن طاقت ذريعي پيدا ڪيل اثرات جي مقدار سان ياگيرو يا متناسب هوندو آهي. شايد ان ڪري چوندا آهن ته سنگيت ڪار لاءِ صحتمند بلڪ سگهارو هجڻ ضروري آهي.

عرصو ازل کان شروع ڪجي يا 15 ارب سالن کان شمار ڪجي، پر آواز ڪائنات جي وجود جو ڪارڻ سمجهه ۾ اچي ٿو. اهو بگ بينگ (Big Bang) جو انومان هجي يا "ڪُن" جو عقيدو ڳالهه آواز جي آهي. انسان پنهنجي حيوان- اعليٰ واري درجي کان (ڪرسٽئيشس Crestaceous - دور 136.000000 سال اڳ) حيوانِ اعظم يا انسان ڏانهن سفر دوران فطرت ۾ اڳ ۾ پوءِ موجود آواز ٻڌندو پئي رهيو. ڪن بيجان شين جي آوازن کان سواءِ اڪثر ساهوارا به آواز ڪن ٿا، جي منجهن وديعت ٿيل هجن ٿا. ان ڪري لازمي انسان کي به بخري ۾ ڪو آواز عطا ٿيو هوندو. جو سندس جبلي آواز هو. آواز جي اسان ٻڌي ۾ ڪنهن حد تائين سڃاڻي بلڪ سمجهي به سگهون ٿا سي گهڻو ڪري اهڙين شين يا ساهوارن جا آهن. جن سان اسان جي پڪو پيوند هجي ٿو / ٿئي ٿو. ڪي ساهوارا پنهنجي آوازن کي گهٽائي وڌائي يا انهن ۾ ڪافي حد تائين ڦير ڦار به ڪري سگهن ٿا، جن مان سندن جذبن، ڪيفيتن، وقتي حالتن يا

روين جو اندازو نہ رڳو سندن ساٿي يا هم جنس پر ڪي ٻيا ساهوارا بہ ڪري سگهن ٿا. انسان تہ اهڙن آوازن مان ڪيترن جو چڱي حد تائين اندازو بہ ڪري سگهي ٿو. آوازن مان خوف، خوشي، ڏک، آزار، اُڃ ۽ بک پيار ۽ محبت، ڪاوڙ، وڙهڻ جي تياري، جنسي گهرج، ڪيڪار وغيره جهڙن احساسن جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. انهيءَ عام مشاهدي ۽ تجربي کي سمجهندي اهو چئي سگهجي ٿو تہ حيوان – اعليٰ تہ پنهنجي آواز ۾ ردوبدل سان ان ڪان بہ ٻيٽا، تيٽا، چوٽا بلڪہ ڪئيئوٽا جذبا ۽ ڪئفيتون ظاهر ڪري سگهندو هوندو. مطلب تيو تہ حيوان پنهنجي سادن سودن آوازن جي مدد سان گهٽ ۾ گهٽ پنهنجون جبلي ضرورتون پوريون ڪن ٿا ۽ انهن جو اظهار بہ ڪن ٿا. ان ڪان سواءِ بہ آوازن جي هڪ اهڙي دنيا بہ آهي، جنهن کان اسان محروم آهيون. جو انهن جي آواز جي جنبش يا ارتعاش اسان جي سمعي حد کان هيٺ آهي. تال، سنگيت جو ٻيو انس بہ آوازي پراپت آهي، جنهن جي رچنا جو بنيادي ڪارڻ ضرب يا چوٽ، ٽڪراءُ، حرڪت، سوچلتا وغيره آهي، حاصل مطلب تہ انسان اصل ڪان آوازن جي دنيا ۾ گهيريل رهيو آهي، رهي پيو ۽ رهندو. طبعي آواز جن جو موسيقي کي نچوڙ يا جوهر سمجهڻ گهرجي تن جو ڪاتو ڪرڻ مشڪل آهي پوءِ بہ آڙاهہ جو پڙڪو، هوائن جا سوسٽ ۽ گهوگهٽ، بادلن جو گوڙ، بارش جي ٽپ ٽپ، پکين جو لاتيون ۽ سندن اڏامڻ جي ڦڙڦڙاهٽ، ساهوارن جا آواز ۽ انهن مان ڪن جي هلڻ جي ٽاپ ٽاپ يا آهٽ، سمنڊ جو گوڙ، ندين نهرن ۾ نين جا ڪڙڪاٽ، ساهہ جو سهڪو، هانپارو، دل جي دهڪ، هڏڪي ۽ ٻيا انيڪ آواز ڳائڻ وڄائڻ جي فن لاءِ ڪچو مواد يا ذاتو بنجڻ لاءِ ڪافي هئا. ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ فطرت خود ماڻهوءَ کي موسيقار بنائڻ ۾ مدد ڪئي. اهڙي قسم جي هڪ ڪتابي حوالي بعنوان "Nature's own orchestra" جا بہ فقرا حرف بحرف هيٺئين ريت آهن:

An earthquake in 27 B.C brought to the ground part of a colossal statue of Amenhotep "ercted near Thebes in 1300 B.C. The air streamed into the cracks that were formed in it, and becoming hotter as the sun rose higher, produced that tone of lament which was first recorded by the Greek geographer Strabo. About 200 years later the Roman emperor Septimus Severus had the figure repaired, where upon the sound ceased for ever.

Other natural phanomena, such as the cradle song of the Sahara "the enticement of the Kalahari 'desert' the 'droning' in Chile, the dunes of Hawaii, the whistling dunes of Hebrides, the moaning of the fallen on the white hills near Prague. The wailing of the Arabian desert, and the singing of the sand mountains of Nevada, are all due to the rubbing together of millions and millions of grains of sand often mixed with grains of salts, which form a kind of air- tight membrance that acts as a sounding board. The grains of sand rubbing together either above or below this membrance produce sound similar to those emitted by a violin when its strings are vibrated on the bridge of the instrument.

مستقبل ۾ موسيقي:

موسيقيءَ جي حوالي سان ڪالهہ جي نسبت اڄ اسان جي زندگي ڀرپور آهي. سياڻي سنگيت جو سمنڊ وڏيڪ وسيع ۽ گهرو هوندو. راڳ جيڪو ڪن خاص ڪلن ۾ قابو يا محفلن تائين محدود هو سو سياڻي هر ڪنهن لاءِ عام ۽ آسان هوندو، اصلي، عمدي ۽ جال ميوزڪ اسان کي پنهنجي گهرن ۾ ويٺي ملي سگهندي، اهو سڀ ڪمال اسرنڊڙ مهندسي (Engineering) ۽ حرفت يا فن شناسي جو هوندو. آئيندي جي عمارتن جي نقشن ۾ اهڙي گنجائش رکيل هوندي، موسيقي، راڳ جي دهليزن، عوامي چمنن، ناچ گهرن، تفريحگاهن مجلسي دالانن، مسافر ۽ مهمان خانن، گهرو ديوان خانن ۽ سماعتگاهن (Auditoriums) وغيره ۾ گونجندي رهندي. جديد آلات آوازن کي وڌيڪ سنواري ۽ سڌاري منو، مهين ۽ لطيف ڪري سامعين تائين پهچائيندا. ڳائڻن کي سازن جي مقابلي ۾ پنهنجي ڳلي تي زور ڏيڻو ڪو نہ پوندو. اڄ ڪلهہ بہ گهڻو ڪري ائين ٿئي پيو، نوابندي ۽ برقي سمعيات جي اوزارن ۽ سُر- نگرانن (Musicians) نغمہ سازن پڪ ڏياري آهي تہ جلدي ڪارن، ٻاڙن ۽ دُرہل آوازن کي درست سگهارو ڪرڻ جي ساڄ سري وسيلي هڪ نئون آوازي فن، جو اڄ واري ڪان گهڻو پيچيدو ۽ ڳنڀير هوندو. سو پڪيڙي سگهندا. انهيءَ حوالي سان مختلف ترقي يافتہ ملڪن ۾ گذريل صديءَ جي شروعات کان ڪوششون جاري آهن. SCRIABIN نالي هڪ روسي؟ نغمہ- ساز جو خواب هو تہ مختلف فنون، خاص ڪري آواز ۽ رنگن، جو سنگم تي سگهي ٿو ۽ اهو خواب هڪ ڏينهن سچو ٿيندو (تہ سامعين کي نہ رڳو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو پر هو ان جا رنگ ڏسي سگهندا. (هيئر تہ ٽيليويزن (دورنما، دوردرشن) جي واسطن وسيلي هتراڏو پربل، ورتل، ناهيل مناظر/ نظارا اسان کي ڏيکاريا وڃن ٿا). هن پنهنجي دور ۾ سادڙين رنگ برنگي بتين، تارن ۽ ڪانٽن (Switches) جو منڊبيل مانداڻ، جنهن کي هن Prometheus جو افساني آميز نالو ڏنو ۽ ان جي مدد سان رنگن جي اها ڪيڏ پردي تي وجهي ماڻهن کي ڏيکاري جا ڪافي قدر جي نگاهہ سان ڏسڻ ۾ آئي. اها سندس هڪ پهرين ۽ ڪمزور ڪوشش هئي، ان کان پوءِ ڪيترن ماهرن ڪوششون جاري رکيون. ان دوران روشني جي ڪليدن / روشن ڪليدن جو هڪ وڏو سلسلو رٿيو ويو، جنهن ۾ هر سُر تي هٿ رکڻ سان ان سان ڳنڍيل مخصوص رنگين روشني پئي ٿي. ڪن ماهرن وري بتين جي بجاءِ (Prism) منشور ڪتب آڻي ڏنا. انهن جي وسيلي روشني جي لون (Tint) ۽ فام (Hues) کي مسلسل ۽ متواتر طريقي سان ملائيندا ۽ جدا ڪندا رهندا هئا. ڪوششن جو اهو سلسلو نيٺ اتي پهتو جو يونيورسٽيءَ جي ڪن سونجهڙن ۽ جوشيلن شاگردن ٿوري وقت کان پوءِ Scriabin جي روشني سان ڳنڍيل ڪليدي ڦرهي (Keyboard) جي رمز سڃاڻن جي ڪوشش ڪندي هنرائتا آواز ٺاهيا جن کي هنن Prometheus-I ۽ Prometheus-II نالا ڏنا ۽ پوءِ انهن کي آنجهاني نغمہ نگار جي سوچ ۽ ٻڌايل طريقي مطابق هلائي ڏٺو. اهو ڪرتب ڪافي ڪامياب ٿيو. وري هڪ ٻئي طريقي موجب موسيقي خود روشنيءَ جي روپ ۾ پنهنجي رٿيل نموني جو ضميمو يا عڪس پردي تي ٺاهي ڏيکاريو پئي. پروفيسرن جو ايجاد ڪيل هي اوزار درحقيقت Electroaccoustical- optical converter (برقي- سمعي- بصري مبادلہ گر) آهي، جنهن سان ماڻهو ۾ هڪ بعيد

العقل صلاحيت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪيل هئي. ان موجب هو اکين سان ٻڌي ٿي سگهيو. اصل ۾ هي ايجاد ٻڌڻ ۽ ڏسڻ سان واسطو رکندڙ ڪنهن ”پانيوُن“ تي مدار رکي ٿي. هن ۾ آوازي معلومات اکين جي وسيلي دماغ تائين پهچائجي ٿي. جتان (Microphone) ”بلندگو“ ذريعي آواز ٻُڌجي ٿو. ان ۾ تفريق ٿئي ٿي ۽ رنگن جو تُز ۽ معقول تماشو تيار ٿي سامع جي ڏسڻ لاءِ نروار ٿئي ٿو. ممڪن آهي ته زندگي آوازن ۽ رنگن جو اهو شيپ سنگم جلد ڏسي سگهي. انهيءَ ميل کي ”شامه“ يا سنگهڻ واري حس جي استعمال سان وڌيڪ اثرائتو ڪري سگهجي. ان سلسلي ۾ ڪجهه سادڙا تجربا ٿي چُڪا آهن.

هڪ طريقو جنهن کي عقلي چترائي چئجي سو آهي تحت شعوري اشتهار جو اثر جنهن ۾ مختلف مناسبتن سان خشبويات جا نالا هلندڙ ڏيک يا فلم جي پردي تي لکيل تڪڙو تڪڙو چتاءِ دماغ کي ڏيندا گذري وڃن ته جيئن ٻڌندڙ ڏسندڙ نفسياتي طور انهيءَ خوشبوءَ کي ذهن ۾ آڻي سگهي. تنهن کان سواءِ تماشيگاهه ۾ چرندڙ فرش جو استعمال به ڪيترن نمونن جا تاثر پيدا ڪري سگهي ٿو. ان لاءِ به وڌيڪ تجربا جاري آهن. وقت پري ناهي جو ڪيتريون ئي ڳالهيون ڪرتبڪار يا فنڪار جي وس ۾ هونديون. هو اک جي اشاري سان، هٿن، چپن وغيره سان نوان ايجاد ڪيل ساز سنڀالي ۽ هلائي سگهدو. اٽڪل مني صدي اڳ Theremin نالي هڪ نغمه نگار پنهنجي جوڙيل Theremivox نالي ساز جي آوازي معيار کي اکين سان وس ۾ رکندو هو. ان لاءِ سندس اکيان عدسن (Lenses) پري هڪ پٽي هوندي هئي، هر عدسي جي پويان برقي ضيا – خانو (Photo- cell) الڳ ”Tone control“ سُر محاسب ڳنديل هوندو هو. سرشتو ان وقت ڪم ڪرڻ شروع ڪندو هو، جڏهين اک جي ماٽڪي جي اٽي جو عڪس ضياخاني تي اپرندو هو. تنهن کان پوءِ هڪ عدسي کان ٻئي عدسي تي نگاهه بدلائيندي، پنهنجي مرضيءَ سان سرن کي هلائي سگهندو هو ۽ آواز تکو، ڍرو،هوريان ڏاڍيان، جهيٽو، منو وغيره سڀ پنهنجي سوچ سان ضابطي ۾ رکندو هو. ان وقت هن کي آگر ۾ هڪ منڊي به هوندي هئي، جا سندس ذاتي جسماني ۽ دماغي صلاحيت کي (Amplifier) نوابلند تائين پهچائيندي هئي، جڏهن هو آواز جي حد ۾ ڪا تبديلي ڪرڻ چاهيندو هو تڏهين منڊي وسيلي سندس سگهه ۽ سوچ به تبديل ٿي ويندي هئي ۽ آوازي ضابطي ۾ به ان مطابق ڦير ڦار ٿي ويندي هئي. افسوس Theremin پنهنجي هن غير معمولي تجربي جي تڪميل ڪري نه سگهيو، چاڪاڻ ته اُن وقت تائين لاسلڪي يا خودڪاري حرفت اڃا شروعاتي ڏاڪي تي هئي. هن وقت اسان انساني جسم جي برقياتي سرگرمين جو گهرو ادراڪ رکون ٿا. ان ڪري جلد يا به دير اهڙا اوزار يا ساز يا اوزاري ساز اڃي ويندا، جيڪي شايد فنڪار يا Performer پنهنجي خواهش موجب مرتب ڪري هلائي سگهندو. انسان پنهنجا خيال، ارادا بلڪه تحت شعوري خواهشون اهڙين اثرپذير يا موٽ ڏيندڙ ڪلن ۾ داخل ڪندو جي سندس آگرين يا اعصابي نظام جي حصي وانگر ڪم ڪنديون. ڇا عالم هوندو ان وقت؟

اڄا بہ اڻٽي هلي، سمجهجي ٿو تہ. انسان جي ذهن واري اک جي کل، جا سرود آميز يا سريلا خيال بہ منعکس کندي. کنهن شخص جي آتما يا ادراک جا آواز ۽ نغما بہ هر کنهن کي انهن اوزارن جي وسيلي ٻڌرائي سگهندي. خيال يا سوچ جي سگهہ تي هلندڙ اهڙي Computer جو تصور بہ کري سگهجي ٿو جو هر قسم جي موسيقي ترتيب ڏئي يا خود راڳ ٺاهي سگهندو. مستقبل جو موسيقار ساز تہ کو نہ ڦٽا کندو پر سازن جي آوازن جي جمالياتي سگهہ ۽ اثر پذيري جو دائرو گهٽو، خبر ناهي کيترو، وڌائي سگهندو. هو پنهنجي ڄاڻ ۽ علم کي روحاني تاثير يا الهامي خيالن سان ملائي پيش کري سگهندو.

اسان ٿورائتا آهيون سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمين، سائين عبدالقادر جوڻيجو صاحب جا جنهن مهرباني کري اسان کي کتاب ڇپرائڻ جي اجازت ڏني.

اسان محترم مدد علي سنڌي صاحب جا بہ ٿورائتا آهيون، جنهن هن کتاب جو مسودو ڏنو.

سائين اعجاز شاهہ شيرازي جا بہ ٿورا مڃون ٿا جنهن مواد کٺي کرڻ ۾ اسان جي کجهہ مدد کئي.

ڊائريکٽر سنڌالوجي محترم شوکت حسين شوري صاحب جا لک لائق جنهن کتاب لکڻ لاءِ همٿايو.

نصير مرزا صاحب بہ اسان کي کجهہ مواد ڏيڻ جي مهرباني کئي، اسان ان جا بہ ٿورائتا آهيون.

حاکم علي شاهہ بخاري

محمد عثمان ميمڻ

آروهي امروهي (بيان)

جڏهن باقاعده موسيقي ۾ پهرين کرج کان ٽيپ جي کرج ۽ ٽيپ جي کرج کان پهرين کرج تائين واپس اچجي ٿو تہ اصطلاحاً ان کي آروهي ۽ امروهي چئبو. آروهي ۽ امروهي جو عمل سمجهڻ تمام ضروري آهي، جو موسيقيءَ جو سڄو دارومدار ان تي آهي. آروهي امروهي جي لغوي معنيٰ اتار ۽ چڙهاءُ آهي. هن مان سڀ راڳ راڳڻيون نکرن ٿيون ۽ هڪ ٻئي کان مورئون الڳ بہ ٿين ٿيون. آروهي ۽ امروهي لاءِ ماڻهن جو خيال آهي تہ کرج کان کرج تائين برابر وڃڻ گهرجي ۽ انهيءَ نموني واپس اچڻ گهرجي ۽ وچوارا جيکي بہ سُر آهن، اهي سلسلي سان لڳڻ گهرجن ۽ انهيءَ غلط خيال جي ڪري مشهور آهي تہ درباري جيڪا هڪ عام راڳڻي آهي، ان جي آروهي امروهي ٿي نٿي سگهي. سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ راڳ جي آروهي امروهي ٻي ٿيندي آهي ۽ تان جي ٻي. راڳ جي آروهي امروهي ۾ کرج کان کرج جي ٽيپ تائين وڃڻ تمام ضروري آهي ۽ اهڙي نموني واپس اچڻ بہ ضروري آهي. راڳ جي آروهي امروهي جا ٻہ قسم آهن، هڪ شد ٻي وکر، جنهن جي معنيٰ آهي، ٽيڙي. شد آروهي امروهي مان مراد آهي تہ جيڪي بہ سر راڳ جا راڳڻي ۾ هجن اهي سلسلي وار ڳايا/ لڳايا وڃن ۽ انهيءَ ئي سلسلي سان واپس ٿيڻ گهرجي. مثلاً ساري گاما پاڌاني سا- هي شد آروهي آهي. ساگاماڌاسا- سا ڌاما گاسا- هيءَ بہ شد آروهي امروهي آهي، توڙي هن ۾ ٻہ سُر گهٽ آهن، پر جيڪي بہ سُر آهن، اهي سلسلي سان لڳن ٿا. ساري ما گاري- ماگا- پاما- ني ڌا- سا- ساڌا- ني پا- ڌاما- پاگا- ما ري- سا- هيءَ بہ صحيح آروهي امروهي آهي پر سر پنهنجي سلسلي سان ڪو نہ ٿا لڳن تنهن ڪري ان کي وکر چئبو.

اهو ضروري ناهي تہ سڀ سُر وکر هجن، پر هڪ سر بہ وکر ٿي سگهي ٿو. مثلاً: ساري گاري گاما پاڌاني سا- ساني ڌاپا ماگاري سا- هتي رڳو هڪ سر گنڌار وکر آهي تہ راڳ راڳڻي جي روپ مٽجڻ جو سبب ٿيو وڃي. اهو بهرحال ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ راڳ جي آروهي امروهي ان جي روپ تي منحصر آهي، جنهن روپ جو راڳ هوندو ان جي آروهي امروهي بہ ان روپ جي هوندي. مثلاً يمن ڪلياڻ شڌ روپ جو راڳ آهي تہ ان جي آروهي امروهي بہ ان روپ جي هوندي. گوڙ سارنگ وکر روپ جو راڳ آهي تہ ان جي آروهي امروهي شروع کان آخر تائين وکر رهندي. پر سورٺ اهڙي راڳڻي آهي، جنهن جي آروهي وکر ۽ امروهي شڌ آهي، ان جي برعکس ڪامود اهڙو راڳ آهي، جنهن جي آروهي شد ۽ امروهي وکر آهي.

آڙي بسنت (راڳڻي)

مشر ميل راڳڻي، جنهن ۾ پنجم ورج ٿيل آهي. امروهي ۾ پنجم سان رکب ممنوع آهي. رکب ڪومل باقي سڀ سُرَ شڌ آهن. هي اوڊو راڳڻي آهي.

سرگم: نِي سا گاما- گاما ڌاني- ساني ري- ساني ڌاما- گاما گاري — ساني ساما- گاما گاڌا. ني رِي سا

امروهي: نِي سا گاما ڌاني سا.

آروهي: سانِي ري ساني ڌاما گارِي سا.

وقت: هر وقت پر گهڻو ڪري شام جو پهر

آساوري (راڳڻي)

هي آساوري ٺاٺ جي اوڊو سمپورن راڳڻي آهي، جنهن ۾ گنڌار ۽ نکاد ورج آهن پر امروهي سمپورن اٿس- گرهه جو سُر مڌم، نياس جو سُر پنچم اٿس. ڪي گائڪ امروهي ۾ رکب ڪومل هڻندا آهن: اهي ببادي سُر آهن، جن جي هڻڻ سان راڳڻي جي صورت بگڙي ڪا نه ٿي. هي اترانگ جي راڳڻي آهي. ان لاءِ راڳڻي جا انگ امروهي ۾ ظاهر ٿيندا آهن. امروهي ۾ مڌم دربل اٿس ۽ گنڌار ۽ پنچم جي سنگت رهي ٿي.

خاص تان: سا- ري- ما- پا- ڌاڌا- پا-ما-پا-ڌاگا- ري سا- نا- ڌا- پا-مِا-پا-ڌا ڌا- ساري- ما- پا- ڌاگا ري- سا.

آروهي: ساري ماپا ڌاسَا.

امروهي: سانا ڌاپا ماگاري سا-

وادي سر: ڌيوت.

سم وادي سر: رکب

ڳائڻ جو وقت:ڏينهن جو ٻيو پهر(نوٽ: راڳ ساگر ڪتاب ۾ ڳائڻ جو وقت صبوح جو پهريون پهر ڄاڻايو ويو آهي)

آساوري

هي ٻن طريقن سان ڳاتي وڃي ٿي. هڪ ته آساوري الڳ ٺاٺ آهي، جنهن ۾ رکب تيور ٻيو ڀيروي ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي آهي. جنهن جي آروهي ۾ گنڌار ۽ نکاد ورج آهن. امروهي سمپورن آهي. مڌم، گرهه جو سر آهي. پنچم نياس جو سر آهي.

آروهي: ساراما پاڌاسا-

امروهي: سا نا ڌا پا ما گا را سا

وادي سُر: ڌيوت

سموادي سُر: رکب

سمو: ڏينهن جو ٻيو پهر.

پلٽو: ما ما- پا- ڌا ڌا – نا پا- پا- ڌا ما- پا- ڌا گا- را- سا- نا- ڌا- پِا- مِا- پا- ڌِا ڌِا- سا- را- ماپا ڌا گا- را- سا-

آساوري ٺاٺ

گرنٿن ۾ هن جو نالو نٽ ڀيروي ميل ڄاڻايل آهي. سر هي اٿس- سا- ري- گي- ما- پا- ڌا- ني- سا-

کرج: رکب تيور- گنڌار ڪومل- مڌم شڌ- پنچم- ڌيوت - ڪومل- نکاد ڪومل

هن ٺاٺ جون راڳڻيون:

آ ساوري: جونپوري- ديو گنڌار- سنڌ- اڙانو- ڪوسي. درباري- ديسي- ڪٽ- اڀيري

آننديشوري راڳڻي

مشر ميل راڳڻي آهي. ورن سمپورن اٿس. ڌيوت ۽ نکاد ڪومل باقي سڀ سُر شڌ. استعمال ٿين ٿا.

آروهي : ساري گاما پا ڌِي ني سا.

امروهي: سا ني ڌِي پاما گا ري سا-

وادي سُر: گنڌار

سموادي سُر: نکاد —

وقت: شام

خاص تان: - ني ساري گا- ماپاڌِي ما- پاگاماري- سا ني ڌي ني- سا پا ما پا- گا ما ري ني- ري ڌِي نِي سا- ما گا ري سا-

آئين اڪبري (ڪتاب)

اڪبر بادشاهه جي دربار سان وابسته سنڌي عالم ابوالفضل جو لکيل ڪتاب "آئين اڪبري" اڪبري دور جي هر پهلوءَ تي سَندَ رکي ٿو. هن جا ڪل ٽي جلد اردو ۾ آهن, جيڪي سنگ ميل پبليڪيشن لاهور وارن ڇپايا آهن. فارسي ۾ اصل ڪتاب جو ترجمو مولوي محمد فدا علي طالب ڪيو آهي, جلد ٻئي ۾ اڪبر جي دور جي موسيقي تي نهايت عالمانه بحث ڪيل آهي. جنهن ۾ ان دور جا گويا, راڳيندڙ, رقاص (وغيره) ۽ انهن جو ڏس پتو ڏنو ويو اهي. اڪبر جي موسيقي پروري بابت احوال رقم ٿيل آهي. ڪهڙيون راڳڻيون ۽ راڳ ڪنهن ۽ ڪڏهن ٺاهيا بابت ٻڌايو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ ئي ٻڌايو ويو آهي ته ڪافي سنڌ جو راڳ آهي.

(عرب) امارات

عرب امارات جا ايراني نار جي خليجي روايت ۽ بدوي لوڪ موسيقي تي ٻڌل علائقي جي مهاڻن جا خاص ناچ گيت به گهڻو مشهور آهن, پر ملڪ جا تمام وڏا فنڪار آهن. Ahlami, خليج جي پهرين عورت Pop فنڪار ۽ Aithah Al-Menhali ۽ Ali Burrogha , جو هاڻي پنهنجي اڳ رڪارڊ ڪرايل موسيقي تان دست بردار ٿيو آهي, ڇاڪاڻ ته هن سخت قسم جي اسلامي زندگي اختيار ڪئي آهي.

امارات جي ڪن ٻين ڳائڻن ۾ Rouwaida, Reem, Samar ۽ Abdallah Belkhair شامل آهن.

امرت خان (سر بهار نواز)

امرت خان, استاد عنايت خان جو ننڍو پاءُ سال 1936ع ۾ ڪلڪتي ۾ ڄائو. سندس پاءُ عنايت خان 1938-1895ع) مغل دربار سان وابسته تمام سنو ستار نواز هو. هي ستار جي امداد خاني گهراڻي جو اهم فنڪار آهي. والد جي وفات کان پوءِ هن پنهنجي ماءُ بشيران بيگم ۽ پنهنجي ناني ٻڙي حسن خان کان ستار جي سکيا ورتي. 1944ع ۾ هو بمبئي لڏي ويو, جتي سندس ڇاچي واحد علي خان ڪيس سر بهار وڄائڻ جي تربيت ڏني. توڙي هُو واحد علي

خان سان گڏ ڪلڪتي موٽي آيو تہ جيئن بہ ئي جوڙي ۾ وڄائين. پر حالتن سندن سات نہ ڏنو. 1960ع ڌاري هڪ ڪمپني سندس هڪ اڌ رڪارڊ پراڻو، جيڪو ڏاڍو مقبول ٿيو ۽ اسٽيج تي بہ هن پاڻ موڪيو. هن ستار وڄائڻ ۾ درپد جو انگ اختيار ڪيو. امداد خاني گهراڻي جي وڄت ۾ روي شنڪر ۽ نخيل بينرجي ڪافي سٺيون تبديليون آنديون، خود ستار ساز ۾ هنن تارن ڪي بدلائي نوان انگ پيدا ڪيا. امرت خان، انهن تبديلين کي قبول ڪري ڏاڍو نالو ڪمايو. هن پوري يورپ ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. پاڻ واشنگٽن يونيورسٽي، سينٽ لوسٽس ۾ ستار جي تعليم ڏيندو آهي، ڪيس ٽي پٽ آهن. نشاط ستار وڄائيندو آهي. وڄاهت سرود وڄائيندو آهي ۽ شفقت طبلي تي ساٿس سنگت ڪندو آهي.

ايس بالا چندر (وينا نواز)

ايس بالا چندر 18 جنوري 1927ع ۾ سندر داس وڪيل جي گهر مدراس ۾ ڄائو. ننڍي عمر کان ئي هن جو موسيقي ڏي لاڙو هو، سندس والد وڪيل سان گڏ سٺو موسيقي جو ڄاڻو هو- بچپن کان ئي هي پنهنجي پاءُ ايس رام جم سان جوڙي ۾ ڳائيندو هو. هن ڇهن سالن جي عمر کان موسيقي کي سکڻ ۽ سمجهڻ شروع ڪيو. هن ڪيترائي ساز وڄائڻ سکيا جن ۾ طبلو، بلبل ترنگ، مردنگ، تار شهنائي- دلربا- طبلہ ترنگ ۽ ستار وغيره. 16-17 سالن جي عمر ۾ هي ستار جو بادشاهہ وڄائڻ وارو ليکيو ويندو هو. هن ستار تي ڪرناٽڪي موسيقي جا انگ رکي ان کي وڄايو. جلد هي آل انڊيا ريڊيو جي اسٽاف آرٽسٽن ۾ ڪڇي ويو، جتي هن ڪيترين اڪيلي سر توڙي ٻين سان جوڙي ۾ ننڍيون توڙي وڏيون ڏنون ڏاهيون. اوچتو هي "وينا" ڏي راغب ٿيو. هن جو ڪو بہ استاد ڪو نہ هو. بس ڏات هئي قدرت جي، جو جنهن ساز ۾ هٿ وجهندو ويو ان ۾ وڏو ڪمال حاصل ڪندو ويو. ويٺا سان اهڙي دل لڳي ويس جو ٻيا سڀ ساز وساري ويٺو. هن وقت هندوستان ۾ شايد هن کان وينا ۾ ڪو وڏو وڄوت موجود هجي. ڪيس 1977ع ۾ سنگيت ناٽڪ اڪيڊمي ايوارڊ مليو. ساڳي سال ڪيس ورلڊ اڪيڊمي آف آرٽس اينڊ ڪلچر طرفان D.lit جي ڊگري عطا ڪئي وئي. پاڻ 1990ع ۾ وفات ڪري ويو.

ايوڳي ڪانڙو (راڳڻي)

مشر ميل راڳڻي آهي. گنڌار ڪومل اٿس. نکاد ۽ پنچم ورج باقي سر شڌ اٿس. ورن ۾ اوڊو- اوڊو آهي.

سرگم: ساري گاما- ڌا گا ما ري — ڌِا سا ساري- گاماڌا ما- گا ما ڌاما- گا ما ري ڌِا- سا سا ڌاگا- ماري ڌِاسا-

آروهي: ڌا سا ري گا ما ڌا ڌا سا

امروهي: سا ڌا ما گا ما ري ڌا سا

وادي سُر: گنڌار

سموادي سر: ڌيوت.

وقت : رات جو ٻيو پهر.

اپياس

اهو سر آهي، جيڪو راڳ جي آروهي ۽ امروهي ۾ چڙدي ڏبو آهي.

اپيري (راڳڻي)

آساوري ٺاٺ جي اوڊو سمپورن راڳڻي جنهن جي آروهيءَ ۾ رکب ۽ ڌيوت ورج آهن. امروهي سمپورن اٿس- هن راڳ جي شڪل پيم پلاسي سان گهڻو ملندڙ آهي. پر پيم پلاسي ۾ ڌيوت تيور آهي- اپيري ۾ ڪومل-

آروهي: سا گا ما پا نا سَا

امروهي: سَا نا ڌا پا ما گا ري سَا

وادي سُر: مڌم.

سموادي سُر: نکاد

وقت: منجهند

اُپنياس

اهو سُر جتي راڳ جو هڪ حصو ختم ٿيندو آهي. لغوي معنيٰ اٿس. ذڪر، ليڪچر، چوڻ

احمد ابراهيم (راڳي)

سندس اصل نالو محمد صديق احمد ۽ پيءُ جو نالو ماستر محمد ابراهيم جيڪو پنهنجي وقت ۾ راڳ جي دنيا ۾ وڏو نالو هو. احمد ابراهيم سندس قلمي نالو چئجي پاڻ 1949ع ڌاري ڪراچيءَ ۾ جائو. راڳ سندس گهر ۾ موجود هو. 1965ع ۾ ريڊيو تي آڊيشن ڏنائين. پروڊيوسر خواجه امداد علي ڪيس ڪراچي ريڊيو تان رڪارڊ ڪيو. پاڻ پنهنجي پيءُ محمد ابراهيم جي گهٽ ۾ ڳائيندو هو. سنڌي اردو، گجراتي ۽ سرائڪي ٻولين ۾ ڳايائين.

آخر ۾ سندس صحت خراب ٿي پيئي ۽ وفات ڪيائين.

احمد چاڳلا (موسيقار)

احمد چاڳلا 31 مئي 1902ع ۾ مشهور سياسي، سماجي ۽ ڪاروباري خانداني پس منظر رکندڙ غلام علي چاڳلا جي گهر ڪراچيءَ ۾ جائو. اوائلي تعليم سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچيءَ مان حاصل ڪيائين. نظر جي ڪمزوريءَ سبب تعليم جاري رکي نہ سگهيو تہ موسيقي ۽ ڊرائينگ ڏانهن توجه ڏنائين. ۽ مهارت حاصل ڪيائين. نظر بهتر ٿيڻ کان پوءِ خانگي طور تعليم ورتائين. هن ان دور ۾ شاهه جي شاعري ۽ راڳ جو گهرو مشاهدو ۽ مطالعو ڪيو. سندس مضمون سنڌي ۽ انگريزي زبان ۾ ڇپيا. احمد چاڳلا، ديسي موسيقي جي عهد جديد جي مشهور ماهر پروفيسر ڀاتکنڊي جو ساٿي ٿي رهيو هو. ڀاتکنڊي اهو شخص هو، جنهن سائنسي اصولن موجب ديسي موسيقي جا مشهور ڏهه ٺاٺ مقرر ڪيا ۽ سيني راڳن ۽ راڳڻين لاءِ هڪ مقرر پيمانو قائم ڪيو. انهيءَ باري ۾ بنيادي ڪم اگرچه

رضا خان ڪيو هو ۽ سن 1813ع ۾ پنهنجو ڪتاب ”نغمات آصفي“ شايع ڪيو پر پانڪنڊي پنهنجي مشهور تصنيف ”هندوستاني سنگيت پڌيتي“ جي ذريعي ان کي مڪمل ڪيو. جيڪو هنديءَ ۾ ستن جلدن ۾ شايع ٿيو. پاتکنڊي جي انهيءَ ڪتاب جو اردو ۾ اختصار ٺاڪر نواب علي خان سن 1890ع ڌاري ”معارف النغمات“ جي نالي سان ٻن جلدن ۾ ڇپرايو- مرحوم احمد چاڳلا جو توجهه خاص سنڌي سنگيت ۾ استعمال ٿيندڙ راڳڻين ۽ سُرن ۾ رهيو. هن جو محڪم خيال هو ته سنڌي گائڪي ۾ نغمي جو انگ ۽ دلربائي سڀ کان وڌيڪ آهي، انهيءَ ڳالهه جي تحقيق ڪندي هن هڪ اهڙو برقي اوزار ايجاد ڪرڻ تي چاهيو، جيڪو راڳ جي باريڪ سُرن جي تفاوت کي مختلف انگن ۾ ظاهر ڪري. ان مان سنڌس نظريي موجب يقيناً سنڌي گائڪي جي فوقيت جو ثبوت ملي ها. پر افسوس جو اهو ڪم اڌ ۾ رهجي ويو. ديسي موسيقي جي جاڻ جي سلسلي ۾ هن ڌارين ملڪن جي موسيقي جو گهاٽو مطالعو ڪيو. خاص ڪري ايراني، ترڪي، ۽ مغربي موسيقيءَ جو اڀياس ڪيائين. مغربي موسيقيءَ کي سمجهڻ لاءِ برطانيه جي مشهور موسيقار سر هنري ووڊ کان تربيت ورتائين. پاڻ سنگيت جي ڊائريڪشن به ڪندو هو. ڪراچيءَ جي ٿياسافيڪل سوسائٽي جي سهاري هيٺ آرڪسٽرا جي ترتيب ڏني هئائين. جنهن جو نالو هو ”ساز انجمن“ ڪجهه عرصو بمبئي جي ”اجنتا فلم ڪمپني“ ۾ ميوزڪ ڊائريڪٽر به رهيو. هن پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پاڪستان جو قومي ترانو ٺاهي پيش ڪيو. اگرچه آخرين طور حفيظ جالنڌري جو قومي ترانو منظور ڪيو ويو. پر ان هوندي به خاص خاص موقعن تي جيئن شاهه ايران جي پاڪستان جي دوري وقت يا لياقت علي خان جي آمريڪي دوري وقت، سنڌس جوڙيل ترانو ڳايو ويو.

موسيقيءَ جو ماهر هجڻ سبب، رايل پاڪسان نيوي جي بينڊ جو ڪيس سرڪاري طور اعزازي ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو. آخر ۾ هي پاڪستان جي جهاز راني واري مشاورتي ڪائونسل ۽ ماهيگيري جي مشاورتي ڪائونسل جو ميمبر به هو. پاڻ آغا خاني مسلڪ سان تعلق رکندڙ هڪ وڏي واپاري غلام علي چاڳلا جو وڏو پٽ هو. ڪيس چار ڀيا به پائر هئا. جيڪي تمام وڏن عهدن تي رهيا. پر پاڻ پيءُ ۽ ڏاڏي وارو ڪاروبار ئي ڪندو رهيو. جنهن ۾ هن وڏو نالو ڪمايو.

پاڻ 5 فيبروري 1953ع ۾ وفات ڪري ويو. پويان هڪ پٽ عبدالخالق چاڳلا ڇڏيائين. مرحوم کي چاڪيواڙي جي ”حسيني باغ قبرستان“ ۾ پيءُ جي پرسان دفنايو ويو. ❋[1]

اختيار علي خشڪ (راڳي)

اختيار علي ولد ولي محمد خشڪ ڳوٺ حمزو خشڪ لڳ خدا آباد ضلع دادوءَ ۾ 1974ع ۾ ڄائو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ورتائين. راڳ جي لگار ننڍي هوندي کان لڳل هيس. پهريائين، حاجي خان خشڪ کان راڳ سکيو. پوءِ جيئن شوق وڌندو ويس ته سکيا به مختلف استادن کان ورتائين. حافظ محمد اسحاق تلٽيءَ وارو راڳداريءَ جو وڏو ڄاڻو هو، جنهن وٽ پڻ راڳ سکيو، موري واري امانت علي کان ڳانو ٻڌرايائين. آخر ۾ گلزار خان وٽ پهتو. 2003ع ۾ ريڊيو تي نصير مرزا متعارف ڪرايس. ساڳي سال ٽي وي تي ڪچهري پروگرام ۾ سائين صالح محمد

---

[1] سنڌس ٻئي ڀاءُ محمد علي چاڳلا، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو اسٽيشن ڊائريڪٽر ٿي ڪم ڪيو هو پڻ راڳ جو ماهر هو.(ايڊيٽر)

شاهہ جي معرفت ڳايائين. سڌو گيت غزل ۽ يڪتاري تي ڪافي ڪلام سٺو ٿو ڳائي. سندس شاگردن جو انگ بہ ڪافي آهي، جن ۾ عبدالغفور جسڪاڻي، محمد قاسم فاروقي، عبدالسعيد خشڪ وغيره اچي وڃن ٿا. جلال ڪٽي ايوارڊ ۽ خداآباد سگا ايورڊ ماڻيا اٿس.

عابده پروين، محمد يوسف، محمد شفيع، ٽروارو ۽ فتح علي خان فڪارن ۾ وڻندا اٿس. استاد بخاريءَ کي گهڻو ڳايو اٿس. اڙانہ کي بهار سندس پسند جي راڳڻي آهي. (روبرو- لال جو ميلو 2006ع)

اڙانا (راڳڻي)

آساوري ٺاٽ جي سمپورن راڳڻي آهي. ڪن گرنٿن ۾ هن کي ڪافي ٺاٽ ۾ ڳڻيو ويو آهي. مڌم گرهہ جو سر اٿس. ڪرج وادي سر اٿس: ان جي شڪل سارنگ سان ملندڙ آهي، پر امروهي ۾ پنچم ۽ گنڌار جي سنگت ڪيس سارنگ کان ڌار رکندي. تار ۽ مڌ آستان جي سرن ۾ ڳائڻ سان لطف پيدا ٿئي ٿو.

خاص تان: نانا ماپا- سا- نا پا- ماپا- سَا- ڌانا پا- ما- گا ما- ري- سا- ما ما- پا- سَا- ڌا نا سَا- رکي رکي سا- سَا- ناپا- گا گا- ما- ماري — سا-

آروهي: ساري ما پا ڌا نا سا-

امروهي: سَا نا پا گا ماري سا-

وادي سُر: ڪرج.

سموادي سُر: پنچم.

وقت: آڌي رات.

اسراج (ساز)

هن ساز کي هند سنڌ ۾ متعارف ٿئي ڏيڍ سؤ سالن کان بہ سؤ سال کن ٿيا آهن. هي تار- ونش سان تعلق رکندڙ ساز آهي، وڄائڻ ۾ دلربا جهڙو ٿئي. اسراج سنگت جو ساز آهي، جيڪو هند ۾ بنگال ۾ گهڻو وڄايو وڃي ٿو. هي ستار ۽ سارنگي جي ميلاپ مان ٺهيو آهي. ستار وانگر هن تي تارون، پتل جا پردا، بند، ڳٽيون ٿين ٿيون. هي سارنگي وانگر گز سان وڄايو وڃي ٿو. هن جو حصو سارنگي وانگر ۽ ڏنڊي ستار وانگر ٿئي. هي دلربا کان قدبت ۾ هلڪو ساز آهي. هن جون تارون ٻن سبتڪن مندر ۽ تار سبتڪ ۾ ورهايل هونديون آهن. هن ۾ ستار وانگر 19 پردا هوندا آهن. هن کي اڪيلو بہ وڄايو وڃي ٿو.

هي ساز کي گوڏي تي رکي وڄايو ويندو آهي. وڄائيندڙ جي کاٻي ڪلهي تي ساز جي ڳچي رهندي آهي. هڪ هٿ سان گز تارن تي هلائي، ٻئي هٿ سان بندن تي آڱريون رکي سرگم جا سُر ڪڍيا / ورتا ويندا آهن. هن وقت هي ساز گهٽ وڄت ۾ اچي ٿو. جو انگريزي سازن، هن جي اهميت گهٽائي ڇڏي آهي.

اقبال بانو (گائڪ)

اقبال بانو 1935ع ڏاري دهليءَ ۾ ڄائي، پلي ۽ نپني. اقبال بانو کي ننڍپڻ کان موسيقيءَ سان لڳاءُ هو ۽ کيس قدرت سٺي آواز سان نوازيو هو. هن دهلي ۾ پنهنجي والد جي دوست کان راڳ جي سکيا ورتي جيڪو دهلي گهراڻي جو وڏو نانءُ هو. استاد چاند خان ڪلاسيڪي توڙي نيم ڪلاسيڪي راڳ ۾ وڏي مهارت رکندو هو. اقبال بانو استاد چاند خان کان ٺمري ۽ دادري ۾ مهارت حاصل ڪئي.ان کان پوءِ هوءَ آل انڊيا ريڊيو سان وابسته ٿي ويئي، جتي هن ڪافي ڳايو. سال 1952ع ۾ هن جي پاڪستان جي هڪ زميندار سان شادي ڪئي. تڏهن سندس عمر 17 سال هئي. اها شادي ان واعدي تي ٿي هئي ته هو ان کي ڳائڻ کان نه روڪيندو ۽ هُن به پنهنجو واعدو نڀايو. شادي کان پوءِ هو لاهور لڏي آئي ۽ پٽيالا گهراڻي جي تمام وڏي گائڪ استاد عاشق علي خان جي شاگرديءَ ۾ رهي. ڪجهه وقت استاد عبدالڪريم خان وٽ به دادرو، ٺمري جي تعليم ورتائين. سال 1957ع کان ريڊيو پاڪستان لاهور سان پاڻ کي منسلڪ ڪيائين. هي غزل جي ڏاڍي سهڻي ۽ ملوڪ ڳائڻي هئي، جڏهن ته فيض احمد فيض جهڙي شاعر جي شاعريءَ کيس اجا وڌيڪ جلا بخشي. جڏهن فيض ايوب جي دور ۾ جيل ياترا پئي ڪئي ته اقبال بانو هزارن جي تعداد ۾ ميڙن کي فيض جو ڪلام پئي ٻڌايو. "**ہم دیکھینگے**" نظم، پنجاهه هزار ماڻهن جي ميڙ ۾ هن ڏاڍي جوش ۽ جذبي سان ڳاتو ۽ اهو يادگار نظم فيض احمد فيض جيل مان ٻاهر نڪرڻ تي ڪانئس ٻڌڻ جي فرمائش ڪئي.

اقبال بانو کي فارسي غزل ڳائڻ تي به خاصو عبور هو ۽ فارسي جا 72 غزل ڳاتا. 1979ع کان اڳ جشن ڪابل هر سال ملهايو ويندو هو ۽ اقبال بانو کي ان جي دعوت ملندي هئي، جتي وڃي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندي هئي. افغان بادشاهه سندس بيحد عقيدت مند هو. اقبال بانو ۽ اختر بيگم جي ڳائڻ ۾ ڏاڍي هڪ جهڙائي هئي. هن غزل کي راڳداري جي اصولن هيٺ ڳاتو. هن پاڪستاني فلمن لاءِ ڪيترائي گيت ڳاتا. سندس ڳايل فلم گمنام جا گيت مقبول ٿيا، جيڪا 1954ع ۾ ٺهي هئي. اهڙي نموني فلم قتل (1955ع، انتقام (1956ع) سرفروش 1957)، عشق ليليٰ (1957)، ۽ ناگن (1959)، هن جون گيتن جي حساب سان بهترين فلمون هيون. کيس 1974ع ۾ نغمء امتياز سان نوازيو ويو:

اقبال بانو (رهتڪ والي)

16 آگسٽ 1938ع تي رهتڪ ۾ پيدا ٿي. سندس پرورش دهلي ۾ ٿي. موسيقيءَ جي تعليم دهليءَ واري استاد چاند خان کان حاصل ڪئي. سندس ماءُ زهره بائي رهتڪ والي به موسيقيءَ سان وابسته هئي. پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ اقبال بانو لاهور ۾ اچي آباد ٿي.

اقبال بانو جي شهرت جو آغاز سال 1955ع ۾ ٺهيل گمنام فلم جي هڪ گاني

"تو لاکه چلي ري گوري ٿم ٿم ڪي" سان ٿيو. پاڻ گذريل دور جي افغانستان ۾ جَشنِ ڪابل ۾ باقاعده شريڪ ٿيندي رهندي هئي. اقبال بانو هڪ پڙهيل لکيل ميٽرڪ پاس فنڪاره آهي، جنهن کي انگريزي اردو ۽ فارسيءَ جي ڄاڻ آهي، اڄڪلهه سندس رهائش ملتان ۾ آهي.

اقبال بانو کي 1978ع ۾ حڪومت پاڪستان حسنِ ڪارڪردگيءَ جو صدارتي ايوارڊ عطا ڪيو. بعد ۾ کيس تمغہ امتياز سان بہ نوازيو ويو.

سندس ڳايل ڪجهہ مشهور غزلن ۽ گيتن جا ٻول.

1- تيري خيال سي لوري اٿهي هي تنهائي . ناصر ڪاظمي

2- عشق جب زمزمہ پيرا هوگا. ناصر ڪاظمي

3- اي دل توڙ ڪہ جاني والي . حفيظ جالنڌري

4- ڪڇ تو تنهائي ڪي راتون ڪا هارا هوتا. اختر شيراني

5- بيري موري نينان.

6- سهم ڪر بيٺ گئي خاڪ بيا بانون ڪي.

7-هم باغ تمنا مين دن اپني گذار آئي

8-داغ دل هم ڪو ياد آني لگي.

9-وہ اس ادا سي جو آئي تو ڪيون بهلاني لگي

10-دل ڪي دريا ڪو ڪسي روز اتر جانا هوگا.

11-دشت تنهائي مين، اي جانِ جان لرزان هين. (نظم)

12-پريشان رات ساري هي.فلمي گيت

(سُر سنسار- شهباز علي)

اقرار وحيد علي (ڳائڻو)

گواليار گهراڻي سنڌي موسيقي جي خدمت ايامن ڪان پئي ڪئي آهي. هن وقت اقرار وحيد علي پلوڙ ڳائڻو آهي. نئين ٽهيءَ جو سهڻو چهرو رڪنڊڙ، سهڻو آواز رڪنڊڙ اقرار وحيد علي 1981ع ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو سندس والد جو نالو وحيد علي جيڪو پاڻ بہ وڏو ڳائڻو هو. سو سندس استاد هو. ريڊيو ۽ ٽي وي تي سندس ڪلام اچي پيو. ريڊئي تي 1996ع ۾ پهريون ڪلام "مون لاءِ تنهن جي سار او سائين." ۽ ٽي وي تي. "آءُ نہ ڪڏهن ڪوڙو ٿيندس" ڳايائين. ٽي وي تي کيس حميد هاليپوٽي پروڊيوسر متعارف ڪرايو. وحيد علي، فتح علي خان. ۽ محمد يوسف سندس پسند جا ڳائڻا آهن.

ڳايل ڪجهہ ڪلام.

1- جي روز رسندين.

2- سڄڻ منهنجو سهڻو

3- ٻڌاءِ ڪيسين پرين تنهنجو وغيره.

اڪبربروهي (راڳي)

اڪبر بروهي سورج آباد محلہ دادو ۾ سال 1960ع ۾ ڄائو. ننڍي لاڪر راڳ سان دلچسپي هئس، تہ اچي استاد محمد صالح ساند دادوءَ وارو جيڪو استاد بيبي خان جو شاگرد هيو ۽ وڏو راڳي هو، ان جو شاگرد بڻيو. استاد سان تانپوري تي سنگت ڪندو هو. سوز علي فقير طبلو وڄائيندو هو. استاد صالح ساند جي وفات ڪان پوءِ استاد غلام عباس جيڪو استاد منور علي خان جو پٽ ۽ استاد بڙي غلام علي خان جو پائٽيو آ، ان جو شاگرد ٿيو. 30 سال ڪن رياضت ۾ لڳي ويس. هن وقت استاد نظر محمد چنا ڪان پوءِ راڳ جي سنڌي ڄاڻ رکي ٿو. ڪوئٽا ريڊيو ۽ حيدرآباد ريڊيو تي اڪبر بروهي، سنڌي، بلوچي، براهوي، اردو ۽ سرائيڪي ۾ ڪلام ڇپيا آهن. سنڌس آواز پنهنجي استاد محمد صالح جهڙو آهي. هن وقت دادوءَ ۾ هن ڪان وڌيڪ راڳ داري جي حساب سان ڪو بہ ڳائڻو ڪو نہ آهي. منظور سخيراڻي، آصف چارڻ، يا دادوءَ جا ٻيا فڪار سنڌس شاگرد سونهن. سُر جو سفر جاري آهي

اڪتال (وڄوت)

هي 12 ماترائن جو تال آهي، تين تال وانگر ڪلاسيڪي ۽ نيم ڪلاسيڪي راڳن ۾ وڄايو ويندو آهي. آلاپ ڪان پوءِ جڏهن آهسته آهسته مڌ لئي ۾ ڳائبو آهي تہ هي تال وڄايو ويندو. هن ۾ شانتي ۽ ڌيرج گهٽي آهي. ٻہ ٻہ ماترائون ڪري ڇهن حصن ۾ ورهايو ويو آهي، ٽين ۽ ستين ماترا خالي آهن.

1 2 3 4 5 6 7 8 9 10 11 12

ڌن –ڌن- ڌا- ترڪ- تي –نا- ڪت -تا -ڌا -ترڪ –ڌي- نا

يا

ڌن ڌن –ڌاگي - ترڪٽ تونا – ڪت تا –ڌاڳي ترڪت – ڌن نا

x 0 2 0 3 4

اڪرم مگڻهار (شرناءِ نواز)

هي لاڙڪاڻي شهر جو رهاڪو هو. هي فنڪار شرناءِ وڄائڻ جو وڏو ماهر هو. سنڌس ٽولو، جنهن ۾ سنڌس پاءُ غلام جعفر دهل جو وڄيو هو، سڄي سنڌ ۾ مقبول ۽ مشهور هو. اڪرم مگڻهار خانصاحب پيرل خان جو شاگرد هو. ۽ پيرل خان بسم الله خان جي پايي جي شرناءِ وڄائيندو هو. اڪرم 1975ع ۾ وفات ڪري ويو.

اڪوائي (وڄوت)

61 ماترائن جي لئي آهي. پهرين سم ۽ 5 ۽ 13 ضرب ۽ 9 ماترا خالي آهي. ڇئن ماترائن ۾ ڇئن حصن ۾ ورهايل آهي.

تا[1] آ[2] گهي[3] گهي[4] – تا[5] گهي[6] آ[7] گهي[8] – تا[9] آ[10] گهي[11] گهي[12]

13تا 14گهي 15اي 16گهي

ٻيو ٽيڪو

1ڏا 2آ 3آ 4گهن - 5ڏا 6آ 7گهن 8گهن - 9تا 10آ 11آ 12ڪِن -

13ڏا 14آ 15گهن 16گهن

الغوزو

نڙ يا بانسري وانگر الگوزا بہ سنڌ جو قديم ساز آهي. جن کي پايا بہ سڏين ۽ بينون بہ- ٻن پاين وڄائڻ جو رواج قديم آهي. ارجنٽائن جي غار ۾ هڪ اڏ اگهاڙي ڇوڪري کي پايا وڄائيندي چٽيو ويو آهي.

پايا بہ نڙ وانگر پورين ڪانِين جا، جيڪي گهٽو ڪري ڪرڙ يا ٽالهي مان ٺاهيا وڃن ٿا. هڪ کي نر ۽ ٻي کي مادي چئبو آهي. نر رڳو سر جو جوڙ ڏيندو اهي. نر وڏ ۾ وڏ ٽي سر جهلائي سگهي ٿو. ڪل 9 سوراخ ٿيندا آهن. باقي پنج سوراخ ڪليل رهندا آهن. مادي کي 12 سوراخ ٿين. ٽالهي يا ڪرڙ جي سوڌي ڪاني ڪٽي ان کي پورو ڪري، پوءِ اُن کي هڪ پاسي سڌو مڇو ڏين ۽ ٻئي پاسي آڏو پوءِ آڏي مڇي واري سوراخ ۾ هڪ ننڍي ڏگري هڻن. جنهن کي ٻنجي بہ چون. ٻنجو بہ چون. ان جي مٿان چوڪنڊيارو سوراخ ڪڍن. پوءِ ڏگريءَ واري پاسي کان ڦوڪ ڏيندا تہ وڄندو. وري مٿئين چوڪنڊي سوراخ جي سڌ ۾ گرانٽ ڪن هيٺ نر لاءِ 8 سوراخ ۽ مادي لاءِ 12 سوراخ ڪڍن. 12 سوراخن مان 6 يا 7 وڄائين، باقي ڇڏيو ڏين.

جيئن نڙ ۾ 3 وڄائي 5 ڇڏيو ڏين. اهڙي نموني ڇهن سوراخن تي سڄي هٿ جون ۽ ٽن سوراخن تي ڪبي هٿ جون آڱريون رکي مٿان ڦوڪ ڏيئي جيڪو سر وٺين سو ڪڍن. سُر، راڳ لهرا سڀ ماديءَ مان نڪرن. نر کي رڳو جوڙ جي سر لاءِ رکن. جي نر ۽ مادي جي سرن ۾ جوڙ نہ پيدا ٿئي تہ مٿئين سوراخ تي ميڻ جو جهلو ڏين تہ سُر مليو وڃي. الگوزا وڄائڻ هڪ خاص فن آهي. جنهن ۾ ڦوڪ اهڙي ڏين، جيڪا ڪٽي ڪا نہ. اهڙي ڦوڪ ڏيڻ لاءِ سيڪڙات پهرين ڪٽڪ جي تيلي ڪٽي ان جو هڪ پاسو پاڻيءَ ۾ وجهي ٻيو پاسو وات ۾ وجهي ڦوڪ پچائين. نڪ مان ساهہ ڪڍندا آهن ۽ هوا مِٽن ۾ ڪري ساز کي ڦوڪ ڏيندا آهن.

هن ساز ۾ هر قسم جو ڪافي ڪلام لهرو وڄائي سگهجي ٿو. هن ساز وڄائڻ ۾ مصري خان، خميسو خان، شاهہ محمد نابينا، عثمان جوڻيجو، ۽ محمد يوسف خاصخيلي گهڻو نالو ڪيو، جن ريڊيو تي بہ وڄايو ۽ ملڪ کان ٻاهر بہ فن جو مظاهرو ڪيو.

النگهن (بيان)

اهو سر آهي، جو راڳ جي آروهي ۽ امروهي ۾ برابر نظر ايندو آهي.

الهہ رکا، استاد (طبلہ نواز)

(29 اپريل 1919ع کان 3 فيبروري 2000ع)

استاد الھ رکا هندوستاني موسيقيءَ جو وڏو نالو آهي. هن طبلي کي وڏي جلا بخشي. استاد ويهين صديءَ ۾ طبلي جو وڏو ماهر هو. هن روي شنکر سان 1967ع ۾ ووڊ اسٽاڪ فيسٽول ۾ حصو ورتو ۽ هندوستاني موسيقيءَ کي يورپين سان متعارف ڪرايو. آمريڪا جي صف اول جي فنڪارن کيس طبلو وڄائيندي ڏسي ڏاڍو عجب کاڌو. سندن خيال هو ته استاد جي هٿن ۾ ڪا مشين لڳل آهي. هارٽ، دنيا جي موسيقيءَ جي ڄاڻو کيس موسيقيءَ جو آئين اسٽائين ڪري سڏيو آهي.

سندس لائق فرزند ذاڪر حسين هن وقت پاڪستان توڙي هندوستان جو وڏو طبله نواز آهي، جيڪو دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري مڃتا ماڻي چڪو آهي.

اليا (راڳڻي)

بلاول ٺاٺ جي کاڊو سمپورن راڳڻي آهي. آروهي ۾ مڌم سرورجه به آهي ۽ امروهي ۾ سمپورن، پر گنڌار سُر وڪر آهي.

آروهي: ساري سا- گي ري گي پا- ڌي ني ڌي سا-

امروهي: ساني ڌي پا ڌي نا ڌي پا- گي ما پا ما گي ري سا-

وادي سر: ڌيوت

سموادي: گنڌار

خاص تان: پا- ني- ني ڌي - سَا- ڌي- نِا ڌي پا- ماگي ماري- گي ما پا ما- گي- ري سا

ڳائڻ جو وقت: صبح

اليا بلاول (راڳڻي)

بلاول ٺاٺ جي کاڊو سمپورن راڳڻي جنهن جي آروهي ۾ مڌم ورج ۽ امروهي ۾ سمپورن آهي: پر گنڌار جو سر وڪر اٿس.

خاص تان: پاني- ڌي ني- سا- ڌي نا ڌي پا- - ما گي ماري- گي ما پا ما- گي- ري — سا

آروهي: ساري سا- گي ري گي پا- ڌي ني ڌي سا-

امروهي: ساني ڌي پا ڌي نا ڌي پا- گي پا ما گي ري سا-

سموادي سر: گنڌار

وادي سر: ڌيوت

ڳائڻ جو وقت: صبح

استاد امانت علي خان

استاد امانت علي خان جي ڄمڻ جو سال اندازاً 1929ع آهي. سندس پيدائش ۽ پرورش پٽيالا ۾ ٿي. پاڻ استاد اختر حسين خان جو وڏو پٽ هو. اختر حسين خان وري پٽ هو جرنيل علي بخش خان جو. استاد امانت علي خان جو تعلق پٽيالا گهراڻي سان هو. راڳ جي تعليم پنهنجي پيءُ اختر حسين خان کان حاصل ڪئي.

قدرت واري استاد امانت علي خان کي بي حد سريلو آواز عطا ڪيو هو. جڏهن تہ پنهنجي رياضت سان راڳداريءَ تي بہ مڪمل عبور حاصل هئس. ڪلاسيڪل ۽ نيم ڪلاسيڪل اسم پنهنجي ڀاءُ فتح علي خان سان جوڙيءَ ۾ ڳائيندو هو. غزل، گيت ۽ ٻيا اسم اڪيلي سر ڳائيندو هو. سندس گائڪيءَ جو انداز ڏاڍو سنواريل ۽ سينگاريل هوندو هو.

امانت علي خان جي غزل سرائيءَ جي ابتدا ”خواجہ حيدر علي آتش“ جي غزل ”يہ آرزو تهي تجهي گل کي روبرو ڪرتي“ سان ٿي. غزل ڇا ڳايائين. غزل ڄڻ جنهن جي مٽي، سريلي آواز ۽ انداز جو ڏاڪو جمائي ڇڏيائين. استاد برڪت علي خان ۽ پنهنجي مامي استاد امير علي خان جي روش تي هلندي غزل ڳائڻ ۾ استادانہ مهارت وارا جوهر ڏيکارڻ کان پاسو ڪندو هو.

استاد مزاج ۾ کل مک ۽ چرچائي ٻوڳائي هوندو هو. هڪ دفعي ڪنهن محفل ۾ نزاڪت علي خان ۽ سلامت علي خان ڳائي رهيا هئا، ڪنهن ماڻهوءَ امانت علي خان کان پڇيو تہ ٻڌاءِ تہ انهن ٻنهي مان نزاڪت ڪهڙو آهي ۽ سلامت ڪهڙو. آهي. امانت علي خان ورندي ڏنس تہ جيڪو ڳائي ٿو اهو سلامت آهي ۽ جيڪو رڳو ڪاڪڙو پيو ٿو ڏيکاري اهو نزاڪت آهي. (1)پاڻ مزاج ۾ بہ ڏاڍو معصوم قسم جو انسان هو، هڪ دفعي استاد جي ڪنهن دوست جي پيڻ جي شادي رٿيل هئي. استاد اتي آڳمتي ٿي ڪم پئي ڪيو، ڄڃ پهچي چُڪي هئي، گهر جون عورتون ڄاڃين جي آڌرڀاءُ لاءِ در وٽ اچي بيٺيون هيون، استاد مهمانن لاءِ ماني ڪٽي چني ڏانهن پئي ويو تہ ويندي ويندي پنهنجي دوست کي سڏ ڪري چيائين تہ ”يار اها مائي جيڪا فلاٽي بيٺي آهي، مون کي ڏاڍو ٿي وٽي. استاد کي دوست وراٽي ڏني تہ ”استاد اها تہ تنهنجي ڀاڄائي ۽ منهنجي گهر واري ٿئي.“ اهو ٻڌڻ ۽ استاد جي هٿن واري ماني ڇڏائي وڃي پٽ تي ڪري.[*]

استاد لاءِ اهو بہ مشهور آهي تہ سئو روپيا ملڻ جي آسري ۾ بہ سئو رپيا خرچ ڪري ڇڏيندو هو. انتظار حسين پنهنجي ڪتاب ”بوند بوند“ ۾ امانت علي خان جي حوالي سان لکي ٿو تہ لاهور ۾ ڪافي وقت کان مينهن ڪو نہ پئي وسيو، خميس جو ڏينهن هو لاهور ٽيليويزن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ امانت علي خان هڪ پروگرام جي سلسلي ۾ راڳ ”گوڙ سارنگ“ جي ريهرسل پئي ڪئي. راڳ جي ٻولن ۾ مينهن وسائڻ لاءِ رب کي ٻاڏائي رهيو هو. دعا شروع ٿي.[2]

آهستي آهستي آسمان ۾ ڪڪر مڙڻ شروع ٿي ويا. T.V تي رات 8.40 منٽن تي امانت علي خان راڳ گوڙ سارنگ ڇيڙي دعا گهري ٿو تہ اسان سڀ دعا ڪيون تہ فنڪار جي دعا قبول پئي. فنڪار جو الله عرض اگهايو ان رات لاهور ۾ مينهن وسيو، سڪل زمين سائي ٿي.

---

[*] حوالو: ”يہ لاهور هي“ : ابوالحسن نغمي

[2] اها ڳالهہ مشهور ليکڪ انتظار حسين پنهنجي لکڻي ۾ لکي آهي، جيڪو ”بادلون کي سردار“ موسيقي کي سُر جي عنوان سان 1966ع ۾ شايع ٿيو هو. بارش جو پوڻ محض هڪ اتفاق ئي ٿي سگهي ٿو.

استاد پنهنجي وقت ۾ لاهور جي حسين ترين جوانن ۾ ڳڻيو ويندو هو. سندس رنگ گلاب جي گل جهڙو هوندو هو. جگر جي ڪينسر ڪري هي گلاب جي گل جهڙو سهڻو جوان سڪي ڪنڊا ٿي ويو هو. بس ڪلندي ڳالهائيندي هڪ ڏينهن اوچتوئي اوچتو صرف 45 سالن جي عمر ۾ 18 سيپٽمبر 1974ع تي لاڏاڻو ڪري ويو.

استاد امانت علي خان جو ٻيو نمبر ڀاءُ استاد فتح علي خان سال 1935ع ۾ پٽياله ۾ ڄائو امانت علي خان فتح علي خان کي حڪومت پاڪستان 1965 ۾ حسنِ ڪارڪردگيءَ جو صدارتي اعزاز عطا ڪيو.

استاد امانت علي خان فتح علي خان جي خاندان مان سندن ننڍو ڀاءُ حامد علي خان، امانت علي خان جو پٽ اسد امانت علي خان ۽ مرحوم امجد علي خان راڳ جي دنيا سان لاڳاپيل رهيا آهن.

امانت علي خان جي ڳايل ڪجهه مشهور غزلن ۽ گيتن جا ٻول

1- انشا جي اٹھو اب ڪوچ ڪرو" ابن انشا

2- هونٹون په ڪبهي ان ڪي ميرا نام هي آئي. ادا جعفري

3- موسم بدلا رت گدرائي، ظمير ڪاشميري

4- ڪيسي گذر گئي هي جواني. الطاف حيدري

5- پيار نهين هي سر سي جس ڪو. امانت علي خان فتح علي خان

6- پيا ناهي سکهي دوگانو. نور جهان، امانت علي خان

7- تيري اميد تيرا انتظار جب سي هي. فيض

8-ڪب آئوگي تم آئوگي. ثمري امانت علي فتح علي خان.

9- آجا نه جا پرديس. امانت علي فتح علي

10- آ ميري پيار ڪي خوشبو.

11- مجهي دل ڪي خطا پر ياس شرمانا نهين آتا. ياس گيجانه

12- اڪثر شب تنهائي مين ڪچهه دير پهلي نيند سي. نادر ڪاڪوي

مددي ڪتاب

1- يه لاهور هي. ابوالحسن نغمي

2- بوند بوند. انتظار حسين

3- ملاقاتين. انتظار حسين

استاد امجد علي خان (سرود نواز)

استاد امجد علي خان 19 آڪٽوبر 1945ع ۾ گواليار ۾ پيدا ٿيو. جتي سندس والد استاد حافظ علي خان گواليار دربار سان وابسته هو. امجد علي خان سرود وڄائڻ جي تعليم پنهنجي پيءُ، وقت جي عظيم سرود نواز، پدم

پوشن استاد حافظ علي خان کان حاصل ڪئي.

استاد امجد علي خان جو تعلق بين ڪارن جي ”سين“ گهراڻي سان آهي. سندس خاندان 6 پيڙهين کان وٺي موسيقيءَ سان لاڳاپيل آهي. گهڻو وقت اڳ سندس پرکن مان، پنهنجي وت جو هڪ عظيم فنڪار، غلام بندگي خان بنگش، ڪابل مان رباب کڻي هندستان وارد ٿيو. غلام بندگي خان جي پٽ غلام علي خان هندستان جي موسيقيءَ کي نظر ۾ رکندي رباب کي سرود جي صورت ۾ تبديل ڪيو ۽ غلام علي خان جي خاندان مان ننهي خان، مراد علي خان، محمد امير خان ۽ استاد حافظ علي خان جيڪو استاد امجد علي خان جو پيءُ هو، پنهنجي وقت جا نامي گرامي سرود نواز گذري چُڪا آهن.

استاد امجد علي خان جو پهريون يادگار پروگرام صرف 12 سالن جي عمر ۾ 1958ع ۾ منعقد ٿيو.

سندس سرود تمام گهڻي تياريءَ سان وڄايل هوندو آهي. سندس باج بہ بي حد تاثير وارو آهي.

استاد امجد علي خان هن دور جي ٻن عظيم سرود نوازن مان هڪ آهي. ٻيو سرود نواز استاد علي اڪبر خان آهي.

استاد امجد علي خان 1981ع ۾ پاڪستان جو دورو ڪيو.

استاد امجد علي خان کي مليل ايوارڊ ۽ اعزاز.

1- پدم شري 1975ع (صرف 30 سالن جي عمر ۾)

2- سنگيت ناٽڪ اڪيڊمي ايوارڊ 1989ع

3- تانسين ايوارڊ 1989ع

4- پدم پوشن 1991ع

اُم ڪلثوم (مصري ڳائڻي)

اُم ڪلثوم 4 مئي 1904ع ۾ مصر جي ڳوٺ تميزيحرا ۾ ڄائي. ننڍپڻ کان کيس ڳائڻ جو بيحد شوق هو. سندس والد امام کيس قرآن شريف پڙهايو ۽ 12 سالن جي عمر ۾ هوءَ حافظ قرآن هئي. سورنهن سالن جي عمر ۾ هن کي ڪيرو ۾ ابو لالا محمد ۽ ذڪريا احمد پاڻ سان گڏ ڳائڻ جي آڇ ڪئي. اهي ٻئي پنهنجي وقت جا تمام وڏا گائڪ هئا. 1923ع ۾ کيس باقاعده دعوت ملي. ڪيرو ۾ هن پنهنجي فن جو بهترين مظاهرو ڪيو ۽ ايوارڊ حاصل ڪيو. اتي سندس ملاقات وڏي شاعر احمد رامي سان ٿي، جنهن سندس لاءِ 137 گيت لکيا. هن شاعر کيس فرانس ۾ بہ متعارف ڪرايو. ساڳئي وقت مشهور ڪمپوزر اِل ڪسايحي سان بہ سندس ميل ميلاپ ٿيو، جنهن کيس عربي ٿيٽر ۾ متعارف ڪرايو. 1932ع ۾ هن مشرق وسطيٰ جو دورو ڪيو، جنهن دوري ۾ هوءَ دمشق بغداد، بيروت ۽ ٽريپوليءَ وئي. 1948ع جمال عبدالناصر سان تمام ويجهو ٿي جيڪو اڳتي هلي مصر جو صدر بنيو. جلد هيءَ عرب جي قوم پرست ڳائڻن واري انجمن ۾ شامل ٿي ويئي ۽ هن جمال عبدالناصر جي نظرين کي عوام تائين ڳائڻ وسيلي پهچايو. ام ڪلثوم ايتري حد تائين مقبول وئي جو، جڏهن مهيني ۾ هڪ ڀيرو هوءَ ريڊيو تي ڳائيندي هئي، تہ سندس ڪلام کان پوءِ سرڪاري

ايجنڊائون نشر ڪيون ويندڀون هيون، جو تہ مهيني جي هر پهرين خميس تي هوءَ ريڊيو تي ڳائيندي هئي. ۽ ماڻهن جا حشام گهٽين، هوٽلن ۾ تفريح گاهن ۾ ڪيس ٻڌڻ لاءِ آتا هوندا هئا. اتي ڪو بہ پيغام ماڻهن تي بيحد اثر ڇڏيندو هو.

هي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڳائيندي هئي. سندس ڪلام ۾ پيار محبت ۽ قومي ٻڌيءَ جا ويچار ونديل هوندا هئا. هن ڳائڻ کان سواءِ اداڪاريءَ ۾ حصو ورتو. 1953ع ۾ هن هڪ ميڊيڪل ڊاڪٽر حسن اِل هفنوئي سان شادي ڪئي، جنهن ۾ شرط رکيل هو تہ هوءَ جڏهن بہ چاهيندي تہ ڪانئس طلاق وٺي سگهندي. ڪين ڪو بہ اولاد ڪو نہ ٿيو. 1967ع ۾ هو Nephritis جي بيماريءَ ۾ ورتجي ويئي. ام ڪلثوم نيل جي محل ۾ آخري دفعو 1972ع ۾ ڳاتو. ڪيس سرڪاري طور علاج لاءِ آمريڪا بہ موڪليو ويو پر 1975ع ۾ هي عظيم آواز دنيا کي هميشہ لاءِ ڇڏي ويو. سندس وفات 3 فيبروري 1975ع ۾ قاهره جي اسپتال ۾ ٿي. سندس جنازي ۾ اٽڪل 65 لک ماڻهن شرڪت ڪئي. هن جي گائڪي جي انداز نہ رڳو عرب دنيا کي متاثر ڪيو پر مغرب وارن بہ سندس ڳائڻ جي انداز کي پنهنجو ڪيو. ام ڪلثوم جون ڪيٽريون ئي ڪيسٽون مارڪيٽ ۾ آيون. جيڪي ماڻهو اڄ ڏينهن تائين وڏي شوق سان ٻڌن ٿا.

اميد علي خان، استاد (گويو)

اميد علي خان جي والد جو نالو پياري خان ۽ ڏاڏي جو نالو بنو خان هو. هو حيدرآباد جي ٽنڊي آغا ۾ رهندا هئا. اصل تہ استاد پيارو خان سيٺ وشنداس وٽ راڳ ڪندو هو. هو مانجهو جو رهاڪو وڏو دياوان. رقاص ۽ موسيقي جو ماهر هو. گهڻو ڪري گواليار گهراڻي جا شروعاتي گويا هن وٽ رهندا هئا. هي ڪين سنيون پڳهارون ۽ انعام ڏيندو هو. اميد علي خان راڳ جي سکيا پنهنجي پيءُ ۽ ڏاڏي کان ورتي. ننڍي وهيءَ ۾ ڪيس راڳ جي سٺي پروڙ هئي. هن سنڌي راڳ کي پنهنجي خاص سٺاءُ ۾ ڳاتو ۽ راڳ کي اهڙي انگ ۾ جمايو جو استاد عاشق علي خان جهڙو برک راڳي بہ ڪيس جس ڏيڻ کان رهي نہ سگهيو. پاڻ 22 سالن جي عمر کان سنڌ ۽ هند ۾ ڳائڻ شروع ڪيائين. موسيقي جي مقابلن ۾ استاد عاشق علي خان ۽ بڙي غلام علي خان صاحب جي سامهون ڳاتائين. استاد اميد علي خان جو برصغير جي مشهور ۽ چوٽيءَ جي گوين ۾ شمار ٿيندو هو. پاڻ لئي راڳ يا سر جي لڳاءُ واري معاملي ۾ ڏاڍو پختو هوندو هو. خاص ڪري ڏڪئي راڳ کي سولو ڪري ڳائڻ ۾ ملڪو حاصل هوس. استاد ڪلاسيڪل کان سواءِ ٺمري، دادرو ۽ ڪافي ڏاڍي شوق سان ڳائيندو هو. پاڻ سنڌي سرائيڪي ڪافين جو وڏو تعداد رکندو هو. گهڻو ڪري حيدرآباد وارن ڄاموٽ سيدن وٽ ڳائيندو هو. 1972ع ۾ سندس گلو خراب ٿي پيو ۽ ٻڌڻ جي سگهہ بہ وڃائي ويٺو. اميد علي خان درويش گن ماڻهو هو. هُو گهڻو ڪري عاشق علي خان جي انگ ۾ ڳائيندو هو. ۽ عاشق علي خان سان جوڙي ۾ بہ ڳايائين. عظيم گويي ڏهين جنوري 1979ع تي وفات ڪئي.

امير بخش فقير (راڳي)

امير بخش 1918ع ڌاري جمڙائو واهہ جي دلور موري لڳ ڳوٺ الهہ يار خان ڪلوئي ۾ ڄائو. پاڻ اصل نسل زميندار هو. ذات جو ڪلوئي هو. پر زمينداري ڇڏي يڪتارو ۽ ڪڙتال هٿ ۾ ڪنيائين. يڪتارو اهڙو تہ سر سان وڄائيندو

هو. جوان جي تند جو سوز وجود ۾ پيهي ويندو هو. ھيراٽي واري پربل فقير جو مريد ٿيو. فقير صاحب کي شاعري ۽ راڳ پنهنجي والد کان ورثي ۾ مليو هو. جيڪو منٺار فقير جو شاگرد هو. ائين منٺار فقير سندس ڏاڏو مرشد ليکبو. هن منٺار فقير کي بہ ڏاڍو ڳايو. 1958ع ڌاري ريڊيو تي پهتو. پاڻ ڪافي ڳائڻ جي لحاظ کان منفرد انداز رکندڙ هو. يڪتاري سان گڏ ڪرتال، گهڙو، ڍولڪ ۽ دنبورو ڪٽندو هو. سندس ڳچيءَ ۾ ڪنٺو، ڳيڙو پٽڪو، گيڙو رنگ جو پهرياڻ پاتل سدائين، صوفياڻي سفر ۾ هوندو هو. سندس انداز جو يڪتاري ۽ ڪرتال تي ڪافيون ڳائيندڙ فنڪار سنڌ اجا پيدا ڪري نہ سگهي آهي. پاڻ دم جي بيماريءَ ۾ سال 1986ع ۾ وفات ڪري ويو.

سندس ڪجھ يادگار ڳايل ڪلام

1- خاڪ جي چولي ۾ جو ٻولي، اهو آواز الايس ڪير. منٺار فقير

2- ويندڙ واسطي، خدا جي منهن جو نيج نياپو.

3- مونکي ڏونگر ڏورڻ آيو. سچل

4- سڻ بات برھ دي ڪيهي – سچل

5- وس نهين چلدا. رکيل شاھ وغيره

امير حسن (راڳي)

امير حسن 11 نومبر 1957ع ۾ صدر حيدرآباد ۾ ڄائو. سندس خاندان ۾ اڳ ۾ ڪو بہ ڳائڻو ڪو نہ هو. پاڻ پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم حيدرآباد مان، ايل . ايل. بي ۽ ايم ايس سي (فزيالوجي) 1982ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين. 1980ع ۾ حيدرآباد ريڊيو تي رڪارڊ ٿيو ۽ بعد ۾ ٽي وي لاءِ ڳايائين. هن ٽي وي جي ڇهڇٽو پروگرام لاءِ الاهي مزاحيہ رڪارڊ پرايا. امير حسن، مهدي حسن جي گهَٽ ۾ پلوڙ ڳائڻو آهي. امير حسن پاپ ميوڪ بہ ڳائيندو آهي. سندس بہ ٽي ڪيسٽون سنڌيءَ ۽ اردوءَ ۾ آيون آهن. پاڻ بہ سٺو ڪمپوزر آهي. استادن ۾ پروفيسر نجمي رضوي جنهن ميوزڪ ۾ آمريڪا مان ڊپلوما ڪئي آهي. ان جو شاگرد آهي. استاد فتح علي خان کان سکيو اٿس. ڪيس مهدي حسن، استاد منظور علي خان ۽ محمد يوسف وٽندا آهن. ڪيس فن دوست ايوارڊ 1994ع، مهراڻ آرٽس اينڊ ڪلچر ايوارڊ 1996ع ۽ سنڌ فنڪار تنظيم پاران ايوارڊ 1996ع ۽ پاڪستان فن دوست سوسائٽي طرفان "نشان - امتياز" 1997ع ۾ مليا آهن.

ڪجھ ڳايل ڪلام

1- مان تہ مشهور هيرو ٿيندس.

2-هر گلي سي بڑ ڪر پلي هي، ريشم گلي ۾ ريشم گلي هي.

3- مارا دل يہ بولي.

4- گد وچ نچلي.

5- ڊونٽ بي سلي

اميرخسرو (شاعر، موسيقار)

ابوالحسن يامين الدين (1325-1253ع) جيڪو امير خسرو جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. هي نظام الدين اوليا جو مريد هو. پاڻ بہ صوفي صاف صفا هيو. هي نہ رڳو هندي شاعريءَ جو وڏو شاعر ليکجي ٿو. پر هن جا اثر هندوستاني موسيقيءَ تي گهرا آهن. هن ڪيترن ئي سازن کي سڌاريو سنواريو ڪن کي ايجاد ڪيو. ڪيترين راڳڻين کي هڪ ٻئي سان ملائي نوان راڳ ۽ راڳڻيون ترتيب ڏنائين. سندس والد جو نالو امير سيف الدين هو. جيڪو بلخ کان لڏي هندوستان جي شهر پٽيالي ۾ رهيو. 1253ع ۾ ڪيس امير خسرو پٽ ڄائو. امير خسرو جي ماءُ هندوستاني ۽ پيءُ ترڪ نسل مان هئا. 1272ع ۾ بلبن جي دربار ۾ ملڪ ڇڄهو سان گڏ ويو. هن ڏانهن نوان 26 ساز منسوب آهن. جيڪي هن ايجاد ڪيا. آئين اڪبر جي منصف ابوالفضل هن ڏانهن 23 ساز منسوب ڪيا آهن.

امير خسرو ڪيترين راڳڻين جو موجد بہ چيو وڃي ٿو.

ريلف ۽ ٻيون راڳڻيون هن ڏانهن منسوب آهن.

سازن بابت، موسيقيءَ جي عالمن ۾ اختلاف راءِ آهي. ڇو تہ جن سازن، مثال، طبلہ، ستار، سارنگي وغيره کي هن جي ايجادات ۾ شامل ڪيو ويو آهي، اهي ساز موهن جو دڙو، هڙاپا، ميهر ڳڙهہ، ٽيڪسيلا وغيره جي مليل مهرن تي لڳ ڀڳ اڪريل آهن. ان لاءِ عالم هن راءِ جا آهن تہ هن انهن سازن کي نئين سر روشناس ڪرايو هوندو، ممڪن آهي تہ انهن ۾ ڪجهہ وقت جي حساب سان ڦير گير بہ ڪئي هجيس.

بهرحال هندوستان جي شاعري ۽ موسيقيءَ جو هي وڏو نالو 1325ع ۾ گذاري ويو.

امير علي استاد (راڳي)

امير علي جنهن جو اصل نالو امير بخش آهي، سو 7 اپريل 1963ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو. سندس والد استاد رمضان علي خان مڱڻهار ۽ ڏاڏو استاد خير محمد خان ڪلاسيڪي راڳ جا ڳني گويا هئا. سندس مادري زبان ٿري آهي، جو اصل جيسلمير جا وينل آهن. راڳ جي پهرين تربيت پنهنجي والد کان ۽ پوءِ استاد واحد حسين کان ورتائون، ڪمپوزيشن استاد نياز احمد ڪراچيءَ واري کان سکيا. 1982ع ۾ استاد امير کي نصير مرزا ريڊيو تي ڳارايو. ڪلام هو "موٽ مٺا، نہ نہ مان، نہ نہ مان" ٻول هئا. استاد بخاريءَ جا، ساڳي سال ممتاز مرزا ڪيس ٽي ويءَ تي آندو.

استاد امير علي ڪلاسيڪي ۽ لوڪ موسيقي گڏي ڳائيندو آهي. گهڻي ڀاڱي ڏنون پاڻ ناهيندو آهي. سنڌيءَ کان سواءِ اردو، مارواڙي، ٿري، بلوچي، پنجابي ۽ سرائيڪي ۽ انگريزي ۾ بہ ڳاتو اٿائين. سنڌ ٽي وي تي ڪلاسيڪل راڳ ۽ ناچ تي پروگرام ڪندي راقم ڪيس 2006ع ۾ ڏٺو ۽ ڪچهري ڪئي. سندس الاهي آڊيو ڪيسٽ اچي چڪيون آهن. پاڻ اڄوڪي دور ۾ جڏهن پاپ زورَ تي آهي، ڪلاسيڪل راڳ جو استاد مڃيل آهي. ڪراچيءَ ۾ راڳ جو سکيا گهر قائم ڪيو اٿائين. جن ۾ امبر مهڪ، حيدر علي، الهچايو، ثمينا پروين، مائي ڀاڳي جو پوٽو برڪت علي سکيا وٺي فن جي خدمت ڪري رهيا آهن.

پاڻ ميڊيا تان سنا ڪلاسيڪل جا پروگرام ڪري ٿو. ڪيس ڪيترائي ايوارڊ مليا آهن، جن ۾ چار پيرا مصري فقير ايوارڊ (96-95-94-1993ع) جديد سنڌي ادب ايوارڊ 1994ع ۽ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام پاران بهترين راڳي جو ايوارڊ مليا اٿس. ڪيس ٽي پٽ ۽ ٽي نياڻيون آهن. سندس پٽ سدا رنگ علي خان جو ڳائڻ سان شغل آهي. پاڻ سنڌي موسيقيءَ تي ڪتاب ”سر شاهه سمنڊ“ جنهن ۾ شاهه جي راڳڻين تي بحث ٿيل آهي. لکيو اٿائين.

سُر جو سفر جاري آهي. الله ڪيس وڏي حياتي ۽ سندس فن کي جلا بخشي.

انش

ان سُر جو نالو آهي، جو بار بار راڳ ۾ لڳندو آهي. ان جو ٻيو نالو جِيو سر آهي، جيوَ جي معنيٰ جان آهي. ان لاءِ اَنش جو سر راڳ جي جان ٿيندو آهي.

اَنِش جي لغوي معنيٰ آهي دائم يا لڳار

انند ڀيرو/ انند ڀيرون

ڀيرو راڳ جو قسم ۽ سمپورن راڳڻي آهي. هي راڳ ٻه مشر ميل آهي. جنهن ۾ بلاول اترانگ ۾ ۽ ڀيرو پور وانگ ۾ ملايل آهن. جيئن ته ڀيرو جو قسم آهي، ان لاءِ ڀيرو جو انگ درٻل رکڻ ضروري اهي ۽ بلاول جو انگ کي قدر دٻيل هجي ته چڱو. هن راڳڻيءَ ۾ اگر دَيوت تيور ڪجي ته مشهور راڳ سور ڪانت جي صورت وٺندو. جيڪو هاڻي رواج ۾ ڪونه آهي.

پلٽو: سا. را را. سا- ني ڌي پا – سا- گي را گي ماپا ما گي را- را- سا-

آروهي: سارا گي ما پا ڌي ني سَا.

امروهي: ساني ڌي پا ما گي را سا- (ڌيوت تيور)

وادي سر: ڪرج

سموادي سر : ڌيوت

هن راڳڻيءَ جو ذڪر ڪتاب راڳ ساگر ۾ ٿيل ڪونه آهي.

انودرت (تال)

هيءَ لئي ۾ درت کان ٻيڻي رفتار واري ٿئي ٿي. يعني سندس ماترائن جو عرصو سيڪنڊ جي چوٿين حصي برابر هوندو آهي، ڪي ڪي گائڪ درت کان پوءِ انودرت ۾ تانو هڻندا آهن. ترانو ٻه گهڻو ڪري هن لئي ۾ ڳاتو ويجي ٿو. انودرت ۾ آنگرين جي ڦڙتائي ۽ فن ۾ پختگي جي ضرورت رهي ٿي. ان کان سواءِ لئي جو لطف محال آهي. هن لئي ۾ تان هڻڻ ۾ پختگي ۽ هڪ سُر کان ٻئي تائين اچڻ لاءِ گلي ۾ وڏي لچڪ جي ضرورت آهي.

انور وسطڙو (راڳي)

انور وسطڙي جو جنم 1940ع ڏاري ڳوٺ مڇر ضلع نوشهري فيروز ۾ ٿيو. شروعاتي تعليم ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان ورتائين. نائين جماعت هاءِ اسڪول ناروشاهه ۾ پڙهيو. پوءِ پڙهڻ ڇڏي ڏنائين. اسڪول ڇڏڻ کانپوءِ هيڙين بڌڻ جو ڪم ڪرڻ لڳو. اهو ڌنڌو سندس پيءُ ۽ پائر به ڪندا هئا. هيڙين بڌڻ دوران محمد رفيع ۽ چندر جا ڪلام بڌندو هو ۽ انهن کي جهونگاريندو هو. اتان کيس ڳائڻ جو شوق پيدا ٿيو ۽ استاد محمد صالح خاصخيليءَ جو شاگرد ٿيو ۽ ترت پوءِ استاد منظور علي خان کان ڏاڳو ٻڌايائين. 1976ع کان هن ريڊيو ۽ ٽي وي تي ڳائڻ شروع ڪيو. ڪيترين فلمن ۾ پڻ ڳاتائين. پنجابي فلم "وفاياران دي" سنڌي فلم "پرديسي ۽ پيار" "پرو چانڊيو" جا گانا ڳاتائين. هن ڪجهه عرصو اداڪاري به ڪئي. هن سنڌ اندر مختلف ثقافتي ۽ ادبي ڪانفرنسن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو آهي. مصري شاهه ايوارڊ ۽ لطيف ايوارڊ مڃتا طور مليا اٿس.

اهير ڀيرو/ اهير ڀيروون (راڳڻي)

هي ڀيرو ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي آهي. مڌم ڇتو ڪري لڳايو ويندو آهي. پور وانگ ۾ ڀيرو جو انگ ۽ اترانگ ۾ ڪافي ٺاٺ سان ملندڙ آهي، اهيري ڀيروين ۽ ٽوڙي ٺاٺن ۾ به جاٽايل آهي. پائو يٽ پنڊت ڀيرون جا ڏهه قسم لکيا آهن. جيڪي هي آهن. 1- آڏو ڀيرون 2- ڪاڍو ڀيرون 3- سمپورن ڀيروون 4- بسنت ڀيروون 5- آنند ڀيروون 6- نند ڀيرون 7- سُر ناڪرشن ڀيروون 8- گنڌار ڀيروون 9- رام ڀيروون 10- پولي ڀيروون. انهن مان رڳو ڪجهه قسم مروج آهن.

پلٽو: گي ڪي را سا- سا سا را سا- نا سا را سا- نا ساگي- گي گي ما- گي ما را پا- گي ما را سا- را را سا- گي را گي ما- ما ما پا گي ما را- را سا- سا را سسا ما- گي راگي ما- ما ما پا گي- ما را- را سا سا را سا ما- گي را سا پا- گي ما پا- گي ما پا گي- ما گي را سا-

آروهي: ساراگي ما پا ڌي نا سا

امروهي: سانا ڌي پا ما گي را سا

وادي سُر: ڪرج

سموادي سُر : مڌم.

ايراني موسيقي

ايراني موسيقيءَ ۾ هزارن سالن جو تواتر آهي. ان جو ثبوت اسان کي الام جي پٿر جي نئين دور وارن آثارن مان مليو آهي. ايران جي موسيقيءَ کي ٻن نمونن سان ڏٺو وڃي ٿو. (1) علم موسيقي جنهن کي هاٽي رياضيءَ جي هڪ

شاخ سمجهيو وڃي ٿو. (2) موسيقي جي مشق ۽ استعمال جنهن کي طرب، تران، يا هاڻي ميوزڪ چون ٿا، جنهن لاءِ مذهبي اختيارين جو سخت تکو رويو آهي، تنهن ڪري سماج تي اهڙو اثر نظر ايندو/ اچي ٿو.

ايراني ثقافت ۾ عملي/ سرانجامي موسيقي جي حيثيت

ايران ۾ موسيقي لاءِ پسند ۽ ناپسند، ٻئي پهلو هڪ وقت ترتيب ثقافت ۽ مذهب جي حوالي سان ڏسي سگهجن ٿا. قديم دور ۾ موسيقارن کي سٺي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو. ان جا اهڃاڻ الامر ۽ اخميني دور حڪومت ۾ ملن ٿا پر اهو چوڻ مشڪل آهي ته ان وقت جي موسيقي ڪيئن هئي. پارٿي دور ۾ گوسن يعني شاعر- موسيقارن کي تفريحي محفلن مچائڻ لاءِ مدعو ڪيو ويندو هو. جڏهين ساساني دور آيو، تڏهين موسيقارن جو مان ٻين مڙني فنون لطيفه جي ڀاڱن کان وڌي ويو. ان ڪري چند ٻين کي ڇڏي تاريخ ۾ رڳو موسيقارن جا نالا ملن ٿا. انهيءَ وقت ۾ Lute ايجاد ٿيو ۽ موسيقي جون روايتون نيٺ (Dastgah) دستگاهه ۾ تبديل ٿي ويون.

اسلام کان پوءِ به زرياب ۽ ابن سينا جهڙن استادن جي خود باترتيب ليوٽ ۽ نئي جا ماهر وڄائيندڙ هئا، تن اسپين تائين پنهنجا اثرات ڇڏيا. بهرحال، تاريخ جي وچين ۽ نئين دور ۾، موسيقي جي خصوصاً ڳائڻ وڄائڻ واري پاسي کي فحش سمجهيو ويو.

اصليت ۽ قدر جا روايتي درجا

موسيقي جي مخصوص ڪرت جو مرتبو گهٽو ڪري ان جي قسم ۽ اصولن سان لاڳاپي تي مدار رکي ٿو. علمي طور ايراني ڪلاسيڪل روايت (Musiqi:- Asil or Dastgah) جو بنياد اسلام جي اوائلي دور وارن استادن، مثلاً فارابي، شيرازي وغيره جي ٻڌايل آوازي جماليات / خوبصورتي تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ ساساني دور جي خسرو پرويز جي درباري موسيقارن سان منسوب Melodic Formulae به شامل هئا. دستگاهه انهن جي موسيقي آهي، جن جو يا ته ان ۾ وڏو حصو آهي، يا جن کي ذوق لطيف ۽ اوچي ثقافت حاصل ڪرڻ جو خواهش، ان ڪري باوجود موجوده عوامي مقبوليت جي به اها هميشه چيدن ماڻهن لاءِ مخصوص هئي. بهرحال دستگاهه جي اهميت ان ڪري ڪو به گهٽائي نٿو سگهي جو ان ۾ صداقت ۽ اصليت جو اهڙو ذخيرو آهي، جنهن مان موسيقي جي ٻين صورتن ۽ قسمن مان ڳائڻ وڄائڻ جو فڪر ۽ فيض حاصل ٿئي ٿو.

موسيقي جا ٻيا موچارا قسم اهي هئا جي خالص اصولن تي ٻڌل نه هئا پر ضرورت/ افادي نقطي نظر کان ڪارائتا هئا. انهن قسمن سان پارٿي دور کان ايراني رزميه موسيقيءَ جو تعلق سمجهيو وڃي ٿو. جڏهين پوءِ فوج کي منظم ڪيو ويو، تڏهين هيءَ موسيقي ڪن مغربي نمونن ۾ تبديل ٿي ويئي آهي، جنگ کان علاوه هي قسم ڳڻيير سرڪاري تقريبات ۾ به پيش ٿيندو هو. هن ۾ وڏا Brasses, Drums ۽ Reed جا ساز استعمال ٿيندا هئا. هڙن سازن جو نمائنده نقار خانو قاجار دور تائين هليو، پر اها سفوي دور واري مهارت نه رهي هئي. ان جا ڪي اهڃاڻ، سادڙي

صورت ۾ ايران جي روايتي فوجي حرفت فقط Zurkhaneh ۾ ڏسي سگھجي ٿي، جڏهن Drummers ۽ Vocalists ، جن کي مرشد چوندا آهن. سورمن ۽ پهلوانن جي مشق هلڻ وقت استعمال ڪن.

مذهبي موسيقيءَ جو قسم علم موسيقي ۾ يڪسان نہ آهي. شيعا مسلڪ وارا امام حسن جي غم ۾ جا موسيقي استعمال ڪن، سا ايران جي عسڪري موسيقي مان نڪتل آهي، اهڙي ريت صوفين جي موسيقي جنهن ۾ سندن مقرر روايتن موجب دف ۽ صوفي شاعري جو تات پرچ استعمال ڪن، تنهن هوندي بہ اُها دستگاهہ موسيقيءَ کي ويجهي آهي پر نغمہ گري جي آزادي ۽ موزونيت جي پيچيدگي موجود هجي ٿي.

تلاوت ڪلام پاڪ بہ اسلامي طور موسيقيءَ ۾ شامل نہ آهي. ساڳي ريت مذهبي عبادت جا ڪي ٻيا آلاپيل طريقا جي تہ طلبيا گيت آهن. پر انهن کي بہ موسيقيءَ جي اصطلاحن ۾ بيان نٿو ڪيو وڃي. سواءِ لوڪ موسيقي جي، جا ايراني ٻهراڙين جي روز مره جي زندگيءَ جو حصو آهي، چالو يا سادي (Popular) ميوزڪ جو مرتبو گهٽ آهي. ايران جي خوبصورت موسيقي جي تخليق مان ڪردن ۽ خوراسان جي لوڪ گيتن جو شمار ٿئي ٿو. موسيقي جي ٻين مڙني قسمن جي ايراني ڪلاسيڪل موسيقيءَ جي پهائي سمجهجن ٿا، تن جي برعڪس درستگاهہ طريقي تي لوڪ گيتن جو وڏو اثر آهي. Isfahan ۽ Bayate Turk جا نالا آهنگ شيرين جي اصول يا ترڪيب، جا ايراني فن موسيقي جي روايت جي مثان آهي، ان جي اصليت علائقائي هئڻ جي تصديق ڪن ٿا.

Musical Theatre

Rohozi جي روپ ۾ ٿيئيٽر جنهن جي اندرئين اڱڻ جي وچ ۾ ڊيڪيل تلاءُ جو اسٽيج وانگر استعمال ٿئي، تنهن کي ايراني ماڻهو هاٽي معلق يا ابتر سمجهن ٿا. Tasneef يا مقبول عام شهري رچنائون اڪثر ڪري زنانين گڏجاڻين لاءِ هجن ٿيون. ۽ ڪي ٻيون وڏيڪ مشهور رچنائون جهڙوڪ Baba Karam ۽ ان سان شامل ناچ اڄ ڪلهہ اوج تي آهن.

Mazandaran صوبو

هن اتر واري صوبي ۾ گيتن، سازن ۽ مذهبي رسومات جي موسيقي عام آهي، گيتن ۾ تال گهٽو ڪري سادو استعمال ڪن. اهڙن گيتن ۾ Katuli, Charvadari, najma, Amiri, Kaleh Haal ، جيڪي هلندي، ڪم ڪندي، رڍ پچاءُ ويل، معاشقي ۽ گهوڙي سواري ڪندي ڳائجن. هنن سيني گيتن جو پنهنجو پنهنجو رنگ آهي.

Pop موسيقي

1970ع ڌاري ايران پنهنجي Pop موسيقي کي پاڻ وڌايو ۽ ان ۾ برقي گٽار شامل ڪيائين. هن دور جو مشهور موسيقار Googoosh هو، پاپ موسيقي گهٽو جتاءُ نہ ڪيو ۽ 1979ع واري انقلاب بعد ممنوع قرار ڏني ويئي.

Bandari موسيقي

هي پاپ جو قسم آهي، جنهن جون ڪوماٽل پاڙون ڏکڻ ايران جي لوڪ موسيقي ۾ آهن، پنهنجي Fast- Slow چوٽائي سرن جي تال / لئي سبب لوڪ- طريقي جي ناچ لاءِ مناسب سمجهجي ٿو.

Rock موسيقي

ايراني روڪ موسيقي تي مغربي گروپن جي اثر کان علاوه گهڻن ايران جي روايتي قسمن جي موسيقي جو اثر آهي. ڇانيل اثرات ايراني موسيقي جي صوتي منظر ۾ شامل ٿي ڪي نوان پرڪار پڌرا ڪيا آهن.

Hip Hop ميوزڪ

گذريل صديءَ جي آخري چوٿائي ۾ Hep hop موسيقي سياسي رنگ به ورتو. 1970ع ڌاري نيو يارڪ ۾ راڳ ۽ طرز- زندگي جي صورت ۾ اُسري، جنهن ۾ شهري زندگي، هنر، ڪاريگري، فنون ۽ انيڪ جاتين جا مختلف عنصر شامل هئا.

Rap موسيقي

ايراني ريپ موسيقي اڃا به ملڪ اندر توڙي ملڪ کان ٻاهر پرعيان نه آهي، پوءِ به هي نوجوانن جي وڏي پسند آهي.

ايراني موسيقي جا اثرات

هن جا اهڃاڻ افغانستان، تاجڪستان، پاڪستان ڀارت، ترڪي، آذربائيجان ۾ نظر اچن ٿا.

مکيه ساز

دف، بربط، سنتور، تار، نئي، ڪمنچه، تمبڪ، تنبور، دوتار، هارپ

جيتوڻيڪ 1979ع واري انقلاب ايراني ڪلاسيڪل موسيقي کي همٿايو ۽ عام ڪيو، پر اسلام ۽ موسيقي جو ڪڏهين به ميلاپ نه ٿي سگهيو آهي، ان ڪري ڪيترائي قدامت پسند ايراني ويندي ڪلاسيڪل موسيقي جي سادڙي آلاپ ۽ ڪلام کي به پسند نٿا ڪن، عورتن لاءِ موسيقي، شايد سوا ساز وڄائڻ جي، ممنوع آهي.

ايمن ڪلياڻ (راڳڻي)

ڪلياڻ ٺاٽ جي راڳڻي آهي، جيڪا ايمن ۽ بلاول جي ميلاپ مان جوڙيل آهي. هي سمپورن راڳ آهي، امروهيءَ ۾ مڌم شڌ به لڳندو آهي.

آروهي: سا- ري- گا- ما- پا- ڌا- ني- سا

امروهي: ساني ڌي پا مي گي ري سا

هن راڳ ۾ خوبصورتي لاءِ امروهي ۾ گنڌار سان گڏ مڌم ڪومل ڪمزور ڪري لڳائجي.

ڇيڙ: پا- مي- گي- ماگي- ري- ڌي ني ري- سا- ني ني ڌي پا- سا- ڌي سا- ني ري- گي- پا- گي پا- ڌي مي پا- ري- گي ما گي- ري- ڌي ني- ري- سا

ڳائڻ جو وقت: شروع رات.

وادي سُر: گنڌار تيور.

سموادي سُر: نکاد تيور.

ايمني بلاول (راڳڻي)

هي ڪلياڻ ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي آهي. هي هڪ قسم جو بلاول آهي، پر ايمن جو رنگ چٽو اٿس. ٻئي مڌمون هن ۾ شامل آهن. هن ۾ ڪرج وادي سر آهي ۽ پنچم سموادي. آروهي ۾ مڌم تيور هنيون ويندو آهي ۽ انهيءَ ڪري ايمن جو رنگ چٽو ٿيندو آهي، پر امروهي ۾ مڌم شڌ سبب وري بلاول جو رنگ نکري ٿو. بلاول ۾ نکاد وڪر آهي. پر ايمني بلاول ۾ نکاد وڪر سر ناهي. هن راڳڻيءَ جي خاصيت آهي ته ايمن جي شڪل آروهي ۾ ۽ بلاول جي شڪل امروهيءَ ۾ ڏيکاري ٿي. هي راڳڻي ايمن ۽ بلاول جو مرڪب آهي.

آروهي: ساري گا ما گي مي پا ڌي ني ڌي سا

امروهي: سا ني ڌي پا ما گي ما ري سا

ڳائڻ جو وقت: صبح

نوٽ: هن راڳڻيءَ جو ذڪر ڪلياڻ ٺاٺ جي ضمن ۾ راڳ ساگر ۾ تيل ڪونه آهي.

استاد بسم اللهٰ خان تاج دار شرناءِ نواز(شرناءِ نواز)

سال 2006ع جي آگسٽ مهيني جي 21 تاريخ سومر ڏينهن استاد بسم الله خان جي وڇوڙي جي خبر وڏي ڏک ۽ ارمان سان ٻڌي ويئي. استاد بسم الله خان يا بابا بسم الله خان جنهن جو نالو سڄي دنيا، خصوصاً هندستان پاڪستان ۾ وڏي ادب ۽ احترام سان ورتو ويندو هو. ڪيس سنگيت جي دنيا ۾ تاج دار واري حيثيت حاصل هئي. بابا بسم الله خان ڪان اڳ ۾ شرناءِ شادين مرادين ۽ مذهبي رسمن جي موقعي تي وڄائي ويندي هئي. ڪريم جي ڪرم ۽ رات ڏينهن جي رياضت سان بسم الله خان شرناءِ کي مڪمل ڪلاسيڪل ساز جي حيثيت ڏياري. سندس شرناءِ جي کهڙي بات بيان ڪجي تاثير جو هڪ جادو هو، جيڪو ٻڌندڙن تي ڇانئجي ويندو هو. ڇا راڳ ڇا ٺمري جيڪو ڪجھ سندس شرناءِ مان سريلن سرن ذريعي نڪتو امر ٿي ويو.

عطرِ حنا ۽ مشڪِ عنبر جي خوشبو کي پسند ڪرڻ وارو استاد بسم الله خان 1916ع ۾ ڄائو شرناءِ جو سندس استاد سندس ئي مامو علي بخش هو، سندس وڏا بهار جي هڪ رياست ڊمراؤ ۾ درباري فنڪار هئا. سندس ماءُ ننڍپڻ ۾ گذاري ويئي. سندس پرورش بنارس ۾ ماماڻن ۾ ٿي. سال 1930ع ۾ صرف 14 سالن جي عمر ۾ پريل پنڊال ۾ شرناءِ وڄائي ماڻهن جا من موهي وڌائين. پنهنجي پهرين ئي پروگرام ۾ ائين وڄايائين جو واپسيءَ مهل چانديءَ جو تمغو سندس سيني جي سونهن بڻيل هو. پوءِ ته تمغن ۽ اعزازن ملڻ جو هڪ سلسلو شروع ٿي ويو. هندستان جو ٽيون ڪلاسيڪي فنڪار هو، جنهن کي 2001ع ۾ هندستان سرڪار اعليٰ ترين اعزاز ”ڀارت رتن“ سان نوازيو. ان ڪان اڳ ڪيس پدم ڀوشن عطا ٿيو. سنگيت ناٽڪ اڪيڊمي ايوارڊ ماٽيائين. مڌيه پرديش سرڪار ڪيس تانسين ايوارڊ ڏنو. وشوا ڀارتي يونيورسٽيءَ شانتي نڪيتن ڊاڪٽريٽ جي اعزازي سند ڏني. صرف 14 سالن جي عمر ۾ استاد جو لقب، پنڊت جواهر لال نهرو الله آباد ۾ هڪ محفل ۾ عطا ڪيس.

پاڻ سڌو سنئون درويش صفت انسان هو. ايترو نامور هجڻ باوجود پنهنجي شهر بنا رس ۾ ڪڏهن ڪنهن هوٽل جي اڳيان پيالي ۾ چانهه پيئندي نظر ايندو هو ته ڪڏهن ڪنهن دوڪان جي صندل تي ويهي دوستن سان ڪچهري ڪندي ڏسڻ ۾ ايندو هو. سندس سواري سائيڪل رڪشه هوندي هئي.

استاد بسم الله خان جڏهن اڪيلي سر شرناءِ وڄائيندو هو ته به واه واه هوندي هئي. پر جڏهن ڪنهن ٻئي ساز جي جگل بنديءَ ۾ شرناءِ وڄائيندو هو ته پوءِ سبحان الله هوندي هئي. ولايت خان سان ستار، امجد علي خان سان سرود ۽ V.G. Jag سان وائلن جي جگل بندي ۾ وڄايل سندس شرناءِ يادگار جي حيثيت رکي ٿي.

استاد جي شرناءِ مان نڪتل سر هر ڪنهن کي روئاڙي ڇڏيندا هئا، پر جڏهن هي فقير فنڪار محرم مهيني جي اٺين تاريخ، ماتامن جي جلوس گذرڻ وقت، ڪارو ڪڙتو پائي، مٿي اگهاڙو، پيرين اگهاڙو رستي جي ڪنڊ ۾ اڀ پيرو بيهي شرناءِ وڄائيندو هو. ماتامي ياحسين هائي حسين جي وائي ڪندا هئا، استاد جي شرناءِ اوسر وارا آلاپ ڪري روئندي هئي. استاد جي اکين مان ڳوڙها ٽم ٽم ڪري نڪرندا هئا.

نه استاد رهيو نه استاد جي شرناءِ رهي،

رهي ناٺءِ ڏٺيءَ جو. استاد هن دنيا ۾ آيو به 21 تاريخ ۽ ويو به 21 تاريخ.

(مددي ڪتاب : ”جاني پهچاني“ رضا علي عابدي)

باگيسري (راڳڻي)

ڪافي راڳ جي ڪاڍو سمپورن راڳڻي آهي. آروهي ۾ پنچم ورج، امروهي سمپورن اٿس، پنچم هن ۾ تمام ٿورو لڳايو ويندو آهي. گهڻي زور سان پنچم هٽبو ته ڌنا سري جي شڪل اختيار ڪندي. اگر مورڳو پنچم ڪڍيو وڃي ته مشهور راڳڻي سر رنجني ٺهي پوندي. ٻئي گنڌارون لڳن ٿيون. يعني آروهي ۾ تيور ۽ امروهي ۾ ڪومل — راڳ ترنگني ۾ لکيل آهي ته باگيسري، ڌناسري ۽ ڪانڙي مان جڙيل آهي.

آروهي: سا نِا ڌي- نا سا- ماگا- ماڌي — نا سا.

امروهي سا نا ڌي ما- پا ما گا ري سا-

وادي سُر: - مڌم

سموادي سُر- کرج

وقت: ٻيو پهر رات

بانسري (ڦوڪ جو ساز)

بانسري کي، وينا، ۽ ونجلي به چون. هي بانس، پتل ۽ لوهه مان ٺاهي وڃي ٿي. بانس ۽ ڪنگور مان ٺهيل بانسري کي پنهنجو مناج ٺئي ٿو. هي ساز هند توڙي سنڌ ۾ چڱو مقبول ساز آهي. ڦوڪ جو هي ساز ڪلاسيڪل توڙي نيم ڪلاسيڪل طرزن ڪڍڻ ۾ دل لڀائيندڙ آهي. سندس ڪوڪ دل ۾ چيندڙ هجڻ ڪري لوڪ داستانن جو

حصو آهي. پنجاب جو لوڪ داستان هير رانجهو سچو بانسريءَ تي ٻڌل آهن. هندو، ڪيس ڪرشن جي ايجاد چون ٿا. تصويرن ۾ بہ ڪرشن مهراج کي بانسري هٿ ۾ ڏيکاريل آهي، ان مان هن جي قدامت جو پتو پوي ٿو. اڄ ڪلهہ طرزن ۾ ميندڙ ڏيڻ مهل سندس اثر عجيب آهي. سنڌ ۾ ڪوڙ وڄائيندڙ موجود آهن.

بانس يا ڪنگور جي ڏهن کان ٻارنهن انچ ڪاٺيءَ کي اندران پورو ڪري هڪ نلي ٺاهبي آهي. مٿان انچ سوا تي ڦوڪ جو سوراخ هوندو آهي. ان کي "مُک رنڌا" چون، سڄي نليءَ کي "ڏانڊي" چون. وڄاءَ جا ڇهہ سوراخ ڪيڏندا آهن. انهيءَ ڇهن سوراخن واري حصي کي "سوار/ سُوَر رنڌا" چون. مٿيون ڪليل حصو ڪنهن ٻوچ يا ڪاٺ جي ٽڪري سان بند ڪبو آهي، ڦوڪ واري سوراخ جي جاءِ تي "تري" هٽي سولي ڦوڪ سان وڄائين. جيئن الغورن ۾ هوندو آهي. ان کي بين بہ چون.

وڄائڻ واري سوراخ مان ڦوڪ ڏئي: سوار رنڌا جي مٿين ٽن ۽ هيٺيئن هڪ سوراخ کي کولبو تہ سا کرج جو آواز بيهندو. هيٺين سوراخن مان 2 ۽ ٽيون بند ڪيو. رنڌا سوار جي هيٺين هڪ سوراخ کي کولبو، چوٿين جي اڌ ۽ پنجين ڇهين کي کليل رکبو تہ ڪومل رکب- هيٺان کان 2، 3، چوٿون سوراخ بند ڪبو تہ شڌ رکب- هيٺان کان 2،3،4 ۽ پنجين جو اڌ بند ڪبو تہ ڪومل گنڌار- هيٺان کان 2، 3،4، 5، سوراخ بند ڪبو تہ شڌ، گنڌار- هيٺان کان 2،3،4،5، ۽ ڇهين جو اڌ بند ڪبو تہ شڌ مڌم ۽ اهڙيءَ طرح تيور مڌم ڪيڻ لاءِ هيٺان کان 2،3، وٺون ڪليل ۽ 5 ۽ 6 بند رکبا (نقشو شامل آهي).

کي وڄائڻ وارا چون ٿا تہ سڀ سر بند ڪبا تہ کرج جو آواز نڪرندو. هيٺ ڇهين سورراخ جو اڌ کولبو رکب ڪومل ۽ سڄو سوراخ کولبو تہ رکب تيور- پنجين سوراخ مان گنڌار ڪومل ۽ تيور، چوٿين سوراخ مان ٻئي مڌم، ۽ ٽئين سوراخ مان پنچم، ٻئي سوراخ مان ٻئي مڌم ۽ مٿين 6 ڇهين سوراخ يا صفا پهرين سوراخ مان ٻئي نکاد ڪيڍبا آهن. اها ترتيب عام بانسري وڄائڻ جي درست آهي. مگر ڊيگهہ واري وڏي بانسري جنهن جو قطر سوا انچ کان ڏيڍ انچ ٿئي ٿو. ان مان سر نقشي ۾ ڏنل ترتيب سان نڪرندا.

ٻبادي سر (بيان)

هي راڳداريءَ جو لفظ آهي. راڳ ۾ ٻبادي سر اهو آهي، جنهن جي لڳائڻ سان راڳ جي شڪل ڦري خراب ٿي ويندي آهي. جنهن ڪري ٻبادي سر نہ لڳائڻ گهرجن.

ٻپاس (راڳڻي پيرو ناٿ)

پيرو ناٿ جي اوڙو راڳڻي آهي. مڌم ۽ نکاد هن ۾ ورج سر آهن. ڏيوت سر هن ۾ وادي ۽ پنچم نياس جو سر اٿس. هي اترانگ جو راڳ آهن. هيءَ پرکر تي (مانيٽي) راڳڻي آهي، جن بہ راڳن ۾ مڌم ۽ نکاد ورج هوندا آهن. اتي گنڌار ۽ پنچم جو ميل پلو لڳندو آهي. امروهي ۾ مڌم ۽ نکاد ورج هٽڻ ڪري رام ڪلي کان الڳ بيهي ٿي. ريوا ۾ گنڌار وادي ۽ ٻپاس ۾ ڏيوت وادي آهي.

خاص تان: ڌا ڌا پا پا- گي پا ڌا پا- گي را سا- سا را سا- گي پا- پا- ڌا – پا- سا- را گي پا- ڌا ڌا پا- گي پا ڌا پا گي را سا- ڌا ڌا پا

آروهي: سا را گي پا ڌا سا

امروهِي سا ڌا پا گي را سا

وادي سُر: ڌيوت

سموادي سُر: رکب

ڳائڻ جو وقت: صبوح

نوٽ: راڳ ساگر ۾ بياس ۽ ريوا هڪ ئي راڳڻي لکي آهي. وادي سر ڌيوت سموادي رکب ڄاڻايو آهي.

بياس (راڳڻي ماروا ٺاٺ)

هن راڳڻيءَ جا ڪوڙ اصول آهن. جن تي گائجي ٿي. ماروا ٺاٺ ۾ سمپورن آهي. اترانگ تي گهڻو زور اٿس. گنڌار، پنچم ۽ مڌم، ڌيوت جي سنگت رهي ٿي. هن کي بلمپت لئي ۾ ڳائڻ گهرجي. هڪ شاستر ۾ پنچم جو سر نياس ڏيکاريل آهي. مڌم ۽ نکاد ورج ۽ مڌم نکاد جي سنگت ڏيکريل آهي. پر انهيءَ مت سان راڳڻيءَ کي جيت کان الڳ ڪري ڪو نہ سگهبو. پور وانگ ۾ گوري ۽ اترانگ ۾ ديسڪار ملائڻ سان بياس جو روپ نهي ٿو.

خاص تان: پا گي پا- پا ڌي- مي ڌي مي گي – پا گي را سا- ني را گي گي پا گي را سا- پا پا گي را سا

آروهي: سا ر اسا- گي پا ڌي پا – ڌي سا

امروهي: ساني ڌي پا- مي گي- پا گي- پا گي را سا-

وادي سُر: ڌيوت

سموادي : گنڌار

وقت:

هن راڳڻيءَ جو ذڪر راڳ ساگر ۾ ماروا ٺاٺ جي زمري ۾ ڪيل ڪو نہ آهي.

پڪڙ

بحراڻيءَ تي ڇيڄ جو ناچ (ناچ)

دريا پنٿي هندو سانوڻيءَ جي موسم ۾ دريا شاھ تي ناريل جي پيتا چاڙهيندا هئا. ان لاءِ بحراڻو ڪيندا هئا. هڪ نوار جي منجي جنڊي لٺل، ان ۾ وڏو ٿامي جو ٿالھ رکي، اتي مان نهيل ڏيئا سچي گيھ ۾ ٻاري ٿالھ ۾ رکندا هئا. ان سان گڏ مصري پتاشا مٺايون وغيره رکي اگربتيون ٻاريندا هئا. ان سڄي تڪسات کي بحراڻو ڪوٺيندا هئا. پوءِ دهلاري بحراڻو وجت جيڪا تکي ڪلواڙي سان ملندڙ هئي ۽ ٻيا ساز وڄائيندا هئا ۽ دريا پنٿي گهنگهرن سان جنڊي چڙهيل ڏونڪا هٿن ۾ ڪٺي پڙ ڪري ڇيڄ هڻڻ شروع ڪندا هئا ۽ کي جهانجهہ وڄائيندا هئا. ناچو ڏانديا ڏانڊين تي

هٽي ناچ وجهندا هئا. ڪجهه وقت ڪان پوءِ دهلاري ٽڪي ونڻ تي ناچ بند ڪري چوندا هئا ”لال جا بهاتي، جهولي لعل“ ٻيا ٻيئل چوندا هئا ”جهولي لعل“ اهڙيءَ طرح ناچ وجهندا دريا شاهه تي يا ڳوٺ ڪارن ويجهي وهندڙ واهه تي رات جو اهو ٻحراڻي وارو سامان دريا داخل ڪري نچندا ٽپندا واپس ٿيندا هئا. هي مذهبي قسم جو ناچ آهي.

بدهنس (راڳڻي)

ڪماچ ٺاٺ جي ڪاڊو راڳڻي آهي. هي هڪ قسم جو سارنگ آهي. ان ڪري گنڌار سُر هن ۾ ورج آهي. هن راڳ ۾ مڌم واضع لڳائڻ گهرجي. گنڌار ورج هجڻ ڪري هي راڳ سوها ڪان الڳ ٿي بيٺو آهي. پنڊت هن کي بلاول ٺاٺ جي راڳڻي ڪري ٻه لکن ٿا، پر فرق هي آهي جو بلاول ٺاٺ ۾ نکاد تيور آهي، جڏهن ته ڪماچ ٺاٺ ۾ ڪومل.

خاص تان: نا نا پا- ما پا نا پا- ما ما- ري سا — ري ما ما- پا- نا نا پا- ما ري سا-

آروهي: ساري ما پا ڌي نا ڌي پاني سا.

امروهي: پا سا نا- ڌي پا- ماري — سا

وادي سر : پنچم

سموادي سُر: رکب

ڳائڻ جو وقت: ٻيو پهر ڏينهن

راڳ ساگر ۾ هن راڳڻيءَ بابت ڪماچ ٺاٺ ۾ ذڪر ڪو نه ٿو ملي.

براري (راڳڻي)

ماروا ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي، جنهن جي آروهي امروهي سمپورن آهي. هن راڳڻي کي جهولائڻ ضروري آهي. ڪجهه ماروا جي صورت نظر اچي ٿي، پر ماروا ڪاڊو آهي ۽ ان ۾ پنچم ورج آهي. هن ۾ ايئن ڪو نه آهي. براري ۾ مڌم دربل آهي. ان لاءِ گنڌار ۽ پنچم جي سنگت رهي ٿي. سوم ناٿ پنڊت براري کي سمپورن سڏيندي پوربي ٺاٺ ۾ رکيو آهي، رکب ۽ کرج وادي سموادي سُر ڏيکاريا اٿس. گرنٿن ۾ براري جا ڪافي قسم ڄاڻايل آهن. پر رواج ۾ ڪو نه آهن. ڪن جا نالا ڏجن ٿا. شڌ براري 2 ڪنتل براري، 3. درونيڙي براري، 4 سفيدوي براري، 5 اُسپرا براري 6 هٽ براري، 7 هرتاب براري وغيره. سنڌي سنگيت پاريجات ۾ هنن راڳڻين جون چالون ۽ لڇڻ ڏنل آهن. پر ڳائجن نٿيون.

خاص چال: گي- را گي- مي راگي- را سا- پا- مي ڌي مي گي را گي- را- سا

آروهي: سا را گي مي پا مي ڌي سا

امروهي: سا ني ڌي پا مي گي را سا

وادي سر: گنڌار

سموادي سر: ڌيوت

وقت: شام

راڳ ساگرهن راڳڻيءَ جو ذڪر ماروا ٺاٺ جي زمري ۾ ٿيل ڪو نہ آهي.

بربط (ساز)

عربي موسيقيءَ جو پراڻو ساز آهي. چون ٿا تہ يونان مان آيو ۽ فيثا غورس جي ايجاد آهي. هن جي ڪنگي ۾ 40 تارون اهڙيءَ طرح هڻبيون آهن، جو انهن جي ڏيگهہ مٿان ڪان هيٺ سوڙهي ٿيندي ويندي آهي. هي ساز نرم ۽ نازڪ چوب سان وڄائبو آهي.

برڪت علي ڀٽ (راڳي)

سکر شهر جي راڳي برڪت علي، راڳ جي سکيا پنهنجي والد کان ورتي جو سنڌس خاندان صدين کان ڳائڻ سان وابستہ رهيو آهي. بعد ۾ غزل جي وڏي ڳائڻي استاد غلام علي خان لاهور واري جي شاگرديءَ ۾ رهيو. ڳائڻ جي شروعات ڪراچي ريڊئي تان ڪيائين ۽ احمد خان مدهوش جو ڪلام ”جڏهن کان اک لڳي تو سان- سنڌس مشهوريءَ جو سبب بڻيو.

گهڻو ڪري ڏنون پاڻ ٺاهيندو آهي. صوفي شاعرن شاهہ لطيف، سچل، مصري شاهہ کان سواءِ تنوير عباسي، استاد بخاري، شيخ اياز وغيره ڪي ڳاتو اٿائين. K.T.N جو مشهور ڳائڻو آهي. ملڪ کان ٻاهر دبئي هانگ ڪانگ، وغيره ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو اٿس. رسيلو آواز اٿس. سر جو سفر جاري آهي. شام جو هي پهر ناڻءُ اسان جي ڪيو. سنڌس مقبول ترين ڪلام آهي.

برڪت علي خان، استاد ٺمري انگ ۾ غزل ڳائڻ جو باني فنڪار

متحده هندستان ۾ ٺمري انگ ۾ غزل ڳائڻ جو سلسلو استاد برڪت علي خان کان شروع ٿيو. پاڻ قصور ۾ سال 1910ع ۾ پيدا ٿيو. سنڌس تعلق پٽيالہ گهراڻي سان هو. پاڻ علي بخش خان جو پٽ ۽ استاد بڙي غلام علي خان جو ننڍو ڀاءُ هو.

استاد برڪت علي خان راڳداريءَ ۾ ابتدا پڪي راڳ ڳائڻ سان ڪئي. سنڌس پرسوز آواز هلڪي ڦلڪي گائڪيءَ لاءِ وڌيڪ موزون هجڻ ڪري استاد پاڻ کي ٺمري، دادرا، ڪافي، غزل ۽ گيت ڳائڻ لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيو. پاڻ پنهنجي پيءُ علي خش خان جو شاگرد هو. 40 واري ڏهاڪي جي شروعاتي سالن ۾ سنڌس غزل ۽ هلڪي ڦلڪي گائڪيءَ جي شهرت ديسان ديس پهچي چڪي هئي. چراغ حسرت حسرت جي شاعريءَ ۾ سنڌس ڳايل هڪ اردو ماهيي ۾ عجيب قسم جي تڙپ ۽ پڪار آهي.

باغون مين پڙي جهولي. هم تم ڪو نهين ڀهولي“

استاد برڪت علي خان شادي ڪا نہ ڪئي، سنڌس انتقال لاهور ۾ سال 1963ع ۾ ٿيو.

کيس لاهور ۾ دفن ڪيو ويو. سنڌس شاگردن ۾ علي بخش، ظهور ۽ غلام علي ڪافي مشهور آهن.

سندس ڳايل ٺمري ۽ غزلن جا ٻول هيٺ ڏجن ٿا.

1- وي مين مر مٽي هان لک پيجي چٺيا.

2- باجو بند کهل کهل جائي

3- وه جا رها هي ڪوئي – فيض

4- ابنِ مريم هوا ڪري ڪوئي.- غالب

5- وه جو هم مين تم مين قرار تها- مؤمن

6- رتيان ڪدهر گنوائي بالم هرجائي.

مددي ڪتاب:

1- سر سنسار- شهباز علي

2- نقوش لاهور نمبر

بروا (راڳڻي)

ڪافي ٺاٺ جي اوڊو سمپورن راڳڻي جنهن جي آروهي ۾ گنڌار ۽ ڌيوت ورج آهن ۽ امروهي سمپورن اٿس. ٻئي نکادون استعمال ٿين. هي راڳڻي ٻن طريقن سان ڳاتي وڃي ٿي. هڪ طريقو اهو آهي ته ڪومل گنڌار استعمال ڪجي. ٻيو طريقو اهو آهي ته ٻئي گنڌارون هڻجن. ديس سان مشابهت رکندڙ آهي، جڏهن گنڌار سان اترانگ ۾ ايندي- پر خيال هجي ته ديس جي ڌيوت ڪومل آهي، جڏهن ته هن ۾ تيور ڌيوت لڳندو آهي. هي مسلمانن جي ايجاد ڪيل راڳڻي آهي.

تان: گا- ري گا- سا- ري- پا- ري گا- سا- نِا- ڌِي پا- مِا پا- ني سا- سا- ري- ما- پا- ڌي پا- ڌي ما- گا- ري – سا

آروهي: ساري ما پا ڌي ني سا.-

امروهي: سا نا ڌي پا ڌي ما گا ري گا سا

وادي سر: کرج

سموادي : پنچم

بروو سنڌي (سنڌي راڳ)

راڳداريءَ جي ڪتابن ۾ هي سر شامل آهي، پر بروو سنڌي جدا راڳ آهي. رات جي وقت ڳائجي ٿو. ڪافي ٺاٺ مان اصل ڪلاسيڪي راڳ نڪتل آهي. هتي سنڌ ۾ ان کي ٿوري ڦير گهير سان ڳاتو وڃي ٿو. لطيف سائين جو هڪ سُر هن راڳڻيءَ پويان رسالي ۾ موجود آهي. هي اوڊو سمپورن راڳڻي آهي. آروهي ۾ گنڌار ورجت آهي.

آروهي: ساري ما پا ڌاني سا

امروهي: ساني ڌا پا ڌا ما گا ري سا.

بساطن الانس (ڪتاب)

ڊاڪٽر عبدالرشيد هن ڪتاب جو ذڪر ڪيو آهي. هي هڪ هندي ڪتاب جو فارسي ترجمو، اختان هندي دهلوي 726ھ ۾ ڪيو ترجمي ڪرڻ وقت سندس عمر 26 سال هئي. هن ڪتاب ۾ ان زماني جي تفريحي مجلسن ۽ ڏٽن جو ذڪر ملي ٿو، جيڪي ان وقت جا سلطان ملهائيندا هئا. هن دور جي مروج سازن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي، مثلاً چنگ، رباب، بين، دف، نَي، جلاجل، وغيره.

بسنت (راڳڻي)

پوربي ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي جنهن جو وادي سر تار آستان جي سَا آهي. ڳائڻ جو سمو توڙي بسنت جي رت اڻس پر پرچ وانگر رات جي پوئين پهر ۾ به ڳائي سگهجي ٿي. مڌم ۽ گنڌار، جو زور گهٽو رهي ٿو، جيڪو ڪيس پرچ کان الڳ رکي ٿو. ڪي گائڪ پوروانگ ۾ للت جو انگ ڏيکارين ٿا. بسنت ۾ پنچم جو سُر آروهي ۾ نه هڻڻ گهرجي.

خاص تان: مي ڌا- رَا سَا-. رَا ني ڌا پا- مي گي- را سا.

آروهي: سا گي مي ڌا را سا

امروهيِ رَا ني ڌا پا- مي گي- مي گي- را سا

وادي سُر: ڪرج

سموادي سُر:

وقت: فجر مهل

راڳ ساگر ۾ هي راڳڻي ڪاڊو سمپورن ڄاڻايل آهي.

آروهي: سارا گي مي ڌاني سا

امروهيِ ساني ڌا پا مي گي را سا.

بسنت مڪاري (راڳڻي)

هيءَ مشر ميل راڳڻي آهي. ڀيرو ۽ ڀيروي ٺاٺ ملائي ٺاهي ويئي آهي. هن راڳڻيءَ کي پور وانگ ۾ ڀيرو وانگر ڳايو ويندو آهي ۽ اترانگ ۾ ڀيروي وانگر. ڀيرو جو نڪاد تيور آهي، جڏهن ته هن جو نڪاد ڪومل ٿئي ٿو. توڙي جو هن راڳڻيءَ کي گهڻ ماڻهو ڄاڻن ٿا پوءِ به ڳائڻ جي حساب ۾ سني راڳڻي آهي.

آروهي: سا را گي ما پا ڌا نا سا

امروهيِ: سا نا ڌا پا ما گي را سا

وادي سرِ: ڌيوت

سموادي سُر: ڪرج

سمو: صبوح

هن راڳڻيءَ جو راڳ ساگر جي ڀيروي ٺاٺ ۾ ڪو ذڪر نٿو ملي

بلاس خاني ٽوڙي (راڳڻي)

هن راڳڻي کي بلاس خان پٽ تان سين ايجاد ڪيو. هي راڳڻي ڀيروي ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي آهي. ڪٿي ڪٿي ٽوڙي جو انگ ڏئي ٿي. رکب ۽ نکاد جي سنگت رهي ٿي. پنچم گهٽ لڳايو وڃي ٿو.

خاص تان: سا- را نا- ڏا- نا- سا- را- گا- ما گا را- سا- را نا- ڏا- ما- نا ڏا- سا- را نا- سا- را –گا- ما گا را- را- سا-

آروهي: سارا گا را ما گا- پا ڏا نا- سا

امروهي سانا ڏا پا ڏا ما گا را- گا ما گا را سا

وادي سُر: ڌيوت

سموادي سُر: گنڌار

هن راڳڻيءَ جو راڳ ساگر جي ڀيروي ٺاٺ ۾ ڪو ذڪر نٿو ملي.

بلاول ٺاٺ

هن کي شنڪره پرن ميل بہ چوندا آهن. هن جا سڀ سر شڌ آهن.

سا ري گا ما پا ڌي ني سا

ٺاٺ جون راڳڻيون:

بلاول- بهاڳ- ياگرا- ديسڪار- پهاڙي- ڪوڪب- شنڪرا- نٽ- ماند- سر پروا- الَيا- گُن ڪلي- شڪل- نٽ بلاولي- هنس ڌن- لڇا ساک- هيم- دُر گا- نوروچڪا ملوها ڪيدار- ديوگري- جلڌر ڪيدار ۽ پٽ منجري.

بندرا بني (راڳڻي)

ڪافي ٺاٺ جي اوڙو راڳڻي، جنهن ۾ ڌيوت ۽ گنڌار آروهي ۾ ورج آهن ۽ امروهي ۾ صرف گنڌار ورج آهي. ڪي ڌيوت جي لڳي امروهيءَ ۾ ڏيندا آهن. رکب وادي ۽ پنچم سموادي آهن ۽ مڌ ماڌ ۾ نکاد سموادي هجي ٿو. ڪي پندت لکن ٿا تہ نکاد تيور هيشہ هئڻ سان بندرا بني، مڌ ماڌ کان الڳ ٿي وڃي ٿي. ٻئي نکادون لڳن ٿيون، آروهي ۾ تيور ۽ امروهي ۾ ڪومل. هي بہ سارنگ جو قسم آهي.

تان: سا- ري- پا ما ري- سا- نا پا- نا سا- ري- پا ما ري- ما پا- ڌي پا ما ري- سا

آروهي: سا ري ما پا ني سا

امروهي سا نا ڌي پا ما ري سا

وادي سُر: رکب

سم وادي: پنچم

وقت: ٻپهري.

بنگال ڀيرو (راڳڻي)

ڀيرو ٺاٽ جي ڪاڏو راڳڻي آهي. هن ۾ نکاد سر ورج آهي. هي ڀيرو راڳ جو قسم آهي، جنهن جي امروهي ۾ گنڌار ورڪر آهي. هن راڳڻيءَ ۾ ڪرج ۽ ڌيوت جي سنگت رهي ٿي. هن راڳڻيءَ ۾ نکاد ڪو نہ آهي. هن کي تيور سرن ۾ ڪو نہ ڳائبو.

خاص تان: ڌا ڌا – پا – گي ما پا- گي ما را- سا- سا را سا-ڌِا سا- را را سا- گي ما را پا گي ما را- سا گي ما پا – ڌا ڌا- پا- گي ما پا- را گي ما پا- گي ما- را – سا- سا را ڌا- س ڌا – ما پا ڌا- سا- سا را گي ما- را گي ما- پا ما گي پا- را پا گي ما را را – سا.

آروهي: سارا گي ما پا ڌا سا

امروهيِ: سا ڌا پا ما گي ما را- سا (ڪرج ڪان ڌيوت جي مينڊ جي شڪل پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو ان لاءِ ڳائبو سا ڌا.

وادي سُر: ڌيوت

سموادي سُر: رکب

ڳائڻ جو وقت: صبوح

بوڙيندو (ساز)

بوڙيندو مٽيءَ مان ٺهيل ساز آهي. هي ساز تمام اوائلي سازن مان لڳي ٿو. سنڌ جو هي ساز ڪهنو آهي، هي اهڙو ساز ڪو نہ آهي، جيڪو ڳائڻي سان سنگت ۾ وڄائي سگهجي. پر هن جا سُرَ ڏاڍا مٺا ٿين ٿا. وڏي ڪوشش سان يا رياض سان هن مان ڪا ڌن ڪڍي سگهجي ٿي.

بوڙيندو مٽيءَ جي گول ڪينهوڙي وانگر اندران پورو هوندو آهي. انهيءَ ڪينهوڙي جي مٿان هڪ نسبتاً وڏو سوراخ ڪبو آهي ۽ پاسي ۾ ٻہ يا ٽي سوراخ ڪيا آهن. ان کي سڪائي. آويءَ ۾ پچائبو آهي. مٿئين سوراخ تي چَپ رکي، بانسريءَ وانگر وڄائبو ۽ سوراخن تي آنگريون رکي مختلف سر ڪيا آهن.

بوڙيندو سنڌ جي ڏراڙن ۾ مشهور آهي. اهي مال ٻهرائڻ، مال کي پاڻي تي ورائڻ يا وٿاڻ تي آڻن لاءِ وڄائيندا آهن. هن جا سُرَ اَسُر جو ۽ شام جو وڄندي ڏاڍا سهڻا لڳندا آهن. ڦوڪ وارو هي ساز موهِن جي دڙي ۽ شايد ٽيڪسيلا ۽ هڙپہ مان لڌو ويو آهي. ممڪن آ تہ اجا آڳاٽو هجي-!

بهادر ٽوڙي (راڳڻي)

ٽوڙي ٺاٽ جي سمپورن راڳڻي آهي. هن راڳڻيءَ کي صرف مندر ۽ مڌ استان جي سُرن ۾ ڳائڻ گهرجي. لئي بلمپت ۾ راڳ نکري بيهي ٿو. مڌم ۽ رکب جي سنگت رهي ٿي. هي راڳڻي بخشو نائڪ جي ايجاد آهي، جڏهن هو سلطان بهادر گجراتيءَ جي دربار ۾ ملازم هو. سلطان بهادر جي نالي پويان هن راڳڻيءَ جو نالو رکيو ويو آهي.

آروهيِ: ڌا پا ڌا ني سا- را گا- مي پا- ڌاني- سَا-

امروهيِ: سا ني ڌا – مي گا را سا-

واديِ سُر: ڌيوت (مندر ايستان)

سمواديِ سُر: گنڌار (مڌ استان)

بهاڳ (راڳڻي)

بلال ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي آهي. گنڌار سُر وادي اٿس.

آروهي ۾ رکب ۽ ڌيوت سر ورجه آهن. بهاگ جا آروهي ۾ پنج سُر ٿيندا. امروهي سمپورن آهي. هن راڳڻيءَ ۾ جيڪڏهن رکب ۽ ڌيوت سرن تي زور ڏنو وڃي ته بلال کان ڪي قدر علحدگي اختيار ڪري بيهندي: ان لاءِ سنا گويا اهي سردربل رکندا آهن. بهاڳ ۾ نکاد سُر تي بيهڻ ۽ چٽو ڪري ڏيکارڻ سٺو لڳندو آهي.هن ۾ تيور مڌم نه هئڻ گهرجي.

آروهي: نِي سا گي ما پا ني سَا

امروهي: سا ني ڌي پا گي ما گي ري سا

ڳائڻ جو وقت: رات

راڳ ساگر ۾ آروهي ساڳي آهي.

امروهي: سا ني. ڌي پا. ما گي ري سَا. جاٽايل آهي.

بهاڳڙا (راڳڻي)

هي راڳ بلاول ٺاٺ مان آهي. هن کي بهاگ جو قسم سمجهڻ گهرجي. هن جي ڳائڻ جا اصول آهن. هڪ ته بهاگ ۾ نکاد ڪومل هٽبو ته هن راڳڻيءَ جي صورت ٺهندي. ٻيو ته بهاڳ ۾ ٻئي مڌم هٽبا ته بهاڳڙا جي صورت ٺهندي. اها ئي صورت بهاگ ۽ بهاڳڙا ۾ فرق به پيدا ڪري ٿي. وادي سُر گا سموادي سر ني.

آروهيِ ني سا گي ما پا ا ني سا-

امروهيِ سَا ني ڌيپا- نا دي پا مي ما گي ري سا-

ڳائڻ جو وقت: رات جو ٻيو پهر.

ٻيبو خان – استاد (گويو)

استاد ٻيبَا خان استاد گامڻ خان جو ننڍي ۾ ننڍو پٽ شڪارپور ۾ ڄائو. اهو سنه 1904ع هو. سنڌ جو پهريون باقاعدي "ڪافي" جو ڪلاسيڪل راڳي هو جنهن ننڍي ڪنڊ ۾ مشهوري ماڻي. پاڻ مروج فارسي تعليم حاصل ڪئي هئائين. ان ڪري سنڌي ۽ اردو ٻئي زبانون پڙهي ويندو هو. وڏن شاعرن جو ڪلام گهڻو ڪري ياد هوندو هوس.

سندس والد محترم استاد گامڻ، جيڪو پهريون گويو هو، جنهن گهاليان کان خيال جي گائيڪي ننڍي ڪنڊ ۾ آندي. والد جي وفات کان پوءِ هي سين ۾ ننڍو هو. جنهن ڪري گهر جي ڪم جو سڄو بار سندس ڪلهن تي پيو. جو وڏا ڀائر گهڻو ڪري راڳداريءَ لاءِ گهر کان ٻاهر هوندا هئا. ڪم ڪرڻ جي باوجود به جڏهن ڀائر موٽندا هئس ته سندس ڀاڄايون مڙسن کي غلط ڳالهيون ٻڌائي انهن کان مار کيرائينديون هينس. استاد ٻيبي خان ڀاڄاين جي رويي کان

تنگ تي شڪارپور مان گامڻ خان جي هڪ حلالي شاگرد وٽ ڪوئٽه هليو ويو ۽ پيٽ گذر لاءِ هڪ ٿيئٽر ۾ ڪم ڪرڻ لڳو ۽ رياض به جاري رکيائين. ان رياض ۾ گامڻ خان جو شاگرد سندس نوڪ پلڪ سنواريندو هو. اتي رياض ۾ ڪيس ٻارنهن سال لڳي ويا. چون ٿا ته هڪ ڏينهن استاد جوڳ جو رياض پيئي ڪيو ته نانگن جو جوڙو اچي سندس پرسان جهومڻ لڳو. اوچتو استاد وٽ شاگرد چانهن کڻي آيو. جنهن اهو حال ڏٺو. جنهن ڪيس ڪنهن نموني رياض جاري رکڻ جو چيو ته جيئن نانگ رياض بند ڪرڻ ڪري ڪيس ڪو نقصان نه رسائين. استاد جون اکيون ان وقت ٻوٽيل هيون. ٻيبي خان جي همت افزائي ۾ انهيءَ ڪوئٽه واري گامڻ خان جي شاگرد جو وڏو هٿ رهيو جلد ئي استاد ٻي ٻي خان يڪتارو ڪنيو ۽ ڪافي ڳائڻ جي حوالي سان سنڌ ڪشمير پنجاب ۽ هندستان جي حصن جو سير ڪيائين. ٻيبا خان جو ويس فقيراڻو، ڏاڙهي وڌيل. جبو پاتل هلندو رهيو ڳائيندو رهيو. ٻارنهن سالن جي طويل عرصي ڪان پوءِ هڪ شاديءَ جي محفل ۾ خانصاحب جا ٽئي پيائر به دعوتي راڳي طور لٿل هئا. ڪاج ڏٺي استاد مبارڪ علي، مراد علي خان ۽ علي محمد خان کي چيو ته اسان وٽ هڪ فقير راڳي لٿل آهي، اوهان اجازت ڏيو ته به ڪلام انهيءَ کان ڳارايون. پوءِ رات اوهان جي آ. هنن اجازت ڏني. اتي فقيري ويس ۾ ٻيبو خان ظاهر ٿيو پر پيائرن کي سڃاڻپ ۾ نه آيو. جڏهن هن راڳ شروع ڪيو ته مبارڪ علي خان پنهنجي ننڍي ڀاءُ علي محد خان کي چيو ته علي محمد،انهيءَ فقيرجي ڳائيڪي ڀلي سنڌي رنگ ۾ هجي پر انداز پنهنجي گهراڻي جي انداز سان ڪيترو نه ملي ٿو. انهيءَ وچ ۾ ٻيبي خان ٻيو ڪلام شروع ڪيو، جنهن ۾ ڪلام جي بيهڪ ۽ نهراءُ ڪلاسيڪل هو. آخر ڪلام ختم ٿيو ته مبارڪ علي خان ڪائنس پڇيو ته اي نوجوان فقير تون ڳائين اسان جي گهراڻي جي راڳداري ٿو. ڪنهن وٽان سکيو آهين. ٻيبي خان روئي ڪين ٻڌايو ته پاڻ ٻيبي آهي، جنهن کان پوءِ پائر ڪيس پرچائي گهر وٺي آيا. استاد ٻيبي خان پنهنجي دور جو وڏو ڪلاسيڪل سنڌي گويو هو. هن جا ڪيترائي رڪارڊ هز ماسٽرس وائيس وارن رڪارڊ ڪيا. سنڌ مان پهريون راڳي جو آل انڊيا ريڊيو تي هر مهيني پروگرام ڪرڻ ويندو هو. جنهن جا ڪيس 99 رپيا معاوضو ملندو، جيڪو ان زماني يعني 1935ع ۾ وڏي ڳالهه هئي. استاد ٻي ٻي خان ڪلاسيڪي نيم ڪلاسيڪي، ٺمري درپد، خيال، ٽپه، ڪافي ڪلام سنڌي ۽ سرائيڪي کان سواءِ پشتو ۽ فارسي ۾ به ڳائيندو هو. سندس چوڻ هو ته گويي کي پسارڪو هٽ هئڻ کپي ۽ نينهن جي علم مان ڪنهن به اجارو موٽائڻ نه گهرجي. اهوئي سبب آهي جو سندس شاگردن جو تعداد تمام گهڻو آهي. جن ۾ استاد غلام رسول، استاد قدرت الله، هاشم ڪچي، منو ڪچي، استاد صالح ساند، هادي بخش خان، مائي الهه وسائي، وغيره ۽ هم عصرن ۾ الهڏنو نوناري، جيڪو عاشق علي خان جو شاگرد هو. پر ٻيبي خان کان ڏاڍو متاثر هو. يا خير محمد خان جيوڻي ڀائي جو استاد هو. منو ڪلهوڙو، سونو خان بلوچ، سيد قاسم علي شاهه، رمضان واڍو، جمعو صافو سندس هم عمر هئا، پر سندس ڪاپي ڪندا هئا. ٻيبي خان درويش صفت انسان، فقيرن، اوليائن، درويشن، قطبن ۽ مجذوبن سان اٿندا ويهندا هئا.

استاد ٻيبي خان مسلڪ جي اعتبار کان پنهنجي خاندان ۾ پهريان ڪارا ڪپڙا پائيندڙ شيعه هئا. جڏهن سندن والد گامڻ خان سني طريقي تي پنج وقت نمازي هئا. نماز فجر کان پوءِ رياض تي ويهندا هئا. پاڻ اُچ شريف جو

مريد ٿيو. سڄي محرم ۾ امام حسين عليه السلام جون رباعيون ڏوهيڙا، ۽ ذڪر بنا ڪنهن في وٺڻ جي ڪندا هئا.

بيبا خان قريشي جي گهر تي پهرين محرم تي نياز ٿيندو هو.

حضرت قلندر لال شهباز جي ميندي تي 12 ٻارنهن سالن تائين پيرين اگهاڙو، هٿ ۾ تانبورو کڻي چونڪيون ڏيندو هو. اهڙي نموني شاهه صاحب جي ميلي ۾ حاضري ڏيندا هئا. تڏهن ريڊيو ڪو نه هو، ڳائڻ وارو هڪڙو بيبو، ٻڌڻ وارا هزار. سو هن درگاهه لاءِ ڏينهن مقرر ڪيائين. جيئن جمعي جو ڏينهن سخي تاج رحه تي، چنچر 3 نمبر تلاءَ جي مصري شاهه جي درگاهه تي، آچر تي پڪي پير تي، سومر تي نهال شاهه تي، اڱارو خاڪي شاهه جمال شاهه تي، اربع تي بوچالي شاهه تي، ۽ خميس تي گهٽن درگاهن تي راڳ ڪندا هئا. استاد بيبو خان جي هن فاني دنيا مان لاڏاني جي حوالي سان تمام مشهور. واقعو آهي ته پاڻ جيئن ته معمول موجب سومر ڏينهن گل شاهه بخاريءَ تي چونڪي ڏيئي رهيا هئا ۽ سندس پٽ استاد نياز حسين به ساڻس گڏ هو ته اتي موجود سيد محبوب شاهه چيو ته بيبي خان جي پنيان به ملائڪ بيٺا آهن. ڪيس وٺيو پيا وڃن. جڏهن ته بيبا خان عروج تي ڳائي رهيو هو. ان محفل ۾ رمضان واڍو، بخشو واڍو وغيره به ويٺل هئا.

استاد بيبا خان سومر ڏينهن 25 مارچ 1952ع تي وصال ڪيو.

بيجو باورا (گائڪ)

بيجو باورا هندستاني سنگيت ۾ 16 صديءَ جو هڪ عظيم نالو ٿي گذريو آهي. پاڻ مغلِ اعظم اڪبر بادشاهه (1605- 1556ع) جي دربار سان لاڳاپيل هو. ڪيس ڌرپد گائڪيءَ جو باني سمجهيو وڃي ٿو.

ميان تانسين ۽ نائڪ بخشو سندس هم عصر گائڪ هئا. بيجو باورا سوائي هري داس جو شاگرد هو.

بيجو باورا ۽ ميان تانسين جي معرڪي بابت هندستان ۾ سال 1953ع ۾ هڪ فلم ٺهي، چڪي آهي.

بيدل مسرور (راڳي)

بيدل بخش ولد غلام علي مسرور بدوي 11 جولاءِ 1947ع ۾ شڪارپور ۾ ڄائو. سندس والد غلام علي مسرور وڏو شاعر ۽ راڳي هيو. گهر جي ماحول ڪيس اديب سان گڏ راڳي به بنائي ڇڏيو. پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم شڪارپور مان حاصل ڪيائين. سنڌي ادب ۾ ايم اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان 1974ع ۾ ڪيائين. ڳائڻ ۾ سندس استاد والد ڪان سواءِ ارباب خان ڪوسو هو. 1972ع کان ريڊيو ۽ ٽي وي تان ڳائڻ جي شروعات ڪيائين. مان ڏوهي هان- مان ڏوهي هان“ شيخ اياز جي گيت ڪيس مشهوري ڏني. سنڌ جي محفلن ۾ قومي گيتن ڳائڻ واري قومي راڳي طور سڃاتو ويندو آهي. هن وڌ ۾ وڌ شيخ اياز ۽ استاد بخاريءَ کي ڳاتو آهي. ڏيڍ سو کان مٿي ڪلام ڳائي چڪو آهي. ان کان سواءِ هُو سنو ڪهاڻيڪار ۽ ناول نويس به آهي. بيدل مسرور پي ٽي وي تي اسسٽنٽ پروڊيوسر جي حيثيت سان ڀرتي ٿيو ۽ پروڊيوسر بڻيو. مخزن پروگرام جيڪو اڳ ۾ هارون رند ڪندو هو، اهو ڪيائين. مهراڻ ميگ سر جو سفر، سڳنڌ- سرتيون وغيره سندس سٺا پروگرام هيا. هن ميڙن تي فنڪارن کي ٽي ويءَ تي متعارف ڪرايو، جن

۾ ثمينہ گڏي، مهتاب بلوچ، فوزيہ سومرو خاص آهن. سندس ڇهہ ڪيسٽن جا البم رليز ٿي چڪا آهن. هن کي فني مهارت طور سنڌ گريجوئيٽ ايوارڊ، براهوي ادبي اڪيڊمي ايوارڊ، گل آرٽ پروموٽرز ايوارڊ 1999ع، 2000ع ۽ 2001ع لاءِ پي ٽي وي ايوارڊ مليا. سندس شاگردن ۾ رحمان مغل، سنڌ جو وڏو قومي راڳي آهي. سندس بي شادي ٽي وي جي بهترين اداڪاره بينا سان ٿي. بيدل کي 5 پٽ ۽ ٻہ نياڻيون آهن. سر جو سفر اڃا جاري آهي.

بيگم اختر (گائڪا)

بيگم اختر انڊيا جي رياست اتر پرديش جي شهر فيض آباد ۾ سال 1910ع ۾ ڄائي. هڪ ٻي روايت مطابق سندس پيدائش جو سال 1919ع آهي. ابتدا ۾ اختري ٻائي فيض آباديءَ جي نالي سان ڳائيندي هئي، بعد ۾ بيگم اختر جي نالي سان مشهور ٿي. پاڻ ڪجهہ فلمن ۾ بہ ڪم ڪيائين.

بيگم اختر راڳ جي شروعاتي تعليم پٽنہ واري سارنگي نواز امداد خان کان حاصل ڪئي، جڏهن تہ ڪلاسيڪي موسيقيءَ جي تعليم استاد عبدالوحيد خان ۽ پٽيالہ واري عطا محمد خان کان حاصل ڪئي. ڪيس غزل ڳائڻ ۾ پوري مهارت حاصل هئي. پاڻ ملڪہ غزل سڏي ويندي هئي. سندس شادي لکنئو جي هڪ معزز بئيريسٽر اشفاق احمد عباسيءَ سان ٿي.

بيگم اختر کي هندستان سرڪار پدم شري ايوارڊ عطا ڪيو، جڏهن تہ پدم ڀوشن سندس وفات کان پوءِ ڪيس مليو. ڪيس سنگيت ناٽڪ اڪيڊمي ايوارڊ سان بہ نوازيو ويو. سندس آواز ۾ رڪارڊ ٿيل.

آخري غزل "محبت ڪرني والي ڪم نہ هونگي" هو.

سندس وفات احمد آباد ۾ ٿي، جتي پاڻ آل انڊيا ريڊيو جي رڪارڊنگ جي سلسلي ۾ آيل هئي. سندس وفات جو سال 1974ع آهي. بيگم اختر جي ڳايل ڪجهہ مشهور غزلن جا ٻول هيٺ ڏجن ٿا.

1- اي محبت تيري انجام پہ رونا آيا

2- ميري هم نفس ميري هم نوا

3- زندگي ڪا درد لي ڪر انقلاب آيا تو ڪيا

4- بس اڪ جهجهڪ هي يہ ٻي حالِ دل سناني مين

5- ڦر مجهي ديده تر ياد آيا- غالب

بين (ساز)

هي قديم سنگيت جو ساز آهي. روايت موجب مهاديو پار پتي کان متاثر ٿي اهو ساز بنايو هو. ان جون چار شڪليون مشهور آهن. 1- دوربين، 2- نارد بين، 3- سر سوتي بين، 4- وچتر بين (وچتر وينا جو احوال ڏنل آهي) هي ساز ٻن تنبن تي ڏانڊو لڳائي ٺاهيندا آهن. ڪنهن ۾ پردا بہ ٿين، ڪنهن ۾ پردا ڪو نہ بہ ٿين. ڪنڌ جي ٽيڪ تي ڪڏهن فرش تي ٻئي تنبا جهلي وڄائيندا آهن. هي تاري جو ساز آهي. هي ڏهن ئي آڱرين سان وڄائبو آهي. ساڄي هٿ

جي چئن آنگرين ۾ مچيءَ جي چلرن جهڙا چلڪا پاتا آهن. جن کي مضراب چئبو آهي. بين ۾ اٺ تارون ۽ 19 پردا ٿين. سازن ۾ سڀ کان ڏکيو ساز بين ٿئي.

بين (ساز)

هي شرناءِ جو ساٿي ساز آهي. هي چئن بينن تي مشتمل هوندو آهي. هن جي وچ تي چمڙي وغيره جي هڪ ٿيلهي نهيل هوندي آهي، جنهن مان چار بينون ۽ هڪ ڦوڪ ڏيڻ جو نڙ نڪرندو آهي. انهن چئن بينن مان ٽي مٿئين پاسي ۽ هڪ هيٺئين پاسي هوندي آهي، مٿين ٽنهي مان هر هڪ جو آواز مکيہ بين جي کرج، پنچم، ۽ مڌم سان مليل هوندو آهي. باقي هيٺين لڙڪيل بين مکيہ هوندي آهي، مکيہ بين م شرناءِ وانگر ڇهہ سوراخ ٿين. پنجين نلڪي ذريعي انهيءَ ڳوٿريءَ ۾ وات سان هوا ڦوڪي ويندي آهي. جتان تناسب سان چئن ئي بينن کي هوا ملندي آهي. مکيہ بين تي آنگرين هلائڻ سان مختلف سر ڪڍيا ويندا آهن. هوا جي ڳوٿريءَ مان هڪڙو فائدو ٿئي ٿو جو وڄائيندڙ کي الغوزي وانگر هوا کي قابو ڪري وري اچلائڻ جي تڪليف نٿي ڪرڻي پوي. وڏي ساز هئڻ ڪري ڪڇ ۾ رکي وڄائبو آهي. وڄائڻ وارو هڪ ڦوڪ ڏيئي ڳوٿريءَ ۾ هوا پري ٿو ڇڏي. جا ايستائين ڪپندي رهي ٿي، جيستائين هُو ٻي ڦوڪ پري.

فني طور هي ساز راڳڻين جي صورت ظاهر ڪرڻ ۾ ناقص آهي، پر شرناءِ جي پنيرائي ۽ لئہ قائم ڪرڻ ۾ خاصي مدد ڏئي ٿو.

بيگم پروين سلطانہ

پروين سلطانہ آسام جي Nowgong ۾ سال 1950ع ۾ پيدا ٿي. سندس پيءُ جو نالو الڪرام المجيد هو، جناب اڪرام المجيد ڪراچيءَ واري گل محمد خان ۽ خانصاحب بڙي غلام علي خان جو شاگرد هو.

پروين سلطانہ راڳ جي ابتدائي تعليم پنهنجي پيءُ جناب اڪرام مجيد ۽ ڏاڏي جناب محمد نجف خان (مشهور رباب نواز) کان حاصل ڪئي. آسام ۾ Achmrya chinmoy lahiri جي شاگرديءَ ۾ بہ رهي.پروين سلطانہ جي ڪاميابيءَ ۾ وڏو ڪردار سندس استاد ڪرانہ گهراڻي واري دلشاد خان جو رهيو آهي، جنهن جي تربيت ۾ رهڻ کان پوءِ موجوده مقام تي فائز ٿي آهي.

پروين سلطانہ پهريون دفعو 12 سالن جي عمر ۾ سدا رنگ نالي موسيقيءَ جي هڪ ميلي ۾ شرڪت ڪئي.

سندس گائڪي ۾ راڳداري تہ تمام گهٽي آهي، پر سندس گاني ۾ تاثير پيدا ٿي ڪو نہ سگهيو آهي. پروين سلطانہ کي پدم شري جو اعزاز حاصل ٿي چڪو آهي. تانسين ايوارڊ بہ ملي چڪو آهي.

ٻيلڻ (لوڪ گيت)

ٻيلڻ خاص طور تي ڪاڇي جو لوڪ گيت آهي. نظم ۽ مضمون جي لحاظ کان لولي سان ملندڙ آهي، پر ٻنهي ۾ آلاپن جو فرق آهي، ٻيلڻ ٻن مصرعن وارو نظم آهي، جنهن جي ٻي مصرع کي لاهڻي وقت ٻيو دفعو يا

ٻيليندا، آلاپيندا، جنهن ڪري غالباً ٻيلڻ نالو پيو. هي گيت مرد توڙي زالون جدا جدا موقعن کي آلاپين. زالون پيرون چونڊيندي. مرد ڊگهي مسافري يا اسر جو اُٿ لڏڻ وقت سر سان آلاپيندا آهن.

مثال: -

ٻيلڻ وي هُڻ تيڏي ٻيلڻ ٻيني ڳاوي

رمزان دي ماري کهڙي يارڙي چاوي.

ٻيلڻ وو ...

ٻيلُون چونڊيندي ڪِرپئي آن چانُ تي.

بوچڻ سهٽل دا.. چڪ گهتيندي آن هانُ تي.

ٻيلڻ وو.

پارت سنگيت وديا (ڪتاب)

پارت سنگيت وديا نالي هندو ستان جي ويدڪ دور کان وٺي جديد دور جي سازن تي لکيل ڪتاب لوڪ گرنٿ مالا سلسلي جو 346 هون ڪتاب، ڊاڪٽر لال ماني مسرا جو لکيل آهي. هن جو پهريون ڇاپو 1973ع ۾ ڇپيو ۽ ٻيو ڇاپو 2002ع ۾ دهليءَ مان شايع ٿيو. ڊاڪٽر مسرا هي ڪتاب هنديءَ ۾ لکيو. هن جو انگريزي ترجمو هند سرڪار ڪرائي رهي آهي. هن ۾ ڪل 14 باب آهن. جن جو مختصر تفصيل هيٺ ڏجي ٿو. هي باتصوير ڪتاب آهي.

1- پهرئين باب ۾، ڳائڻ، وڄاڻ، نچڻ ۽ سازن جي جنسن بابت وچور ۽ تفصيل ڏنا ويا آهن.

2- باب ٻئين ۾ سنگيت ۽ ان سان واسطو رکندڙ موضوعن تي بحث ڪيو ويو آهي.

3- باب ٽيون تال وديا بابت آهي.

4- باب چوٿون آواند وديا يعني آواز بابت آهي.

5- باب پنجون شيشر وديا- يعني ڦوڪ يا هوا وارن سازن بابت آهي.

6- ڇهون باب- گهن وديا- يعني ضرب وارن سازن بابت ڄاڻ ڏنل آهي.

7- باب ستين ۾ جل ترنگ، گهنگهرو نگ، ڪَنس ترنگ وغيره بابت ڄاڻ ڏنل آهي.

8- اٺين باب ۾ نون، پراڻن ۽ وچين زماني جي سازن وچ ۾ فرق جو جائزو ورتو ويو آهي.

9- نائين باب ۾ جديد سازن جي اوسر تي تفصيلي بحث ڪيو ويو آهي.

10- ڏهين باب ۾ سازن جي بناوت تي بحث ڪيو ويو آهي.

11- يارهين باب ۾ لوڪ سازن جو تفصيل ڏنو ويو آهي.

12- ٻارهين باب ۾ جديد سازن جي سنگيتي ويڪر، پهچ ۽ اثر انگيزي بابت لکيو ويو آهي.

13- تيرهين باب ۾ سازن جي شڪل صورت ۽ بيهڪ بابت ٻڌايو ويو آهي.

14- چوڏهين باب ۾ هندوستاني سازن جي اوسر بابت لکيو ويو آهي.

پانو متي (تال)

هي 11 ماترائن جو تار آهي. ڪل ٽئن حصن ۾ ورهايل آهي. پهريون حصو 5 ماترائون باقي 3 حصہ ٻہ ٻہ ماترا رکن ٿا. سم ڪان سواءِ 6، 8 ۽ 10 پريا تال آهن.

ٺيڪو:

[1]ڏا [2]ڌن [3]نڪ تُن [4]نا[5] - [6]ڌُم [7]ڪٽ - [8]تٽ [9]ڪٽ- [10]گِد [11]گن.

(2) (3) (4)

ڀائي لعل محمد استاد

ڀائي لعل محمد 1887ع ۾ امرتسر ۾ ڄائو. سندس تعلق ربابي گهراڻي سان هو. ڪيس امرتسر ۾ ميوزڪ جو اسڪول هوندو هو. هو امرتسر جي پاسبان چوڪ تي رهندو هو. استاد ڀائي لعل خان گڏريل وقت جي فقير موسيقارن وانگر پنج وقت نمازي ۽ تهجد گذار شخص هو. 1919ع ۾ هن محبوب علي ستار نواز کان موسيقي جي تعليم حاصل ڪرڻ شروع ڪئي. 1921ع ۾ هو هندستان جي مشهور ڪلاسيڪي گويي پنڊت ڀاسڪر راؤ جو شاگرد ٿيو. استاد لعل محمد ۽ پنڊت ڀاسڪر ٻئي هم عصر گويا هئا. ٻنهي گوين مسلمان موسيقارن کان موسيقي جي تعليم ورتي هئي. تنهن ڪري ٻنهي ۾ مسلمان گوين جا گڻ موجود هئا. ٻئي وڏين موسيقي جي ڪانفرنسن ۾ حصو وٺندا هئا تہ ڪڏهن ڀائي لعل محمد تہ ڪڏهن ڀاسڪر گرءِ کٽندو هو. پر پوءِ ٻہ لعل محمد، ڀاسڪر جي گائڪي جي انگن کان گهڻو متاثر ٿيو ۽ سندس شاگردي ورتائين. 1922ع ۾ ڀاسڪر ديهانت ڪيو تہ ٻہ لعل محمد سڄي ڄمار ڪيس پنهنجو استاد مڃيندو رهيو. استاد ڀائي لعل کي 1925ع ۾ شڪار پور سنڌ جي هڪ ميوزڪ ڪانفرنس ۾ سنگيت ساگر جو لقب مليو. واقعي هو هو ٻہ سنگيت جو سمنڊ، وري اهو لقب هندوستان ۾ ڪنهن کي ٻہ نہ مليو هن پنهنجي سموري حياتي هن علم کي سکڻ ۾ گذاري ڇڏي.

استاد ڀائي لعل محمد جو والد ميان عطا محد، استاد بني خان صاحب جو شاگرد هو، ۽ استاد بني خان حدو خان ۽ حسو خان جو شاگرد هو. حدو خان ۽ حسو خان گواليار گهراڻي جا گائڪ هئا. تہ لعل محمد ٻہ پنهنجي والد معرفت گواليار گهراڻي جي رنگ جي گائڪي ۾ ڪمال حاصل ڪيو. استاد ڀائي لعل محمد پنهنجي پٽ نثار حسين خان ۽ غلام حسن شگن کي موسيقي جي تعليم ڏني. نثار حسين خان 21 سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويو. جڏهن تہ غلام حسين شگن پاڪستان ۾ گواليار گهراڻي جو نمائندو گائڪ شمار ڪيو وڃي ٿو. 1935ع ۾ استاد لعل محمد لاهور ۾ موسيقي جو اسڪول کوليو. هندوستان جي رياستن جي والين ڪيس پاڻ وٽ ملازمت جي پيش ڪش ڪئي پر هن جي خود دار طبيعت، انهيءَ ڳالھ کي ڪڏهن ٻہ گواره نہ ڪيو. ڪجھ عرصو ڪولمبيا رڪارڊنگ ڪمپنيءَ ۾ بحيثيت ڪمپوزر ٻہ ڪم ڪيائين. هن پنجاب جي لوڪ گيتن جي موسيقي ترتيب ڏني. مشهور هڪ گيت لنگھ آجا پتڻ چنه دا او يار" سندس ڪمپوز ٿيل گيت آهي. سندس شاگردن ۾ بينڊ ماسٽر جهانگير خان، ڪلارنٽ نواز عالم گير خان، سنتو خان، صوفي خدا بخش قادر فريدي، لوڪ گلوڪار سائين اختر، محمد علي فريدي. قوال ۽ هندوستان جو

مشهور اداڪار اوم پرڪاش تمام گهڻو مشهور آهن. ڪيس درباري شاهانه، غار ۽ ديسي ٺوڙي تي عبور حاصل هو. پاڻ ورهاڱي وقت 1947ع ۾ پاڪستان آيو. زيد- اي بخاري جيڪو ريڊيو پاڪستان جو ڊائريڪٽر جنرل هو، تنهن ڪيس لاهور ريڊيو تي رکيو. ڪجهه عرصي ڪان پوءِ سمجهيو ويو ته اڄ هن جو ڪو به مصرف ڪونهي، ۽ بيڪار وينو آهي ته نوڪريءَ ڪان جواب ڏئي ڇڏيائونس. عمر جي آخري حصي ۾ ڪيس ساهه ڪڻڻ جي تڪليف ٿي پئي ۽ آواز به ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنس ته ڳائڻ ڇڏي دلربا ساز وڄائڻ شروع ڪيائين. ڪيس دلربا وڄائڻ ۾ به مهارت حاصل هئي. پاڻ 24 نومبر 1962ع ۾ وفات ڪري ويو.

پٽيار (راڳڻي)

ماروا ٺاٽ جي سمپورن راڳڻي آهي. هن ۾ مڌم جو سر نياس آهي ۽ ڇتو ڏيڪارٽو آهي. للت، ڪالنگڙه ۽ پرچ جي ميلاپ مان هي راڳڻي جڙي آهي. اترانگ ۾ ڪتي مانڊ جو انگ نظر ايندو پر مانڊ ۾ رکب تيور آهي ۽ پٽيار ۾ رکب ڪومل آهي. چون ٿا ته هي راڳڻي راجه پرتري جي بنايل آهي. هن راڳڻيءَ ۾ گنڌار پنچم ۽ ڏيوت مڌم جي خوبصورت سنگت رهي ٿي. ڪماچ ٺاٽ ۾ به هي ڳاتو وڃي ٿو. آروهي ۾ نکاد دربل ۽ امروهي ۾ وڪر آهي.

خاص چال: سا- ڏي ڏي – پا ما- ما- پا گي- سا- ما – ما پا گي ڏي سا ڏي

آروهيِ: سا را سا- گي مي ڏي سا

امروهيِ سا ني ڏي پا- ما- گي مي گي- را سا

وادي سُر: مڌم (زوردار)

سم وادي سُر:

وقت: آڌي رات ڪان پوءِ

پڪار (راڳڻي)

ماروا ٺاٽ جي سمپورن راڳڻي آهي. هي اترانگ جي راڳڻي آهي. هن ۾ مڌم ۽ نکاد جا سُرَ آهن، ان لاءِ ماروا ٺاٽ جي بياس راڳڻيءَ ڪان الڳ بيهي ٿي. ڪي گائڪ ٻئي مڌمون هٽي ڳائين ٿا. ان ڪري به راڳ جي صورت الڳ ٿي بيهي ٿي.

خاص تان: ني سا- گي ما- پا – ما- پاگي- را- سا- گي- ماگي- پاگي- را سا.

آروهي: سا را سا- گي مي ڏي سا

امروهي: سا ني ڏي پا- ما گي مي گي- را سا

وادي سُر: پنچم

سم وادي: ڪرج

وقت: رات جو ٽيون پهر

ڀڳت

ڀڳت موسيقيءَ جو اهو نج سنڌي نمونو آهي، جنهن کي ستاءَ ۾ پيشڪش جي لحاظ کان نہ داستان گوئي جي زمري ۾ آڻي سگهجي ٿو نہ مروج ۾ نج موسيقيءَ جي ڳاڻاٽي ۾. ائين ڪٿي چئجي تہ داستان کي موسيقي جي سهاري سان اهڙيءَ ريت پيش ڪجي جو ٻڌندڙ ۾ ڏسندڙ جي ذهن کي ڇُهي. ڀڳت داستان گوئي جو پراڻي ۾ پراڻو سنڌي "ٻڌائڻ Narratvie جو انداز آهي. ائين چئجي ڪٿي تہ ڀڳت سنگيت جي هڪ اهڙي روايت آهي، جيڪا مختلف ارتقائي مرحلا طئہ ڪندي اڄي ناٽڪ جي مختلف صورتن تي بيٺي آهي. هي هندو تهذيب جي ڪٽڪ وانگر آهي. جو تہ ان جي تاجي پيٽِ ۾ ڏوهيڙن، بيتن، ۾ ڪافين جي ذريعي جيڪا اٿاوت ٿئي ٿي، اها اگرچہ سنڌي هنر جو خالص نمونو آهي، پر ان جو بنياد اصولي طور ڪٽڪ جهڙي فني بندش ۾ هزارن سالن جي قديم فن تي آهي. ڀڳت کهاڻي ٻڌائڻ جو هڪ انداز آهي، جنهن ۾ مُک ڪلاڪار ٿئي ٿو ۾ ٻيا مددي يا اوناڻي جو آواز ڏيندڙ ٿيندا آهن. مُک کهاڻي ٻڌائيندڙ پهريان نثر ۾ کهاڻي ٻڌائيندو. پوءِ پنهنجن مددگارن جي مددي آوازن سان کهاڻي جي درميان مڪالمن کي نثر ۾ تہ ڪٿي نظم ۾ ظاهر ڪندو ويندو. کهاڻي اندر هڪ کهاڻي هوندي آهي، جيڪا ٻڌندڙ کي دنيا وي جهنجهٽن کان آزاد ڪري، هڪ تصوراتي دنيا ۾ پهچايو ڇڏي. آواز گهڻو ڪري ڪجهہ پختا ۾ باقي نوخيز ۾ لچڪيدار ٿين.

ڀڳت جي ٽولي ۾ گهڻو ڪري ڇئن کان ستن تائين هڪ ٽولو فنڪار ٿين/ ٿئي ٿو ۾ سڀ سُر ۾ تال جا پڪا ٿين ٿا- مک راڳداري ۾ داستان گوئي جو ماهر ٿئي ٿو. هڪ ڄڻو هارمونيم تي، ٻيو پکواز تي ٻہ يا وڌيڪ ننڍي ٺهيءَ وارا گهڻو ڪري سنا ناچو هوندا آهن. جن جو آواز تہ منو هوندو ئي آهي، پرنچي بہ سنو سگهندا آهن. ڀڳت گهڻو ڪري رات جي ٻئي پهر ۾ پوي. هوئڻ ڪو وقت مقرر ڪو نہ آهي. مشهور ڀڳتن ۾ ڀڳت ڄينا رام ڪوڪرن ٽڙن وارو. ڀڳت رتن چند- ڀڳت ڄينا رام ابجي وارو، ڀڳت سدا نند. مولراج ملير وارو- ڀڳت ديوداس مانجهندن وارو- ڀڳت مير محمد ڪنير دادوءَ وارو- ڀڳت ماٽڪ ڪتي نواب شاهہ وارو- ڀڳت رامداس، ڀڳت واويٽسي رام- ڀڳت آئلرام قليلي وارو- ڀڳت راءِ سنگ کهري جي ڳوٺ وارو- ڀڳت ايسرداس تاراچند حيدرآباد وارو ڀڳت چيتن سکر وارو ۾ خاڪو ميگهواڙ. مٿين مان ڪيترن جي حياتي جو احوال ميسر ناهي. گمان غالب آهي تہ اهي ميرن جي آخري دور کان وٺي، انگريزن جي پهرين اڌ صدي تائين جا نامور ڀڳت هجن / چئي سگهجن ٿا. انهن ڀڳتن، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڀڳت جي ذريعي ڀڳت جي فن کي فروغ ڏنو ۾ هندو مسلم ڀائيچاري ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. ورهاڱي کان پوءِ گهڻو ڪري سمورا ڀڳت هندوستان لڏي ويا. باقي ڪي چند وڃي بچيا ۾ ڇڙوڇڙ هجڻ ڪري راڳ جو هي ادارو اجڙي ويو.

ڀڳت تيرت گر

دادو ضلعي جو هڪ باجي وڄائيندڙ ڀڳت تيرٿ گر پنهنجي نالي سان وڏو مشهور ڀڳت هو، جيڪو سال 1900ع ڌاري دادوءَ ۾ ڄائو. جسم ڀربل هوس. انهيءَ ڪري ٻيهي ڳائي ڪو نہ سگهندو هو يا هلي هلي نہ ڳائيندو هو.

پر ڪرسيءَ تي ويٺي ڳائيندو هو ۽ ٻين کي بہ ڳائڻ ڏسيندو هو. ساڻس گڏ گهٽو ڪري هڪ ناچو "لعل ڇُري" جي نالي سان گڏ هو- لعل ڇري سان گهٽي پريت هيس. لعل ڇري ڦڪن جو وينل هو. پڇاڙيءَ جو لعل ڇريءَ جي ڳوٺ ڦڪن ۾ ئي سندس دهانت ٿيو.

ڀڳت ڪنور رام (گائڪ ۽ ڀڳت)

ڀڳت ڪنور رام 25 آڪٽوبر 1885ع ۾ ميرپور ماٿيلي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ جروار ۾ پائي تارا چند جي گهر پيدا ٿيو. ننڍي هوندي ئي صوفياڻي طبيعت جو مالڪ هو. غريب مائٽ ڪيس گذر سفر لاءِ چڻن جو ٿالهہ پري ڏيندا هئا. ڀڳت چڻن جو ٿالهہ وڪرو ڪرڻ لاءِ هو ڪو ڏيندو هو تہ ننڍا توڙي وڏا هن ننڍڙي ٻار جي منڙي آواز تي ميڙ ٿي ويندا هئا. ائين ڀڳت جا ڇٽا منٽن ۾ ختم ٿي ويندا هئا. ڀڳت ڪنور رام پنهنجي گروسنت سترام داس صاحب وٽ روز شام جو ويندو هو ۽ ان جي سچي دل سان شيوا ڪندو هو. اتي روز مڙهيءَ ۾ سج لٿي جو ڀڄن ڀاءُ ٿيندو هو، جنهن ۾ ڏورانهن علائقن مان ساڌو ڀڳت اچي صوفياڻو راڳ ڳائيندا هئا. ڪنور ڀڳت تي ان راڳ جو گهرو اثر پيو ۽ پاڻ بہ ڳائڻ شروع ڪيائين. سندس ڪو بہ استاد ڪو نہ هو. قدرت طرفان ڪيس ڳائڻ جي بس ذات مليل هئي، هي جائو ڪو ڳائڻ لاءِ هو. گرو ڪيس دعا ڪئي تہ ڪنول جيستائين. دنيا رهندي تنهن جو آواز امر هوندو. ڀڳت ڪنور رام کي شاهہ سان بيحد پيار هو. روز صبح جو اتي شاهہ جي رسالي جو دور ڪندو هو ۽ انهن بيتن ۽ واين ۾ پنهنجي آواز جو ساهہ ۽ ساءُ وجهي سڄي سنڌ ۾ ڳائيندو هو ۽ خاص ڪري سر سسئي گهڻو ڳائيندو هو. هن سنڌ جي ذرتي تي راڳ وسيلي محبت جي خوشبو ورهائي. ڀڳت خدا کي راضي ڪرڻ لاءِ چير ٻڌي نچندو هو. ڪيس هندو ۽ مسلمان هڪ جيترو مان ڏيندا هئا ۽ ڀڳت وٽ سين لاءِ ساڳو پيار ۽ پريت هئي ڀڳت راڳ جي ڪمائيءَ مان سڄي عمر پاڻ تي هڪ پئسو بہ خرچ نہ ڪيو: ڪيس جيڪي ملندو هو اهو سڀ ڪجهہ راڳ ختم ڪرڻ ڪان اڳ ورهائي ڇڏيندو هو. سندس راڳ ڳائڻ جي مهل رات جو ٿيون پهر هئي. ڀڳت ڪنور رام پنهنجي ڪلامن ذريعي سنڌ ۽ هند جي انسانن لاءِ پائپي، امن ۽ محبت جو پيغام ڏنو. ڪن پيار، امن ۽ محبت جي ڪٽر دشمنن هن عظيم انسان کي هميشه لاءِ ختم ڪرڻ جو پهہ ڪيو. ڀڳت مانجهند ڪان ميلي تان ٿي، دادوءَ لٿو ۽ اتان سکر لاءِ ٻي گاڏيءَ تي چڙهي رڪ اسٽيشن پهتو. اُتان وري ٻي گاڏيءَ ۾ پنهنجي ڳوٺ جروار پئي ويو تہ پير پرچونڊي وارن جي مريد جان محمد جلباڻي بندوق جو فائر ڪري ڪيس امر شهيد بڻائي ڇڏيو. اهو واقعو 2 نومبر 1939ع ۾ ٿيو. سندس اڳني سنسڪار ڳوٺ جروار ۾ ڪيو ويو.

ڪماري ڀڳونتي ناواڻي (سنڌي ڪوئل)

هي سنڌ جي ڳوٺ نصرپور ۾ 1240-2-1 تي جائي مئٽرڪ پاس ڪيائين. پارت ۾ سندس پتو 2، بندرا سروج، 225 گلي اينڊريوز روڊ، بندرا (W) ممبئي 400050.

فن ۾ سندس حصو

25 سال گائڪي دوران هن ڪيترين ئي ڪئسٽون، سيڊيون پرايون. جن ۾ سنڌي فوڪ، ڀڄن، سنڌي وڏن شاعرن جا ڏوهيڙا شامل هئا. سندس سڪمٽي صاحب جي مترنم پاٺ جا ڇهه واليوم تقريباً هر هندستاني هندو جي گهر پهتا.

ڪيترين سنڌي پينچائتن، جماعتن ڪيس سونا ٻلا، ٽرافيون، تحفا، سرٽيفيڪيٽ وغيره ڏنا.

هن ڪي سنڌي جي One act plays ۽ سنڌوءَ جي ڪناري فلم ۾ بهترين اداڪاره جو انعام مليو.

هن هند ۾ ۽ ان کان ٻاهر اٽڪل 3000 پيرا پرفارم ڪيو.

ڪلاڪار منڊل جو بنياد رڪندڙ گوبند مالهي سندس روحاني پيشوا هو.

هن جي مرتي 1986ع ۾ ننڍي عمر ۾ ٿي.

سنڌي عوامي، روايتي ۽ جديد موسيقي جي حوالي سان سندس منفرد مقام آهي. سندس آواز هميشه ياد رکيو ويندو.

ڀوپال (راڳڻي)

ڀيروي ٺاٺ جي اوڊو راڳڻي، جنهن ۾ مڌم ۽ نکاد سُر ورج آهن. هي راڳ رواج ۾ گهٽ آهي. چو ته ڳائڻ مهل هن کي ڀيروي کان الڳ ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ڀيروي ايتري قدر عام آهي ۽ ڪثرت سان ڳاتي وڃي ٿي؛ جو هن سان ڪيترا به سُر نوان جوڙيا وڃن پر ڀيروي جو روپ دل تان نٿو لهي. هن ۾ پنچم ۽ گنڌار جي سنگت جي ڪري ٽوڙي جي ڪجهه شڪل ملي ٿي. ڀوپالي رات جو راڳ آهي، ان ۾ سڀ سر تيور آهن. ڀيروي جا سڀ سر ڪومل آهن.

آروهي: سارا گاپا ڌا سا

امروهي: سا ڌا پا گا را سا

وادي سر: ڌيوت

سموادي سر: رکب

سمو: صبوح.

ڀوپالي راڳڻي

هن کي ڀوپ ڪلياڻ به چوندا آهن. هيءَ ڪلياڻ ٺاٺ جي اوڊو راڳڻي آهي، هن ۾ مڌم ۽ نکاد جا سُر ورج آهن. وادي سُر گنڌار ۽ سموادي سر ڌيوت آهي. هي راڳڻي شڌ ڪلياڻ سان گهڻو ملندڙ آهي، پر شڌ ڪلياڻ جي امروهي سمپورڻ هجڻ ڪري ڀوپالي کان الڳ بيهي ٿو. پر اترانگ ۾ اگرهن راڳڻي جو ڪو سُر وادي هجي ها ته صفاديسيڪار راڳڻي ڏيکاري هان. اهو ئي ديسڪار ۽ ڀوپالي ۾ فرق آهي، جن راڳڻ ۾ نکاد ۽ مڌم دربل هوندا آهن. يا بلڪل ئي نه هوندا آهن ۽ انهن ۾ گنڌار ۽ پنچم جي سنگت هوندي آهي ته اهي ٻڌڻ ۾ ڀلا لڳندا آهن.

آروهي: سا- ري- گي- پا- ڌي- سَا

امروهي: سَا- ڌي- پا- گي- ري سا.

ڳائڻ جو وقت: صبوح (معارف النغمات) شروع رات (راڳ ساگر) پور وانگ تي زور هجڻ ڪري صحيح وقت رات آهي.

ڀير (ساز)

هن کي نوبت بہ چون: ڇو تہ هيءَ بہ شاهي درٻار جو ساز آهي، جيڪو جنگ جي وقت، خوشيءَ جي وقت، يا ڪنهن خاص اطلاع ڏيڻ وقت وڄايو ويندو آهي.

هيءُ ساز جسامت ۾ نغارن کان وڏو ٿئي ٿو. هي جوڙيءَ ۾ نہ پر اڪيلو وڄندو آهي. هن جي آوازي ڪوٺي ڪنهن پيالي يا نادي وانگر ٿئي ٿي. مٿان ڍڳي يا اٺ جي ڪمايل کل چاڙهي ان کي چمڙي يا سوٽي رسي سان پوروڇوٽ نموني هيٺ تري ۾ سڪ ڪري ٻڌو ويندو آهي. هن کي سيڪي يا اس تي رکي وڄايو ويندو آهي. هڪ ماڻهو هٿن ۾ ڏونڪا جهلي پنهنجي پسند جو تال ٻنهي هٿن سان وڄائيندو آهي. هي ساز گهڻو ڪري مغرمان وانگر بيهي وڄائبو آهي،جو ڪافي ڪڙو ٿئي ٿو ۽ ماڻهو جي دن تائين پهچي ٿو.

ڀيرو (راڳڻي)

ڀيرو ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي آهي. ڌيوت انش يعني وادي سُر اٿس. گره جو سر بہ ڌيوت اٿس. آروهيءَ ۾ رکب دربل آهي. هن راڳڻيءَ ۾ ڌيوت ۽ رکب جو زياده لطف آهي. ڪن ڪتابن مطابق ڀيرو جي امروهي ۾ نکاد ڪومل بہ لڳائجي ٿو. ان ۾ ڪا خرابي ڪا نہ آهي. ڪي گائڪ گنڌار سر کي وادي ڪن ٿا، جيڪو درست ڪو نہ آهي. ڇو تہ گنڌار شام جي وقت ڳائڻ وارين راڳڻين ۾ وادي ٿيندو آهي.

خاص تان: سا- را- گي- ماگي- را- سا- ني ڌا- ني سا- گي- ماگي- را- سا-

آروهي: سا را گي ما پا ڌا ني سا

امروهي: ساني ڌا پا ما گي را سا-

وادي سُر: ڌيوت

سموادي سُر: رکب-

ڳائڻ جو وقت: صبوح

ڀيرو ٺاٺ

گرنٿن ۾ هن ٺاٺ کي گونڊ مالو ميل جي نالي سان بہ لکيو ويو آهي. سر اٿس: سا- را- گي- ما- پا- ڌا- نو- سا.

ڪرج- رکب ڪومل- گنڌار تيور- مڌم شد- پنچم- ڌيوت ڪومل نکاد تيور.

ٺاٺ جون راڳڻيون:

ڀيرو- ڪالنگڙا- ميگهہ رنجني- سورا شٽر- جوگيا- رام ڪلي- پرياتي- ٻياش- گوري للت- پنچم ساوري- بنگال ڀيرو- شِو مت- ڀيرو- انند ڀيرو- گن ڪلي- هچج- اهير ڀيرو- زيلف ۽ ديس گوندا- هن ٺاٺ جي خاص ڳالهہ اها آهي تہ هن ۾ رکب ۽ ڌيوت ٻئي سر ڪومل هوندا آهن. جيڪا سنڌي پرڪاش راڳن جي خاص نشاني آهي. سنڌي راڳن

جي اها بہ نشاني آهي تہ اهي ہ وقت ملڻ ”وقت بہ ڳايا ويندا آهن. هن مان جيڪي بہ راڳڻيون نڪتيون آهن. اُهي اترانگ جون آهن. يعني راڳ پنچم کان وٺي ٽيپ جي کرج تائين هوندو آهي. اج ڪلهہ جا گويا انهن کي متين راڳ جا راڳ سڏين ٿا.

پيروي

پيروي ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي جنهن جي آروهي امروهي ۾ سڀ سُرَ لڳايا ويندا آهن. هي اترانگ جي راڳڻي آهي. ڪنهن مَتِ ۾ کرج وادي ۽ پنچم يا مڌم کي سموادي ڳڻين ٿا تہ ڪي وري ڌيوت کي. ٻئي اصول درست آهن. گرنٿن ۾ رکب تيور لکيل آهي. مگر ڳائبي رکب ڪومل سان آهي. سو هيئين ڪٽي چئون تہ ٻئي رکبون ڪار آهن. دکن جا پنڊت پيروي کي ٽوڙي چوندا آهن.

پلٽو: ڌا ڌا- پا- ما- گا- ما گا- را- سا- ڌِا- نِا سا- گا- ما- ڌا پا- گا- ما- گا- را- سا- نِا- سا- گا- ما- پا- ڌا ڌا- پا، گا. ما- نا ڌا- پا — گا- ما گا- را- سا- نا سا- گا- ما- پا- گا- ما ڌا ڌا پا- گا- ما- پا ما گا- را سا

امروهي: سارا گا ما پا ڌا نا سا

امروهي: سا نا ڌا پا ما گا را سا

وادي سُر: کرج

سموادي سُر: مڌم

سمو: صبوح

پيروي ٺاٺ

هن ٺاٺ جا سڀ سُر ڪومل آهن.

سا- را- گي- ما- پا- ڌا — ني

ٺاٺ جون راڳڻيون:

پيروي- مالڪوس- آ سا وري- ڌناسري- ڀوپال- زنگولہ- موٽڪي- شڌ ساونت- بسنت ملهاري- بلاس خاني ٽوڙي.

ڀيم پلاسي (راڳڻي)

ڪافي ٺاٺ جي آڍو سمپورن راڳڻي آهي. آروهي ۾ رکب ۽ ڌيوت ورج آهن. امروهي سمپورن اٿس- مڌم جو سر وادي ۽ نياس آهي. مڌم جو سر وادي هجڻ ڪري ڌناسري کان الڳ آهي. امروهي سمپورن هجڻ ڪري ڌاني بہ نہ ٿي ٿي سگهي. هن راڳڻيءَ ۾ ڌيوت ۽ رکب ڪومل آهن. هن ۾ کرج پنچم ۽ مڌم قيام جا سُر آهن.

تان: سا- نِا سا ما گا- ري سا- نا سا- گا- ما- پا ما- گا- ري سا

آروهي: پا سا گا ما- پانا سا

امروهي: سا نا ڌي پا ما- گاري سا-

وادي سُر: مڌم

سموادي: کرج

وقت: ٽپهري:

راڳ ساگر ۾ وادي سُر پنچم ٻڌايل آهي.

پنڊت ڀيم سين جوشي (راڳي)

پنڊت ڀيم سِين جوشي 1922ع ۾ اتر ڪرناٽڪ جي Gadag ۾ ڄائو. سندس شمار ڪلاسيڪي موسيقيءَ جي موجوده دور جي چوٽيءَ جي گائيڪن ۾ ٿئي ٿو. پنڊت جوشي سوائي گنڌروا کان تعليم حاصل ڪئي. سوائي گنڌروا پنهنجي زماني جو هڪ گني گائيڪ رهي چڪو آهي، جيڪو شاگرد هو ڪرانه واري خانصاحب عبدالڪريم خان جو.

تار

هي سُر ٻڌائيندو آهي ته ٽيپ جي سرن ۾ ڪيستائين راڳ کي وڃڻ گهرجي. هارمونيم ۾ مڌم سبتڪ کان پوءِ ساڄي پاسي کان جيڪو ٽيون ۽ پڇاڙيءَ وارو سبتڪ ايندو آهي، تنهن کي تار يا ٽيپ جو سبتڪ چوندا آهن. جنهن جي سُرن جي نشاني هن ريت آهي. سَا ري گَا مَا پَا ڌَا ني يعني سرن جي مٿان زبر جي نشاني.

تاسه ۽ مرفه (ساز)

ويڪري طبلي وانگر، ڏونڪن سان وڄندو آهي. سندس آواز وڏو ٿئي ٿو. تاسو ٻن ڏونڪن سان ۽ مرفع هڪ ڏونڪي سان وڄندو آهي.

تال (وڄت)

چند ماترائن کي ڪنهن متنوع بندش جي صورت ۾ پيش ڪرڻ کي تال چئبو آهي. دراصل هيءَ بندش ڏيکارڻ ۽ ڳائڻ جي صورت واضح ڪري ٿي. ماترائن جي انهيءَ بندش جو هڪ چڪر ٿئي ٿو، جنهن ۾ ڪي ماترائون مقرر ڪيون ويندڙيون آهن ۽ انهن کي هڪ جيتري ميعاد اندر وڄايو ويندو آهي، ان کي تال چئبو آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي. ”تالي“ يا ”تاڙي“ وڄائڻ انهيءَ تناسب سان اهڙين متنوع بندشن تي جدا جدا نالا رکيا ويا آهن. جهڙوڪ تين تال، ايڪ تال وغيره. تال ڪيڻ لاءِ اسان وٽ ڪيترائي ساز آهن. سڀ کان پراڻو ساز پکاوج آهي. هن سان ماترائن جو وقت صحيح نموني ادا ڪري سگهجي ٿو. ان کان سواءِ ڍولڪ، طبلو، ڪرتال، خنجري، گهڙو، نغارو، چيرو ۽ جهانجهر وغيره آهن. هنن سازن جي جدا جدا جاين تي ڏڪ هڻن سان مختلف آواز نڪرندا آهن، جن کي ٻول چئبو آهي. جيئن تن، تار تٽ- ڪٽ وغيره، جن سان ٿي ماترا جو مدو به ظاهر ڪيو ويندو آهي. هندي موسيقي تمام پيچيده ۽ وسيع آهي. ان جو سبب اهي ماهر موسيقار آهن، جن وقت به وقت موسيقي ۾ اضافا ڪيا. هڪ حد اهڙي آئي جو راڳن ۽ تالن جو تعداد

هزارن کي وڃي لڳو. اڪبر جي دور ۾ ميان تانسين انهن تالن کي ترتيب ڏئي ڪل 92 تال بيهاريا جن مان ڪي ايڏا تہ ڏکيا هئا جو وڃي نہ سگهيا, تنهن ڪري اڄڪلهہ 32 تال استعمال ۾ آهن. هلڪي موسيقيءَ لاءِ 5-6 تال ڪم اچن ٿا, جيڪي تال هن وقت وڄائڻ ۾ اچن ٿا. اهي هي آهن.

تين تال. ايڪتال, چوتال, جهپ تال, ڌمار تال, فاختہ- پنج تال جي سواري- دادرو- جهومرا- تيورا- روپڪ تال- برپ تال- جيتال- روتال- لڪشمي تال- اندر تال, گن تال- آڙو چوتال, تلواڙو- اڪرائي- هوري- چنچل وغيره.

تال تمامي (وڄت)

هي تال محترم منظور نقوي صاحب جو ايجاد ڪيل آهي, جيڪو ڪلام پاڪ جي هڪ آيت تمت ڪلت ربڪ صدقاً وعدلا- تي ٻڌل آهي. هي تال ايڪيهين ماترائن جو آهي. لئي ڪاري ۾ هي تال ڪٿي استعمال ٿئي ٿو يا نہ. موجوده دور جا وڄوت اٽڃاٽائي جو اظهار ڪن ٿا ۽ ان کي ساڍ جو تال چون ٿا- پر ڳڻڻ سان هي 17 ماترائن جو تال آهي. بهرحال ڇو تہ وڄت ۾ ڪو نہ آهي, ان لاءِ پوري پروڙ ڪو نہ ٿي پوي. ٻول هي آهن.

ڌا- ڌن- تٽ- ڪٽ- تٽ- ڪٽ- ڌا گي ڌن- ت- ڌا گي ڌن.

تال يا لئي

تمام جسم حرڪت ڪن ٿا. انهيءَ حرڪت کي جاٽي سگهجي ٿو تہ اهي ڪيتري پيماني تي حرڪت ڪري رهيا آهن. انهيءَ پيماني مان مقصد اهو هوندو آهي تہ انهيءَ حرڪت ۽ ان جي تناسب بابت پاڻ کي معلوم هجي. انهيءَ تناسب کي موسيقي ۾ لئي يا تال چون ٿا. يوناني زبان ۾ Rhythm جو لفظ استعمال ٿئي ٿو. موجودات ۾ ڪا بہ شي اهڙي ڪانهي, جيڪا لئي کان خالي هجي, پرواز جي حالت ۾ پکين جي پرن جي حرڪت, جانورن جي پيرن جا آواز, مينهن ۽ برسات جي ڦڙ ڦڙ- وغيره فطرت جي ”لئي“ ۾ شامل آهن.

جيئن شاعريءَ ۾ علم عروض, لفظن جي لئي بيهارڻ لاءِ بنايل آهي. ائين موسيقي بہ لئي جي محتاج آهي. چند ماترائن کي ڪنهن خاص بندش جي صورت ۾ پيش ڪرڻ کي لئي يا تال چئبو آهي. دراصل لئي يا تال راڳ جي صورت چٽي ڪرڻ لاءِ ۽ صحيح رفتار سان هلڻ ۾ مددي آهي. ماترائن جي بندش جو هڪ چڪر ٿئي ٿو, جنهن ۾ ڪي ماترائون مقرر ڪيون وينديون آهن. ۽ انهن کي هڪ خاص مقرر ميعاد اندر وڄايو ويندو آهي. تال جي لفظي معنيٰ تاڙي وڄائڻ آهي. انهيءَ نسبت سان اهڙين بندشن تي جدا جدا نالا رکيا. ويا آهن, جيڪي ماترائن جي تعداد, انداز ۽ ترتيب موجب هوندا آهن. موسيقيءَ ۾ لئي يا تال جا رفتار جي حوالي سان ٽي قسم مڃيل آهن.

1- بلمپت معنيٰ دير (2) مڌ معنيٰ وچ يا وچولو (3) دُرت معنيٰ تيز جا جلد. اهي لفظ بہ نسبتي آهن. انهن سان بہ لئي جو صحيح اندازو ڪو نہ ٿو ٿئي. بس اهو ضرورت جي ڪري نالا ڏئي معيار مقرر ڪيو ويو آهي. گرنٿن ۾ اهو معيار هيٺ ڏجي ٿو:

اٺ ڇن برابر هڪ لوهو.

اٺ لوهو برابر هڪ ڪاشتا.

اٺ ڪاشتا برابر هڪ نمش.

اٺ نمش برابر هڪ ڪلا.

چار ڪلائون	برابر هڪ انودرت (هن کي برام بہ چون)
ٻہ انودرت	برابر هڪ درت .
ٻہ درت	برابر هڪ لگهو.
ٻہ لگهو	برابر هڪ گرو.
ٽي لگهو	برابر هڪ پلت.
چار لگهو	برابر هڪ ڪپر.

هڪ صحت مند ماڻهو جي نبض جي ڌڪ کي ماترا جي برابر سمجهيو ويندو آهي، جيڪا انودرت جي برابر سمجهي وڃي ٿي. تہ ڇن جو عرصو ڇا هوندو؟ اندازو لڳايو. لوهو ۾ ڪاشتا جو عرصو بہ ايترو گهٽ آهي، جو ڏيکاري يا وڄائي نٿو سگهجي. صرف انودرت جو عرصو گهٽ ۾ گهٽ وڄائي سگهجي ٿو.

موسيقيءَ ۾ ڪيترائي ساز آهن، جيڪي ماترائن کي ظاهر ڪن ٿا.

پکاوج انهن ۾ سڀ کان پراڻو ساز آهي. ان کان علاوه ڍولڪ، طبلو، گهڙو، ماٽي، نغارو، دهل، جهانجهر ۽ چير بہ تال کي ظاهر ڪندڙ ساز آهن. هنن سازن جي مختلف جاين تي آڱرين سان ڌڪ هڻي مختلف آواز ڪڍيا وڃن ٿا. گائيڪي ۾ انهن کي ٻول چيو وڃي ٿو. هندي موسيقيءَ ۾ تالن جو تعداد هزارن ۾ آهي. ناردمٽي تالن جو تعداد 360 مقرر ڪيو. جي اڪبر جي دربار ۾ رائج هيا. ميان تانسين انهن کي گهٽائي 92 تال بيهاريا. اهي ڪافي ۽ ڏکيا هئا، تنهن ڪري ڪلاسيڪي انداز ۾ 36 تال ڪم آندا وڃن ٿا. ان کان پوءِ بہ انهن جو تعداد گهٽايو ويو. مروج تال هي آهن.

تين تال- ايڪتال- چوتال- جهپ تال- ڌمار- سولہ خافتہ. پنج تال جي سواري- دادرو- جهومرا- تيورا- روپڪ برپ تال- جيتال- روتال- لڪشمي تال- اندر تال- گت تال- آڙو تال تلواڙو- اڪرائي- هوري- فردست — چنچل وغيره.

تمڪ (ساز)

تمڪ ننڍڙو نغاري وانگر ٿئي- گهڻو ڪري شادين ۾ عورتون وڄائين. عابده پروين بہ پاڻ سان جيڪي نغاره وڄرائيندڙ آهي، انهن کي تمڪ چئبو آهي جو سائيز ۾ اهي تمام ننڍا آهن. گرونانڪ جي گرنٿ صاحب کي مختلف سرن ۾ ڳايو ويندو آهي. مختلف سازن سان گڏ تمڪ پڻ وڄايو وڃي ٿو. هي جوڙي ٿئي ، جنهن کي ڏونڪن سان ضرب هڻي وڄايو ويندو آهي. جوڙجڪ باقي سڄي نغاري جهڙي اٿس.

تالن جا قسم (بيان)

1- پون تال	19 ماترائون
2- پورن تال	23 ماترائون
3- پرمان تال -	17 ماترائون
4- شيکر تال	14 ماترائون
5-سم تال	10 ماترائون
6-منتري تال	11 ماترائون
7- سار تال	8 ماترائون
8-اوپرن تال	12 ماترائون
9-اوڏي تال	16 ماترائون
10-رائو تال	20 ماترائون
11-مڌر تال	7 ماترائون
12-کدمب تال	6 ماترائون
13-جَن تال	8 ماترائون
14-سُر تال	10 ماترائون
15-کَرتال تال	12 ماترائون
16-آد تال	8 ماترائون
17-شنک تال	7 ماترائون
18-دوشکر تال	9 ماترائون
19-ليل تال	11 ماترائون
20-يوڳ تال	13 ماترائون
21-گپت تال	10 ماترائون
22-ويد تال	14ماترائون
23-لو پ تال	18ماترائون
24-ڏبر تال	22 ماترائون
25-پُت تال	14 ماترائون
26-چکر تال	05 ماترائون

27- ڪل تال	07 ماترائون
28-راج تال	09 ماترائون
29-بِندو تال	11 ماترائون
30-مان تال	04 ماترائون
31-شڌ تال	03 ماترائون
32-رتي تال	05 ماترائون
33-رام تال	07 ماترائون
34-بَسُو تال	09 ماترائون
35-ليک تال	12 ماترائون
36-چچت پُٽ تال	35 ماترائون
37-چاچ پٽ تال	24 ماترائون
38-سِنپدو ستا تال	48 ماترائون
39- شٽ پتا پُتر تال	48 ماترائون
40- اُدوهٽ تال	24 ماترائون
41- درپن تال	12 ماترائون
42- چرچري تال	40 ماترائون
43- سنگهہ ليلا تال	14 ماترائون
44- ڪندري تال	24 ماترائون
45- سنگهہ بڪرم تال	64 ماترائون
46- شري رنگ تال	32 ماترائون
47- رتِي ليل تال	64 ماترائون
48-رنگ تال	16 ماترائون
49-پدي ڪرم تال	32 ماترائون
50-گج ليلا تال	17 ماترائون
51- ترِپن تال	24 ماترائون
52- بيرو ڪرم تال	16 ماترائون
53- هنس ليل تال	9 ماترائون
54-برن پن تال	16 ماترائون

55-رنگ ديوتن تال	40 ماترائون
56-پرت نبگ تال	32 ماترائون
57-راج چورامنبي تال	48 ماترائون
58-راج تال	48 ماترائون
59-سنگھہ وڪرت تال	68 ماترائون
60-بَن مالي تال	24 ماترائون
61-چَترُسترِ برن تال	32 ماترائون
62-ترستر برن تال	24 ماترائون
63-مشر برن تال	27 ماترائون
64-رنگ پرديپ تال	40 ماترائون
65-هنس ناد تال	32 ماترائون
66-سِنڪ ناد تال	32 ماترائون
67-مل ڪامود تال	16 ماترائون
68-شرپ ليل تال	22 ماترائون
69-رنگا پرن تال	36 ماترائون
70-تُرنگ ليل تال	08 ماترائون
71-چيشري تال	32 ماترائون
72-وجيانندن تال	32 ماترائون
73-پرتي تال	08 ماترائون
74-دُتيال تال	08 ماترائون
75-مڪرند تال	24 ماترائون
76-ديپڪ تال	27 ماترائون
77- نندن تال	20 ماترائون
78- چَنس تال	14 ماترائون
79-چتر مڪ تال	28 ماترائون وغيره.

ياد رهي ته مٿي ڏنل تال يا ڪجھ ٻيا تال جن جو هتي ذڪر نه ڪيو ويو آهي. اهي بنيادي ستن تالن يعني 1- ڌروا تال 2 مُٺ تال 3 جهنپ تال، 4 ترپٽ تال 5 آٽ تال، 6 روپڪ تال، 7 ايڪتال مان ئي ٺهيل آهن. صرف لڳهو يا

ماترائن جي عرصي کي وڏائي گهٽائي ٺاهيا ويا آهن. پر هن دور ۾ يا مغل دور ۾ به انهن جو رواج ڪو نه هو. هاڻي نه اهي وڄايا ئي ڪو نه ٿا وڃن. هتي صرف ڏيان لاءِ ڪجهه تال ڏنا ويا آهن. جن جو ذڪر پات ڪندي صاحب ڪيو آهي.

تان (بيان)

سرن جو اهڙو مجموعو جيڪو راڳ کي ڦهلائڻ ۾ مدد ڪري ٿو. ساري گا ما پا ڌا ني سا- هي تان آهي. سوال پيدا ٿيندو ته پوءِ مور چنا ۽ تان ۾ ڪهڙو فرق آهي. ياد رکڻ گهرجي ته مور چنا جي لاءِ آروهي ۽ امروهي جو هجڻ ضروري آهي ۽ سُرن جو سلسلي وار لڳڻ به ضروري آهي، پر تان لاءِ انهن ٻنهي ڳالهين جي بنهه ضرورت ڪا نه آهي. مورڇنا جو مصرف ٺاٺ ۽ راڳ کي پيدا ڪرڻ آهي، جڏهن ته تان جو مصرف راڳ کي گهٽائڻ يا وڌائڻ آهي. تان ۾ بلڪل آروهي ٿي سگهي ٿي، مثلاً سا ري گا ما پا يا، امروهي ٿي سگهي ٿي جيئن ني ڌا پا ما گا ري سا- يعني آروهي امروهي ٿي سگهي ٿي، پر قطعاً مورڇنا وانگر ان جو هجڻ ضروري ناهي.

تان جا ٻه قسم آهن، 1- شڌتان: هن ۾ سر سلسليوار لڳندا آهن. جيئن ساري گا ما پا ڌا ني سا- ٻي ڪوٽ تان: جنهن ۾ سُر سلسليوار نه لڳندا آهن. جيئن ساري گاري ما پا گا ما- ڪوٽ تان جو نالو گرنٿن ۾ مير کنڊ ڇاڻايل آهي. ڪوٽ تان ڪڍڻ جا ڪجهه قاعدا ڏجن ٿا.

1- ڪنهن خاص تعداد جي ڪوٽ تانن ڪڍڻ کي پرستار چئبو آهي.

2- هڪ سر جي ڪوٽ تان هڪ ئي ٿيندي. ٻن سرن جي ڪوٽ تانون ٻه ٿينديون. ٽن سرن جون ڇهه، چئن جون چوويهه، پنجن جون120، ڇهن جون 720 ستن سرن جون 5040 تانون ٿينديون قاعدو هي آهي 4 x 5 x 6 x 7 = 5040: 1 x 2 x 3 x پهرين کان ستين تائين. قاعدو هڪڙو ئي آهي.

3- جيڪو تعداد سرن جو ڪوٽ تان ۾ ڏجي ٿو انهن سُرن جو سلسليوار هجڻ ضروري آهي.

4- بهرحال اهو قاعدو آهي ته کرج کان اڳ ۾ ڪو به سر ڪونهي. رکب کان اڳ ۾ کرج آهي ۽ گنڌار کان اڳ ۾ کرج وغيره سو جنهن سر جي هيٺان جيڪو سُر آلاپيو وڃي اهو ان کان اڳ ۾ هجي، ضروري آهي. جيئن رکب جي هيٺان کرج ڳائي سگهبو پر کرج جي هيٺان ڪو به سُر ڪو نه ڳائبو.

5- نئين تان، اڳئين مان پيدا ٿيندي وغيره.

6- هر نئين تان ۾ صرف هڪ سر بدلائڻ جي ضرورت آهي. ان کان پوءِ تان جا سُران نئين تان ۾ نقل ڪبا.

7- ڪوٽ تانن جو تعداد صرف ايترو ليکبو، جيترو سُرن کي پاڻ ۾ ضرب ڪرڻ سان نتيجو نڪري. مثال طور اسان ڄاڻڻ ٿا چاهيون ته چئن سُرن ۾ گهٽيون تانون لڳنديون ته اسان انهن جي شمار کي ضرب ڪنداسون. 4 x 3 x 2 x 1 =24 چوويهن کان مٿي چئن سرن مان تانون نٿيون پيدا ڪري سگهجن.

8- انهن تانن جي پيدا ٿيڻ جو طريقو هي آهي، مثال چار تانون آهن سا ري گا ما ته انهن مان ڇهه تانون اهڙيون هونديون جيڪي مڌم تي ختم ٿينديون- ڇهه تانون گنڌار تي ختم ٿينديون، ڇهه تانون رکب تي ختم ٿينديون ۽ ڇهه تانون کرج تي ختم ٿينديون، معنيٰ هر هڪ سر کي ڇهه تانون حصي ۾ اچن ٿيون.

اهڙي پنجن سُرن جي ڪل تانن کي 5 سان ونڊ ڪبو تہ هر هڪ سر جون تانون نڪرنديون، جيڪي ڪل 120÷5 تہ هر هڪ سر کي 24 تانون حصي ۾ ايندي‎ون.

تانپورو (ڪلاسيڪي ساز)

موجوده رواج ۾ آيل سازن ۾ ڪلاسيڪي موسيقارن وٽ گهڻو استعمال هيٺ آهي. هن قديم ساز جا نقش مصر جي اهرامن جي مصوريءَ ۾ بہ ملن ٿا، جنهن مان اندازو آهي تہ چار هزار سال اڳ ۾ مصرين وٽ هي ساز هو ۽ شايد هوئي ان جا موجد ڇئي سگهجن ٿا. گويا هن تان سُر جي آس وٺندا آهن، تنهن ڪري تانپوري جي تارن کي ڳائڻ واري جي قدرتي بنيادي سُرَ سان ملايو ويندو آهي. تانپوري جي ڏنڊي اڍائي تي فٽ ڊگهي ۽ 5-6 انچ ويڪري شاهہ بلوط جي ڪاٺيءَ مان نڪتل ٿئي ٿي ۽ هيٺ ڪَدوءَ جو وڏو تنبو جَڙيل هوندو اٿس. ڏنڊي جي مٿان چار تارون چڙهيل هونديون آهن، جيڪي مٿي چاٻين سان ۽ تنبي جي هيٺيان ٻڌل هونديون آهن. تارن کي تنبي کان ڪڙي رکڻ لاءِ اڳي نڪري يا عاج جي، هاڻي پلاسٽڪ جي آڏ جيڪا ويڪر ۾ مني انچ جي ٿئي ڏيندا آهن. وچ واريون بہ تارون ڳائيندڙ جي بنيادي سر سان ملائيبيون آهن. انهن کي جوڙو چئبو آهي. کاٻي پاسي واري تار پنچم سُر تي ملائبي آهي، چوٿين ۽ هيٺين تار کي ٿلهي هئڻ سبب مندر سپتڪ جي کرج سان ملائبو آهي. ڳائڻ وارو متواتر ڳائڻ مهل انهن کي آڱرين سان وڄائيندو رهندو آهي. ان کي ڇيڙ چوندا آهن. هي صرف آس جو ساز آهي، ان جون چار ئي تارون واري واري سان وڄائبيون آهن.

تحفتہ الهند (ڪتاب)

هن نالي سان موسيقي تي بہ ڪتاب لکيا ويا آهن. هڪ اڪبر شاهہ ثاني جي دور ۾ مرزا خان نالي هڪ بزرگ پنڊتن ۽ سنسڪرت جي عالمن جي مدد سان هندوستان جي سيني علمن کي گڏ ڪيو، جيئن جونش، سروڏا، سامدرڪ ڪوڪ (شاستر) نائڪ ڀيد- اندر جال وغيره تہ هندي موسيقيءَ تي بہ بحث ڪيو ويو.

ٻيو ڪتاب مرزا محمد بن فخرالدين محمد، اورنگزيب جي زماني ۾ هندي علمن تي لکيو، جنهن ۾ پڻ هندي راڳ بابت لکيو ويو آهي.

ترت (تال)

ڳائڻ وڄائڻ جي آخري ۽ تيز لئي کي ترت چوندا آهن. هن جي رفتار انودرت کان ٻيڻي ٿئي ٿي. ماترا جو عرصو سيڪنڊ جو اٺون حصو ٿئي ٿو. هن لئي ۾ وڄائڻ توڙي ڳائڻ وڏي ڪمال جي نشاني آهي. گت يا ترانہ وڄائڻ ۾ هيءَ آخري صورت هوندي آهي.

ترون/ تربيني (راڳڻي)

هي پوربي ٺاٽ جي ڪاڏو راڳڻي آهي. مڌم جوسر ورج اٿس. هي راڳڻي سري راڳ جي انگ ۾ ڳائبي آهي. گنڌار ۽ پنچم جي سنگت رهي ٿي. ڪن وٽ هي ماروا ٺاٽ جي راڳڻي مچيل آهي. سري راڳ ۽ هن ۾ فرق هي آهي تہ

هن جي آروهيءَ ۾ گنڌار ۽ ڌيوت ڪونہ آهن. امروهي سمپورن آهي، يعني ترون کاڏو کاڏو راڳڻي آهي. سري راڳ اوڏو سمپورن آهي، چتر پنڊت هن کي شام جي راڳڻي ليکي ٿو ۽ وادي سر پنچم.

خاص تان: را را سا- سا را گي را سا- ني را گي را- گي پا گي را گي را سا-

آروهي: سا را گي پا ڌا ني سَا

امروهي: سا ني ڌا پا گي را سا.

وادي سُر: رکب (ڪن وٽ پنچم)

سموادي سُر: کرج

وقت: شام.

تعمير حسين (راڳي)

تعمير حسين ولد استاد غلام علي چوٿين آڪٽوبر 1966ع ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو. استاد غلام علي هڪ وڏو موسيقار آهي، تعمير حسين پيءُ جي نظرداريءَ هيٺ راڳ سکيو. 1983ع ۾ پروڊيوسر اعجاز عليم عقيلي کيس ٽي ويءَ تي روشناس ڪرايو، جتي هن ٽن سون کان مٿي ڪلام ڳاتا آهن، پاڻ سنڌي، سرائيڪي بلوچي، اردو ۽ راجستاني ۾ سنو ڳائي ٿو. ٽي وي تان ٽيل پروگرامن ۾ همرچو، ڪٽڻهار، بوند بهار، ڇهچٽو، پرک، گهڙيال، سنڌ سينگار ۽ آبادگار، اردو جا پروگرام رنگ ترنگ، ميوزڪ فيسٽيول، ٽيلي شو، معين اختر شو، بزم غزل وغيره آهن. ريڊيي تي کيس نصير مرزا آندو. 1994ع کان اتي بہ ڳائي پيو. ڇهن سٽن فلمن ۾ بہ ڳايو اٿس. هن وقت سنڌ ٽي وي، ڪي ٽي اين ۽ ڪشش چينلن تي بہ پنهنجي فن جا جوهر ڏسي پيو.

تلڪ شيام (راڳڻي)

مشر ميل راڳڻي آهي، جيڪا تلڪ ڪامود ۽ شام ڪلياڻ جي ميلاپ سان ٺهي آهي. سمپورن راڳڻي جنهن ۾ ٻئي مڌم ڪومل ۽ باقي سر شد لڳن ٿا.

سرگم: ني پا ني سا- ري گا سا ري- ما پا ما گا- ري ما گا سا- ساري ما پا- ني ڌا پاني- سا پا ڌا ما- پا ري گا ما-

آروهي: پا نِي سا ري گا ما سا ري ما پا ڌا ني پاني سا ري ما گا سا.

امروهي: سا پا ڌا ما پا ما گا ري گا سا-

وادي سُر: رکب

سموادي سُر: ڌيوت

وقت: شام

تلڪ ڪاموڏ (راڳڻي)

ڪماچ ٺاٺ جي ڪاڏَو سمپورن راڳڻي آهي. آروهي ۾ ڌيوت ورج ۽ امروهي ۾ رکب وڪر سر آهن. ڳائڻ مهل سورٺ ۽ ديس جي ٿوري صورت نظر اچي ٿي. هن راڳڻيءَ ۾ گنڌار ڪان ڪرج تائين، اچڻ پلو لڳي ٿو. نکاد جي اپنياس هجڻ ڪري تلڪ ڪاموڏ چٽو بيهي ٿو. آروهيءَ ۾ رکب جي سر لڳائڻ سان ڪماچ ڪان الڳ ٿي بيهي ٿو.

خاص تان: سا- ني سا- پا نِي سا- ري ري – پا ما گي- سا ري ما گي- سا ني- پا- ني سا- ري- گي- سا

آروهي: پا ني سا ري ما پا ني سا

امروهي: سا نا ڌي پا ما ري- گي سا

وادي سر: ڪرج

سموادي سُر: پنچم

ڳائڻ جو قوت: رات جو ٻيو پهر.

تلنگ

ڪماچ ٺاٺ جي اوڙو ڪاڙو راڳڻي يعني پنجن سُرنجي راڳڻي آهي، جيئن ته گنڌار وادي ۽ نکاد سموادي اٿس، ان لاءِ شڪل ۾ ڪماچ وانگر لڳندي، جيئن ته نکاد ۽ پنچم جي سنگت آهي ۽ ڌيوت لڳندو ئي ڪو نه آهي. ان لاءِ ڪماچ ڪان الڳ ظاهر ٿي بيهي ٿي. رکب ۽ ڌيوت نه هجڻ ڪري جهنجهوٽي ڪان الڳ صورت ۾ بيهي ٿي. درگا ۾ نکاد ۽ پنچم ورجه آهن. ان ڪري به تلنگ الڳ صورت اختيار ڪري ٿي.

خاص تان: سا- گي- ما پا- نا پا- ما گي- نا پا- گي ما گي- سا-

آروهي: سا گي ما پا ني سَا

امروهي: سا نا پا ما گي سا

وادي سر: گنڌار

سموادي سُر: نکاد

ڳائڻ جو وقت: رات جو ٻيو پهر.

تلنگ (راڳڻي)

هي سُر ڪافي ٺاٺ جو نقشو ٺاهي ٿو. راڳ ڪافي، ڪانهڙي ۽ ضلع سان ملي ٿو. امروهي ۾ جي جي ونتي ۽ مالگنجي جي چال سان مشابهه آهي. هي سنڌي ڪافين ۾ چڱو رس ڪري ٿو. راڳداري واري راڳ ڪان ڪجهه الڳ آهي. سمپورن آهي.

آروهي: سا ري، گا، ما ، پا ، ڌا ، ني ، سا.

امروهي: سا ني – ڌا- پا- ما- گا- ري سا.

آروهي ۾ رکب ۽ ڌيوت تيور لڳن. امروهي نکاد، مڌم ۽ گنڌار ڪومل ۽ ڌيوت ۽ رکب تيور لڳن. هي راڳ راڳداري جي ڪتابن ۾ البته موجود آهي.

تمبي (تار وارو ساز)

هي تار جو ساز آهي، جيڪو يڪتاري کان ننڍو ٿيندو آهي. پر بناوت يڪتاري واري اٿس. ڪدوءَ جي آوازي ڪوکي مٿان ڪمايل کل چڙهيل هوندي آهي. اڍائي يا ٽي فوٽ ڊگهي چپٽي ڏنڊي جيڪا ويکر ۾ 3 ساڍا ٽي انچ ڪڍهن بنهه گول ٿئي، سا ڪدو جي آر پار گذاري سُڪ ڪندا آهن. جو ڪدوءَ کان به ٽي انچ ڏنڊي ٻاهر نڪتل هوندي آهي. ڏنڊي جي ٻئي چيڙي تي به ڳٽيون ڪتل هونديون آهن. تنبي يا ڪدوءَ کان به تارون چڪي ڳٽين ۾ ويڙهيندا آهن. ڪدوءَ وٽ تارن کي مٿي رکڻ لاءِ هيٺان ڪاٺ يا نڪُر يا ڪو سڪو وغيره ڏيندا آهن. جنهن کي مڪڙي چوندا آهن. تمبي/ ڪدو آوازي ڪوني جو ڪم ڪندو آهي. ڳٽين ذريعي تارن کي چڪي آس وننڌا آهن. هن جي سنگت چپڙي، ماٽي يا گهاگهر ۽ ڍولڪ سان ٿئي. هي ساز ڪٽڻ ۾ هلڪو آهي. هي سنڌ ۾ گهٽ پر پنجاب ۽ هندستان ۾ وڌيڪ استعمال ٿئي ٿو.

تنبور: طنبور (ساز)

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي ايجاد آهي ۽ سنڌس دور کان پوءِ سنڌس ڳائڻن، فقيرن، ۽ ٻين موسيقارن وٽ استعمال ۾ آهي. غالباً هي ساز، شاهه صاحب، عربي ۽ ايراني موسيقيءَ کان متاثر ٿي ايجاد ڪيو. طنبور تانپوري وانگر آهي، جيڪو مصرين جي ايجاد آهي. پر عالم چون ٿا ته دنبوري کي وڌائي، پيش ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ اڳي ٽي تارون هيون، شاهه صاحب هِن دنبوري جي جسامت وڌائي انهن ۾ تارن جو تعداد پنج ڪري ڇڏيو. برصغير ۾ چئن تارن وارو ساز چوتارو به موجود آهي، جيڪو گلوڪار جي آواز جي آ س ڏيڻ لاءِ ڪم ايندو آهي.

شاهه صاحب هن ۾ پنجين تار جو اضافو ڪيو ۽ بجاءِ ان کي صرف ساز جي لئي لاءِ اهڙي نموني بنايو جو تال جو ڪم به ڏيڻ لڳو. هن جي پنجن تارن جي ورهاست هن نموني ڪئي ويئي آهي، پهرين تار کي گهُور چيو ويندو آهي. ان کي مڌر استان جي کرج سان ملايو ويو. ان کان پوءِ تارن کي "جاڙيون" چيو ويندو آهي. انهن مان مڌم استان جي کرج نڪرندي آهي. چوٿين تار کي "زبان" چيو ويندو آهي، جنهن مان مڌر استان جو پنچم سُر ڪڍيو ويندو آهي، پنجين تار "سٽا" تي نڪرندي آهي. اها لطيف سرڪار جي ايجاد هئي.ان طرح اهو فائدو ٿيو جو ڳائيندڙ پنهنجو بنيادي اواز سر کرج جي بجاءِ پنچم کان شروع ڪندا آهن ۽ پوءِ ٽيپ استان ۾ اچڻ وقت سنڌس آواز تمام اوچو ٿي ويندو آهي. اهو طريقو ايران ۽ مصر ۾ اڄا تائين مروج آهي. هن طنبور جي ايجاد کان پوءِ ڳائيندڙ کي تال جي ڪنهن ساز جي ضرورت نٿي پوي، ڇاڪاڻ جو هو انهن پرپور تارن تي جنهن وقت مضراب هڻندا آهن ته ساز سان گڏ تارون تال جو ڪم به ڏينديون آهن.

پهريون دنبورو شاهه صاحب نٽي مان ٺهرايو ۽ اهو ساڳيو تمر فقير ڪنيو، جيڪو "شاهه جي راڳ" جو اڳواڻ ٿيو. اهو دنبورو تاحال تمر فقير واري اوطاق ۾ رکيل آهي. هر جمعي جي رات راڳ جو اڳواڻ فقير اول انهيءَ طنبور تي وڄائي

خاطر تند هٽي، پوءِ پنهنجي دنبوري تي ويهي ڳائيندو آهي. هن وقت اهو دنبورو نازڪ حالت ۾ آهي. هي يڪ پاندو طنبور، هڪ ئي ڪاٺيءَ مان ڪوري ٺاهيل آهي. چون ٿا تہ پٽائي صاحب جي وقت ۾ ٺٽي ڪان موتي ۽ گوپال آيا، جن پٽ تي ويهي اهي طنبور ٺاهيا. ان ڪان پوءِ ڦاڪدار يعني هڪ ڪان مٿي ڪاٺ جي ٽڪرن جي جوڙ مان ٺاهيا. تمر واري دنبوري ڪان پوءِ ہ ٻيا بہ دنبورا هڪ فقير محمد عالم ڏيري جو ۽ ٻيو تمر فقير جي ڪنهن ساٿيءَ جو نهيو، جنهن کي سائين شاھ وڄايو.

تين تال (وڄوت)

هي 16 ماترن جو تال آهي، جيڪو ٽن ضربن ۽ هڪ خالي جي درميان چئن حصن ۾ ورهايل آهي. پهريون حصو سم، خالي 5 ۽ 9 تي تالي آهي. هي تال سڀني تالن جو سرواڻ سڏبو. پنهنجي خاص قسم جي ضربن ۽ هڪ جهڙين ماترائن سبب تمام خوبصورت ۽ پڙت ۾ عمدو آهي. عام استعمال لاءِ هن ۾ سڀ خوبيون آهن.

ٺيڪو:

1 ڌا 2 ڌن 3 ڌن 4 نا – 5 ڌا 6 ڌا 7 ڌن 8 نا- 9 تا 10 تن 11 تن 12 نا- 13 ڌا 14 ڌن 15 ڌن 16 نا-

X 3 0

1

هن ۾ پهرين ماترا سم جي آهي، پنجين پريل يا تالي آهي. نائين خالي وري سترهين ماترا ٻئي ٺيڪي جي سم ٿئي ٿي. تاليون 1، 5، ۽ 17 وڄن ٿيون. عام هلڪي ڦلڪي گايڪي، نمرين ۽ خيالن ۾ درت لئي ۾ بہ وڄائي سگهبو آهي.

تيورا تال (وڄت)

هي بہ روپڪ وانگر 7 ماترائن جو تال آهي، پر هن جي پڙت روپڪ کان مختلف آهي. منجهس ايتري نفاست بہ ڪا نہ آهي، جيڪا روپڪ ۾ ٿئي ٿي. هي تال ٽن حصن ۾ ورهايل آهي. پهرين ۽ ٻئي حصي ۾ 2+2 ماترائون آهن ٽئي حصي ۾ ٽي ماترائون آهن.

ٺيڪو–

1 نٽ 2 ڪِٽ – 3 گِد 4 گِن – 5 ڌا 6 ڌن 7 نا

1 2 x

ٺيڪو ٻيو.

1 گد 2 دِي – 3 ڌر 4 تڪ - 5 ڌا 6 ڪڙ 7 تڪ

1 2 x

ٽيڪو ٽيون

ڌن نگ - ڌِن نا- ڌن ڌن نا.

x 2 1

ٽلو تال. (وڄت)

هي بہ ڍهل جي وڄت جو نالو آهي. هي نج سنڌي تال آهي، جيڪو ناچ مهل وڄائبو آهي. هي ٽڪي لئي جو تال آهي. يعني درت لئہ جو تال آهي. جو چئن ماترائن جو ٿئي.

ٻول

ڌين — تا- تا- تڪ.

ٽوڙي (راڳڻي)

ٽوڙي ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي آهي.ڪي ڌيوت کي وادي ڪري سمجهن ٿا تہ ڪي گنڌار کي. آروهي ۾ رکب دربل اٿس. ڳائڻ جو وقت ٻپهري اٿس، ڌيوت کي وادي سر سمجهڻ گهرجي. اَڄڪلهہ ٽوڙي جا چند قسم رواج ۾ آهن. گائڪ گهڻو ڪري شڌ مڌم بہ لڳائين ٿا. هن کي بلمپت لئي ۾ ڳائڻ گهرجي.

خاص تان: ڌا ڌا — پا- ڌا- پا مي گا- را گا- را- سا- ني ڌا ني سا- گا- را گا- را- سا- ڌِا- نِي سا- گا- را گا — را سا- نِي ڌِا- پا- مي ڌِا- ني سا- ڌا- ني سا- را گا- مي گا- را گا- را سا

آروهي: سا را گا مي پا ڌا ني

امروهي: سا ني ڌاپا مي گا را سا

وادي سُر: ڌيوت

سموادي سُر: گنڌار

وقت: ٻپهري

ٽوڙي ٺاٺ

پراڻن گرنٿن ۾ هن ٺاٺ کي برالي ميل ڪري بہ لکيو ويو آهي. سُر هي اٿس.

سا- ري- گي- مي- پا- ڌا- نو- سا

کرج، رکب ڪومل- گنڌار ڪومل- مڌم تيور- ڌيوت ڪومل- نکاد تيور.

ٺاٺ جون راڳڻيون:

ٽوڙي- گوجري- ميان جي ٽوڙي- ملتاني- بهادري ٽوڙي نيڪ روشن هجي تہ ٽوڙيجا تمام گهڻا قسم مروج آهن، جيڪي مسلمانن جي ايجاد ٿيل آهن. گرنٿن ۾ صرف هڪ ٽوڙي جو ذڪر ڪيل آهي.

ٺهليو ڀڳت

سن 1890ع ۾ خيرپور ميرس ۾ ڄائو. اتي ئي ڳائڻ جي لونءَ لڳيس- آواز سنهو پر سريلو ۽ لچڪ وارو هوس. ذهن ڏاڍو تکو هوس، تنهن ڪري جلد ئي موسيقيءَ جي سڀن رمزن تي عبور حاصل ڪري ورتائين. ننڍي هوندي ٽنڊي جان محمد ۾ هڪ ڀڳت لڳي، جتي هن کي وڏيڪ شوق پيدا ٿيو. سندس شاگردن ۾ ٽاپو ۽ ڏرمون مشهور ڀڳت ٿي گذريا آهن، جيڪي آخر تائين ساڻس گڏ هئا ۽ جهيلي تي ڳائيندا هئا. سندس ڳالهه ڪٽڻ جو انداز انوکو هوندو هو. دودي چنيسر جي ڳالهه تي تہ قدرت حاصل هوندي هيس. ڪڏهن ڪڏهن اها ڳالهه ٽي ٽي راتيون هلندي هئي. روپ- بسنت جي ڳالهه ڏاڍي چاهہ سان ڪٽندو ۽ ڳائيندو هو- اتر سنڌ جو هي پهرين جوڙ جو ڀڳت ورهاڱي وقت هندوستان هليو ويو.

ٺاٺ (راڳداري جو بيان)

ٺاٺ ستن سُرن جي ترتيب جو نالو آهي. انهن ستن سرن مان هزارين راڳ ۽ راڳڻيون نڪرن ٿيون. اهي ست سُر هي آهن.

سا- ري- گا- ما- پا- ڌا- ني. يعني کرج. رکب- گنڌار- مڌم- پنچم- ڌيوت - نکاد

کرج ۽ پنچم اچل ٿين يعني اهي تبديل نہ ٿيندا اهن. باقي سر تيور ۽ ڪومل ۾ تبديل ٿين. اهڙيءَ طرح کرج- رکب تيور. رکب ڪومل. گنڌار تيور.گنڌار ڪومل. مڌم تيور، مڌم ڪومل – پنچم- ڌيوت تيور – ڌيوت ڪومل- نکاد تيور- نکاد تيور. اهڙيءَ طرح اهي ڪل 12 سُر ٿين، جن مان مختلف راڳ ۽ راڳڻيون ٺهن ٿا. کرج ۽ پنچم کان سواءِ ڪنهن بہ سُر کي ترتيب سان بدلائبو تہ ٺاٺ بدلجي ويندو. بلاول ٺاٺ جا سر هي آهن. کرج- شڌ رکب- شڌ گنڌار. شڌ مڌم- پنچم- سڌڌيوت شڌ نکاد- پرجي مٿين ترتيب ۾ رڳو هڪ سُر نکاد ڪومل ڪبو ۽ باقي سر ساڳيا رکبا تہ کماچ ٺاٺ ٺهي پوندو. ائين سرن جي ڦير گير مان ڪل 72 ٺاٺ ۽ هر ٺاٺ مان چار سو چوراسي راڳ يا راڳڻيون نڪرن ٿا. ائين 72 ٺاٺن مان ڪل چوٽيهہ هزار اٺ سو اٺيتاليهہ راڳ ٺهي سگهندا. موجوده دور ۾ يات ڪنڊي 10 ٺاٺ چنڊي ڇاٽي بيهاريا آهن. سي هي آهن.1ڪلياڻ ٺاٺ، 2 بلاول ٺاٺ، 3 کماچ ٺاٺ، 4 ڀيرون يا ڀيرو ٺاٺ، 5 ڀيروي ٺاٺ، 6 آساوري ٺاٺ، 7 ٽوڙي ٺاٺ، 8 پوربي ٺاٺ، 9 ماروا ٺاٺ، 10 ڪافي ٺاٺ، انهن ٺاٺن مان اٽڪل بہ سؤ کن راڳ نڪرن ٿا.

پارجاتڪ (ڪتاب)

اورنگزيب عالمگير لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هن راڳ تي بندش وڌي ۽ دربار مان راڳ کي نيڪالي ڏني، پر پوءِ بہ سندس دور ۾ موسيقي جي فن تي ڪجهہ ڪتاب لکياويا.انهن مان هڪ ڪتاب مرزا روشن ضمير جيڪو موسيقي جو مڃيل استاد هو، هن عربي، فارسي ۽ هندي ۾ ڪجهہ ڪتاب هن فن تي لکيا. پر اهي هاڻي بنهہ دستياب ڪو نہ آهن. پار جاتڪ اصل ۾ سنسڪرت زبان ۾ اهو بل جي لکيل ڪتاب جو ترجمو آهي. هن ۾ ٽي باب آهن، پهريون گيت ڪانڊ آهي، جنهن ۾ ڳائڻ جا اصول ڏنل آهن. ٻيو اواديہ ڪانڊ آهي، جنهن ۾ سازن تي بحث ڪيو آهي. ٽيون نرتيہ ڪانڊ آهي، جنهن ۾ رقص تي بحث ڪيل آهي.هي ڪتاب فارسيءَ ۾ آهي.

پٽ ديپ (راڳڻي)

هي ڪافي ٺاٽ جي راڳڻي مڌ سبتڪ تي ڳائبي آهي.

وادي سُر: پنچم

سمواي سُر: کرج

آروهي: ني سا گي مي پا ني سا

امروهي: سا ني ڌا پا مي گي پا ري سا ني سا (مي) گي ري سا

پڪڙ: پا- ني- سا- ڌا- مي- پا، گي- مي- گي- ري سا

چيز: ني سا ري ري گي گا مي ما پا پا ڌي ڌا ني ني سَا رَي

پٽ منجري (راڳڻي)

ڪافي ٺاٽ جي سمپورن راڳڻي جنهن جي آروهي ۾ ڌيوت ۽ گنڌار دربل آهن، جنهن ڪري سارنگ سان شڪل ملندڙ اٿس. پر سارنگ ۾ ڌيوت ۽ گنڌار جا سُر ورج آهن. اهو ئي پنهي راڳڻين ۾ فرق آهي. هڪ مت موجب هن راڳڻيءَ ۾ ٻئي گنڌارون لڳن ٿيون. ٻي مت موجب هن راڳڻيءَ جا سڀ سُر شڌ آهن. ان قسم جي پٽ منجري بلاول ٺاٽ ۾ آهي. هن راڳڻيءَ جي شڪل ديسي سان ٻه ملي ٿي پر ديسي ۾ ڌيوت ڪومل آهي ۽ ڪي وري ٻئي ڌيوت هڻن ٿا. پر پٽ منجري ۾ صرف تيور ڌيوت آهي، جيڪو ڪمزور ڪري لڳائبو آهي. هن راڳڻي ۾ ٻئي نکادون استعمال ٿين ٿيون. گنڌار ڪومل ڪري هڻبو.

تان: گا- سا- مِا- پا – ني – سا- ري گا ري – ني – سا – سا – ري – ما ري – ما ما- پا – ما پا-نا پا- ما ري – گا ري- ني سا

آروهي: سا ري ما پا ن سا

امروهي: سا نا ڌ پا ما گا ري سا

واي سُر: کرج

سموادي سُر: پنچم

وقت: ٽپهري

راڳ ساگر ۾ ڪافي ٺاٽ جي زمري ۾ هن راڳڻيءَ جو ذڪر ڪيل ڪو نہ آهي.

پناٽي خان (ڳائڻو)

پناني خان جو اصل نالو گل محمد هو ۽ پيءُ جو نالو خميسو خان هو. 1920ع ۾ ڌاري بستي تنبو والي ضلع ٺل، جيڪو ڪوٽ ادو کان پري هڪ جابلو علائقو آهي، اتي ڄائو. هي ننڍڙو هيو تہ سندس پيءُ ٻين شادي ڪري زال گهر وٺي آيو تہ هن جي ماءُ مڙس کان ڪاوڙجي پناٽي کي ساڻ ڪري مائٽن وٽ وڃي رهي ۽ وري مڙس سان عمر ڀر نہ

ملي. گل محمد کي پنهنجي ناني ۽ ماءُ نپايو. هن جي ماءُ هن کي پڙهائڻ تي چاهيو. وڏو ماڻهو ڏسڻ تي چاهيو پر ائين تي نہ سگهيو. جو هي ازلي پڪار. ازلي اکر. ازلي ٻول سان پاڻ کي ٻڌي ويهي رهيو. ست درجا پڙهي بس ڪيائين. سندس نالي بابت بہ هڪ روايت آهي تہ هُو ننڍي هوندي سخت بيمار ٿي پيو تہ هن جي ماءُ کيس ساداتن جي گهر ڏاڍي ڦيٽي لاءِ وٺي ويئي. سيدزادي سندس نالي کي ڳرو سمجهي کيس گل محمد مان پناڻي خان بڻائي ڇڏيو. جيڪا پوءِ سندس سڃاڻپ ٿي.

هن ڳائڻ جي شروعات تہ ٻاروتڻ کان ڪري ڇڏي هئي، پر باضابطہ ڪلام خواجہ غلام فريد جو ڳايو. سِگهڙا آوين سانول. . . . ۽ پوءِ ريڊيو ٿي وي- تي پناڻي خان کي اڪثر ٻڌبو ۽ ڏسبو رهبو هو.

ميڏا دين وي تون. ايمان وي تون

جنهن مستيءَ سان هن ڳايو. خود انهيءَ ڪلام ۾ بہ غضب جي رواني آ. ان ڪلام هن کي حدن کان بي نياز ڪري ڇڏيو. هي سرائيڪي ڪافي جو شاندار ڳائڻو 2000ع ۾ وفات ڪري ويو. کيس صدارتي ايوارڊ پرائيڊ آف پرفارمنس مليل هو.

پرياتي (راڳڻي)

هي پيرو ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي آهي. مڌم وادي سر اٿس. هن راڳ ۾ رکب ۽ ڌيوت پيرو راڳڻي وانگر لڳي ٿو. پر مڌم وادي سر هجڻ ڪري پيرو جي شڪل کان الڳ ٿي بيهي ٿو ۽ پنچم جي ڪري للت کان الڳ. هن جي امروهي ۾ مڌم ۽ نکاد جا سُر اچن ٿا. ان لاءِ رامڪلي کان الڳ. نکاد ۽ گنڌار جي موجودگيءَ کيس گنڪلي کان ڌار ڪري ٿي، جو گن ڪلي ۾ اهي سر ورج آهن. هي راڳڻي هميشه بلمپت ۾ ڳائڻ گهرجي. هي درت لئہ ۾ ڳائبي تہ جلد ڪالنگڙي جي صورت اختيار ڪندي ڇو تہ هن راڳڻيءَ ۾ ٻئي مڌم لڳايا وڃن ٿا. هن ۾ صفتي ڪلام ڳايو وڃي ٿو.

خاص تان: ما گي- گي را- سا ڌا- ني سا سا- گي ما ڌا- پا ما ما-

آروهي: سا را گي ما پا ڌا ني

امروهي: سا ني ڌا پا ما گي را سا

وادي سُر: مڌم

سموادي:

ڳائڻ جو وقت: صبوح

راڳ ساگر ۾ هن راڳڻيءَ جو ذڪر پيرو ٺاٺ جي ضمن ۾ ڪيل ڪو نہ آهي.

پرتاب ورالي (راڳڻي)

کماڇ ٺاٺ جي اوڊو ڪاڊو راڳڻي آهي. رکب گره جو سُر اٿس. آروهي ۾ گنڌار ۽ نکاد ورج آهن. ڪي گائڪ هن راڳڻيءَ ۾ مڌم تيور هٽندا آهن پر اهو غلط آهي، جو قاعدو مقرر ٿيل آه تہ جنهن راڳ ۾ مڌم تيور هجي ان ۾ نکاد ڪومل نہ هجڻ کپي. هي راڳ گهٽ ڳاتو وڃي ٿو.

خاص تان: سا- ري ري- ما پا- ڌي پا- ما پا- ڌي سا- پا ڌي پا ما گي ري گي سا.

آروهي سا ري ما پا ڌ سا.

امروهي: سا ڌي پا ما گي ري سا.

وادي سُر: رکب

سموادي سُر: کرج

ڳائڻ جو وقت: رات جو ٻيو پهر

پرج (راڳڻي)

پوربي ٺاٺ جي سمپور راڳڻي آهي، جنهن جي آروهي توڙي امروهي سمپورن آهي. اترانگ جي راڳڻي آهي، چتر پنڊت جو چوڻ آهي تہ هي رات جي راڳڻي آهي. انلاءِ هن ۾ تيور مڌم هٽڻ ٺيڪ ناهي. حالانڪ گائڪ ٻئي مڌمون هٽندا آهن. شوخ مزاج جي راڳڻي آهي. هن جي شڪل بسنت سان ملندڙ آهي، پر هن ۾ کرج وادي آهي ۽ گهٽو زور سُر نکاد تي رهي ٿو. ائين بسنت ۾ ڪو نہ آهي. بست جي آروهي ۾ پنچم ورج آهي، پر پرچ جي آروهي سمپورن آهي. ڪيڪي گائڪ هن کي ڪالنگڙہ سان ملائي ڳائيندا آهن.

خاص تان: سَا- ني ڌا پا- مي پا- ڌا پا- گي ما گي

آروهي: ني سا گي مي پا ڌا ني سَا

امروهِي: سا ني ڌا پا — مي ڌا پا- گي ما گي- مي گي را سا

وقت: رات جو پويون پهر

پرديپڪي (راڳڻي)

ڪافي راڳ جي اوڊو سمپورن راڳڻي جنهن جي آروهي ۾ رکب ۽ ڌيوت ورج آهن ۽ امروهي سمپورن اٿس. مندر ۽ مڌ استان جي سرن تي پٽ منجري کان پوءِ ڳائڻ گهرجي. ڪجھ ڪجھ شڪل پيم پلاسي سان ملي ٿي پر پيم ۾ مڌم وادي آهي تہ هن ۾ کرج وادي آهي. هن راڳڻيءَ جي آروهي ۾ رکب ورج تہ ڪو نہ آهي، مگر دربل ضرور آهي. هن ۾ ٻئي گنڌارون استعال ٿين ٿيون.

تان: گا- ري ري- سا- نا- ڌي- پا- سا- نا سا — گا- ري سا سا- گي- ما ما — پا- ما پا — نا نا — سَا — رَي- نا ڌي پا- ڌي ما پا — گا- ري- نِا سا

آروهي: نا سا گي ما- پا نا سا

امروهي: سا نا ڌي پا ما- گاري سا.

وادي سُر: کرج

سموادي سُر: پنچم

وقت: ٽپهري

راڳ ساگر ۾ هن راڳڻيءَ کي ڪاڍو ڪري لکيو ويو آهي.

پرسو ڀڳت

سن 1911ع ۾ سيوهڻ تعلقي جي ڳوٺ لاسيءَ ۾ ڄائو. پرسي جو آواز وڻندڙ ۽ نهات سوز ڀريو هو. ڳائڻ ۽ ڀڳت ٻڌڻ جو شوق ننڍي هوندي کان هئس. گُرُ ۽ تار جو پختو هو. انهن ڏينهن ۾ بوبڪن ۾ هڪ مسخرو هوندو هو، جنهن سان پرسرام شامل ٿي ويو. مسخرو ڪيس مشڪري وجهڻ مهل نچائيندو هو. جسم ۾ لچڪ ۽ آواز ۾ ڏاڍو مناج هوس. جنهن سببان ماڻهن جون دليون موهي وڏائين. تيار ٿيڻ کان پوءِ اڪيلو پنهنجي شاگردن سان ڀڳت وجهڻ لڳو. ڪيس اتر سنڌ ۾ پرسو ڀڳت ۽ لاڙ ۾ وري ”ڏتو ڀڳت“ جي نالي سان سڏيندا هئا، چاڪاڻ جو ڪا به ڪهاڻي ڪٽي پوري ڪو نہ ڪندو هو. اڌ ۾ اچي غزل ڪافيون ٻڌائي ڳالهہ کي ڦيرو ڏئي ڇڏيندو هو. ورهاڱي سبب هندوستان هليو ويو.

پکواز (ساز)

هن کي ڍولڪ بہ چون. پکاوج جي مٽيل صورت آهي. ۽ دهل جي ننڍڙي صورت آهي. ❊[3] هلڪي هئڻ ڪري مروج ٿي وئي. وڄت ساڳي دهل واري اٿس. نر ۽ مادي بہ پاسا اٿس. هڪ کي ڏامون جيڪو نر ٿئي ٻئي پاسي کي پڙي جيڪا مادي ٿئي. دهل جو آواز وڏو ٿيندو آهي، پر هن جو آواز ننڍو ٿيندو آهي. هي طبلي وانگر وڄي ۽ ان جا گهڻا ٻول ادا ڪري سگهي ٿو.

ڏا – ڏن- ڏي- ڏٽ- ڪڙ- ڪٽ- ڪَتِ – ڪِن- ڪَتا وغيره. سنڌي موسيقي ۾ لئي ۽ تال لاءِ ساز آهي. سموري هندوستان ۽ پاڪستان ۾ وڄايو وڃي ٿو. سهرن واري وڄت کي ”پڇند“ چوندا آهن. ڪلواڙو، تين تال ڪهروا جون تالون سٺيون نڪرن- هن کي ڏونڪن بجاءِ هٿ سان وڄايو ويندو آهي.

پکاوج (وڄت جو ساز)

هن کي مردال، پکائوج، مردالا ۽ پکاوج جي مختلف نالن سان سڏيو ويندو آهي. هي ضرب جو ساز آهي، جيڪو هٿن سان ساڄي کاٻي پاسي وڄائبو آهي. طبلي وانگر هن جا ٻول نڪرندا آهن. هي ڍولڪ وانگر ٿئي. شڪل ۾ گول. هي ڪلاسيڪي ۽ نيم ڪلاسيڪي ڳائڻ ۾ استعمال ٿيندو آهي.

نر وارو حصو کاٻي هٿ سان، مادي سر وارو حصو ساڄي هٿ سان وڄائبو آهي. هي ڍولڪ وانگر هڪ ٺئي ڪاٺيءَ جو پورو گول کوکو هوندو آهي، جنهن جي مادي تي ٻڪري جي اوجهري ڪمائي چاڙهيندا آهن. هي تمام ڪهنو وڄت جو ساز آهي. هي ڊيگهہ ۾ ڍولڪ کان اڌ فوٽ ڊگهو ۽ ويڪر ۾ اڌ فوٽ سنهو ٿئي ٿو. چمڙي جا پڙ ڍولڪ وانگر چڙهيل هوندا اٿس. ٻنهي پاسن کان چمڙي جون ڪمايل رسيون ڇڪي ٻڌل هونديون آهن. سر تال بيهارڻ

---

[3] ڳراڻ ۽ وڏاڻ کان بچڻ لاءِ ڍولڪ ايجاد ڪئي ويئي.

لاڳڪات جا 8 گول ٽڪرا وچ ۾ وٿين وٿين سان رسين ۾ وريل وڪڙ ڏيئي بيهاريل هوندا آهن. جن کي ويڙهي يا ڏرو ڪري تالي (مادي) جي مختلف حصن مان مختلف هنڌن تي ڏڪ يا ضربون هڻي ڪڍيا ويندا آهن. هٿوري جي نرم ڌڪن سان طبلي وانگرڪنارن کي ويهاري تال کي ساز سان ملايو ويندو آهي. هن کي صرف تانپوري يا سارنگي جي آس سان ملائي سگهبو آهي. درپد ڳائڻ وارا هن ساز جي سنگت کي وڏيڪ پسند ڪندا آهن. رودا ويٺا ۽ سر بهار تي سٺي سنگت بيهندي اٿس. هن جو آواز گهرو ۽ چٽو ٿئي. هن تي سڀ تال وڄائي سگهبا آهن. چون ٿا تہ گنيش ديوتا جو ايجاد ٿيل آهي. هن جو آواز بجلي جي گرج وانگر يا توبن جي ڌماڪي وانگر ٿئي. ڪڏهن تہ جهرڪين جي چهڪار بہ ڏئي.

پنا لال گهوش (بانسري نواز)

پنا لال 1921ع ۾ هاٽوڪي بنگلہ ديش ۾ ڄائو. شروعاتي تعليم هن پنهنجي چاچي کان ورتي. بعد ۾ هُو علاؤالدين خان جو شاگرد ٿيو. هن ڪيترين ئي فلمن ۾ ڪمپوزر جي حيثت ۾ ڪم ڪيو. ڪيس انڊين ايئر فورس ۾ نيشنل آرڪيسٽرا ۾ ڊائريڪٽر طور مقرر ڪيو ويو. هي 24 انچ ڊگهي بانسري وڄائيندو هو. جيڪا هن جي پنهنجي ايجاد هئي. هن وقت جي ڪيترن گوين سان گڏ سنگت ڪئي جن ۾ اوم ڪرنات ٺاڪر ۽ استاد فياض علي خان شامل آهن.

هي جواني ۾ ئي هڪ روڊ حادثي ۾ ديهانت ڪري ويو. اهو سال 1960ع هو. ان وقت سندس عمر 39 سال هئي. سچي ڳالھ اها آهي تہ جيڪڏهن اڄ هو هجي ها تہ وقت جو بسم الله خان هجي ها جو سندس ڦوڪ روح جياري ڇڏيندي هئي.

پنج تال جي سواري (وڄوت)

هي 30 ماترائن جي لئي آهي. جيڪا طبلي تي وڄندي آهي. هن ۾ خيال نهايت عمدو ڳائبو آهي.

ٺيڪو

1ڌي 2تا 3ڪَ 4ڌي 5تا 6ڪ 7ڌي 8ڌي - 9تا 10ڪ 11ڌي 12ڌي 13تا 14ڪ 15تي 16نا

X (2)

17تي 18نا 19تر 20ڪٽ 21ڌي 22نا 23ڌي 24ڌي - 25نا 26ڌي 27ڌي 28نا 29ڌي 30نا

(3) (4)

يا

ڌن تا گي ڌن تا گي-

ڌن

ڪڙ ڌن ڌن

ڏا ڳي ڏا ڳي

تن

ڪڙ تن تن

تا گي

تاگي

ڪت تا

ترڪٽ ڏن نا

ڏا

ترڪٽ ڏن.

پنجابي ٺيڪو (وڄوت)

16 ماترائن جو تال آهي. پهرين ماترا سم 5 ۽ 13 تي تال جڏهن تہ نائين ماترا خالي آهي.

ٺيڪو

1ڏا 2ڏ 3ينگ 4ڏا - 5ڏا 6تينگ 7تا – 8ڏا 9ڏينگ 10ڏا – 11ڏا 12ڏينگ 13ڏا - 14ڏا 15ڏينگ 16ڏا

X 2 0 1

پنچم

پا: مدهم ڪومل ۽ مڌم تيور کان پوءِ هڪ سر پنچم ايندو جو ڪرج (سا) وانگر شڌ يعني خالص آهي.

پربل

هي گائيڪي جو لفظ اهي، جنهن جي معنيٰ آهي زوردار جيئن شام ڪلياڻ ۾ نڪاد زور سان هٽبو.

پنچم (راڳڻي)

ماروا ٺاٽ جي سمپورن راڳڻي آهي. هي اترانگ جي راڳڻي آهي. ٻئي مڌمون هٽندا آهن. مڌم چٽو هئڻ ڪري للت جو انگ ڏسي ٿي. صورت پٽيار سان مشابهت رکي ٿي. ڪي پنچم جو سر ورج ڪندا آهن. هڪ شڪل پنچم راڳ جي هيءَ بہ آهي تہ رکب ڪي ڪڍي ڇڏڻ سان هيءَ پٽيار کان ڇجي بيهندي آهي.

خاص تان: گي- پا گي- را سا- نِي سا- گيما پا- پا ما پا گي-

مي ڌي مي گي- مي گي را سا- نِي نِي- سا را گي- ما گي. ما ڌي مي گي- مي گي را سا-

آروهي: سا گي ما- پا ما گي- مي ڌي سَا

امروهي: سا ني ڌي پا ما – گي پا گي- را سا

وادي سُر: مڌم

سموادي سُر:

وقت: رات جوپويون پهر

پوربي ٺاٺ

پراڻن گرنٿن ۾ هن ٺاٺ کي ورڏني ميل ڪري لکيو ويو آهي. هي ٺاٺ پيرو ٺاٺ ۾ مڌم شڌ جي جاءِ تي مڌم تيور شامل ڪري ٺاهيو ويو آهي. سر هي اٿس.

سا- را- گو- مي- پا- ڌا- نو- سا

کرج- رکب ڪومل- گنڌار تيور- مڌم تيور- پنچم-

ڌيوت ڪومل- نکاد تيور.

هن ٺاٺ جون راڳڻيون :

پوربي- گوري- ريوا- ٻياس- ديپڪ- تربيني- مالوي- ٽنڪيڪا- سري راڳ- جيت سري- بسنت- پرچ- ڌناسري- پور يا ڌناسري- هنس نارائڻ.

غور ڪري ڏسبو ته پوربي ۽ پيرو ٺاٺ ۾ صرف هڪ مڌم جو فرق آهي. اگر پيرو ٺاٺ ۾ شڌ مڌم جي جاءِ تي تيور مڌم هٽبو ته پوربي ٺاٺ ٺهي پوندو. هن ٺاٺ ۾ جيڪي به راڳ آهن. سي ٻن طريقن سان ڳاتا وڃن ٿا. هڪڙا پوربي انگ سان ۽ ٻيا سري انگ سان. جي راڳ پوربي انگ سان ڳاتا وڃن ٿا، انهن ۾ هميشه نکاد ۽ گنڌار جي سنگت رهي ٿي. جيڪي راڳ سري انگ سان ڳاتا وڃن ٿا: انهن ۾ پنچم ۽ رکب جي سنگت رهي ٿي پراڻن شاسترن ۾ هن کي رام ڪريا جي نالي سان به لکيو ويو آهي.

پوربي راڳڻي

ڪام ورڏني يا پوربي ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي آهي. گنڌار وادي سُر آهي. سري راڳ ۾ وادي سُر رکب آهي ۽ پوربي ۾ گنڌار. گائڪ هن ۾ سر گنڌار سان گڏ امروهي ۾ شڌ مڌم به لڳائيندا آهن. ڪنهن گرنٿ ۾ پوربي راڳڻي پيرو ٺاٺ ۾ جاٽايل آهي. پر هي راڳڻي شام جي وقت ڳاتي وڃي ٿي. ان لاءِ گائڪ ٻئي مڌمون هٽندا آهن. پوربي ڏاڍي سادي سودي راڳڻي آهي جو آروهي امروهي وکر ڪو نه آهن. ڪي گائڪ چون ٿا ته سري راڳ جي رکب ۽ ڌيوت کان پوربي جي رکب ۽ ڌيوت ۾ صرف هڪ سرتي جو فرق آهي.

خاص تان: گي- را سا- ني را گي — را گي- مي مي — گي ما گي- را گي- را سا

آروهي: سا را گي مي پا ڌا ني سَا-

امروهي: سا ني ڌا پا مي گي را سا-

وادي سُر: گنڌار

سموادي سُر:

وقت: شام

راڳ ساگر ۾ وادي سر پنچم ۽ سموادي سر نکاد ڏسيل آهي. جڏهن ته امروهي سَاني ڌا پا مي گي ما گي را سا- ڏسيل آهي.

پوريا راڳڻي

مارروا ٺاٽ جي کاڊو راڳڻي جنهن ۾ پنچم ورجت آهي. هي راڳڻي مندر ۽ مڌ سبتڪن ۾ ڳائڻ گهرجي. پوروانگ جي سرن تي زور رهي ٿو ان لاءِ ئي هن جو وقت شام آهي. اگر اترانگ جي سرن تي زور ڏبو ته سهڻي ٿي پوندي. نکاد ۽ رکب، نکاد ۽ مڌم جي سنگت رهي ٿي. مارروا ۾ رکب ۽ ڌيوت وادي سموادي سر آهن. انهن تي ئي سڄي راڳڻي جو زور رهي ٿو. گنڌار ۽ نکاد جا سر پوريا ۾ وادي سموادي سُر آهن. انهن تي ئي راڳڻي جو زور رهي ٿو. ڀاٿو يٽ پنڊت پنهنجي گرنٿ رتناڪر ۾ پوريا جا قسم لکندي، لکيو اهي ته پوربي ۽ للت ملائبا ته هندولي پوريا ٺهندي. پيرو کي پوريا سان ملائڻ سان پيرو پوريا ٺهندي. للت ۽ بهاگڙه ملائڻ سان پوريا بهاگ راڳڻي ٺهندي. هندول ۽ ڌناسري ملائبي ته پوريا ڌناسري جڙندي. للت ۽ ايمن ملائبو ته ايمني پوريا ٺهندي. چترپنڊت لڪش سنگيت ۾ لکيو آهي ته ڀائو يٽ پنڊت پوريا جا قسم ته ڏنا آهن پر انهن جون چالون ۽ لڇڻ ڪو نه ڏنا اٿس. اهو ايترو سولو ڪم ناهي.

خاص تان: گي- نِي را سا- ني ڌي ني- مِي ڌي- را سا- ني را گي- ني را سا-

آروهي: ني را سا گي مي ڌي —ني رَا سَا-

امروهي: سَا ني ڌي مي گي- ني را گي —ني را سا-

وادي سُر: گنڌار

سم وادي سُر: نکاد

وقت: شام

راڳ ساگر وقت اڌ رات ۽ آروهي: سا را گي مي ڌي ني سا. ۽ امروهي سا ني ڌي مي گي را سا- لکي آهي. جيڪا ڪنهن بہ سنگيت جي ڪتاب ۾ ائين لکيل نہ آهي.

پوريا ڌناسري راڳڻي

پوربي ٺاٽ جي سمپورن راڳڻي جنهن جو وادي سر پنچم آهي. هيءَ راڳڻي راڳ پوريا ۽ ڌناسري جي ميلاپ مان ٺهيل آهي. هي شڌ مڌم نہ هجڻ ۽ وادي سر پنچم هئڻ ڪري پوربي راڳڻي کان ڇڄي بيني آهي. سري راڳ جو ڪو بہ انگ منجهس ڪونهي. بسنت ۽ پرچ اترانگ جا راڳ آهن، پر هي پور وانگ جي راڳڻي آهي. پوريا ڌناسري اصل ۾ ڌناسري آهي.

خاص تان: ني را گي- مي پا- ڌا پا- مي گي- مي را گي- را سا-

آروهي: ني را گي مي پا ڌا پا ن سَا-

امروهي: رَا ني ڌا پا مي گي- مي را گي- را سا-

وادي سُر: پنچم

سم وادي سُر: ڪرج

وقت: شام

پوريا ڪلياڻ (راڳڻي)

ماروا ٺاٽ جي سمپورن راڳڻي مشر ميل آهي. ماروا ۽ ڪلياڻ ٺاٽ ڪي ملائي جوڙي وئي آهي. نکاد جو سر آروهي ۾ ورڪرا ٿس.

آروهي: سا را گي مي پا ني ڌي سا-

امروهي: سا ني ڌي پا مي گي را سا-

وادي سُر: پنچم

سم وادي : ڪرج

وقت: ٻپهري.

پهاڙي (راڳڻي)

بلاول ٺاٽ جي اوڊو راڳڻي آهي. مڌم ۽ نکاد سر ورجت آهن.

آروهي: سا ري گي پا ڌي سا-

امروهي: سا ڌي پا گي ري سا ڌي.

وادي سُر: سا (ڪرج)

سموادي سُر: پا. (پنچم)

ڳائڻ جو وقت: هر وقت

ڪن گرنٿن ۾ هي راڳڻي پيرو ٺاٽ ۾ ڄاڻايل آهي. ته وري ڪن گرنٿن ۾ نکادڪومل سان ڪماچ ٺاٽ ۾ لکيل آهي. هن ۾ ڌيوت ۽ پنچم جي سنگت آهي. اترانگ ۾ يعني پنچم ڪان وٺي ٽيپ جي ڪرج تائين راڳ جو گهڻو زور آهي.

پيلو (راڳڻي)

ڪافي ٺاٽ جي سمپورن راڳڻي آهي. هن راڳڻيءَ ۾ تيور ڪومل سڀ سر استعمال ٿين ٿا. گوري، پيم پلاسي ۽ پيروي جي ميلاپ مان ٺهيل آهي. آروهي ۾ تيور سر ۽ امروهي ۾ ڪومل سر لڳندا آهن. راڳڻي مسلمانن جي ايجاد آهي.هي شوخ مزاج جي راڳڻي آهي.

آروهي: ني سا ري گا- ما پا ڌي- ني سا-

امروهي: سا نا ڌي پا ما گا- ري سا ني سا-

وادي سُر: گنڌار

سموادي سُر: نکاد

وقت: ٽپهري

جاڙا رام ڀڳت

1900ع ڌاري سکر ۾ ڄائو. اتي ئي پنهنجي فن جي شروعات ڪيائين. سچي سنڌ ۾ سندس هاڪ هئي. گهڻو ڪري شڪارپور، سکر، ميهڙ، لاڙڪاڻي ۽ دادوءَ ۾ ڀڳتون وجهندو هو. ورهاڱي مهل هندستان هليو ويو.

جانسم موهني (راڳڻي)

هي ڪلياڻ ٺاٽ جي راڳڻي آهي. گرنٿن ۾ هن کي شو پا ڪلياڻ جي نالي سان به سڏيو ويو آهي. هي مڌم تار تي ڳائبي آهي. هي ڪلاونتي راڳڻي سان ملندڙ آهي.

وادي سُر: ڪرج

سموادي سُر: پنچم

آروهي: سا ري گا پا ڌا ن سا

امروهي: سا نِي ڌا پا گا پا گا ري سا نِي ڌا سا.

پڪڙ: پا — ڌا- نِي- ڌا- پا- گا- ري- سا- نِي- ڌا- سا

چيڙ: ني سا رِي ري گي گا مي ما پا پا ڌا نِي ني سَا رَي

جگپال تال (وڄوت)

هن تال ۾ 11 ماترائون ۽ چار ضربون آهن. هن تال کي چئن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. پهريون سم 5 ماترائون باقي 3 حصہ ٽن ٽن ماترائن جا آهن. پهرين، 6، 8 ۽ 10 ماترا تالي آهي.

ٺيڪو

1	2	3	4	5	6	7	8	9	10	11
ڌا	ڌن	نڪ	ٽن	نا	ڌم	ڪٽ	ٽٽ	ڪٽ	گد	گِن
X					(2)		(3)		(4)	

جگجيت سنگهه (راڳي)

جگجيت سنگهه 8 جنوري 1941ع ۾ گنگا نگر راجستان ۾ ڄائو. سندس والد سردار امر سنگهه سرڪاري نوڪريءَ ۾ هو. سندس ماءُ بچن ڪور سخت مذهبي قسم جي سک عورت هئي. جگجيت کي چار ڀينرون ۽ ٻه ڀائر

آهن. ڪيس گهر ۾ جيت جي نال سان سڏين ٿا. سندس والد چاهيو ٿي ته هُو آفيسر بڻجي، پر هن جڏهن پنهنجي پٽ جو نالو موسيقيءَ جي دنيا ۾ وجندو ٻڌو ته ڏاڍو خوش ٿيو. جگجيت انٽر سائنس گروپ ۾، بي اي آرٽس ۽ ايم اي ڪرڪ شاسترا يونيورسٽيءَ هرياڻه مان تاريخ ۾ ڪئي. ننڍي لاڪون راڳ سان ناتو جڙيل هوس. پنڊت چنگل لال شرما کان پهريائين راڳ جي سکيا گنگا نگر ۾ ئي ورتائين. بعد ۾ استاد جمال خان کان خيال، درپد، ۽ ٺمري جي تعليم ڇهن سالن تائين ورتائين. پنهنجي مستقبل جي ڳولا ۾ 1965ع ڌاري بمبئي آيو ته ان وقت راڳ جي دنيا جا وڏا وڏا نالا اڳئي جاءِ والاريون ويٺا هئا. هن به يوسف جي خريدارن ۾ نالو لکايو ۽ جهد شروع ڪيو. هن جي ڳائڻ جي شروعات شادين مرادين ۾ ڳائڻ ۽ ايڊورٽائيز ڪمپنين ڪي آواز ڏيڻ سان ٿي. 1970ع ۾ غزل جي دنيا ۾ وڏا نالا، نور جهان، مهدي حسن، ملڪ پکراج، بيگم اختر، ڪندن لال سهگل، طلعت محمود وغيره موجود هيا. انهن جي موجودگيءَ ۾ هن سخت محنت سان ڇهن سالن اندر پنهنجي جڳهه ٺاهي ورتي. هن ڪي غزل ڳائڻ ۾ ملڪو حاصل هو ۽ آهي. 1967ع ۾ هن جي چترا سان ملاقات ٿي، جيڪا پڻ گائڪ هئي. 1969ع ۾ ٻنهي شادي ڪئي. ٻنهي جي جوڙي ڳائڻ طور ڏاڍي مشهور ٿي. کين هڪ پٽ وويڪ نالي هيو، جيڪو 21 سالن جي ڄمار ۾ هڪ حادثي ۾ فوت ٿي ويو. چترا دک سهي نه سگهي ۽ ڳائڻ ڇڏي ڏنائين. جگجيت به دکي ٿيو پر هن ان دک کي آواز ۾ شامل ڪري ڇڏيو. غزل ڳائيندو آهي ته اها درد جي لهر سندس آواز مان ٽيپاڪري ڳڙندي آهي. ڪيس ته جهوريندي آهي پر ٻڌندڙ به ٻڏي ويندا آهن. هن پوءِ بي انداز غزل ڳايا. بي انداز فلمن جو پلي بيڪ سنگر ٿيو. مرزا غالب جيڪو هڪ ٽي وي ڊرامون هو، ان جا ڳايل نغما تمام گهڻو مقبول ٿيا، جنهن ڪيس مٿانهون مقام ڏنو. سون جي تعداد ۾ سندس البم نڪتل آهن. هندوستان توڙي پاڪستان ۾ لکن جي تعداد ۾ سندس، ٻڌندڙ، موجودآهن. واقعي آواز جي ڪا به سرحدکو نه آهي. هو هڪ ڀيرا پاڪستان به آيو آهي. پاڪستان جا ماڻهو ساڻس پيار ڪن ٿا. اهو ڪيس احساس به آهي. 2006ع ۾ به زلزلي جي ستايلن جي امداد لاءِ شو ڪيا هئائين. هن جا ڪيترائي شاگرد آهن، جن ۾ طلعت عزيز، گهنشام واسواڻي، اشوڪ کوسلہ، سزا راءِ ۽ ونود سهگل وارن ڪافي نالو ڪمايو آهي. 2003ع ۾ هند سرڪار ڪيس پدما ڀوشن جي اعزاز سان نوازيو. پاڻ ڪمبالا هلس بمبئي ۾ رهي ٿو.

جلال چانڊيو (ڳائڻو)

جلال چانڊيو 1944ع ڌاري موري، ضلعي نوشهري لڳ هڪ ڳوٺ ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو فيض محمد هو. سندس والد ڪيس نوان جتوئي ۾ ڪنهن ٽيلر ماسٽر وٽ ڇڏيو ته هو درزي ٿئي. پر هن جي لنئن راڳ سان لڳل هئي. ڳوٺ موٽي اچي ٻڪرين جو ڌڻ سنڀاليائين، هٿ ۾ ٺڪريون ڪٽي انهن کي وڄائي جهنگ ۾ راڳ چوندو هو. ميرپور ماٿيلي واري استاد علي گل مهر کان ڳائڻ جي ڪجهه تربيت ورتائين. 1970ع ڌاري پارس ڪمپني هن جي پهرين ڪيسٽ ڪڍي.هي عوامي ڳائڻو هو. عام ماڻهن ۾ ايترو مقبول هو جو استاد منظور علي جهڙو عظيم ڳائڻو به سندس عوامي مقبوليت جي ڪري رنگ لائي نه سگهندو هو. چوندا آهن ته هن سنڌي ڪلچر ۾ بگاڙ آندو.

پراها ڳالهہ بہ درست آهي تہ هن نور جهان، عنايت پٽي ۽ ٻين فلمي پنجابي ڳائڻن کي سنڌي ڪيسٽ جي دنيا مان ٻاهرڪڍي ڇڏيو. هن جي آواز ۾ عجيب لرزو ۽ ڳوراڻ هئي. ڏوهيڙي ڏيڻ ۾ ملڪو حاصل هوس. الله سائين، جلال کي وڏي ڏات ڏني هئي، جو هن سنڌ جي لوڪ رنگ کي سڄي دنيا ۾ متعارف ڪرايو. ڇپڙيون وڃائڻ ۾ سندس ڪو بہ ثاني ڪو نہ هو. هن شاهہ سچل، استاد بخاري ۽ ٻين کي ڳاتو.جلال چانڊئي جي ايتري مقبوليت هئي جو سندس وڏيون وڏيون تصويرون ٽرڪن جي پوبان چيپل هونديون هيون. هن حيدرآباد، ڪراچي ريڊيو کان سواءِ هزارين ڪيسٽن ۾ ڳايو. اوطاق جو پلو، پلا گهوڙا آخري دور ۾ ڏاريندو هو. سدائين بوسڪيءَ جي قميص، پلي هرڪ جي ڪانئچ ۽ سنڌي ٽوپي پائيندو هو. بٽ ۾ پريل، شهپريل سنڌي جوان 2001ع جنوري ۾ اسان کان جدا ٿي ويو. سنڌي راڳ کي جهرجهنگ ۾ مقبول ڪري ويو. هن يڪتاري تي راڳ جي روايت کي نئون جنم ڏنو

جلترنگ (ساز)

22 چيني جي پيالن کي جيڪي بتدريج ننڍا وڏا ٿين. انهن کي ضرورت آهر پاڻي سان ڀريو ويندو آهي، چيني جي پيالن کان اڳ ۾ اهي ڪانجهي ، ٽامي يا پتل جا هوندا هئا. مندر استان وارا پيالا (جيڪي هيٺيان سرڏين) ڪجهہ وڏا ٿيندا آهن ۽ تال استان وارا (اهي جيڪي مٿيان سرڏين) پيالا ڪي قدر ننڍا ٿين. پيالن کي گول دائري ۾ ساڄي کان ننڍا بتدريج کاٻي وڏا رکجن. پيالن ۾ پاڻي وجهي ادائي سبتڪن جا سرونبا آهن. (12+ 12+ 4) يعني سا- سا- ري- ري- گا- گا- ما- ما- پا- ڌا — ڌا — ني- ني — الخ ٻيو سبتڪ. هاڻي ٻہ ڏونڪا ڪٺي پيالن جي ڪنارن تي ضرب هڻي گهربل سر وٺبو ۽ مسلسل ٻنهي هٿن سان وڄائڻ ڪري هڪ آوازي صورت ٺهندي. هن ۾ 16 پيالن ۾ پاڻي وجهبو آهي. 6 پيالن ۾ يا تہ خالي ڇڏبو يا انهن ۾ ڪجهہ ٻيون ڳريون هلڪيون شيون مثلا پارو شربت وغيره وجهبو.

هنن پيالن جا سروڻ تمام ڏکيو عمل آهي.هاڻي تہ ننڍڙيون پياليون ٽامي، پتل جون نڪري پيون آهن، جيڪي ازخود ڪنهن نہ ڪنهن سر تي ٻڌل آهن ۽ وڄائڻ ۾ سوليون آهن نہ تہ اهي پيالا وڄائڻ محنت ۽ قابلت وارو ڪم هو. هندوستان ۾ هن جي وڄائڻ جي ماهر هڪ خاتون ڊاڪٽر ٽري ديوي مسرا آهي.

هي ساز 17 هين صدي ۾ بال پنڊت سنگيت پاريجات ۾ متعارف ڪرايو هو.

جلندر ڪيڏارو (راڳڻي)

هي بلاول ٺاٺ جي اوڊو راڳڻي آهي. گنڌار ۽ نکاد ممنوع سر آهن. هي راڳڻي جلندر ۽ ڪيدار جي ميلاپ سان ٺاهي وئي آهي. هن ۾ تيور مڌم جو استعال ڪو نہ ٿئي. ڪيدار ۽ هن ۾ فرق اهو آهي جو ڪيدار جي پور وانگ ۾ گنڌار ۽ اترانگ ۾ نکاد ڪمزور هوندا آهن. پرجلندر ڪيدار ۾ اهي سر ممنوع آهن. رکب ۽ ڌيوت تي زياده زور رهي ٿو.

ورن: اوڊو- اوڊو

وادي سر: مڌم

سموادي سُر: رکب

ڳائڻ جو وقت: رات جو ٻيون پهر

آروهہ: ساري سا ما ما پا ڌا نا.

امروهہ. سا ڌاپا ما ما ڌا پا ما ري سا.

خاص تان: ڌا پا ري سا ما.

جماعتي راڳ

هي پير صاحب پاڳاري جي جماعت جو راڳ آهي. جيڪو پٽ ڌڻيءَ جي درگاهہ جي راڳ وانگر ڳايو ويجي ٿو. پر هن ۾ ڪو بہ ساز يا سرود استعمال ڪو نہ ٿئي. هن راڳ جي شروعات پير صاحب حضرت محمد راشد رحہ جن جي دور کان شروع ٿيل ٿي ڏسجي. جماعتي راڳ جي ڄاڻو فقيرن جو چوڻ آهي تہ جماعت جو راڳ پٽائي صاحب جي راڳ جو تفسير آهي. ان مان سندن مراد آهي تہ جماعت جي راڳ ۾ اڪثر سر، شاهہ جي رسالي، وارا ڳائجن ٿا ۽ ڪنهن حد تائين ساڳي لئي ۾ ڳائجن ٿا.

جمالو ناچ (ناچ)

هي عوامي ناچ خوشيءَ جي موقعي تي ڪن. هي سنڌ جو مستند ناچ آهي. هي ناچ دهل يا تاڙين وڄائڻ سان ٿيندو آهي، جت قوم جو هڪ جوان گم ٿي ويو. يا ڪاوڙجي ويو تہ مائٽن ان جا وسب (وصف) ڏسي ملڪ ۾ ڳولڻ لاءِ اعلان ڪيو.

ٻول: هو جمال

منهنجو جمالو جتن سان.

جنهن ڪي سوني منڊي چيچ ۾.

جنهن ڪي سائولڪڻ هٿ ۾. وغيره.

هن ۾ جُهڪي جُهڪي هو جمالو جي وراڻي ڏبي آهي. نچندڙ بغل ٺوڪيندو، تاڙيون وڄائيندو، ڦيريون پائيندو آهي. بعضي گهيري ۾ (گهٽو ڪري) گڏجي ناچ ڪن تہ ڪي الڳ ۾، پر هڪڙو ماڻهو ڪلي ڪٽندو ۽ ٻيو/ ٻيا سڀ ورنديءَ ۾ ”هو جمالو“ چوندا.

جوڳ (راڳڻي)

پيروي ناٿ جي جوڳيا جهڙو آهي. پر ائين سمجهڻ گهرجي تہ جوڳيائي سنڌي جوڳ آهي. جو ڪافي ڪلاسيڪل راڳڻين تي سنڌي سنگيت جو اثر ٿيل ٿو ڏسجي.

آروهي: ساري ما پا ڌا سا.

امروهي: سا ني ڌا پا ما گا ري سا-

هي کادو سمپورن راڳڻي آهي، جنهن جي آروهي ۾ گنڌار ورج آهي.

وادي سر:

سموادي سر:

ڪي ڪي ڳائڻا گنڌار جو استعمال آروهي ۾ ڪن ٿا.

جوڳيا (راڳڻي)

ڀيروٺاٽ جي ڪاڊو راڳڻي جنهن ۾ گنڌار سُر ورج آهي. هي اترانگ جو راڳ آهي. هن ڪي نکاد لڳائي گنڪلي ڪان الڳ ڪيو ويندو آهي. جوڳيا جي آروهي ۾ نکاد ڪو نه آهي. هن راڳڻيءَ ۾ رکب مڌم ۽ ڌيوت مڌم جي سنگت رهي ٿي. امروهي ۾ پنچم دربل آهي. مڌم جو سر خلاصو لڳائڻ گهرجي. ڪي گائڪ چون ٿا ته هي ڀيرو ۽ آساوري جي ميلاپ سان ٺهيل راڳڻي آهي.

خاص تان: ما – را سا- را را ما را سا- را ما ما پا پا – ڌا ما ر سا

آروهي: سا را ما پا ڌا سا

امروهي سا ني ڌا پا ما را سا

وادي سُر: کرج

سموادي سُر: مڌم

ڳائڻ جووقت: رات جو پهريون پهر

جونپوري (راڳڻي)

آسا وري ٺاٽ جي ڪاڊو سمپورن راڳڻي آهي، جنهن جي آروهيءَ ۾ گنڌار ڪو نه آهي. امروهي سمپورن اٿس. هڪ اصول وارا هن جو وادي سُر نکاد مڃن ٿا. ٻيا ڌيوت. هي سلطان حسين شرقي جي ايجاد ڪيل راڳڻي آهي. ان لاءِ گرنٿن ۾ ذڪر ڪو نه اٿس. آساوري جي آروهي اوڊو ۽ امروهي سمپورن آهي، جڏهن ته جونپوري جي آروهيءَ ڪاڊو ۽ امروهي سمپورن آهي. اهوئي ٻنهي راڳڻين ۾ فرق آهي.

خاص تان: ما- پا- ڌا – پا – گا – ري- سا- ري- ما – پا – ڌا- نا- ڌا- پا – ما- پا- گا- ري- سا- سا- ري- ما پا – ڌا- ڌا پا- نا ڌا- پا- ما ما- ڌا- نا سا- نا ڌا – پا- ما پا- گا- ري سا- نِا- ڌِا- پِا- مِا پِا- ڌِا- نِا سا- ري- ما- پا گا- ري- سا

آروهي: سا ري ما پا ڌا نا سَا-

امروهيِ: سَا نا ڌا پا ما گا ري سا-

وادي سُر: هڪ مت ۾ ڌيوت- ٻي مت ۾ نکاد.

سموادي سُر: رکب

وقت: ٻپهري جو.

پڪڙ

جئيرام جوڳي (مرلي وارو)

جئيرام ولد ڪارو جوڳي عمرڪوٽ ۾ 1950ع ڌاري ڄائو. سندس ماحول ننڍپڻ ۾ نانگ ڦاسائڻ ۽ مرلي وڄائڻ هيو. چونئرن ۾ رهندي نانگ ڦاسائيندي، سانگ ڪندي جواني آئي وئي. لونگ جوڳي وٽ مرلي جي پوءِ باقاعدي سکيا ورتائين. ۽ لڏي شيخ پرڪيو ۾ اچي وينو. جئيرام جڏهن مرلي وڄائيندو آهي ته لڳندو ته شايد ڪو ساحر هجي. پنڊال جهومندو آهي. نياز نئڙت اها ئي فقيراڻي، فن شاهي اٿس، ريڊيو تي ڪوثر ٻرڙي متعارف ڪرايو اٿس ۽ ٽي وي تي عبدالڪريم بلوچ صاحب جڏهن ته فنڪشنس ۾ احمد خان سهاڳ، هو دل سان سيني جو دعاگو آهي. اقبال جوڳي، خميسو چوهاڻ ۽ قادر بخش سندس پسند جا فنڪار آهن. ڪافي تعداد ۾ شاگردن جو اٿس، جن ۾ جمن، منو، سومار، اِتڪا ناٿ وغيره مشهور آهن.

جيت (راڳڻي)

ماروا ٺاٺ جي اوڊو راڳڻي جنهن ۾ مڌم ۽ نکاد جا سُر ورج آهن. ريوا راڳ ۾ مڌم ۽ نکاد ورج آهن، ٻياس ۾ بہ مڌم ۽ نکاد ورج آهن. ان لاءِ اهو امڪان رهي ٿو تہ اهي ٽئي راڳڻيون پاڻ ۾ ملي نہ وڃن، پر گرنٿن ۾ اصول آهي تہ انهن جا وادي ۽ سموادي سُر بدليل هوندا. ڪي گائڪ هلڪي تيور مڌم جي مرڪ امروهي ۾ هڻندا آهن. ڪيِ اِن کي ڪلياڻ ٺاٺ ۾ ڳائيندا آهن. پر اهي اصول درست ڪو نہ آهن. ڪن گرنٿن ۾ جيت پوربي ٺاٺ جي راڳڻي ڄڻيل آهي. پوربي ٺاٺ ۾ رکب چڙهڻ سان سري ٽنک جو روپ ٺهندو ۽ گنڌار چڙهڻ سان جيت جو روپ جڙندو. اها ڳالهہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ جنهن مت ۾ راڳ پنهنجي قاعدي سان ٻين راڳن کان صاف الڳ ٿي بيهن، انهن کي غلط نٿو سڏي سگهجي.

جيت جي چال: سا را گي را- سا- را گي- پا- پا- ڌي گي- پا ڌي گي- را گي – ڌي پا گي- را- سا-

آروهي: سا را گي پا ڌي سَا-

امروهي: سا ڌي پا گي را سا-

وادي سُر: پنچم-

سم وادي سُر: کرج.

وقت: شام

جيت سري (راڳڻي)

پوربي ٺاٺ جي اوڊو سمپورن راڳڻي، جنهن جي آروهي ۾ رکب ۽ ڌيوت ورج آهن ۽ امروهي سمپورن، ڪن وٽ گنڌار وادي سر آ ڪن وٽ کرج. ڪي پنڊت هن راڳڻيءَ کي ڌيوت تيور هڻي ماروا ٺاٺ ۾ شامل ڪن ٿا، پر لکش سنگيت جو ليکڪ لکي ٿو تہ هيءَ براري – ديسيڪار ۽ ڊولسري جي ميلاپ مان ٺهيل آهي. شام جي وقت وارن راڳن ۾ هي واحد راڳڻي آهي، جنهن جي آروهي ۾ رکب ۽ ڌيوت ورج آهن. ان لاءِ هن جي صورت بہ الڳ بيٺل آهي.

خاص تان: ني سا- را سا- گي پا- گي- را سا- ني سا- گي مِي پا ڌا- مي پا- گي پا-مي گي- را سا

آروهي: سا گي مي پا ني سَا-

امروهي: ساني ڌا پا مي گي را سا.

وادي سُر: گنڌار

سموادي: کرج.

وقت: شام

جيت ڪلياڻ (راڳڻي)

هي راڳڻي ٻن نمونن سان ڳائي ويندي آهي، هڪ ماروا ٺاٺ سان ۽ ٻيو ڪلياڻ ٺاٺ سان. ٻنهي ٺاٺن ۾ هيءَ اوڊو راڳڻي ليکجي ٿي، يعني مڌم ۽ نکاد جا سر نٿا لڳايا وڃن. جيڪڏهن ماروا ٺاٺ ۾ ڳائبي ته رکب ڪومل ٿيندو، جي ڪلياڻ ٺاٺ ۾ ڳائبي ته رکب شڌ ٿيندو. پنجم جو سُر وادي ۽ رکب سموادي آهي. هندوستاني راڳن ۾ هونئن هي راڳڻي ڪلياڻ ٺاٺ ۾ ليکي ۽ ڳائي ويندي آهي. لڪش سنگيت جي ليکڪ هن راڳڻيءَ کي ماروا ٺاٺ ۾ ڄاڻايو آهي. سندس چوڻ آهي ته ائين ڪرڻ سان جيت جي شڪل ديسيڪار ۽ ڀوپالي کان الڳ ٿي بيهندي. راڳ ساگر جي ليکڪ ٺاٺ ڪلياڻ ۾ هن راڳڻي کي سري کان ڳڻيوئي ڪونهي.

آروهي: سا ري گي پا ڌي سَا-

امروهي: سا ڌي پا گي ري سا

ڳائڻ جو وقت: رات

جيجي زرينه بلوچ (گائڪا)

سندس اصل نالو آمنه هو. ڳوٺ الهداد چند حيدرآباد ۾ 1937ع ۾ ڄائي سندس والد محمد موسيٰ جلالاڻي سرڪاري ملازم هو. زرينه اديب فاضل، انٽر آرٽس تائين پڙهي، پڙهڻ دوران راڳ ڏانهن ڌيان ويس. اسڪول ۾ دادي ليلان کي ڳائيندو ٻڌائين ته اجا شوق پڙڪيس.

نارو ڀڳت ۽ رقيه خانم سندس پسند جا فنڪار هئا. 1960ع ۾ ريڊيئي تي محمد جمن جي شاگردياڻي ٿي. 1960ع کان 1996ع تائين ٽيچرس ٽريننگ اسڪول حيدرآباد ۽ ماڊل اسڪول حيدرآباد ۾ استاد رهي. مشهور ڏاهي، اديب، ساڃاهه وند، هاري ليڊر رسول بخش پليجي جي گهر واري هجڻ ناتي سياست ۾ به حصو ورتائين. مڙس سان ٻانهن ٻيلي ٿي رهي.

قومي گيتن ڪانسواءِ لوڪ گيت گهڻا ڳاتائين چلڙو سندس بهترين ڳايل لوڪ گيت آهي. هن لوڪ گيتن کي نيون ڌنون ڏئي زنده ڪيو. ائين چئجي ته ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جيڪڏهن لوڪ گيت ڪٺا ڪيا ته جيجي زرينه انهن ۾ ساهه وڌو.

ريڊيو تي ڳائڻ ڪانسواءِ هن ڊراما، فيچر ۽ ڪمپيئرنگ به ڪئي. 1966ع کان ٽي وي تي عبدالڪريم بلوچ معرفت پهتي. اتي نه رڳو ڳاتائين پر ايڪٽنگ به ڪيائين. پنهنجي دور جي بهترين اداڪاره هئي. هن هڪ ڊرامي

جيڪو علي بابا جو لکيل ۽ هارون رند جو پروڊيوس ڪيل هو. ”دنگي منجهه دريا“ ۾ تمام سٺي پرفارمنس ڏني انهيءَ ڊرامي جرمني ۾ ٽيون نمبر انعام کٽيو هن سنڌي، اردو، سرائيڪي کان سواءِ هڪ چيز عربيءَ ۾ به ڳاتي. هن ملڪ کان ٻاهر آمريڪا، برطانيا، دبئي، هندستان ۽ ڪيناڊا ۾ به پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. ڪيس ٻين ايوارڊن سان گڏ شاهه لطيف ايوارڊ، قلندر لعل شهباز ايوارڊ به مليل آهن. سال 2006ع ۾ سندس وفات ٿي.

جي جي ونتي (راڳڻي)

کماچ ناٺ جي سمپورن راڳڻي جنهن ۾ ٻئي گنڌار ۽ ٻئي نکادون لڳايون وڃن ٿيون. هن راڳڻيءَ ۾ ڪٿي ڪٿي ديس راڳڻي جو انگ نظر اچي ٿو. ليڪن ٻنهي گنڌارن جي هئڻ ڪري ديس کان الڳ ٿي بيهي ٿي. پنڊت، امروهي ۾ رکب سان گڏ ڪومل گنڌار لڳائيندا آهن. اهڙي طرح نکاد ڪومل امروهي ۽ تيور نکاد آروهي ۾ لڳندو آهي. هن راڳڻيءَ ۾ ڇا يا نٽ وانگر مندر آستان جي پنچم ۽ مڌ آستان جي رکب جي سنگت رهي ٿي. سڌو اصول قائم ڪيل آهي ته آروهيءَ ۾ تيور نکاد ۽ گنڌار لڳندو ته امروهيءَ ۾ ڪومل نکاد ۽ گنڌار لڳندو. هي راڳ بلاول، گونڊ ۽ سورٺ جو مرڪب آهي.

آروهي: سا ري ري- گي ري سا نِا ڌي پا.

امروهي: سَا نا ڌي- پا ما ري- گ ري ني سا-

خاص تان: سا- ري ري- گي ما- پا- ما گي- ري سا ني سا- ري گا ري- سا- نِا ري پا- ري ري گي ما- گي ري- سا نِي سا ري گا ري سا- ري ري سا- ني سا ري گا ري سا- نِا نِا ڌي پا-

وادي سُر: رکب

سموادي سُر: ڌيوت

ڳائڻ جو وقت: رات جو ٻيو پهر.

جيوڻي ٻائي (ڳائڪه)

سنڌي سنگيت جي خاتون اول جو اعزاز رکندڙ جيوڻي ٻائي 1901ع تاريخ 22 جنوري تي ڀارت جي علائقي راجپوتانه رياست ڀيلواڙا ۾ ڄائي سندس پيءُ ”ڦڪو“ ۽ سندس خاندان خيرات تي گذر سفر ڪندو هو. جڏهن هوءَ اٺن نون سالن جي ٿي ته ڪيس خانداني ڌنڌي سان لڳايو ويو. سندس ماءُ ”جانڪي“ سندس ڳائڻ ۾ پهرين استاد هئي. 1918ع ۾ ڦڪو ملتان لڏي آيو. جتي جيوڻي استاد امير علي خان سان ملي، جيڪو وڏو گويو هو. سندس آواز کان متاثر ٿي ڪيس پنهنجي ڌيءَ بڻائي موسيقيءَ جي سکيا ڏني ۽ ڪين مسلمان ٿيڻ لاءِ به اتساهيائين. ڦڪو، جلد فتح محمد ٿيو. پر جيوڻي، جيوڻي ئي رهي. شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جي درگاهه تي جيوڻيءَ جي ملاقات سنڌ جي وڏي راڳي استاد خير محمد سان ٿي، جنهن جي فن ۽ شخصيت کان متاثر ٿي جيوڻيءَ سنڌ لڏي آئي. راڻي پور جي بزرگ سيد صالح شاهه جي مريدياڻي ٿي ۽ ديني تعليم مشهور عالم الهه بخش نوناريءَ کان ورتائين.

هڪ پيري شاهہ قادريءَ جي ميلي تي استاد بيبو خان، استاد خير محمد خان، سيد قاسم علي شاهہ، پورو سِڪُ- ماستر چندر ۽ ٻيا فنڪار آيا. جيوٽيءَ بہ ڳايو. محفل تي ڇانئجي ويئي. چندر ڪانئس ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ سندس رڪارڊنگ ڪمار خان جي موسيقيءَ ۾ ڪرايائين. پاڻ شاعره بہ هئي.

سانوري رنگ، وڏين اکين، ڊگهي قد، گول چهري واري جيوٽي سان ٻن ماڻهن محبت ڪئي. چون ٿا تہ جيوٽي ڏسڻ ۾ اهڙ خوبصورت ڪو نہ هئي، پر جڏهن الهڙ جوان هئي تہ هڪ چوڪرو رستي تي سندس لاءِ ٻيهندو هو، جنهن کي هن چيو تہ وڏا ماڻهو اسان ننڍن ماڻهن کي تڪي سندس عزت کي خراب ڪندا آهن. نوجوان روئي ڏنو. اِهو اُهو وقت جڏهن جيوٽي اجان جيوٽي نہ پر خيرات وننڍڙ هڪ ڇوڪري هئي. ٻيو شخص استاد خير محمد خان هو، جيڪو سندس استاد بہ هو. جڏهن کيس خبر پئي تہ استاد خير محمد کيس چاهي ٿو تہ هن سندس پيار کي سچو ۽ هر شيءَ کان پاڪ سڏيندي 1932ع ۾ نواب ماڪا نالي هڪ شخص سان شادي ڪري ڇڏي. جيڪو 18 ٻولين ڳالهائڻ ۾ مهارت رکندو هو. شادي کان پوءِ شيش محل هوٽل حيدرآباد جي پرسان جاءِ وٺي رهڻ لڳي. نواب ماڪا کي اڳين زال مان گنج اولاد هو، پر جيوٽيءَ کي ڪو بہ اولاد ڪو نہ هو. ان ڪري نواب جي اڳ ڄاون مان هڪ کي نپايائين ۽ سڄي ملڪيت نواب جي اولاد جي نالي ڪري ڇڏيائين. پاڻ راڳ ڳائڻ مان جيڪو بہ پئسو ڪمايائين. ان جو وڏو حصو خيرات ۾ ڏيندي رهي. عام زندگيءَ ۾ سفيد لباس ۽ ڳائڻ مهل گلابي ساڙهي پائيندي هئي، پلو ۽ ساڳ سندس پسند جا ڪاڏا هئا. سندس روين جي ڪري وقت جا وڏا ڳائڻا استاد بڙي غلام علي خان، استاد عاشق علي خان، اقبال بيگم، بيگم اختر جڏهن بہ حيدرآباد ايندا هئا تہ سندس مهمان هوندا هئا. سندس قدر دانن ۾ وقت جا وڏا سياستدان مير بنده علي خان ٽالپر، مير غلام علي خان ٽالپر، محمد علي شاهہ ڄاموٽ ۽ ٻيا شامل هئا. هن انگريز حڪومت جي خلاف بہ ڳايو. سندس ڪلام : پُورا چو پيو پيل ڪرين. اسان سنڌ واسين سان ويل ڪرين. سندس نماڻائپ ۽ نمرتا جو اندازو ان مان لڳايو تہ سندس استاد امير علي خان جڏهن بيمار ٿيو تہ کيس ملتان مان حيدرآباد وٺي آئي. سندس دوا درمل تہ ڪرائيندي هئي پر سندس هٿ پير بہ پاڻ ڏٽاريندي هئي. سندس موت بہ عجيب هو. ڇتل روح هو. چون ٿا تہ هوءَ روهڙيءَ مان حيدرآباد لاهور ميل ذريعي پهتي تہ اتي سندس مڙس جو دوست حسين بابو ٻينل هو، جنهن سان ڪچهريءَ ۾ ٻيهي رهي. سندس سازندي حاجي شيخ ساڻس اڏنگي نموني ڳالهائيندي چيو تہ ”جلد ڪر مائي“ هن چرڪ پريو ۽ دل ٽتي پيس. اتي ئي ساهہ ڏنائين. اسٽيشن واري قبرستان ۾ کيس دفنايو يو. هاڻي سندس قبر جو ڪو بہ نشان پتو ڪونهي.

ڳايل ڪلام

1- بيدرد، بي اقرار ۾.

2- ڪهڙو حال ڪريان.

3- ڏيو ڏسڙو ڏکيءَ کي

4- منهن جو رات رسي ويو.

5- اڄ رات ڏنم.

6- ويا ڪربل وري ڪين. وغيره.

جهپ تال (وڄت)

هي ڏهن ماترائن جو تال آهي. خيال درپد ۽ هلڪي ڦلڪي موسيقي ۾ وڄي ٿو. بلمپت توري درت ٻنهي ۾ ڪم اچي ٿو. هن جي ڇهين ۽ ستين ماترا خالي آهن.

10 9 8 7 6 5 4 3 2 1

ڌن نڪ ڌن ڌن نڪ ڌن نڪ تن تن نڪ

3 0 2 X

ٻيو ٺيڪو

3 0 2

ڌا آ ڌ گِ نَ تا آ ڌي تا آ

2 X

ٽيون ٺيڪو

3 0 2 X

ڌن نا ڌِن ڌِن نا ڪت تا ڌن ڌن آ

جهمٽ تال (وڄت)

هي بہ دهل وڄائڻ جو تال آهي. وهول ڪان پوءِ وڄائين. هي تال بہ ناچ تال آهي، جيڪو درت لئي ۾ وڄندو آهي. اڳي دهلاري دس ۾ جهمٽ تال ڪان پوءِ بندرا بني تال وڄائيندا هئا. مگر هاڻ ڌمال وڄائين. هي ڇهن ماترائن جو تال آهي.

ٻول

ڌن تہ گدڪ - تن تہ گدڪ

جُهمر هٽڻ (ناچ)

هي ناچ گهوٽ کي لانئن ڏيڻ بعد ٿيندو آهي. دهلاري ڊُهل وڄائي پوءِ سيئي پوڙهيون ڪيون، جوان جماڻ اتي ئي جهمر هٽن ۾ ڪپي ويندين. هڪڙيون تاڙيون وڄائينديون، ٻيون ”شابي شابي“ پيون چونديون. ڪجھ وقت نچڻ ڪان پوءِ هينيان ٻول چونديون. جهمر ڦيريون پائڻ کي چئبو آهي. جيڪي دهل جي وڄت تي پائبيون آهن.

ٻول: راڻا تون مان راڄ ٿيندا- راڻا تو مان ڪيچ ٿيندا.

جيڪو مامن جي ......

هي عورتن جو ناچ تمام ساڏو آهي.

جهومرا تال (وڄت)

هي 14 ماترائن جو تال آهي، جيڪو چئن حصن ۾ ورهايل آهي. 1 ۽ 3 حصو ٽن ماترائن ۾ ٻيو ۽ چوٿون حصو 4 ماترائن جو آهي. 8 خالي آهن. 4 ۽ 11 ماترا تي تالي ايندي.

ٺيڪو

1ڌن 2ڌا 3تِرڪٽ – 4ڌن 5ڌن 6ڌا 7تٽ- 8تن 9تا 10ترڪٽ- 11ڌن 12ڌن 13ڌا 14تٽ

X 3 0 1

ٻيو ٺيڪو

ڌن ڌا ترڪ - ڌن ڌن ڌا ترڪي- تن تا گي ترڪ ڌن ڌن ڌا گي ترڪ

ٽيون ٺيڪو

X 3 0

ڌن نا ڪڙنڪ- ڌن نا تٽ تا- ڪٽ تا ڪٽ نڪ- ڌن نا ڌن تا.

(1)

جهنجهوٽي / جهجوٽي (راڳڻي)

ڪماچ ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي آهي. ٻئي گنڌارون ۽ ٻئي نڪادون لڳائجن ٿيون. مندرستان جي پنچم ڪان مڌمستان جي رکب تائين ميندِ هن راڳ جي خاص تان آهي.

خاص تان: سَا- ري- ما گي ري سا- نِا – ڌي پا- ڌِي سا- ري ما گي- ما گي ري سا-

آروهي: ڌي سا ري ما گي- ما پا ڌي ني سَا

امروهي: سا نا ڌي پا ما گي ري سا

وادي سُر: گنڌار

سموادي سُر: ڌيوت

نوٽ راڳ ساگر جي مصنف وادي سر رکب ۽ سموادي ڌيوت لکيو آهي.

ڳائڻ جو وقت: رات

چاچر تال(وڄت) / چنچل

12 ماترائن جو تال آهي. هي ٻه چئن حصن ۾ ورهايل آهي، پهريون ۽ ٽيون حصو ٽن ٽن ماترائن ۾ ٻيو ۽ چوٿون چئن چئن ماترائن ۾. 8 خالي آهي. 4 ۽ 11 ماترا تي تالي ايندي.

ٺيڪو

1ڌا 2ڌين 3اِن – 4ڌا 5گي 6تين 7ان- 8نا 9تين 10ان 11ڌا 12گي 13ڌن 14ان

X 3 0 (1)

ٻيو ٺيڪو

X 3 0

ڌا ڌا آ- تِ ٽ تِ ن – تا تا آ- ڌِ نَ ڌِ ن.

چاندني ڪيدار (راڳڻي)

هي ڪلياڻ ٺاٺ جي راڳڻي آهي.

وادي سُر: مڌم ڪومل.

سموادي سُر: کرج

آروهي: سامي ما ما پا ڌا ني سا.

امروهي سا ني ڌا پا، ڌا پا ما- مي- ري. سا.

ڳائڻ جو وقت:

چترالي ستار (ساز)

هن کي چنگ بہ چوندا آهن. هي شمالي علائقہ جات، تازيون روسي مسلمان آزاد ٿيل رياستون جتي مسلمان گهڻا آباد آهن، اتي مشهور آهي. هي شاهہ بلوط جي ڪاٺي مان ٺهيل نهايت نازڪ تيز ۽ وزن ۾ هلڪي ستار وانگر ٺئي. هن جو تنبو جنهن کي طبلي چوندا آهن، بيضوي شڪل جو هوندو آهي. آخري سري تائين مخروطي شڪل اختيار ڪري تقريباً ڏيڍ گز ڊگهي اندران کوکلي ڏنڊي سان جَڙيل هوندو آهي. هن ۾ پنج تار ۽ چوڏهہ سندريون ٿين- وڄائڻ جو نمونو چيڪاري جهڙو اٿس. يا ستار وانگر بہ وڄائجي. هڪ آڱر ۾ مضراب وجهي ان سان تارن کي ڇيڙجي ٻئي هٿ جي آڱرين سان تارن کي قابو ۾ رکي گهربل آواز ونجي ۽ راڳ ڪجي.

چپڙيون (ساز)

هن کي کڙتال بہ چون. هي ڪاٺ جا ٻہ ٽڪرا ٿين جيڪي ڊيگهہ ۾ 6 انچ کن ويڪر ۾ سوا انچ ۽ ٿولهہ ۾ 3 سينٽي ميٽر. هڪ پاسي آڱوٺو ۽ ٻئي پاسي چار آڱريون ڦاسائي، انهن ڪاٺ جي ٽڪرن کي هڪ ٻئي سان ٽڪرائبو آهي ۽ خاص لئہ ۾ انهن کي ٽڪرائڻ سان تال پيدا ڪبو آهي. هي گهڻو ڪري يڪتاري سان وڄندڙ ساز آهي. ڪڏهن چپڙين جي ڪنڊن سان گهنگهرو بہ ٻڌل هوندا آهن. تہ جيئن تال سان گڏ ڇڻڪار ڪري، هڪ ئي ماڻهو يڪتارو بہ وڄائيندو آهي،چپڙيون بہ ۽ ڳائيندو بہ آهي.

هن تي ڪافي ڪلام سٺو ڳائي وڄائي سگهبو آهي.واڌو سنگت ڍولڪ ۽ گهڙي جي بہ هوندي اٿس. عبدالغفور، ڍول فقير ۽ عثمان فقير وڏي جذبي سان چپڙيون وڄائيندا هئا. پر جلال چانڊيو هنن چپڙين جو شهنشاهہ هو، جيڪو انهن کي هٿن ۾ نچائيندو هو.

چڪارو (ساز)

هي لوڪ ساز ڪلاسيڪي ستار جي تمام سادي صورت آهي، پنجاب ۾ خاص طور بيت ۽ صدا سان گڏ سنگت ڪندا آهن. هن کي مڌ ستار بہ چوندا آهن. جو هن ۾ مڌم جو سر نمايان هجي ٿو. تي سگهي ٿو تہ هي ساز ستار

جي سادي صورت هجڻ کان سوا ان جي ابتدائي صورت بہ هجي. هي ساز ستار کان قدبت ۾ ننڍو ٿيندو آهي. هن ۾ چار تارون ٿينديون آهن. پهرين تار فولاد جي، ٻي پتل جي جيڪا ”جوڙي“ سڏبي آهي. ٽين تار فولاد جي جيڪا ”پنجم“ سڏبي آهي. چوٿين تار ٿلهي پتل جي هوندي جنهن کي گرام سڏبو آهي. هن جو تنبو ڪدوءَ جي بجاءِ چوکور ڪاٺ جو ٿيندو آهي. ڪلاسيڪي ستار وانگر سندس، ”باج“ جي تار شڌ مڌم، جوڙي جي تار کرج تي، پنجم جي تار سُر پنچم تي گرام جي تار آس تي يا گرام پنچم تي ٻڌل هونديون آهن. هن جي ڏنڊي تي سُرن جي جاين تي لوهه، پتل يا ڏاڳي جا پردا يا سندريون ٺهيل هونديون آهن. سندرين کي اڳتي پوئتي ڪري ٺاٽ يا سرگم ورتو ويندو آهي. وڄائڻ وارو آنگر ۾ مضراب وجهي يا نَنهن سان تارن کي ڇيڙيندو آهي ۽ ٻئي هٿ جي آنگر سان تارن تي هٿ رکي مختلف سُر ڪڍي راڳ ڪندو آهي. هي پنجاب ڪشمير جو عام ساز آهي.

(آنجهاني) ماسٽر چندر

لقب: سنگيت آچاريہ

شاعر، نغمہ نگار ۽ ڳائڻو.

هن جو جنم سنڌ جي شهر ٺاروشاهہ ۾ 1907-12-12 تي ٿيو. ممبئي ۾ سندس پتو هو: 5/2 400028 Shivaji Tark. Park. Dadan Mumbai

12 سالن جي عمر ۾ ڳائڻ جي شروعات مندرن ۽ درگاهن کان ڪيائين. زميندار گهراڻي ۾ ڄائو، جتي راڳ کي ”طبو“ سمجهيو تي ويو، ان ڪري انهيءَ منزل تي پهچڻ لاءِ هن کي ڪيئي مشڪلاتون پيش آيون. ڪيس ڳائيندي ٻڌي سنت ڪنور رام ڪيس دعا ڪئي تہ هو مثالي ڳائڻو ٿيندو.

ادب ۽ شاعري

1- چندر سان رهاڻيون، سندس شاعريءَ جو ڪتاب 1952ع.

2- سَچو ساٿي، سندس گرو ڪاڪا جيوت رام تي لکيل ڪتاب 1968ع

ڳائڪ ۽ نغمہ نگار جي حيثيت ۾

22 سالن جي عمر ۾ رڪارڊ ڀرايائين ۽ 47 سالن جي مشغلہ ميوزڪ دوران H.M.V ڪمپنيءَ وارن لڳ ڀڳ سندس 400 ڪلام رڪارڊ ۽ ڪيسٽس ۾ ڀريا. ٻين ڪمپنين جهڙوڪ IBH. Movac,Tips سندس زندهہ پرفارمنس (اداڪاري) جون ڪيسيٽس بہ ڀريون.

مجتا طور حاصل ڪيل انعام ۽ اعزاز

HMV ڪمپنيءَ ڪيس ڪيترائي سونا ٻلا ڏنا، هندستان ۽ ان کان ٻاهر سنڌي پئينچائتن ۽ منڊلين بہ ڪيس ٻلا، ٽرافيون، شيلڊون ۽ سوکڙيون بطور مجتا پيش ڪيون.

1982ع ۾ آخري اعزاز Birla Matoshri Hall ممبئي ۾ انٽرنيشنل سنڌي پيش ڪيو.

سندس ڳايل بہ چار ڪلام اڃا تہ اٿئت مان ننڍڙي آهيان، رنا ئي رهن پر هجين حياتي،

ماستر چندر وڏن ميڙاڪن جو فنڪار هو. 1955ع ۾ هو سنڌ ۾ بہ آيو. هن جو ديهانت 1977ع ۾ ٿيو.

چندر ماستر سنگيت آچاريہ (گائڪ)

سنگيت آچاريہ ماستر چندر ٺارو شاهہ ضلعي نوشهري ۾ 18 ڊسمبر 1909ع ۾ ڄائو. پرائمري توڙي انگريزي ٺارو شاهہ ۾ پڙهيو. چندر پڙهائي ختم ڪري P.W.D کاتي ۾ نوڪري ڪئي، پر هن جو چاهہ راڳ سان وڌندو ويو. ڪن ميراثين کان راڳ جي تعليم بہ ورتائين. اوچتو سنڌ گرامون فون ڪمپنيءَ جي ايجنٽ لالچند سندس ڳائڻ ٻڌو، جنهن کيس "چاندو" مان ڦيرائي ماستر چندر ڪيو. ماستر چندر سنڌ جو لاڏلو فنڪار، مانائتو، ملڻ سار ۽ يلوڙ انسان هو. کيس ڪل 5 پٽ ۽ پنج نياڻيون ٿيون. جن مان بہ پٽ جوانيءَ ۾ ئي ديهانت ڪري ويا. باقي ٽي پٽ هر هڪ گوپ چند انڊيا ۾ ڪاروبار ڪندو آهي،هري چند انڊيا ۾ انڪم ٽئڪس جو وڪيل آهي ۽ مهيش چندر مشهور گلوڪار ۽ موسيقار آهي. ماستر چندر موسيقيءَ جي باقاعدي تعليم ٺارو شاهہ جي ڪاڪي جيوترام مٽائي کان ورتي. ان کان پوءِ امير علي خان وٽان علم موسيقي سکيو. چندر باجي کان سواءِ بانسري ۽ مائوٿ آرگن بہ سٺو وڄائيندو هو. چندر راڳ جي شروعات ڀڳت سان ڪئي. سندس آواز ۾ تمام گهڻو ميناج هون. چندر جو پهريون ڳايل ڪلام مشهور ڪليڪٽر محمد بخش فوجي جو ڪلام هو. جيڪو آساوري ۾ رڪارڊ ٿيو. ٻول هئس:

طبيبا خيال سان ڏسجو، اٿم ڪا دل جي بيماري.

1930ع کان 1940ع وارو ڏهاڪو "ڦوني" جو دور هو. اِن ۾ تمام گهڻو رڪارڊ ٿيوان ۾ چندر جو تمام گهڻو ڪلام رڪارڊ ٿيو.

ماستر چندر سنڌي گائيڪي کي نوان موڙ ۽ انوکا انداز ڏنا. سندس ڏوهيڙي ڏيڻ جو انداز نرالو هو.

ماستر چندر جي فن جو قدر سندس جيئري ئي ڪيو ويو. کيس وڏ ۾ وڏ پيار مليو، پئسو مليو ۽ ايوارڊ مليا. رڪارڊنگ ڪمپنيءَ طرفان کيس حسن ڪارڪردگيءَ جو ايوارڊ ڏنو ويو. جنهن ۾ ڏهن تولن جو سونو ٻلو بہ شامل هو. پنڊت ٺاڪر ۽ بڙي غلام علي خان کيس "سنگيت آچاريہ" جو لقب عطا ٿيو. 1947ع ۾ ورهاڱي سبب پاڻ بہ انڊيا هليو ويو، پهريائين اجمير ۾، پوءِ ڪلڪتي ۽ آخر بمبئي مستقل رهائش اختيار ڪيائين. 1955ع ۾ سنڌ گهمڻ آيو ۽ پنهنجي مرشد قطب علي شاهہ جهانيان وٽ حاضري ڏنائين. هن دنيا جو سير ڪيو، يورو اوپر، هانگ ڪانگ، بئنڪاڪ، منيلا، سنگاپور، جاوا جڪارتا، ڪولمبو ۾ پروگرام ڪيائين. ماستر چندر 2 نومبر 1984ع ۾ 75 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪيو. سندس ٺارو شاهہ جي لوڪل بورڊ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٺارو شاهہ جي جنرل رجسٽر ۾ هيٺئن داخلہ آهي.

جي- آر -/1256/ 4.4 .18 ۽ 30.4.42 / 1410

سندس ڳايل ڪلام

1- قسمت ڪئي جدائي ڪنهن تي ميار ناهي.

2- تنهن جي شهر ۾ آيس قسمت سان پر سهڻا ڪين رهايو تو.

3- هڪ ڳالهه ته ٻڌ، مُنهن هڏي ڪر.

4- طبيبا خيال سان ڏسجو.

5- اک ملي اک سان ته منتن ۾ صفائي تي وئي.

چندر ڪانت (راڳڻي)

ڪلياڻ ٺاٺ جي ڪاڊو سمپورن راڳڻي آهي. آروهيءَ ۾ مڌم ورج ۽ امروهي سمپورن آهي. يعني سڀ سُر لڳندا.وادي سُر گنڌار اٿس. ڳائڻ جو وقت شام. اهي سڀ خاصيتون ايمن ڪلياڻ ۾ به آهن. ان لاءِ چندر ڪانت ايمن ڪلياڻ ۽ شڌ ڪلياڻ سان تمام گهڻي مشابهت رکي ٿو. جنهن ڪري گهڻ ڳائڻ ۾ اچي ٿو. لکش سنگيت جي مصنف لکيو آهي ته هڪ ٺاٺ جون اگر گهڻيون راڳڻيون هجن ته ڪو فرق نٿو پوي رڳو انهن راڳڻين جا وادي ۽ سموادي سُر مقرر ڪيا وڃن. پر هن چندر ڪانت جا وادي ۽ سموادي سُر مقرر نه ڪيا آهن. ان لاءِ ايمن ڪلياڻ ڪان هن راڳڻيءَ کي الڳ ڪري سگهجي ٿو. ايمن ڪلياڻ جي آروهي ۽ امروهي ٻئي سمپورن آهن. جڏهن ته چندر ڪانت جي آروهي ۾ صرف مڌم جو سرورج به آهي. ٻيا سڀ سُر شڌ آهن.

آروهي: سا ري گي پا ڌي ني سَا-

امروهي: سا ني ڌي پا مي گي ري سَا

وقت: شام جو وت

چندر ڪونس (راڳڻي)

مشر ميل راڳڻي آهي. گنڌار ۽ ڌيوت ڪومل سر باقي سر شڌا اٿس. هي ڪاڊو ڪاڊو راڳڻي آهي.

وادي سُر: نکاد

سموادي: گنڌار (ڪي مڌم کي سموادي قرار ڏين ٿا)

آروهي: ني سا گي ما ڌي ني سا-

امروهي: سا نِي ڌي ما گي ما گي سا

وقت: اڌ رات.

خاص تان: نِي سا گي ما- ڌي نيڌي ما- گي ما گي سا- ني ڌي ني سا- گي سا ما گي- ما گي س گي- ما ڌي ما- گي ما گي سا

چندر هشمتراءِ چيناڻي

هن کي چندر آتما بہ چوندا هئا. هي 18 آڪٽوبر 1938ع تي ڪراچيءَ ۾ ڄائو. بي اي تائين تعليم حاصل ڪيائين. ممبئي ۾ سندس پتو:

راڌا ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي

186 اڪيڊل روڊ مهيم،

ممبئي 400016

فن جي دنيا ۾ سندس حصو.

سنڌي گيتن، ڪلامن غزلن ۽ ٻچنن جون ڪيتريون ڪئسٽون، سيڊيون ۽ ايل پيون پرايائين. مکيہ آهن.

1. نوان سنڌي راڳ – 1985ع
2. سچل جا ڪلام - 1980ع
3. جئي جهولي لال – 1990ع
4. پيار - 1998ع

انعام ۽ اعزاز

هن کي راڳ جي 45 سالہ پرفارمنس دوران ڪيئي ايوارڊ وغيره مليا، جن ۾ اهم آهن.

1. سونهري آواز. خطاب 1975ع
2. جئي ديو 1988ع جو بهترين ڳائڻو.
3. راجيشور اوارڊ موسيقي جي ميدان ۾ نمايان ڪارڪردگي انعام ۾ 1990ع بينگلور ۾ اعليٰ شهرت جو انعام
4. بينگلور ۾ اعليٰ شهرت جو انعام

هن سنڌي، هندي، راجستاني، فلمن ۾ Play back singer طور ڳايو. پوئين دور ۾ هن کي جئي هند ڪاليج ممبئي ۾ آرٽ ۽ ميوزڪ جو اعزازي پروفيسر ڪري رکيو ويو. مطلب تہ هن پاڻ کي هر فن مولىٰ جي حيثيت ۾ مڃرايو.

چمٽو (ساز)

عوامي ساز آهي، جيڪو غالباً انسان خانہ بدوشي واري دور ۾ ايجاد ڪيو. جڏهن باهہ تي ويهي سخت سرديءَ ۾ جانورن جي حملي جي پو ڪان، يا ڪڇهريءَ جي خيال کان منڊل مچائيندا هئا تہ ٽانڊن کي ڪنهن اهڙي شيءِ سان ڪڍندا هوندا ۽ پوءِ هن کي تال ڏيڻ لاءِ ڪم آڻڻ لڳا. اهي محض قياس آرايون بہ ٿي سگهن ٿيون. مگر اڄ پنجاب جا صوفي ڳائڻا تہ ڇڏيو پر وڏا ڳائڻا عالم لوهار، وغيره بہ چمٽو ڪٽي راڳ ڪن ٿا. چمٽو اڍائي فوٽ کان مٿي بہ ڏيگهہ ۾ ٿي سگهي ٿو. پويان ڪڙو لڳل اٿس. لوهہ جو ٺهيل آهي. جهنڪار ۽ تال ۾ وڌو لطف ٿو ڪري. چمٽي جون ٻئي پٽيون هڪ ٻئي سان ۽ گول ڪڙو وري پٽيءَ سان هٽي تال ڪڍن ٿا. پنگڙا ناچ ۾ تمام گهڻو مشهور آهي.

دلبر مهدي ۽ عالم لوهار هن ساز جا پلا وڄائڻ وارا آهن. هونئن پنجاب جا سپ صوفي ڳائڻا هن ساز کي استعمال ڪن ٿا.

چوتال (وڄت)

هي 12 ماترائن جو تال آهي. گرنٿن جي قاعدي موجب چوتال جي علامت هي ٿي ته لگهو لگهو دُرت دُرت- لگهو جي نشاني 1 (الف) درت جي نشاني (0) آهي. يعني 0011 چئن چئن ماترائن جون ٻه ضربون ۽ ٻن ٻن ماترائن جون ٻه ضربون اڃڪلهه ٻن ضربن جي وچ ۾ ماترائن جو تعداد وڌيڪ نظر اچي ته انهن کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏين ٿا. ته جيئن تال ياد رکي سگهجي ۽ لئي جو حلقو ذهن ۾ رهي، مثلا لگهو چئن ماترائن جو آهي، ته ان کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏجي ٿو. 1-2-3-4 – ٻن حصن ۾ هيئن ورهائبو.

2-1	4-3
X	0
ضرب	خالي

يعني هڪ ضرب ۽ هڪ خالي

ان مان فائدو اهو آهي ته تال ۾ جيتريون به ضربون آهن، اُهي وڏي نتيون سگهن ۽ ورهائجي وجي ٿو. هاڻي چوتال جي ماترائن جي تقسيم هيئن ٿيندي.

1 ڌا 2 ڌا 3 دن 4 تا 5 ڪت 6 نا 7 دن 8 تا 9 تِٽ 10 ڪِٽ 11 گد 12 گِن

X 0 2 0 3 4

X نشاني سم جي آهي.

0 خالي جي آهي.

چوتالو (وڄت)

هي 14 ماترائن جو تال آهي، پهريون پنج تالون ٻن ٻن ماترائن جون آهن ۽ آخري ڇهين تال چئن ماترائن جي آهي. 7،3 ۽ 12 ماترا تي تالي ايندي. 5 ۽ 9 ماترا خالي آهن. وڄت ۾ ڪلاسيڪي نموني گهڻ وڄائبو آهي.

ٺيڪو

1 ڌي 2 ڌي- 3 ڌا 4 ترڪ- 5 تو 6 نا- 7 ڪت 8 تا- 9 ڌي 10 ڌي- 11 نا 12 ڌي 13 ڌي 14 نا

X 2 0 3 0 4

ٻيو ٺيڪو

X 2 0 3 0 4

ڌا اڪ- ڌا ڌا- ڌين تا- دت تگ- نگ ڌِر- ڪِٽ تڪ گِد گِن

چنگ (ساز)

هي سنڌ جو عوامي ساز جيڪو ڦوڪ ۽ ضرب سان وڄايو وڃي ٿو. فولاد جي تار جيڪا چار سوٽ ڪن ٿلهي ٿئي، ان کي موڙي گول دائري جي شڪل ڏئي، گول جي هر هڪ سري وٽان ٽن سوٽن جي وٿي ڏيئي، تارون ٿي انچ ٻاهر چڪي ڇهبيارون رکيون ويندون آهن. گول جي وچ تي هڪ باريڪ چپٽي تار ڇهنب وانگر نڪري ٻنهي سِرن وٽان نڪتل تارن جي وچ مان ٿيندي تارن جي ڇيڙي وٽ مٽي مڙندي آهي ته جيئن آنگر سان ان کي ضرب ڏيئي / هٽي سگهجي. تمام سادو ساز آهي. ڪي ڪي ڪاريگر سڄو ساز ٽامي جو به ٺاهين. وچ واري تار تمام نرم / لچڪيدار ٿيندي آهي. جو ڏڪ هڻن سان ارتعاش پيدا ڪندي. پوءِ پٽريءَ جي اها چپٽي تار گول دائري جي ٻئي طرف به ٻه انچ ڪن ٻاهر نڪتل هوندي آهي. دائري جو قطر ٽي انچ ٿئي ٿو.

قطر جي سائيز جي حساب سان چنگ مان نڪرندڙ آواز ڳرو يا سنهو ٿيندو آهي. گول دائرو هٿ ۾ جهلبو. اهڙي نموني جو وچ مان گذرندڙ چپٽي تار کي هٿ نه لڳي ۽ چنهنبن وارا پاسا چپن ۾ ڏندن جي ٽيڪ تي جهلجن. هڪ هٿ سان ضرب هڻبي ۽ ساهه کي اندر ۽ ٻاهر ڏوڪبو. وات جي اندر زبان کي به مرڪائبو آهي ته جيئن هوا مختلف انداز سان، ضرب جي تال سان جوڙ کائي ۽ هڪ خوبصورت لهرن وارو آواز پيدا ڪري. آواز ڏاڍو مٺو نڪرندو آهي. قابل چنگائي ڌنون به وڄائيندا آهن، ڪڇي ۽ ڪاڇي جو مقبول ساز آهي.

چين جي موسيقي

جيتوڻيڪ گهڻو عرصو اڳ يعني 9 هزار سال قبل مسيح واري نئين پٿر جي دور جي پڊن مان ڪي ڦوڪ وارا ساز ابتدائي حالت ۾ مليا آهن، پر انهن جي سڌريل صورت واري حالت ۾ موسيقي جي بهتر شروعات جون شاهديون Zhou گهراڻي جي دؤر (1122 کان 256 قبل مسيح) ۾ مليون آهن، چين جي Qin گهراڻي (221- 207 قبل مسيح) ۾ Imperial Music Bureau قائم ڪيو. 140-87 قبل مسيح ۾ شاهنشاهه Han wudi موسيقي جو دائرو وڌائي ان ۾ درباري، رزميه ۽ لوڪ موسيقي کي به اهميت ڏني. ان کان پوءِ ڪي ٻيا اثرات خصوصاً وچ ايشيا جي موسيقي جا پيا.

چين ۾ ساز

چين ۾ ساز چپن ۾ گهڻو ڪري هڪ ۽ بعضي ٿورن Plucked آڱر يا مضراب سان ۽ Bowed گزي سان وڄندڙ تاري ساز، Flutes ، مختلف قسمن جون Gongs, Cymbals ۽ Drums وڄايا وڃن ٿا. سرگم ۾ پنج نشانيون آهن. بانس جون نليون ۽ Qin چين جي قديم ترين سازن ۾ شمار ٿين ٿا. سازن جا قسم جنهن مادي مان ٺهيل آهن، انهيءَ حساب سان شمار ڪيا وڃن ٿا. مثلاً چمڙو، ڪدو، بانس، ڪاٺ، مٽي، نڪر، پٿر، ريشم، ڌاتو وغيره. روايتي طور چين جي سازن ۾ گزي سان وڄندڙ تاري، ڦوڪ سان وڄندڙ ڪاٺي، مضراب سان وڄندڙ تارن وارا ۽ ضرب وارا ساز ڳڻائي سگهجن ٿا. اتان جي قديم ترين لکت Youlan نالي آهي، جا ڪنفيوشس سان منسوب آهي، چين ۾ موسيقيءَ

جو درجو چترڪاريءَ کان هيٺ سمجهيو ويندو هو. انڪري ان ۾ وڌيڪ ترقي ٿيڻ ۾ وقت لڳو. تنهن هوندي به هر حاڪم موسيقيءَ کي ڳنڀيرتا سان ڏٺو ۽ لوڪ گيت ڪٺا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

چين جا روايتي ساز

(A) Woodwind and Percussion

Dizi, Sheng, Paigu, Gong, Paixiao, Guan, Bells, Cymbals

(B) Bowed Shrings: Erhu, Zhonghu, Dahu, Banhu, Jinghu, Gaoghu, Gehu, Yehu, Cizhonghu, Diyingehu, Leings.

(C) Plucked and struck string: Guqin, Sanxian, Yangqin, Guzheng, Ruan, Konghou, Liuqin, Pipa, Zhu,

چيني موسيقي روايتي طور سنهڙي ۽ بنا گونج يا Falsetto (بناوتي اوچو آواز) ۾ ۽ گهڻو ڪري طائفي جي بجاءِ تنها ڳائجي. سڄي روايتي چيني موسيقي Melodic (همه آواز) آهي. نه ڪه هم آهنگ. (Harmonic) چيني موسيقي شايد شعرن ڳائڻ سان شروع ٿي.

تاريخ (جديد) 1910ع کان 1920ع واري عرصي ۾ جا نئين ثقافتي تحريڪ هلي. ان ۾ مغربي موسيقيءَ سان دلچسپي وڌي. چاڪاڻ ته چيني موسيقار ٻاهران تربيت حاصل ڪري آيا. تن اچي مغربي ڪلاسيڪل موسيقيءَ موجب ڪم ڪيو ۽ پنهنجون رچنائون به مغربي موسيقيءَ جي نوٽيشنز (علامتن) مطابق تيار ڪيون. وڏن شهرن جي ناچ گهرن ۽ ريڊيو وغيره تي گهڻن ٻڌندڙن لاءِ وڏيون سازي رچنائون پيش ڪرڻ لڳا. ڪيترن موسيقارن روايتي موسيقي ۾ Jazz ملائي، پيش ڪيو. Popular (مقبول) موسيقيءَ ۾ ولايتي، خاص ڪري اميريڪن موسيقي جي جهلڪ نظر اچڻ لڳي. 1940ع واري ڏهاڪي ۾ سام وادي. اڻ پڙهيل ماڻهن جي وڏي تعداد کي پارٽيءَ جي مقصد سمجهائڻ لاءِ انقلابي شعرن لاءِ لوڪ موسيقيءَ جي رنگ ۽ ڍنگ ۾ اثر پيدا ٿي پيو. موسيقيءَ جا انقلاب وروڌي ۽ پرمي نمونا دٻجي ويا. ڪرج يا بم ۽ هم آهنگي کي روايتي موسيقيءَ ۾ شامل ڪيو ويو.

پيپلز ريپبلڪ آف چائنا جي قائم ٿيڻ سان به انقلابي گيت هلندا رهيا. روسي ڪلام چيني ٻوليءَ ۾ ۽ مقبول موسيقي ۽ گيتن جي روپ ۾ جاري رهيا. هي رچنائون سڄي ملڪ ۾ عام ٿيون ۽ چيني نغمه نگار پنهنجون رچنائون مغربي ڪلاسيڪل موسيقيءَ جي انداز ۾ پيش ڪندا رهيا. وڏن شهرن ۾ موسيقي سيکارڻ جا ادارا قائم ٿيا.اوپر يورپ جا ڪي ساز به چين ۾ متعارف ٿيا ۽ چيني فنڪار وڏن وڏن بين الاقوامي موسيقي جي جشنن ۾ حصو وٺڻ لڳا.

چيني ثقافتي انقلاب جي اوج دوران اهڙيون رچنائون ۽ سنگيت مظاهرا تقريباً بند ڪيا ويا. سڄي چين لاءِ نرم، منو ۽ پرپور Guoyue نالي موسيقيءَ جو نمونو عارضي طور رائج ڪري سنگيت آليائن ۾ پيش ڪرايو ويو. مگر ثقافتي انقلاب کان پوءِ اڳيان ساڳيا ادارا بحال ڪري ساڳيون رچنائون سنگيت تماشا سرجيت ڪيائون. گذريل صديءَ جي ستر واري ڏهاڪي ۾ هونگ ڪونگ ۾ Cantopop جو اوسر ٿيو. هي نمونو روايتي Shidaiqu جي ضد ۾ اپريو.

هن ۾ آمريڪي Soft Reck ۽ روايتي Cantonese موسيقيءَ جا عنصر مليل هئا. هن نموني جي آڪاس نديءَ ۾ ڪيترائي نوان تيراڪ شامل ٿيا. Cantopop جي مقابلي ۾ وري چيني Rock نسريو.

1980ع ۾ چين جي International Museological Society باقاعدي Musician's association ۾ چونڊجي وئي، چيني سنگيت طائفن ٻاهرين ملڪن جا دورا ڪيا ۽ ٻاهرين ملڪن جي طائفن چين ۾ موسيقيءَ جا مظاهرا ڪيا. ويهين صديءَ جي اسي واري ڏهاڪي جي وچ ڌاري، عوامي جذباتي گيتن، مغربي لوڪ گيتن ۽ ڪلاسيڪل موسيقيءِ ماڻهن کي گهڻو متاثر ڪيو. موسيقيءَ جي ٻين قسمن، جن ۾ ممنوعہ مغربي Jazz ۽ Rock & Roll بہ شامل هئا. تن جي پذيرائي ٿي ۽ خصوصاً نوجوانن ۾ ڏاڍا مقبول ٿيا.

ڳرا ساز Heavy Metals

هن قسم جي موسيقيءَ جي چين ۾ عمر تمام ٿوري آهي. گذريل صديءَ جي اسي واري ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ ڌاري هي راڳ جو قسم جنهن جي سڃاڻپ ڏمچر آهي، سو پهريون پيرو Cuijian چيني Rock جيان پيش ڪيو ۽ان ۾ پهرين دفعي برقي گٽار وڄي.

پر هن جي ڪيترن Concerts تي بندش پئجي ويئي. اڄ ڪلهہ هو ڪن ٻاهرين طائفن سان گڏجي بيجنگ ۽ شنگهائي ۾ مظاهرا ڪندو پيو رهي.

Tang Dynasty چين جو پهريون Heavy metal طائفو هو. 1991/2ع

96-1994ع ڌاري چين ۾ پهريون Trashmetal طائفو ٺهيو.

گذريل صديءَ جي نوي واري ڏهاڪي ۾ آمريڪا کان Grunge ميوزڪ چين ۾ آئي، جنهن ۾ نوجوانن لاءِ ڪافي ڪشش هئي.

1994ع واري عرصي ۾ Punk کي چين ۾ مقبوليت حاصل ٿي. 1995ع ۾ چيني طائفي بيجنگ ۾ Punk جو مظاهرو ڪيو.

ٻي هزاري جي پهرين سالن ,2000-2004ع ۾ Post Punk ۽ Extreme metal چپ چپ چين ۾ داخل ٿيا ۽ چاهڻ وارن جي نظر ۾ نکري آيا.

2003ع دوران SARS چين کي ڏاڍو ڏکيو، چيني روز مرهہ جي زندگي ڏاڍي متاثر ٿي. گهٽيون ويران ٿي ويون، ميخانہ مقفل نتيجي ۾ سڀ محفلون ۽ موقعا منسوخ، ان ڪري ساز ۽ آواز بہ بند ٿي ويا ته ڪنهن بہ شهر ۾ انهيءَ قسم جو شغل ڪرڻ ناممڪن ٿي پيو. مکيہ هوٽلن جا خمخانہ بند ٿي ويا يا وري اتي تماشن تي پابندي لڳائي وئي. ڏنڏا موڙا ٿي يا بند ٿي ويا. SARS جي خاتمي تائين وڏي تبديلي اچي چڪي هئي.

Han نسلي موسيقي

چين جي 92 سيڪڙو آدمشماري Hans تي مشتمل آهي. سندس موسيقي گهڻ آوازي Heterophonic آهي، جنهن ۾ مطرب هڪ ئي ست جون مختلف صورتون پيش ڪن. موسيقيءَ سان گهڻو ڪري ضرب واري وڄت ۽ ناچ سنگيت ناٽڪ گڏ هجي ٿو.

سازن جي موسيقي

سازن جا قسم جي Erhu ۽ Dizi تي وڃن ٿا سي گهڻو ڪري چين کان ٻاهر به مقبول آهن. پر Pipa ۽ Zheng جي موسيقي بلڪل روايتي آهي ۽ چين ۾ ئي مقبول به آهي. سيني کان وڏيڪ مخصوص چيني ساز Qin آهي. Zheng جو Zither جو قسم آهي. سو چين جي Hakka, Henan, Ghaozhou, Shamdong ۾ مشهور آهي. Pipa جو ڇهين صدي عيسوي ڌاري عربي اپسمنڊ کان آيو سو توري تبديليءَ سان شنگهائي ۽ ان جي آس پاس ۾ پسند ڪيو پيو وڃي. لوڪ موسيقي Han لوڪ موسيقي شادين ۽ غمين ۾ٿي سان منسلڪ آهي. ان سان گهڻو ڪري Oboe جو قسم Suona ۽ Chuigushou نالي ضربي ساز دستو شامل هجي ٿو. موسيقي ڪڏهين خوشيءَ جي ڪڏهين غم جي اڪثر مغربي Pop تي ٻڌل ۽ گيتن جو مضمون T.V پروگرامن وارو هجي ٿو. اتر طرف وارن ڳوٺن ۾ وري ساز دستي ۾ (dizi) Flutes, Shawms suona (Sheng) mouth organ ۽ ضربي ساز (خصوصاً Yanluo gongs) مقبول آهن. سندن موسيقي مندرن جي شاهي سنگيت مان نڪتل آهي. Xian ڊرم موسيقيءَ ۾ ڦوڪ ۽ ضرب وارا ساز هجن ٿا، جن جي نه رڳو چين پر ڪنهن حد تائين ٻاهر به مقبوليت آهي. ٻيو مشهور اهم ساز Sheng Bamboo Pipes جو ڪافي پراڻو ۽ سيني مغربي ڪليل نالي وارن سازن جو منڍ آهي.

ڏکڻ Nanguan, Nanyin, Fujian يا Taiwan ۾ (Ballad) عشقيه جذباتي مترنم شعر مشهور آهن. اهي جي سنگت تي ڪا عورت ڳائيندي آهي. موسيقي محبت ماري مغموم عورت بابت هجي ٿي. اجا به Flute ۽ Lute وڌيڪ ڏکڻ ۾ Erxian, Chaozhou, Hakka, Shantou ۽ Zheng ساز دسته مقبول آهن.

Sizhu ساز دستا Flutes، گزي يا مضراب وارا تاري ساز جي هم توڙي همه آهنگ موسيقيءَ لاءِ هجن سي وري اولهه واري پاسي مقبول آهن. Sizhu شهرن ۾ سنساري سمجهيو وڃي پر ٻهراڙين ۾ آتمڪ تصور ڪبو آهي. Jiangnan Sizhu هي سازي موسيقيءَ جو نمونو شوقين شوقيه طور شنگهائي جي قهوه خانن ۾ پيش ڪن ٿا. هي پنهنجي بنيادي جاءِ يعني Jiangnan کان وڌيڪ ٻاهر مقبول آهي. Guangdon يا Cantonese موسيقي: Gangzhou ۽ ان جي آس پاس جي هيءَ سازي موسيقي 1920ع کان پوءِ واري رچنائن ۽ Yueju (Cantonese Opera) تي ٻڌل آهي. ڪيترن ئي خوبصورت نمونن تي Jazz ۽ مغربي موسيقيءَ جو اثر آهي.

چيني Opera (سنگيت ناٽڪ)

چيني، خاص طور تي بيجنگ اوپيرا صدين کان ڏاڍو مقبول آهي. موسيقي گهڻو ڪري گلي جي اوچي آوازن ۽ Jinghu, Souna ۽ ٻين تاري ۽ ضرت واري وڄت سان شامل هوندي آهي. ان کان سواءِ چين ۾ ٻيا به ڍاڪو ڪن Opera جا مکيه قسم آهن.

اقليتون: چين ۾ ڪيترائي نسلن يا گروهن وارا ماڻهو آباد آهن، جن ۾ Tibetan, Miao, Dai, Mangolian, Lisu, Uyghurs, Manichus, Russians, Yi, Wa, Zhuang- Naxi وغيره شامل آهن.

Tibet: تبت – نسلي ۽ ثقافتي طور مختلف تبت جو علائقو چين جي ڏکڻ اولهه ۾ آهي، سندن موسيقي پڻ ڌرم سان سلهاڙيل آهي. ان جا ڪيترائي پيچيده ۽ وٽندڙ قسم آهن.

پڻ ڀڪشو پوتر پاٺ ڳائي پنهنجي ساليانن ڏڻن ۽ جشنن ڪي وڌيڪ موثر بڻائين اهڙين مترنم پڙهاين ۾ Yang ڪي خاص ۽ وڏي اهميت آهي. هن ۾ لئي جو خيال نه رکيو آهي ۽ Drums جي اوچن پڙاڏيدار آوازن ڪي مڌم شبدن سان سنڀالو ڏيو آهي. مترنم پڙهائي، جا ٻيا نمونه تنتر مت يا چئن مکيه رهباني مکتبن Gelugpa, Sakyapa, Kangyupa ۽ Nyingmapa سان لاڳاپيل آهن. ڀهريون مکتب وڌيڪ محدود ۽ ڪلاسيڪل هئڻ جي باوجود به ڏاڍو مقبول آهي، جڏهين ته آخري نموني ڪي مختلف نمونن سان بيان ڪبو آهي، تنهن جو انداز افسانوي ۽ ناٽڪي آهي.

ثقافتي انقلاب جي لپيٽ مان لوڪ موسيقي، دلائي لاما جي پاڻمرادي ملڪ بدري بعد برپا ٿيل Tibetan institute of performing Arts جنهن ۾ هاڻي مغربي ۽ ڪن ٻين قسمن جي موسيقيءَ جو واڌارو ٿيو آهي، ان جي ڪري بچي ويئي پر آتمڪ موسيقي نجهري وئي. ٻيا لوڪ قسم Nangma ۽ Toshe انتهائي رواني‌ءَ واري ناچ ۽ موسيقيءَ لاءِ ٺهيل سازن سان گڏ پيش ڪبا آهن. Gar نالي ڪلاسيڪل موسيقيءَ جي سڃاڻپ آهي ته اها مانائتن ۽ معزماڻهن جي مان ۾ سنيگاريل ۽ شاندار رسمائتي نموني سان پيش ڪبي آهي.

تبت جي لوڪ موسيقيءَ ۾ Cappellalu به آهي، جنهن ۾ واضح طور وڏي آواز وارا گيت ۽ چارڻن جون ڳايل Gesar (تبت جو تمام مشهور سورمو) جون جنگي ڪهاڻيون شامل آهن.

1971ع ڌاري نئين دور ۽ تبت جي ڌارائن جو ڀهريون وڏو سنگم ٿيندو پاسي ٿو. مغرب جي پڻ ڌرم سان موافقت تبت جي موسيقي ڪي مشهور ڪرڻ ۾ مدد ڪئي.

تبتي پناهگيرن جي هماليه ۾ اچڻ سان مغربي ۽ لاثاني قسمن جي تبت جي موسيقيءَ جي ميلاپ مان نڪتل موسيقي تبتين ۾ هر هنڌ مقبوليت حاصل ڪئي. جلد Rangzen Shonu جو تبتي نسل جو هوسو مغربي Rock ۽ Pop جو ناميارو فنڪار ٿي ابريو. ٻيا نمونه جي ٻاهران آيا تن ۾ هندوستاني غزل ۽ فلمي راڳ گذريل صديءَ جي اسي واري ڏهاڪي جي وچ ڌاري شامل ٿيو. جڏهن حڪومتي قانونن ۾ نرمي آئي، تڏهين تبت ۾ Pop موسيقي ۾ واڌارو ٿيو.

تبت جي Pop تي چيني Pop جو تمام وڏو اثر آهي، هن ۾ سماجي ۽ سياسي جاڳرتا جا گيت نه بلڪه ٻئي درجي جا خسيس ۽ رواجي گيت ڳائجن ٿا.

Yumman هي ڏکڻ اوڀر چين جو گهڻن نسلن وارو علائقو آهي. هن صوبي جو مشهور ساز Lusheng آهي جو Mouth Organ جو قسم آهي. Miao هن ڪي محبت يا خواستگاري لاءِ پنج سري جوابي گيت ۾ پيش ڪيو. Hani جي مشهوري سارين جي روئبي جي گيتن جي هلڪي آواز ۾ گڏجي ڳائجڻ ۾ آهي. Baishaxiyue : راڳ ۽ ناچ جو جوڙ، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته ڪبلائي خان 1253ع ۾ آندو، ان ميوزڪ جو تعلق ڏکڻ چين جي قسمن سان

سمجهجي ٿو. هي هاڻي ڪافي مقبول آهي. .Sichuan چين جو ڏکڻ اولهه وارو صوبو، جنهن جو تخت گاهه Chamgdu آهي، تنهن ۾ چين جو وڏو ۽ شايد اڪيلو ادارو Sichuan Conservatory of Music جتي موسيقي جي اعليٰ تعليم ڏبي آهي. هن صوبي ۾ (Opera) سنگيت ناٽڪ جي تاريخ ڪافي پراڻي آهي.

Manchuria ؛ هي چين جي اتر اوڀر وارو صوبو آهي. هن ۾ ڪيترائي نسلي گروهه آباد آهن. هن جو مکيه ساز هڪ اٺڪندو دهل آهي، پر You you zhalullaby بہ گهڻو مشهور آهي. Xingiang:هن صوبي جي آبادي ترڪي ۽ هين وچ ايشيائي نسلن تي ٻڌل آهي. ترڪي جي Uyghurs جي موسيقي جو گهڻو مشهور قسم Onlkki Muqam آهي. هي ازبيڪ ۽ تاجڪ قسم جي ٻارهن حصن جو پيچيدو ميلاپ آهي. سازي رچنائن جا هي قسم ساڳي Muqam ۾ مختلف نمونن جا جوڙ ٺاهن ٿا. هي ست سري سرگم جا آهن. خاص سازن ۾ Dap (Drum) ڊلسيمر ,Lutes, Fiddles شامل آهن، فنڪارن، خصوصاً ضربي سزوارن کي پنهنجي هٿ / هنر ڏيکارڻ لاءِ ٿوري وٿي بہ ملي.

Hua'er: موسيقيءَ جو هي نمونو سڄي اتر اولهہ چين ۾ رائج آهي. هي رسمي موسيقي ڇتا پيٽِ جي سُياء واري آهي، بنا سازن جي ڳائي وڃي. موسيقي ۽ موسيقار ٻئي هڪ ٻئي کان متاثر ٿين. مضمون ۽ ڪلام مجازي هجي ٿو.

Kuaiban: لئي ۾ ڳالهائڻ ۽ ڳائڻ جو قسم جو گهڻو ڪري ضرب وارن سازن تي پيش ڪجي جهڙوڪ Hand Clackers هن روايتي قسم جو مرڪز Shandong صوبو آهي. هن قسم جي مشابهت Rap ۽ ڪن ٻين ثقافتن جي لئيدار موسيقي سان بہ آهي.

ڇا يا نٽ (راڳڻي)

هي ڪلياڻ ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي آهي. رکب وادي ۽ پنچم سموادي سُر اٿس. پنڊتن جو چوڻ آهي تہ هن راڳ جي گرهہ ڌيوت آهي ۽ نياس پنچم. مڌم تيور آروهي ۾ ڏيکارڻ ضروري آهي. هن راڳڻيءَ ۾ ڪامود وانگر گنڌار وڪر سُر آهي. هي راڳڻي ڪلياڻ، گوند- همير- نٽ ۽ اليہ جي ميلاپ مان ٺهي آهي. ڪامود ۽ ڇا يا نٽ ذري گهٽ هڪ جهڙيون راڳڻيون آهن. انهن کي الڳ ڪرڻ لاءِ هيٺيون ڳالهيون ڌيان ۾ رکڻ گهرجن.

1-ڪامود ۾ آروهي ڪڏهن بہ گنڌار ۽ مڌم کان پنچم تي نہ ويندي پر ڇا يا نٽ ۾ ائين ناهي.

2- جهڙيءَ ريت ڪامود ۾ رکب کان پنچم تي آروهي ڏي وڃبو آهي. ان جي ابتڙ پنچم کان رکب تي آروهي ڏي وڃبو.

3- ڪامود جو وادي سُر پنجم آهي، مگر ڇايا نٽ جو وادي سُر رکب آهي.

4- ڪامود اترانگ جي راڳڻي آهي، ڇا يا نٽ پور وانگ جي راڳڻي آهي.

آروهي: سا ري گي ما پا ڌي ني ڌي سَا.

امروهي: سا ني ڌي پا مي پا ري گي ما پا گي ما ري سا.

وادي سر: رکب

سموادي سر: پنچم.

ڳائڻ جو وقت: رات جو ٻيون پهر

چيبج (سنڌي ناچ)

هي خالص سنڌي ناچ آهي، جيڪو هر خوشيءَ جي موقعي تي ورڻ ديوتايا اڏيري لال جي بهراڻي تي وجهجي، عيد شادي هولي وغيره تي بہ چيبج وجهندا آهن. چيبج ۾ گول ناهي بيهبو آهي. جنهن گول ۾ تي چار مرد بہ چيبج ڪري سگهن ٿا. مگر گهٽ ۾ گهٽ ستن ماڻهن جو ضرورت پوي ٿي. پوءِ پلي وجي پنجاهي کن کي لڳن. جيترا ماڻهو گهٽا اوترو چڪر وڏو. پر گهٽن ماڻهن ۾ تال، سُر ۽ لئي جي يڪسان بيهڻ جو امڪان گهٽ آهي. هنن مان هر هڪ کي ڪاٺ جو هڪ ڏؤنڪو، ڏؤنڪلو يا ڏونڪلي هوندي آهي، جنهن جو قطر مني انچ کان سوا انچ ڊيگهہ ۾ سوا فوٽ کان ڍ فوٽ. اهي ماپون، دنگ آهن. اهي ڪهڙي بہ ڪاٺ جا ٿين، مگر گول ۽ گهٽو ڪري جندي تي لٽل رنگبرنگي. ڏونڪن کي هڪ چيڙي وٽ هڪ کان ڏهن گهنگهرن جي سنگهر لٽڪائين. ڪِي شونقين هينان مٿ وٽ بہ گهنگهرو هڻن، ڪي قابل چيڄاري تي ڏونڪا ڪٽن.. ٻہ ساڄي هٿ ۾ تہ هڪ کابي هٿ ۾، بهرحال ڏونڪن بنا چيبج نہ ٿيندو آهي. ان گول جي وچ ۾ پنهنجي خاص آڏي ٻڌل پڳ سان دهلاري ۽ سنڌي پٽڪي سان شرنائي وارو هوندو. ”شرنايو“ بلڪل گنڀير، صرف مِٺُن ڦوڪ دوران اڇل ڏيندو، باقي دهلاري، جنهن جي هٿ ۾ اهيئي ڪاٺ جا ٻہ ڏونڪا آهن، دهل جي پاسَن ڪٽڻ لاءِ، تن سان هاجو ڪيو چڙي. سُر ڏيندس ۽ سر وٺائيندس شرنايو، يعني سڄيءَ چيبج جي تار مڪان جو مهندار آهي، شرنائي وارو، ٻيا سپ هن جي پنيان ناچ نچندا. سرن ۾ گهٽو ٺٽو سنڌڙو، پيرو،ڪوهياري حسيني، تلنگ، ڪماچ، مالڪونس، يا سهڻي پرگهٽي ۾ گهٽي پهاڙي شرنايو سر ڏيندو ۽ ڏيري ڏيري لئي وڌائيندو، تيز لئي ڪندو ويندو ۽ جڏهن پوري مستيءَ ۾ اچي ويندو تہ چيبج بہ پنهنجي اتاهين تي پهچي ويندي. گجرات ۽ راجستان ۾ بہ ”ڏونڪلي راس“ ٿيندي آهي. (پر سنڌ جي چيبج گهڻو نرالي، نشيلي، مست، جهومائيندڙ دل کي راحت ڏيندڙ ۽ عجب ۾ وجهندڙ آهي). ان ۾ نہ هوندي آهي. شرناءِ جي شيريني ۽ نہ وري دهل جي لئي تار، جيڪڏهن تاندو شو مهراج جو ناچ آهي تہ هندو ڌرم وارن وٽ هي ناچ ورڻ ديوتا جي نالي منسوب ٿيل آهي. چو تہ هي ناچ ائين ٿو وهي جيئن جل- جيئن جَلَ ۾ گنڀيرتا آهي تہ مستيءَ بہ- چل آهي تہ اُڇل بہ. چال آهي تہ چڪر بہ تئين آهي چيبج ۾.

جنهن بہ ناچ ۾ گول ناهجي ان کي راس چئجي. راس جي رت آهي. شرد رت يا بسنت، ان ۾ بہ چانڊوڪي رات. چيبج بہ هڪ راس جو نمونو آهي. راس ۾ ناچ وڏيڪ عوامي ٿئي ٿو ۽ رَسُ بہ ڪري ٿو. راسين جا گهڻائي قسم آهن، جن ۾ راڪل راس- ناتيہ راس، گوپي راس، ڪونچ راس، گدف راس، ڪان گوپي راس وغيره راس جا بہ گهڻيئي عناصر آهن، جيئن گول ناهڻ جو نمونو، گول ڪنهن وقت ٿو ناهجي، ڪيئن ۽ ڪڏهن ٿو راس ڦٽائجي، ڪيئن ۽ ڪڏهن ٿو وري ورچجي، راس وارن جي بيهڪ ۽ چال جي ترتيب، نمونو ۽ مفاصلو هنن جي هٿن، پيرن، چيلهہ، ڪنڌ ۽

ٻانهن، آنگرين، اکين جا چالا، روپ، سازن جو وڄتون وغيره. وري ڏونڪن جي وڄت جي طور تي ٻه راس جا ڪئين پرڪار آهن. هڪ هڪ نڪاءَ کي ”تال“ چوندا آهن. هاڻي هڪ نڪاءُ ڪڍائي جيڪڏهن وتي وجهبي اچبي ته ان کي ايڪ تال چونداسين، مگر جي ٻه نڪاءَ ڪڍائي ويساهين ڏبي ته ان کي ”دوتال“ چئبو. اهڙي طرح تين تال (ٽي نڪاءُ) چوتال (چار نڪاءَ) ڇاڳيا (ڇهه ڏونڪن جا نڪاءَ) انيا (اٺ نڪاءَ) باريا (ٻارنهن نڪاءَ) ٿيندا آهن. گهڻا نڪاءَ تڏهن ڪڍائي سگهبا جڏهن دهل جي لئي تيز هوندي آهي. جيئن ڳائڻ ۾ شد، ڪومل، تيور، سپتڪ، مندر، مڌيه تار، آروهي، امروهي، وادي سموادي ٺئي تيئن هن ۾ به آهي. ڇيڄارين جو ترڻ، چرڻ، هلڻ، مڙڻ، ويهڻ، اٿڻ، ڊور، ڊيل، ڏوڻ ڏڪوڻ، وڄندڙ دهل ۽ شرنائي سان موافقت رکندي آهي. ان لاءِ ڇيڄ جاڪوڙ نمونا ٺهي پيا آهن. گهڻو ڪري ڇيڄارين کي هڪ جهڙي پوشاڪ هوندي آهي. هٿ ۾ رومال ڪٽندا آهن. ان کي جهليندا وري ڪُنڊڙيءَ کان آهن ته جيئن اڏائڻ ويل وڏي چوج ڏيکاري. هن ناچ ۾ تلتيءَ جو ٽئو رام پڳٽ پهرين جوڙ جو ڇيڄاري ليکيو وڃي ٿو. (سندس احوال ڏجي ٿو)

نصرپور سيوهڻ، ڪراچي حيدرآباد، روهڙي ۽ سکر ۾ گهڻا ڇيڄاري هئا، جيڪي ورهاڱي وقت لڏي ويا. هاڻي لاڙڪاڻي ۾ ڪجهه ڇيڄاري ڇيڄ وجهن ٿا. ڏونڪلي جو هڪڙو نڪاءُ پنهنجي ساڄي پاسي واري ساٿي جي ڏونڪي تي ۽ ٻيو وري کاٻي پاسي واري همراهه سان ڪڍائبو. ان وچ ۾ جيڪي ماهر آهن، سي پنهنجي ڏونڪي تي ناز مان هڪ چاهي ٻه نڪاءَ ڪڍائي وٺندا. ڦيري ڏئي. اوڪڙو ويهي اٿندا، ڪي ته متاڇرو زمين تي اَهلي اٿندا. هي سنڌي ناچ اڄ به سنڌ ۾ موجود آهي.

حافظ علي خان استاد

استاد حافظ علي خان 1888ع ۾ هڪ وڏي موسيقيءَ سان وابسته گهراڻي ۾ پيدا ٿيو. سندس والد ناني خان ۽ ڏاڏو استاد غلام علي خان جيڪو سرود جي وڄت ۾ غلام علي گهراڻي جو باني آهي. وقت جا گني گويا هئا. هن شروعاتي تعليم پنهنجي پيءُ کان ورتي، جڏهن هو 19 سالن جو هو ته سندس والد وفات ڪري ويو. هن مشهور گويي گنيش لال جي کان، جيڪو درپد جو وڏو ڳائڻو هو، تربيت ورتي. هن وقت جي وڏي ساز نواز استاد وزير علي خان جيڪو علاؤالدين خان جو شاگرد هو، ان کان به سکيا ورتي. استاد وزير علي خان پنهنجي فني زندگيءَ جي شروعات موسيقار جي حيثيت سان گواليار جي دربار کان ڪئي. هن جي ڳائڻ ۽ وڄائڻ جو خاص انداز هو، جيڪو هن پنهنجي شاگردن ڏانهن منتقل ڪيو. هو درپد وڄائي ڄاڻندو هو. آزاديءَ کان پوءِ هو دهلي هليو آيو ۽ عام ماڻهن ۾ ساز سرود کي متعارف ڪرايو. هن جو پٽ امجد علي خان پڻ سندس شاگرد ۽ وڏو سرود نواز آهي. هن کي ڪيترائي ايوارڊ مليا. 1952ع ۾ هن کي ناٽڪ اڪيڊمي ايوارڊ مليو ۽ 1953ع ۾ ڪيس ناٽڪ اڪيڊمي جي فيلو شپ عطا ٿي. 1960ع ۾ ڪيس ڀارت جو وڏو ايوارڊ پدما ڀوشن ڏنو ويو.

ڪيس ٽي پٽ هر هڪ مبارڪ علي خان، رحمت علي خان ۽ امجد علي خان پنهنجي فن ۾ يگانه آهن، امجد علي خان ته سرود ۾ پنهنجو الڳ نمونو ايجاد ڪيو آهي.

حامد حسين خان، استاد (سارنگي نواز)

استاد حامد حسين خان جو تعلق رامپور جي ان گهراڻي سان آهي، جيڪو سارنگي وڄائڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي، استاد حامد حسين خان سارنگيءَ جي تربيت پنهنجي ڏاڏي استاد حيدر حسين ۽ پنهنجي والد استاد عابد حسين کان سواءِ پنهنجي مامي علي جان کان به ورتي. هو جوانيءَ ۾ آل انڊيا ريڊيو سان منسلڪ رهيو. ڪلڪتي ۽ ممبئي ريڊيو تان به پروگرام ڪيائين.

آزاديءَ بعد مرحوم پاڪستان آيو. ذوالفقار علي بخاريءَ جي ڪري ريڊيو ڪراچي سان وابسته ٿي ويو. استاد حامد حسين خان کي هڪ اهڙي آرٽ جو استاد مڃيو ٿو وڃي، جيڪو هينئر پوين پساهن ۾ آهي. سارنگي پاڪستان کان علاوه برطانيه، آمريڪا ۽ ڪئناڊا ۾ به مقبول ساز آهي. استاد ڪن ڟائفن سان غير ملڪي دورا به ڪيا.

استاد 3 نومبر 1980ع ۾ 75 سالن جي وڏي ڄمار ۾ ڪراچيءَ ۾ وفات ڪري ويو. مرحوم پويان 2 بيواهون ۽ 11 ٻار سوگوار ڇڏيا آهن.

حدو خان ۽ حسو خان (گائڪ)

ميان حسو خان ۽ حدو خان گواليار گهراڻي جا اصلي موسس هئا. سندس هڪ شاگرد ميان بني هو. بني خان جو شاگرد گامڻ خان ۽ پيارو خان سنڌ پهتا. گامڻ خان جو اصل وطن فتح ڳڙهه جوڙيان ضلعو امرتسر هو. گامڻ خان سنڌ ۾ وڏو نالو پيدا ڪيو. ڪيس موسيقيءَ جو ابو سمجهي وڏا ماڻهو سندس ڏاڍي عزت ڪندا هئا. بني خان ۽ گامڻ خان سيٺ وشن داس مانجهند واري سان وابسته هوندا هئا. هتان جا سنڌ ورڪي هندو ٻنهي کي ديوتا سمجهندا هئا. سنڌ ۾ چوٽي عام هئي ته ”گائي ۾ گويو گامڻ خان آهي“. گامڻ خان چار پٽ ٿيا. مبارڪ علي خان، مراد علي خان، علي محمد خان ۽ بيبو خان، مبارڪ علي خان ۽ بيبو خان سنڌ ۾ ڏاڍا مشهور ٿيا. ريڊيو حيدرآباد جي افتتاح جي موقعي تي مبارڪ علي خان موجود هو. ڪراچيءَ ۾ رهندو هو. ان موقعي تي ڪراچيءَ مان ڪهي آيو هو. تمام جهونو هو. گامڻ جي ڀاءُ ڪريم بخش جو پوٽو منظور علي خان (مدفون ٽنڊو آدم) هو. گامڻ جي ٻئي ڀاءُ احمد خان جو پٽ حدو خان _(مدفون شڪارپور) ۽ پوٽو سينڌو خان (مدفون ڪتياڻ)، بني خان پنهنجي وقت جو وڏو گائڪ هو. استاد بڙي غلام علي خان جو والد ۽ استاد علي بخش خان قصوري بني خان جو شاگرد هو. هُو به وشن نگر مانجهند ۽ حيدرآباد ۾ مهينن جا مهينا ڇا پر سالن جا سال رهي بني خان کان موسيقي سکيو.

اسان ڏسون ٿا ته سڀ سنگيت جا نالا سنڌ مان اٿيا ۽ پوري هند تي ڇانئجي ويا. بڙي غلام علي خان تي سنڌي راڳ جو وڏو اثر هو. جو سندس والد ۽ استاد سنڌ ۾ راڳ سکيو. بني خان، سينڌي خان، گامڻ خان، بڙي غلام علي، علي بخش خان، حدو حسو خان، سنڌيءَ ۾ خوب ڳايو. بيبو خان ته هوئي ڇڻ سنڌي راڳ جو شهنشاهه.

حسين بخش خادم سروري (ڳائڻو)

حسين بخش ڳوٺ آراضي تعلقي سيوهڻ ضلع ڄامشوري ۾ 1930ع ڌاري ڄائو. سنڌيءَ جا چار درجا ڪن پڙهيل هو. راڳ ويراڳ ننڍي لاءِ کان پنيان هوس. ننڍي لاڪون آراضي ڇڏي، طالب المولىٰ جن جي والد سائين گل

شاهہ وٽ هالن ۾ رهڻ لڳو. هن مخدوم طالب المولىٰ کي گهڻو ڳايو. 1955ع ۾ علي محمد ڇاڳلا ڪراچي، ريڊيو جي پروڊيوسر کيس ريڊئي تي متعارف ڪرايو. ساڳي ئي سال حيدرآباد ريڊيو بہ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو تہ ان سان وابستہ ٿي ويو. حسين بخش سٺو شاعر بہ هو. خادم سندس تخلص هو. هي ڇيڙي يڪتاري تي سنڌي ڪافيءَ کي سٺو پيش ڪندو هو. هن سنڌ جي درگاهن، ميلن ملاکڙن کان سواءِ ملڪ کان ٻاهر بہ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. جن ۾ جرمن، اٽلي، هالنڊ، فرانس ۽ آمريڪا، سندس ڪلام بہ سٺن ڳائڻن ڳاتو. پاڻ فلم ”تنهنجون ڳالهيون سڄڻ“ ۾ اياز جو گيت ڳاتو- ڳائڻ جي حوالي سان کيس لطيف ايوارڊ ۽ سهڻي ايوارڊ مليا. پاڻ 12 مارچ 1992ع تي دل بيهڻ سبب گذاري ويو. سندس اواز ريڊيو حيدرآباد، ڪراچي ۽ سنڌالاجي وٽ محفوظ ٿيل آهي.

حسيني جو نهرو (راڳڻي)

ڪافي ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي آهي. اڙاني وانگر مڌم کان شروع ٿئي ٿي. اڙاني کان هن ۾ ڪانڙي جو انگ زياده آهي. اڙانو، ميگهہ، حسيني، شهانو، سوها سگرائي،سور ملهار، انهن سيني راڳن ۾ سارنگ جو انگ زياده ٿئي ٿو. تار استان جو ڪرج هن ۾ سٺو لڳندو آهي. ڌيوت ۽ گنڌار جي گهٽ وڌ استعمال سان انهن راڳڻين کي هڪ ٻئي کان جدا ڪري سگهبو آهي. راڳ لڇن گرنٿ ۾ هن راڳڻيءَ جي آروهي سمپورن لکيل آهي. امروهي ۾ نکاد ورج. هڪ ٻئي گرنٿ سار امرت ۾ آروهي امروهي ٻئي سمپورن ڄاڻايل آهن. هي مسلمانن جي ايجاد ڪيل راڳڻي آهي.

آروهي: ساري گا ما پا ڌي نا سا.

امروهي: سا نا ڌي پا- گا ما ري سا-

وادي سُر: ڪرج.

سموادي سُر: پنچم

وقت: رات جو ٻيو پهر.

حضور بخش خان، استاد (راڳي)

لاڙڪاڻي شهر جو رهاڪو هو. موسيقيءَ ۾ امير خان پٽيالا واري کان موسيقي جي تعليم ورتائين. پاڻ هارمونيم جو مڃيل ماسٽر هيو. موسيقيءَ جي طائفي سان گڏ فرانس ۾ بہ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري آيو هو. هندستان جي بہ ڪيترن شهرن ۾ ويو ۽ داد حاصل ڪيائين. 1965ع کان 1970ع تائين نواب شاهہ ميوزڪ ڪلب جو استاد رهيو، جيڪا ڪلب طالب المولىٰ جي سرپرستيءَ هيٺ قائم ٿي. 1970ع جي آخر ۾ 60 ورهين جي عمر ۾ وفات ڪيائين.

خادم سخيراڻي (راڳي)

خوش شڪل ۽ خوش آواز خادم سخيراڻي 1961ع ۾ خدا آباد لڳ ڦڪن ۾ ڄائو. راڳ کيس ورثي مليل هو. سندس والد توڙي سندس ڏاڏو محمد رجب سنا شهنائي ۽ دهل جا وڄائڻا هئا.

هن جي تربيت پنهنجي ڏاڏي محمد رجب ڪئي. جڏهن استاد محمد صالح دادو آرٽس ڪلب پراڻي چوڪ ۾ ڪولي نه اتي ٻين سان گڏ خادم به استاد کان سکيا ورتي. استاد محمد صالح، استاد ٻيبي خان جو شاگرد هو ۽ وڏي سرت وارو راڳي هو. خادم ان کان پوءِ نظر محمد چنه ٻينجي نواز کان استاد صالح جي وفات کان پوءِ تعليم حاصل ڪئي. هن وقت دادوءَ جو پلو گائڪ آهي.

دادو آرٽس ڪلب ۽ استاد بخاري آرٽس ڪلب جو روح روان آهي. سندس ڪيترائي شاگرد آهن. پاڻ واپڊا ۾ ملازم آهي.

خميسو خان (الغوزي نواز)

ننڍڙي لاڪون پنهنجي پيءُ احمد خان سان ٻني ٻارو ڪرڻ ويندو هو، جيڪو واندڪائيءَ ۾ نڙ پلو وڄائيندو. پهرن جا پهر خميسو سندس پر ۾ ويهي نڙ ٻڌندو هو. الغوزي ۾ سندس پهريون استاد سندس چاچو محمد اسماعيل هو، جنهن ڪيس سُرن جي سرگم کان واقف ڪيو، ڪرج، پنچم مڌم جو روحاني راز سمجهائي ڪيس سُر ساگر جي حوالي ڪيو. جلدي سيد احد شاهه نڙائي جي شاگردي حاصل ڪيس، جيڪو نڙ وڄائڻ ۾ استاد هو ۽ راڳڻين تي عبور حاصل هوس. 1955ع ۾ ريڊيو ڪراچيءَ تان پهريون پروگرام ڪيائين، ترت پوءِ ريڊيو حيدرآباد سان واڳجي ويو. خميسي خان جي الغوري جا سُر سنڌ جي هوائن ۾ هبڪارون ڏيڻ لڳا؛ تمام جلد هن ساز ۽ فنڪار پاڪستان جي سيني علائقن ۾ شهرت پاتي. هن جي جدت پسند طبيعت، هن ساز جي لهرن کي نوان رنگ بخشيا ۽ نين طرزن ۽ راڳڻين سان روشناس ڪرايو. 14 آگسٽ 1972ع ۾ آفريڪا جي ملڪن دارالسلام ۽ نيروبيءَ وفد سان گڏ ويو، پندرهن ڏينهن جي انهيءَ دوري ۾ انن مختلف ملڪن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. ان کان اڳ 1964ع ۾ روس جي شهرن تاشقند، ماسڪو ۽ لينن گراڊ ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. ان کان سواءِ چين به ويو.

اڄ جيڪا سنڌ ۾ مقبوليت ۽ اهميت الغوري کي آهي، سا ڪنهن ٻئي ساز کي شايد هجي. هن دور ۾ الغوزو سنڌ جي ثقافت جو نمائنده ساز آهي. هن الغوزي جي عظيم لوڪ فنڪار سال ۾ وفات ڪئي./ ڪري ويو.

ڏاگر ڀائر

(ڏاگر برادرس سينيئر)

استاد ناصر معين الدين ڏاگر پيدائش 12 مئي 1921ع ، وفات 24 مئي 1966ع استاد ناصر امين الدين ڏاگر پيدائش 20 آڪٽوبر 1923ع

وفات 28 ڊسمبر 2000ع

استاد ناصر معين الدين ڏاگر ۽ استاد ناصر امين الدين ڏاگر جيڪي ڏاگر برادرس جي نالي سان مشهور آهن. سندن شمار صفِ اول جي ڌرپد ڳائڻ وارن ۾ ٿيندو هو. سندن ڳائڻ جو انگ ڏاگر باني جي نالي سان مشهور آهي. ٻئي ڀائر جوڙ ۾ ڳائيندا ها. ڏاگر برادرس جو خاندان 19 پيڙهين کان ڌرپد گائڪيءَ سان لاڳاپيل آهي. وڏو ڀاءُ استاد ناصر

معين الدين 1921ع ۾ راجستان جي ايلود شهر ۾ ڄائو. استاد ناصر امين الدين 1923ع ۾ اندور ۾ پيدا ٿيو. سندن پيءُ جو نالو استاد ناصر الدين خان ڏاگر هو. سندن پيءُ پنهنجي وقت جو يگانو در پد گائيڪ ٿي گذريو آهي، جيڪو اندور ۾ مهاراجا تڪا جي راؤ جي دربار سان وابسته هو.

ڏاگر برادران موسيقيءَ جي شروعاتي تعليم پنهنجي پيءُ کان حاصل ڪئي. پيءُ جي وفات کان پوءِ پنهنجي مامي جئپور واري استاد رياض الدين خان ڏاگر ۽ اوڏي پور واري استاد ضياءُ الدين خان ڏاگر جي شاگرديءَ ۾ رهيا. امين الدين ڏاگر پنهنجي وڏي ڀاءُ ناصر معين الدين ڏاگر کان به گهڻو علم حاصل ڪيو.

ٻنهي ڀائرن ڪيترن ئي ملڪن جو سفر ڪيو. يورپ ۾ سندن گائڪي تمام گهڻي مقبوليت ماڻي. سندن جوڙي استاد ناصر معين الدين جي وفات 1966ع تائين قائم رهي. وڏي ڀاءُ جي وفات کان پوءِ ننڍي ڀاءُ ناصر امين الدين گائڪيءَ جي سفر کي اڪيلي سر پنهنجي وفات 2000ع تائين جاري رکيو.

استاد ناصر امين الدين کي مليل ايوارڊ:

سنگيت ناٽڪ اڪيڊمي ايوارڊ 1985ع

پدماڀوشن 1985ع

تانسين ايوارڊ 1990ع

سندن ننڍا ڀائر ۽ شاگرد استاد ناصر ظهير الدين ڏاگر ۽ ناصر فياض الدين ڏاگر اڄڪلهه ڏاگر باني جي نمائندگي ڪري رهيا آهن.

درباري (راڳڻي)

آساوري ٺاٽ جي سمپورن ڪاڊو راڳڻي آهي. آلاپ منڊو اٿس. گنڌار آروهي ۾ دربل، امروهيءَ ۾ ڏيوت ورج اٿس. نکاد ۽ پنچم جي سنگت رهي ٿي. گنڌار اندولت، هن کي بلمپت جي لئه ۾ ڳائڻ مناسب آهي. آروهيءَ ۾ گنڌار ڪمزور اٿس. ان لاءِ ڪافي کان الڳ آهي. امروهي ۾ ڏيوت ورج هجڻ ڪري آساوري کان الڳ بيهي ٿو. هي مسلمانن جو جوڙيل راڳ آهي.

خاص تان: ري ري- سا- نا سا- ري ڌا- نِا پِا- ڌا ڌا –نِا سا- ري سا- نا سا- ري- گا گا- ما ري- سا- نِا سا ري-- ڌا نا پا- نا پا- ڌا- نِا- سا- ڌا نِا- سا-

آروهي: نا سا ري ما پا ڌا نا سَا

امروهي: سا ڌا نا پا گا ما ري سا.

وادي سُر: رکب

سموادي سُر: نکاد

وقت: رات جو ٻيو پهر

دربل (بيان)

هِي گائيڪي جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڪمزور يعني ڪو سُر ڪمزور ڪري هڻڻ. جيئن همير ڪلياڻ ۾ نکاد ڪمزور ڪري هڻبو. ٻي معنيٰ اها ٿي ته جيڪڏهن همير ڪلياڻ ۾ نکاد زور دار هڻبو ته شام ڪلياڻ ٿي پوندو.

دُرگا (راڳڻي)

بلاول ٺاٺ جي اوڊو يعني پنچن سُرن جي راڳڻي آهي. گنڌار ۽ نکاد هن راڳڻيءَ ۾ ورجه سر آهن. هي راڳڻي ملهار سان ڪجهه ملي ٿي. گنڌار جي نه هجڻ سان ڪجهه شڪل سورٺ سان به ملي ٿي. مگر سورٺ جي آروهيءَ ۾ رکب ۽ ڌيوت ڪو نه آهن ۽ درگا ۾ موجود آهن. سورٺ ۾ نکاد آهي. مگر هن ۾ ورجه آهي. ان لاءِ سورٺ کان الڳ آهي. رکب ۽ پنچم جي سنگت جي ڪري ملهار کان به الڳ ٿي بيهي ٿي. ڪن گرنٿن ۾ هن راڳڻيءَ کي شد ساويري ڪري سڏيو ويو آهي. هن نالي سان ڪماچ ٺاٺ ۾ هڪ راڳڻي آهي.

خاص تان: پا- ما پڌي ما- ما ري- پا- پا ڌي ما- ري- سا-

آروهي: سا ري- ما ري- پا ڌي- سَا-

امروهي: سا ڌي پا- ڌي ما ري سا-

وادي سُر: مڌم

سم وادي :ڪرج (سا)

ڳائڻ جو وقت: منجهند (جڏهن ته راڳ ساگر ڳائڻ جو وقت سوير صبوح مقرر ڪيو آهي)

دُرگا (راڳڻي)

هن نالي سان بلاول ٺاٺ ۾ به راڳڻي آهي. ٻي ڪماچ ٺاٺ جي. هيءَ راڳڻي اوڊو يعني پنجن سُرن جي راڳڻي آهي. رکب ۽ پنچم هن ۾ ورج سُر آهن. هن جو وادي سُر گنڌار آهي، جتي مڌم ۽ ڌيوت جي سنگت رهي ٿي. ان ڪري پاڀيسري جي ٿوري صورت نظر ايندي آهي. پر پاڀيسري ۾ گنڌار ڪومل آهي، دُرگا ۾ گنڌار تيور آهي. ان فرق کان سواءِ رکب جو سُر ورج آهي، ان ڪري جهنجهوٽي کان الڳ ٿي بيهي ٿي. ان کان علاوه ڌيوت هڻڻ ۽ پنچم کي نه لڳائڻ سان، تلنگ کان به الڳ صورت اختيار ڪري ٿي، ٻئي نکادون لڳن. خاص تان: سا — گي- ما گي- نا ڌي- ما گي- گي ما ڌي- نا ڌي- ما گي سا-

آروهي: سا گي ما ڌي ني سَا-

امروهي: سا نا ڌي ما گي سا-

واد ي سُر: گنڌار

سم واڌي سُر:

ڳائڻ جو وقت: ٻيو پهر رات

دف/دق/ ڪنجري (ساز)

هي ساز بہ ڏاڍو پراڻو آهي. هندوستان، پاڪستان کان سواءِ وچ ايشيا ۽ مشرق وسطيٰ ۾ هي ساز وڄايو ويجي ٿو. عربن وٽ اسلام کان اڳ دق وڄايو ويندو هو. ڪنهن نرم ڪاٺ جي ٻن سوتن جي ٿلهي، پنج يا ڇهہ انچ ويڪري سوا فوٽ کان ٻن فوٽن تائين ڏگهي ڪاٺي کي موڙي گول ناهي، ان جي مٿان ٻڪريءَ جي کل چاڙهي ويندي آهي. کبي هٿ سان ڪاٺيءَ کي پڪڙي سڄي هٿ سان کل تي ڏڪ هڻبو تہ تال پيدا ٿيندو. گول ڪاٺيءَ تي ننڍڙيون ننڍڙيون پتل جون ٿالهيون لڳل هونديون. اهڙي قسم جي دق کي ڪنجري چئبو آهي.

هي ساز سنڌ ۾ اڪثر ڪري ڳائڻا عام ڪافي ڪلام ۾ لئي کي سريلو بنائڻ لاءِ ڪتب آڻين. هن جي سنگت پکواز جي لئي سان رهي ٿي.

دلربا/ طائوس (ساز)

هي تار ونش سان تعلق رکندڙ ساز آهي. هي ستار ۽ سارنگي جي ميلاپ مان ٺهيل آهي. اسراج کان قد ۾ ٿورو وڏو ٿئي ٿو. هن ساز کي ڪلاسيڪل توڙي نيم ڪلاسيڪل انداز ۾ اڪيلو يا سنگت ۾ وڄايو ويندو آهي. هن جي هڪ پاسي مور جي منڊي ۽ ٻئي پاسي جيڪڏهن مور جو خوبصورت پڇ لڳل هجي تہ ان کي شاهي ساز طائوس سڏيندا آهن. جيڪو هندوستان، پاڪستان توڙي يورپ ۾ وڄايو ۽ ٻڌو وڃي ٿو. هن ۾ سُر ستار واري جهنڪار ۽ سارنگيءَ جو آلاپ ٻئي خوبصورت انداز ۾ سمايل آهن. توڙي هن جي وڄائڻ جا ماهر گهٽ آهن. مگر پوءِ بہ مدهوش ڪندڙ ساز آهي. هن جي آوازي ڪوڪي جي مٿان جيڪو ڪاٺ يا ڪدوءَ جو ٺهيل آهي، چمڙيءَ جي کل چڙهيل هوندي آهي. ان جي ندي پوري ستار وانگر ڊگهي ٿئي. طبلي (آوازي ڪوڪي) کان تارون ڳتين ڏانهن وينديون آهن. وچ ۾ پتل يا ٽامي جا بند يا طربون ٿين. جن تي آگريون سَتي گهربل سرگم ڪڍبو آهي. ڳتين ذريعي تارن کي چڪي سبتڪ جي آواز تي بيهاريو ويندو آهي. هٿ سان گز ۽ ٻئي هٿ سان چيڙ ڪري راڳ ڪڍبو آهي. هي ساز ٻن سبتڪن ۾ ورهايل آهي. هڪ مندر سبتڪ ۽ ٻيو ٿئي تار سبتڪ- تارن جي ترتيب ڪجهہ هن ريت استادن ٻڌائي آهي. پهريون پردو يا تار تيور مڌم- ٻيو پنچم- ٽيون ڪومل ڌيوت- چوٿون شڌ ڌيوت- پنجون ڪومل نکاد- ڇهون شڌ نکاد- ستون کرج- اٺون شڌ رکب- نائون ڪومل گنڌار- ڏهون شڌ گنڌار- يارهون شڌ مڌم- ٻارهون تيور مڌم- چوڏهون ڪومل ڌيوت، پندرهون شڌ ڌيوت- سورهون شڌ نکاد- سترهون تار سبتڪ جي کرج سان ارڙهون تار سبتڪ جي رکب سان ۽ اوڻيهون تار سبتڪ جي رکب سان.

بدقسمتيءَ سان هي زوال هيٺ آيل ساز آهي، جو اليڪٽرانڪ سازن جي گهڻائي ۽ سولائيءَ واري وڄت جتي ٻين ڪلاسيڪل سازن کي ڌڪيو آهي، اتي هي ساز بہ گهٽ وڄائڻ ۾ اچي ٿو.

هن جي قابل وڄائڻ وارو استاد پنڊت رانا ڏير راءِ هو. جنهن 1988ع ۾ ديهانت ڪيو. رانا ڏيو راءِ، اشيش بندو پانڊيہ جو شاگرد هو ۽ پاڻ موسيقي جو استاد هو ۽ وسوا ڀارتي يونيورسٽي شانتينيڪتن ۾ ميوزڪ ڊپارٽمينٽ جو پروفيسر هو. هن کان پوءِ ڪو ايڏو وڏو استاد پيدا ڪو نہ ٿيو.

دنبوري (ساز)

دنبوري سنڌ جي ڇپر واري پاسي جو ساز آهي. هي ساز تانپوري يا ستار تان ورتل ٿو ڏسجي. هي ڪاٺ مان ٺهيل آهي. دنبوري جو هيٺيون اڌ گول پيٽ وانگر ٿيندو آهي. انجي مٿان سنهو تختو لڳل هوندو آهي، جنهن کي پلڪ يا پاٽيون چون ۽ هيٺئين اڌ گول کي پيٽ يا شڪم چون. پيٽ جي مٿان ٻه فوٽ کن پورو اڌ گول ڳن وجهن، جنهن کي ڳن يا ڏانڊي چون. ڳن جي مٿئين حصي ۾ پاسي کان ٽي ڪِليون ڪاٺ جون هڻن، جن کي ڪيربون چون، تارون انهن ڪيرين تي ويڙهيل هونديون آهن. جيڪي پوري ڳن جي مٿان ٿينديون شڪم جي هيٺين حصي ۾ مظبوطيءَ سان ٻڌي ڇڏيندا آهن. پوءِ انهن تارن کي ملائي مضراب سان وڄائيندا آهن. ڇپر ۾ مضراب ننهن (پنهنجي آنڱر جو استعمال ڪن. اها دنبوري فقط ڳائڻ جي سنگت ۾ وڄائي ويندي آهي) يا سرنديءَ جي سنگت ۾ .

جي انهيءَ دنبوري جي ڳن تي سُرن ڏيکارڻ لاءِ تارون يا بند هڻندا آهن ته ان کي بندن واري دنبوري يا گهريڪ چوندا آهن. بندن واري دنبوري مان راڳ ۽ ڌنون نڪري سگهنديون آهن.

دنبورو (ساز)

دنبورو سنڌ جو هڪ عام ساز آهي، جيڪو ڪوهستان ۽ لس ٻيلي طرف گهڻو وڄايو وڃي ٿو. ڇپر وارا هن ساز تي مورا ۽ لوليون ڏيندا آهن. هن ساز جي ٺاهه تانپوري ۽ ستار جهڙِ آهي، پر اهي وڏا ساز ٿين ٿا. دنبورو انهن کان گهٽو ننڍو آهي. دنبورو ڪاٺ مان ٺاهي، پهريون هيٺ اڌ گول وانگر پيٽ ٺاهين، جنهن کي پيٽ ٻه چون ته شڪم ٻه چون. ان شڪم جي مٿان سنهون تختو هڻن، جنهن کي پلڪ يا پاٽيو چون. مٿان ٻه فوٽ کن پورو اڌ گول ڳن وجهن، جنهن کي ڳن ٻه چون. ۽ ڏانڊي ٻه سڏين. ان ڳن جي مٿئين حصي ۾ پاسن کان ڪِليون يا ڪيربو هڻن، جنهن ۾ تارون ڇڪبيون آهن. دنبوري ۾ ٽي تارون وجهن، جيڪي ڪيرين کان ٿينديون ڳن کان ٿينديون شڪم جي هيٺان ٻڌبيون آهن. اهو ٿيو سادو دنبورو جنهن تي رڳو سر ۽ لئه جهلائڻ لاءِ گهٽو ڪري ڏسٽي، آڱر ۽ آڱوٺو ملائي تارن تي ضرب هڻن. انهيءَ دنبوري ۾ ٿورو اضافو ڪري، ان جي ڳن يا ڏانڊي ۾ ٺئي ڇهه تارن جا بند هڻندا آهن، جن مان راڳ يا ٻول ڪڍندا آهن. پهرين تارتي مضراب هڻڻ سان (بنا آنگرين رکڻ جي) سا شڏ- ٻي تار رکب لاءِ ٽين تار يا بند گنڌار لاءِ چوٿين تار مڌم لاءِ پنجين تار پنچم لاءِ اهڙي نموني مختلف تارن کي ڇڪي مختلف سُر ڪديا وجن ٿا. بندين واري دنبوري کي ”گهريگ“ ٻه چوندا آهن، ته بندين واري دنبورو ٻه. انهيءَ گهريگ جي پهرين تار کي ٻولن واري تار ٻه سڏين، ٻي تار کي جهالارو ٽين تار کي گهور چون. سنڌ جو هي ساز اڪيلو ٻه سنو وڃي ۽ سنگت ۾ ڇگو رنگ رچائي ٿو. هن دنبوري کان شاهه جو دنبورو ڪجهه وڌيرڙو ٿئي ٿو. شاهه عبداللطيف هن ۾ ڪافي اصلاح آندي آهي.

ڏهل (ساز)

دهل سنڌين جي وڄت جو اهم ساز آهي. تاريخ ٻڌائي ٿي ته هي ساز پراڻي وقت ۾ مصر ۾ ٻه انهيءَ نالي سان موجود هئو. يونان وسيلي يورپ ۾ سندس پذيرائي ٿي. هڙاپا ۽ موهين جي دڙي جي تصويري آثارن ۾ سندس شڪل

جهڙو هوبهو ساز سندس قدامت ٻڌائي ٿو. تي سگهي ٿو ته ڪنهن زماني ۾ جنگ لاءِ خطري جي وقت يا ڪنهن اطلاع ڏيڻ ۾ استعمال هيٺ ايندو هجي، جيئن هاڻي به آهي. پر پوءِ هي گهڻو تال طور استعمال هيٺ آيو. محمد بن قاسم جڏهن سنڌ فتح ڪئي ته سندس استقبال "دهل ۽ شرنائي" سان ڪيو ويو. اڄ به ملاڪڙي ۾ عيد گاهه تي، محرم ۾، پڙهي لاءِ سنڌ ۾ استعمال ٿئي ٿو. پر هي ساڳي وقت وڄت جو مک ساز آهي، جنهن مان مختلف تال خوبيءَ سان وڄائي سگهجن ٿا.

دُهل آسري لئي يا انب جي دوڳيءَ کي پورو ڪري ناهيو وڃي ٿو. ٻنهي سرن تي ٻڪري جي ڪمايل کل چاڙهي ويندي آهي. کل کي اندران ۽ ٻاهران ڪاٺ جي پٽيءَ سان بند ڪيو ويندو آهي. اندرين پٽي ٻاهرين پٽيءَ کان ڪجهه ٿلهي ٿئي ٿي. ان کي "ڪنير" ۽ ٻاهرين ڦرد يا پٽيءَ کي "ٻاڇو" چوندا آهن. ڪينر ۽ ٻاڇي جي وچ ۾ کل کي مضبوط ڪري، رسين سان ڇڪي ٻڌو ويندو آهي. اهي رسيون ٿلهي سٽ جو ٺهيل هونديون آهن، جن کي "ڪشو" چوندا آهن. ڪشو ٻنهي پڙن کي ڇڪي ٻڌو ويندو آهي ۽ هڪ ڪان ٻئي ڪشي جي وچ ۾ چمڙيءَ جو يا ٽامي جو ڇلو وڌو ويندو آهي. ڪشو هڪ پڙيءَ کان ٻي پڙي تائين ذري گهٽ 45 ڊگرين جي ڪنڊ ٺاهي ٿو، جنهن ۾ چمڙي يا ٽامي جو ڇلو وجهي گهرج موجب پڙين کي ڇڪي يا ڍرو ڪري گهربل تال وٺي سگهبو آهي. دهل جي ٻن پڙين مان هڪ نر جنهن کي "بم" چوندا آهن ۽ ٿلهو آواز ڏئي ٻي مادي جنهن کي تالي چوندا آهن. جيڪا سنهو آواز ڏئي. نرواري پڙي کي اندران ڏوپ ۽ تيل جو مک ڏيندا آهن ته جيئن آواز ٿلهو ڪري هنن پڙين کي ڏوڪن سان وڄائبو آهي، جيڪي ٻير يا کهو جون فوٽ ڏيڍ جون ڪاٺيون هونديون آهن. دهل وڏي ماپ جو ٿيندو آهي، سندس آواز رات جي خاموشيءَ ۾ پري پنجن ڪان ڇهن ميلن اندر ٻڌبو آهي.

دهل کي تال طور وڄائڻ جو رواج سمن جي دور کان پيو ٿو ڏسجي. جو اهڙي قسم جي وڄتن جا نالا ملن ٿا، جيئن سماٽڪا ٽڪا، سماٽڪا اکر، سماٽڪا ٻول وغيره. اهي ٻول ٻڌائين ته دهل سمن جي صاحبيءَ ۾ تال طور ڪم آيو هوندو. بعد ۾ وقت جي بادشاهه جي دربار ۾ اچڻ وقت شادمانو وڄايو ويندو هو.

سنڌ ۾ دهل گهڻ مقصدو ساز ڳڻيو وڃي ٿو، جو سندس وڄائڻ جا گهڻا نمونا آهن، گهڻن مقصدن لاءِ وڄايو وڃي ٿو ۽ گهڻن موقعن تي وڄايو وڃي ٿو. مثال طور پڙهي ڏيڻ جي ڪم اچي، جنگ جي وقت ونگار يا ٻئي سماجي ڪم جي وقت، راند روند يا ناچ جي وقت، ماتم جي وقت، خوشيءَ جي وقت وغيره. هر وقت لاءِ الڳ وڄت جا انگ آهن، ڌمال ۾ به دهل وڄي ٿو، جنهن کي مستي يا موج جو انگ چون.

دُهل ڏونڪن سان وڄندو آهي، جيڪي بم ۽ تالي تي ضربيا ويندا آهن. اڳي تالي هٿ سان وڄائبي هئي. مگر هاڻي ان لاءِ سنهي ڪاٺي جنهن کي ڇينيون چون استعمال ٿئي ٿي.

تال

دهل مان هي ٻول نڪرن ٿا.

ڌا- جها- تا- تِڪ- نڪ- گهنا- ڪِت- تن- ڌِن.

ان ڪان سواءِ

ڪَتا- ڪِتا- گهِنا- گهَنا- جِهنا- جَهنَا- گِهتي- جهني- ڪِتند- جهينا- جهيني- ڌآن- ڌِنَا.

سمھ جو تال:

جهن ڌي گي گِهنا+ جهن ڌي گي گِهنَّا

ٽاهو تال :

ڌا گهنا نڪ+ تا گهنا نِڪ

سماٽڪا ٻول:

گهن گهنا تِينڌا ڪتيندا- ۽ ڌا ڌِنا ڌا تِن.

انهن ڪان سواءِ دهل تي هينيان تال وڄايا وڃن ٿا-

چينچل- ڪلواڙو- چالو- اڏايو- اولنگ- مُول وهول

جهمر- هسواري- نوشاهي- جهمٽي- لمدي- ٻَاٽِي جَهلڪو- ٽائو- پڇند وغيره. ان ڪان سواءِ بہ ڪي تال ڪاريگر مگٽهار وڄائين ٿا. جن ۾ ڌاگ ڌاگ- آرُو- بندرا بني ۽ سول وغيره. ڪلاسيڪي موسيقيءَ ۾ جهپ تال ۽ ڌمار بہ وڄايا ويندا آهن.

ان ڪان سواءِ هيٺين موقعن تي بہ دهل جون الڳ وڄتون ۽ انگ رکيل آهن.

1- قلندر جي درگاهہ تي ڌمال جو دهل. ان کي درگاهہ جي چوڪي بہ چون.

2- ملاکڙي ۾ ملاکڙي جو دهل ۽ ٽاهو وڄائين ۽ ملاکڙي جي، دهل جي وڄت ٽاهُو کان ڪجهہ سست ٿيندي آهي.

3- ٻاٽي جهلڪو- ماني ويل وڄائين.

4- شادمانو- ٻوڪي ۽ مينڌي مهل شادين ۾ وڄائين.

5- شاديءَ جو سڏ ڏيڻ وقت- سَنجهو وڄائين.

6- لمدي تال- جڏهن ڇڄ تيار هجي تہ ان جو اطلاع ڏين.

7- شادي شروع ٿيڻ مهل هسواري يا دستانو وڄائين.

8- سرگس مهل گهوٽ جڏهن مسجد وٽ پهچي تہ هنبوڇي يا چتي واهول وڄائين.

9- ٽاهو وڄت سرگس مهل وڄائين.

10- لانئن مهل نوشاهي يا چنچل وڄائين.

11- جمالي ڳائڻ مهل جمر تال وڄائين.

12- چينو- سهرن ۾ وڄائين.

سنڌ ۾ دهل وڄائڻ جا تمام گهڻا ڪاريگر استاد هئا ۽ آهن.

ڍهي سانگ ناچ (ناچ)

ناچو (گهٽو ڪري مرد) مٿي تي ان چڙهڻ واري مهري يا ڪا ٻي خاص ٿهيل ڪاٺي رکي ان جي مٿان پاٽيءَ جو دلو ڪڍهن ۽ دلا پريل رکي گهنگهرن وارو ڏونڪو هٿ ۾ ڪٽي پيرن ۾ ڇير ٻڌي نچندو آهي. ٻنهي هٿن ۾ ڏونڪن سان، اک جي اشاري سان، چپن جي مرڪ سان پنهنجي احساسن جو اظهار ڪندو. مٿي وارو اولو بار جهليو بيٺو هوندو، جيڪو ڪنڌ ڪي هڪ هنڌ قابليت سان جهلڻ آهي. ڏسڻ ۾ تمام سادو پر ڪرڻ ۾ ڏاڍو ڏکيو ناچ آهي. هي ٻه دهل تي ٿئي .

ٻول: پاٽيءَ تي ٿي وجان- ڙي منڙا پاٽيءَ تي ٿي وجان.....

ديپڪ (راڳڻي)

پوربي ٺاٽ جي سمپورن راڳڻي آهي. آروهيءَ ۾ رکب ورج ۽ امروهيءَ ۾ نکاد ورج اٿس. هڪ ٻئي اصول سان ڪلياڻ ٺاٽ ۾ نکاد ورج ڪري ٻه ڳاتو ويندو آهي. ڪن گرنٿن ۾ هن کي پيرو ٺاٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي. انهيءَ مت ۾ مڌم ۽ نکاد ورج ڪندا آهن ۽ کرج کي وادي سُر ليکيو آهي. پر چتر پنڊت لڪش سنگيت ۾ لکيو آهي ته اسان کي پهريون اصول وٺي ٿو. چون ٿا ته هاڻي ديپڪ راڳ آهي ڪو نه. جو هن جي ڳائڻ سان باھ لڳي پلا سوال ٿو پيدا ٿئي ته اهو ميگهه ڪٿي آهي، جنهن جي ڳائڻ سان برسات ٿي پوي. نه ته هوند هيءَ خشڪ سالي ڇو رهي. تاريلا ۽ ڪاڇيلا بکون ڇو ڪاٽين.

خاص تان: ڌا ڌِا پا مِي پا- ني سا- ڌِا ني سا- مي پا ني سا- ر را سا- گي مي گي را سا- پا پا- مي گي –پا گي را را سا-

آروهي: سا گي مي پا ڌا ني سا

امروهي: سَا ڌا پا- مي گي را سا-

وادي سُر: کرج

سموادي سُر: پنچم.

وقت: ٽپهري

راڳ ساگر ۾ لکيل آهي ته تانسين گندرپ جي جلي وڃڻ کان پوءِ اڪبر بادشاھ منسوخ ڪرائي ڇڏيو ۽ ڳائڻ ۾ نه ايندو آهي.

ديس (راڳڻي)

کماچ ٺاٽ جي اوڊو سمپورن راڳڻي، جنهن جي آروهيءَ ۾ گنڌار نه لڳايو ويندو آهي، پر امروهي ۾ گنڌار لڳايو وڃي ٿو ۽ اهو سر ئي ڪيس سورٺ کان الڳ ڪري ٿو. ڪي ڳائڻ وارا امروهي ۾ ڪومل گنڌار هڻي، هن کي سورٺ کان الڳ ڪندا آهن. هن جي آروهيءَ ۾ سورٺ وانگر رکب ۽ ڌيوت ورج ناهن. هن جو نياس سرپنچم آهي. ديس کي ڳائڻ ۾ سورٺ کان جدا ڪرڻ ڏکيو آهي.

آروهي: ساري ما پا- نا ڌي- پا ني سَا

امروهي: سَا نا ڌِي پا- ما گي ري سا

خاص تان: گي- سا ري ما- نا ڌي پا- ما گي ري سا- نيِ سا-

وادي سُر: رکب

سموادي سُر: نکاد

ڳائڻ جو وقت- رات جو ٻيو پهر

ديسڪار (راڳڻي)

هي بلاول ٺاٺ جي اوڊو يعني پنجن سرن جي راڳڻي آهي. مڌم ۽ نکاد سُرورجہ آهن. راڳ ساگر جي مصنف گنڌار ۽ نکاد ورجہ لکيا آهن. هي اترانگ جي راڳڻي آهي.

آروهي: ساري گي پا ڌي.

امروهي: سا ڌي پا گي ري سَا-

وادي سُر: ڌيوت

سموادي سُر: رکب

ڳائڻ جو وقت: صبوح

ڪن گرنٿن ۾ وادي سُر ڌيوت ۽ سموادي سُر گنڌار ڄاڻايل آهي. جيئن EMI وارن ڄاڻايو آهي تہ ڌيوت کي بار بار اجاگر ڪري ڀوپالي ۽ جيت ڪلياڻ کان ڪيس الڳ ڪري سگهجي ٿو.

آروهي: ساري گا پا ڌا سا.

امروهي: سا ڌا پا ڌا پا گا پا گا ري سا-

ديس گوند (راڳڻي)

ڀيرو ٺاٺ جي اوڊو راڳڻي آهي. آروهي امروهي ۾ ٻئي گنڌار ۽ مڌم سرورج آهن. ڀيرو ٺاٺ ۾ هن راڳڻي کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ راڳڻيءَ ۾ آروهي امروهي ۾ گنڌار ۽ مڌم سرورج ڪو نہ آهن. ان لاءِ هيءَ راڳڻي پنهنجي سڃاڻپ ۾ يگاني آهي.

خاص پلٽو: را را سا- ڌا ڌا پا- ڌا ڌا — ني سا- را را سا- سا را سا- پا- را ڌا- ڌا پا- ڌا ني ڌا پا- را پا. را سا-

آروهي: سا را سا- پا ڌا ني سا

امروهي: سا ني ڌا پا- سا را سا.

سموادي سُر: رکب

وادي سُر: ڌيوت

ڳائڻ جو وقت:

راڳ ساگر ڪتاب ۾ ڀيرو ٺاٺ جي ضمن ۾ هن راڳڻيءَ جو ذڪر ڪيل ڪو نہ آهي.

ديسي (راڳڻي)

آساوري ٺاٺ جي اوڊو سمپورن راڳڻي، جنهن جي آروهيءَ ۾ گنڌار ۽ ڌيوت جا سُر ورج آهن. امروهي سمپورن اٿس. رکب ۽ ڌيوت جي سنگت رهي ٿي. اترانگ ۾ آساوري ۽ پور وانگ ۾ سارنگ جا انگ نظر اچن ٿا.

ڪي گائڪ ڌيوت ڪومل جي بجاءِ ڌيوت تيور هڻن ٿا.

خاص تانِ سا- نا سا- ري- گا- ري سا — ما صا- پا رِي- ما- پا- گا- ري- ساري- نا سا

آروهي: سا ري ما پا نا سَا

امروهي: سَا نا ڌا پا ما گا رِي سا-

وادي سُر: مڌم

سموادي : کرج

ڳائڻ جو وقت: منجهند

ديشڪ (راڳڻي)

هي بلاول ٺاٺ جي عوامي راڳڻي آهي. هي مڌم تار تي ڳائبي آهي. هن کي ڪرناٽڪ راڳ ۾ موهنام جي نالي سان سڏيو ويجي ٿو.

هي ڀوپالي سان ملندڙ آهي.

وادي سُر: ڌيوت

سموادي: گنڌار

انوادي سُر: پنچم.

ببادي سُر: ني ڪومل (نکاد)

آروهي: ساري گا پا ڌا سا

امروهي: سا ڌا پا گا ري سا.

پڪڙ : پا ڌا (ني) ڌا پا گا پا ڌا پا.

ميند: ڌا ني ڌا

چيز: نُي سا رِي ري گي گا مِي ما پا پا ڌي ڌا ني ني سا رِي.

وقت: صبح جو 6 کان 9 وڳي تائين.

ديوا (راڳڻي)

پوربي ٺاٺ جي اوڊو راڳڻي جنهن ۾ مڌم ۽ نکاد سُر ورج آهن. پنچم ۽ گنڌار جي سنگت رهي ٿي. هي پور وانگ جي راڳڻي آهي. هن ۾ سري راڳ جو انگ چٽو آهي. ان لاءِ رکب کي سموادي مڃين ٿا. ڪي پنڊت لکن ٿا ته هن

۾ مڌم ورج ڪرڻ لازم آهي ۽ ڪي لکن ٿا تہ هي سمپورن راڳڻي آهي، ترون راڳڻي ۾ صرف مڌم ورج آهي، پر هن ۾ مڌم ۽ نکاد ٻئي ورج آهن.

خاص تان: گي گي- را- سا- را را- سا- گي پا- گي را- سا-

آروهي: سا را گي پا ڌا سَا-

امروهي: سا ڌا پا گي را سا-

وادي سُر: گنڌار

سموادي سُر: کرج

وقت: شام

ديوساک (راڳڻي)

ڪافي ٺاٽ جي اوڊو سمپورن راڳڻي آهي، جنهن ۾ ڌيوت ۽ گنڌار دربل آهن. هن راڳڻيءَ ۾ ميگھہ ۽ ڪانڙي جي ملاوت آهي. ڪي پنڊت ڌيوت جو سُر ورج رکن ٿا، پر چيتر پنڊت جو چوڻ آهي تہ ڌيوت جي پرڇائين ضروري آهي ۽ گنڌار اندولن آهي. مڌم جي مٿان نياس آهي. هن راڳڻي ۾ ڪجھہ سوھا جي شڪل نظر اچي ٿي. هن ۾ ڪي انگ سارنگ جا بہ آهن. سنگيت سار امرت ۾ ٻنهي گنڌارن کي ڪار ڪندي، رکب کي ورج ڪري لکيو آهي. پر اھا مڌم اچکلهہ هلي ڪا نہ ٿي. ٻئي نکادون استعمال ۾ اچن ٿيون.

تان: سا- ما ما — ري — سا- سا ري- نِا سا- گا گا گا- پا پا- نا پا- گا- ما ري- سا- نِا سا- ما ري- سا ري سا- گا گا- پا- ما ري- ما پا- ڌي ما پا- نا پا- گا- ما ري- ما ري — سا آروهيِ سا ري گا ما پا نا سا-

آروهي: سا ري گا ما پا نا سا.

امروهي: سا نا ڌي پا ما- گا ري سا-

وادي سُر: مڌم

سموادي سُر: کرج

وقت: ٻپهري

ديوگري (راڳڻي)

بلاول ٺاٽ جي اوڊو سمپورن راڳڻي آهي. هي بلاول جو هڪ قسم آهي، جنهن ۾ ڪلياڻ ٺاٽ جا ڪجھہ انگ رکيل آهن. هن راڳڻي ۾ وادي سُر کرج ۽ سموادي سُر پنچم ٿئي ٿو، پر ڪن گرنٿن ۾ امروهي ۾ ڌيوت ۽ گنڌار کو نہ ٿئي. ڪنهن ڪنهن وقت ڳائڻ وارا ٿوري تيور مڌم جي مرڪ ڏيندا آهن، بلاول ٺاٽ جي راڳن ۾ اھا خوبي آهي تہ امروهي ۾ هميشہ بلاول جي صورت واضح ٿئي ٿي، جيڪڏهن مڌم تيور هن ۾ زياده لڳايووجي تہ هي راڳ يمني

بلاول جي ڏيکَ ڏيندو. رات جي ڳائڻ وارا راڳ گهٽو ڪري آروهي ۾ ظاهر ٿيندا آهن ۽ ڏينهن جي ڳائڻ وارا راڳ امروهيءَ ۾ ڪن. پنڊتن ديوگريءَ ۾ پنچم ڪي ورج ليکيو آهي، پر لڪش سنگيت جو ليکڪ ان کي سئو نٿو سمجهي.

آروهي: سا ني ڌي ني ڌي سا ري گي- گي ما گي- پا ڌي ني ڌي سَا.

امروهي: ساني ڌي ني پا ما گي ماري سا.

چال سا- ڌي سا — ري گي- ما ري سا-

ڳائڻ جو وقت: رات

راڳ ساگرواري هن جي ڳائڻ جو وقت صبح ڏنو آهي.

وادي سُر: ڪرج (سا)

سموادي : پنچم.

ديو گنڌار / گنڌاري (راڳڻي)

هي آساوري ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي آهي، جنهن جي آروهي ۾ گنڌار ۽ ڌيوت جا سُر ورج آهن. امروهي سمپورن اٿس. گره جو سر مڌم ۽ نياس جو سر ورج اٿس. هي راڳ آساوري ۽ ڌناسريءَ جي ميلاپ مان ٺهيل آهي. ڌناسري جو انگ آروهيءَ مان ۽ آساوريءَ جو انگ امروهيءَ مان ظاهر ٿئي ٿو. ڪنهن گرنٿ ۾ هن کي ڀيروي ٺاٺ جو ڄاڻايو ويو آهي، جتي گنڌار ۽ نکاد جا سُر ورج آهن. پنچم وادي ۽ ڪرج نياس جا سُر ڄاڻايل آهن ڪن ۾ وري ڪافي ٺاٺ جي راڳڻي ڄاڻائي وئي آهي. ڪرناٽڪ وارن وٽ بلاول ٺاٺ ۾ شامل ڪيل آهي. هن کي عام طور گنڌاري جي نالي سان بہ سڃاتو وڃي ٿو.

آروهي: سا ري ما پا نا سَا-

امروهي: سا نا ڌا پا ما گا را سا-

وادي سُر: ڪرج

سموادي: پنچم

وقت: منجهند.

ڏاٿيئڙو (گيت)

هي سنڌ جو لوڪ گيت ٿر واري علائقي ۾ ڳايو ويندو آهي. عام طور ڌنار مال چاريندي، پٽن ۽ ڌهرن ۾ ڳائيندا وتندا آهن. هن لوڪ گيت جو پيش منظر هن ريت آهي تہ ڏٽ جي علائقي جو ڪو غريب ڏاٿيئڙو. لاباري جي موسم ۾ پورهئي سانگ ٻاهر ناري ڏانهن هليو ويو. همراهہ هجي سهڻو سو ڪا وڏ گهراڻي ڇوڪري متس عاشق ٿي پيئي، نيٺ اها خبر ڇوڪري جي مٽن کي پئي ۽ غريب کي جيل اماڻي ڇڏيائون. ڇوڪريءَ کي جڏهن اها خبر پئي

تڏهن فراق ۾ آلاپڻ لڳي ٿـ ”هيلوڪو وري آءُ: هن گيت ۾ ڇوڪري پنهنجي محبوب جي جهلجي وڃڻ تي جهلائيندڙن کي پٽيو آهي.

مثال:

سارو تان سيارو مون گنديءَ ۾ گذاريو

پيءَ جي رولا ڪي، ماريو ڙي ڏاٽيئڙا

هيلوڪو وري آءُ

پٽ جي پاٽياري، ڏٽ جو ڏاٽيئڙو

الستي انگڙو وريو، ڙي ڏاٽيئڙا.

هيلوڪو وري آ.

(ڊ-ن)

ڏاڏرو/ دادرا (وڄت)

ننڍڙي ٺيڪي وارو هي تال صرف 6 ماترائن جو آهي، جنهن ۾ ٻه تاليون آهن. هڪ سم تي ۽ ٻي چوٿين ماترا تي وڄندي آهي. هن ۾ ڪنهن منچلي ڪنيا جي چال وارو انداز رکيل آهي. هڪ جيترين ماترائن ۾ ورهايل هي ٺيڪو گويا ڏاڏري لاءِ مخصوص آهي.

ٺيڪو

ڌن ڌن نا- ڌا تو نا-

X (2)

ڏاني (راڳڻي)

ڪافي ٺاٽ جي اوڊو راڳڻي جنهن ۾ رکب ۽ ڌيوت ورج آهن. کرج، مڌم ۽ پنچم دربل، رکب ۽ ڌيوت سر ورج اٿس، جنهن ڪري راڳڻيءَ جو مزاج قائم رهي نٿو سگهي. سنگيت جي ڪتابن ۾ هن جو نالو اوڙو ڌناسي ۽ ڪاڙو ڌناسي لکيل آهي. ڌناسري کان جدا ڪرڻ لاءِ ڪيس ڏاني جو نالو ڏنو ويو آهي.

خاص تان: نِا سا- گا گا- سا- نِا – سا- گا گا- ما پا- گا- سا- مِا پِا- نِا- سا- گا گا- ما پا- ما گا سا-

آروهي: سا گا ما پا نا سا

امروهي: سا نا پا ما گا سا

وادي سُر: گنڌار(ڪومل)

سم وادي سُر: نکاد (ڪومل)

وقت: ٽپهري

ڌمار (وڄت)

14 ماترائن جو تال آهي. ڪل چهن حصن ۾ ورهايل آهي. پهريون ۽ ٽيون حصو ٽن ماترائن جو 2-4-5 ۽ 6 حصو ٻن ٻن ماترائن جا آهن. ماترا 4، 9 ۽ 13 خالي آهن 6 ۽ 11 تالي آهن.

ٺيڪو

1 ڪا 2 ڌي 3 ٿ– 4 ڌي 5 ٿ- 6 ڌي 7 آ 8 گي- 9 تي 10 ٿ- 11 تي 12 ٿ– 13 تا 14 آ

X 0 2 3 0

ڌمال

هي مذهبي رسم آهي، جيڪا قلندر جي روضي تي ايامن کان هلندي اچي ٿي. جذب و مستي، بي حالي ۽ بي تابي، مدهوشي ۾ هڪ بي ترتيب ناچ، جنهن ۾ هٿ، پير، اکيون، وار، چپ ٻانهون مطلب ته جسم جو انگ نغاري جي لئي تي نچي ٿو. عجيب آواز، نعرا، هوڪريا، هلن ٿا. هر روز شام جو ڌمال لڳندي آهي. هن بابت ڪو وڌو قي احوال ڪو نه مليو آهي. پر ڏسڻ سان تعلق رکي ٿي. هن ۾ فقراءَ چمٽو، نغارو، سنک، ڪوڏ، سنگ پيرن ۾ پيل گهنگهرو، سڄي جسم سان ٻڌل زنجير وغيره سازن طور استعمال ڪن ٿا. ڌمال ميلي ۾ 18 شعبان کان شروع ٿيندي آهي. هونئن روز ڌمال لڳندي آهي.

ڌناسري (راڳڻي)

هي راڳڻي ٻن طريقن سان ڳاتي وڃي ٿي. هڪ ڪافي ٺاٺ ۾- ٻيو ڀيروي ٺاٺ ۾- ڀيروي ٺاٺ ۾ سمپورن راڳڻي آهي. آروهي ۾ رکب ۽ ڌيوت ڪو نه آهن. امروهي سمورن اٿس. راڳڻيءَ کي مندر استان جي نکاد کان شروع ڪبو آهي. ڪافي ٺاٺ ۾ هي راڳڻي منجهند جو ڳائبي آهي.

آروهي: نِا سا گا ما پا نا سَا

امروهي: سا نا ڌا پا ما گا را سا

وادي سُر: پنچم.

سموادي سُ: کرج

سمو: صبوح

ڌناسري (راڳڻي)

ڪافي ٺاٺ جي اوڊو سمپورن راڳڻي، جنهن جي آروهيءَ ۾ رکب ۽ ڌيوت ورج آهي. امروهي سمپورن اٿس. گره جو سُر نکاد ۽ پنجم جو سُر نياس اٿس.امروهي ۾ پنچم ۽ گنڌار جي سنگت رهي ٿي. هن راڳڻيءَ ۾ اگر مڌم وادي سُر هجي ها ته ڀيم پلاسي ٿهي پوي ها. ڀيم پلاسي ۾ اهي سُر ورج آهن. مگر مڌم جو سُر وادي آهي، ٿئي پهر جي

راڳڻين ۾ قاعدي موجب رکب اکثر دربل هوندو آهي. اهو بل پنڊت بہ لکي ٿو تہ ڪافي ٺاٺ جي آروهي ۾ رکب ۽ ڌيوت ورج ڪبو تہ ڌناسري جڙندي.

تان: پا- پا- گا پا- گا ما گا- ري- سا- نِا سا- گا ما پا- ما پا- نا ڌي پا- گا پا- ما گا- ري- سا-

آروهي: نِا سا گا ما پا- نا سا

امروهي: سا نا ڌي پا ما گا ري سا

وادي سُر: پنچم

سموادي سُر: کرج

ڳائڻ جو وقت: ٽيهري

ڏانڊيا/ ونڪا (نابع)

شادي توڙي طهرن تي وندر ڪاڻ ماڻهو ڏونڪن تي ناچ ڪن. هي ناچ گهڻو ڪري رات جو ٿئي. رات جو هڪڙي موڪري ميدان تي نڪون ۽ تڏا پکيڙي، دلو پٽيءَ جو ڇَلَ رکندا. ماني ٽڪي ڪائي سيئي ماڻهو انهيءَ ميدان تي ايندا. مگھار وچ تي دهل وڄائيندو نچڻ وارا هٿن ۾ ڏونڪا، جيڪي ڪاٺ جون فوٽ سوا جون ڪاٺيون ٿين. مٿي تي پنج يا ست گهنگهرو ننڍا ٻڌل ٿين. ڪٽي گول ٺاهيندا. دهلاري ڏيري ڏيري ”ڏانڊيا“ وڄوت ڪندو، جنهن جا ٻول هي آهن.

۽ ڍينجان- ٭ ڏينجا- ڍينچڪ- ڍينچڪ- ڍين-.... ناچ جا شوقين دهلاريءَ جي چوڌاري گهيري ۾ پير پير ۾ ملائي نرت وجهندا ۽ ڏانڊيون، ڏانڊيي تي تار سان گڏ ٺوڪيندا ڦرندا ايندا. اول صفت ڪندا چوندا:

اول نانءُ الله جو سو تر ٻانهان ٻي نہ لڳ، وه. . .

اها صفت ڏاڍي جهيل گهيل ۽ دردي آواز سان ڪندا آهن. تنهن کان پوءِ وڄت جي لئي تکي ٿيندي يعني ڏنتڪ تنتڪ- ڏنتان- تان- تان انهيءَ وڄت تي تکيرا تکيرا ڏونڪا وڄائيندا ۽ ڪافيون ڪڇندا- علي عليءَ جي حصي کي وري وري چوندا. ٿلهہ کي کي بہ گهڻيون اٿلاٽيون ڏيندا- لوڙائو سر ۾ هينيون ڪافيون چوندا.

1- پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو....

2- واٽ وندر جي وڻ بہ ڏسيندا....

3- وهوا سجڻ عيد ڪرايئہ. . .

4- ساڏي ويڙهي آيا ڪرين يار صبح شام....

تُڪ چئي ماٺ ڪندا، وري ڪڇندا، ڏانڊيو وڄندو ايندو. پير پير سان ڪڇندو ايندو. تار ونڻ تي سيئي ڦري اچي پول پٽ تي رکندا. ٻئي ٻئي تال تي ڏيڍي ڦيري ڏيندا. ٽيون تال اچي ڦهہ پٽ تي ڪرندا. اٿلاٽيءَ تي اٿي ڪڙا ٿيندا. اهو ناچ ڪڪڙن جي ڏَس تائين هلندو.

ڏانديا تال (دهل جي وڄت)

سنڌ جو مشهور ناچ ڏانديا يا ڏونڪا هن وڄت تي هٽبا آهن. هي تال شروعات ۾ بلمپت جو ٿيندو آهي. جو اڳتي هلي درت چال ۾ هلندو آهي. دهلاري هن تال کي جمائي جمائي وڄائيندا آهن. هن تال ۾ اٺ ماترائون ٿينديون آهن.

ٻول

ڌين تاڪ- تين تاڪ- ڌين ڌاڳ- ڌين ڌاڳ

ڏنبو (ساز)

سنڌ ۾ فقير هڪ هٿ سان يڪتارو ۽ ٻئي هٿ سان ڏنبو وڄائيندا آهن. ڏنبو سوڊيل گول ڪاٺيءَ جو اٽڪل ٻه فوٽ ڊيگهه ۾ ٿئي.ان جي هڪ مٿي ۾ پاسي کان ٽنگ ڪڍندا، پوءِ انهيءَ سوراخ ۾ مضبوط ڌاڳو وجهي، ان جي مٿان چمڙيءَ جي گول ڪنگريدار چپڙي رکندا.ان جي مٿان پنج وڏا گهنگهرو (ڪڏهن ست) ۽ ان کي يڪتاري جي تار تي چمڪو ڏياريندا- سنڌ ۾ ڏنبي جو موجد سيد اعظم شاهه آهي. جيڪو سنڌ جو سدا ملوڪ ڪافين ڳائڻ وارن منجهان ليکيو وڃي ٿو. فقرائي لاڏو يڪتاري سان ڏنبو ضرور رکي. ڪافين ۾ ڏنبو لئي چڱي ڪري ٿو. ڪي ڪافين ڳائڻ واري يڪتارو يا ڪڙتال يا چپڙي وڄائن. پر ڏنبي جي گهنگهرن جو آواز مڙني کان چهرو ٿئي.

ڊول فقير (ڳائڻو)

چپڙي ۽ يڪتاري جو ڊول ڳائڻو ڊول پاتوين ۾ سال 1917ع ڄاري ڄائو. سندس والد جو نالو محمد خاصخيلي هو. جيڪو ڊول اڃا پيٽ ۾ ئي هو ته گذاري ويو. ڊول ڇهن سالن جو هو ته ماءُ به لاڏاڻو ڪري ويس. پيءُ ۽ ماءُ جي عدم موجودگيءَ هن کي فنڪار بڻايو. سندس وڏو ڀاءُ محمد صالح نڙ بيت چوندو هو. پهريان هن يڳتن سان گڏجي ڳاتو. محمد اسمايل مريءَ کي پنهنجو استاد ورتائين. مننار فقير راڄڙ جي پوٽي فقير بخش کان بعد ۾ ڌاڳو ٻڌايائين. ۽ فيض به ورتائين. فقير ڏهن سالن جي عمر کان ڳائڻ شروع ڪيو. پوءِ ٽنڊي الهيار شهر ۾ اچي رهيو ۽ هوٽل به کوليائين. هڪ محفل ۾ طالب المولىٰ ڪيس ٻڌو ته ريڊيو تي موڪلي ڏنائينس. پهريون ڪلام جيڪو ريڪارڊ ٿيو ان جا ٻول آهن ته ”اهڙيون حسن واريون تڪڙيون تراريون- محبوب مون تي تو اچي اولاريون- ڊول طالب المولىٰ جو به گهڻو ڪلام ڳاتو. پر ان کان وڌيڪ مننار فقير جو ڪلام ڳائي ان جي شاعريءَ کي جلا بخشيائين. فقير صاحب جي پسند جو شاعر مننار فقير ۽ فنڪار محمد ابراهيم هو. فقير ريڊئي کان ٽي وي ۽ اسٽيج تي ڳاتو. ان کان سواءِ شاهه لطيف، سچل سر مست، مصري شاهه محمود فقير ڪتياڻ ۽ نواب ولي محمد لغاريءَ جو ڪلام ڳاتو. اٿائين. ڪيس مجتا طور 1989ع ۾ پرائيڊ آف پرفارمنس ۽ شاهه لطيف ايوارڊ وغيره مليا.

فقير ٻه شاديون ڪيون هيون. سندس پٽ محمد ڊول سندس انداز ۾ ڳائي ٿو. پاڻ 22 جون 1992ع تي لاڏاڻو ڪري ويو.

ڊولو (لوڪ گيت)

ڊولو هي لوڪ گيت سنڌ جي ٿر واري ريگستان، راجستان، بهاولپور ۽ پنجاب ۾ ڳايو وڃي ٿو. غالباً هي گيت مشهور عشقيه داستان ڊول مارو کان متاثر آهي، مضمون جي لحاظ کان هي گيت محبت سڪ ملاقات ۽ جذبات جي عڪاسي ڪري ٿو. هن جي ستاءَ ۾ ننڍا بند ٻه ٽين ته وڏا ٻه. هن ۾ شين جا نالا ايندا آهن، هر هڪ بند ۾ شيءِ جو نالو بدلبو آهي. شروعاتي مصرع سان هم قافيي ٻيءَ مصرع وارو مضمون ادا ٿئي ٿو. ڊولو محبت ۽ مجاز جو لوڪ گيت آهي ۽ سرائيڪي ٻوليءَ ۾ چيل آهي.

بزار وڪاندا تيل وي- تون موٽر تي مين ريل تي
ڏوهين چيزان ٽليان- جيوين ڊولا.
برار وڪاندي تيلي- ميڪون سٽڻ گهنا ڏي ٻيلي.
شادي تي تيار هان- جيوين ڊولا
بزار و ڪانديان ڪارڪان- سجڻ ڪڙا ڏيندا اشارتان
اک مستاني جيوين ڊولا
(ڊ- ن)

ڊيبڪي/ ڊگڊگي (ساز)

هندو ميٿالاجي موجب شو سپ کان پهريان جيڪو دنيا کي سا ز ڏنو اهو ڊيبڪي هيو. هي تمام پراڻو ساز آهي. هن کي ڊولڪ وانگر ٻه پڙ ٽين رڳو وچ ۾ سنهي ڳچي ٿئي يعني ٻنهي پڙن کان وچ تي اچي سنهي چيلهه وانگر لڳندو. پڙن تي کل چڙهيل هوندي آهي، جيڪا ٻڪري يا رڍ جي ٿئي. پاسن کان ٻه ڏاڳا جنهن ۾ پٽ يا ٺڪري ڪپڙي ۾ ٻڌل ڏاڳن جي چوٽين سان ٻڌل هونديون آهن. وچ ۾ هٿ وجهي ڊيبڪي کي هيٺ مٿي يا هيڏانهن هوڏانهن تيز هلائبو ته ڏاڳن ۾ ٻڌل پٽ پڙن سان زور دار نموني لڳي. پڙن مان تال ڪيندا. هن کي وڄائڻ ۾ مهارت جي ضرورت آهي. گهڻو ڪري پولڙن نچائڻ وارا ۽ بازيگر هن ساز کي استعمال ڪن ٿا.

راسوڙو (ناچ)

هي ناچ اصل ۾ ڪڇ ۽ گجرات جو آهي. لاڙ ۾ صرف انهن قومن ۾ آهي، جن جو ڪڇ ۽ گجرات سان تعلق رهيو آهي. هن ناچ ۾ ڪنواريون توڙي پرڻيل عورتون حصو وٺنديون آهن. لاڙ جا ڪولهي ۽ مينگهواڙ وڏن ڏينهن تي هن ناچ جو مظاهرو ڪندا آهن. هو زالين مڙسين گڏجي نچن. ناچ ڪرڻ مهل، شري ڪرشن مهراج، جو بوتو ناهي وچ تي رکندا. دهلاري ان پتلي جي پير ۾ بيهي دهل وڄائيندو آهي.

راسوڙو ناچ مسلمانن ۾ فقط خواجه قوم ۾ ئي رائج آهي. خواجه جماعت جون نينگريون پنهنجي حاضر امام جي تشريف آوريءَ جو ٻڌي، هن ناچ ذريعي خوشيءَ جو اظهار ڪنديون آهن. نوجوان نينگريون رات جو، دهل جي وڄت

تي دهلاريءَ جي چوڏاري ڦري بيهنديون آهن ۽ ساڄي کان کاٻي ڦرنديون آهن. دهلاري وجت کي تيز کندو آهي تہ ڇوڪرين جي ناچ ۾ بہ تيزي ايندي آهي. ساڄو پير زمين تان کڻي، ٻنهي هٿن سان. يعني ساڄي هٿ سان ساڄي طرف ۽ کاٻي هٿ سان کاٻي طرف چپٽي وڄائي، ساڄي پير جو پب ٿورو پنيان زمين تي هڻي، اڳيان وڌي، سامهون جهڪي، نمي تاڙي وڄائي، پوءِ سڌو ٿي، وري چپٽي وڄائينديون آهن. دهل آهستي آهستي تيز ٿيندو آهي. ان جي وڄت سان گڏ پيرن جو ڪڇڻ هٿن جو هلڻ، چوڙين جو ڪڙڪو، جهانجهر جو ڇمڪو بہ تيز تحرڪ ۾ ايندو آهي. سڀ ڇوڪريون هڪ ئي وقت نمنديون آهن. هڪ ئي وقت چپٽي وڄائينديون آهن؛ هڪ ئي وقت پب زمين تي هڻي جهانجهر مان ڇمڪو ڪڍنديون آهن. هن ناچ ۾ نچندڙ ڇوڪرين جي جسم جي جهوم، ڪمر جي لچڪ، ٻانهن جي لوڏ، هڪ ئي لباس هڪ ئي چپٽي، گلي جو هڪ ئي آواز - هي ناچ ڏسڻ وٽان آهي.

راڳ درپن (ڪتاب)

هي مان ڪتوهل نامي ڪتاب، جنهن جو امير فقيرالله سيف الله ترجمو ڪيو، جيڪو اورنگزيب جو امير هيو. ڪتاب "مان ڪتوهل" مان سنگهہ تنور پنهنجي درٻار جي موسيقارن کان لکايو هو. مان سنگهہ گواليار جو راجہ هو. ان لاءِ ڪتاب راجہ جي نالي پويان سڏجڻ لڳوهي ترجمو 66-1665ع ۾ مڪمل ٿيو. 1660ع ڌاري امير فقير الله جا اورنگزيب سان تعلقات خراب ٿي پيا ۽ پاڻ گهر ۾ قيد رهيو. انهيءَ بيڪاريءَ جي زماني ۾ هن کي مان ڪتوهل ڪتاب هٿ لڳي ويو، جيڪو سنسڪرت ۾ لکيل هو. امير هن جو ترجمو ڪندي محسوس ڪيو تہ هن ڪتاب ۾ ڪيترائي خال آهن ۽ ڪيترين ئي جاين تي مبهم بہ آهي. ان لاءِ هن ڪجهہ ٻيا ڪتاب هٿ ڪري هن ۾ واڌارا ڪيا. راڳ درپن ۾ ڏهہ باب جاڙايا ويا آهن. آخري باب ۾ هندو ۽ مسلمان موسيقارن گوين ۽ سازندن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي امير فقير الله پنهنجي دور ۾ ڏٺا- جن ۾ شيخ شهاب الدين گائڪ، ميان ڍالوڍ ماڙهي گويو- لعل خان ڪلاونت جيڪو تانسين جي پٽ بلاس خان جو شاگرد ۽ نياڻو هو. مصري خان بنگالي- مير صالح قوال- حسن خان نوهار، جيڪو ڪبت ڳائڻ جو استاد هو. شيخ ڪمال رنگ خان ڪلاونت-خوشحال خان، وغيره جي حياتيءَ جو احوال ڏنو اٿس.

راڳڻ جي وقتن جو نقشو

ڏينهن	6 کان 9 صبوح N-1	9 کان 12 N-2	12 کان 3 وڳي N-3	3 کان 6 وڳا N-4 شام
	براري- ديوگنڌاري	سرنگ/ سوهي بلاول- گجري گوند- ٽوڙي	وڌانس — مارو ڌناسري	مانجهہ گوري تلنگ تڪاري
رات	6 وڳي کان 9 وڳا رات پهريون پهر	9 وڳي کان 12 وڳي ٻيو پهر	12 کان 3 وڳي رات ٽيون پهر	3 کان 6 وڳي تائين چوٿون پهر

آسا		ڀهاڳڙا	سري راڳ	
رامڪلي		نٽ نارائڻ	بسنت	
پيرو		سورٺ	جيتسري	
پرڀاتي		ملهار	ڪيدارا	
		ڪانڙو	ڪلياڻ	
		جيجونتي		

راڳيسري (راڳيسري)

ڪماچ ٺاٽ جي ڪاڏو راڳڻي آهي. هن ۾ پنڇم ورج آهي. آروهي ۾ رکب ورج ۽ امروهيءَ ۾ ڏيوت وڪر آهي.
هي راڳڻي گنڌار تيور جي ڪري ڀاگيسري کان الڳ آهي. هن جي امروهي ۾ رکب آهي. ان لاءِ درگا کال بہ الڳ آهي.

خاص تان: سا- ري سا- نِا ڌي- نِا سا- ما- ما گي ما ڌي ما گي- ما گي ري سا-

آروهي: سا ري سا- گي ما ڌي- ني سَا-

امروهي: سا نا ڌي- ما گي ري سا-

وادي سُر: نڪاد

سموادي سُر: مڌم

ڳائڻ جو وقت: اڌ رات.

آنجهاني پروفيسر رام پرتاب راءِ (پدماشري)

20-11-1911 تي سنڌ جي مشهور شهر لاڙڪاڻي ۾ ڄايو. بي اي تائين تعليم حاصل ڪيائين. ورهاڱي بعد ممبئي ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. اتي سنڌس پتو:

معرفت رتنا هندو جا، رام مل، بلمقابل Mahim ريلوي اسٽيسن، Mahim ممبئي. 400016-

هي صاحب جئہ هند ڪاليج ممبئي ۾ سنڌي جو پروفيسر هو. ادبي کيتر ۾ سندس حصو اٽڪل 25 ڪتاب آهن. قيدي، آهي نہ آهي، انوکا آزمودا، آيو نئون زمانو، زندگي يا موت سندس مشهور ناول آهن.

هن سنڌ جون ست ڪهاڻيون نالي ڪتاب لکيو جن مان ڪي ناٽڪ جي صورت ۾ اسٽيج ٿيون. هن انگريزي ڪتاب How to win friends and influence people جو ترجمو ڪيو، جنهن سنڌي پڙهندڙن ۾ وڏي مقبوليت ماڻي.

ڊراما نگار جي حيثيت ۾ هن ڀٽائيءَ جي ستن لوڪ داستانن کي وري وري ناٽڪ جي روپ ۾ اسٽيج تي آندو. سماجي ڪهاڻين ۾ سندس مايا جو موه ۽ سماج سيوڪ بہ اسٽيج ٿيا.

ڳائڪ طور هن پنجاه سالن تائين ڪيترائي ڪلام، ڀڄن، غزل ڳايا، ڪئسيٽون تيار ڪرايون. سنڌي فلمون جهولي لال، هو جمالو، ٺاهيائين، ۽ ڪيترائي مشهور ڪلام ڳائي لوڪ ڳائڻي جي حيثيت حاصل ڪيائين.

هن ڪيترائي ايوارڊ ۽ اعزاز حاصل ڪيا، جن مان اهم آهن:

1- ناول انوکا آزموداتي حڪومت انديا جي ساهتيہ اڪيڊمي طرفان ايوارڊ 1964ع

2- سنڌيت کي قائم رکڻ جي ڪوشش لاءِ ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي ايوارڊ، 1965ع

3- سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ نمايان صحيفہ نويسي لاءِ سنڌو رتن، اعزاز- 1970ع

4- انديا حڪومت طرفان پدماشري جهڙو للچائيندڙ اعزاز — 1981ع

هن کي وڏن نامور ليڊرن جهڙوڪ مهاتما گانڌي، پنڊت جواهر لال نهرو، اندرا گانڌي، مورار جي ڊيسائي، ۽ ٻين جي سامهون سنڌي ڪلام پيش ڪرڻ جو موقعو بہ مليو.

رامداسي ملهار (راڳڻي)

ڪافي ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي آهي، ٻئي گنڌار ۽ ٻئي نکادون استعمال ٿين ٿيون. تيور گنڌار ۽ تيور نکاد صرف آروهيءَ ۾ استعمال ٿين.

تان: ما ما ما- ما گي- پا- ما پا- ما- گا- ما ري- ري- پا ڌي ما پا- گا- گا- ما ري سا- ني سا

آروهيِ: نِي- سا ري گي ما- پا گا ما- ني پا ني سا

امروهي: سَّا نا ڌي نا پا گا ما ري سا-

وادي سُر: مڌم

سم وادي: ڪرج

وقت: مقرر ڪو نہ آهي.

رام ڪلي (راڳڻي)

ڀيرو ٺاٺ جي اوڊو سمپورن راڳڻي آهي. هن جي آروهي ۾ مڌم ۽ نکاد ورج آهن ۽ امروهي سمپورن اٿس. ڪجهہ گائڪ ٻئي مڌم هڻندا آهن ۽ مڌم شڌ کي چٽو رکندا آهن.

ڪي گائڪ ٻئي نکادون بہ هن راڳ ۾ هڻندا آهن. ٻنهي صورتن ۾ ڀيرو جو رنگ چٽو رهي ٿو. ڪن گرنٿن ۾ هن کي رات جي ڳائڻ وارين راڳڻين ۾ ڳڻيو ويو آهي، پر هي صبح جو ڳائڻ جي راڳڻي آهي.

خاص تان: سا- ڌا ڌا- پا- ما گي- ما پا- ڌا ڌا- پا — گي ما را سا

آروهي: سا را گي پا ڌا سا

امروهي: سا ني ڌا پا ما گي را سا

وادي سُر: ڌيوت

سموادي سُر: رکب

ڳائڻ جو وقت: صبح

راڻو (راڳڻي)

جيئن پنجاب ۾ هير لاءِ هڪ خاص سُر وقف ٿيل آهي، تيئن سنڌ ۾ لوڪ ڪهاڻي مومل راڻي لاءِ ”راڻو“ راڳڻي مختصص ٿيل آهي. راڻو سنڌي موسيقيءَ ۾ خاص اهميت واري راڳڻي آهي، سنگيت ۾ استاد منظور علي خان جي سَنَد سان راڻي ڪي مقامي نالو هوندي بہ ديسي ۽ نارائڻ جي مماثلت ۽ مطابقت رکندڙ راڳڻي ڄاڻايو ويو آهي. هوڏانهن شاهہ جي رسالي ۾ سسئي جي بيان وارو بہ هڪ سُر ديسي آهي. يقيناً اهو بہ ديسيءَ ۾ مرتب ٿيل آهي. ديسي جي ڪيفيت هيءَ آهي. هن ۾ ٻئي ڌيوت ۽ گنڌار، نکاد ڪومل، باقي سڀ سُرَ شڌ آهن. آروهيءَ ۾ گنڌار ۽ ڌيوت ورج آهن، جڏهن تہ امروهي ۾ فقط نکاد ورج آهي.

ٺاٺ: آ سا وري

ورن: اوڊو- ڪاڊو.

وادي سُر: پنچم.

سموادي سُر: رکب (ڪي ڪرج ترڪي مڌم مڃين)

وقت: رات جو ٻيو پهر.

خاص تان: سا ري ما پا گا ري سا ري ني ني سا.

آروهي: سا ري ما پا ڌا پا ني سا-

امروهي: سا پا ڌا پا ما پا ڌا- (عبدالجبار جوڻيجو سر راڻو- ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز)

جڏهن تہ محترم سيد منظور نقوي سر راڻو جي آروهي امروهي هيءَ لکي آهي

آروهي: سا، ري، ما، پا، ڌا، سا- امروهي: سا ني، ڌا، پا، ما، گا، ري، سا

سندس چوڻ موجب ڌيوت تيور ڪومل ٻئي لڳن. هن جي شڪل بہ ڪوهياري وانگر آهي، جيڪا متين سُرن ۾ وڌيڪ ظاهر ٿئي ٿي. هن راڳ جا لهرا بہ نڙ، پاين دنبوري ۽ ڪينري تي سٺا لڳن ٿا. هن راڳڻيءَ جو آلاپ ڏڪارو ٿئي ٿو. الياس عشقي صاحب هن راڳڻيءَ کي وکر سمپورن سڏيندي سر نارائڻي ۽ عشاق جو ميلاپ سڏيو آهي. محترم الياس عشقي هن کي ڪافي ٺاٺ جي راڳڻي لکيو آهي، جنهن جي آروهيءَ ۾ گنڌار وکر لڳندو. ديسي ٽوڙي ۽ سنڌڙي سان مشابهہ لکيو اٿس.

راڻو (راڳڻي)

ڪافي ٺاٺ جي راڳڻي جنهن جي امروهي ۾ گنڌار وکر لڳندو آهي. ديسي ٽوڙي ۽ سنڌوي سان مشابهت رکي ٿي. ڳائڻ ۾ نارائڻي ۽ ڪافي جهلڪي ٿي. سنڌي سنگيت ۾ ڄاتل ۽ سڃاتل آهي.

آروهي: سا ري ما پا ڌا ني ڌا سا-

امروهي: سا ني ڌا ني ڌا پا ما ري گا ري سا-

وادي سُر:

سموادي سُر:

وقت: آڌي رات

رباب (ساز)

مظراب سان وڄائڻ واري هن ساز جو ذڪر شاهه جي رسالي ۾ بہ آهي. هن جو شمار لوڪ سازن ۾ ٿئي ٿو. هن ساز کي غير پيشہ ور ڳائڻا صدين کان استعمال ڪندا رهيا آهن. هاڻي سنڌ ۾ هن جي وڄائڻ وارا ”وڄاڻ“، گهٽ آهن. مگر سرحد ۽ بلوچسان ۾ هي ساز اڃا بہ وڄايو وڃي ٿو. هن ۾ ٻڪري جي آنڊن مان ٺهيل تندون جي جملي ٿي ٽين. چوٿين تند صرف چيڙ لاءِ هوندي آهي، جنهن کي شهہ تار چوندا آهن. جيڪا ڪرج تار استان تي ٻڌبي آهي. گونجاري جي پيٽي سرود کان ننڍي هوندي اهي، ٽن مان پهرين تند ڪرج مڌ استان، ٻي تند پنچم مندر استان. ٽين تند چاڙهو رکب تار استان تي ٻڌل ٿيندي آهي. هن ۾ ٻارنهن طربون لڳائي هن جي واڄ کي وڌايو ويندو آهي. هي سرحد ۾ تمام گهڻو وڄايو وڃي ٿو. چون ٿا تہ رحمان بابا پنهنجو ڪلام رباب جي سنگيت تي ڳائيندو هو. تندن کي پشتو ۾ هينيان نالا ڏنل آهن. زير، بم ، ڪٽ ۽ سلور.

ردر تال

17 ماترائن جو تال آهي، جيڪو ڪل پنجن حصن ۾ ورهايل آهي. پهريون حصو 2 ماترائون ۽ 2 ۽ 5 حصو ٽي ٽي ماترائون، 3 حصوچار ماترائون ۽ چوٿون حصو پنجنن ماترائن تي ٻڌل آهي. 2، 14، 17 ماترا خالي تاڙيون آهن. جڏهن تہ 3، 6، 7، 8، 10، 11، 12، 13 ۽ 15 ڀريا تال آهن.

ٺيڪو

1ڏا 2هڊ- 3نِڪ 4ڌَڊ 5نَڪ- 6ڌم 7ڪٽ 8ڌڊ 9نَڪ- 10نڪ 11ڌم 12ڪٽ 13تڪ 14ڌم- 15گٽ 16گد 17گن

X 1 2 3 4 5 6 0 7 8 9 0 11 0 0

رسيا (راڳڻي)

مشر ميل راڳڻي، جنهن ۾ مڌم تيور ٻيا سڀ سر شڌ آهن. آروهيءَ ۾ مڌم ۽ رکب سُر ممنوع آهن.

هي اوڊو سمپورن راڳڻي آهي.

سرگم: ما پا ڌا پا — گا ري سا ري- گا پا ڌا- ني ڌا ني ڌا ما پا ني ڌا- پا ما پا ڌا- ڌا پا ا گا- ما گا ري سا-

آروهي: سا گا پا ڌا ني سا

امروهي: سا ني سا ني ڌا پا ني ڌا پا ما پا ني ڌا پا ما پا ڌا پا گا ري سا ري گا.

وادي سُر: گنڌار

سموادي سُر: نکاد

وقت: شام

رکب (بيان)

کرج سر کان ڳائيندڙ جي ساڄي هٿ واري پاسي جيڪو پهريون سُر ايندو، تنهن کي رکب يا ري چئبو اهو تيور به ٿئي ڪومل به.

رگهو ناٿ سيٺ پنڊت (بانسري نواز)

رگهو ناٿ پنڊت 1930ع ڌاري گواليار ۾ ڄائو. هن شروعاتي بانسريءَ جي تعليم موسيقيءَ جي ماهر پنڊت ايس- اين- رتنانڪر کان ۽ بعد ۾ هو بمبئي آيو ته بانسريءَ جي وڏي ماهر موسيقار پنڊت پنا لال گهوش کان ورتي. هن پنهنجي فن جو مظاهرو 1951ع ۾ ڪيو.1954ع ۾ لکنو آيو ۽ ريڊيو لکنو سان وابسته ٿي ويو، جتي هو 15 هن سالن تائين ڪمپوزر جي حيثيت سان رهيو. هن ڪيترين ئي فلمن جي موسيقي ترتيب ڏني. هن فلوٽ ساز جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ نهايت اهم قدم کنيا، فلوٽ ۾ خامي آهي ته ان مان ڇوٽون سُر ”ما“ ۽ پنچم ڏکيا نڪرندا آهن. هن ان مسئلي کي حل ڪيو. سُر جو سفر جاري آهي. هنڌ، سنڌ ۽ دنيا ۾ هن جي ٻڌندڙن جو تعداد تمام گهڻو آهي. سندس ڪيترين ئي ڪيسٽون مارڪيٽ ۾ موجود آهن.

روبينه قريشي (ڳائڻي)

روبينا قريشيءَ جو اصل نالو عائشه شيخ هو. پاڻ 19 هين آڪٽوبر 1940ع ۾ الاهي بخش شيخ جي گهر واقع صدر حيدرآباد ۾ ڄائي. اسڪول ۾ دادي ليلا وتيءَ سندس تربيت ڪئي. 17 آگسٽ 1955ع تي ريڊيو حيدرآباد ڪليو ته ان وقت هوءَ نائين ڪلاس ۾ پڙهندي هئي. هن ريڊيو تي ماسٽر محمد ابراهيم ۽ ايم بي انصاريءَ وٽ آڊيشن ڏني. هن کي ڪورس ۾ ڳائڻ لاءِ کنيو ويو. هن اڪيلي سر ”پيرين پوندي سان“ ڳايو، جيڪو ڏاڍو مقبول ويو. هن سچ کان وڌ شاهه لطيف ۽ سچل سر مست کي ڳايو. هن ريڊيو حيدرآباد کا سواءِ ريڊيو لاهور، ڪراچي ۽ ڍاڪا تي به ڳاتو. هن محمد ابراهيم ۽ استاد محمد جمن کان به گهڻو ڪجهه سکيو پر هن استاد ڇوٽي غلام علي خان جي باقاعدي شاگردي قبولي، راڳ جي سکيا ورتي. اهو 1970ع جو زمانو هو، جڏهن هن ناميارِي اداڪار مصطفيٰ قريشيءَ سان شادي ڪري مستقل لاهور ۾ سڪونت اختيار ڪئي. هن ريڊئي کان سواءِ پي ٽي وي تي به ڳاتو. سنڌيءَ کان سواءِ اردو، پنجابي، سرائيڪي ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. سنڌي فلمن ”سسئي پنهون“ ۽ گهونگهٽ لاهه ڪنوار جا گانا به ڳاتا. هن انڊونيشيا، چين، ترڪي، هندوستان، برطانيه ۽ آمريڪا ۾ به پنهنجي فن جو ظاهرو ڪيو. پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي مسلم هسٽريءَ ۾ ڪئي اٿن. ڪيس هڪ نياڻي اربيلا ۽ هڪ پٽ محمد عامر آهن. هارمونيم وڄائي ڄاڻي. ڪيس راڳڻي ملهار ۽ پيروي وڻندا آهن. فنڪارن ۾ محمد جمن، محمد ابراهيم ۽ مهدي حسن سندس پسد جا فنڪار آهن. ڪيس قلندر شهباز ايوارڊ ۽ خواجه فريد ايوارڊ مليل آهن. عوام طرفان ڪيس سنڌ جي ڪوئل جو خطاب مليل آهي. هاڻي لاهور مان ڪراچي آئي آهي ۽ بلائينڊ ويلفيئر ائسوسيئيشن ليڊيز ونگ جي اڳواڻ آهي.

روپ تال (وڄوت)

هي ستن ماترن جو تال آهي. هي تال ٽن حصن ۾ ورهايل آهي، حصو پهريون ٽ ۽ ٻيو ٻن ٻن ماترائن جو ۽ ٽيون حصو ٽن ماترائن جو آهي. هن تال ۾ سم جي ضرب خالي آهي.

ٺيڪو

1ڌن 2تگ- 3ڌن 4تگ- 5تِن 6تِن 7تگ

1 2 x

ٻيو ٺيڪو

1ڌُم 2ڪٹ- 3گِد 4گِن- 5نا 6ٿُن 7نا

1 2 x

روشن آرا بيگم

ملڪ موسيقي

روشن آرا بيگم سال (اندازاً) 1917ع ۾ ڪلڪتہ ۾ پيدا ٿي. سندس ڄڻيءَ جو نالو وحيد النساءِ رکيو ويو سندس تعلق موسيقيءَ جي ڪرانہ گهراڻي سان هو. پنهنجي ماءُ چندا بيگم سان ڪلڪتہ ۾ رهندي هئي. سندس ماءُ بہ فنڪاره هئي. سر ۽ لئي جي سڄاڻپ جا ابتدائي سبق پنهنجي ماءُ کان ورتا. وڌيڪ تعليم لاءِ استاد لڏن خان ۽ ممتاز حسن جي شاگرديءَ ۾ رهي. لڏن خان جي شاگرديءَ ۾ ڪجهہ عرصو گذارڻ کان پوءِ ممبئي آئي.استاد عبدالڪريم خان انهن ڏينهن ۾ ممبئيءَ ۾ رهندو هو. روشن آرا جي ماءُ ڪيس خانصاحب وٽ وٺي آئي ۽ روشن آرا کي شاگرديءَ ۾ قبول ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو. خانصاحب خواتين کي شاگرد بنائڻ جي خلاف هو. منٿ ميڙ کان پوءِ آخرڪار روشن آرا کي شاگرد قبول ڪرڻ لاءِ راضي ٿيو. هي سلسلو 1937ع ۾ عبدالڪريم خان جي انتقال تائين جاري رهيو.

روشن آرا بيگم جي شادي چوڌري احمد خان سان ٿي، جيڪو ممبئي پوليس ۾ سپرنٽينڊنٽ جي عهدي تي فائز هو. جنهن کي برطانيہ سرڪار خانصاحب جو لقب ڏنو هو. پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ روشن آرا بيگم ۽ چوڌري صاحب لالہ موسيٰ ۾ رهائش اختيار ڪئي، جتي چوڌري احمد خان جي پهرين گهر واري ۽ ٻار رهندا هئا. روشن آرا بيگم کي ملڪ موسيقيءَ جو خطاب مليل هو. حڪومت پاڪستان ڪيس حسنِ ڪارڪردگيءَ جو صدارتي اعزاز عطا ڪيو. پاڻ ڪلاسيڪي موسيقيءَ جي اعليٰ درجي تي فائز ٿيل هئي. خيال، ٺمري، دادرا، گيت ۽ غزل ڳائڻ تي عبور حاصل هئس.

سندس انتقال 5 ڊسمبر 1982ع ۾ لالہ موسيٰ ۾ ٿيو. سندس تدفين ساڳئي شهر ۾ ٿي.

رونا ليليٰ

رونا ليليٰ گڏيل پاڪستان جي مشهور و معروف فنڪاره رهي چڪي آهي. سندس تعلق سابق مشرقي پاڪستان يا موجوده بنگلا ديش سان آهي. سندس پيءُ جو نالو سيد امداد علي هو. رونا ليليٰ جو جنم سال 1951ع ۾ ٿيو. سندس هڪ ٻي ڀيڻ دنيا ليليٰ به ڳائيندي هئي. هڪ روايت مطابق رونا ليليٰ راڳ جي تعليم استاد عبدالقادر پيارنگ (1906 پ- 1979 و) کان حاصل ڪئي. بنگلا ديش جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ ۾ رونا ليليٰ جو آواز سنڌي فلمن لاءِ لازم سمجهيو ويندو هو. رونا ليليٰ اردو، پنجابي، سرائيڪي ۽ بلوچي ٻولين ۾ به ڳايو، بلڪ خوب ڳايو. اڄڪلهه سندس رهائش بنگلا ديش ۾ آهي.

رونا ليليٰ جا ڳايل ڪجهه منتخب گيت:

1- مون پيار ڪيو سنسار ڇڏيو.

2- ڪنهن جي دردِ محبت ڪي

3- منهنجي اڱڻ تي آيا

4- اڱڻ بهاريان.

5- هو جَمالو

6- همين کهوکر بهت پڇهتائوگي- فلمي

7- عشق سي طبيعت ني زيست ڪا مزا پايا. غالب

8- بنا گلاب تو ڪانٽي چبها گيا اڪ شخص

9- خيال خواب هوئي هين، محبتين ڪيا ڪيا

10- ڪيا ايسي ڪم سخن سي ڪوئي گفتگو ڪري.

11- واعدي ڪر ڪي صنم تم نہ آئي.

12- منهنجي سڄڻ کي ساري، منهن جا سلام چئجو.

ريشمان (لوڪ ڳائڻي)

صحرائن کان ويڪرو ۽ جبلن کان اوچو آواز رکندڙ ريشمان راجستان جي پڪيواز لاڏائو قبيلي ۾ 1948ع ڌاري ڄائي. هن جو والد مسلمان ٿيو هو ۽ مال جو واپار ڪندو هو، ورهاڱي کان پوءِ ڪراچيءَ لڏي آيو.

ريشمان کي قدرت گلي جي نعمت سان نوازيو به اهڙو جو هند سنڌ ۾ اهڙو ڪو به فنڪار ڪو نہ آهي، جيڪو سندس آواز جي وسعت کي ماپي سگهي. سندس آواز ۾ عجيب سوز ڏک، پيڙا ۽ درد رکيل آهي. هن ڪنهن کان به ڪو نہ سکيو. بلڪل سائين مرنا وانگر پاڻ هر تي ڳائڻي هئي. ڄائي به صحرا ۾ هئي. هن ننڍپڻ ۾ سنڌ جي مختلف

مزارن تي، ميلن تي لوڪ ڳائڻ ۽ ٻين ڪرت ڪندڙ ڪيفيت ۾ ڳايو ۽ ماڻهن کي منديون ڇڏيائي. نيٺ موسيقار سليم گيلانيءَ هن کي ريڊيو لاءِ رڪارڊ ڪيو. 1960ع ۾ ٽيليويزن تي آئي ته ماڻهن سندس آواز جي سحر ۾ اچي وڃڻ لڳا.

هن هندوستان توڙي پاڪستان جي فلمن لاءِ گهڻو ڪري درديلا گيت ڳاتا ۽ اچا پئي ڳائي. پنجابي، سرائيڪي ۾ سندس چيل ڪلام هرهنڌ پسند ڪيو ويو.

ريشمان سادگيءَ سان لاهور ۾ رهي ٿي. هن پنهنجي قبيلي جي هڪ نوجوان سان شادي ڪئي. هن کي چار پٽ ۽ ٽي نياڻيون آهن. اهي به سڀ پنهنجن مان پرڻايا اٿائين. اڄ به سندس آواز جوان جمان آهي. قلندر جي ميلي تي گذريل 40 سالن کان ايندي آهي، پيرين اگهاڙي هلندي آهي.

زاهده پروين

ملڪ ڪافي

زاهده پروين جو جنم گڏيل هندستان جي شهر امرتسر ۾ سال 1925ع ۾ ٿيو. سندس وڏي ڀيڻ جو نالو پيران دتي هو، جيڪا بي حد سريلي فنڪاره هئي. هڪ روايت مطابق پيران دتي ۽ ملڪ ترنم جي وڏي ڀيڻ عيدن ٻائي ڪجهه وقت لاءِ پاڻ ۾ گڏجي ڳاتو هو. زاهده پروين کي گهر ۾ پيار مان شيرو سڏيندا هئا.

زاهده پروين موسيقيءَ جي ابتدائي تعليم بابا تاج ڪپور ٿلہ سارنگي نواز کان حاصل ڪئي. بعد ۾ امرتسر واري استاد حسين بخش خان سارنگيءَ نواز جي شاگردي اختيار ڪئي. پاڻ پٽيالہ گهراڻي جي مايا ناز فنڪار استاد عاشق علي خان جي به شاگرد رهي. استاد جي وفات ڪري هي سلسلو جلدي ختم ٿي ويو. البته استاد عاشق علي خان پنهنجي حياتيءَ جي آخري ڏينهن ۾ زاهده پروين لاءِ دعا ڪندي چيو هو ته زاهده مون کي ڏک آهي ته مان تو کي وڌيڪ نه سيکاري سگهيس پر هڪڙو وقت ايندو جو دنيا تنهنجو آواز ٻڌي روئي ڏيندي."

زاهده پروين کي ننڍپڻ ۾ لغڙ بازيءَ جو شوق هوندو هو، جوانيءَ ۾ انگريزي فلمون وڏي دلچسپيءَ سان ڏسندي هئي. پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ سندس خاندان امرتسر ڇڏي لاهور ۾ رهائش اختيار ڪئي. زاهده پروين، نسيم بيگم ۽ فريده خانم جو تعلق امرتسر سان هجڻ ڪري تنهي جي پاڻ ۾ گهاٽي دوستي هوندي هئي.

زاهده پروين جي مادري زبان جيتوڻيڪ امرتسري پنجابي هئي، پر ڪيس سرائيڪي ڪافي درست لهجي ۾ ڳائڻ تي پوري مهارت حاصل هئي. پاڻ خيال، ٺمري، دادرو، غزل ۽ گيت خوب ڳائيندي هئي. پر سندس شهرت ڪافي ڳائڻ جي ڪري آهي. پاڻ صوفي شاعر خواجہ غلام فريد جي بي حد معتقد هئي. خواجہ جي درگاهه تي حاضري ڏيندي رهندي هئي. سندس تربت جي ويجهو ويهي نذرانہ عقيدت پيش ڪندي هئي، جيئن جيئن ڪافي اڳتي وڌندي هئي تيئن تيئن مٿس موسيقي جي ڪيفيت چڙهندي ويندي هئي. آخر ۾ چوندي هئي ته "سائين حاضري قبول ٿئي. خواجہ صاحب آئي تهي انهون ني بنفس نفيس ڪافي سني"، قلندر لعل شهباز سان به تمام گهڻي عقيدت رکندي هئي. سيوهڻ ۾ حاضريءَ جي موقعي تي پنهنجي جُتي اسٽيشن تي لاهي پيرين پيادي درگاهه تي حاضر ٿيندي هئي. هيءَ

سادڙي سہاجهڙي فنڪاره 50 سالن جي عمر ۾ 7 مئي 1975ع تي لاهور ۾ گذاري ويئي. ڪيس مياني صاحب جي قبرستان ۾ سندس دوست نسيم بيگم جي پرسان دفن ڪيو ويو.

مشهور فنڪاره شاهده پروين سندس ڌيءُ ۽ شاگرد بہ هئي، افسوس شاهده پروين کي ماءُ زاهده پروين کان بہ گهٽ عمر نصيب ٿي.

زاهده پروين جي ڳايل ڪجھ ڪافين جا ٻول هيٺ ڏجن ٿا.

1- ڪيا حال سڻاوان دل دا

2- تتي رو رو واٽ نهاران.

3- سانول ميگھ ملهاران.

4- آسائش نہ پاتم هڪ گهڙي

دن رين دل،

5- دکي دلڙي دردان ماري

ياد رهي تہ زاهده پروين کي خواجہ غلام فريد جو سجو ڪلام حفظ ٿيل هو.

(هي ڪتاب ڪتابيات ۾ ڏنل آهن)

زرياب (موسيقار)

زرياب (789-857ع) سندس اصل نالو عبدالحسن علي ابن نفي هو. اميہ عهد ۾ بغداد ۾ ڄائو. مورخن وٽ زرياب جي اصليت بابت اختلاف راءِ موجود آهي. ڪي چون ٿا تہ ايراني هو، ڪي ڪرد تہ ڪي ڪيس آفريڪي سمجهن ٿا. ڪن جوچوڻ آهي تہ پاڻ 9 صدي هجريءَ ۾ آفريڪي غلام جي حيثيت سان بغداد ۾ هارون الرشيد جي دربار ۾ پهتو. لوئي پرونيڪل Louie Pronecal اسپين جو تاريخدان چوي ٿو تہ زرياب هڪ ڏاهو، موسيقي، ۽ سماجي علمن ۾ مهارت رکندڙ ماڻهو هو. موسيقي ۽ ڏاهپ جو اثر سموري اسپين تي پيو. جرمني جي تاريخ دانن ٽائيٽس ۽ برفارت لکيو آهي تہ زرياب ذهين ۽ عالم موسيقار هو. جنهن جو اثر نہ رڳو اسپين تي رهيو پر پوري مغربي دنيا سندس اثر هيٺ رهي. زرياب ابراهيم موصلي ۽ سندس پٽ اسحاق موصلي جو ذاتيل شاگرد هو. مگر جڏهن سندس اثر بغداد جي دربار ۾ وڌڻ لڳو تہ سندس استاد اسحاق موصلي کي ڳالھ ڪا نہ آئڙي، جنهن ڪيس ڪنهن نہ ڪنهن نموني پريشان ڪرڻ شروع ڪيو تہ هي بغداد ڇڏي، اسپين جي شهر ڪوردوبا ۾ اچي رهڻ لڳو ۽ شاهي درٻار سان وابستہ ٿي ويو. تڏهن اتي عبدالرحمان ٻيون تخت نشين هو، جيڪو فن جو وڏو قدردان هو، جنهن زرياب جو تمام گهڻو قدر ڪيوءِ موسيقيءَ جو هڪ وڏو درسگاھ کولي ڏنائينس. ڪيس ڏھ هزار نغما ياد هوندا هئا. هن عود نالي ساز کي يورپ ۾ متعارف ڪرايو. هن عود جي تارن ۾ گهٽ وڌائي ڪري ان کي تمام آسان ڪيو، جنهن جي شڪل اڄ جو گٽار آهي.چون ٿا تہ هي گٽار کان سواءِ ٻين بہ ڪيترن سازن جو موجد هو. راڳي ۽ موسيقار کان سواءِ پلوڙ قصيده گو، منشا

گو، زجل گو هيو. هن اسپين وارن کي وارن جي ڪنائي جو فيشن ڏنو. هو پلو راڌو، سماجي ڪارڪن، ۽ نثر نويس بہ هو. يورپ جي موسيقي هن جي مرهون منت آهي.

زناني وڄت (وڄت)

هي تال زالون سهرن ڳائڻ وقت وڄائين. هن تال ۾ چار ماترائون ٿينديون آهن. انهيءَ تال جا ٻول هي آهن.هي تال دهل جي وڄت جو آهي: ٻول

تا ڪتِ ڌن نڪ

زنگولہ / جهنگلو

ڪي راڳ اسلامي دور جي گڏيل ثقافتي سرمايي جي اثر هيٺ سنڌ- هند جي راڳن ۾ شامل ٿيو ۽ هندوستاني موسيقيءَ جو جز بنيو. عرب- ايراني موسيقي جي خاص راڳن مان آهي. ان جو پهريون شعبو ”چهار گاهہ“ جنهن جون چار راڳڻيون آهن. ٻيو شعبو ”غزال“ جنهن جون پنج راڳڻيون آهن. هي راڳ پهريان سنڌ ۾ ڏاڍو مشهور ٿيو ۽ ”جهنگلو“ جي نالي سان ڳاتو ويو. هندوستاني راڳ ۾ جنگلہ جي نالي سان سڏيو ويو. جيڪو پيرو توڙي آساوري ٺاٺ سان تعلق رکي ٿو. ان ۾ ٻئي ڌيوت لڳن. خالص سنڌي جهنگلي جون بہ مخصوص ليون آهن. هڪ پيروي سان ٻي تلنگ سان. ”سنڌ جي راڳ“ ۾ هن وقت جهنگلو خاص طرح پير صاحب پاڳاري جي ”راڳ جي جماعت“ ۾ مقبول آهي. (سنڌ جي موسيقي جي تاريخ- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)

زهره ٻائي آگره

موسيقيءَ جي دنيا ۾ زهره ٻائي جي نالي سان ٽي فنڪارا خواتين تمام گهڻو مشهور گذري چڪيون آهن. هڪ زهره ٻائي بڙوده جنهن لاءِ صرف ايترو معلوم اهي تہ بي حد سريلي فنڪاره هئي ۽ پوري تياريءَ سان ڳائيندي هئي. ٻي زهره ٻائي امبالہ، جنهن نوشاد جي موسيقيءَ ۾ ”رتن“ فلم لاءِ ”اکهيان ملا ڪي جيا برما ڪہ“ گانو ڳائي ديسان ديس شهرت ماڻي،

ٽين زهره ٻائي آگره جيڪا پنهنجي دور جي مايا ناز فنڪاره رهي چُڪي آهي، جنهن جو تعارف هيٺ ڏجي ٿو.

زهره ٻائي آگره 1968ع ۾ پيدا ٿي.راڳ جي بنيادي تعليم، آگره گهراڻي جي باني گهگهي خدا بخش جي خاندان مان، استاد شير خان کان حاصل ڪئي.بعد ۾ آگره گهراڻي جي استاد ڪلن خان ۽ محبوب خان ”درس پيا“ جي شاگردي اختيار ڪئي. ٺمري ۽ غزل گائيڪي جي تعليم ڊاڪا واري احمد خان کان حاصل ڪئي.

زهره ٻائيءَ کي خيال، ٺمري، دادرا ۽ غزل ڳائڻ تي پوري مهارت حاصل هئي، زهره ٻائيءَ جي عظمت لاءِ اهو دليل ئي ڪافي آهي تہ آگره گهراڻي جو عظيم گائڪ آفتاب موسيقي استاد فياض حسين خان زهره ٻائيءَ جي انگ کان متاثر هو. هيءَ عظيم فنڪاره 1913ع ۾ گذاري ويئي.

سندس آواز گرامو فون ريڪارڊن ۾ محفوظ آهي. هندستان جي جڳ مشهور ڪمپني ”هز ماسترس وائس“ HMR, Sa re gama جي ليبل تحت، Classic Gold جي سري هيٺ زهره بائي جي هڪ ڪيسٽ به جاري ڪئي آهي.

16.10.6 اعجاز شيرازي.

زيلف (راڳڻي)

پيرو ٺاٽ جي سمپورن راڳڻي جنهن جي امروهيءَ ۾ رکب ورج آهي. هي راڳ پراڻن ڪتابن ۾ ڪو نه ٿو ملي جو مسلمانن جي ايجاد آهي. چون ٿا ته هن راڳڻيءَ جو موجد امير خسرو آهي. هي مشر ميل راڳڻي آهي. اترانگ ۾ ڪان ڪا لنگڙي ۽ پيرو جا انگ نظر اچن ٿا. ڪَن پنڊتن جو چوڻ آهي ته هن راڳڻيءَ ۾ جو نپوري ۾ ڪٽ به شرڪت ڪن ٿيون. هن راڳڻيءَ کي پيرو کان الڳ رکڻ لاءِ رکب جو سر گهٽ استعمال ڪرڻو پوندو آهي.

پلٽو : گي- سا- را گي- ما سا- گي گي پا- ڌا ڌا- ما پا- گي ما سا

آروهي: سا را گي ما پا ڌا ني سَا

امروهي: سا ني ڌا پا- ڌا ما پا- گي ما سا

وادي سُر: ڌيوت

سموادي سُر: گنڌار

سمو: ڏينهن جو پهريون پهر

ساجن چانگ (نڙ بيتائي)

ساجن ولد محمد ابراهيم چانگ 1947ع ۾ ڳوٺ منو خان چانگ تعلقي ٽنڊو غلام حيدر ضلعو ٽنڊو محمد خان ۾ ڄائو. سندس ڏاڏي جو سوٽ عيدن خان پنهنجي وقت جو وڏو سگهڙ هو ۽ نڙ تي بيت ڏيندو هو. اهو ئي سندس پهريون استاد هو. ان کان پوءِ اسحاق فقير جيڪو سانوڻ فقير جو شاگرد هو. ان جي شاگرديءَ ۾ رهيو. 1970ع ۾ پهريون پيرو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان امداد خواجه، منظور نقوي ۽ غلام حسين شيخ ڪيس رڪارڊ ڪيو. 1972ع ۾ ڪچهري پروگرام ۾ عبدالڪريم بلوچ ڪيس آندو. هن وقت سنڌ جي ناميارن نڙ بيتاين ۾ شمار ٿئي ٿو.

سنڌ ۽ ڪي ٽي اين تي به پروگرام ڪري پيو. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سان به بيتن کي گڏ ڪرڻ ۾ معاونت ڪئي اٿس. هن وقت تائين جلال ڪٽي ايوارڊ، سانوڻ فقير لاڙ ايوارڊ، سنڌ ايوارڊ، لعل شهباز ايوارڊ، 2004ع ۾ سنڌ صدين کان ايوارڊ ملي چُڪا اٿس. سندس چوڻ آهي ته نڙ جا بيت کهڙي به داستان جا هجن، پر گهڻو ڪري لوڙائو، راڳڻي ۾ ڏجن ٿا. سنڌ ۾ شاگردن جو به وڏو تعداد اٿس، جيڪي به ڪافي نالي وارا آهن. شاگردن ۾ گهنور ڪالرو ٽنڊوالهيار، بنگل چوهاڻ نٿو، فضل دائيداٽو ٽنڊوالهيار، عظمت لاشاري، بچل شيهڙو، ببر خاصخيلي، هاشم مگسي،

ٽنڊو غلام علي، ملار لاشاري (ٻنو) وسايو چانگ بدين ۾ ٻيا. سنڌ جي سڀن ميلن ملاکڙن ۾ پنهنجي ساٿين سان شموليت ڪري ٿو ۽ داد وصول ڪري ٿو.

سارنگي (ڪلاسيڪل ساز)

اهو ممڪن ئي ناهي ته سارنگيءَ جو وڄائيندڙ پاڻ راڳي نه هجي. سارنگي مان انساني گلي کان به وڌيڪ سُر نڪرن ٿا. سارنگي ڪلاسيڪل موسيقيءَ جو روايتي ساز آهي. هن جو ڪوپو يا آوازي ڪوٺي ڪاٺ جي ٺهندي آهي، جيڪا ڀ فوٽ ڊگهي ۽ اڌ منو فوٽ ويڪري ٿئي ٿي. هيٺ آوازي ڪوٺي ڪوپو يا ڪوڪي وانگر ٿئي ٿي. ان جي مٿان 40 کن تارون جڙيل ٿين ٿيون، جيڪي پتل يا فولاد جون ٿين ٿيون. باج تار تند جي هوندي آهي، جيڪا ٻڪريءَ جي آنڊي يا چمڙيءَ کي ماري ٺاهيندا آهن. هي ساز گزي سان وڄندو آهي. سنڌي سرنديءَ جو نمونو آهي. هن ۾ چوڏاري ڳٽيون لڳل هونديون آهن، جن جي وسيلي تارن کي چڪي گهربل راڳ راڳڻي جي سرگم سان ملايو ويندو آهي. هڪ هٿ سان گز هٽبو آهي. هڪ هٿ سان مختلف هنڌن تي آڱريون ڦيرائي آواز کي پنهنجي گهربل ٽڪاءُ تي آڻبو آهي. هي سڄو آڱرين جو ڪمال آهي. جو باج تار کان ڪم وٺن ٿيون.

درپد ۽ خيال ڳائڻ وارا سارنگي ۽ سرمنڊل جي سنگت کان سواءِ مشڪل ڳائيندا آهن. سرمنڊل ۽ تانپورو رڳو آس جهلي ٻيهندا آهن، مگر سارنگي نه صرف راڳ جون خوبيون ۽ باريڪيون اجاگر ڪري ٿي پر مينڊ مرڪ ۽ تان ۾ ڳائڪ جو تمام گهڻو ساٿ ڏئي ٿي. وچ واري ساهيءَ ۾ ڪاريگر وڄائڻ وارا راڳ جي صورت کي سينگارين ٿا.

هن کي هندوستان پاڪستان نيپال کان سواءِ هاڻي انگلينڊ ۽ آمريڪا ۾ به وڄايو وڃي ٿو.

ساز گيري (راڳڻي)

مارو ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي آهي. نکاد ۽ مڌم جي سنگت رهي ٿي. هن راڳڻيءَ ۾ ڪي شڌ مڌم به هٽندا آهن. هي راڳڻي پوريا ۽ پوربي جي ميلاپ مان ٺهي آهي.. پوريا جو انگ هجڻ ڪري هن کي مندر ۽ مڌ استان ۾ ڳائڻ گهرجي. هي راڳڻي نئي آهي، هن جو ذڪر پراڻن گرنٿن ۾ ڪو نه آهي.

آروهي ني را گي سا نِي ڌي — ني- را گي ما- گي مي پا ڌي نِ سا

امروهي سا ني ڌا پا ڌي مي گي را سا-

وادي سُر: گنڌار

سم وادي:

وقت: شام

ساونت سارنگ (راڳڻي)

ڪافي ٺاٺ جي اوڊو ڪاڊو راڳڻي آهي، جنهن جي اَروهي ۾ گنڌار ۽ ڌيوت جا سُر آهن. امروهي ۾ صرف گنڌار ورج آهي. هي ٻه سارنگ جو هڪ قسم آهي. ٻئي نڪادون لڳنديون آهن.

تان: ري ري – سا –ري –سا – ماري – ماپا- ماناڌي پا- ماپا- ري – سا – ني سا- ري – ماري – پاماپا- مانا – ڌي پا- ري – سا.

آروهي: ساري ماپا ني سا.

امروهي: سانا ڌي پا ماپا ري سا.

وادي سر: رکب

سموادي: پنچم.

وقت: ٻپهري.

سانوڻ سنگ بهليل شاهه (صوفي راڳي)

سنگ، فقيرن جي گڏجي ڳائڻ کي چئجي ٿو. جيڪي هٿن ۾ چپڙيون ۽ يڪتارا کڻي نهايت جوش ۽ عقيدت سان صوفي ڪلام چون ٿا. اهڙو هڪ فقيرن جو ٽولو 2006ع تي لال جي ميلي تي مليو. هو بهليل شاهه تعلقه جوهي ضلع دادوءَ جا ويٺل آهن. اڳواڻ سانوڻ فقير جنهن جي عمر 67 سال ٻڌائي وئي. سنگ ۾ 7 ماڻهو هئا. سانوڻ فقير بهليل شاهه درگاهه جي گادي نشين آهي. سيني کي گيڙو ڪپڙا ۽ چپڙيون يڪتارا هٿن ۾. سانوڻ فقير جو استاد سندس مامون بصر فقير آهي، هي سن 2003ع ۾ هندستان جي شهر ممبئي ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو "تنظيم اثر" لاهور طرفان ڪري آيو آهي. جتي سندن وڏي واکاڻ ٿي ۽ مڃتا ملي. هي فقير نهايت جوش سان سنڌ جي صوفي شاعرن جو ڪلام ڳائين ٿا. سنگ ۾ ٻيا فنڪار عمر فقير چانڊيو، عبدالغفور چانڊيو، پير بخش چانڊيو، ديدار علي مگڻهار(پڪواز) ۽ گلاب لغاري هارمونيم تي. توڙي سانوڻ فقير چڱي عمر جو آهي.پر آواز ۾ گهڻو دم اٿس. سندس والد سالم فقير به ڳائيندو هو. پاڻ پنهنجي درگاهه جا ڪجهه شاگرد تيار ڪيا اٿس.

سانوٽي ڪلياڻ

هي ڪلياڻ ٺاٺ جي ڪاڊو راڳڻي آهي، آروهي توڙي امروهي ۾ مڌم سر ورج آهن. نڪاد آروهي ۾ دربل- ڪرج وادي ۽ پنچم سموادي سر اٿس. هي ڪلياڻ جو جديد قسم آهي ۽ مسلمان گايڪن جو ايجاد ٿيل آهي. هن راڳ جي شڪل مندر آستان ۾ صاف طور نظر ايندي آهي. هن راڳڻيءَ کي مندر ۽ مڌم آستان ۾ بلمپت لئه ۾ ڳائڻ کپي، جنهن ۾ ساوٽي ڪلياڻ جي شڪل صاف طور تي ايمن ڪلياڻ ۽ ڀوپال کان الڳ ٿي بيهندي.

اَروهي: ساني ڌي ني ڌي پا ساري ساڱي پا ڌي سا

امروهي: ساني ڌي پاڱي ري سا ڌي

نوٽ: راڳ ساگر ۽ ٻين ڪيترن گرنٿن ۾ هن راڳڻي جو ڪلياڻ ٺاٺ ۾ ذڪر ٿيل ڪونه آهي.

ساويري

ڀيرو ٺاٽ جي سمپورن راڳڻي آهي. آروهي ۾ گنڌار ۽ نکاد ورج آهن ۽ امروهي سمپورن اٿس. ان ڪري گن ڪلي ۽ جوڳيا کان الڳ آهي. هيءَ راڳڻي ڳائڻ ۾ گهٽ اچي ٿي.

خاص تان: را را سا- ڏاڏا- را را سا- پاماپا ماڳي را سا- راماما- پاپا ڏا ماپا- راماپا- ڏاڏاني ڏاپا- ماپا-ڏاپاماپا- ماڳي راسا.

آروهي: سارا ما پا ڏا سا.

امروهي: ساني ڏاپا ماڳي را سا.

وادي سر: پنچم

سموادي سر: کرج(سا)

ڳائڻ جو وقت: صبح

سائين مرنا (صوفي گائڪ)

”تنڊي کنڊ جي سنگيت سمنڊ مان سائين مرنا پنهنجو ايجاد ڪيل اڪتارو هٿ ۾ کڻي ائين اڀريو هو جيئن چانڊوڪي رات ۾ ڪا البيلي وير مٿي چڙهي“ نصير مرزا وڌيڪ لکي ٿو ته ”هن ڪنهن به اسڪول ۾ تربيت ڪا نه ورتي ۽ هو پيدائشي ئي موسيقار هو. هن جو ڪو به استاد ڪو نه هو. هو ڳائيندو يا وڄائيندو هو ته لڳندو هو ته هو بس ان ڪم لاءِ پيدا ٿيو هو. هن جي اصلي نالي جي به ڪنهن کي خبر ڪا نه هئي شايد ڪيس به نه.“

سائين مرنا جو اصل نالو تاج محمد هو. هو فيصل آباد جي ڪنهن ڳوٺ ۾ رهندو هو. هن اڪتاري ۾ اضافو ڪري وچتروينا ناهي، جنهن کي هو پنهنجي ڪمال فن سان وڄائيندو يا ان ۾ فنا ٿي ويندو هو. اهو وچتروينا نما اڪتارو ته اڃا به موجود آهي پر ڪو نه ٿو وڄي. اصل ۾ اهو اڪتارو ڪو نه وڄندو هو پر سائين مرنا جو وجود وڄندو هو. غم جو اٿاهه ساگر سائين مرنا جي انهيءَ ننڍڙي جسم ۾ الائي ڪيئن سمايو هو. سُر جو سمنڊ. سائين مرنا ڪمزور ۽ نبل جسم الائي ڪيئن هڪ ڏک ڪري پي ويو هو. هن لاهور ريڊيو تي اڻ ڳڻيا پروگرام ڪيا، جيڪي پوءِ ٻين ريڊيو اسٽيشن تان هلندا هئا. سنڌ جي لافاني شاعر شيخ اياز جو به پسنديده فنڪار هو.

پاڻ 1962ع ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. ڪيس نه تمغه حسن ڪارڪردگي سان نوازيو ويو نه صدارتي ايوارڊ سان. ائين جيئن آيو تيئن واپس ويو. سندس مڙهه به ڪنهن واٽ ويندي کي ڪنهن مَنَهه ۾ پيل مليو ۽ ڪيس فيصل آباد جي ڪنهن قبرستان ۾ دفنايو ويو.

ستار (ساز)

ستار فارسي جي سه تار يعني ٽن تارن وارو ساز مان نڪتل آهي. ٿي سگهي ٿو ته اها ڪنهن ٽن تارن جي سڌريل ساز جي هاڻوڪي صورت هجي، ستار ڪلاسيڪي موسيقي جو مشهور ساز آهي. هن جي هڪ پاسي تنبو جيڪو آواز ڪوني جو ڪم ڏئي ٿو، لڳل آهي ۽ پوري ڪاٺي سان جڙيل هوندو آهي. پوري ڪاٺي تي ڪوڙ ساريون

ڳٽيون (Frets) لڳل هونديون آهن. تنبي کان گٽين تائين تارون کي تامي جون تہ کي پٽل جو هونديون، سي گٽين ۾ چڪي ٻڌل هونديون آهن، 18 کان 20 تارون لڳل هونديون آهن. جن مان 11 يا ٻارنهن تارون وڄائي سگهبيون آهن. ٻيون تارون مختلف سرن جي آس لاءِ هونديون آهن. ڳٽين ذريعي تارن کي چڪي يا ڍرو ڪري مختلف راڳن ۾ راڳڻين تي بيهاريو ويندو آهي. مضراب جي ڏڪ سان هي ساز وڄندو آهي. مضراب لوھ يا هڏيءَ جو نهيل منڊي نما ٿئي ٿو. جيڪو کڏهن ٿن تہ ڪڏهن ٻن آنگرين ۾ وجهبو آهي ۽ مختلف سرن لاءِ ان کي تارن جي ڇيڙ لاءِ ڪم آڻبو آهي. گهٽو ڪري سڄي هٿ جي ڏسٽي آڱر سان هيٺ ۽ مٿي تار تي ڏڪ هڻبو آهي. جڏهن تہ کٻي هٿ جي آڱرين سان تارن جي مختلف هنڌن تي انهن جي لهرن کي قابو ڪري راڳ پيدا ڪبو آهي. وڄائڻ ۾ هي ڏکيو ساز آهي. هن جي سکڻ لاءِ ڏهاڪو کن سال لڳيو وڃن. خوبصورت آواز ڏئي ٿو ۽ راڳ راڳڻي پلٽي جو، مڪمل صورت ادا ڪري ٿو. روي شنڪر. مشتاق علي خان، رئيس خان، ولايت علي خان، شاهد پروين، بلارام پاٺڪ وغيره هن جا سٺا وڄائڻ وارا آهن.

سترام ويڙهو مل روڙا/ روهڙا

خطاب سترام روڙا

گائڪ، فلم ساز

سنڌ جي قديم شهر سکر ۾ 16 جون 1939ع تي ڄائو. سائنس جي پهرين سال تائين تعليم حاصل ڪيائين. ممبئي ۾ سندس پتو:

23 Aram nagar 11, versova Road
Andheri(w) Mumbai-40061

بطور گائڪ سندس حصو.

Tips سندس سنڌي گيتن جو 3 ڪيسٽون جاري ڪيون، ڪيتريون ئي ايل پيز ۽ 78 مر سنڌي گيت جا رڪارڊ H.M.V پريا، سترام روڙا پردي پويان ڳائڻ ۾ بہ شهرت حاصل ڪئي. ڪي سنڌي فلمون جن لاءِ هن ڳايو.

جهولي لال، هل تہ پيجي هلون، شل ڏيئر نہ ڇمن، لاڏلي وغيره.

بطور فلم ساز:

1964ع کان وٺي سترام ڪيتريون ئي هندي فلمون ٺاهيون جيئن تہ "شير ڊاڪو" ۽ "جئي سن توشي مان" هن سنڌي فلم "هل تہ پيجي هلون" ٺاهي.

اعزاز ۽ انعام :

نمايان سنڌي گائڪ طور AIR ايوارڊ، ملڪ اندر ۽ ملڪ کان ٻاهر ڪيس ڪيترائي Puraskars اعزاز مليا، سترام اسٽيج جو بہ همه گير آرٽسٽ هو. سنڌي فوڪ ميوزڪ ۽ صوفي ڪلام جو سٺو گائڪ هو. هن پڳونتي ناواڻيءَ سان گڏجي ڪلاڪار منڊل جي مقصد تحت پڳت پيش ڪئي. جنهن سامعين کي ۽ ناظرين کي موهي وڌو. هن جو آواز پرتاثير ۽ پيش ڪرڻ جو نمونو دل نشين هو.

سچڻ سنڌي (راڳي)

نالو قربان علي ولد غلام رسول ذات جو اعواڻ. 17 جولاءِ 1952ع ۾ موهين جو دڙو(ڏوڪري) ضلع لاڙڪاڻي ۾ جائو. هي قوم پرست ڳائڻو ڪري سمجهجي ٿو جو هن گهڻو ڪلام قوم پرست موضوع تي ڳايو آهي. سندس هونئن ڪو به استاد ڪو نه آهي پر محمد ابراهيم کي استاد ڪري قبول ڪيائين. پاڻ گهڻي ۾ گهڻو ڪلام استاد بخاري جو چيو اٿس. ريڊئي تي 1990ع کان ۽ ٽي وي تي مارچ 2001ع کان ڳائڻ شروع ڪيو اٿس. ڪيسٽن جو تعداد 40 کن اٿس. ڪيس سنڌ سپيتا ايوارڊ ۽ انسان دوست ايوارڊ مليا آهن. ڪيس به پٽ آهن. شاهه فرمان ۽ شاهزيب به ڏيئرون سن پري ۽ در شهوار آهن. ٻارن کي ڳائڻ جو ڪو به شوق ڪو نه آهي.

ڪجهه ڪلام

1. هن ڌرتيءَ جا او راڄ ڌڻي.
2. آءُ گهڙي کن هيٺ لهي آ.
3. پيرن کي روڪجي مگر نيڻن کي.
4. ڇا قوم تي لکان مان.
5. مون ڏي نيڻ کڻي منهن جا دلبر
6. منهن جي رابيلي جا گل.

سُر پردا (راڳڻي)

بلاول ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي آهي. جيئن ته ڳائڻ جو وقت ڏينهن جو پهريون پهر مقرر اٿس، ان لاءِ گنڌار کي وادي سر ڪري مڃين ٿا پر ڪي ڏيوت کي. هن راڳڻي جي امروهي بلاول جي صورت ۾ ضرور ظاهر ٿيڻ گهرجي. بهاگ جي صورت به ڪٿي ڪٿي نظر ايندي آهي، پر بهاگ ۾ رکب دربل آهي. پرهتي رکب واضح لڳايو ويندو آهي. ڪن پنڊتن جو چوڻ آهي ته هي راڳڻي ايمن، الپا ۽ گوبند جو مرڪب آهي. سومنات پنڊت پنهنجي گرنٿ ۾ لکيو آهي ته سنسڪرتي گرنٿن ۾ ڪرنات گوند نالي جيڪو راڳ لکيل آهي ان ۾ بلاول ملائبو ته سر پردا ٿهندو. هي مسلمانن جي ٺاهيل راڳڻي آهي.

خاص تان: سا- ري گي ما- ڌي ڌي پا- پا ما پا- ماگي- گي ماگي- ري – سا- گي ما ڌي- پا.

آروهي: ساري گي ما- ڌي پا ڌي ني سا.

امروهي: ساني ڌي پا- ني ڌي پا- ڌي پاما- گي ماري سا.

وادي سر: گنڌار

سموادي سر: پنچم

ڳائڻ جو وقت: مجهند

سرساگر (ساز)

هي ساز سارنگي(ڏسو سارنگي) جي ترقي يافتہ شڪل آهي، هن ۾ وڄت لاءِ ٽي تارون ٽين ٽيون، ان ڪان سواءِ بہ هن ۾ آس جون ڪافي تارون رکيل آهن. هي سارنگي ڪان ڏيڍوڻو وڏو آهي. گز سان وڄائبو آهي.

سرساموندي (راڳڻي)

سُر ساموندي پوربي ٺاٽ جو هڪ نج سنڌي راڳ آهي، جيڪو راڳ جي پراڻن ڪتابن ۾ محفوظ ٿي ڪو نہ سگهيو ۽ شاهہ جي راڳين وٽان بہ معدوم ٿي ويو. دراصل شاهہ صاحب ڪان پوءِ هن راڳ جي غلط استعمال ۽ غير سرن جي ملات جي ڪري هي راڳ اسان ڪان وڇڙي ويو. اهڙو ڪوادارو بہ ڪو نہ آهي. جيڪو شاهہ جي راڳ تي ڪم ڪري، شاهہ جي شاعري تي گهڻن قلم ڪنيو آهي، پر اهو سمجهڻ تمام ضروري آهي تہ شاهہ جو راڳ بہ ايترو ئي اهم آهي. سينہ بہ سينہ شاهہ جي ڪلام جو زنده رهڻ صرف راڳ جي ڪري آهي. لفظ ساموندي رسالي ۾ ڪٿي بہ راڳ جي مفهوم ۾ استعمال ڪو نہ ٿيو آهي، پر هي نج سنڌي راڳڻي آهي، جنهن جي سرن جي ترتيب هيءَ آهي.

آروهي: کرج- رکب ڪومل- تيور گنڌار - پنجم – ڪوم ڌيوت ۽ تيور نکاد.

امروهي: کرج- ڪومل رکب- تيور گنڌار- تيور مڌم – پنچم- ڪومل ڌيوت ۽ تيور نکاد

مڌم سر ورج آهي. آروهي امروهي ڪاڍو اٿس. مٿيان لچڻ ڏسين ٿا تہ هن کي پوربي ٺاٽ ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو. واڍي سر تيور گنڌار ۽ سموادي سر تيور نکاد آهي. امروهي ۾ تيور نکاد لگڻ ڪري آڌي رات ڪان پوءِ ڳائڻ گهرجي. جيئن تہ هن راڳڻي جي آروهي امروهي ۾ ڪومل رکب، ڪومل ڌيوت تيور گنڌار ۽ تيور نکاد جا سر شامل آهن، ان ڪري هن راڳڻي کي راڳداري جي اصول موجب سنڌي پرڪاش جو نج سنڌي راڳ ليکيو ويندو.

سُر سسئي

هي قصو 11 صدي ڏاري سومرن جي اوائلي دؤر ۾ اُسريو، جدا جدا خطن، جدا جدا لين ۾ ڳاتو ويو، جيڪي اڳتي هلي مستقل سُر بنيا، شاهہ جي رسالي وارا سسئي جا پنج سر انهن مختلف آڳاٽين لين جا يادگار آهن، سومرن جي دؤر ۾ راڳ آپيري هلندڙ هيو ۽ ان داستان کي ان سُر ۾ ڳايو ويو ۽ شاهہ جي رسالي ۾ آيل سر آبري ان آپيري جو يادگار آهي. مقامي ماڻهن ”ديسي“ لئہ ۾ ڳاتو تہ رسالي ۾ سر ديسي قائم ڪيو ويو آهي. ساڳي دؤر ۾ عرب، ايراني موسيقي جي سلسلي جو ”حسيني راڳ“ سنڌ ۾ رائج هو. ڪن راڳيندڙن ”حسيني“ ۾ ڳاتو ۽ ”سر حسيني“ قائم ڪيو ويو. لس بيلي واري ايراضيءَ ۾ سسئي کي مقامي سُر ”معذور“ ۾ ڳايو ويو ۽ ”سُر معذوري“ قائم ڪيو ويو. ڪوهستان ۾ ”ڪوهياري سُر“ ۾ ڳايو ويو تہ ”سُر ڪوهياري“ قائم ڪيو ويو.

سُر ڪنيات (سر راڳڻي)

هندوستان جا سڀ راڳ ڪن مخصوص ٺاٽن مان نڪتل آهن. ٺاٽ سرن جي ترتيب کي چوندا آهن. انهن ٺاٽن مان هڪ ٺاٽ کي موسيقي جا ماهر ”ڪام پوجي ميل“ سڏيندا آهن. ان جا سُر هي آهن. کرج، رکب، شڌ يا تيور، گنڌار

شڌ يا تيور، مڌم شڌ، پنچم، ڌيوت شڌ يا تيور ۽ نکاد ڪومل. اڄ ڪلهه ساڳي ٺاٺ ڪي کماڄ ڪري سڏين ٿا. هن ٺاٺ مان نڪرندڙ سيني راڳن ۾ نکاد ڪومل لڳي ٿو. پر اڄ ڪلهه ٻئي نکادون رواج ۾ آهن. ڪنيات راڳ به کماڄ ٺاٺ جي راڳڻي/ راڳ آهي. هن جي آروهي سمپورن ۽ امروهي کاڏو آهي، يعني ڇهه سر لڳن. هن جي امروهي ۾ رکب سر ڪو نه لڳي. هي وڪر راڳ آهي. کماڄ ۽ ڪنياوتي ۾ فرق هي آهي ته کماڄ جي آروهي ۾ رکب ورج آهي. پر ڪنياوتي جي آروهي ۾ رکب قائم آهي ۽ امروهي ۾ رکب ورج آهي. راڳ ۾ مڌم ۽ ڌيوت جي سنگت رهي ٿي. راڳ جي امروهي وڪر آهي. اترانگ ۾ شڪل باڳيسري سان ملندڙ اٿس. رکب ۽ مڌ جي سرن لڳائڻ سان هن راڳ جي شڪل کماڄ کان جدا ٿي بيهي ٿي. پراڻن گرنٿن ۾ نکاد جو سر ڪومل آهي ۽ پنچم ورج آهي. اڳي ان قسم جي راڳ کي وڪر سمپورن کاڏو ڪري ڪوٺيندا هئا. پر هاڻوڪا گايڪ هن کي وڪر سمپورن سڏين ٿا.

آروهي: سا، ري ، گا ، پا، ما ، ڌا ، پا، ني سا.

امروهي: سا، ني ، ڌا، پا، ڌا، ما ، گا، ما، سا.

وادي سر: ڪرج يا گنڌار، سموادي سر: پنچم يا نکاد. هن راڳ جي ڳائڻ جو وقت رات جو ٻيو پهر مقرر ڪيو ويو آهي. اهوئي سبب آهي جو شاهه جي رسالي ۾ هي راڳ يمن ڪلياڻ کان پوءِ ۽ سهڻي کان اڳ رکيو ويو آهي. هن راڳ جي خاص تان ”گا، ما ، سا“ آهي. هي راڳ اڄ ڪلهه محفلن ۾ گهٽ ڳايو ٿو وڃي.

سرمد سنڌي

سندس نالو عبدالرحمان ولد حيات علي مغل آهي. پاڻ 7 جولاءِ 1961ع ۾ پريالوءِ خيرپور ضلعي ۾ ڄائو. سندس مادري زبان پنجابي آهي. پر قومي شاعري ڳائڻ جي حوالي سان سندس نالو پهرين صف جي ڳائڻن ۾ شمار ٿئي ٿو. پاڻ انجنيئر هو. راڳ جي ترتيب لالي عزيز کان حاصل ڪيائين. ڪجهه عرصو منظور سخيراڻي ۽ شاهد پٽني کان به سکيائين. 1996ع ۾ موسيقار استاد ظهور خان زيبي وٽ سکيو. ريڊيو، ٽي وي تي به ڳاتائين. اياز جي ڪلام کي ماڻهن ۾ سرمد روشناس ڪرايو. محفلن ۾ قومي نغما ڳائي محفل کي پرجوش ڪري ڇڏيندو هو. ملڪ کان ٻاهر به دبئي وغيره ۾ پروگرام ڪيائين. سنڌي، اردو ۽ سرائيڪي ۾ ڪافي ڪلام چيل اٿس. ٻه ڀيرا روڊ ايڪسيڊنٽ ٿيس، پهرين ۾ سندس ٻئي ٽنگون ضايع ٿي ويون ۽ ويل چيئر تي هلندو هو. ٻيو ايڪسيڊنٽ 27 ڊسمبر 1996ع ۾ ٿيس. جيڪو جان ليوا ثابت ٿيو ۽ 28 ڊسمبر 1996ع تي وفات ڪيائين. سنڌي موسيقي ۾ هن جو نالو سونهري اکرن سان لکيو ويندو.

سرندو (تارن وارو ساز)

سرندو سڄو ڪاٺ جو ٺهيل هوندو آهي، سر جي مناڻ لاءِ هن کي لوهيڙي جي ڪاٺ مان ٺاهيندا آهن. پر تالهي ۽ ٻاهڻ مان به ٺاهين . وڄائڻ واري گزي لئي مان ٺاهين، جنهن ۾ گهوڙي جي پڇ جا وار ٻڌي سُرندي کي سورين.

سرنديءَ جو ذڪر شاھ جي سُر راڻِ ڏياچ ۾ گھڻو ملي ٿو. جنھن ۾ ڄاڻايل آھي تہ ٻيجل سرندو جو وڏو وڄائڻ وارو ھو. جنھن راءِ ڏياچ وٽ سرندي وڄائڻ جي دان ۾ سندس سسي گھري جيڪا ھن لاھي ڏني. ھن ساز سمن جي دؤر ۾ تمام گھڻي شھرت حاصل ڪئي. ميان نصير محمد ڪلھوڙي لاءِ چون ٿا تہ ھن جا سُر سنواريا اڄ بہ گاجي شاھ تي سرندو تمام گھڻو وڄي ٿو. ھي ساز ڪاٺ کي ڪرڇي ٺاھيو ويندو آھي. ھن جو پيٽ گھڻو اونھو ۽ فقير جي ڪشڪول وانگر ٿيندو آھي. ٻين سازن وانگر ھن تي ڪل ڪو نہ چڙھندي آھي. سامھون وارو مٿيون حصو ڪليل ھوندو آھي. رباب وانگر ھن جو پاسيريون نڪتل ھونديون آھن. وڄائڻ جو ستاءُ ستار جھڙو اٿس. گز ڪماني وانگر مڙيل ھوندو آھي، جنھن کي کھري ڪرڻ لاءِ ميڻ تي ھنيو ويندو آھي. ھڪ ھٽ سان تارن تي گز يا گزي ھلائبي آھي. ٻئي ھٿ سان تارن کي ڇھبو آھي. ھن ۾ 11، 12 اڃا بہ 13 تارون ٿيندیون آھن. پھرين، ٻين ۽ نائين تار وڌيڪ استعمال ھيٺ رھن ٿيون. سرندي جي تارن کي موسيقيءَ جي زبان ۾ ھيٺئين نوني تشريح ھيٺ آڻي سگھجي ٿو.

1. زبان، اھم تار جيڪا تار آستان جي ”سا“ ڏئي.
2. گھور، مڌم آستان جي ”سا“ ڏئي.
3. ٻاھريون گھُور: مڌ آستان جو پنچم ڏئي.
4. انگ: تيور رکب، مڌ آستان جي ”سا“ ڏئي.
5. چڙھيو انگ: مڌ آستان جو گنڌار ڏئي.
6. ٻاروچو انگ: مڌ استان جو شڌ مڌم ڏئي.
7. ٽيپ: جيڪا مڌ استان جو پنچم ڏئي.
8. چاڙھي ٽيپ: مڌ استان جو تيور گنڌار ڏئي.
9. چڙھو گھور: مڌ استان جو تيور نکار ڏئي.

سرندي مان ڪيترائي مختلف نمونا وڄائي سگھجن ٿا.

(الف) لھرا، جاڳر جا لھرا، ميان والي لھرا، گاجي شاھ جا لھرا وڄائجن ٿا. ”سَمُوري“ ميان نصير محمد ڪلھوڙي جو ايجاد ڪيل لھرو آھي. گاجي شاھ جو لھرو درگاھ گاجي شاھ تي فقير اڄان بہ وڄائين ٿا. جاڳر جا لھرا اڪثر ڪري جن ڪڍڻ لاءِ فقير وڄائيندا آھن. قلندر جا لھرا جيڪي قلندر لعل شھباز ڏانھن منسوب آھن. جھول جا لھرا جيڪي لاڙ ۾ مشھور آھن. ان کان سواءِ لوڙائو لھرا گھڻو ڪري ڳائڻ سان، بيت يا ڏوھيڙي ۾ وڄايا وڃن ٿا.

(ب) دادو، لس ٻيلو ۽ ڪراچي جا سرندي نواز خاص گھت سان سرندو وڄائين ٿا، جيڪو گھڻن ڳالھين ۾ مختلف آھي. وڄت ۾ ماڏور، ڇپر ۽ وَصل جو وڄائڻ جو پنھنجو نمونو آھي. بلوچي وڄائڻ جو پنھنجو نمونو، ماڊرن آرڪيسٽرا ۾ سرندي کي شامل ڪيو ويو آھي.

ٻيجل سنڌ ۾ سرندو وڄائڻ ۾ بي مثل ھو. جوڳي جوھيءَ وارو، علي محمد لنگھو دريجي وارو (وفات 1955) لونگ پٽ سومرو، محبوب فريد آباد وارو فقيرو ۽ عثمان لس وارا سرندي جا بھترين وڄائڻ وارا رھيا آھن.

سرود (ساز)

هي رباب جي شڪل جو ساز آهي جيڪو اسان جي خطي ۾ ٻه اڍائي سؤ ورهين اڳ ايران کان آيو. سندس آواز رباب کان ڪجهه ٿلهو آهي. آوازي ڪوني کان ڏانديءَ تائين يڪو ڪاٺ جو ٺهيل آهي. آوازي ڪوني ڪاٺ کي کرڙي يا کرچي ان جي مٿان ٻڪريءَ جي کمايل کل چاڙهيل ۽ اتان کان مخروطي شڪل ۾ ڏنڊي ٺئي، ان ڏنڊيءَ ۾ پاسن کان ۽ آخر ۾ ڳنڍيون ٿين. هي مضراب سان وڄندڙ ساز آهي. تارن کي آوازي ڪوني مٿان چڙهيل کل کان مٿي رکڻ لاءِ ته جيئن پٽڪار ۾ رخنو نه پوي. هيٺان نڪري يا ڪاٺ جي چوڪور مڪڙي ڏيندا آهن. هن کي ڪڇ ۾ رکي وڄائبو آهي. هڪ هٿ سان مضراب هڻبو آهي ۽ ٻئي هٿ سان تارن مان گهربل سُر ونبو آهي. هتي سنڌ ۾ هن ساز کي گهٽ ئي وڄايو ويو. هن جي وڄائڻ وارن ۾ امجد علي خان ۽ علي اڪبر خان گهڻو مشهور ٿيا.

سروري (راڳڻي)

مشر ميل راڳڻي جنهن ۾ گنڌار ۽ ڌيوت ڪومل ۽ مڌم تيور باقي سڀ سر شڌ آهن. هي سمپورن راڳڻي آهي.

سرگم: ساري گي ما، پاڌي پا ما، گي ري سا، ني ساري سا، گي ري گي ما، پا ڌي پاما، گي ماپا گي، ماگي ري سا.

آروهي: ساري گي ماپاڌي ني سا.

امروهي: ساني ڌي پا ما گي سا.

وادي سر: گنڌار.

سم وادي: نکاد

وقت: شام

سري ٽنڪ (راڳڻي)

هي پوربي ٺاٽ جي سمپورن راڳڻي آهي، جيڪا سري راڳ جي انگ تي ڳائي ويي ٿي. ترون ۾ وادي سر رکب آهي. هن ۾ پنچم، گوري ۾ گنڌار ڪونه آهي، جيڪو هن ۾ آهي. مالوي جي آروهي ۾ نکاد ورج آهي، امروهي ۾ ڌيوت ورج ۽ وادي سر رکب. سري راڳ جي آروهي ۾ گنڌار ۽ ڌيوت ورج آهن. هن ۾ ائين ڪونه آهي.

خاص تان: گي، را سا، را را سا، ني را، گي را، گي مي گي، را را سا، ني را سا،

آروهي: سارا گي پا ڌاني سا.

امروهي: ساني ڌا پا مي گي را سا.

وادي سر: پنچم.

سموادي سر: کرج

وقت: شام

سري راڳ

ڪن شاسترن ۾ هي ڪافي ٺاٺ جي راڳڻي ڄاڻايل آهي. آروهي ۾ گنڌار ۽ ڌيوت ورج ڪرڻ جو رواج آهي. امروهي سمپورن اٿس. هن راڳڻي کي بلمپت لئي ۾ ڳائڻ گهرجي. رکب وادي سر اٿس ۽ پنچم سموادي. ڪي پنڊت پنچم کي وادي ۽ کرج سموادي مڃين ٿا. ڪن جو ته مورڳو چوڻ آهي ته ڌيوت کي سموادي سر مڃڻ گهرجي. لڪش سنگيت جي مصنف چتر پنڊت پنچم کي سموادي سر قرار ڏنو آهي.

خاص تان: را را سا، ني سا، را را سا، ني را گي را سا، ني سا، مي گي را، گي را سا، ني را سا.

آروهي: سارا مي پا ني سا.

امروهي: ساني ڌا پا مي گي را سا.

وادي سر: رکب

سموادي سر: پنچم.

وقت: ٻيو پهر ڏينهن.

سري رنجني (راڳڻي)

ڪافي راڳ جي اوڊو ڪاڊو راڳڻي آهي. آروهي ۾ رکب ۽ پنچم سر ورج اٿس ۽ امروهي ۾ صرف پنچم ورج. هن راڳڻي جي صورت باگيسري سان ملي ٿي پر باگيسري جي امروهي ۾ پنچم جو سر لڳايو ويندو آهي.

تان: ما، گا، ري سا، نا، ڌي، نا، سا، ما ما گاري سا.

آروهي: سا گا ما ڌي نا سا.

امروهي: سا نا ڌي ما گاري سا.

وادي سر: مڌم.

سموادي: کرج.

ڳائڻ جو وقت: آڌي رات.

سگرائي (راڳڻي)

ڪافي ٺاٺ جي ڪاڊو سمپورن راڳڻي آهي. آروهي ۾ ڌيوت سُر ورج اٿس. هن ۾ کرج ۽ پنچم سمواد آهن ۽ ڪيس ڪانڙي جو قسم سمجهيو وڃي ٿو. هن راڳڻي ۾ سارنگ نظر ايندو. رات جو جيئن شهانا ڳاتو وڃي ٿو. ائين ڏينهن جو سگرائي، رات جو جيئن آڙانو ۽ ڏينهن جو سوها. سوها سگرائي ۾ فرق هي آهي جو سوها ۾ ڌيوت بلڪل ورج آهي ۽ سگرائي جي صرف آروهيءَ ۾ ڌيوت ورج آهي. ڪي هن کي باگيسري ۽ مڌمات جو ميلاپ سڏين ٿا. سوها ۾ ڌيوت ورج آهي ته بندرا بني ۾ گنڌار ورج آهي. شهانا ۾ ڌيوت چتو لڳي ٿو. اڙانه ۾ ڌيوت ڪومل آهي.

تان: پا پا، ما پا، نا ڌي پا، گا ما ري، سا، نا سا، گا گا، ماري، سا، نا سا، ري، ما، پا نا، ما پا، گا ماري، سا.

آروهي: ساري گا ما پا، نا سا.
امروهي: سا نا ڌي پا، ما گا ري سا.
وادي سر: کرج.
سموادي سر: پنچم.
وقت: ٻپهري.

سلامت حسين، استاد (بانسري نواز)

استاد سلامت حسين 1935ع ۾ ڀارت جي رياست رامپور ۾ ڄائو. هن جو والد فوج ۾ بئنلر هو. جنهن کي سنڌس بانسري وڄائڻ سٺو نہ لڳندو هو. مگر بانسري جي آواز هن جو من موهي وڌو. سڀ کان پهريان هن استاد گڇن خان جيڪو ڪلارنٽ وڄائيندو ۽ رامپور ۾ سنڌس وڏو نالو هو. ان جي شاگردي ۾ رهيو. ورهاڱي کان پوءِ ڪراچي لڏي آيو ۽ وڌيڪ تعليم استاد حامد خان سارنگي نواز کان ورتائين. ڪجهہ عرصو استاد شڪور خان وٽ بہ سکيو. پڙهڻي طور هو استاد پنا لال گهوش جي انداز کي پسند ڪندو هو. 1952ع ۾ ريڊيو پاڪستان کان هن پنهنجي فني سفر جو آغاز ڪيو ۽ رفيق غزنوي جي آرڪسٽرا ۾ شامل ٿي ويو. ان وقت ڪراچي ريڊيو تي استاد امراؤ بندو خان هوندو هو. جنهن ڪيس ريڊيو حيدرآباد تي اماڻيو. هن حيدرآباد ريڊيو کان سواءِ ڪوئٽا، لاهور ۽ راولپنڊي تي بہ پروگرام ڪيا. 1960ع ۾ هو لاهور هليو ويو. جتي خواجہ خورشيد انور، خليل احمد ماسٽر عنايت حسين ۽ رشيد عطري سان گڏ ڪم ڪيو ۽ بانسري وڄائي، پاڻ 30 وزيراعظمن جي سامهون (ملڪي و غير ملڪي) پروگرام ڪري چڪو آهي. پاڪستان جي قومي ثقافتي طائفي سان هن چين، روس، ترڪمانستان، جاپان، مراڪش، ترڪي، آسٽريليا، ايران ۽ اردن وغيره ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو آهي. موجوده حالتن ۾ بانسري جو مستقبل ڇا آهي؟ سوال جي جواب ۾ هن چيو تہ موسيقي جو فن هتي زبون حاليءَ جو شڪار آهي ڇو تہ ريڊيو ۽ ٽي وي جا دروازا تہ روايتي موسيقي جي سازن لاءِ بند آهن جو اتي هاڻ مغربي ۽ ڊجيٽل ساز اچي ويا آهن. سارنگي، ستار، طبلا ختم ٿي چڪا آهن. هن کي اٺ پٽ ۽ بہ ڌيئرون آهن. جيڪي سٺن عهدن تي آهن.

استاد، سلامت علي خان

استاد سلامت علي خان مشرقي پنجاب جي ضلعي هوشيارپور جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ شام چوراسيءَ ۾ سال 1934ع ۾ ڄائو. سنڌس تعلق موسيقيءَ جي شام چوراسي گهراڻي سان هو. شام چوراسي گائيڪيءَ جو انگ اڪبر بادشاهہ جي درباري گائيڪن چاند خان ۽ سورج خان سان منسوب آهي. استاد سلامت علي خان، استاد ولايت علي خان جو ٻيو نمبر وڏو پٽ هو. ولايت خان جي ٻين پٽن جا نالا نزاڪت علي خان، تصدق حسين خان، اختر علي خان ۽ ذاڪر علي خان آهن. نزاڪت علي خان ۽ سلامت علي خان جوڙيءَ جي شڪل ۾ ڳائيندا هئا.

سلامت علي خان جي راڳ سکڻ جي ابتدا روايتي تعليم لاءِ ڪيس اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو. پوءِ سنڌس قلب ڪتابن ۾ ڪو نہ لڳندو هو. اسڪول ڇڏيو وتندو هو. ڏنڊن ڏورن ۾ ٽڙڳندو ۽ ترندو يا پوک راهہ ۾ پيو شيل شڪار

ڪندو هو. استاد سلامت علي خان وڏي ڀاءُ نزاڪت علي خان سان گڏ صرف 7 سالن جي عمر ۾ سال 1940ع ۾ پنجاب جي ماربلب جي ميلي ۾ پهريون دفعو عوام اڳيان پيش ٿي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. ان محفل ۾ ڪين ان وقت جي وڏن گوئين جهڙوڪ استاد بڙي غلام علي خان، استاد جمال خان، استاد مبارڪ علي خان، استاد توڪل حسين خان، پنڊت اوم ڪرناٿ ٺاڪر، پنڊت ڪرشنا رائو شنڪر ۽ استاد عبدالعزيز خان بينڪار ٻڌو ۽ ڪيس دل سان دعائون ڏنيون. ريڊيو لاهور تان سندس پهريون پروگرام 1942ع ۾ نشر ٿيو. سال 1944ع ۾ بهار صوبي جي چمپانگر رياست جي راجا دسهڙي جي موقعي تي ڪين دعوت ڏيئي گهرايو. سندن راڳداري ڪين راجا جي ويجهو آڻي ڇڏيو. ٻئي ڀائر پيءُ سميت تقريباً ڇهه مهينا رياست جي مهمان جي حيثيت ۾ اتي رهيا. ان دوران آل انڊيا ميوزڪ ڪانفرنس جي منتظمين مختلف رياستن کي خط لکي، ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ سندن درباري گائيڪ موڪلڻ جي استدعا ڪئي. مها راجا ان ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ نزاڪت علي خان ۽ سلامت علي خان کي فارغ ڪري الله آباد روانو ڪيو. الله آباد کان پوءِ ٻنهي ڀائرن گورک پور ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. گورک پور ۾ سندن پيءُ ولايت خان سخت بيمار ٿي پيو ۽ واپس وطن ورڻ جي خواهش ظاهر ڪئي، تنهن ڪري لکنو مان ٽرين ذريعي وطن روانا ٿيا. اتي گاڏيءَ ۾ سفر دوران ولايت خان سلامت علي خان کي چيو ته منهنجا پٽ مان سمجهان ٿو ته منهنجي موت جي منزل قريب اچي چڪي آهي. مان توکي وصيت ڪيان ٿو ته ڪڏهن به رياض ترڪ نه ڪجانءِ، وڏن جي عزت ڪجان، خدا کي هر وقت ياد ڪجان. تنهنجي ڪاميابيءَ جي خوشي ڏسڻ لاءِ مان ته هن جهان ۾ ڪو نه هوندس، منهن جا بابا ياد رکجان هڪ ڏينهن دنيا تنهنجي گائڪي کي ٻڌندي ۽ تنهنجي راڳداري ڪري تنهنجي عزت ڪندي. ان وقت رات جو هڪ ٿيو هو. رامپور جي نزديڪ بيمار پيءُ پٽ کي آرام ڪرڻ لاءِ چيو، اها ئي گهڙي پاڻ وٽ جي هميشه لاءِ آرامي ٿيو. سفر مختصر ڪري ولايت خان جي ميت کي مراد آباد جي مٽيءَ حوالي ڪيو ويو.

هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ ٻئي ڀائر پنهنجي جائي جم وارو ڳوٺ راج ڇڏي، وڏڙن جي قبرن کي ڌٽي حوالي ڪري، ڪٽنب ڪهول سميت سيپٽمبر 1947ع ۾ اچي لاهور پهتا، يتيم ٻار، هٿين خالي، ڪير پڇڻ وارو ڪو نه. نيٺ هڪ ڏينهن ريڊيو لاهور تي اچي نڪتا. لاهور ريڊيو جي ان وقت جي انچارج سخت رڪائيءَ جو مظاهرو ڪيو. ٻنهي ڀائرن جي جڙ دل ٽٽي پئي. لاهور ڇڏي پيرن فقيرن جي نگري ملتان ۾ اچي ديرو ڄمايائون. گذر سفر لاءِ ميلن ملاڪڙن، شادين مرادين ۾ ڳائڻ لڳا. ڏکن پنيان سک نيٺ هڪ ڏينهن لاهور ريڊيو جي دعوت نامي اچي ٺڪاءُ ڪيو. ڏکن سکن جي ان اکيوٽ راند دوران سال 1954ع ۾ سلامت علي خان جي شادي ٿي.

سال 1954ع ۾ ٻنهي ڀائرن هندستان جي مختلف شهرن ۾ لڳندڙ آل انڊيا ڪانفرنسن جي سلسلي ۾ ڪلڪته، بنارس، ناگپور ۽ الله آباد ۾ ٿيندڙ محفلن ۾ پاڻ ملهايو، ممبئي ۾ ميوزڪ ڪانفرنس جا پروگرام 21 ڏينهن جاري رهيا. آخري ڏينهن نزاڪت علي خان، سلامت علي خان کي ٻڌڻ لاءِ فلم انڊسٽري مان لتا منگيشڪر، محمد رفيع، مڪيش، هيمنت ڪمار، مدن موهن، شنڪر جي ڪشن، وسنت ڊيسائي، ڪليان جي آنند جي، سجاد حسين وغيره خصوصي طور شرڪت ڪئي. ان پروگرام ۾ مشهور سارنگي نواز رام نارائڻ ساڻن سنگت ڪئي. بعد ۾ ٻنهي

پائڻ لتا منگيشڪر، راج ڪپور ۽ ديو آنند جي گهرن ۾ ٿيندڙ پرائيويٽ محفلن ۾ شرڪت ڪئي. 1958ع ۾ ٻئي پائڻ افغانستان ويا، اتي ڪلاسيڪي موسيقي جو قدردان افغان شهنشاه ظاهر شاھ سندن گائڪي مان تمام گهڻو متاثر ٿيو.

سلامت علي خان اڃا 22 سالن جي عمر کي مس پهتو ته سال 1956ع ۾ آل انڊيا ميوزڪ ڪانفرنس ڪلڪتي ۾ کيس استاد جو لقب مليو. سال 1961ع ۾ ٻنهي ڀائرن جي حسن ڪارڪردگيءَ جو صدارتي اعزاز عطا ٿيو. هڪ روايت مطابق شام چوراسيءَ جا گائيڪ گهڻو ڪري جوڙيءَ جي شڪل ۾ ڳائيندا آهن. نزاڪت علي خان سلامت علي خان گڏ ڳائيندا هئا. ان ڪان اڳ سندن پيءُ ولايت علي خان ۽ چاچو احمد علي خان جوڙ: ۾ ڳائيندا هئا. شهنشاھ اڪبر جي دؤر ۾ سورج خان ۽ چاند خان جي جوڙي به گهڻو مشهور رهي چڪي آهي. سال 1974ع ۾ ڪجھ گهرو جهڳڙن ڪري نزاڪت علي خان سلامت علي خان جي جوڙي ٽٽي پئي. ٻنهي ڀائرن جي الڳ ٿيڻ ڪانپوءِ نزاڪت علي خان محدود آواز هجڻ ڪري ڪامياب نه ٿي سگهيو ۽ گمناميءَ ۾ هليو ويو. البت سلامت علي خان پنهنجي پرپور آواز ۽ فني مهارت ڪري پنهنجي ڪاميابيءَ جي سفر کي جاري رکيو.

سيپٽمبر 1978ع ۾ روي شنڪر هال لنڊن ۾ هڪ پروگرام هلندي استاد سلامت علي خان تي فالج جو حملو ٿيو. صحت مند ٿيڻ ۾ کيس تمام گهڻو وقت لڳي ويو. سندس آواز ۾ به اها اڳ واري ڳالھ نه رهي، سر پرڻ لاءِ پنهنجي پٽ شرافت علي خان کي پاڻ سان گڏ ڳارائڻ لڳو.

استاد سلامت علي خان 11 جولاءِ 2001ع ۾ وفات ڪري ويو.

نزاڪت علي خان سال 1931ع ۾ شام چوراسي جائو، سندس پيءُ ولايت علي خان هو. نزاڪت علي خان 6 جولاءِ 1983ع ۾ دل جي دؤري پوڻ ڪري راولپنڊي ۾ وفات ڪري ويو. کيس لاهور ۾ دفن ڪيو ويو.

نزاڪت علي خان سلامت علي خان خيال، درپد، ٺمري، دادرا، ڪافي پوري مهارت سان ڳائندا هئا. سندن ڳايل ڪجھ مشهور ڪافين جا ٻول هيٺ ڏجن ٿا.

1. گذر گئي گذران
2. گيا رول راول، نه يار ملا نه موت آئي
3. تتي رو رو واٽ نهاران
4. عشق انوکهڙي پيڙاي
5. اک رانجها مينون.

نزاڪت علي خان، سلامت علي خان جي خاندان مان سندن ننڍا ڀائر اختر علي خان ۽ ذاڪر علي خان جوڙي ۾ ڳائيندا آهن. اختر علي خان ۽ ذاڪر علي خان ٻئي سلامت علي خان جا شاگرد آهن. سلامت علي خان جا پٽ شرافت علي خان ۽ شفقت علي خان به ڪافي مشهور آهن.

مددي ڪتاب

1. ملاقاتين	انتظار حسين
2. بوند بوند	انتظار حسين
3. معلم نغمات	قاضي ظهور الحق
4. خصوصي شڪريہ	S.M Shahid Virasa online.

سموادي سر (بيان)

هي سر بہ وادي سر وانگر راڳ جي شڪل ظاهر ڪرڻ لاءِ وادي سر جي مدد ڪندو آهي. ان ڪري سم وادي سر ڪي وادي سر جو وزير ڪري ليکيو ويندو آهي. هي ٻئي سر گڏ هوندا آهن. الڳ نہ هوندا آهن.

سم (بيان)

راڳداريءَ ۾ ڪنهن بہ راڳ ڪي گر ڪان شروع ڪري گر تي ختم ڪرڻ واري صورت ڪي سم چئبو.

سمپورن (بيان)

جيڪي راڳ ستن سرن جا هوندا آهن پوءِ اهي سر ڪومل هجن يا تيور. اهڙن راڳن ڪي سمپورن راڳ سڏبو آهي، جيئن ڀيروي، ايمن وغير.

سموادي سر (بيان)

هي سر بہ وادي سر وانگر راڳي جي شڪل ظاهر ڪرڻ لاءِ سم وادي سر جي مدد ڪندو آهي. ان ڪري سم وادي سر ڪي وادي سر جو وزير ڪري سمجهيو ويندو آهي. هي ٻئي سر گڏ هوندا آهن ۽ الڳ نہ ٿيندا آهن.

سنڪيرن راڳ

هي راڳداري جو لفظ آهي. اهي راڳ جن ۾ ٻين راڳڻين جي ڇانون هوندي آهي انهن ڪي سنڪيرن راڳ چئبو آهي.

سعودي عرب جي موسيقي

هتي ٻئي مغربي توڙي روايتي موسيقي پسند آهي. امارات جو خليجي رنگ بہ مقبول آهي، پر روايتي موسيقي محدود ٿي وئي آهي. بدوين جي خانہ بدوش زندگيءَ کين مجبور ڪري ٿي تہ ضرورت کان وڌيڪ سامان نہ کڻن، ان ڪري هو وڏن سازن بجاءِ تارن ۽ ڇيتين تي لئي ونن ۽ گڙڪڻ وارا ۽ هلڪا سادڙا ساز پاڻ سان کڻن. اهم وڏن شهرن جهڙوڪ بغداد، جدي، بصري وغيره ۾ Nays, Rababa وغيره استعمال ڪن. بهرحال سخت اسلامي نظريا رکندڙ ماڻهو موسيقي ڪي ڪن حديثن جي بنياد تي گناهہ سمجهن انڪري رڳو لئي وارا (ضرب وارا) ساز استعمال ڪن. هتي جي مشهور فنڪارن ۾ Tariq, Talal maddah, Mohammad al senan, Saraj oma, Abdul Hakeem, Abdul MajeedAbdullah, Abadi-al-Johar شامل آهن، جن ۾ نغمہ نگار، پاپ ڳائڻا، ساز نواز اچن ٿا.

سمهہ (سماع)

اصل عربي لفظ سماج جي بگڙيل صورت آهي. سمهہ ۾ ضربون هڻندا آهن. يعني سمهہ جي اوناٽي کي ضربن(تارن جي ڏکن) واري انداز ۾ ڳائيندا ۽ حلقو هڻندا. عيدن ، باراتن، حج ۽ جمعي جي ڏينهن جهڙن خوشيءَ جي موقعي تي سمهہ هڻبي آهي. سمهہ هڻڻ وارا گول دائري ۾ بيهندا. هڪ اڳواٽي ڪندو. يعني بيت ۽ اوناٽي ۾ اڳواٽي ڪندو ۽ ٻيا حلقي وارا هوندا، جيڪي اوناٽي ۾ شامل ٿيندا ۽ پڻ حلقو يا گول دائرو ٺاهيندا. حلقي وارا معنيٰ حلقي وارا اڪر تار واري لئہ ۾ ادا ڪرڻ. مير محمد معصوم، سيد علي (وفات 981هہ) سمهہ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ ”سنڌ ۾ سماع جو طريقو هي آهي تہ گهڻا ماڻهو اچي گڏ ٿيندا آهن ۽ پوءِ هو پنهنجي (سنڌي) زبان ۾ سُر سان بيت چوندا ۽ انهيءَ سر تار تي سمهہ هڻندا آهن. منجهائن ڪن تي حال پئجي ويندو آهي. پوءِ هو نچڻ شروع ڪندا آهن. ساڳي وقت حلقو هڻي، وڏو آواز ڪندا آهن. ائين بہ ٿي سو ماڻهو گڏجي حلقو هڻندا آهن تہ عجيب صدا بلند ٿيندي آهي، جيڪا ميل ڪن يا اجان بہ پري تائين ٻڌبي آهي.“

غوث بهاوالدين ذڪريا (وفات 661هہ) ۽ مولانا رومي کان هي سمهہ شروع ٿي ۽ سنڌ جي ڪيترين درگاهن تي لڳندي آهي. هن ۾ رسول پاڪ ﷺ ۽ پنهنجي مرشد سڳورن جي تعريف ٿيل هوندي آهي. مختلف درگاهن تي البتہ نمونا مختلف ملن ٿا سمهہ ۾ گهڻو ڪري ڏناسري، ڪافي وغيره راڳڻين ۾ بيت چيا وڃن ٿا.

ببلو گرافي: سنڌ جي موسيقي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ.

سمهہ جهوڪ شريف

حضرت شاهہ عنايت شهيد کي 1716ع ۾ جهوڪ وٽ شهيد ڪيو ويو. ڪائنس پوءِ سندس چوٿين پشت ۾ مخدوم فضل اللّٰہ شاهہ قلندر جن سجاده نشين ٿيا. پاڻ تارڪ دنيا، قال جو فقيرتن شخص هو. هن جي دؤر ۾ سماع يا سمهہ جو رواج باقاعدي پيل ٿا چون.

سمهہ مهل مريد حلقو هڻي ويهندا ۽ هرڪو واري واري سان پنهنجو حال وائين يا بيتن جي صورت ۾ پيش ڪندو. مرشد اڳيان وينل هوندو. ڪڏهن ڪڏهن وائين ۽ بيتن دؤران فقيرن کي حال پئجي ويندو آهي ۽ بيهوش ٿي ويندا آهن. محفل ختم ٿيڻ کان پوءِ سر ڪَنڌ پاٽيءَ ۾ گهي، انهن بيهوش ٿيل فقيرن کي ڇنڊا هڻندا آهن ۽ ڏوپ ٽانڊي تي رکي ان جو واس ڏيندا آهن تہ حال ۾ آيل فقير کي هوش ايندو آهي.

هاٽي درگاهہ تي هر مهيني جي سترهين تاريخ ۽ ميلي جي موقعي تي هر رات سمهہ لڳندي آهي. هن کي سماع بہ چوندا آهن. وچ ۾ مرشد سڳورو ويهندو آهي. سامهون ذاڪر فقيرن جون ٽوليون ويهنديون آهن. داستان وار محمد صديق، صادق فقير(ڳوٺ صادق فقير تعلقو عمرڪوٽ) ۽ اسماعيل شاهہ (مزار مڪليءَ تي) جا بيت پهرين پڙهندا ۽ پوءِ وايون چوندا آهن. پهرين ٽوليءَ مان هڪ ڇڙو بيت چوندو پوءِ ٻي ٽوليءَ مان هڪ فقير ساڳيو بيت چوندو. بيتن ختم ٿيڻ کان پوءِ وائي چوندا آهن. وائي ۾ بہ پهرين ٽولي وارا گڏجي مصرع چوندا. ان کان پوءِ ساڳي مصرع ٻي ٽوليءَ وارا گڏجي چوندا. محفل ختم ٿيڻ تي تسبيح ذڪر جي ٿيندي. اللّٰہ اللّٰہ زور سان پڙهندا. ان کان پوءِ دعا ٿيندي.

سمهه شاهه ڪريم بلڙي وارو

شاهه عبدالڪريم بلڙي واري جي درگاهه تي هر ماهه پهرين سومر رات، 27 رمضان، حج رات، ميلي واري رات ۽ ڏينهن سماع ٿئي. عشاءَ جي نماز کان پوءِ سماع شروع ٿئي. مچ جي چوڌاري فقير حلقو هڻندا. بيٺل فقيرن مان هڪ ڄڻو شاهه ڪريم جي بيت جي هڪ مصرع پڙهندو ۽ ٻيا فقير اشهد آگر متي کڻي، القارعة چوندا ۽ مالقارعة چئي آگر هيٺ ڪندا. ايستائين شعر پڙهندا رهندا آهن، جيستائين سنجاده نشين ويٺل هوندو. گهڻو ڪري مارئي ۽ سسئي جي سرن مان بيت پڙهندا. پير صاحب ڏانهن مُنهن ڪري ڦرندا آهن. پر اهڙي طرح جيئن پير صاحب جي نظر کان مَڇ پري يا گُم نہ ٿئي. سجاده نشين جي وڃڻ کان پوءِ فقير هُو هُو ۽ الله هو الله هو جو ورد شروع ڪندا.

سنتو ڀڳت

سن 1912ع ڳوٺ ڇني تعلقہ جو هي ضلع دادو ۾ ڄائو. 15-16 سالن جي ڄمار ۾ پنهنجي مائٽن سان حيدرآباد لڏي وڃي ويٺو. فني مهارت هجڻ سبب ڀڳتن جون ٽوليون ڪيس گهڻو پائينديون هيون ۽ پاڻ سان وٺي وڃڻ جون خواهشمند هونديون هيون. طبلو سٺو وڄائيندو هو ۽ رقص جو پڻ ماهر هيو، جنهن ڪري گهڻا ناچو هن وٽ ناچ سکڻ لاءِ ايندا هئا. پڇاڙي واري عمر ۾ سيٺ وشنداس مانجهندن واري جي قائم ڪيل وشن نگر (قليلي- حيدرآباد) ۾ اچي رهيو. ورهاڱي مهل هندوستان هليو ويو.

سنتور/ سر منڊل (ساز ڪلاسيڪي موسيقي)

سنتور سَوَ ستارن وارو ساز آهي، جنهن کي "شاتا- تانتري- وينا" يا سو تارن وارو ساز چوندا آهن هي دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ وڃايو وڃي ٿو. چين ۾ "يانگ چن" هنگري ۾ چنبيلن، رومانيہ ۾ زمبيلين، يونان ۾ سنتوري، فن لينڊ ۾ ڪينٽلي (Kentele) جرمني ۾ "هيڪ برڊ" جي نالي سان ڄاتو ۽ سڃاتو وڃي ٿو. مصر ۽ عراق جو هي پراڻو ساز اڄ مغربي ساز هارپ جو جد امجد چيو وڃي ٿو.

[4]متي واري تختي جي هيٺين حصي مان اڀائي انچن جو اڌ گول ڪٽبو آهي تہ جيئن ان ڊٻي ۾ گونج پيدا ٿئي. انهي منڊل يا ڊٻي جي مٿان ۽ ساڄي پاسي 25 ڳنڍيون هنيون وينديون آهن. جن ۾ تارون ٻڌي هيٺ ٽڪرن ۾ لڳل ڪلين يا ڪوڪن ۾ ٻڌيون آهن. ائين منڊل ۾ مٿان، ساڄي کان کاٻي ڊگهائي ۾ درجي بہ درجي گهٽ ڊگهين تارن جو هڪ جهنگلو ٺهي پوندو آهي. ساڄي پاسي جي هڪ ئي ڊيگهہ جون چار پنج ٿلهيون تارون لڳل هونديون آهن. ان سان گڏ ساڳي ڊيگهہ جون چار پنج سنهيون تارون لڳل هونديون آهن. اهڙي طرح هيٺين ۽ مٿين سُرن جا ٽي سپتڪ تيار

---

[4]ڪنهن سپڪ ڪاٺي جون بہ سنهيون ٽڪنڊيون تختيون، جنهن جو هڪ ٽڪر عام طور تي ڏيڍ فوٽ تي هڪ 90 ڊگري تي بيهارجي، ٻيو ٽڪرو سوا ٻن فوٽن، ٽيون ٽڪرو ٽي فوٽ ڊگهو بيهاربو آهي ۽ انهن ٽن ڪنڊن جي مٿان کان، ساڄي پاسي کان ٻئي ڪنڊون 5 يا ڇهه انچ ڪٽي سڌيون ڪري چڙهيون آهن. ائين 5 ٽڪرن جي شڪل ٺهي بيهندي آهي. انهن جي ٻنهي حصن کي ٽن ٽن انچن جون تختيون هڻي ڊٻي وانگر ٺاهبو آهي.

ڪيا ويندا آهن. تارون جيئن جيئن ڊيگهه ۾ ننڍيون ٿينديون وينديون تيئن تيئن انهن جو آواز سنهو ٿيندو ويندو. جڏهن تہ ٿلهين ۽ ڊگهين تارن جو آواز بہ ٿلهو هوندو آهي. اهڙي نموني ان گتين ڪي ڊلو يا ڇڪي انهن تارن مان مڌ ۽ مندر آستان جا سُر ورتا ويندا آهن.

سُر منڊل اسان جو تمام قديم ساز آهي. پر اسان وٽ ان جي وڄائڻ جو رواج ختم ٿي ويو هو. 90 سال کن اڳ (2006ع کان) قصور گهراڻي جي گوين ان ڪي وري رواج ۾ آندو. هن ساز جو ذڪر آئين اڪبري ۾ آهي ۽ ان زماني ۾ رواج هيٺ هيو. خاص طرح استاد بڙي غلام علي خان سر منڊل تي ڳائيندو هو. هن ۾ وڏي سهوليت آهي جو هي قدبت ۾ ننڍو ٿئي ٿو. بجاءِ جو ماٺهو تانپورو کڻي. ان کان علاوه هن مان گهربل آس بہ آساني سان مليو وڃي. هن ۾ آروهي امروهي جا بہ سُر ترتيب ڏئي سگهجن ٿا. مطلب تہ گهڻن حالتن ۾ هڪ گويي لاءِ بهتر آهي. هن ساز کي آگرين سان وڄائبو آهي.

ماضي قريب ۾ پنڊت شو ڪمار شرما، هن کي 91 تارون ۽ 31 بند ڏئي جديد بنايو آهي، جنهن جي ڪري هن جي لاڳيتي وڄت برقرار ٿي پئي آهي. هي ساز پاڪستان ۾ مهدي حسن پاڻ سان رکندو آهي. ڪشمير جا سڀ راڳي هن ساز کي وڄائين ٿا. هي ڪلاسيڪي نيم ڪلاسيڪي غزل ۾ گهڻو استعمال ٿئي ٿو.

سنڌري تال (وڄت)

هي تال محترم منظور نقوي جو ايجاد ڪيل آهي. هي طبلي ۽ پکاوج جو تال آهي. ڏهن ماترائن جي هن تال جا ٻول هي آهن.

تت ڪت ڌي-	اي ن نا آ-	ڪ تا آ.
(3 ماترائون)	(4 ماترائون)	(3 ماترائون)

هي تال جهپ تال کان مختلف آهي. هي بلمپت لئي ۾ وڄائڻ گهرجي.

سنڌي پيروي (راڳڻي)

آساوري ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي آهي. مندر ۽ مڌ آستان کان هن راڳ کي ڳائڻ گهرجي. پنچم کي کرج ڪري پيروي وارا سُر لڳن ٿا.

آروهي: ساري گا ما پا ڌا نا سا.

امروهي: سا نا ڌا پا ما گاري سا.

وادي سر:

سموادي سر:

وقت:

سنڌڙو (راڳڻي)

راڳداري جي ڪتابن ۾ هي راڳڻي سنڌورا، سنڌوئي، سيندورا وغيره جي نالي سان موجود آهي. هي نج سنڌي راڳڻي آهي. ڪلاسيڪي راڳ ۾ سندس آروهي، سا، ري، ما، پا، ڌا، سا ۽ امروهي: سا،ني، ڌا، پا، ما، گا، ري، سا.

مقامي طور هي سمپورن راڳ آهي. جيڪو ڪماچ ۽ پهاڙي جي امتزاج مان راس ٿيو آهي. هي سر ڪافين جي گائيڪي لاءِ مخصوص آهي.

سنڌي راڳ ۽ تال (ڪتاب)

هن ڪتاب جو ليکڪ سنڌي راڳ جو ڄاڻو محترم سيد منظور نقوي آهي. خالص سنڌي موسيقي جي حوالي سان هڪ پلو دستاويز آهي. عنوان هي اٿس.

1. الحان
2. سنڌي راڳ جي تاريخ
3. راڳ جو سنڌي ادب تي اثر
4. آواز
5. سر
6. راڳ
7. ٺاٺ
8. سنڌي گائڪي
9. سنڌي راڳ
10. پوربي ٺاٺ مان نڪتل راڳ
11. مالوي
12. راڳ ماليگورا
13. سنڌي تال
14. سنڌي ساز

ڪل 88 صفن جو ڪتاب، جنهن ۾ ڪا به تصوير ڏنل ڪا نه آهي. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو سال 1988ع ۾ ڇپايو. هينئر اهو ڪتاب مارڪيٽ ۾ ناپيد آهي. هن جو مهاڳ ڊاڪٽر غلام علي الانا لکيو آهي.

سنڌوي/ سنڌوا

ڪافي ٺاٺ جي اوڊو سمپورن راڳڻي آهي. سندس آروهي ۾ گنڌار ۽ نڪاد ورج آهن ۽ امروهي سمپورن اٿس. آسا وري جي آروهي ۾ به گنڌار ۽ نڪاد ورج آهن پر هن ۾ ڏيوت ڪومل آهي. پيرو ٺاٺ ۾ گنڌار ۽ نڪاد ورج ٿيڻ سان

گن ڪلي جڙي ٿي. بلاول ٺاٺ ۾ انهن سرن جي ورج ٿيڻ سان درگا ٺهندي.

چال: سا، ري گا، ري ، سا، ري، ما پا، ڌي، سا، ري گا، ري، سا، ناڌي، ما پا ڌي، گا ري سا.

آروهي: ساري ما پا ڌي سا.

امروهي: سا نا ڌي ما پا گا ري سا.

وادي سر: کرج

سم وادي سر: پنچم

ڳائڻ جو وقت:

هي راڳڻي راڳ ساگر ۾ ڄاڻايل ڪا نہ آهي.

سنڌي ڀيروي (راڳڻي)

سنڌي جوڳ وانگر، سنڌي ڀيروي بہ راڳداري جو هڪ راڳ آهي، مگر سرن جي ڦير گهير ۽ چال ۾ فرق جي ڪري، هن راڳ کي گرنٿن واري ڀيروي کان جدا ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن ڳائڪي جي ڀيرويءَ کي آسا وري ٺاٺ مان ڳائبو تہ سنڌي ڀيرويءَ جي شڪل ظاهر ٿي پوندي. ڀيروي ۽ سنڌي ڀيروي جي چال ۾ بہ وڏو فرق آهي. سنڌي ڀيروي جي اترانگ ۾ مڌم تي ٽڪاءُ ڪندا آهن، جنهن ڪري نہ رڳو راڳڻي جي شڪل ڇتي ٿي بيهي ٿي پر سهڻي بہ لڳي.

ٺاٺ: آسا وري.

برن: سمپورن.

آروهي:سا ري گا ما پا ڌا ني سا.

امروهي: سا ري ڌا پا ما گا ري سا.

هي عام ورتاءَ جي راڳڻي آهي. ڪا مهل مقرر ڪو نہ آهي. هن کي سدا سهاڳڻ ڪوٺين.

سنڌي ثقافت جا امر آواز (ڪتاب)

هي ڪتاب سنڌ جي ثقافت ۽ سياحت کاتي پاران سال 2003ع ۾ ڇپايو ويو. هن ۾ سنڌ جي ڳائڻن جون سوانح عمريون ڏنل آهن. هن ڪتاب جو ليکڪ ڪمال ڄامڙو آهي. جيڪو پاڻ انهي کاتي ۾ عملدار آهي. ڪل 54 ڳائڻن جون سوانح عمريون ڏنل آهن. سونا خان بلوچ، استاد بيبا خان، عاشق علي خان، اميد علي خان، ڀڳت موٽڻ، ڀڳت ڪنور ۽ ڪوڙ ٻين راڳين ۽ گوين جي سوانح اچي ڪا نہ سگهي آهي. پوءِ بہ هي ڪتاب سوانح نگاري جي حساب سان تمام وڏو دستاويز ثابت ٿيندو. ڇو تہ اسان وٽ گوين ۽ ڳائڻن تي لکڻ جو رواج ڪو نہ آهي. هي 207 صفحن جو ڪتاب سٺي ٽائيٽل سان آهي، محترم ڊاڪٽر غلام علي الانا هن ڪتاب جو مهاڳ لکيو آهي.

سنڌي جوڳ (راڳڻي)

سنڌ ۾ ڪي اهڙا راڳ بہ آهن جن جو وجود گائڪي جي گرنٿن ۾ نٿو ملي پر انهن ۾ سرن جي ٿوري ڦير گير سان اصلي راڳن کان هڪ جدا شڪل پيدا ٿيو پوي. سنڌي جوڳ بہ اهڙن راڳن مان آهي. هي اصل ۾ جوڳيا آهي. جنهن ۾ هلڪي ڦير گير آڻڻ سان سنڌي جوڳ وجود ۾ آيو آهي. هن راڳ ۾ ڪافيءَ جون ڌنون، ڏاڍيون ٺهن. سنڌي جوڳ سمپورن آهي، پر جوڳيا ۾ رکب، ۽ ڌيوت، ورج آهن. جوڳيا، ڪماچ، ٺاٺ مان آهي. جڏهن تہ سنڌي جوڳ، ڀيرون، ٺاٺ مان نڪتل آهي. هن راڳڻي ۾ ادائيگي ۽ مختلف سرن تي ٽڪاءُ ڪيس جوڳيا کان جدا ڪري ڇڏي. سنڌي جوڳ ۾ ڪٿي تکن سرن جو ڪن لڳائڻ هن جي حسن ۾ واڌارو آڻي ٿو.

ٺاٺ: ڀيرو

برن: سمپورن

وادي سر: کرج

سموادي سر: پنچم

آروهي: سا، ري، گا، ما، پا، ڌا، ني، سا

امروهي: سا، ني، ڌا، پا،ما، گا، ري، سا

فراق ۽ ويراڳ واريون ڪافيون هن ۾ سٺيون ٺهن. سنڌ ملڪ ۾ هي راڳڻي عام ورتاءُ جي ڪري ليکي وڃي ٿي.

سنڌي روايتي موسيقي

سنڌي روايتي موسيقي ڪلاسيڪي موسيقي تان ورتل ضرور آهي پر انهي جي استفادي جي نوعيت البتہ الڳ آهي. نيم ڪلاسيڪي موسيقي جون سڀئي صنفون راڳن مان سٺيون سڌيون ورتل آهن ۽ انهن ۾ راڳ جي صورت بهرحال رهي ٿي. ملتاني ڪافي هجي يا ٺمري، دادرو هجي يا هوري، چيتي هجي يا مانڊ. اهي ڪنهن نہ ڪنهن راڳ جي بندش ۾ ڳايا وڃن ٿا ۽ انهي بندش ۾ گائيڪي جي خاص انداز مان انهن جي صورت ٺهي ٿي. سنڌي جي روايتي موسيقي جي سرن (صنفن) ۾ جيڪي نيم ڪلاسيڪي موسيقيءَ سان تعلق رکن ٿا. ڪلاسيڪي راڳن مان خاصو فائدو ورتو ويو آهي، پر انهي استفادي جي حد بندي ڪرڻ ڪجھ ڏکي ضرور آهي. تنهن هوندي بہ ان موسيقي جي خاص انداز کي سمجهڻ لاءِ انجون ڪي خوبيون ۽ خصوصيتون نظر ۾ رکي سگهجن ٿيون.

1- سنڌي سرن/ راڳڻين جي صورت ڪڏهن ڪڏهن ڪيترن ئي ڪلاسيڪي راڳن جي ميلاپ سان جڙي ٿي.

2- ڪيترن ئي راڳن کي وکر ڪيو ويندو آهي.

3- سنڌي سر گهٽو ڪري مٿين سرن ۾ ڳايا ويندا آهن

4- آروهيءَ تي گهٽو زور ڏنو ويندو آهي، ڪن صورتن ۾ تہ امروهي ظاهر ئي ڪا نہ ٿئي

5- انهن سرن مان جيڪي راڳڻيون ورتيون وينديون آهن، سي گهٽو ڪري سبتڪ جي پنجن سرن تائين محدود هونديون آهن.

6- سنڌي موسيقيءَ ۾ ڪومل ۽ تيور سرن جي ڪلاسيڪي ترتيب جي سختيءَ سان پابندي نٿي ڪئي وڃي.

جيڪي سر ڪهاڻين جي نالن تي آهن، مثلا سسئي، معذوري، سسئي آبري (ڪوهياري) راڻو، سورٺ، گهاتو، ڪارايل، ڪاموڏ، سامونڊي، سهڻي، ڪيڏارو، ڪاپائتي وغيره، اهي پنهنجو جدا جدا موضوع رکن ٿا، ۽ انهن ۾ انهيءَ موضوع جون وايون، بيت، ڪافيون ۽ ڏوهيڙا ڳايا وڃن ٿا، انهن سرن ۾ موضوع ڪان هٽيل ڪلام گهٽ ڪري نہ ڳايا ويندا آهن، تنهن ڪري جيڪڏهن انهن سرن کي مرلي، سرندي، بانسري يا بيتن تي ڳايو وڃي تہ سنڌي موسيقي جي روايت کان واقف ماڻهو راڳن جي موضوع کي هڪدم سمجهيو وڃن، جيئن تہ سنڌي روايتي موسيقي جي اوسر درگاهن ۽ درويشن جي محفلن ۾ ٿي، نہ ڪي بند بادشاهي درٻارن ۾، تنهن ڪري عام ماڻهن جي سمجهہ تي بہ سندن سڌو سنئون اثر پيو آهي، اهو تہ يقين سان چئي نٿو سگهجي تہ سنڌ ۾ موسيقي جو اهو انداز ڪهڙي زماني کان رواج ۾ آيو، پر ڏسجي ٿو تہ ٿي سو سادا ٿي سو سالن کان شاعرن جي رسالن کي راڳن جي نالي سان مرتب ڪرڻ جو رواج آهي، اها روايت هندي شاعري جي ”ڀڳتي تحريڪ“ کان متاثر نظر اچي ٿي،چاڪاڻ تہ ڪبير داس، سور داس، تلسي داس، رامداس، گرونانڪ ۽ ميران ٻائي جو ڪلام بہ راڳن جي ترتيب مطابق مرتب ڪيو ويو آهي، جيتوڻيڪ انهن جي ترتيب سنڌيءَ جي ڪلاسيڪي شاعرن جي ڪلام جي ترتيب کان ڪجهہ الڳ آهي، سنڌيءَ جا شاعر هڪ موضوع جو سمورو ڪلام هڪ سر هيٺ گڏ ڪن ٿا، پر هندي جا شاعر هڪ موضوع جي ڪلام کي هڪ هنڌ ڪٺو ڪري جدا جدا نظمن تي، ”ڏنن“ جي مناسبت سان، جدا جدا راڳن جا نالا رکي ڇڏين ٿا، سنڌيءَ جي ڪلاسيڪي شاعري جنهن جو خيال موسيقي کان سواءِ ڪري ئي نٿو سگهجي، ڀڳتي شاعريءَ جي رد عمل طور وجود ۾ آئي هئي، ڇاڪاڻ تہ ڀڳتي تحريڪ سان واسطو رکندڙ جوڳي ۽ سنياسي، هنگلاج ۽ لاهوت ڏانهن ويندي، سنڌ جي سرزمين تان نہ رڳو ضرور لنگهندا هئا پر چڱو عرصو رهي بہ پوندا هئا ۽ انهن جي زندگيءَ جو مکيہ جز موسيقي هئي، جنهن جي زبردست اثر کان انڪار ڪري نٿو سگهجي، ان اثر کي روڪڻ لاءِ اسان جي بزرگن موسيقي جو رستو اختيار ڪيو، هن علائقي ۾ موسيقي جو جيڪو انداز رائج هيو، تنهن کي باقاعدي ڪنهن صورت ۾ آڻڻ توڙي ان جي فني اوسر ۾ انهن ديني بزرگن جو وڏو توجهہ رهيو، انهن جوڳين جو فڪر، جيڪي سنڌ مان لنگهي هنگلاج ويندا هئا، تن جو ذڪر سنڌي ڪلاسيڪي شاعري ۾ تمثيلي ۽ ڪنايائي طور ملي ٿو، شاهہ لطيف جو سر رامڪلي ۾ انهن جوڳين جو ذڪر ڪليل نموني آهي، ڀڳتي تحريڪ جو اڳواڻ رامداس جنهن نہ رڳو پنهنجي عارفاڻي ڪلام ۾ جدت آندي پر موسيقي جي حساب سان بہ پنهنجي ڪلام ۾ واڌارا ۽ سڌارا آندا، سنڌ ۾ وري شاهہ عبداللطيف پنهنجي رسالي جي ترتيب وقت هن علائقي جي رائج سرن جو جائزو وٺي انهن ۾ ترميم ۽ اضافا ڪري رسالي کي سُرن هيٺ ورهيو، هن ڪيترا سر نوان بہ ايجاد ڪيا، شاهہ صاحب سورٺ، ديس، حسيني، جوڳ، ڪيڏارو سرن وغيره کي پنهنجي روايتي سنڌي موسيقي موجب ترتيب ڏنو.

سنڌي موسيقي جي تاريخ (ڪتاب)

سنڌي زبان ۾ علم موسيقي تي ڇپيل بہ ڪتاب ملن ٿا، هڪ سر ساگر ۽ ٻيو سنڌي موسيقي جي تاريخ، هن ڪتاب جو مصنف سنڌ جو وڏو اديب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ آهي، ڪتاب شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ مرڪزوارن سال

1987ع ۾ ڇپايو. هن ۾ ڪل چوڏهن باب آهن. جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.

1- قديم درو ۾ سنڌي موسيقي جا اهڃاڻ.

2- اوائلي تاريخي دور ۾ سنڌي ۽ ايراني موسيقي جو پيوند.

3- اوائلي اسلامي دور ۾ سنڌي موسيقي جو وچ مشرق ۽ اندلس ۾ پهچڻ.

4- هند جي قديم راڳ ۽ هندوستاني ۽ سنڌي موسيقي جو سلسلو

5- سنڌي موسيقي جي نوعيت

6- سنڌ ۽ هند جي راڳن ۾ مسلسل ميل سان نون راڳن جو اسرڻ

7- سنڌي راڳ جي روايت ۽ شاهه عبداللطيف

8- شاهه عبداللطيف، موسيقي جي نئين نظريي جو باني مباني

9- شاهه جي راڳ جا تاريخي دور

10- شاهه جو راڳ

11- ڪافيون ۽ ڪافين جي موسيقي

12- سماع ۽ قلبي سڪون واري موسيقي جا سلسلا

13- موجوده دور ۾ هلندڙ ديسي ڳائڻ ۽ سروار موسيقي

14- ڪلاسيڪي موسيقي ۽ گوياڻو راڳ

سنڌي موسيقي تي جامع ڪتاب آهي، هن ڪان اڳ يا وچ واري عرصي ۾ سنڌي موسيقي تي ڪو ٻيو اهڙو سنجيده ۽ عالماڻو ڪتاب نہ لکيو ويو آهي.

سنڪرا ڀرن (راڳڻي)

بلاول ٺاٺ جي ڪاڊو راڳڻي آهي، مڌم سُرورج آهن. ڪن پنڊتن وٽ اوڊو آهي. يعني رکب ۽ مڌم ٻئي سرورج آهن. هن ۾ بهاڳ جي صورت نظر اچي ٿي، هي اترانگ جي راڳڻي آهي، رکب دربل آهي.

امروهي: ساري ڳي پاني ڌي سا

امروهي: ساني ڌي پاڳي، ني ڌي پاڳي ري سا

وادي سر: گنڌا- مڌم

سموادي سر: کرج

وقت : رات جو ٻيو پهر پرڪن پنڊتن وٽ صبوح. اڄڪل هي راڳڻي ڳائڻ ۾ ڪا نہ ٿي اچي، راڳ ساگر ۾ هن جي آروهي، ني ني پاڳي گي پاري گي ري ني ري سا.

امروهي پاپاگي پاني ني ري گي ري ني ري سا.

جڏهن ته EMI وارن جي ڪڍيل ڪيسٽ ۾ هن ڪي اوڊو ڪاڊو سمپورن راڳڻي ڪوٺيو ويو آهي، هن جو وادي سر گنڌار ۽ سموادي سر نکاد چيو آهي.

آروهي: ساگا پاني راسا.

امروهه: ساني پاني ڌا گاپا گاري سا

سنڪيرن راڳ (بيان)

اهي راڳ جن ۾ ٻين راڳڻين جي ڇانون هوندي آهي انهن کي سنڪيرن راڳ چئبو آهي.

سنک/ ڪوڏ

هي ساز اوائلي دور ۾ استعمال ٿيندڙ سازن مان آهي، جڏهن ماڻهو اجا غارن ۾ رهندا هئا، سنک هڪ وڏو ڪوڏ ٿئي ٿو جنهن جي ڇهنپ واري منهن وٽ مهارت سان سوراخ ڪڍيو ويندو آهي، چپن جي پوڪر سان سنگ جهڙو تکو ۽ وڏو، ڪڏهن ٿلهو، ته ڪڏهن سنهو آواز، مرضيءَ موجب ڪڍي سگهبو آهي، آواز جو دارو مدار ڪوڏجي نِنڊ وڏائي تي به آهي، هن ۾ هڪ آواز (Mono Tone) نڪرندو آهي، جيڪو ڪنهن زماني ۾ مال ورائڻ ڪنهن جانورن کي پڇائڻ، دشمن جي حملي کان خبردار ڪرڻ وغيره لاءِ استعمال ٿيندو هو، بعد ۾ هندو مذهبي سازن ۾ شامل ٿي ويو ته فتح يا خوشيءَ جي موقعي تي وڄائبو هو.

هن وقت قلندري فقيرن وٽ يا هنگلاج جي پانڌيڙن وٽ هي ساز ڏسبو آهي، جيڪي توتاري وانگر وڄائيندا نظر ايندا آهن.

سُنگ (فقرائي راڳ)

ويهين صدي جي شروعات ۾ ڪافي ڳائيندڙن جا سُنگ ساماڻا جيڪي پنهنجي مرشد، استاد شاعرجو ڪلام، گڏجي سنگ ڪري ڳائڻ لڳا، هنن اهو ڪلام شوق، جوش جذبي ۽ محبت مان ڳاتو، هنن سُنگن توحيدي ڪلام ڳايا، جن کي صوفي ڪلام چيو وڃي ٿو، ڪن سنگن جو ذڪر هتي ڪجي ٿو اتر ۾ فقير صوفي رکيل شاهه مريدن جو سُنگ وٺي جهوڪ ميدان ايندو هو، سنڌ جي وچين ڀاڱي ۾ جهانيان پوٽن جي درگاهه جا فقير گڏجي ڳائڻ لڳا، پهريائين جهانيان جي درگاهه جي گادي نشين قطب شاهه ۽ روشن علي شاهه جا ڪلام ڳايائون ۽ پوءِ مهدي شاهه، شاهپور جهانيان واري جا. مهدي شاهه پاڻ پنهنجي سنگ جي اڳواڻي ڪندو هو، سڀ کان وڌيڪ مشهور سنگ محمد فقير ڪتياڻ جو ٿيو، جيڪو جوش، جذبي مستي ۽ مدهوشي سان ڪلام ڳائڻ ۾ سڄي سنڌ ۾ مشهور ٿيو، محمد فقير ڪتياڻ پنهنجي اعلي فهم، فڪر، خودي، رندي ۽ قلندري شان سان پنهنجي سنگ جي ترتيب ڪئي. اهڙي نموني ويجهي دور ۾ سهراب فقير جو سنگ ۽ ٻيا.

هي فقير هٿ ۾ يڪتارو کڻي گڏجي ڳائين، يڪتاري سان چپڙي يا کڙتال، ان سان دلويا گهاگهر، متين سنگن وارين محفلن ۾ پکواز وڌيڪ مقبول ٿي، ڪن سنگن هار مونيم به ڪنيو، ڪن ڏنڊي کي گهنگهرو ٻڌي هڪ

هٿ سان يڪتارو ۽ ٻئي هٿ سان ڏنبو وڄايو، هي سنگي فقير گيڙو رتا ڪپڙا پائين.

سنگيتا شنڪر (ساز نواز)

ڊاڪٽر سنگيتا شنڪر هڪ نوجوان وائلن نواز آهي، جيڪا سال 1965ع ۾ پيدا ٿي، سندس والده بہ هندوستان جي وڏي وائلن نواز آهي، جنهن کان هن وائلن وڄائڻ جي تعليم ورتي.

ائين ڊاڪٽر سنگيتا جو سڄو خاندان وائلن نواز آهي، سندس امڙ ڊاڪٽر اين رنجم سندس ڏاڏو وڏوان نيتر نالي پرجيڪو هندوستاني توڙي ڪرناٽڪي سنگيت جو وڏو نالو آهي، سندس چاچو پروفيسر ٽي اين ڪرشنا. پڻ وائلن وڄائڻ ۾ وڏي مهارت رکي ٿو، پاڻ پنهنجي ماءُ جي گائيڪي جو اثر ورتو اٿائين، 13 سالن جي ننڍڙي عمر ۾ ماءُ سان جوڙيءَ ۾ وائلن وڄائڻ شروع ڪيائين، پاڻ بنارس هندو يونيورسٽي مان موسيقي ۾ ڊاڪٽر جي ڊگري ورتي اٿائين، پاڻ هندوستاني توڙي ڪرناٽڪي موسيقي ۾ وڏي ماهر آهي، هن جا ڪيترائي البم الڳ توڙي جوڙيءَ ۾ مارڪيٽ ۾ آيا آهن، دور درشن ٽيليويزن تان ”سر سراغا“ نالي پروگرام ڪندي آهي، مشهور فليوٽسٽ رونو مجمدار سان بہ هڪ البم تازو مارڪيٽ ۾ آيو اٿس، سرجو سفر جاري آهي.

سنياس

سنياس ان سرجو نالو آهي، جنهن تي راڳ جو پهريون حصو ختم ٿيندو آهي.

سواري (وڄت)

هي 32 ماترائن جو تال آهي

ٺيڪو

1 2 3 4 5 6 7 8 9 10 11 12 13 14 15 16 17 18 19 20

ڌي اي نا آ ڌي اي ڌي - اي نا آ ڌي ڌي نا ڌي ڌي نا، تن ترڪٽ تِن تِن

21 22 23 24 25 26 27 28 29 30 31 32

نا نا تو- نا ڪت تا ترڪٽ ڌي نا ڌي ڌي نا

سوامي هري داس

سوامي هري داس هندستان جي اترين علائقن جي ڪلاسيڪي موسيقي تي تمام گهڻو اثر ڇڏيو، هندستان جو عظيم گائيڪ ميان تان سين بہ سندس شاگرد هو، پاڻ 1486ع ۾ پيدا ٿيو، 25 سالن جي عمر ۾ سنياسي بڻيو، سندس پيءُ جو نالو گنگا ڌر ۽ ماءُ جو نالو چترا ديوي هو، پاڻ ڏسڻ جي قوت کان محروم هو.

سوامي هري داس راجا مان سنگهہ جي درٻار سان وابستہ هو، ساڳي درٻار سان نائڪ بخشو ۽ بيجو باورا بہ لاڳاپيل هئا، هري داس 1575ع ۾ گذاري ويو.

سورٺ (راڳڻي)

ڪماچ ٺاٺ جي اوڊو ڪاڊو راڳڻي آهي، گنڌار هن ۾ ورج آهي. آروهي ۾ رکب ۽ ڌيوت نہ لڳائڻ گهرجي، امروهيءَ ۾ گنڌار ڪان سواءِ سڀ سُر لڳائبا، مڌم گرھ جو سر آهي، نکاد نياس جو سر آهي، ٻئي نکادون لڳن ٿيون.

خاص تان: ساري ري، ماپا، ماري، ري سا، ني ري سا ماري سا

اروهي: ساماري ماپاني سا

امروهي: سانا ڌي پاماري

وادي سر: رکب

سموادي سُر : ڌيوت

ڳائڻ جو وقت: رات جو ٻيو پهر

سويو ڀڳت (ڀڳت)

هي ڀڳت سن 1890ع ڌاري اُڏيري لعل ۾ ڄائو، اتي ئي نپنو وڌو ٿيو. سُرتار جو تمام پڪو هو، هي اڪيلي سر ڀڳت وجهندو هو، سريلي آواز هجڻ ڪري خاص مقبوليت حاصل ڪيائين. گهڻو ڪري سندس ڀڳت جو مرڪز حيدرآباد ۽ اوس پاس جا ڳوٺ هوندا هئا، اتي درگاهن ۽ فقيرن جي اوتارن تي ڀڳت وجهندو هو. 1942ع ۾ ڳائيندي ڳائيندي دل ٽٽي پيس.

سورٺ (سنڌي راڳڻي)

الياس عشقي صاحب لکي ٿو تہ ڪلاسيڪي موسيقيءَ جو مشهور راڳ آهي، ديس سان مشابهت رکي ٿو. جبار جوڻيجو صاحب هن کي ڪماچ ٺاٺ جي راڳڻي سڏي ٿو. ديس جي آروهي ۾ گنڌار ورج هجڻ ڪري ان جو روپ ٺاهيو ويندو آهي.

آروهي: ساري، ما، پا، ني سا.

امروهي: ساني، ڌا، پا، ما، ري، سا. الياس عشقي صاحب جي چوڻ موجب عام طرح سنڌ ۾ ڳائڻا ديس ڳائيندا آهن ۽ ان کي ئي سورٺ چوندا آهن.

محترم عبدالجبار جي چوڻ موجب هن راڳڻي ۾ ٻئي نکادون ڪومل ۽ باقي سڀ سرشڌهوندا آهن. آروهيءَ ۾ ڌيوت ورجت ۽ امروهي ۾ گنڌار ورجت آهن.

قسم :اوڊو، ڪاڊو

وادي سر: رکب

سموادي سر: ڌيوت - پر ڪن جو خيال آهي تہ سموادي نکاد هجڻ گهرجي

وقت: رات جو ٻيو پهر

خاص تان: سا- ري — ما — پا- ڌاپا- ما- ري- سا

هن راڳڻي ۾ سنڌي ڪافيون ۽ ڏنون ڳائجن ٿيون. شاهه جي رسالي جو داستان راڻڏياڇ هن سر ۾ ڳائبو آهي، سنڌ جي مقبول راڳڻي آهي.

سور داسي ملهار (راڳڻي)

ڪافي ٺاٺ جي اوڊو ڪاڊو راڳڻي آهي، آروهي توڙي امروهي ۾ گنڌار گپت (لڪل/ لڪايل) آهي. ليڪن ورج ڪونه آهي، جڏهن ته ڌيوت گنڌار دربل هوندا آهن، ته سارنگ جو شڪ پيدا ٿيندو آهي، ان ڪري سارنگ کان جدا ڪرڻ لاءِ ڌيوت جي لڳي ڏيندا آهن، مڌم ۽ رکب جي سنگت جي ڪري سورٺ جي شڪل پيدا ٿئي ٿي، پر سورٺ ۾ ڌيوت ڇٽو هٽبو آهي، ان لاءِ هي سورٺ کان به الڳ بيهي ٿو. ڪي پنڊت چون ٿا ته هي راڳڻي مڌمار ۽ ملهار ملائي ٺاهي وئي آهي، جيڪا ڳالهه ڪنهن حد تائين صحيح آهي، هن کي سور ملهار به چوندا آهن. هي راڳڻي پراڻن گرنٿن ۾ ڪا نه آهي، اڪبربادشاهه جي دور ۾ بابا سورداس جي جوڙيل آهي.

تان: ناسا، ري ما، پا، ناڌي پا، ماري، سا، ري پاڳا، ماري، سا، ناسا، ري، ماپا، ناڌي پا، ري ماپا، ناڌي پا، ماپا، سا، ني، سا، ري، سا، ناپا، ماري، سا، ناسا، ري پا، ماري سا.

آروهي: ساري ماپاني سا

امروهي: ساناپاما، ناڌي پا، گا، ماري، سا.

وادي سر: مڌم

سموادي سر: کرج

ڳائڻ جو وقت: برکا رت

سول فاختہ تال (وجت)

10 ماترائن جو تال آهي، هن ۾ ٻن ٻن ماترائن جون پنج تاليون آهن، جنهن ۾ ٽين ۽ نائين خالي آهي.

پهريون ٺيڪو

+ 0 2 3

ڪٽ تڪ تٽ تڪ ڌن ڌا آ ڌت

1 2 3 4 5 6 7 8

ٻيو ٺيڪو

+ 0 2 3 0

داتت ٽاڌا تت تا تت تڪ گر گن

ٽيون ٺيڪو

+ 0 2 3 0

ڌن ڌن ڌا ترڪٽ ڌن ڌن ڌن ڌا ترڪٽ تن نا

سونا خان بلوچ (راڳي)

سونا خان بلوچ جو شمار سنڌ جي ڪلاسيڪل راڳين ۾ بہ ڪري سگھجي ٿو. پاڻ 1933ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪري انٽر ڪيائون، ماتا جي بيماري سندس اکين جو نور کسي ورتو. ڇهڻ واري طريقي سان بي. اي پاس ڪيائين ۽ بمبئي ۾ راڳ وديا جو اسڪول کوليائين. جلد سنڌ موٽي اچي سکر جي ٽرننگ ڪاليج ۾ ميوزڪ جي استاد جي حيثيت ۾ نوڪري ڪيائين. سندس آواز سڄي سنڌ ۾ مقبول هو. سندس دور ۾ ماسٽر چندر، ڀڳت موهن ۽ ڪنور ڀڳت رام جهڙا عظيم فنڪار موجود هئا. سندس آواز ۾ هڪ خاص ڪشش ۽ سوز هو.

سونا خان ساڳي وقت صحافي جي حيثيت سان بہ خدمتون سرانجام ڏنيون. سکر مان سچ، عالمگير ۽ طوفان جو ناشر ۽ ايڊيٽر رهيو ۽ آخر تائين اخباري دنيا سان وابستہ رهيو. 2 آڪٽوبر 1972ع تي هي جهان ڇڏيائون.

سوها (راڳڻي)

ڪافي راڳ جي ڪاڏو راڳڻي آهي، هن جي آروهي امروهي ۾ ڏيوت سر ورج آهي، اترانگ ۾ سارنگ جو روپ مگر پور وانگ ۾ گنڌار جو سر لڳڻ ڪري سارنگ ڪان الڳ تي بيهي رهي ٿي. مڌم نياس جو سر اٿس. درباري ۽ ميگهہ جو مرڪب آهي، جيئن رات جو اڙانا ڳائي ويندي آهي، بلڪل ائين ڏينهن جو سوها ڳائي ويندي آهي. سوها اترانگ ۾ سارنگ آهي، يعني ڏيوت جي نہ هجڻ سبب سارنگ معلوم ٿيندو. اڙانا ۾ ڏيوت جو سر موجود آهي. سوها پو روانگ جي راڳڻي آهي، اڙانا، اترانگ جي.

تان: ماما، پا، گا، ما، ناپا، گا، ماري، سا، ساري سا گا، ماپا، گاگا، ماري سا.

آروهي: ساري ماگا، پاناسا.

امروهي: سا نا پا ما گاري سا.

وادي سر: مڌم.

سموادي سر: کرج

وقت: ڏينهن جو ٻيو پهر

سهراب فقير (ڳائڻو)

سهراب فقير 1934ع ڏاري ضلعي خيرپور ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو حمل فقير هو. پاڻ ٽالپر وڏا تعلقي ڪوٽڏيجي جا رهاڪو آهن. اٺن ڏهن سالن جي عمر کان ڳائڻ شروع ڪيائين. ابتدا ۾ صوفي خوش خير محمد هيسباڻي جا ڪلام ڳائيندو هو. هن ڪجهہ درجا پرائمري جا بہ پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيا. راڳ جي سکيا دوهڙي ۾ پٽيالا گهراڻي جي استاد ڪيتي خان کان ورتائين. پهرين هو استاد سان گڏ طبلو وڄائيندو هو. 85 – 1984ع ۾ درگاهہ شاهہ لڏاڻي جي ميلي تي ريڊيو جي پروڊيوسر نصير احمد سومري ڪيس ٻڌو. هن پهريون خوش خير محمد جو ڪلام " پرين الاهہ...... آڻي تون آءُ ، ۽ ان کان پوءِ غمدل فقير جو ڪلام ، ڳليان عشق نگرديان" رڪارڊ ٿيو جيڪو سندس مقبوليت جو سبب

ٻڌيو. جلد ئي سچل جي ميلي تي حميد آخوند ۽ ممتاز مرزا جي نظر ڪيس تاڙي ورتو. جن هن کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچايو.

هن ٻاهرين ملڪن برطانيه، ناروي، بيلجم،جرمني، هالينڊ، فرانس، اٽلي، ڊينمارڪ، سئٽزر لينڊ، سعودي عرب، دبئي، ايران، ۽ هندستان ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. انهي وچ ۾ اعجاز عليم عقيلي سچل جو ڪلام "گهنڊ کول ديدار وڪا" رڪارڊ ڪيو. جيڪو ڈاڍو مقبول ٿيو. سهراب فقير شاهه، سچل، مصري شاهه، خوش خير محمد وغيره جو ڪلام سيني درگاهن تي ڳايو. ڪيس شاهه لطيف ايوارڊ، سچل سرمست ايوارڊ مليا آهن.

سهڻي (راڳڻي)

ماروا ٺاٺ جي ڪاڊو راڳڻي جنهن ۾ پنچم جو سر ورج آهي، اترانگ جي راڳڻي آهي، هن راڳڻي ۾ ڊيوت ۽ گنڌار جي سنگت رهي ٿي، رات جي پوئين پهر جي راڳڻي آهي، مندر ۽ مڌاستان جي سرن ۾ ڳائبي ته پوريا ٿي پوندي، هن کي تار آستان جي ڪرج تي ڳائڻو آهي، جو ته پهرئين پهر رات جو مٿين سرن تي ڳائڻ ۾ هڪ عجيب سرور ٿئي ٿو.

تان: گي مي ڌي، گي مي گي، راسا، نيسا، گي گي، مي گي، مي ڌي ني سا، ڌي ني سا، راسا، ني ڌي مي ني، مي گي مي گي راسا.

آروهي: ساگي ڌي ني سا

امروهي: ساني ڌي مي ڌي گي، مي گي راسا

وادي سر: ڌيوت

سموادي سر: گنڌار

وقت: رات جو پويون پهر

سر ساگر هن راڳڻي کي اوڊو ڪاڊو راڳڻي لکندي آروهي سي مي ڌي ني سا ۽ امروهي سا ڌي مي ڌي، گي مي گي راسا، ڄاڻايو آهي، هي سنڌي پرڪاش جي راڳڻي آهي، جنهن کي شاهه عبداللطيف ۽ ان جي پيروڪارن گهڻو ڳايو آهي.

سيٺ وشنداس نهال چند (موسيقيءَ جو مداح)

سيٺ وشنداس نهال چند پاروائي 1843ع ۾ ڳوٺ مانجهند تعلقو ڪوٽڙي ضلعي دادو (هاڻي جامشوري تڏهن ڪراچي) ۾ ڄائو. هي سنڌ جي انگريزن طرفان فتح جو سال هو. نهال چند وڏو واپاري هو. جو مانجهند جا واپاري رڳو هندستان نه پر دنيا تي ڇانيل هئا، نهال چند پنهنجي پيءُ تولامل جو اڪيلو پٽ هو. جيڪو 1798ع ۾ ڄائو. وشنداس وڏو تاجر ۽ پلوڙ زميندار هجڻ سان گڏ گلاب داس جو مريد هو. جنهن ڪري انسانيت جي ڀلي لاءِ اتم ڪم ڪيائين، هن قرآن شريف، ڪريما، وشن وهنارڪ، وشن پرڪاش، وشن گنج ڪتاب ڇپائي مفت ورهايا، ڪيس موسيقيءَ سان جنون جي حد تائين پيار هو. ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ مان سنت ۽ موسيقي جا ماهر هن وٽ ايندا هئا، ماهر ۽ ڳائڻا سندس گرو، گلاب داس جي دربار ۾ شرڪت ڪرڻ ايندا هئا، جتي آفاقي موسيقي جون محفلون ٿينديون هيون. اتي گهڻو ناچ

بہ ٽيندو هو. وشنداس نچڻ ۾ وڏي مهارت حاصل ڪئي، پنجاب جو هڪ نوجوان ڳائڻو هادو خان، جيڪو تمام ماهر ڳائڻو هو ۽ ستار بہ سٺي وڄائيندو، هن وٽ رهندو هو. هادي جي پيءُ جو نالو احمد خان هو. هادي خان سموري حياتي وشنداس سان گڏ گذاري، هادي خان کي مانجهند ۾ سينڌي خان ناليِ پٽ ڄائو جيڪو وڏو ٿي وڏو گويو ۽ ستار نواز ٿيو. وشنداس جتي بہ هوندو هو تہ هر روز موسيقي جي محفل منعقد ڪندو هو. يارنهن هنڌن تي هن جا ڪاروباري اڏا هئا. هر اڏي تي ڳائڻ نچڻ لاءِ هڪ وڏو هال تهيل هوندو هو جنهن کي ”وشن سڀا“ ڪري سڏيو ويندو هو. هال سان گڏ شاعرن، موسيقارن ۽ ناچن لاءِ رهائشي ڪوارٽر بہ تهيل هوندا هئا. هن هرهڪ هال کي هادو خان جي ماڙي ڪري سڏيو ويندو هو. ڪراچيءَ ۾ ميريويدر ٽاور لڳ لڪمي‌داس گهٽيءَ ۾ هڪ زبردست هال هو. جنهن ۾ غاليچا وڇايل، شيشي جو ڪم ٿيل، ڳائڻ لاءِ طول وهاٽا رکيل، آيلن لاءِ ڪرسين جو انتظام ٿيل هو. هرهڪ اجلاس ۾ سڀ ڳائڻا شريڪ ٿيندا هئا. وشن داس پهريان پنهنجي شاعري پڙهندو هو ۽ ان ڪانپوءِ موسيقي شروع ٿيندي هئي. هي سڀا هفتي ۾ بہ دفعا لڳندي هئي.

هادي خان ۽ سندس پٽ سينڌي خان ڪان سواءِ ٻيو معروف راڳي گامڻ خان هو. جيڪو شادي خان جو پٽ ۽ سندس تعلق بہ امرتسر جي شهر فتح ڳڙهہ سان هو. اهو بہ سيٺ وشنداس وٽ ملازم هو. بعد ۾ پنهنجي پٽ مبارڪ علي سان گڏ شڪارپور وڃي رهيو. مبارڪ علي مانجهند ۾ ڄائو. موسيقي جي دنيا جي ٽين اهم شخصيت امير بخش خان هو. جنهن کي پيارو خان پٽ مانجهند ۾ ڄائو. ان مان اميد علي خان پيدا ٿيو. اميد علي خان بہ وشن نگر مانجهند ۾ ڄائو. هادو خان، سينڌو خان، گامڻ خان، امير علي خان هندوستاني آهن. اهي سيٺ وشنداس تاتيا، نپايا وڏا ڪيا. اهو وري اسان سنڌين لاءِ فخر جو مقام آهي، پر هنن بہ سنڌ سان حلال پائي ڪئي، منظور علي خان ساڳي خاندان جو فرد هو ۽ شاهہ جي ڪلام کي هر هنڌ ڳايائين ۽ سنڌي موسيقي جو وڏو نالو آهي.

وشنداس وٽ وشن سڀا ۾ عورت ڳائڻين بہ پنهنجا جوهر ڏيکاريا پر هن انهن کي رهايو ڪونہ. دان ڏئي هٽ ٻڌي سواري ڏئي روانو ڪندو هو. انهن ۾ ڪراچي جي جهنڊي، حيدرآباد جي موتي جان ۽ حياتان، لاهور جي الهہ جوائي ۽ الهہ رکي هيون. هنن کي ڪلاسيڪي موسيقي تي عبور هيو. وشنداس ويجهڙي دور ۾ واحد سنڌي ٿو نظر اچي جيڪو دنيا جو وڏو واپاري ڪلاسيڪي موسيقي جو وڏو ماهر ۽ هندوستان جو تمام وڏو ناچو هيو. پاڻ بہ وڏو فنڪار هو تہ وڏا فنڪار بہ سندس حاضري ۾ رهندا هئا. 1909ع ۾ وشنداس مانجهند ڇڏي حيدرآباد ۾ رهڻ لڳو تہ هر سال موسيقي جو وڏو ميلو 5 ڏينهن هٽائيندو هو. جن ۾ هند، سنڌ جي پلوڙ راڳين ۽ سازندن کي شرڪت جي دعوت هوندي هئي، پاڻ وڏو سماج سڌارڪ هو. ڪيترين اسپتالون جوڙايائين، جتي ڏکر پوندو اتي پنهنجو دڪان کولي ماڻهن کي ڪاڏي پيتي جون شيون سستي اگهہ ۾ ڏيندو.

نيٺ موت نہ مڙيو 7 جنوري 1929ع ۾ رات جو ستو تہ ابدي ننڊ سمهي پيو. ڪيس تي پٽ هئا. هرچندر (جيڪو آل انڊيا ڪانگريس جو اهم اڳواڻ هو) سربچند ۽ اوڌو داس.

سيد سليمان شاهه (راڳي)

منڍ ۾ پڳتن سان، پوءِ پنهنجو ٽولو ٺاهي سنڌ جي ميلن ملاڪڙن ۾ نچندو هو، هو ڪافي عرصو سنياسين سان هليو ويو، جن کان هن ڳائڻ جو انداز سکيو، سليمان شاهه 1933ع ڏاري عبدالله شاهه بخاري جي گهر ۾ ڳوٺ ٽنڊو خواجه تعلقو جاتي ضلعي ٺٽي ۾ پيدا ٿيو، پر پوءِ هو بنوري ۾ رهڻ لڳو، اي بي پرواني کان هن ڪٿڪ ڊانس جا سبق به ورتا جيڪو رئيس ڪريم بخش نظاماڻي وٽ ماتليءَ ۾ فلم ايڪتا ٺاهڻ جي سلسلي ۾ آيل هو، اڳتي هلي سليمان شاهه پرواني سان گڏ ٿيٽر ڪولي ۾ ان پائيواري ڪئي.

سيد سليمان شاهه بلاول بيلجم، فيروز الدين ۽ ايس گل جي موسيقي ۾ ڳايو به ۽ پرايو به، هو غلام حيدر موسيقار جو شاگرد هو، ”ول ول قتل ڪريندا“ بلا شاهه جي ڪلام ڪيس شهرت جي بلندي تي پهچايو، ريڊيو ۽ ٽي وي تي امداد خواجه ۽ ٽي وي تي عبدالڪريم ڪيس متعارف ڪرايو، سليمان شاهه شهُرو فيروز، فلم چاندوڪي ۽ نوري ڄام تماچي ۾ اداڪاري به ڪئي، اردو فلم ”جهڪ گيا آسمان“ جا گانا به ڳايا، هن ڪيترن ئي ٻاهرين ملڪن جو دورو ڪري پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو، سندس ٻه شاديون ٿيل هيون، پر پٽ جو اولاد ڪو نه هوس، فقط هڪ نياڻي جو اولاد ٿيس، سندس شاگردن ۾ امير بخش ميراڻي، مولا بخش مگڻهار ۽ ڪاروشيخ شامل آهن.پاڻ 18 آگسٽ 1996ع ۾ دل جي اوچتي دوري سبب وصال ڪري ويو.

سينڌو خان، استاد (ڳويو)

استاد سينڌو خان 1897ع ۾ مانجهند ۾ ڄائو، سندس والد حدو خان هند جو وڏو ڳائڪ هو، جنهن کي سيٺ وشنداس پاڻ وٽ رهايو، سنڌ ۾ جمڻ ڪري سندس نالو ئي سنڌي خان رکيو ويو، جيڪو ڦري سينڌو خان ٿيو، استاد سينڌو خان ڳائڻ ۽ ستار وڄائڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو، نهايت سنجيده ۽ سنڌي تهذيب جو عاشق هو، ڊاڪٽر نبي بخش خان لکي ٿو ته محمد فقير کٽياڻ جو مٽس گهٽو اثر هو، هو ساڳئي وقت اديب، خطاط، شاعر ۽ موسيقيءَ جو عالم هو، دربيان موسيقي هند نالي رسالو لکيائين، جيڪو مون اتاريو آهي، استاد سينڌي خان سال 1935ع ۾ ڳوٺ محمد فقير کٽياڻ ۾ وفات ڪئي، ڪيس اتي ئي دفن ڪيو ويو.

شازيه خشڪ (فنڪاره)

شازيه خشڪ سيپٽمبر 1970ع فاروق احمد مرزا جي گهر ڄامشوري ۾ ڄائي، سندس والد سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ملازم هو، 1986ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان ايم اي ڪيائين، شايد ان سال ئي سندس شادي محمد ابراهيم خشڪ سان ٿي جيڪو يونيورسٽي ۾ پڙهائيندو آهي، 1992ع ۾ سلطانه صديقي هڪ مارواڙي گيت ڳارايو، ساڳي سال شاهه جي ميلي تي اسٽيج تي آئي ته ڪيس سني موٽ ملي ۽ ڄپان جي حڪومت سندس تفصيل گهريا، جو هنن کي موهين جي دڙي تي ڊاڪيو مينٽري ٺاهڻي هئي، پاڻ ڄپان وئي ريڊئي تي به 1992ع ۾ ڪوثر ٻرڙي ڪيس متعارف ڪرايو، شازيه خشڪ ڪنهن کان راڳ جي باقاعده ترتيب نه ورتي آهي، سندس چوڻ آهي ته استاد نياز حسين، فتح

علي خان ۽ رجب علي رضا کان گهڻو سکيو آهي. شازيہ جي مادري ٻولي ڪشميري آهي، پاڻ سنڌي، سرائيڪي، ٿري، اردو، پنجابي، بلوچي، براهوي، ڍاٽڪي، ميمڻڪي ۽ انگريزي ۾ ڳايو اٿس. شازيہ دنيا جي الاهي ملڪن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو آهي، جن ۾ آمريڪا، ڪينيڊا، آسٽريليا، جپان، دبئي، قطر، سنگاپور، هالينڊ، ٿائيلينڊ، مالديپ، سريلنڪا، ازبڪستان وغيره. ڪي ٽي اين تي پهريون ڪلام شازيہ جو ٽيليڪاسٽ ڪيو ويو. اها ڏمال هئي. ڪيس ڪافي ايوارڊ مليا آهن، جن ۾ آمريڪي سينيٽر ڪارول موزلي، آمريڪا ۾ سنڌ جي تڏهوڪي وڏي وزير لياقت علي خان جتوئي ۽ مشاهد حسين جي موجودگي ۾ "دنيا جي فنڪاره" جو ايوارڊ جيڪو جپان حڪومت پاران ڏنو ويو. سنڌ يونيورسٽي طرفان موسيقي ۾ فيلو شپ ڏني وئي، اها سنڌ جي پهرين يونيورسٽي آهي جنهن موسيقي ۾ پهريون پيرو فيلو شپ ڏني آهي، سندس سر جو سفر جاري آهي.

شاهه عبداللطيف ــ سنڌي راڳ جو اڳواڻ

امير خسرو هندوستاني موسيقي ۾ نظري ۽ عملي انقلاب آندو، اهڙي طرح شاهه سنڌي موسيقي ۾ وڏو انقلاب آندو. امير خسرو عربي ۽ ايراني موسيقي جي نظام ۽ ديسي هندوستاني موسيقي جي روايت کي پاڻ ۾ ملايو ۽ نہ رڳو نظرياتي پيچ گهڙ ڪئي، پر نون سرن، تالن، ليين، راڳڻين ۽ نئين طرز ادا جو عملي طور مظاهرو ڪيو. جنهن ڪري هندو ستاني راڳ مندرن، مذهبي رسمن، ڪهنين لڪتن مان نڪري هڪ زنده چيز ٿي پيو. موسيقي جي ٻن روايتن کي هڪ قالب ۾ ڳنڍڻ امير خسرو جو وڏو ڪارنامو هو. ان کان سواءِ هن "قوالي" جي صنف ايجاد ڪئي، جنهن کي منقبين ۽ مداين ڳائڻ جو ذريعو بنايو.

امير خسرو کان چار سو سال کن پوءِ شاهه عبداللطيف جو نمود ٿيو. هو امير خسرو وانگر وڏو شاعر ۽ صوفي هو. هو هڪ اهڙو محب وطن هو جنهن ان دور ۾ هلندڙ فارسي زبان کي ڇڏي عوامي زبان سنڌي کي پنهنجي فڪر جو ذريعو بنايو. امير خسرو فارسي زبان استعمال ڪئي، پر شاهه صاحب انهيءَ سان گڏو گڏ پاشا کان پڻ ڪم ورتو ۽ ديسي محاورن کي استعمال ڪرڻ ۾ جڻ خوشي محسوس ڪئي.

لڳي ائين ٿو تہ شاهه عبداللطيف کي هندوستاني موسيقي جي بنيادي اصولن جي تمام گهڻي ڄاڻ هئي. سنڌ جو قديم تخت گاهه ٺٽو مغلن جي دور جي شروعات کان وٺي راڳ ۽ راڳيندڙن جو مرڪز هو. هندستان ۾ اڪبر بادشاهه ۽ سنڌ ۾ ترخانن جي دور ۾ موسيقي ايتري قدر تہ مقبول ٿي جو چون ٿا تہ ٺٽي جي هر گهر مان سريلا آلاپ ۽ پڪواز جا ٻول گونجندا هئا ۽ اها رسم ٺٽي ۾ شاهه صاحب جي زماني تائين جاري رهي. موسيقي امير خسرو جي زماني کان ترقي ڪندي مغليہ دور ۾ عروج تي پهتي، مگر مغلن جي زوال سان گڏ موسيقي جو زوال بہ شروع ٿيو. شاهه صاحب، محمد شاهه (1719/ 1748ع) جو دورو ڏٺو. محمد شاهه جي دربار ۾ راڳ جي جڙتو طرزن ۽ تڪسالن، پراڻين زور دار ۽ مشڪل طرزن جي جاءِ والاري، انهيءَ دور ۾ ويندي صوفي راڳ پڻ قوالي جي پراڻين طرزن تائين محدود رهيو. انهن حالتن هيٺ شاهه صاحب موسيقي جي تحريڪ شروع ڪري اڳواٽي ڪئي، جنهن جو مقصد هو تہ.

1- هندوستاني موسيقي جي عربي ايراني اصليت کي قائم رکڻ ۽ اصلي راڳن کي جياري جن تي انهيءَ موسيقيءَ جي واڌاري ۽ وسعت جو مدار هو.

2- هندوستاني ڪلاسيڪي موسيقي جي ڪلاسيڪيت قائم رکڻ لاءِ ان ۾ ٻاهرين راڳڻين کي شامل ڪرڻ بجاءِ پنهنجي عام ديسي انگن کي شامل ڪرڻ.

شاه 1742ع ڌاري ڀٽ شاهه تي راڳ جو ادارو قائم ڪيو ۽ ان سلسلي ۾ هن نئون ساز ايجاز ڪيو. تمر فقيرن کي ان جو اڳواڻ مقرر ڪري هڪ جماعت ٺاهيائين جيڪا راڳ بابت سوچ ويچار ڪندي هئي، ان اداري ڪل 36 راڳڻيون چونڊيون، جن مان 30 راڳڻيون شاهه جي پنهنجي شعرن لاءِ ۽ 6 راڳڻيون ٻين شعرن لاءِ مخصوص ڪيون ، (2) اصلي عربي ايراني موسيقي ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ لاءِ هن 36 راڳڻين ۾ ”يمن“ ۽ ”حسيني“ سرن کي شامل ڪيو. (3) باقي 34 راڳڻين مان 17 هندوستاني ڪلاسيڪي موسيقي مان ۽ 17 عام مقبول ديسي ڌنن مان انتخاب هيٺ آنديون ويون. ڪلاسيڪي موسيقي مان 1- ڪلياڻ، 2- ڪنيات، 3- سري راڳ، 4- سهڻي، 5- سارنگ، 6- ڪيڏارو، 7- ديسي، 8- سورٺ، 9- بروو هندي، 10- بروو سنڌي، 11 رامڪلي، 12 بلاول، 13 آسا، 14 ڌناسري، 15 پوربي، 16 ڪاموڏ ۽ 17 بسنت، عوامي موسيقي جي ڌنن مان شاهه جيڪي راڳڻيون چونڊيون اهي هي آهن.

1- سامونڊي، 2- آبري، 3-معذوري ، 4- کوهياري، 5- راڻو، 6- ڪاهوڙي، 7- رپ، 8- ليلا، 9- ڏهر، 10 ڪاپائتي، 11- پرڀاتي، 12گهاتو، 13 شينهن ڪيڏارو، 14 مارئي، 15- ڊول مارئي، 16- هير ۽ 17 ڪارايل. انهن ايترين سارين راڳڻين جيڪي عوامي موسيقي مان ڪنيون ويون تن کي سمجهڻ ۽ پروڙڻ لاءِ وڏي مطالعي ۽ وقت جي ضرورت آهي، جيڪي ادارا ڪن. انهن مان ڪجهه راڳڻيون اسان ڪان گم ٿي ويون آهن. ڪي وسري ويون آهن. ضرورت آهي ته انهن سترهن راڳڻين جو گهرو مطالعو ڪيو وڃي.

شاهد پٽو (موسيقار)

شاهد احمد ولد لعل محمد پٽو 20 جنوري 1958ع تي شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. ميٽرڪ شڪارپور مان. انٽر 1976ع سکرمان ڪيائين. ايم اي (ايڪنامڪس) سنڌ يونيورسٽي مان ڪيائين. ننڍي هوندي موسيقي سان چاهه ٿيس ته احمد بخش مسرور بدوي ڪان ڪجهه سکيو. 1980/81ع دوران ڪراچي ۾ آيو ته محمد حسن موسيقار جي شاگردي ورتائين. ڪراچي ريڊيو تان نثار ميمڻ شيخ اياز جو ڪلام ”هڙڪ هلو ڏيمان هلو“ 1982ع ۾ رڪارڊ ڪيس. ساڳي وقت نثار ميمڻ ڪيس ٻارڙن جي دنيا جي پروگرام جو ڪمپوزر مقرر ڪيو. 1985ع ڌاري ٽي وي تي بيدل مسرور ٻارن جي پروگرام جا ٽي وي تي گيت ڳارايس. هو گٽار هارمونيم ۽ ڪي بورڊ مهارت سان وڄائيندو آهي، بيدل مسرور ۽ شاهد پٽي گڏجي وائيز گروپ نالي هڪ تنظيم ناهي، بيدل مسرور ان جو صدر ۽ شاهد پٽو ان جو جنرل سيڪريٽري ٿيو. 1991ع ڪان ٽي وي تي ڪمپوزر جي حيثيت ۾ ڪم ڪري رهيو آهي،پاڻ نثار بزمي ۽ فيروز الدين ڪان به ڪجهه تربيت حاصل ڪئي اٿس، پاڻ تمام سٺو ڪمپوزر آهي، سندس ڪمپوزنگ ۾ محمد علي

شهڪي، علڻ فقير، ارشد محمود، عالمگير، گلبهار بانو، شبانا، شازيه غلام عباس، سجاد يوسف، تعمير حسين، سينگار علي سليم، شفيع فقير، تاج مستاني، شهنيلا علي، الهڏنو خاصخيلي وغيره ڳائي چڪا آهن. شاهد پڻ موسيقي جي عالمي زبان پڙهي ۽ لکي ڄاڻي، هن وقت پي ٽي وي ڪان سواءِ ڪي ٽي اين لاءِ نغما ڪمپوز ڪري پيو. پي ٽي وي 1999/2000ع لاءِ بهترين موسيقار جو ڪيس ايوارڊ ڏنو. سندس فن جو سفر جاري آهي.

شام ڪلياڻ (راڳڻي)

هي ڪلياڻ ٺاٽ جي سمپورن راڳڻي آهي، هن کي ڪلياڻ جوئي هڪ قسم سمجهڻ گهرجي. ڪرج وادي ۽ مڌم سمر وادي سر آهن. هن راڳڻي ۾ گهڻو رنگ ڪامود جو نظر اچي ٿو. پر ڪامود ۾ نکاد ۽ گنڌار ڪمزور هوندا آهن جڏهن ته شام ڪلياڻ ۾ ائين ڪو نه آهي. اهوئي ٻنهي راڳڻين ۾ فرق آهي. هن راڳڻيءَ ۾ رکب ۽ پنچم جي سنگت وڻندڙ آهي ۽ آروهي ۾ ڏيوت سُر کي ورج ڪرڻ ۾ اچا به مزو وڌي ٿو ۽ ڪامود ڪان صورت ۾ الڳ ٿو بيهي ٿي. رکب ۽ مڌم جي سنگت سان ڪجهه شڪل گوند ملهار جي نظر ايندي آهي. پر نکاد هتي جيتري قدر صاف ڪري لڳائبو آهي اوترو صاف گوند ملهار ۾ نه لڳائبو. چتر پنڊت هن کي رڳو ڪامود ۽ ڪلياڻ جو مرڪب ڪوٺي ٿو. راڳ ساگر هن کي ڪاڏو سمپورن ڪوٺيندي سا وادي ۽ ري سموادي لکيو آهي.

آروهي: ساني ڌي پا مي پاگي ماري ني سا

ڳائڻ جو وقت: چتر پنڊت رات جو ڪو به وقت جڏهن ته راڳ ساگر شروع رات جو وقت مقرر ڪيو آهي.

شڌ سارنگ (راڳڻي)

ڪافي ٺاٽ جي اوڏو ڪاڏو راڳڻي جنهن ۾ گنڌار جو سر ورج آهي. رکب وادي ۽ پنچم سموادي سر آهن. ڏيوت چٽو لڳندو آهي. اهوئي هن کي مڌ ماڌ کان الڳ رکي ٿو. سنڌي سنگيت پاريجات ۾ سارنگ ۾ ٻئي مڌمون ۽ ٻئي نکادون لڪيل آهن. پر هيءُ مت هاڻي رواج ۾ ڪا نه آهي. ڪن پنڊتن جو چوڻ آهي ته تيور مڌم ڏيڻ سان ۽ ڏيوت گنڌار ورج ڪرڻ سان هيءُ سور سارنگ نالي راڳڻي ٿيهو پوي. هن کي ساونت سارنگ جي نالي به سڏبو آهي.

تان: سا، ري، پا، ماري، ساري، ني سا، ري، ماري، پا، مي پا، ڌي پا، ماري، سا

آروهي: ساري ماپاني سا.

امروهي: سا ڌي ناپا، ماري سا.

وادي سر: رکب.

سمر وادي: پنچم

وقت: ٻپهري.

ڪن گوين وٽ آروهي امروهي هئين به آهي. ڪن پنڊتن سارنگ ۾ تيور مڌم هٽي ڪا مود سري نالي راڳڻي ٺاهي آهي.

آروهي: ساري ما پا ڌا پاني سا.

امروهي: ساني پاما پا ڌاپا ماري ني سا.

شڌ ڪلياڻ (راڳڻي)

ڪلياڻ ٺاٺ جي اوڊو سمپورن راڳڻي آهي، مڌم ۽ نکاد جا سر آروهي ۾ ورجت آهن ۽ امروهيءَ ۾ سمپورن. گنڌار وادي سر آهي، پر ڪي رکب کي وادي سر ميجن ٿا، جنهن مت جي استادن وٽ رکب وادي سر آهي انهن وٽ پنچم سموادي سر آهي، ڀوپالي ۽ شڌڪلياڻ ۾ فرق هي آهي تہ ڀوپالي جي آروهي ۽ امروهي ٻنهي ۾ مڌم ۽ نکاد ورج آهن، جڏهن تہ شڌڪلياڻ ۾ مڌم ۽ نکاد صاف لڳندا، پر اهي مينڊ جي صورت ۾ ڏيکاربا، جيڪڏهن انهن تي بيهبو تہ شڌڪلياڻ جي بجاءِ راڳ ايمن ڪلياڻ جي صورت ۾ بيهندي.

آروهي: ساري گي پاڌي سا

امروهي:ساني ڌي پامي گي ري سا

ڳائڻ جو وقت: جيڪڏهن رکب وادي سرڪري ڳائبو تہ ايمن کان اڳ ۽ جي گنڌار کي وادي سر ڪري ڳائبو تہ ايمن کان پوءِ شروع رات.

شڌ ملهار

ڪماچ ٺاٺ جي اوڊو راڳڻي آهي، گنڌار ۽ نکاد سُرَ ورج آهن. اصل ۾ ملهار آهي، جنهن مان ڪيترين راڳڻيون مختلف نالن سان استادن ٺاهيون آهن.

آروهي: ساري ما، پا، ماپا، ڌي سا.

امروهي: ساڌي پا، ما، ري، سا.

سموادي سُر: کرج

خاص تان:خاص تان : سا، ري، ري، سا، ماما، ري پا، ما، ري، سا، ري، ساڌي پا، ڌي سا، ساري سا، ماما، پاري، ري پا، ڌي پا، ما ما، ري، سا، سا، ري ، ماما، پا، ما، پا، ڌي پا، پاري، پا، ما، پا.

ڳائڻ جو وقت:

هن راڳڻي جو ذڪر راڳ ساگر ڪتاب ۾ ڪيل ڪو نہ آهي

شرتي (بيان)

شرتي اهڙي آواز جو نالو آهي جيڪو موسيقي جي ضرورتن لاءِ مفيد ثابت ٿئي ۽ آساني سان سڃاتو وڃي، جيڪڏهن آسانيءَ وارو شرط لاڳو ڪبو تہ شرتين جو تعداد ايترو گهٽو ڪو نہ ٿيندو، ڇو تہ آوازن جي ويجهڙائپ ۽ هڪ ٻئي سان مشابهت تعداد کي وڌڻ نہ ڏيندي، شرتيون جيڪڏهن هڪ ٻئي سان مشابهت رکنديون تہ سڃاڻڻ ۾ دقت ٿيندي جنهن ڪري انهن کي شرتي سڏي نہ سگهبو، ان لاءِ پراڻي دور ۾ 22 شرتيون چنڊي چاڻي بيهاريون ويون هيون، اهي هي آهن.

1- تيبرا، 2- ڪمودتي، 3- مندا، 4- چندوتي، 5- دباوتي، 6- رنجني، 7- ڪتيڪا، 8- رودري، 9- ڪروڌي، 10- وجريڪا، 11-پرسارنڙي، 12- پرتبي، 13- مان جني، 14 شريتي، 15 اتڪا، 16- سندسپني، 17- الاپني، 18-

مدنتي، 19- روهني، 20 رميا، 21 اکرا، 22 شروبني.
اڄڪلهه جي زماني ۾ شرتين جو استعمال عمل ۾ ڪو نه ٿو اچي، ان لاءِ انهن تي گهڻو بحث اجايو ٿو معلوم ٿئي، هي رڳو عام ڄاڻ لاءِ لکيو ويو آهي. اڳي زماني ۾ شرتين جي مدد سان سر ۽ وڪرت سر قائم ڪيا ويندا هئا.

شرناءِ/ شرنائي (ساز)

سنڌ جو تمام پراڻو ساز آهي، محمد بن قاسم جڏهن سنڌ فتح ڪئي ته سنڌين سندس استقبال دهل ۽ شرنائي سان نچندي ڪيو هو، اهو واقعو اٺين صدي عيسوي جي شروعات جو آهي. ان کان اڳ به شرناءِ جو وجود سنڌ ۾ هو، چون ٿا ايراني ساز آهي.
شرنائي ٻيريا ڪرڙ جي پراڻي ڪاٺ مان ٺاهجي ٿي ۽ ڪنگور جي پتي سان وڄائبي آهي، هن ۾ سڌا اٺ سوراخ مٿان ۽ نائون سوراخ هيٺ ٿئي جنهن کي ٻاٻيهو چون. ٻاٻيهو پکي به سنڌ ۾ ٿئي. پراڻي زماني ۾ شرنائي کي ڪرنائي به چوندا هئا ۽ سرنائي به. هن جا ٽي قسم ٿين ٿا، گهزي: ڊيگهه. تمام ننڍي ٿئي محرم جا اوسارا ان تي وڄائبا آهن. شرنائي جو ٻيو قسم وچولي ڊيگهه جي ٿئي (8 انچ) ۽ مٿو ٽيون قسم. ٿنهي کان وڏو 09 انچ کن ڊيگهو ٿئي، واڌ وارو حصو اڌ انچ کن. جنهن کي ڪک چون اصل اتان شرناءِ وڄندي آهي، ڪک واري جاءِ گهٽو ڪري ٽڪندي ٿئي اتي ڪوڙي ڪنگوري جي پٿي جنهن کي زور سان ڦوڪ ڏبي ته وڄندي جيئن برسينگ گاهه مان توتاري ٺاهبي آهي، جڻ اتان ورتل آهي. ان ڪک جي مٿان چارو ريشم يا ڪپهه جو ٻڌبو آهي. ته ڪک مضبوط رهي. ڪک وري ڪنهن چپر ذريعي نلي سان اٽڪيل ٿئي جيڪا ڪنهن هڏي جي ٺهيل هوندي آهي، گول سنهي ٿئي، جيڪا چپن ۾ جهلبي ۽ اتان ڦوڪ ڏبي، ڪک، چپروري هڪ نليءَ سان گنڍيل ٿين جيڪا توتاري آواز. آواز خول ۾ رسائي ان کي ”ناري“ چون. اٺن سوراخن کي تارا سڏين. هيٺان واري سوراخ کي ٻاٻيهو چون. ڪک کان وٺي اڳتي شرنائي چون. اڳيان گول توتاري جهڙو منهن ٿئي جتان آواز نڪري، ان کي ڳانن سان يا ڏاڳن سان سينگارين. هن ساز کي سنڌ ۾ گهڻن ئي موقعن تي وڄايو وڃي، جهڙوڪر شاديءَ جي موقعي تي، محرم ۾ اوسارن تي ۽ ملاکڙي ۾ هن مان راڳداري جا سڀ سر نڪرن ٿا.سايا کرج بنيادي سر تڏهن نڪرندو جڏهن مٿان کان چار سوراخ آنگرين وسيلي بند ڪبا ۽ ٻاٻيهو بند نه رکبو. رکب جو سر ٽن سوراخن ۽ ٻاٻيهي ڪبند رکڻ سان نڪرندو.
گنڌرا جو سر ٻن سوراخن ۽ ٻاٻيهي کي بند رکڻ سان ملندو.
مڌم جو سر مٿيون سوراخ ۽ ٻاٻيهي کي بند رکڻ سان ملندو.
پنجم جو سر صرف مٿيون هڪ سوراخ بند ڪرڻ سان ملندو.
ڌيوت جو سر سيني سوراخن کي کليل رکڻ سان ملندو.
نکاد مٿيان ڇهه سوراخ ۽ ٻاٻيهو بند رکڻ سان ملندو.
شرنائي عوامي ڌنن توڙي ڪلاسيڪي موسيقي وڄائڻ جي ڪم اچي ٿي، جڏهن دهل تي ڌمال، اولنگ، شادمانو ۽

نوشاهي تال وڄايا وڃن ٿا ته شرنائي تان عام طورتي سدا رنگي خيال وڄايو ويندو آهي، ٻين تالن (دهل جي) جهڙو چيٽو، وهول ۽ جهمت وڄائين ٿا. عوامي سُرن ۾ لاڏا، سهرا، سنڌي پيروي ۽ جوڳ ۾ ڪلام ۽ طرزون وڄائجن ٿيون. ڪلاسيڪي موسيقي وڄائڻ ۾ استاد بسم الله خان تمام گهڻو نالو ڪڍيو ۽ سنڌ ۾ حيدرآبادي مگڻهارن مان بسنت زوار ۽ پياري ڳوٺ جي سليمان ۽ محمد، مگڻهار سنڌ ۾ وڏو نالو ڪمايو آهي.

شفيع فقير (راڳي)

شفيع فقير سال 1960ع ۾ ٿرپارڪر ضلعي جي ڳوٺ گيڙي ۾ ڄائو، سندس والد جو نالو مولا بخش آهي، جيڪو پاڻ به ڳائيندو هو، ان لاءِ پهريون استاد والد بعد ۾ شادي فقير کان ڳائڻ سکيو، نصير مرزا کيس 1989ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان سڄي سنڌ کي متعارف ڪرايو. ٽي وي تي به ڳائي ٿو، شاهه عبداللطيف، مصري شاهه، سچل سرمست کان سواءِ طالب المولي، خان صاحب عبدالڪريم پلي، اياز گل ۽ آڪاش انصاري کي ڳائي ٿو، سينگار علي سليم، محمد يوسف ۽ استاد منظور علي خان سندس پسند جا فنڪار آهن، هن کي پلي ڳائڻ تي چار پيرا مصري شاهه ايوارڊ، لوڪ سنگيت ايوارڊ، صوفي صادق فقير ايوارڊ، ميان جان محمد ايوارڊ به مليا آهن، ڳلي ۾ وڏو رس اٿس، سر جو سفر جاري آهي.

شفيع محمد جمن (راڳي)

شفيع محمد سال 1956ع ۾ لالو کيت ڪراچيءَ ۾ ڄائو، سندس پيءُ مهان راڳي محمد جمن آهي، پرائمري ۽ ميٽرڪ ڪراچيءَ ۾ پڙهيو، راڳ جو ماحول گهر ۾ موجود هوس، محمد جمن کيس محفلن يا ريڊيو، ٽي وي تي گڏ وٺي ويندو هو، سندس استاد به اهو ئي هو، سندس پهريون ڪلام 1983ع ۾ ريڊيو حيدرآباد تي رڪارڊ ٿيو، 1982ع ۾ ذوالفقار نقوي سنڌ سينگار پروگرام ۾ کيس پهريون پيرو ٽي وي لاءِ رڪارڊ ڪيو، 1990ع ۾ محمد جمن وفات ڪئي ته سڀ جوابداريون شفيع جي مٿان اچي پيون، سندس آواز پنهنجي پيءُ استاد محمد جمن جهڙو هو، هو پلو موسيقار به هو، ريڊيو کان سواءِ ٽي ويءَ جي سنڌ سنگيت، مهراڻ ميگ، لوڪ تماشا، ڪچهري ۽ سنڌ سينگار جو ڪمپوزر هو، سندس شاگردن ۾ ثمينه ڪنول، گل بانو، قربان سولنگي، زبير احمد وغيره شامل آهن، هن جون به ڪيسٽون مارڪيٽ ۾ آيون، شاهه عبداللطيف ڀٽائي کان سواءِ سچل سائين، حمل فقير، مصري شاهه، بيدل، بيڪس، محمد جمن هالي جا ڪلام ڳايائين، ڪافي ڪانسواءِ گيت، غزل سنو ڳائيندو هو، کيس مختلف طور اجرڪ آرٽ اڪيڊمي خيرپور ميرس، سماجي ڀلائي کاتي سنڌ ۽ شاهه عبداللطيف ايوارڊ 2002ع مليا. پاڻ 28 آگسٽ 2002ع تي ڪراچي ۾ وفات ڪري ويو، کيس محمد جمن جي پرسان دفن ڪيو ويو.

شڪل بلاول

بلاول ٺاٺ جو سمپورن راڳڻي آهي ۽ بلاول جو هڪ قسم آهي، آروهي ۾ رکب ڪمزور لڳندو، مڌم نياس جو سر اٿس، هي اترانگ جي راڳڻي آهي، ڏيوت کان مڌم جي مينڌهن راڳڻي ۾ وٽندڙ ٿئي ٿي، گور سارنگ سان ملندڙ راڳڻي آهي. لفظ شڪل جي معنيٰ آهي سفيد، روشن يا اجرو.

وادي سر: مڌم

سموادي سر: کرج

ڳائڻ جو وقت: صبح

خاص چال: گي، ما، ما، ري پا، ماگي ماري، پا، ڌي پا، ماگي ري سا.

آروهي: ساگي ما، ماپاناڌي پا، ڌي ني سا.

امروهي: ساني ڌي، ناڌي پا، ما، گي ري، ماري سا.

هن راڳڻي جو ذڪر راڳ ساگر ۾ بلاول ٺاٽ ۾ آيل ڪونہ آهي.

شڪل بلاول، اليا راڳڻي سان ملندڙ آهي، آروهي ۾ مڌم متروڪ آهي، مگر ڪڏهن ڪڏهن انوادي سر طور ڪم اچي ٿو. مڌم هن ۾ وادي سر آهي، جڏهن تہ اليا بلاول جي آروهي ۾ مڌم متروڪ آهي، مڌم جي شڪل بلاول راڳڻي ۾ نياس آهي.

شڪرتال (وڄت)

هي 17 ماترائن ۾ چئن ضربن جو تال آهي، جيڪو چئن حصن ۾ سهوليت خاطر ورهايو ويو آهي، پهرين ۽ ٻئي حصي ۾ ڇهہ ڇهہ ماترائون، ٽئين ۾ ٻہ ماترائون ۽ چوٿين ۾ 3 ماترائون ڄاڻايل آهن.

سم ڪانسواءِ 7، 13 ۽ 15 ماترا پريو تال آهي

ٺيڪو

1 2 3 4 5 6 7 8 9 10 11 12 13 14 15 16 17

ڌا آ ت ر ڪ ٿ ڌم م ت ر ڪ ٿ ت ڪ ت ڪ ٿ

+ 2 3 4

شمع ونتي (راڳڻي)

مشر ميل جي کاڏو- کاڏو راڳڻي آهي، جنهن ۾ نکاد ڪومل ۽ مڌم ورج آهي.

سرگم: گا گاري سا، ڌا ني ساري، گاپا گا، پاگاري سا، گاپا ڌاني، ڌاپا ري گا، پاگاري، ني ڌاني سا.

آروهي: ساري گاپا ڌاني سا

امروهي: سا ني ڌا پا گاري سا

وادي سر: گنڌار

سم وادي: نکاد

وقت: شام

شوراشٽ (راڳڻي)

هي پيرو ٺاٽ جو کاڏو سمپورن راڳڻي آهي، مڌم وادي سر اٿس، آروهي ۾ پنچم کي ڇڏڻ مناسب ٿيندو، نکاد دربل اٿس، اڄڪلهہ ٻئي ڏيوتون مروج آهن، اترانگ ۾ بياس سان صورت ملندڙ اٿس، جو تہ اترانگ ۾ مڌم ۽ ڏيوت جي

سنگت رهي ٿي، پور وانگ ۾ پيرو سان ڪجھ ملي ٿو، شوراشٽ ۾ ڪالنگڙو، بنگال ۽ پڇم ٺٺي راڳ مليل آهن، هن راڳ جي اترانگ ۾ شڪل بلاول جهڙي آهي.

خاص تان: سا ڌاني سا، سا، ماما، گي ما، ماگي، راسا گي ما گي، پاگي ماراسا

آروهي: ساراگي ماڌي ني سا

امروهي: ساني ڌاپا ماگي راسا

وادي سر: مڌم

سموادي: ڪرج

شومت پيرو (شومت پيروون راڳڻي)

هي مشر ميل راڳڻي آهي، يعني ٻن ٺاٺن پيرو ۽ ٽوڙي کي خوبصورتي سان جوڙي ٺاهي وئي، آروهي ۾ گنڌار ۽ نکاد تيور هجڻ سبب پيرو جو انگ ڏيکاري ٿي، امروهي ۾ مختلف هنڌن تي ساڳن سرن کي ڪومل هٽي ٽوڙي جي شڪل پيدا ڪئي وئي آهي، هي راڳ رواج ۾ گهٽ آهي، سنا گائڪ پيرو جو انگ چٽو رکڻ لاءِ ڌيوت ۽ رکب تي زياده زور ڏيندا آهن.

پلٽو : گي، گي مارا، گي پا، ماگي مارا، سا، ڌاني سا.

آروهي: سارا گي ماپاڌاني سا.

امروهي: ساني ڌاپا، ناڌا پا ما گي ما را سا

وادي: سر ڌيوت

سموادي: سر رکب

هن جو راڳ ساگر ڪتاب ۾ ذڪر تيل ڪو نه آهي.

شهانا (راڳڻي)

ڪافي ٺاٺ جي کاڏو سمپورن راڳڻي آهي، جيڪا مسلمانن جي ايجاد آهي، هن جي شڪل اڙاني سان ملندڙ آهي، شهانا ۾ ڌيوت جي لڳي ڏبي تہ اڙاني کان الڳ ٿي بيهندي، هن ۾ گنڌار سر موجود آهي، ان لاءِ سارنگ کان جدا آهي، هيءَ راڳڻي درباري ۽ ميگھ جو مرڪب آهي.

چال: نا، ڌي، نا، پا، پا، ڌي، ماپا، پا سا، نا، پاپا، گا، ماپا، گا، ماري، ماري، سا.

وادي سر: پنچم

سموادي سر: ڪرج

وقت: ٻيو پهر رات

شهنائي (ساز)

شرناءِ کان وڄت ۾ مختلف آهي، هن جي ڊيگهه 38 سينٽي ميٽر کان 42 سينٽي ميٽرن تائين ٿئي، هي ٻبريا املداس جي وڻ جي ڪاري ڪٺ ڪاٺي مان ٺاهيندا آهن. سڌائي ۾ ست سوراخ ٿين. نلي جي سري تي گول Trump جنهن کي ترپ چون، جيڪا پتل يا ٽامي جي ٺهيل ٿئي. لڳل هوندي آهي، جنهن وٽ توتاري ڪنهن سخت گاهه يا اڇڪلهه پلاسٽڪ جي ٺهيل لڳل هوندي آهي، توتاري يا تري مخصوص گاهه مان بہ ٺهندي آهي، جيڪو صرف انهي مقصد سان اتر پرديش ۾ پوکيو ويندو آهي. شهنائي ڦوڪ جو ساز آهي، ڦوڪ ڏئي توتاري مان آواز ڪڍي نلي ڏي موڪلبو آهي ۽ سوراخن تي انگريون رکي مختلف آواز ڪڍبا آهن. هن تي هلڪي ڦلڪي موسيقي/ يا آس جا سر نڪرندا آهن. پر گيت بہ ڪڍي سگهبا آهن. آواز ٿلهو ۽ پيڪيدار ٿئي ٿو. پر پلا فنڪار هن مان راڳ راڳڻي بہ ڪڍن ٿا. استاد بسم الله خان شهنائي وڄائيندو هو ۽ ان ۾ وڏو ڪمال ڪيائين. هن کي وڄائڻ ۾ ساهہ يا ڦوڪ جو ڪمال رکيل آهي. هن ساز لاءِ مختلف نظريا گردش ۾ آهن. ڪن جو چوڻ آهي تہ هي ساز اصل ايراني آهي ۽ بو علي سينا ان جو موجد آهي. هي فليوٽ جي هڪ صورت ۾ جيڪو دنيا جو قديم ساز آهي مغلن جي دور ۾ هندوستان ۾ آيو وغيره. هن کي ٽوٽا گزي ۽ آدگزي جي نالن ڪانسواءِ مُڪاويٽا، موهري مڏوڪاري، نفيري، سندري ۽ سرنائي جي نالن سان بہ ڄاتو وڃي ٿو. آئين اڪبري ۾ هن ساز جو ذڪر شهنائي جي نالي سان ڪيل آهي.

شيخ لاڏجيو سنڌي برهانپوري (ڪافيءَ جو ڳائڻو)

سنڌ مان جيڪي اهل دل ۽ اهل نظر عالم، فاضل، ترخانن جي لٽ جي ڪري برهانپور ۾ وڃي پناهگير ٿيا، لاڏ جيو انهن مان هڪ هو. خدا کيس سهڻي صورت، سهڻي سيرت کان سواءِ سنو آواز بہ عطا ڪيو هو. نغمہ سنجي سندس فطرت ۾ سمايل هئي. سنڌي موسيقيءَ ۾ مهارت حاصل هيس. خصوصاً ڪافي ۾ جيڪا سنڌ جي ڳائڻ جي مقبول صنف ۽ راڳڻي هئي. اهڙي تہ درد مان ڪافي ڳائيندو هو جو ٻڌندڙن کي حال پئجي ويندو هو. ڪافي جي اثرانگيزي جو اهو عالم هو جو مولانا شيخ مبارڪ سنڌي جو پنهنجي علم ۽ فضيلت جي ڪري قاضي جي عهدي تي فائز هو. هو بہ سنڌ مان اهو عهدو ڇڏي شيخ لاڏجيو جي محفل ۾ برهانپور پهتو. عارف، پاڪ نظر ۽ پاڪباز هو. مجاز کان حقيقت جي سفر جو مسافر هو. برهانپور جي سنڌي محلي ۾ ميسح الاوليا شيخ عيسيٰ جي پرسان رهندو هو. علامہ غوثي لکي ٿو تہ سندس هجرو ميسح الاوليا جي مسجد جي اتر واري ديوار سان مليل هو.

هن 70 سالن جي عمر ۾ سن 1007ع ۾ وفات ڪئي. کيس برهانپور ۾ شيخ ابراهيم بن عمر سنڌي جي مقبري جي پرسان دفنايو ويو.

شيخ لاڏجيو، ڪافي ڳائڻ وارن مان اوائلي ڳائڻو هو. جنهن جو احوال "برهانپور کي سندهي اوليا" ۾ ملي ٿو. جنهن مان سنڌي موسيقي جي عام طور ۽ ڪافي جي ڳائڪي جي خاص طور ڄاڻ پوي ٿي.

صوفي ڪلام (بيان)

هي رائج اصطلاح آهي، هي ڪنهن خاص صوفي شاعرجي ڪلام لاءِ مخصوص ڪونہ آهي، مگر صوفين جي ڪلام ڳائڻ کي صوفي ڪلام چئجي ٿو. صوفي ڪلام جيڪي مجاز بدران حقيقت جي راهہ ڏسين، حق ۽ حقيقت جو آئينو ڏسين، خالق ۽ مخلوق جي حڪمتن ۽ حقيقتن کي روشن ڪن، ويجهي دور ۾ صوفي ڪلامن جو هڪ محدود ۽ مخصوص مفهوم جيڪو عام طور رواج هيٺ آيو سو، اهو هوتہ يڪتاري، ڏنڊي، ۽ ڪرتال تي، ڪن خاص ڌنن ۾ جوش ۽ جذبي سان عشق جي الٽين رمزن، بره جي باتين ۽ رندي قلندرين جي مضمون وارا ڪلام ڳائجن. سيداعظم شاهہ پهريون صوفي ڪلامن ڳائڻ وارو هو، جنهن بيدل جو ڪلام تہ واهہ وهہ برهہ بنائي بازي، آزي عشق ڪرائي ٿو
يا
”هادي هردم هي مين نال، مست ومست قلندر لعل“
ڏول فقير، فقيرامير بخش، فقيرعبدالقيوم، مانجهي فقيروغيره صوفي ڪلام سيبتا ڳاتا آهن.

طبلو (وڄت جو ساز)

هند سنڌ جو مشهور سازآهي، جيڪو ڪلاسيڪي توڙي نيم ڪلاسيڪي ڳائڻ ۾ سنگت ڪري ٿو، هن جا ٻہ پڙ ٿيندا آهن، جڻ مردنگ کي وچ مان ڪپي پڙ ڌار ڪيا ويا هجن. ٻئي پڙ ڪاٺ جا ٿين، نہ تہ ٻہ مادي وارو حصو ڪاٺ جو ۽ نر وارو حصو پتل، جست، يا هلڪي اسٽيل جو ٿئي، مادي واري حصي کي ”ڏيان“، ”ساڄو“، ”سنڌو“، ”تالي“، چتون، يا پڙي چون، نر وارو حصومادي کان ڪي قدر وڏوٿئي، ان کي ٻيان ڏائو ڏگا، ڏگي، يا ڏامون چون، هن جو آواز ٿلهو ٿئي، جڏهن تہ پڙيءَ جو آواز سنهو ٿئي، پڙي جي وچ تي هڪ گول ڪارو ٽڪو يا نشان نظر ايندو آهي، ان کي سياهي، شاهي، ياگب چون، آواز مٺي ڪرڻ لاءِ اٽيءَ ۾ لوهہ جا سنها ذرا يا ميگنيز ملائي پاٽيءَ ۾ ڳوهي اهو مسالو ٺاهبو آهي، ٻنهي پڙن جي مٿان ٻڪريءَ جي ڪمايل کل چڙهيل هوندي آهي، اها وري چمڙي جي رسين ذريعي مر ڏنگ، دهل، يا ڍولڪ وانگر هيٺ تري ۾ چڪي ٻڌل هوندي آهي، رسي طبلي جي ڪناري کان هيٺ تري ڏانهن ويندي آهي، گول ڳٽيون يا گٽڪا ڪاٺ جا رسين جي وچ ۾ ڦاسايل هوندا آهن، تہ جيئن سر ملائڻ مهل انهن کي چڪي ڍورو ڪري هار مونيم يا سارنگي سان سر ملائي سگهجي، ڪنارا لهي يا چڙهي وڃڻ جي صورت ۾ هٿوڙي جا هلڪا ۽ نرم ڌڪ هڻي ٻہ سر بيهاريندا آهن، آواز، ڌڪ هڻڻ سان آوازي ڪوٺي ۾ جيڪا کل ۽ تري جو وچ هوندي آهي، ان ۾ پيدا ٿيندو آهي، کل کي آنگرين سان مختلف هنڌن تي، هٿ يا ٻڪ جي مناسب زور ڏئي آگرين هلائڻ سان مختلف آواز نڪرن ٿا. وڄائڻ مهل پڙن جي هيٺان ڪين هڪ هنڌ بيهارڻ لاءِ ڪپڙي جو سينهورڪندا آهن جنهن کي ”چوتو“ چوندا آهن. ڏامي يعني نر پڙ مان ڏا-ڌن- گڙ- ڪڙ- ڌنا — گڏا — وغيره ۽ پڙي يعني مادي پڙ مان تر — ڪ — ت — ٽ — تٽ — ڪن وغيره جا آواز ڪڍي سگهبا آهن. اهي آواز چمڙي تي مختلف هنڌ تي مختلف نموني مختلف زور سان ڌڪ هڻڻ سان نڪرندا آهن. استادن انهن آوازن کي ترتيب ڏئي، مختلف تالن جا نالا سجاٽپ لاءِ رکيا مثال ڏاڌرو — تين تال — ايڪ تال — روپڪ وغيره.

هن ساز وڄائڻ ۾ علم يعني تال وديا، هنر سان گڏ آنگرين جي ڦڙتائي جي تمام گهڻي ضرورت هوندي آهي. جو سڪيندڙ جو اڱوٺون حصو ڏيان هٿائڻ سان تال ڦريو وڃي.

هن ساز کي مختلف نموني، مختلف هنرسان استادن وڄايو. جنهن ڪري وڄت جا گهراڻا وجود ۾ آيا. جيڪي ڇهه ڇپيا وڃن ٿا. 1. دهلي گهراڻو 2. لکنو گهراڻو 3. اجرار گهرانو 4. فرخ آباد گهراڻو 5. بنارس گهراڻو 6. پنجاب گهراڻو. هي گهراڻا شاهي درٻارن ۾ پنهنجي سڃاڻپ لاءِ ٺهيا هئا مگر اهو دور ختم ٿي ويو آهي. جنهن لاءِ هاڻي هي ساز سڀني گهراڻن جي گڏيل نموني واري وڄت سان وڄي ٿو.

استاد الهه رکا ۽ سندس پٽ ذاڪر حسين ڪانسواءِ هنڌ سنڌ ۾ هن ساز جي وڄائڻ وارا هزارن ۾ آهن.

طارق علي چانڊيو (راڳي)

طارق علي چانڊيو ولد دين محمد ميهڙ شهر ۾ سال 1982ع ڄائو. اڃا منهن ۾ ڏاڙهي به پوري ڪا نه اٿس. انٽر پڙهي اٿس. 1995ع ۾ ريڊيو تي نصير مرزا متعارف ڪرايس. 2006ع ۾ PTV تي قربان چنا ڳارايس، KTN، سنڌ ۽ ڪشش تي به ڳائي پيو. حنيف لاشاري ڪان گلشن حديد ۾ سکي پيو. آواز ۾ چڱو رس اٿس.

بيشتر يا مجموعي طور عرب موسيقي:

عرب موسيقي جو مطلب آهي انهن ملڪن يا علائقن جي موسيقي جن جي ٻولي عربي آهي. عام طرح ان کي اسلامي موسيقي به چئبو يا چئي سگهجي ٿو. جڏهن ته اها مذهبي، نسلي، جاگرافيائي ۽ لساني حدن کان نڪري چڪي آهي. ان ڪري ان کي قريب مشرق جي موسيقي چوڻ وڌيڪ مناسب آهي. (مراڪو ڪان پارٽ تائين)
علائقا: ڏکهي عرصي ڪان عرب موسيقي تي مصر جو اثر ڇانيل رهيوآهي. پر هاڻي ڪن ٻين جاين تان نواڻ آئي آهي. ويجهڙائي ۾ بيروت عرب موسيقي جي مرڪزيت ماڻي ورتي آهي. علائقائي مقبول موسيقي جي قسمن ۾ الجيريا جي rai، موراڪو Gnawa، ڪويت جي Sawt، مصرجي Elgil ۽ ترڪي جي Arabesqu - pop موسيقي شامل آهن.

جديد موسيقي

ڪلاسيڪل عرب موسيقي ۽ خاص طور تي چند پلن موسيقارن جي موسيقي پوري عرب ۾ پکڙيل آهي. خصوصيت جي حوالي سان هن موسيقي ۾ harmnoy، هم آهنگي ڪان وڌيڪ melody، خوش آهنگي آهي ۽ ردم يعني لئه تي وڌيڪ زور ڏبو آهي تنهن ڪري هي موسيقي گهڻو ڪري يڪسانيت تي ٻڌل آهي. حاصل ڪلام عرب موسيقي ۾ ڪي ٿورا قسم هم آواز به آهن پر اصليت ۾ عرب موسيقي خوش آهنگ melodic آهي.

مقام سرشتو

عربي سرشتو يوناني Modes يا طرزن ڪان ڪافي مختلف ۽ پيچيدو آهي پوءِ به عرب مقام (جمع مقامات) هو بهو نه پر ڪي قدر Mode جهڙو آهي. مقام ڪي صوتي Notes آهن جن تي ونڪ (piece) بهرحال ختم ٿئي (بشرطيڪ ڪا ٻي تبديلي يا لاهه چاڙهه نه ٿئي)

جنس (جمع اجناس) مقام ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ اجناس هجن ٽيون، جي ٽسريون، چارسريون، پنج سريون ٿين. مقام اڪثر هڪ سبتڪ يا ٻن جنسن تي ٻڌل ٿئي. بعض هڪ سبتڪ کان وڌي ٿو، ڪن مقامات ۾ مختلف اجناس هئڻ ڪري لهڻ ۽ چڙهڻ جون علامتون بہ مختلف هجن ٿيون. هونئن تہ ڪيتريون ئي جنسون آهن پر انهن مان اڻ عام ۽ اڪثر استعمال ٿيندڙ Rast, Bayat, Sikah, Hijaz, Saba, Kurd, Nahawand ۽ Ajam ۽ ٻيون وڌيڪ جي عام آهن سي Nakriz, Athar kurd, Skah beladi, saba zam zama ۽ Mukhlif ورلي پر ٻين جنسن کان الڳ عراق ۾ رائج آهي.

سرگم

مغربي نغماتي سرگم ۽ عربي سرگم ۾ مکيہ تفاوت وچ وارا گهٽا نشان آهن، جن کي عملي موسيقي مقصد خاطر پائسر (Quarter tones) سڏين ٿا. باقي غيرعملي يا نظري طور 24 پائسر ڳڻجن، جن مان چند مستعمل آهن. 1932ع ۾ عرب موسيقي جي حوالي سان قاهره ۾ هڪ بين الاقوامي ڪانفرنس منعقد ٿي، جنهن ۾ ڪن ٻين ملڪن جي ماهرن بہ حصو ورتو. اتي تجربن مان ظاهر ٿيو تہ استعمال ٿيندڙ 24 سريڪن سرن ملايل سرگم ۽ عملي طور استعمال ٿيندڙ سرن ۾ وڏو فرق آهي ۽ هر علائقي جو زير و بم بہ الڳ آهي. ان ڪري فيصلو ٿيو تہ سر ملايل سرگم ۽ طبعي سرگم نظرانداز ڪري. مصري سرگم کي درست سمجهي پنهنجايو ويجي. باقي ترڪي، شامي ۽ عراقي سرگمن کي جيئن جو تيئن رهڻ ڏجي. پر هاڻي صورتحال ڪافي تبديل ٿي چڪي آهي.

عملي صورت / تدبير

استاد ۽ موسيقار سجاڳپ يا نالي خاطر وچ وارن سرن کي Qurarter Tones يا half sharp چون پر عملي طور هر مقام يا جنس جي لهجي جي صحيح وقعت ۽ خوبي سيڪارين. مقامات ۾ پائسر (Quarter tones) هر هنڌ استعمال نہ ٿا ٿين. عربي موسيقي جي 12 بنيادي سرن ۾ تبديلي نہ پئي ٿئي.

آوازي موسيقي جون روايتون

عرب ڪلاسيڪل موسيقي پنهنجي ڊاتيل ڳائڻن جي ڪري سجاتل آهي. اهي وڏي خوبصورتي ۽ سرن، آوازن جي مٽ سٽ سان ماڻهن کي محو ڪري سگهيا ٿي. ان جون روايتون اسلام جي اچڻ کان اڳ واري دور سان لاڳاپيل آهن. غلام عورتون ڏنوانن کي ڏتارڻ ۽ فوجين کي جوش ڏيارڻ لاءِ رزميہ شاعري ڳائي ٻڌائينديون هيون. اهي شادين مرادين تي ۽ پوءِ حج وغيره جهڙن موقعن تي بہ ڳائينديون هيون. مرداني سنگيت ساڏنا ڪدڙن لاءِ مخصوص هئي يا وري زناني لباس ۾ غلامن لاءِ جن کي مسلمان حقارت جي نظر سان ڏسندا هئا.

ڳائڻ وڄائڻ جا طائفہ

مصر ۽ شام جي طائفن جي اصل نموني کي "تخت" چئبو هو. ان ۾ مختلف وقتن تي مختلف نمونن جا Violin, Nay, Rabab, Qanun, Oud (19 صدي) رق ۽ دمبيڪ شامل هئا. عراق ۾ روايتي طائفن کي Chalghi

چوندا هئا. ان ۾ رق ۽ سنتور سان گڏ ﻫ نغمگين ساز Jowza۽ Santure هوندا هئا. عربي موسيقي ۾ هاڻي مغربي ساز Oboe, doublebass, cello, electric guitar ۽ مغربي موسيقي Jazz ۽ ٻيا ٻاهريان قسم موسيقي ۾ شامل ٿيا آهن. اهي پوئين صدي جي وچواري ڏهاڪي ڌاري، جڏهن قاهره ۾ فلم ۽ رڪارڊنگ ڪمپنيون آيون، تڏهن ڳاٽا ستارن وانگر چمڪيا، جن ۾ ڪيترائي نالا هئا جيئن Warda al jazairaia, Mohammad Abd el Wahaab, Syed Darwesh, Asmahan, Faid el Atrache ۽ عرب ڪلاسيڪل موسيقي جو تمام وڏو آخري نالو ام ڪلثوم آهي.

سنساري فن: موسيقي جي هن قسم ۾ Maqam al Iraqi, Audalusi Nubah, Muwashah, Fijiri Songs, Qasidah, Layali, Mawwal, Taqsim, Bahsraf, Samai, Tashmilah, Dulab, Sawt شامل آهن.

مقدس موسيقي:

عرب مذهبي موسيقي ۾ ڪرستاني Christian ۽ اسلامي ٻئي عنصر شامل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اسلامي موسيقي بشمول تلاوت ڪلام پاڪ، جوڙجڪ ۾ عرب سنساري موسيقي جهڙي آهي پر ڪرستاني عرب موسيقي ۾ Coptic, Catholic, Greek orthodox, Anglican ۽ Maronite ڪليسا جا اثرات موجود آهن.

علاؤالدين خان، استاد (سرود نواز)

استاد علاءُ الدين خان جي جمڻ جي تاريخ پڪي لکيل ڪا نہ آهي پر اندازو آهي تہ هو 1870ع ڌاري بنگال ۾ ڄائو. پاڻ استاد علي اڪبر خان جو پيءُ هو، روي شنڪر جو سهرو ۽ مشهور ستار نواز انا پورا ديوي جيڪا روي شنڪر جي پهرين زال هئي اها سندس ڌيءُ ۽ شاگرد هئي. پاڻ پهريائين استاد احمد علي ۽ بعد ۾ استاد وزير علي جو ڳاني ٻڌو شاگرد هو. تمام وڏي علم وارو سرود نواز هو، عمر جو آخري حصو مهاراجا ميهر جي دربار ۾ موسيقي جي تعليم ڏيندي گذاريائين. پاڻ سو سالن کان مٿي جي عمر جو آهي، سندس زندگي جو گهڻو رڪارڊ محفوظ ڪو نہ آهي. کيس ميهر ڪاليج آف ميوزڪ جو پرنسپال، ميهر بينڊ جو ڊائريڪٽر، 1952ع ۾ کيس سنگيت ناٽڪ اڪيڊمي جو فيلو مقرر ڪيو ويو، 1958ع ۾ کيس پدماڀوشن جو ايوارڊ ڏنو ويو. وشوا ڀارتيہ ٺاگور يونيورسٽي کيس ميوزڪ ۾ ڊاڪٽر جي اعزازي ڊگري عطا ڪئي. سموري زندگي جهد سان گهاريندڙ هن فنڪار کي آخر ۾ اعزازن ۽ خطابن سان تڏهن نوازيو ويو جڏهن هو هلڻ چلڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ کان وڌو ٿي ويو.

عمان

عربي اپيٽ تي سامونڊي ڪناري هڪ عرب ملڪ آهي. سامونڊي ڪناري تي هئڻ جي ڪري هن جي ورثي تي مصر، تنزانيا وغيره جا اثرات آهن. پورچوگيزن جي قبضي ڪري اهي عنصر بہ شامل آهن. پاڙي وارن ملڪن، امارات، سعودي ۽ ايران جو بہ ڪافي اثر ٿيو آهي. ٻين عرب ملڪن جي برعڪس عماني موسيقي ۾ لئي جو عنصر وڌيڪ واضع آهي. هتان جي روايتي موسيقي جو تعلق ڄمر، موت، شادي، طهر وغيره جهڙين رسمن سان آهي. ٻين عرب ملڪن جي برعڪس هر

عمر، جنس ۽ طبقي جو ماڻهو موسيقي ۾ حصو وٺي ٿو. چار تارون ۽ مخصوص عربي نموني جو زير و بم هتان جي موسيقي جي خاصيت آهي. عربي موسيقي جي سرگم مان ورتل Three Quarter tones به ان ۾ شامل آهن.

روايتي ساز

Mizmar ٻن پورين نالين وارو هوا جو ساز جنهن کي وڄائڻ لاءِ انتهائي مهارت گهرجي. هي ساز Cewa, Kunzak ۽ Sairawan لوڪ موسيقي لاءِ آهي.

Rababa وڏي تاريخي اهميت وارو ساز آهي پر هاڻي ورلي وڄائجي. عماني هن کي سيني سازن جو جد امجد ڪري مڃن ٿا.

Tambura عماني موسيقي جو اهم تاري ساز آهي. اول سميريا ۾ 2700 ق م ڌاري استعمال ٿيو. هن غيرمعمولي ساز کي ڳچي / ڳني نه آهي ۽ تارون آزاد اٿس. ان ڪري هن جو Tone نه بدلجي.

Ud عرب سازن ۾ تمام اهم آهي وچ اوڀر ۾ به استعمال ٿئي. عود آوازي قسمن جيئن as sot ۾ استعمال ٿئي ۽ Bara ۽ Dhofar جو به حصو آهي.

عود (عربي ساز)

عود، عربستان جو ثقافتي، تارن وارو ساز آهي. هي بيضوي شڪل جو ساز جنهن کي هڪ مضبوط ڳني ٿئي جنهن ۾ ڳٽيون لڳل آهن. عود جي آوازي کوٺي جيڪا سڄي ڪاٺ جي پوري ٺهيل آهي، ڳني به سڌي سنواٽي ان سان جڙيل ٿئي، متان تارون وري ڳٽين سان ملايل ٿين. ڳٽين ذريعي تارن کي مضبوط جهلي سگهبو آهي. پر يڪتاري وانگر، اهي ڦرڻ گرڻ سان تارن جي آواز ۾ ڦير ڪو نه آڻين. ان لاءِ انهن کي هندستاني ڳٽيون نه سمجهڻ گهرجي. انهن کي ڪليون چئجي ته بهتر. مضراب يا ننهن سان ضرب هڻي آنگرين کي مختلف تارن تي ڦيرائي پنهنجي مطلب جو آواز وٺبو/ ڪڍبو آهي. عود عرب جو تارن وارو ثقافتي ساز، يورپ جي ساز Lute وانگر آهي. عربي لفظ عود جي معنيٰ آهي ”ڪاٺ“ نئين تحقيق موجب عود فارسي جي رود (Rud) مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”تار“ يا تار وارو ساز. مشهور فلاسفر فارابي موجب هي ساز حضرت آدم جي ڇهين پوٽي لمڪ Lamak جو ايجاد ڪيل آهي. ڪتائن ۾ لکيل آهي ته لمڪ پنهنجي پٽ جي ميت کي وڻ ۾ ٽنگي ڇڏيو هو. عود جي شڪل سندس پٽ جي وڻ ۾ ٽنگيل انساني ڍانچي تان ورتل آهي. 5000 سال اڳ ميسو پوٽيميا ۾ ڪوتائي دوران هڪ گهر مان عود مليو آهي. ان ڪانسواءِ هڪ پت تي چٽيل تصوير، جنهن ۾ هڪ عورت ٻيڙي تي ويٺل ساڄي هٿ سان عود وڄائي رهي آهي. ساڳي وقت مصر مان به عود جون چٽيل تصويرون مليون آهن. هي تصويرون مهرن جي صورت ۾ نيويارڪ جي ميٽروپوليٽم ميوزيم ۾ رکيل آهن. ان کان علاوه سميرين، پارسين، بابلين، مصرين، يونانين، اسيرين ۽ رومين جي تهذيب ۾ عود جو نشان تصويري صورت ۾ ملي ٿو. يورپ ۾ هن ساز کي زرياب نالي موسيقار جنهن جو تعلق ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب سنڌ سان ڏسيو آهي ۽ ابراهيم موصلي وارن جو شاگرد هو تنهن اسپين ۾ متعارف ڪرايو. عود گٽار جو جد امجد سڏجي ٿو. عود ۾ ٻين تاري سازن وانگر ڳٽيون ڪو نه ٿين. تارون ڳٽين جهڙين ڪلين ۾ ٻڌل

هونديون آهن. هن ۾ ڪل 11 تارون ٿينديون آهن. جن مان ڏهہ تارون ٻن ٻن جي حساب سان جوڙي ۾ وڃن. باقي يارهين اڪيلي تار آس جي تار ليکبي آهي. عرب وارو عود ٻين ملڪن ۾ ملندڙ عود کان قدبت ۾ ڪجهہ وڏو ٿئي ٿو. ڳچي سنهي ۽ ڊگهي، آواز چگو ٿلهو رڪندڙ ضرب وارو ساز آهي. ترڪيءَ وارو عود، عرب واري عود جيترو ئي ٿئي پر ڳچي ان کان ننڍي اٿس. آواز تکو ۽ سنهو ٿئيس. يوناني ساز لوٽو ۽ لئو ٿا، هن سان مشابهت رکندڙ ساز آهن پر هنن جي وڄائڻ جو طريقو مختلف آهي. هي ساز عربي دنيا ۾ تمام گهڻو مشهور آهي ۽ مغربي دنيا تي بہ هن ساز جو تمام گهڻو اثر آهي. گٽار ۽ اهڙي قسم جا ساز عود مان نڪتل آهن. عود گذريل ڪيترين صدين کان عرب دنيا جو ثقافتي ۽ عوامي ساز آهي. جيڪو اڄ بہ ايترو ئي مقبول آهي. دنيا ۾ هن ساز جي وڄائڻ وارا تمام گهڻا آهن، ڪن مشهور عودي وڄوتن جا نالا ڏجن ٿا.

1. جميل بشير – عراق 2. منير بشير – عراق / هنگري 3. نصير شما – عراق 4. نواز براهيم – تونس 5. درسيل ملومي – موراڪو 6. سيد چويابي - موراڪو 7. عبادي الجوهر – سعودي عرب 8. بردل توڪن ترڪي 9. مير بڪل خليل – لبنان 10. ربيع ابوالخليل – لبنان 11. سائيمن شاهين – فلسطين 12. جارج ماربي شن – آمريڪا 13. گوربن گربنا – ڪينابا 14. زيد رجب – يونان وغيره.

عابده پروين

راڳ جي راڻي عابده پروين 57 – 1956ع ڌاري علي گوهر آباد محلي لاڙڪاڻي ۾ ماستر غلام حيدر جي گهر ڄائي. سندس والد ماستر غلام حيدر موسيقي جي ڪلب هلائيندو هو، جڏهن تہ سندس ماءُ ممتاز بيگم بہ ڳائڻ وڄائڻ جو ڪم ڪندي هئي. پهريون استاد گهر ئي هوس. عابده پروين جا مائٽ لاڙڪاڻي کان سکر، خيرپور، مٽياري ۽ آخر ۾ حيدرآباد اچي رهيا. 73 – 1972ع ڌاري مشهور پروڊيوسر شيخ غلام حسين کيس هڪ محفل ۾ ٻڌو، جنهن کيس استاد محمد جمن، استاد نياز حسين ۽ ماستر محمد ابراهيم جي استادي ۾ سکيا هيٺ ڇڏيو. سائين الله بخش شاهہ بخاري بہ سندس وڏي رهبري ڪئي. سندس پهريون ڪلام مفتون همايوني جو ”تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا“ رڪارڊ ٿيو. پاڻ استاد سلامت علي خان ۽ استاد محمد جمن جي باقاعده ڳاني ٻڌي شاگرداڻي آهي. جلد سندس شادي شيخ غلام حسين ريڊيو جي پروڊيوسر سان ٿي جيڪو راڳ جو وڏو ڄاڻو هو. هن کي اسٽيج تي جمي ڳائڻ جو وڏو فن آهي. ماڻهن کي پنهنجي صوفياڻي ڳائڻ واري انداز ۾ مست ڪري ڇڏيندي آهي. سندس آواز منو ۽ ادائگي تمام چٽي آهي. ڏوهيڙي ڏيڻ جو خاص فن اٿس. هن فقير عبدالغفور جو ڳايل ڪلام ”گهوم چرخڙا“ ۽ موڻ شاهہ ۽ غلام حسين فقير جو ڳايل ڪلام ”گهند کول ديدار وڪائو“ خاص انداز سان ڳايا. پر مشهوري جو سبب ناصر ڪاظمي جو اردو غزل ”جب سي توني مجهي ديوانا بنا رکها هي“ آهي. جنهن کيس سڄي پاڪستان ڇا پر دنيا ۾ مشهور ڪيو. انهي غزل جي ڪمپيوزيشن استاد نياز حسين جي هئي. هن سنڌي فلم ڌرتي لال ڪنوار جا اٺ گانا غلام نبي عبداللطيف جي موسيقي ۾ ڳايا. ان کانسواءِ شاهہ لطيف، سچل سرمست، خواجہ غلام فريد، شيخ اياز، امداد حسني ۽

استاد بخاري جو ڪلام بہ ڳايو آهي. شيخ غلام حسين جي وفات ڪانپوءِ اسلام آباد ۾ رهڻ لڳي آهي. هاڻي هوءَ دنيا جي ميجيل ڳائڻي آهي. سنڌي اردو ڪانسواءِ سرائيڪي ۽ پنجابي ۾ سٺو ڳائي ٿي. چون ٿا تہ سندس ڳائڻ جي انداز ۾ ايڏي تہ مستي آهي جو جڏهن آمريڪا ۾ ڳايائين تہ ڪيترا آمريڪي بيهوش ٿي ويا. عابده جو وڏو ڪم "شاھ جو رسالو" ڳائڻ آهي. هن سڄو شاھ جو رسالو رڪارڊ ڪيو آهي. ان ڪري ڪيس وڏ ۾ وڏ ايوارڊ بہ "شاھ لطيف ايوارڊ" مليا آهن. پاڻ فراخدلي جو مظاهرو ڪندي چيائين تہ شاھ جا ايوارڊ ٻين ڳائڻن کي ڏنا وڃن. ڪيس شاھ لطيف ايوارڊ ڪانسواءِ سچل سرمست ايوارڊ 1980ع سگا ايوارڊ 1980ع ۽ پاڪستان سرڪار طرفان 1986ع ۾ ڪيس پرائيڊ آف پرفارمنس ايوارڊ ڏنو ويو. عابده پروين کي هڪ پٽ سارنگ لطيف ۽ بہ نياڻيون سنڌو ۽ پرھ آهن.

ڪجھ ڳايل ڪلام

1- ***تیری عشق نچایا***
2. صبح ساجهر پڙهيو تم خط
3. ڪاري ڪاري رات متان برسات
4- ***اری لوگو تمھارا کیا***
5- ***تونے جب سے مجھی***
6. گهنڊ کول
7. سخي شهباز قلندر
8- ***آدمی آدمی سے ملتا ہے***
9. آءُ ٻانهي تون سائين وي
10- ***کل چودویں کی رات تھی***

عاشق علي خان صاحب

استاد عاشق علي خان 19 صدي جي آخري ڏهاڪي ۾ پٽيالا ۾ پيدا ٿيو. سندس والد ڪرنيل فتح علي خان پٽيالا ۾ درباري گائيڪ مقرر ٿيل هو.

استاد عاشق علي خان لئي ڪاري ۾ وڏي مهارت رکندو هو. چرس ۽ آفيم جي گهڻي استعمال باوجود سندس آواز سوز ۽ درد سان ڀريل هو. چرس کي پنهنجي ٻولي ۾ "بات چيت" چوندو هو. پاڻ راڳ جي تعليم پنهنجي مامي امير خان کان حاصل ڪئي.جيڪو ملتان ۾ رهندو هو.

استاد عاشق علي خان جي رهڻي ڪهڻي جو رنگ ڍنگ بہ عجيب هو. سندس مزاج ۾ هڪ قسم جي بيچيني هوندي هئي. ڪنهن هڪ جاءِ تي ٽڪاءُ ڪري ويهي نہ سگهندو هو. ڪڏهن پنجاب، ڪڏهن سنڌ. ڪڏهن هند مسلسل سفر ۾ رهندو هو. پوشاڪ جي معاملي ۾ ڪڏهن فل سوٽ سان هيٽ ۽ ٽاءِ ۾ نظر ايندو. رستي ويندي ڪنهن الله جو

نالو وٺي صدا ڪئي ته سپ واڻ الله ۾ ڏٺي ستر پوشي لاءِ صرف بوچڻ ٻڌي اچي ماڳ مڪان تي پهچندو هو. شادي به ڪو نه ڪيائين. عمر جي آخري حصي ۾ نظر ختم ٿيڻ ڪري ڪارو چشمو استعمال ڪندو هو.

استاد عاشق علي خان پنهنجي دور جو هڪ يگانو فنڪار ٿي گذريو آهي. سڄي هندستان ۾ سندس گائيڪي جي ڌاڪ ڄميل هئي. ڪنهن به فنڪار ڪي سندس سامهون ڳائڻ جي همت ڪا نه ٿيندي هئي. تان هڻڻ ۾ ڪيس ملڪو حاصل هو. پاڻ تان ڪپتان سڏيو ويندو هو. ڪلڪتي ۾ هڪ دفعي هو ميوزڪ ڪانفرنس ۾ احمد خان ترڪوا ساڻس طبلو وڄائڻ لڳو. طبله نواز ڪانئس پڇيو "استاد ڪهڙو تال وڄايان" پاڻ جواب ڏنائون جيڪو تنهن جي دل چئي" پوءِ جو تانون هڻڻ ۽ گرپڪڙڻ شروع ڪيائين ته سڄي پنڊال تاڙيون وڄائڻ شروع ڪيون.

ڪلاسيڪي راڳ جو هي بي تاج بادشاهه، مست ملنگ قسم جو انسان 10 مارچ 1948ع تي لاهور ۾ وفات ڪري ويو. هڪ ٻي روايت مطابق سندس وفات جو سال 1958ع آهي. ڪيس "تڪيه ميراثيان" (جتي سندس بيٺڪ هئي) لاهور ۾ دفن ڪيو ويو. سندس شاگردياڻي فريده خانم سندس مزار جو ڪم ڪرايو. سندس ڳايل ڪجھ ڪلامن جا ٻول هيٺ ڏجن ٿا:

1. منڌ پيئندي مون ساجن سهي سڃاتو (لطيف سرڪار)
2. جادو لائي ويا جيءَ ۾ (شاهه سائين)
3. دلبر مل سي ڪهڙي وار (مير علي نواز ناز)

سندس شاگردن ۾ مختيار بيگم، فريده خانم، زاهده پروين، استاد الله ڏنو خان نوناري ڪلاسيڪي ۽ نيم ڪلاسيڪي موسيقيءَ جي دنيا ۾ وڏو نالو ڪمايو.

استاد عاشق علي خان ۽ استاد امير علي خان ڪجھ وقت لاءِ جوڙي جي شڪل ۾ به ڳايو. ٻنهي جا جوڙي جي شڪل ۾ ڳايل ڪجھ گراموفون رڪارڊ به پريل آهن.

عبدالغفور، فقير (راڳي)

فقير عبدالغفور ولد محمد صالح لڪڻ جو جنم 1910ع حيدرآباد ۾ ٿيو. سنڌي پنج درجا پڙهي راڳ جي شوق ۾ ٽنڊي محمد خان جي هڪ ڳائڻي حاجي سان ڳائڻ لڳو. حاجي يڪتاري جو پلو ڳائيندو هو. فقير عبدالغفور ٿانگو هلائي پيٽ گذر ڪندو هو.

1955ع کان ريڊيو حيدرآباد تان ڳائڻ شروع ڪيائين. يڪتاري ۽ چپڙي جو بادشاهه ڳائيندو هو. هن سچل سرمست جو ڪلام ريڊيو تي وي تان گهڻو ڳاتو. سنڌ ۾ مختلف درگاهن جا سُنگ ٿين ٿا، جيڪي ٽولي جي صورت ۾ ڪلام ڳائيندا آهن. انهيءَ سنگ ۾ 5 کان 10 ڄڻا هٿن ۾ چپڙيون يڪتارا کڻي صوفي شاعرن جو ڪلام ڳائيندا آهن. سُنگ واري ڳائڻ جي انداز ڪي فقير عبدالغفور اڳتي وڌايو. پاڻ سنڌي ۽ سرائيڪي ۾ گهڻو ڪلام ڳاتو. هن شاهه سچل، خواجه غلام فريد، بابا بلي شاهه ۽ ٻين صوفي شاعرن جو ڪلام ڳاتو آهي. فلم "منٺڙا شال ملن" ۾ شيخ

اياز جو مشهور قومي نغمو ”سنڌڙي تي سر ڪير نہ ڏيندو“ ڳايو اٿس. فقير صاحب آمريڪا، آفريڪا،جپان، جرمني ۽ دبئي وغيره ۾ بہ فن جو مظاهرو ڪيو. سندس آواز ايترو ڪڙو هو جو هروڀرو لائوڊ اسپيڪر جي ضرورت ڪا نہ پوندي هئي. فقير صاحب ڪي شاهہ سچل ۽ قلندر ايوارڊ ڪانسواءِ حڪومت طرفان 1967ع ۾ امتيازي تمغي سان بہ نوازيو ويو. يڪتاري جو هي پهريون فنڪار هو جنهن کي هن اعزاز سان نوازيو ويو. جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي پسند جو فنڪار هو. ڀٽي صاحب کي راڳ ڏاڍو وڻندو هو. ڀٽي صاحب پاڪستان نيشنل سينٽر جي افتتاح جي موقعي تي ڪانئس المرتضيٰ هائوس ۾ پهريائين ”سنڌڙي تي سر ڪير نہ ڏيندو“ ۽ پوءِ ”راڳو“ ٻڌو. فقير عبدالغفور 22 جولاءِ 1986ع ۾ حيدرآباد ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. کيس غلام شاهہ ڪلهوڙي جي مقبري جي پرسان دفن ڪيو ويو. هن بہ شاديون ڪيون. سندس هڪ پٽ سرور سندس رنگ ۾ ڳائي ٿو.

ڳايل ڪلام

1. لال ميري پت رکيو پلا جهولي لالڻ
2. مين يار دي گهڙولي پردي
3. ننگڙا نماڻي دا
4. گهوم چرخڙا
5. ساڏي ويڙهي آيا ڪر

استاد عبدالڪريم خان (سنگيت رتن)

استاد عبدالڪريم خان برٽش انڊيا جي صوبي اتر پرديش جي شهر ڪرانہ ۾ 11 نومبر 1872ع ۾ پيدا ٿيو. سندس تعلق موسيقي جي ڪرانہ گهراڻي سان هو. سندس پيءُ ڪالي خان غلام علي خان جو پوٽو هو. غلام علي خان ۽ غلام مولا خان جيڪي ٻئي پاڻ ۾ ڀائر هئا، پنهنجي وقت جا گني گويا ٿي گذريا آهن.

استاد عبدالڪريم خان موسيقي جي تعليم پنهنجي چاچي عبدالله خان ۽ پيءُ ڪالي خان کان حاصل ڪئي. پنهنجي هڪ ٻئي چاچي ننهي خان جو بہ شاگرد رهيو. استاد عبدالڪريم خان ڳائڻ سان گڏ سارنگي، ستار، وينا ۽ طبلو وڄائڻ ۾ بہ مهارت رکندو هو. سندس وڄايل وينا جو هڪ رڪارڊ ڪولمبيا ڪمپني جاري ڪيو هو.

استاد عبدالڪريم خان ابتدا ۾ سارنگي نواز هو. ڳائڻ لاءِ موزون آواز هجڻ ڪري سارنگي ڇڏي باقاعده ڳائڻ شروع ڪيو. شروعاتي ڏينهن ۾ پنهنجي ڀاءُ عبدالحق خان سان جوڙي جي صورت ۾ ڳائيندو هو. عبدالحق خان ۽ عبدالڪريم خان بڙوده رياست ۾ درباري گائيڪ مقرر ٿيل هئا. عبدالڪريم خان جي پهرين شادي عبدالوحيد خان جي ڀيڻ غفوره بي بي سان ٿيل هئي.

استاد عبدالڪريم خان جي سلسلي ۾ ”لطف الله خان“ جي ڪتاب ”سر ڪي تلاش“ مان ڪنيل بہ دلچسپ ۽ عجيب روايتون نقل ڪجن ٿيون.

1. خان صاحب هڪ ڪتو پاليو هو. جنهن کي پاڻ سان گڏ آواز لڳائڻ جي مشق ڪرائيندو هو. مشهور آهي ته ڪن محفلن ۾ سندس ڪتو ساڻس گڏ آواز لڳائيندو هو.
2. ميرج منتقل ٿيڻ کان اڳ ۾ خان صاحب بڙدوه سرڪار ۾ درباري گويو مقرر ٿيل هو. هڪ موقعي تي پاڻ دربار ۾ ائين ڳايو جو جڻ جادو ڪري ڇڏيائين. مهاراجا ڀريل دربار ۾ اعلان ڪيو "گهر جيڪي گهرڻو اٿئي" استاد جو مهاراجا جي هڪ راڻي تارا بائي سان مجاز هو. خان صاحب بنا ڪنهن دپ داءُ ۽ هٻڪ جي آگر جو اشارو پنهنجي محبوب ڏي ڪري، مهاراجا کي چيو "ڏئي سگهين ته اها ڏئي ڇڏ" مهاراجا پنهنجي ڪيل قول کي پاڙي ڏيندي پنهنجي زال کي هٿ کان وٺي استاد جي حوالي ڪري، ديس بدر ڪندي، ڪين فورن رياست ڇڏڻ جو حڪم ڏنو. خان صاحب ۽ تارا بائي ممبئي ۾ رهائش اختيار ڪئي، تارا بائي 1922ع ۾ خان صاحب کي ڇڏي وئي. هن واقعي تارا بائي جي وڇوڙي واري صدمي سندس آواز ۾ وڌيڪ درد ۽ غم واري ڪيفيت پيدا ڪئي. (تارا بائي ۽ عبدالڪريم خان جي شادي جي سلسلي ۾ هڪ ٻي روايت به ملي ٿي جيڪا هيرابائي واري مضمون ۾ بيان ڪيل آهي)

استاد عبدالڪريم خان قدڪاٺ جي لحاظ کان سنهڙو سيپڪڙو هوندو هو. امل کائڻ جو چسڪو به لڳل هئس. استاد جو تعلق ڪرانه گهراڻي سان هو پر گواليار جي رحمت خان کان متاثر هئڻ ڪري سندس گائيڪي تي گواليار گهراڻي جو به اثر هو. خان صاحب ميسور دربار جي جلسن ۾ باقاعده شريڪ ٿيندو رهندو هو. اتي سندس ميل ملاقات ڪرناٽڪ جي فنڪارن سان ٿيندي رهندي هئي. سندس سرگم ڪرناٽڪ انگ کان متاثر هو. استاد کي "سنگيت رتن" جو خطاب ميسور دربار مان مليو.

خان صاحب پونا ۾ سال 1913ع ۾ سنگيت وديا نالي هڪ ادارو قائم ڪيو. استاد پنهنجي حياتيءَ جي آخري ڏينهن ۾ ميرج ۾ رهائش اختيار ڪئي، جتي سال 1937ع ۾ سندس انتقال ٿيو. ميرج ۾ هر سال آگسٽ مهيني ۾ سندس ياد ۾ موسيقي جون محفلون منعقد ٿينديون رهنديون آهن.

استاد عبدالڪريم خان جي شاگردن ۾ ملڪ موسيقي روشن آرا بيگم، پنڊت سوائي گنڌروا، سندس ڌيءُ هيرا بائي بڙوديڪر، سندس پٽ سريش بابو موسيقي جي دنيا ۾ بلند مقام تي فائز آهن. هڪ روايت مطابق روشن آرا بيگم عبدالڪريم خان جي ڀاڻج هئي.

عبدالله ڪڇي (ڳائڻو)

عبدالله ولد فقير محمد ڪڇي 1940ع ڌاري ڪلري لياري ۾ ڄائو. سندس ناناڻا ڳائڻ وڄائڻ سان واسطو رکندا هئا. سندس لاڙو به انهيءَ طرف رهيو. عبدالله ڪڇي اول ڍولڪ نواز هو. 1960ع ۾ هن ڪراچي ريڊيو تي نهال عبدالله، امرائو بندو خان ۽ پياري ميان جي موجودگيءَ ۾ آڊيشن ڏني ۽ پهريون ڪلام "والي واري آڻ، ٻاروچا ڀنيور ۾" ڳاتو. اهڙي طرح ڪيس نثار ميمڻ، خواجه امداد علي، جهانگير قريشي ۽ گل حسن پناڻ پروڊيوسرن رڪارڊ ڪيو. عبدالڪريم بلوچ ڪيس پي ٽي وي تي متعارف ڪيو. گرامون فون تي به سندس ڪجهه ڪلام رڪارڊ ٿيا. هن شاهه سائين کي گهڻو ڳاتو.

هن ملڪ کان ٻاهر پارت، دبئي ۽ مسقط جا دورا ڪري پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. فنڪار ويلفيئر ٽرسٽ طرفان کيس ايوارڊ بہ ڏنو ويو. سندس پسند جو سر ”لوڙائو“ هو. محمد ابراهيم ۽ محمد يوسف سندس پسند جا فنڪار هئا. سندس شاگردن ۾ بملا، ڪملا، علي محمد ڪچي ۽ سندس پٽ غلام علي ڪچي ڳڻي سگهجن ٿا. آخري عمر ۾ هو اکين جو نور وڃائي ويٺو. کيس ست پٽ ۽ ٽي نياڻيون آهن. پاڻ 8 مئي 1998ع تي گذاري ويو. کيس ميوي شاهہ واري قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

استاد عبدالوحيد خان (گويو)

استاد عبدالوحيد خان 1871ع ۾ پيدا ٿيو. سندس تعلق موسيقي جي ڪرانہ گهراڻي سان هو. خان صاحب عبدالڪريم خان سندس سئوٽ هو. عبدالڪريم خان جي پهرين شادي عبدالوحيد خان جي ڀيڻ غفوران بي بي سان ٿيل هئي. استاد عبدالوحيد خان پنهنجي مامي حيدر بخش خان جو شاگرد هو. پاڻ ڪنن کان ڪجهہ گهٽ ٻڌندو هو، ان ڪري ”بهري خان“ يا ”بهري عبدالوحيد خان“ جي نالي سان سڏيو ويندو هو. موسيقيءَ ۾ سندس مرتبو ايترو تہ مٿاهون هو جو گائيڪ پنهنجي ڪن تي هٿ رکي سندس نالو کڻندا هئا.

خان صاحب شاگردن جي اصلاح جي سلسلي ۾ هڪ سخت گير استاد سمجهيو ويندو هو. ڪوتاهيءَ جي صورت ۾ هٿ سڌو ڪرڻ ۾ دير نہ ڪندو هو. بلڪ مارڪٽ کان بہ ڪين نہ ڪيٻائيندو هو. ويتر ڪنن کان گهرو هجڻ ڪري شاگرد جي دانهن ڪوڪ بہ گهٽ ٻڌي سگهندو هو. سندس شخصيت دبدٻي واري هوندي هئي. سندس منهن تي رعبدار قسم جون مڇون رکيل هونديون هيون. بلڪ ائين چئجي تہ ڇڻ پيل هونديون هيون.

خان صاحب حليم طبع، بردبار، دل جو سادو، فقير منش انسان هو. هر وقت ورد وظيفن ۾ مصروف رهندو هو. پنهنجي نالي سان چشتي صابري جي نسبت لڳائيندو هو. لاهور ۾ ڪافي وقت رهيو. هڪ بزرگ فقير عالم جو معتقد هو. مرشد سان بيحد عقيدت رکندو هو. ايتري قدر جو مرشد جي حال حيات هجڻ باوجود سندس مزار باغنپوره ۾ تعمير ڪرائي ڇڏيائين. مرشد جي انتقال کانپوءِ دفن ڪفن وارين رسمن مان فارغ ٿي پنهنجي وطن روانو ٿي ويو.

آل انڊيا ريڊيو جي مختلف اسٽيشنن تان ڪلاسيڪي موسيقيءَ جي پروگرامن ۾ حصو وٺندو هو. آلاپ ۾ ياالله چئي راڳ شروع ڪندو هو. آل انڊيا ريڊيو ان تي اعتراض ڪيو پاڻ اهڙي اعتراض ڪي خاطر ۾ نہ آندو.

لاهور ۾ هڪ گوئيو هو توڪل حسين خان، جنهن ۾ موسيقيءَ جي علم جو ڄڻ سمنڊ سمايل هجي پر هارمونيم جي سنگت ڪانسواءِ نہ ڳائي سگهندو هو. ٻين گائيڪن سان مقابلو ڪرڻ پاڻ تي فرض سمجهندو هو. ان ڪري ”استاد قبي باز“ (قڏي باز) جي نالي سان سڏيو ويندو هو. هڪ ڏينهن عبدالوحيد خان جي بيٺڪ تي اچڻ شرط خان صاحب کي چيو تہ ”وحيد خان اڄ يا مون کي پنهنجو شاگرد ڪر يا منهنجو شاگرد سڏاءِ“ وحيد خان صبر ۽ تحمل سان توڪل خان جي ڳالهہ ٻڌي توڪل خان جي هارمونيم واري ڪمزوري کي ذهن ۾ رکندي تارون ڍريون ڪري تانپوره توڪل خان جي حوالي ڪندي چيو تہ ”هن کي سر ڪري ڳاءِ توڪل خان وراڻيو تہ ”مان باجي تي ڳائيندو

آهيان“ وحيد خان نهايت اطمينان سان کيس چيو ته ”ادا پوءِ چئو نه کٽي ته مان قوال آهيان“ توکل خان اها ڳالھ ٻڌي چڙ ۾ تپي ڳاڙهو ٿي ويو. پنهنجي منهن ٻڙ ٻڙ ڪندو بيٺڪ مان نڪري هليو ويو.

خان صاحب عبدالوحيد خان جي شاگردن ۾ استاد امير خان، هيراٻائي ٻڙوديڪر، بيگم اختر، پائي لال، وحيده خانم، پنڊت رام نارائڻ سارنگي نواز، گلوڪار محمد فيع، سريش بابو، موسيقار فيروز نظامي راڳ جي دنيا ۾ نامور رهي چڪا آهن.

استاد وحيد خان 1949ع ۾ پنهنجي وطن ڪرانه ۾ وفات ڪئي.

مددي ڪتاب

1. نقوش (لاهور نمبر)
2. سوهنا شهر لاهور (طاهر لاهوري)

عثمان فقير (راڳي)

عثمان فقير ولد غلام حسين سولنگي 1956ع ۾ ڳوٺ ولي محمد تعلقو دولتپور ۾ ڄائو. تعليم پنجين درجي تائين حاصل ڪيائين. 16 سالن جي عمر ۾ راڳ جو شوق ٿيس. پهريائين پنهنجي والد کان راڳ سکيو ۽ پوءِ استاد منو فقير کان تربيت حاصل ڪيائين.د رگاھ جهوڪ شريف جو طالب هو. سنگ ۾ ڳائيندي ڪافي عرصو گذاريائين. يڪتاري، چپڙي ۽ هارمونيم تي سنو رنگ لائي ٿي سگهيو. ريڊيو ۽ ٽي وي تي ڪوڙ پروگرام ڪيائين. ملڪ کان ٻاهر پڻ پروگرام ڪندو رهيو. فرانس، جرمني، هالينڊ، اٽلي، بيلجيم، انگلينڊ، آمريڪا، سريلنڪا، مالديپ، ناروي، سسلي، ارجنٽائين ۽ سوئيٽزرلينڊ ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪو هو. سنگ ۾ پاڻ فقير عبدالواحد جمالي سان گڏ هوندو آهي. سندس شاگردن ۾ وزير علي سولنگي، پنهل سولنگي ۽ حاجي علي اڪبر سولنگي مشهور سُنگي آهن.

علڻ فقير (راڳي)

علڻ فقير 1932ع ۾ ڳوٺ آمريءَ ۾ ڄائو. سندس پيءُ جو نالو ڏمالي فقيرمگڻهار هو. جيڪو دهلاري هو. علڻ فقير کي ڳائڻ ورثي ۾ مليو. منڍ ۾ هي مشڪرو هو. مشڪري وجهي ماڻهن کي کلائي پيٽ گذر ڪندو هو. پوءِ هو ميلن ملاکڙن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪرڻ لڳو ۽ شاهه جي ڪلام کي پروڙيائين. هن شاھ جي وائي کي جديد انداز ۾ عام ماڻهن ۾ متعارف ڪرايو. اهو مشڪرو پوءِ اڳتي هلي شاھ جي وائي جو اڳواڻ ليکيو ويو. هن شاھ جي بيت ۽ وائي کي پنهنجي ڳائڻ جي خاص انداز سان سنڌ ۾ رڳو نه پر دنيا ۾ متعارف ڪرايو. هي هٿ ۾ دنبورو کٽي ان تي چوٽ هڻي ڳائيندو هو. سندس لباس به ٺيٺ سنڌي قسم جو هو جنهن ۾ مٿي سان ٻڌل اجرڪ ڏسڻ جهڙو هو. ڪڏهن ڪڏهن جوڳين واري ٽوپي به پائيندو هو. هن شيخ اياز جي وائي ”ٽڙي پوندا تارئين جڏهن ڳاڙها گل“ خاص انداز سان ڳاتي، علڻ فقير پاڻ سان هڪ ڏنڊو ۽ ڪشتو به کڻندو هو. اسٽيج جو بادشاھ هو. جڏهن اٿي نچندو هو ته وينل

ماڻهو ساڻس اتي ساٿ ڏيندا هئا. علڻ فقير کي پنهنجي عظيم فن ڪانسواءِ ممتاز مرزا، غلام حسين شيخ، عبدالڪريم بلوچ ريڊيو ۽ ٽي وي تي متعارف ڪرايو. سندس لباس، ڳائڻ هلڻ، سنڌي ثقافت جو اهڃاڻ سمجهيو ويندو هو. علڻ فقير ريڊيو، ٽي وي ۽ اسٽيج ڪانسواءِ سنڌي فلم "طوفان" جا نغما به ڳاتا. شاهه، سچل ۽ قلندر جي ميلي تي ڳائيندو هو. هن سنڌي، اردو ۽ سرائيڪي ۾ ڳايو. هو 14 هين آگسٽ ۽ 23 هين مارچ تي هر سال اسلام آباد ۾ ٿيندڙ سرڪاري تقريبن ۾ سنڌ جي فلوٽ تي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندو هو.

علڻ فقير ترڪي، انگلينڊ، آمريڪا، جپان، سنگاپور، دبئي، منيلا، بيلجيم، اٽلي ۽ روس وغيره ۾ به فن جو مظاهرو ڪري داد حاصل ڪيو.

علڻ فقير کي فني خدمتن جي عيوض پاڪستان سرڪار پاران حسن ڪارڪردگي جو ايوارڊ، سچل سرمست ايوارڊ، لطيف ايوارڊ ۽ قلندر لعل شهباز ايوارڊ مليا.

پاڻ 4 جولاءِ 2000ع تي لاڏاڻو ڪري ويو.

حاجي علڻ هوٿيپوٽو (گائڪ)

سن 1921ع ڌاري ڳوٺ هوت جو واهڻ تعلقو دولتپور ۾ جنم ورتائين. مشهور راڳي استاد الهڏنو نوناري، يوسف ماڇي موري وارو، عارب سيال سندس هم عصر هئا. انهن سان گڏ يادگار محفلون ڪيائين. عارب سيال سان سندس جوڙي هوندي هئي. سندس جوڙ عارب سيال 1988ع ڌاري وفات ڪري ويو. ان وقت حاجي علڻ جي عمر 57 ورهيه هئي ۽ يار جي وڇوڙي ۾ دردي ڪلام جهونگاريندو هو. هي صرف راڳي نه پر سنو سُگهڙ به هو. ڪيترن ڪلاسيڪي شاعرن جو ڪلام ڪيس ياد هو. پاڻ 1990ع ۾ وفات ڪري ويو.

علي اڪبر خان (سرود نواز)

استاد علي اڪبر خان جو شمار صف اول جي سرود وڄائڻ وارن ۾ ٿئي ٿو. سندس پيءُ پدم پوش استاد علاءُ الدين خان هڪ بي مثال سرود نواز ٿي گذريو آهي.

استاد علي اڪبر خان جي پيدائش 14 اپريل 1922ع ۾ موجوده بنگلاديش جي شهر شب پور ۾ ٿي. سندس راڳ سکڻ جي تربيت ٽن سالن جي عمر ۾ سندس پيءُ علاءُالدين خان ۽ سندس چاچي فقير آفتاب الدين جي نگراني ۾ ٿي.

علي اڪبر خان جي نالي سان سرود سکڻ جا ادارا ڪلڪتي، آمريڪا ۽ سوئيٽزرلينڊ ۾ هلي رهيا آهن.

علي نواز سمون (شرناءِ نواز)

علي نواز پٽ پير بخش سمون 1919ع ڌاري ڪنڊياري ضلعي نوشهرو ۾ ڄائو. سندس سوٽ ڏاڙهون خان شرناءِ وڄائيندو هو. هن به ان کي ڏسي اٺن سالن جي عمر کان شرناءِ وڄائڻ شروع ڪئي. پهريائين استاد محمد سومار مگٽهار گهانگهرا ڪنڊياري واري وٽ پندرهن سالن جي عمر ۾ غلام نبي ڍهراج محبت ديري واري وٽ، 1948ع ۾ استاد چٽل خان وٽ سکيو. 47 – 1946ع ۾ ڪنڊيارو ڇڏي ڪراچي آيو. 1948ع جي پڇاڙي ۾ استاد مبارڪ

علي پٽ استاد قدرت الله جو شاگرد ٿيو. 1965ع ۽ 1971ع ۾ بسم الله خان جڏهن ڪراچي آيو ته ان ڪان به سکيو. ريڊيو پاڪستان تي 1953ع ۾ شرناءِ وڄائڻ شروع ڪيائين. علي نواز شرناءِ ڪانسواءِ بانسري ، طبلو، سنڌي ڍولڪ ۽ هارمونيم به وڄائي ڄاڻي. دنيا جي 22 ملڪن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪو آهي. ڪويت ۾ لتا ۽ محمد رفيع جڏهن ته جرمنيءَ ۾ نصرت فتح علي به ساڻس گڏ هو. ذوالفقار علي ڀٽو ۽ ضياءَ الحق ڪيس گهڻو پسند ڪندا هئا. ضياءَ الحق هن جي شرناءِ تي عاشق هوندو هو. ڪانئس هير ٻڌندي اک لڳي ويندي هيس ۽ شرناءِ جو آواز بند ٿيندو هو ته اک کولي چوندو هو ته "ٽڪ گئي هو". هن عمر جا ستر سال روزانو ڇهه ڪلاڪ شرناءِ وڄائيندي گهاريا آهن. هن وقت لياريءَ جي علائقي ڪلان ڪوٽ ۾ رهي ٿو. هن وقت 84 – 83 سال عمر اٿس.

غارا (راڳڻي)

ڪماچ ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي آهي. هن ۾ ٻئي گنڌارون ۽ ٻئي نکادون مروج آهن. هن راڳڻي ڪي مندر ۽ مڌم استان ۾ ڳائڻ سٺو لڳندو آهي. هي راڳ مسلمانن جو ايجاد ڪيل آهن. آروهي ۾ تيور نکاد ۽ گنڌار لڳايو وڃي ٿو. هن راڳڻي ۾ ڪلياڻ ۽ جهنجهوٽي ملايل آهي. آروهي ۾ ايمن ڪلياڻ ۽ امروهي ۾ جهنجهوٽي ڏسڻ ۾ اچن ٿيون.

خاص تان: سا – گي ما – ري گاري – ني ساري سا – ڌي ناڌي – ماپاڌي ني سا – ري ني سا.

آروهي: ماپا ڌي ني ساري گي ري گي ماپا – ڌي ني سا

امروهي: ساناڌي ناپاماگي ري – ساني سا

وادي سر: رکب

سموادي: کرج

ڳائڻ جو وقت: ڪو به مقرر ڪو نه آهي

هن راڳڻي جو احوال گهڻن ڪتابن ۾ ڪو نه ٿو ملي.

غلام حيدر ماسٽر

ماسٽر غلام حيدر حيدرآباد سنڌ ۾ سال 1908ع ۾ ڄائو. سندس تعلق موسيقارن جي ربابي گهراڻي سان هو. پاڻ پڙهيل لکيل انٽر پاس هو. انٽر ڪرڻ کانپوءِ Dentistry ڪاليج ۾ داخل ٿيو. پڙهائي جو سلسلو ختم ڪري موسيقي ۾ بابا گنيش هل جو شاگرد ٿيو. سندس شادي پنهنجي دور جي مشهور گلوڪاره امرائو ضياءَ بيگم سان ٿي.

مشهور گلوڪاره سڌا ملهوتره ۽ سريندر ڪور کي ماسٽر غلام حيدر فلم انڊسٽري ۾ متعارف ڪرايو. لتا منگيشڪر کي اردو فلمن ۾ نمايان حيثيت ڏيارڻ ۾ ماسٽر غلام حيدر جو مکيه ڪردار رهيو. ماسٽر لتا جي آواز ۾ سال 1948ع ۾ "مجبور" فلم لاءِ هڪ گانو "دل ميرا توڙا" رڪارڊ ڪري لتا جي آواز جي اهميت کي واضح ڪيو. شهيد ۽ ڪنيز سندس مشهور فلمون آهن.

پاڪستان قائم ٿيڻ ڪانپوءِ ماستر غلام حيدر هندستان مان لڏي لاهور ۾ اچي رهيو. پاڪستان ۾ سندس هڪ يادگار فلم گلنار سال 1953ع ۾ رليز ٿي.

ماستر غلام حيدر سرطان جي بيماريءَ جو شڪار ٿي نومبر 1953ع ۾ لاهور ۾ گذاري ويو. کيس لاهور ۾ دفن ڪيو ويو.

ماستر غلام حيدر جي ترتيب ڏنل موسيقيءَ ۾ ڪجهه منتخب گيت

بول	فلم	آواز	سال
1. آنکھ مچولی کھیلینگے	خاندان	نورجهان	1942
2. تو کون سے بدلے میں میری	خاندان	نورجهان	1942
3. میری لئے جہاں میں	خاندان	نورجهان	1942
4. دل میرا توڑا	مجبور	لتا	1948
5. لو چل دیئی وہ ہم	لخت جگر	نورجهان	1953
6. گو تسلی دیئی بغیر	لخت جگر	نورجهان	1953
7. بچپن کے یادگارو	لخت جگر	نورجهان	1953

غلام شبير شاهاڻي (راڳي)

غلام شبير ولد صاحب خان شاهاڻي ڳوٺ ٽرڙي جادو شهيد تعلقو ميهڙ ضلعي دادو ۾ سال 1960ع ڌاري ڄائو. هن جي خاندان ۾ ڪو به ڳائڻ وڄائڻ سان شغف ڪو نه رکندو هو. کيس راڳ جي لغار لڳي ته ميجد خان حيدرآباد واري وٽ سکيا ورتائين. 1980ع ۾ ريڊيو حيدرآباد تي پروڊيوسر انور بلوچ متعارف ڪرايس ۽ 1990ع ۾ پروڊيوسر اعجاز عليم عقيلي وٽ ٽي وي تي پروگرام ڪيائين. سنڌ جي سيني قديم توڙي جديد شاعرن کي ڳائي ٿو پر گهڻو ڪلام استاد بخاري جو ڇيو اٿس. پاڻ ڪن ڪلامن جو ڪمپوزر به آهي. لطيف سائين ۽ احمد خان مدهوش کي به ڳاتو اٿس. کيس پيروي راڳڻي گهڻو وڻندي، استاد بڙي غلام علي خان سندس پسند جو گائيڪ آهي. کيس 2 پٽ چار ڌيئرون آهن. سرجو سفر جاري آهي.

غلام شبير عمراڻي (بانسري نواز)

غلام شبير ولد الهرکيو عمراڻي 1972ع ۾ دادوءَ ۾ ڄائو. غريب خاندان جو ٻار اڳتي پڙهي نه سگهيو. ته فن جي دنيا ۾ آيو. چولا بالتي ۾ وجهي يا هارن جون ڪنديون هٽ ۾ ڪٽي بانسري وڄائي گهڻي مان لنگهي ته سمجهبو آ ته خان صاحب چولي وارو اچي ويو. خادم سخيراڻي ڪان راڳ داري جي سکيا ورتي اٿائين. هن ڪراچي ٽي وي تان، حيدرآباد ريڊيو تان پروگرام ڪيا آهن. ونس وقت ڪونهي جو فن کي ڏئي. وڏن ماڻهن کي منٿون ڪري ته کيس پروگرام ڏيارين. 1972ع ۾ ڄائو ته 2006ع ۾ ست ٻار اٿس. سڀ ننڍڙا ان ڏينهن به سيد حاڪم علي شاهه جي گوڏن تي ڪنڌ رکي رنو پئي. سفر ته اڃا گهڻو آ ڪٽي وڃائجي نه وڃي. ڦوڪ ڏاڍي مني اٿس. جاڻ ڏاڍي سئي اٿس.

بڙي غلام علي خان صاحب

ڪلاسيڪي موسيقيءَ جي ڪهڪشان ۾ استاد بڙي غلام علي خان چوڏهين جي چنڊ جي حيثيت رکي ٿو. پاڻ پنجاب جي شهر قصور ۾ سال 1902ع ۾ پيدا ٿيو. سندس تعلق موسيقيءَ جي پٽيالہ گهراڻي سان هو. سندس والد جو نالو علي بخش خان ۽ چاچي جو نالو ڪالي خان هو. ڪالي خان ۽ علي بخش خان ٻئي استاد بني خان ۽ ڪرنيل فتح علي خان جا شاگرد هئا. ٻئي جوڙي ۾ ڳائيندا هئا. ڪالي خان ۽ علي بخش خان موسيقيءَ جي دنيا ۾ وڏو نالو ڪمايو. ٻئي "سنگيت رتن" ۽ تان سمراٽ" جي لقب سان مشهور هئا.

استاد بڙي غلام علي خان راڳ جي دنيا ۾ ابتدا سارنگي نواز جي حيثيت ۾ ڪئي، پر ڳائڻ جو رياض بہ جاري رکيو. پاڻ عنايت ٻائي سان سارنگي وڄائيندو هو. آواز تڏهن بہ موزون هئس سارنگي وڄائيندي وڄائيندي ڪڏهن پاڻ بہ ڳائيندو هو تہ سڄي پنڊال ۾ واهہ واهہ ٿي ويندي هئي. هڪ دفعي جالنڌر جي مشهور قوال پائرن فتح علي مبارڪ علي کي پاڻ وٽ اچڻ جي دعوت ڏنائين، اها دعوت ٻنهي قوال پائرن اهو چئي رد ڪئي تہ هو گوئين جي دعوت قبول ڪندا آهن، سپڙتائن جي نہ. اها ڳالهہ ٻڌي سندس دل تي جڻ ڏڪ لڳي ويو. سارنگي ڇڏي ڳائڻ کي لڳي ويو. وڃي پنهنجي چاچي ڪالي خان، گواليار گهراڻي واري استاد سنڌي خان ۽ تان ڪپتان استاد عاشق علي خان جو شاگرد ٿيو.

استاد بڙي غلام علي خان جو پهريون يادگار پروگرام آل انڊيا ميوزڪ ڪانفرنس ڪلڪتي ۾ سال 1939ع ۾ ٿيو. ان پروگرام ۾ استاد پنهنجي سريلي آواز ۾ ائين ڳايو جو پوري هند سنڌ ۾ سندس نالي جي ڌاڪ ڄمي وئي. ممبئي ۾ سندس پهريون پروگرام سال 1945ع ۾ ٿيو. پاڻ آل انڊيا ريڊيو ممبئي جو مستقل گائيڪ هو.

استاد ذاتي زندگي ۾ ڪنهن جي گلہ غيبت نہ ڪندو هو. سر منڊل هنج ۾ ڪري هر وقت رياض ڪندو رهندو هو. مسڪينن، يتيمن ۽ بيواهن جي مدد ڪرڻ پاڻ تي فرض سمجهندو هو. پاڻ هٿ جو ڇٽل ۽ سخي مرد هو. هميشہ 30، 40 ماڻهو سندس بينڪ ۾ موجود هوندا هئا، جن جي ماني ٽڪي جو بندوبست سندس طرفان ٿيل هوندو هو. سندس سخاوت جي حوالي سان شهباز علي ڪتاب "سر سنسار" ۾ سارنگي نواز مبارڪ علي جي خان حوالي سان لکي ٿو تہ هڪ دفعي استاد جي گهر ۾ ڪم ڪرڻ واريءَ مائي پنهنجي ڌيءُ جي شادي جي سلسلي ۾ مالي مدد لاءِ درخواست ڪئي، استاد پنهنجي پٽ کي گهران 300 رپيا ڪڍي اچڻ لاءِ چيو. استاد جي گهر واريءَ پٽ کي اهو چئي واپس ڪيو تہ هتي ڪو قارون جو خزانو ڪونهي؟ استاد ٻيو دفعو پٽ کي 500 رپيا ڪڍي اچڻ لاءِ چيو. استاد جي گهر واريءَ ساڳيو جواب ڏئي پٽ کي واپس موڪليو. استاد پٽ کي ٽيون دفعو موڪلي 1000 رپيا ڪڍي اچڻ لاءِ چيو. استاد جي گهر واريءَ وري ساڳيو جواب پٽ کي ڏنو. پنهنجي پيءُ جي مزاج شناس پٽ اهو ساڳيو جواب ٻڌي ماءُ کي چيو "امان چڱو پڇئي تہ 1000 رپيا ڏئي ڇڏ بابو ڪٿي سڄو گهر نہ مائيءَ کي لکي ڏئي."

استاد هڪ گني گوئيو ٿي گذريو آهي. قدرت واري ڪيس راڳ داري جي سيني خوبين سان نوازيو هو. پاڻ خيال، ٺمري، دادرا، غزل ۽ ڪافي وغيره پوري مهارت سان ڳائيندو هو.

سندس آواز ۾ رڪارڊ ٿيل سنڌي ۽ سرائيڪي ڪافين جا ٻول هيٺ ڏجن ٿا.

1. دم دم ۾ ياد پئون ٿيون مارن جون مٺيون ڳالهڙيون
2. دلڙي لٽي تي يار سڄن ڪري ڪڏي موڙ مهاران تي آ وطن

موسيقيءَ جي دنيا ۾ استاد جي خاندان مان استاد برڪت علي غزل، ٺمري، دادرا ۽ ڪافي ڳائڻ ۾ تمام گهڻي شهرت حاصل ڪئي. سندس ڀيو پاءُ مبارڪ علي خان ڳائڻ سان گڏ فلمن ۾ اداڪاري به ڪندو هو. سندس ٽيون پاءُ امانت علي خان به ڳائيندو هو. استاد جو پٽ منور علي خان ساڻس گڏ ڳائيندو هو. جيڪو سندس حقيقي جان نشين به هو. استاد جو هڪ پٽ ڪرامت علي پاڪستان ۾ رهندو هو. جيڪو آزاد ڪشمير ريڊيو تي ملازم هو. اڄ ڪالهه استاد جا پوٽا منور علي خان جو پٽ رضا علي خان ۽ ڪرامت علي جو پٽ مظهر علي هندستان جي صف اول جي فنڪارن ۾ شامل آهن. پاپ گلوڪار سجاد علي به سندس خاندان مان آهي.

استاد بڙي غلام علي خان سب رنگ جي تخلص سان شاعري به ڪندو هو. ڪيترن ئي راڳن جا ٻول سندس تخليق ڪيل آهن.

ننڍي ڪنڌ جي ورهاڱي ڪانپوءِ استاد پاڪستان ۾ مستقل رهائش جو ارادو ڪيو پر جلد ئي ناسازگار حالتن جي هٿان مجبور ٿي هندستان هليو ويو، جتي سندس تمام گهڻي پذيرائي ڪئي وئي. هندستان سرڪار کيس پدم ڀوش جو اعزاز عطا ڪيو.

سال 1961ع ۾ استاد تي فالج جو حملو ٿيو، جنهن سندس آواز تي به اثر ڪيو، ان صدمي هن حساس فنڪار جي جيءُ کي جهڙ جهوري وڌو. سندس هڪ پرستار نواب ظهير يار جنگ کيس حيدراباد دکن وٺي آيو. بيماري ڪري سندس حالت وڌيڪ خراب ٿيندي وئي. جتي 03 اپريل 1968ع ۾ انتقال ڪري ويو. کيس حيدرآباد دکن ۾ دفن ڪيو ويو. سندس قدردان نواب ظهير يار جنگ سندس مرقد جي مٿان هڪ عاليشان مقبرو تعمير ڪرايو.

مختلف نمريون

(1) تلڪ ڪامود

(2) مشرا کماچ

(3) ڀيروي

HMV

STCS 04 B 7399

گجري ٽوڙي، ديسي ٽوڙي، ڀيم پلاسي، ڪامود، پهاڙي، ڪيدار، جي جي ونتي، درٻاري، اڙانه، مالڪوس ۽ پرج

EMI/ odean

MOAE 5004 (L.P)

مختلف نمبرن ۾ نيم ڪلاسيڪي اسم

(1) **کنکہ مار جگایا**- پيلو

(2) **آئی نا بالم**

(3) **میاں بولو**

(4) **یاد پیا کی آئی**- پيروي

(5) **پریم کے پھندی میں**- پيروي

(6) **پریم کے ماری کٹار**- سهڻي

(7) **کٹی نابرہ کی رات**- پيلو

(8) **ترلی ترچھی نظریا کی جان**- پهاڙي

(9) **پریم اگن جیارا**

(10) مارن منيون ڳالهڙيون - سنڌي پيروي

(11) **نیناں موری ترس گئے آجا بلم**

(12) پرديسي - جنگلہ پيروي

مٿان سڀ نمبر گرامون فون ڪمپني آف انڊيا ڪلڪتہ جا جاري ڪيل آهن.

T- series ۾ تيار ڪيل، آل انڊيا ريڊيو ۾ رڪارڊ ٿيل مختلف اسمن تي مشتمل 11 واليوم جو سيٽ

غلام علي (گائيڪ)

غلام علي سيالڪوٽ جي ڳوٺ ڪاليڪيءَ ۾ سال 1940ع ۾ ڄائو. راڳ جي تعليم استاد برڪت علي خان ۽ سندس ننڍي ڀاءُ استاد مبارڪ علي خان کان حاصل ڪئي. سندس ٻئي استاد کيس پيار مان "ٻڙا مانا" سڏيندا هئا.

غلام علي جي پيءُ کي خان صاحب بڙي غلام علي خان سان بي حد عقيدت هئي، جنهن پنهنجي پٽ جو نالو بہ بڙي غلام علي خان جي نسبت سان غلام علي رکيو. غلام علي جو چاچو منصور نئہ والہ مشهور هارمونيم نواز ٿي گذريو آهي.

غلام علي کي حڪومت پاڪستان 1979ع ۾ صدارتي ايوارڊ حسن ڪارڪردگي ڏنو. کيس ٽن پٽن ۽ ٽن نياڻين جو اولاد آهي. سندس هڪ پٽ عامر موسيقي جي پيءُ ڏاڏي واري پر چڙهي پاپ موسيقيءَ واري راهہ اختيار ڪئي آهي.

غلام علي کي شهرت صوفي تبسم جي ڪيل مرزا غالب جي فارسي غزل، جي پنجابي ترجمي ڳائڻ سان ملي ٻول هي آهن

ميري شوق دا نئين اعتبار تينو

سندس ڳايل ڪجھ مشهور غزلن جا ٻول

1- دل مين اک لهر سی اٹهی ہے ابهی
2. کچھ يادگار شهر ستم گر ہی لے چلين: ناصر ڪاظمي
3- ہنگامہ ہے کيون برپا
4- چهپ کے چهپ کے رات دن آنسو بهانا ياد ہے

غلام علي (موسيقار)

غلام علي ولد واحد بخش شيخ، 1933ع ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو. سندس والد سارنگي نواز هو. ڳائڻ جي تربيت استاد برڪت خان کان ورتائين. ستن اٺن سالن جي ڄمار کان ڳائڻ شروع ڪيائين. 1945ع ۾ رائل ڪامرس ڪاليج حيدرآباد ۾ ميوزڪ انسٽيٽيوٽ جو انچارج مقرر ٿيو. 1960ع ڌاري ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ڳائڻ جي حيثيت ۾ آيو. پر اڳتي هلي موسيقي ترتيب ڏيڻ لڳو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ شيخ حسن جي فلم ”عمر مارئي“ جا گانا ڪمپوز ڪيائين. ان کانپوءِ ٺهندڙ فلمن ”منڙا شال ملن“، ”شهرو فيروز پنو عاقل“، ”ليلا مجنون“، ”چاندوڪي“، ”سنڌڙي تان صدقي“، ”رت جا رشتا“، ”پيار ڪيو سينگار“، ”ممتا“، ”دشمن“، ”علي گوهر“ ۽ ”شهيد“ جا نغما ڪمپوز ڪيائين. سندس آخري فلم جيئي لطيف آهي. اردو فلمن جي موسيقي پڻ ترتيب ڏنائين، جن ۾ ”پروفيسر“ ۽ ”ميري هم سفر“ مشهور ٿيون. فلم ۽ ريڊيو تي جن فنڪارن کي متعارف ڪرايو انهن ۾ رونا ليليٰ وڏ ۾ وڏ غلام علي جي موسيقي ۾ ڳايو. محمد يوسف، عشرت جهان، ارشد محمود، سجاد يوسف، رزاق جميل، عنبر مهڪ، تعمير حسين وغيره.

ٽيليويزن تي ڪيس عبدالڪريم بلوچ وٺي آيو. هن اتي ڪيترن ئي پروگرامن جي موسيقي ترتيب ڏني، جن ۾ سنڌ سينگار، پرک، گهڙيال، وينجهار، ڪچهري ۽ اردو پروگرامن مان آواز و انداز، رنگ ترنگ، بزم تصور، لوڪ تماشا وغيره شامل آهن. پروڊيوسر محمد صالح شر جي ٿر تي هڪ ڊراڪيومينٽري جي پس پرده موسيقي ترتيب ڏني جنهن هالينڊ ۾ پهريون نمبر ڪنيو. اداڪار نديم به سندس شاگرد هو. هن جرمني ۽ جپان ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو.

استاد غلام علي راڳ جي تربيت ته استاد برڪت علي خان کان ورتي پر متاثر نوشاد کان هو.
هن 23 سيپٽمبر 1995ع ۾ لاڏاڻو ڪيو.

غنيات الامينا (ڪتاب)

هي ڪتاب گجرات جي گورنر ملڪ شمس جي چوڻ تي 75 – 1374ع ۾ لکيو ويو. هن ڪتاب جو قلمي نسخو علي ڳڙهه يونيورسٽي جي ڪتب خاني ۾ موجود آهي پر هن جا اڳيان 4 باب ۽ پويان چار باب غائب آهن. تنهن ڪري مصنف بابت ڪا به خبر نه ٿي پوي. مصنف موسيقارن گوين ۽ سازندن جي هڪ جماعت کان مدد وٺي اهو ڪتاب لکيو. هن صاحب هنن ڪتابن کان به مدد ورتي.

1. نائٽا شاستر
2. سنگيت نبود

3. سنگيت مڏر
4. سنگ
5. راگ نوا

هن اهو ڪتاب موسيقي جي ٽيڪنڪي پاسن تي لکيو.

غوث بخش بروهي (بانسري نواز)

غوث بخش ولد عطا محمد ذات بروهي، ڪنڊڙو ضلعو سانگهڙ تعلقو سنجهورو ۾ رهندڙ آهي. اصل ۾ سندس وڏا قلات بلوچستان جا لاڏائو هئا. پر پاڻ اتي ڄائو نپنو. سندس ماروٽ محمد صالح بانسري وڄائيندو هو. ان کان متاثر ٿي هن به پهرين بينون ۽ پوءِ بانسري محمد صالح کان سکي. ان ڪانپوءِ باقاعده ڳانو حاجي خان چانڊئي کان ہڏاياڻين. هن وقت سندس عمر 70 ورهيه کن آهي. ريڊيو تي ڪيس پير محمد احسان جان سرهندي 1975ع ۾ متعارف ڪرايو. جڏهن ته ساڳي سال ٽي وي تي عبدالڪريم بلوچ ڪيس آندو. هن وقت پاڪستان جي سٺن بانسري نوازن مان آهي. هن پنهنجي فن جو مظاهرو ملڪ کان ٻاهر به ڪيو آهي. 1984ع ڪوريا، 1986ع لنڊن، اٽلي، 1988ع ۾ فلپائن، 1952ع ۾ جرمن هالينڊ، 1994ع ۾ لنڊن، هالينڊ وغيره ويو. ڪيس فن جي مڃتا طور ڪيترائي ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ مليا آهن. جن ۾ لطيف ايوارڊ 1995ع شهباز گولڊ ميڊل ايوارڊ 99 – 98 – 97ع جلال ڪتي ايوارڊ، سخي جام ڏاتار ايوارڊ وغيره مليل آهن. پاڻ سلامت علي خان، مصري خان جمالي جيڪو سندس ڏاڏو استاد ٿئي ۽ حاجي خان چانڊيو کان متاثر آهي. پاڻ بلوچي، سنڌي، براهوي، مارواڙي، پشتو ۽ اردو جون ڌنون نهايت خوبصورتي سان وڄائي ٿو. سندس شاگردن ۾ پاٽچ امير علي ۽ سرور چانڊيو سٺو وڄائين ٿا. سرجو سفر جاري آهي.

فتح علي خان، استاد (گويو)

استاد فتح علي خان گواليار گهراڻي جي 18 هين جنريشن مان آهي ۽ پاڪستان جي ڪلاسيڪل ڳائڻن ۾ وڏي جڳهه والاري ٿو. پاڻ 1934ع ۾ گواليار ۾ ڄائو. پاڻ مشهور گائيڪ استاد اڪبر علي خان جو ٻيو نمبر فرزند هو. هن ستن سالن جي عمر کان راڳ سکڻ شروع ۽ ٽيهن سالن تائين پنهنجي وڏي ڀاءُ امانت علي خان سان جوڙي ۾ ڳائيندو رهيو. ٽيهن سالن تائين هو ڪلاسيڪل موسيقي جي دنيا تي ڇانيو رهيو. هن جا ڪيترائي رڪارڊ نهيا ۽ ڪيترين ئي فلمن ۾ ڳاتائين. جن ۾ "واعده" ۽ "ڪوئل" مشهور فلمون هيون. هن ڪيترن ئي ملڪن ۾ پاڪستان جي ثقافتي وفدن جي نمائندگي ڪندي، پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. جن ۾ برطانيا، جرمني، ڪئناڊا، ڊينمارڪ، ناروي، دبئي، نيپال، برما وغيره شامل آهن. سندس وڏي خواهش آهي ته هو پنهنجو فن ٻين تائين پهچائي ۽ ٻيا هن وٽان سکن. ان لاءِ هن جا ڪافي شاگرد آهن. استاد فتح علي خان کي صدارتي انعام پرائيڊ آف پرفارمنس به مليل آهي.

فدا حسين خان استاد (گويو)

فدا حسين خان جو اصل نالو خدا بخش هيو. پر ڪن بزرگن جي چوڻ تي سندس نالو مٽايو ويو. پاڻ حيدرآباد ۾ 1942ع ڄاري ڄائو. پاڻ مشهور استاد گائيڪ ٻيبي خان جو پٽ آهي. پاڻ به درجا پڙهي راڳ ڏي لاڙو رکيائين.

استاد بيبي خان ڪيس طبلي تي ويهاريو ۽ باقاعده سندس تربيت ڪئي.جنهن ٻار کي گويو ٺاٺو هوندو آهي ان کي پهريان تال جي باقاعده تربيت ڏبي آهي. فدا حسين جي ابتدا سٺي ٿي. بيبي خان جي حياتي ۾ سندس استاد مراد علي خان مقرر ڪيو ويو. 1952ع ۾ بيبي خان وفات ڪئي، مراد علي خان اڳ ۾ جهان ڇڏي چڪو هو ته هن مبارڪ علي خان وٽ ٽي سال سکيو. پر پوءِ مٽس 90 سيڪڙو پنهنجي پيءُ بيبي خان جو اثر هو. ڪافي جو صفا پيءُ جهڙي ڳائيندو هو. هي ننڍپڻ ۾ استاد عاشق علي خان، استاد بڙي غلام علي خان ۽ استاد اميرعلي خان جي صحبت ۾ رهيو ته انهن وٽان به پرائيندو رهيو. وڏا وڏا ڳائڻا جن ۾ خورشيد علي خان، اميد علي خان، حسين بخش ڍاڍي، استاد امانت علي خان ۽ استاد غلام عباس خان سندس نالو عزت ۽ احترام سان کڻندا هئا. جو فدا حسين پنهنجي پيءُ جي ورثي کي جيئن جو تيئن سنڀاليو هو. استادمنظور علي خان سندس سئوٽ هو پر سندس عزت وڏي پاءُ جهڙي ڪندو هو. حيدرآباد ۾ اڪثر مڪانن، اوطاقن ۽ درگاهن تي استاد فدا حسين خان کي آخر ۾ وارو ڏيندا هئا ۽ ڪيس "وڏو ملهه" ڪري سڏيندا هئا. استاد منڊ ۾ ڪلاسيڪل بندش ۽ پوءِ مختلف قسم جا ڪافي ڪلام ڳائيندو هو. هو رندي رمز وارو هو. ڪڏهن تانپوري ته ڪڏهن هارمونيم ته ڪڏهن يڪتاري ۽ چپڙي تي به ڳائيندو هو. استاد فدا حسين جا به، استاد عاشق علي خان وانگر درگاهن تي ڏينهن مقرر ٿيل هوندا هئا. ڪيترن اوتارن ۽ اوطاقن تي ڪچهري جو هن بنياد وڌو. پاڻ درگاهن تي اٺ اٺ ڪلاڪ ڊيوٽي ڏيندو هو. استاد ڪلاسيڪي، نيم ڪلاسيڪي ۽ نج سنڌي راڳ ۾ ڏاڍيون خوبصورتيون پيدا ڪيون. سنڌي سرن جو وڏو ڄاڻو هو. ڪيس لطيف جي سرن تي عبور حاصل هو. استاد ثنائي مولا، رندي ڪلامن، حضور پاڪ جي صفت، اهلبيت جي غم ۽ صفت ۾ لاثاني ڪلام ڳايا. سندس شاگردن ۾ عابده پروين، سينگار علي سليم، صادق علي، وحيد علي، ظفر علي، مظهر حسين، عنايت الله عباسي، مانجهي فقير، محمد يوسف، منو ڪچي، مائي الهه وسائي، ذوالفقار علي وغيره آهن. پاڻ 6 نومبر 1994ع تي وفات ڪري ويو. سندس آخري آرام گاهه اباڻي قبرستان ٽنڊي يوسف ۾ آهي.

فرودست (وڄت)

هي 14 ماترائن جو تال آهي. پهريون ماترو سم تالي 3، 5، 7، 9 تالي 11 خالي آهي. هن کي ٻن ٻن ماترائن جي 5 حصن ۽ ڇئن ماترائن جي هڪ حصي ۾ ورهايو ويو آهي.

ٺيڪو

ڌاڳي ترڪٽ – ناڳي ترڪٽ – تت تا ترڪٽ- ڌن ڌا – ڌن ڌن – ڌاڳي نگ گهن

ٻيو ٺيڪو

ڌين ڪڙتڪ – ڌين ڪڙتڪ – ڌين ڪڙتڪ – نگهن نگهن – ڌين ڪرتڪ – ڌين ناڪت تا.

فريده خانم

فريده خانم 1933ع ۾ ڪلتي ۾ پيدا ٿي، سندس پيءُ جو نالو غلام محمد هو. مشهور گلوڪاره مختار بيگم سندس وڏي ڀيڻ هئي.

فريده خانم 7 سالن جي عمر ۾ استاد عاشق علي خان کان موسيقيءَ جي تعليم حاصل ڪرڻ شروع ڪئي. سندس فني سفر جو آغاز ريڊيو لاهور تان سال 1949ع ۾ ٿيو. سندس پهريون نمايان پروگرام لاهور ريڊيو جو جَشن بهاران هو جيڪو 1950ع ۾ ملهايو ويو. ان محفل ۾ ان دور جي نمايان فنڪارن خان صاحب بڙي غلام علي خان، استاد برڪت علي خان، زينت بيگم ۽ دلشاد بيگم شرڪت ڪئي. انهن سڀني فنڪارن فريده خانم جي فن جي واکاڻ ڪئي.

فريده خانم جي شادي 1950ع ۾ ٿي. ڪيس اولاد ۾ هڪ پٽ ۽ ٽي ڌيئرون آهن. ڪيس 1971ع ۾ حڪومت پاڪستان حسن ڪارڪردگي جو صدارتي ايوارڊ ڏنو.

فريده خانم جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيل ڪجهه مشهور غزلن جا ٻول:

1- ***ہم بھی کیا زندگی گزار گئیے***
2- ***حال ایسا نہیں کہ تم سے کہیں***
3- ***وہ مجھ سی ہوئیے ہم کلام***
4- ***گو ذرا سی بات پر برسوں کے یارانی گئے***
5- ***آج جانے کی ضد نا کرو***
6. ***سجن لاگی توری لگن متوا*** (فلمي گيت نورجهان سان)

مددي ڪتاب:

سر سنسار (شهباز علي)

فقير غلام علي مسرور (صوفي ڳائڻو)

سندس ولادت 1893ع ڏاري شڪارپور ۾ ٿي. سندس والد جو نالو رحيم بخش ذات جا بدوي هئا. ابتدائي تعليم پنهنجي والد محترم کان ورتائين ۽ انگريزي تعليم گورنمينٽ هاءِ اسڪول شڪارپور مان پوري ڪيائون.

1912ع ۾ ٽپيداري جو امتحان ڏئي ٽپيدار ٿيو. فقير صاحب پنهنجي وقت جو بي مثال موسيقار هو. وقت جا سڀئي گويه سندس سنگ ۾ رهندا هئا. پاڻ بيدل جي درگاهه جو پانڌيئڙو هو. شڪل صورت جو تمام حسين هو. گلي ۾ ڏاڍو سوز هوس. پاڻ شاعر به هو. آخري دور ٺٽي آدم ۾ نوڪريءَ جي سلسلي ۾ رهيو. جتي دل جي تڪليف ٿي پيس. ڪجهه عرصو لاڙڪاڻي ۾ به سپروائيزنگ ٽپيدار هو. 1951ع ۾ وفات ڪيائين. ڪيس پنج پٽ هئا.

فقير نجم علي (راڳي)

فقير نجم علي ولد جوڻ فقير 19 سيپٽمبر 1964ع ڳوٺ ٽوپا لڳ محرابپور جائو. سندس پاءُ مشتاق علي راڳي ۽ مامون مشهور شرناءِ نواز محمد سومرو ۽ الهڏنو هئا. پاڻ پهريائين ڍولڪ وڄائيندو هو. 1972ع ۾ ريڊيو تي پروڊيوسر شوڪت خاصخيلي ۽ 1986ع ۾ اعجاز عليم عقيلي ٽي وي تي ڳارايس. سندس ڪجهه ڪيسٽون به مارڪيٽ ۾ موجود آهن. سنڌي کانسواءِ اردو ۽ سرائيڪي ۾ به ڳائي ٿو. پاڻ مهدي شاهه شاهه جهانيان واري جو گهڻو ڪلام ڳايو اٿس. سنو

ڪمپيئر بہ آهي. سندس شاگردن ۾ پنهل مارواڙي ۽ علي حسن شر ستا ڳائڻا آهن. سر جو سفر جاري آهي.

ڳايل ڪلام

1. ٻڌل آهيان ٻول ٻول پنهنجي محبوب سان (مهدي شاهہ)
2. همدردي ڪي پيار نہ چئبو پيارا (استاد بخاري)
3. ڪي پهر گذاريا هونداسين (مختيار ملڪ)
4. وڪ وڪ تي واڪاڻ او سپرين (جانب خان وغيره)

فلوٽ (ساز)

فليوٽ ڦُوڪ وارن سازن جي ونش مان آهي. هن وَنشَ جي ٻين سازن جهڙو مرلي، بينسري، الغوزي وغيره ۾ ڪک يا توتري (reed) آواز جو ذريعو ٿيندي آهي پر هن ۾ ڦوڪ سڌي سوراخ واري ناليءَ وٽان چپن ذريعي ڏوڪبي آهي. هن جا سر مٺا، ٻين سازن سان ميلاپ ڪائيندڙ، سريلا ۽ لچڪدار ٿين ٿا.

فلوٽ ڪيترن ئي نمونن جو دنيا جي ڪيترن ئي حصن ۾ ملي ٿو. اڄ کان ٽيهن هزار سالن کان ستٽيهہ هزار سال اڳ سوابين الب (swabian Alb) ۾ هڪ هاٿي جي ڏند مان ٺهيل فلوٽ لڌو آهي. ڇٽيهہ هزار سال اڳ جرمني جي گيسينڪوس ٽرل (Geissentkloterle) جي غار مان لڌل هنج پکي جي ڄنگهہ مان ٺهيل فلوٽ مليو. جنهن ڪي ست سوراخ آهن. اهڙي طرح اڄ کان پنجاهہ هزار سال پراڻو فليوٽ ديو جي بيب (Devji Babe) سلووينيا مان مليو آهي، جنهن ڪي بہ سوراخ آهن. شايد اهو پراڻي ۾ پراڻو فليوٽ جو مليل نمونو آهي.

فليوٽ مان آواز تڏهن نڪرندو آهي، جڏهن مٿان هوا جي ڦوڪ ڏبي آهي ۽ اها موٽندي آهي ۽ وڄائيندڙ ان آواز ڪي باقي سوراخن وٽان آنگرين جي ذريعي ان تي ڪنٽرول ڪندو آهي. بلڪل بانسري وانگر بہ ٿئي. هن جا دنيا ۾ ڪوڙ نمونا آهن. هن جو آواز نرم ۽ پر تڪو ٿئي ٿو.

فليوٽ مختلف ڌاتن مان ٺهيل هجي ٿو. ان لاءِ جنهن ڌاتو مان ٺهي ٿو، آوازي لهرون ان اثر هيٺ رهن ٿيون. ڪاٺ مان ٺهيل فيوٽ جا سر، پتل مان ٺهيل فليوٽ کان عليحده ٿين ٿا. دنيا ۾ هن جي بناوت جا بہ ڪوڙ نمونا آهن. هي دنيا جو ڪهنو ساز آهي. ان لاءِ دنيا جي مختلف حصن ۾ هن جا مختلف نمونا ملن ٿا.

فوزيہ سومرو (ڳائڪا)

فوزيہ سومرو سال 1966ع ۾ ٿر جي شهر ويرواهہ لڳ ڳوٺ ڪارسر ۾ ڄائي. سندس والد جو نالو نٿو خان هو جيڪو سريلو راڳي هو. سندس تربيت گهر ۾ ٿي پرديدار گهراڻي جي ڪري هوءَ سهرا وغيره ڳائيندي هئي. مائٽن کان لڪي هوءَ ريڊيو حيدرآباد پروڊيوسر انور بلوچ ۽ امداد خواجہ وٽ پهتي. جن پهريائين سندس آواز ۾ ”پائلي ڙي الا، مون ڏي مارن مڪي“ هڪ گيت رڪارڊ ڪيو. نصير مرزا هن کان پهريائين ”جدائي جي غم ۾ گذارين مٿان“ جيڪو ماستر ابراهيم جو ڳايل هو. فوزيہ کان ڳارايو، پوءِ ريڊيئي تي گهڻو ڪري نصير مرزا ئي ڪيس گهڻو رڪارڊ ڪيو. سندس

مشهوري جو سبب ”اي منهنجا ماروئڙا“ بڻيو. فوزيہ جو ڳايل اهو نغمو نہ صرف سندس مشهوري جو سبب بڻيو پر پوري ملڪ ۾ پسند ڪيو ويو. اهو نغمو عمر شريف پنهنجي هڪ فلم ۾ شامل ڪيو. 1993ع ۾ حاجي مصري سنيو سان شادي ڪيائين. توڙي جو سندس شروعات هڪ گيتن ڳائڻ سان ٿي. مگر پوءِ هن ڪافي ۽ ڪلام گهڻو ڳايو. هوءَ سنڌ جي مشهور ڳائڻي هئي، جنهن سوين گيت ڳايا. سوين ڪيسٽون ڪڍيون. ڪوڙ ماڻهن سندس نالي ۾ ڪمايو ۽ ڪمائي رهيا آهن. چوٿين نومبر تي هڪ سنڌي چينل خبر ڏني تہ هيڏي وڏي فنڪاره جي مرڻ واري تاريخ تي ڪنهن بہ اداري ڪو بہ پروگرام ڪو نہ رٿيوآهي. بي حس قوم جي فنڪاره هئي نہ !!!

پاڻ 4 سيپٽمبر 2002ع تي ڪراچي جي آغا خان اسپتال ۾ گذاري وئي. زندگي ۾ ڪيس شاهہ لطيف ايوارڊ، سيد مصري شاهہ ايوارڊ ريجنل ايڪسيلينس ايوارڊ ڏنو ويو. هن سنڌي، مارواڙي، ڍاٽڪي ۽ گجراتي ٻولين ۾ گهڻو ڳاتو.

فياض حسين خان صاحب، استاد(گويو)

استاد فياض حسين خان صاحب جيڪو آفتاب موسيقي سڏجي ٿو. آگره جي ڀرسان سڪندر آباد ۾ سال 1880ع ۾ پيدا ٿيو. سندس تعلق موسيقي جي آگره يا رنگيلا گهراڻي سان آهي. سندس شمار ڪلاسيڪي موسيقي جي مشهور ۽ مايا ناز گائيڪن ۾ ٿئي ٿو.

استاد فياض خان ذر پد ڳائڻ جي تعليم پنهنجي ناني غلام عباس خان کان حاصل ڪئي، جڏهن تہ ڌمار ڳائڻ ۾ علڻ خان جي شاگردي اختيار ڪئي. علڻ خان، غلام عباس خان جو ننڍو ڀاءُ هو. علڻ خان ۽ غلام عباس خان 19 صدي جي آخري حصي ۾ رنگيلا گهراڻي جا نمايان فنڪار تي گذريا آهن. رنگيلا گهراڻي جو باني رمضان خان رنگيلا فياض خان جو ڏاڏو هو. سندس چاچو فدا حسين خان رياست ٽانڪ راجپوتانہ جو درباري گوئيو هو. فياض خان جو پيءُ صفدر حسين خان سندس ننڍپڻ ۾ ئي وفات ڪري ويو هو. سندس پرورش سندس ناني غلام عباس خان جيڪو گهگهي خدا بخش خان جو پٽ هو. ان جي نگراني ۾ ٿي، جنهن ڪيس پٽيلو ڪري پاليو. فياض خان پنهنجي محنت ۽ رياضت سان 18 سالن جي عمر ۾ نمايان حيثيت حاصل ڪئي. استاد فياض خان ۽ استاد حافظ علي خان جيڪو ميسور جو درباري گائيڪ هو. جي وچ ۾ سال 1908ع ۾ ميسور ۾ موسيقي جو هڪ عظيم شان مقابلو ٿيو. جيڪو ٻنهي فنڪارن جي وچ ۾ ڪلاڪن تائين جاري رهيو. ان موقعي تي مهاراجا ميسور فياض خان جي ڪارڪردگي مان متاثر ٿي ڪيس آفتاب موسيقي جو خطاب عطا ڪيو.

استاد فياض خان ٻڙوده سرڪار ۾ درباري گائيڪ مقرر ٿيل هو. پاڻ گهڻو ڪري سفر ۾ رهندو هو. موسيقي جي ڪا بہ ڪانفرنس سندس شموليت کانسواءِ نامڪمل سمجهي ويندي هئي. سندس گرجدار آواز سوز ۽ تاثير سان ڀربل هوندو هو. جڏهن تہ سندس گائيڪي جو انداز فني مهارت جو هڪ عمده مثال هو. ڪيس ڌرپد، ڌمار، خيال، ٺمري، دادرو ۽ غزل ڳائڻ تي مڪمل عبور حاصل هو. محرم الحرام جي عشري دوران مجلسن ۽ آل انديا ريڊيو لکنو تي سندس پردرد آواز ۾ پيش ڪيل سوز ۽ سلام وڏي دلچسپي سان ٻڌا ويندا هئا. سوز خواني ۾ بہ ڪيس استاد جو درجو حاصل هو.

استاد فياض خان اولاد جي نعمت کان محروم رهيو. سندس گهرواري سندس حياتي ۾ ئي گذاري وئي هئي. سندس شاگردن ۾ استاد خادم حسين خان، لطافت حسين خان، شرافت حسين خان ۽ پنڊت دليپ چندرا ويدي راڳداري جي دنيا ۾ وڏي حيثيت جا مالڪ رهيا.

موسيقي جو هي آفتاب 5 نومبر 1950ع ۾ بڙودا ۾ هزارين پرستارن کي سوڳوار ڇڏي هميشہ لاءِ غروب ٿي ويو.

ڦوٽو زرداري (راڳي)

ڦوٽو زرداري 1952ع ۾ سرهاري ضلعي نوابشاهہ ڳوٺ عالم خان زرداري ۾ ڄائو. پاڻ مصري فقير جو شاگرد ٿيو. جنهن کان هن راڳ جي سکيا ورتي. ڦوٽو مخدوم طالب الموليٰ جو لاڏلو فنڪار هو. هن مخدوم صاحب جي ڪلام "مهرباني ٻي تہ وئي پر منهن ڏيکارڻ ڪان بہ وئين" ڪان مشهوري ورتي. هن ريڊيو ۽ ٽي وي تي مخدوم صاحب، سيد صالح شاهہ راڻيپور واري ۽ مرتضيٰ ڏاڏاهي جو تمام گهڻو ڪلام ڳايو. ڪافي ڪلام کي يڪتاري تي سٺو نڀائيندو هو. سندس ڳايل ڪلام ريڊيو حيدرآباد، پي ٽي وي ۽ سنڌالاجي ۾ محفوظ آهن. پاڻ 18 مارچ 1996ع ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.

ڪجهہ ڪلام

1. مهرباني ٻي تہ وئي پر منهن ڏيکارڻ ڪان آوئين (طالب الموليٰ)
2. اي پرين پرديس وارا پيار جي پارت هجئي (مرتضيٰ ڏاڏاهي)
3. مٺا هاڻي منهنجي اٿئي موڪلاڻي (دريا خان)
4. تماچي ڄام ڪيئن تڙتي

قانون (ساز)

اهو ساز بربط مان نڪتل آهي. چون ٿا تہ ابو نصر فارابي جي ايجاد آهي. هن ۾ تارون ٽين ٿيون. هن کي سر منڊل بہ چون (ڏسو سرمنڊل) هن ۾ هڪ هڪ سر لاءِ ٻہ ٻہ تارون چاڙهجن ٿيون. هي نهايت هلڪي ڪاٺي، يا نرم آبنوس جي چوب يا ڏونڪي سان وڄائبو آهي.

قطر جي موسيقي

وچ مشرق جو عرب ملڪ جنهن جي ثقافت جو محور بدوي شاعري، راڳ ۽ ناچ آهي. ناچن مان مشهور Ardah آهي. هي رسمي عسڪري ناچ آهي. جو Al – ras (وڏو دهل) ۽ ننڍن دهلڙن Combales Tambourior سان ٻن قطارن ۾ نچڻوارا پيش ڪن. قطر ۾ جي ٻيا ساز وڄائجن تن ۾ Rebaba – oud ٻئي تاري ساز ۽ عربي flute شامل آهن. موجوده دور جا قطري، بدوي روايت ۾ رنگيل امارات جي خليجي موسيقي وڌيڪ پسند ڪن ٿا. قطر جو Gylfolk lore centre ايراني نار جي لوڪ موسيقي جي اپياس لاءِ مشهور موسيقي جي مرڪزن مان هڪ آهي.

ڪافي (راڳڻي)

ڪافي ٺاٽ جي سمپورن راڳڻي آهي. جنهن جي آروهي امروهي سڌي سنئين آهي. هن راڳڻي ۾ پنچم نياس جو سر آهي ۽ اهو سر سندس سڃاڻپ آهي. ڪي گائيڪ تيور گنڌار به لڳائيندا آهن. ڪي تيور نکاد به هڻن.

چال: پا پا- گا – ماپا – ماگا – ري سا – ناسا – ري گا – ماپا گا – ري سا

آروهي: ساري گاما پاڌي ناسا

امروهي: سا ناڌي پاما گاري سا

وادي سر: پنچم

سم وادي سر: کرج

وقت: ڪنهن به وقت

ڪافي (سنڌي راڳ)

ڪافي کي به ٻن زاوين سان پرکڻ گهرجي، هڪ ان جو فني ستاءُ ۽ ٻيو ڳائڻ جو نمونو. وائي الڳ چيز آهي ۽ ڪافي الڳ. سيد منظور نقوي ڪافي کي هرپا ميل ٺاٽ جي راڳڻي ٻڌايو آهي. جنهن کي امير خسرو (724 ھ وفات) ايجاد ڪيو. ڪافي موسيقي سان اسان وٽ رائج ٿي. مولانا گرامي لکي ٿو ته ”منهنجي ذاتي خيال ۾ ڪافي ”ڪافي“ راڳ جي نسبت سان اول اول ڳائڻ ۾ آئي. اڳتي هلي سيني سرن ۾ (صنف) ڳائي وئي. ڪافي خود علم آهي. اسان وٽ ڪافي ڳائڻ جو هڪ اهڙو نمونو آهي، جنهن ۾ راڳڻي ڳائي وڃي ٿي، پلي ان ۾ ڪافي ٺاٽ جون راڳڻيون،ماروا ٺاٽ جون راڳڻيون هجن. جيڪو به راڳ اسان وٽ اوطاقن يا اوتارن ۾ يڪتاري ۽ گهڙي تي ڳايو وڃي ٿو ان کي ڪافي چئجي ٿو.

مصري شاهه جي ڪافي؛ معنيٰ گهاڙيتو مصري شاهه. باقي سر يا راڳڻي کهڙي به. سنڌ ۾ ڪافي ڳائڻ جا مختلف انداز آهن. جنهن ۾ پهريون قابل ذڪر انداز صوفياڻو رنگ آهي. جيڪو برصغير جي مسلمان صوفين ۽ ويدانتي فقيرن ۽ ڀڳتي تحريڪ سان گڏ ايران جي اثر جي پيداوار آهي. جنهن ۾ مختصر پر پرپور تال اندر ڪافي کي محض تمثيل بڻائي، هن تخليق ۾ حق جو اظهار ڪري وجد آور ڪيفيت ۾ ڳايو ويندو آهي. صوفياڻي رنگ جي گائيڪي ۾ چمٽو، ڪڙتال، پکواز، گهڙو، ڏنبو، چيرو ۽ يڪتارو ڪم اچن ٿا. جن جو تکو تال جسم ۾ حرارت پيدا ڪري ٿو. سرن ۾ مڌم استان ڪم اچي ٿو ۽ ان جي اندر ئي سموري ادائگي ٿئي ٿي. سر جي اندر ئي بعضي هڪ ڪان وڌيڪ ٻه ٽي يا چار آواز گڏجي به ڳائين.

ڪافي ڳائڻ ۾ يڪتاري پوڻ جو مڪتب به هڪ نمايان انگ آهي. يڪتاري پوڻ ۾ هڪ يا اڌ ساز بنيادي ضرورت وارا ڪتب اچن ٿا. مددي سازن جهڙوڪ سارنگي، سرندي بدران يڪتاري جي ٽڻ ٽڻ جي آس وٽن. جيڪو لئه جو پڻ ڪم ڏئي ٿو.

ڪافي ڳائڻ ۾ مننار فقير جو انگ جداگانہ حيثيت رکي ٿو. هن جو انداز صوفيانہ آهي. جنهن ۾ وجداني ڪيفيت پيدا ٿئي ٿي. هتي سرن ۽ تالن جي پيچيدگي کان بهرحال پاسو ڪيو ويو آهي. فقير امير بخش، فقير عبدالغفور، ڏول فقير، فقير يار محمد، منو ڪڇي، جلال چانڊيو، عثمان فقير، مانجهي فقير ۽ ڪوڙ سنگ وارا فقير ڪافي جي ڳائڻ واري انداز جا امين آهن.

ڪافي ٺاٺ

پراڻن گرنٿن ۾ هن ٺاٺ کي هر پريا ميل جي نالي سان بہ لکيو ويو آهي. سُر هي اٿس:

سا – ري – گي – ما – پا – ڌي – ني – سا

کرج – رکب شڌ – گنڌار ڪومل – مڌم شڌ – پنچم – ڌيوت تيور – نکاد ڪومل

ٺاٺ جون راڳڻيون:

ڌنا سري – سنڌوي يا سينڌورا – ڪافي – ڌاني – پيم پلاسي – بهار – مڌماد – راگيسري – حسيني جو نهرو – ميگهہ ملهار – رامداسا – ملهار – ميان جي ملهار – سوها – نلامبري – سور ملهار – پٽ منجري – پرديپڪي – شهاڻو – ديو ساک – هنس ڪنڪني – بندرا بني –پيلو – ڪوسي جو نهرو – نائيڪي جو نهرو – ميان جو سارنگ – سگهرائي – شتر سارنگ – بروو – ساونت سارنگ – سري رنجني – لنڪڌن.

هن ٺاٺ جون راڳڻيون گهڻو ڪري منجهند ۽ اڌ رات جو ڳاتيون وڃن ٿيون. رات جو درباري وغيره جيڪي ڌيوت جا راڳ آهن. ڪن گرنٿن ۾ هن کي سري راڳ ٺاٺ بہ چون ٿا.

ڪالنگڙو (راڳڻي)

پيرو ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي آهي. ڪن وٽ وادي سر گنڌار تہ ڪن وٽ مڌم ليکجي ٿو. هي رکب ڌيوت دربل ڪرڻ سان پيرو کان الڳ ٿئي ٿي. هي پرڪيرتي راڳڻي آهي (يعني شوخ مزاج) ان لاءِ درت لئہ ۾ ڳائڻ گهرجي.

خاص تان: ني ني سارا گي- راگي – ماگي – ماما گي – گي ماپا ڌا – ماپا – ڌا پا ماگي – راگي ماگي – راسا

آروهي: ساراگي ماپا ڌاني سا

امروهي: ساني ڌا پاماگي راسا

وادي سر: ڪن وٽ گا – ڪن وٽ ما

سموادي سر: کرج

ڳائڻ جو وقت: رات جو ٽيون پهر

ڪامود ڪلياڻ (راڳڻي)

ڪلياڻ ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي آهي. هن ۾ ٻئي مڌم رائج آهن. ان لاءِ ڪي هن کي ڪلياڻ ٺاٺ جي تہ ڪي بلاول ٺاٺ جي راڳڻي ڳڻين ٿا. وادي سر پنچم ۽ سموادي سر رکب اٿس. گنڌار وڪر اٿس. هي راڳڻي رکب ۽ پنچم جي

سنگت ڪري سجاڻڻ ۾ آسان ٿيو پوي. گونڊ ۽ همير جي ملائڻ سان هي راڳڻي ٺهي آهي. پنڊت سو منات هن کي بلاول ٺاٺ جي راڳڻي ڪري لکيو آهي.

آروهي: ساري پامي پاڌي پاڌي سا

امروهي: ساني ڌي پاڳي ماپاڳي ماري – سا

وقت: سج لهڻ کان پوءِ

ڪٿڪ (ناچ)

هندو تهذيب ۾ "ڊراما" جي فن کي "نتيا" چون ٿا. نتيا جي وصف هيءَ آهي ته "داستان گوڪتا ڪرڻ وقت رامائڻ ۾ مهاپارت جي واقعن کي سر سان ٻڌائيندو آهي ۽ انهيءَ سان گڏ پنهنجي جسم جي مختلف عضون کي اهڙي طرح چوريندو پوريندو آهي جو داستان گوئي جي بلڪل ويجهو اچي ويندو آهي. جسم جون اهي حرڪات ۽ سڪنات هيون، جيڪي شروع ۾ بلڪل سوليون هيون. پر وقت گذرڻ سان گڏ انهن کي ترقي ڏئي هڪ اهڙي زبان جو قالب ڏنو ويو، جنهن تي رقص جي فني عمارت جا بنياد پيا. انهيءَ جو بنياد ڪٿا تي آهي، تنهن ڪري انهي جو نالو به ڪٿا رکيو ويو. ڪٿڪ جا ٻه حصا آهن: هڪ نرتا، جنهن ۾ نج رقص جي فني صورت هجي ۽ ٻيو "هنيا" جنهن ۾ چهري جي لاهين چاڙهين ۽ Theme جي اظهار لاءِ حرڪتون ٿين. انهي ڪان سواءِ "ڀاو" به ٿين. جيڪي حالات کي ظاهر ڪرڻ جون فني صورتون آهن. شعري جذبات کي اجاگر ڪن ٿيون.د راصل ناتيا ۾ به اخلاقي قدر ٿين ٿا. هڪ "ناتيا ڊرما" يا مذهبي پهلو ۽ ٻيو "لوڪ ڊرما" جنهن ۾ دنيوي لاڳاپن ۽ جذبن جو اظهار ٿئي. ناتيا ڊرما ۾ اشارا ايترا واضح ڪو نه ٿين ٿا جو هر ماڻهو انهن کي سمجهي، جو ان لاءِ وڏي رياض ۽ فني جوڙجڪ جي واقفيت گهرجي. ان جي مقابلي ۾ لوڪ ڊرما ۾ ائين ڪو نه آهي: انهيءَ ۾ هڪ واقعي کي حقيقي نموني واري لهجي ۾ ٻڌايو وڃي ٿو ۽ روماني انداز ۾ ترجماني ٿئي ٿي. ان لاءِ هي ناچ به ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو. ناچ مندرن ۾ عبادتگاهن لاءِ مخصوص ٿي ويا ته ڪي ناچ وري روماني جزن جي ڀرپور تاثر هئڻ ڪري عوامي رنگ اختيار ڪندا ويا. مندرن وارا ڪٿڪ رقص گهٽو ڪري ٻاهرين اثرن کان بچيا رهيا پر ٻيا "لوڪ ڊرما" ڪٿڪ ناچ عوامي رنگ ۾ رنگجي ويا.

ڪرناٽڪي موسيقي

ڪرناٽڪي موسيقي ڏکڻ هند ۾ رائج آهي. ان جو پنهنجو مخصوص انگ ۽ لهجو آهي، توڙي ان جي اثر جو دائرو تمام محدود آهي. ڪرناٽڪي موسيقي کي جن بزرگن وڏو مقام ڏياريو اهي هئا راجا تياڳ، بابا دڪشت شرم شاستري، هنن بزرگن جو ڪرناٽڪي ۾ اهوئي مقام آهي، جيڪو هندستاني موسيقي ۾ امير خسرو، بابا هري داس، يا ميان تان سين جو آهي. مٿيان ٽئي ڪرناٽڪي موسيقي جا بزرگ، سند جي حيثيت رکن ٿا. انهن هزارين ڪيرتيون، پد ۽ گيت لکيا. واشديو آچاريه، ڪيدي سمبا، شوائر، سوامي نائيڊو، دوارم، نيڪتا، پلارم سنجيو رائو، مهاراج پورم وشوانات وغيره جديد ڪرناٽڪي موسيقيءَ جي اڏيندڙ آهن.

شري واشديو آچاريہ ڏکڻ هند جو ممتاز موسيقار ۽ استاد آهي ۽ ڪرناٽڪي موسيقي جو تمام وڏو نالو آهي. سندس تحقيقي ڪارناما ڇپيل آهن. راشٽرپتي ايوارڊ مليو اٿس. سوامي نائيڊو ممتاز وائلن نواز آهي. مهاراج ڪاليج آف ميوزڪ وجئہ ننگر جو پرنسپال آهي. سنجيو رائو پلوڙ بانسري نواز آهي. مهاراج پورم وشوانات پڻ ڪرناٽڪي موسيقي ۾ استاد جي حيثيت رکي ٿو. ڪين سرڪار اعزازن سان نوازيو ويو آهي. آريا ڪيدي رام نجا آئنگر پهرين جوڙ جو ڳائڻوآهي. انهن سڀني ڪرناٽڪي سنگيت جو رنگ روپ پنهنجي پنهنجي وس آهر نکاريو ۽ سنواريو آهي. هي ڪرناٽڪي موسيقي جا اهي نالا آهن جن جي ڪري ڪرناٽڪي موسيقي زندهہ آهي.ان ڪانسواءِ هلڪي ڦلڪي نيم ڪلاسيڪي راڳ ۾ سبوا لڪشمي جو نالو ڳڻبو.

ڪڙا (ساز)

ڪڙا چوڙن وانگر ٿين. جيڪي ٻانهن ۾ ڪاراين تائين پائبا آهن. هي ڪڙا هيٺ ننڍا ۽ پوءِ هوريان هوريان وڏا ٿيندا آهن. هي گهڻو ڪري ڪاٻي ٻانهن ۾ پائبا آهن. ساڄي ٻانهن جي هٿ ۾ فٽ ڏيڍ جي ڊگهي ڪاٺي ڪٽي هيٺان ڪان ڪڙن کي ڏڪ هڻبو آهي تہ هڪ ردم پيدا ٿيندوآهي. گهڻو ڪري فقير لڏي جا سريلا ماڻهو سرسان ڳائڻ مهل تار جو ڪم انهن ڪڙن کان ضرب وسيلي وٺندا آهن. هي تمام سادو ساز آهي. هي ڪڙا لوهہ جا ٺهيل ٿين ٿا.

ڪلواڙو/ تلواڙو (وڄت)

هن ۾ 16 ماترائون ٿين ٿيون. پر وڄت توڙي انداز ۾ تين تال کان مختلف ٿئي ٿو. هن جي ٻولن ۾ اها سادگي ڪانهي جهڙي تين تال ۾ ٿئي. خيال ۽ ٻين ڪلاسيڪي توڙي نيم ڪلاسيڪي نمونن ۾ استعمال ٿئي ٿو. چئن چئن ماترائن جي چئن حصن ۾ ورهايل آهي. پهرين سم 5 ۽ 13 ماترا تي تالي اچي ٿي. 9 ماترا خالي آهي. ٻول هن ريت آهن

ٺيڪو

ڌاترڪت ڌن ڌن — ڌاڌا تن تن — تاتن تن نا — ڌاڌن ڌن نا.

ڪرواني — راڳڻي

هي مشرميل سمپورن راڳڻي آهي. جنهن ۾ گنڌار ۽ ڌيوت ڪومل باقي سرشڌ آهن.

وادي سر: گنڌار

سم وادي: نکاد

آروهي: ساري گي ماپا ڌي ني سا

امروهي: سانڌي پاماگي ري سا

وقت: شام

خاص تان: ساري گي ما — ري گي ري سا- ني ڌي ني سا — ري گي ما — پاڌي ني پا — ڌي ما پاگي — ماري ساڌي — ني ساري سا.

ڪشڪول (ڪتاب)

هن ڪتاب جو قلمي نسخو، انجمن ترقي اردو ادب علي ڳڙهه ۾ موجود هو. ليکڪ جونالو لکيل ڪو نه آهي. مگر سن بابت ڪجهه اندازو آهي ته اهو ارڙهين صدي جي لکت آهي. هن ۾ ٻيا به مضمون آهن. مگر هڪ باب موسيقي تي به آهي. هن ۾ ڇهن قسمن جا راڳ ٻڌايا ويا آهن. هر راڳ، انهن راڳڻ جي زالن، پٽن ڏيئن ۽ پوٽن جو ذڪر هنومان مت ۽ پرت مت مطابق لکيو ويو آهي. جو ته انهن راڳن ۽ راڳڻين ۾ ڪجهه فرق آهي ۽ ٻئي مت يعني ڪلنات مت ۽ سمسير مت جون راڳڻيون وغيره ٻين جاڻايل متين متن ڪان مختلف هجن ٿيون پر ڪجهه هڪ جهڙيون به آهن.

بهرحال هي باب راڳن ۽ راڳڻين بابت هڪ سٺي ۽ جامع لکت آهي. اجا ڇپي ڪا نه آهي.

ڪلياڻ ٺاٺ

هن ٺاٺ جا سر هي آهن.

سا – ري – گو – مي - پا – ڌي – نو – سا

هن جا سپ سر تيور آهن

ٺاٺ جون راڳڻيون:

ايمن – شڌ ڪلياڻ – پوپ ڪلياڻ يا پوپالي – همير – ڪيدارو – ڇايانٽ – ڪامود – شام ڪلياڻ – هنڊول – گوڙ سارنگ – ماليسري – ايمني بلاول – چندر ڪانت – ساوڻي ڪلياڻ – جيت ڪلياڻ.

هن جا ٽي قسم مقرر ڪيا ويا آهن: جن ۾ سر مڌم ورجت آهي 2 جن ۾ صرف هڪ مڌم لڳي 3. جن ۾ ٻئي ڪومل ۽ تيور مڌم لڳن. سنڌي پرڪاش راڳن ۾ رکب ۽ ڌيوت ڪومل ڪبا آهن. ڪلياڻ ٺاٺ جي راڳن جيڪي رات جي پهرين حصي ۾ ڳايا وجن ٿا انهن ۾ پور وانگ جي سرن جو زور گهٽيو رهي ٿو. اڌ رات جو ڳائڻ وارن راڳن ۾ گنڌار ۽ نکاد ڪومل هوندا آهن. آڌي رات جي راڳن ۾ ڪومل رکب ۽ ڌيوت، ڌيوت ۽ تيور گنڌار ۽ نکاد اڪثر ڪري مستقل هوندا آهن.

ڪنپ تال (وڄت)

هي 11 ماترائن ۽ 6 ضربن جو تال آهي. هي ڇئن حصن ۾ ورهايل آهي. پهريون ۽ ٽيون حصو ٻن ٻن ماترائن جو 2 حصو ٽن ماترائن جو ۽ چوٿون حصو ڇئن ماترائن جو اٿس. سم ڪان سواءِ 3، 4، 6، 8، 9 ۽ 10 پريل تالون آهن. جڏهن ته 2، 5، 7 ۽ 11 نمبر ماترائون خالي آهن.

ٺيڪو

ڏاڌڙ – تڪ تٽ ڌا – زڌ نڪ – تٽ ڪٽ گدگن.

ڪنجهيون يا ٺليون (ساز)

ٺال جو هي عوامي ساز ڪيترن ملڪن ۾ وڄايو وڃي ٿو. سنڌ ۾ هن ساز وڄائڻ وارا ڪاريگر استاد اڄ بہ موجود آهن. هي پتل جا ٻہ ڪٽورا / ڪٽوريون/ ٺالهيون هونديون آهن. جن جي پٺئين پاسي هٿن ۾ جهلڻ / سڄي ٻڌڻ لاءِ ٻنبٽيون ٿين.

هنن کي هٿ سان پاڻ ۾ ٽڪرائي ٺال پيدا ڪبو آهي. ملوڪ ڪاريگر هنن ۾ سڳو يا سوٽلي ٻڌي، سوٽلي هٿن ۾ ويڙهي عجب انداز سان هٿن تي ڦيرائين جو انهن جي ٽڪرائجڻ سان سهڻو ٺال پيدا ٿئي ٿو. ٺليون ڳائڻ وارن سان وڄايون وڃن ٿيون پر اڪيلي وڄائڻ ۾ وڌيڪ لطف ڪن ٿيون.

ڪنزالتحف (ڪتاب)

هي فارسي ۾ لکيل فن موسيقي تي رسالو 754هہ / 1355ع ۾ لکيو ويو. هن تي ليکڪ جو نالو لکيل ڪو نہ آهي. علي ڳڙهہ يونيورسٽي جي ڪتب خاني ۾ قلمي صورت ۾ موجود هو. مقدمي کان سواءِ هن ۾ چار مقالہ هن عنوان سان ڏنل آهن.

پهريون عنوان ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. الف: در حدود تعريفات (ب) در علت اسباب حدت نقل وعوارض.

ٻيو مقالو بہ ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. (الف) در تصنيع عود (ب) تسويہ اوتار آدو استخراج ادوار و آوار ها ازان.

ٽئي مقالي جو عنوان: در تصنيع مسافرات آد (يعني راڳن جي ترتيب)

چوٿين مقالي جو عنوان: موسيقي جي شاگردن لاءِ اهم اشارا ۽ راڳن جي ترتيب جي مناسبت سان شعر — هن مقالي کي بہ ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي.

راڳ ساگر (ڪتاب)

هي ڪتاب اڪبر جي دور ۾ لکيو ويو. پر هن ڪتاب جي لکڻ واري يا ڪتاب ۾ موجود مواد بابت ڪجهہ معلوم ناهي.

ڪنور ڀڳت (ڳائيڪ)

ڪنور ڀڳت 1902ع ۾ ڏهرڪي ۾ ڄائو. اتي نپنو وڏو ٿيو. اتي ئي سر سان دوستي ٿيس ۽ هن پنهنجي زندگي سنگيت جي سرتين ۾ سرهي ڪئي. هن ڀڳت سڄي زندگي عام ماڻهن ۾ سپنڌ پيدا ڪرڻ ۽ منجهن پريم جي پونجي ورهائڻ ۾ گذاري. هن کي آواز هو. سوز هو. گداز هو. سندس فن ۾ جتي روح لاءِ آرام جو سنيهو هو اتي سندس سوچ ۾ گهرائي پڻ هئي. هو سراپا پنهنجي سوچ ۽ فن جو عملي نمونو هو. سندس گهٽا شاگرد هوندا هئا. جيڪي ساڻس جهيلي تي ڳائيندا هئا. ڀڳت وجهڻ وقت هر لمحي الله ڪريم جو نالو زبان تي هوندو هوس. ٽيڙو ڪرموڙ ٻندا هئا تہ هي ڀڳت لاءِ سنبرڻ شروع ڪندو هو. باقي رات هڪ پهر هوندي هئي تہ محفل کي مچائيندو هو. ٽين وڳين رات کان صبح تائين پاڻ ٻڌندڙن کي بت ٻڻائي ڇڏيندو هو. نارو ۽ ٽيکو بہ ٻيا نوجوان سندس آواز جي مدد ۾ هوندا هئا. سندس پسند جي راڳڻين ۾ جوڳ، ڪوهياري، راڻو، آسا ۽ پرڀاتي هونديون هيون، جن تي قدرت هوندي هيس. جيڪو

ٻه ملندو هوس سو محتاجن، غريبن ۽ معذورن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. جيڪي سون جي تعداد ۾ سندس اڳڻ جو ٻڌي اچي ڪنا ٿيندا هئا. پاڻ دل ۾ هٿ جو سخي هو. پنهنجو گذران کهر وڪڻي ڪندو هو.

ڪن انڻ- سَهُو ماڻهن هندو – مسلم ڇڪتاڻ جي آڙ وٺي ڪيس رڪ اسٽيشن تي قتل ڪري ڇڏيو.

سال 2005ع ۾ KTN مٿس پڳت ڪنور رام نالي فلم ٺاهي، جنهن ۾ احمد ميمڻ سندس ڪردار کي سنؤ نڀايو.

ڪوسي / ڪونسي (راڳڻي)

آساوري ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي آهي. جنهن جا انگ مالڪوس سان گهڻو ملن ٿا. مڌم جو سر وادي اٿس. جتي پنچم هٽيو آهي اتي ڌناسري جي ڏک ڏيندي آهي، مگر اترانگ مالڪوس جي ڪري ڌناسري جو انگ لڪي ويندو آهي. هي راڳڻي ڪانڙي ۽ مالڪوس جو مرڪب آهي. هن کي ڪوسي جو ڪانڙو ٻه چوندا آهن. هي راڳڻي ڪافي ٺاٺ ۾ درج ٿيل آهي

آروهي: ناسا گاما – پاما – ڌانا سا

امروهي: سانا ڌاما پاما گاري سا

وادي سر: مڌم

سموادي سر

ڪوسي جو نهرو (راڳڻي)

هي ڪافي ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي آهي. هن ۾ مڌم ۽ ڌيوت جي سنگت رهي ٿي. جنهن ڪري ملهار ڪان جدا رنگ ڏيکاري ٿي. هي ٻه هڪ ڪانڙي جو قسم آهي. هن کي ڪانڙي جي انگ ۾ ڳائڻ گهرجي.

آروهي: ساري گاما – پاڌي ناسا

امروهي: سانا ڌي پاما – گاري سا

وادي سر: مڌم

سموادي سر: کرج

وقت: رات جو ٻيو پهر

ڪوڪب بلاول (راڳڻي)

هي بلاول ٺاٺ جي راڳڻي آهي. هن ۾ رکب کي اندولن ڪيو وڃي ٿو. هن راڳڻي ۾ بلاول راڳڻي جي نقشي ڪانسواءِ ڪجهه نقشو جيجونتي جو ٻه نظر ايندو آهي. مگر جيئن ته جيجونتي ۾ رکب سان گڏ ڪومل گنڌار ٻه استعمال ٿيندو، جيڪو هن کي الڳ صورت ڏئي ٿو. هي راڳڻي اليه ۽ جيجونتي جي ميلاپ سان وجود ۾ آئي آهي. ٻئي نڪادون عمل ۾ ايندیون آهن.

ورن: ڪاڊو – سمپورن

وادي سر: سا (ڪن وٽ رکب)

سموادي سر: پنچم

ڳائڻ جو وقت: ڏينهن جو پهريون پهر

آروهي: سا – ري – گا – پا – ڌاني – ڌاسا

امروهي: سا – ني – ڌاني – پاماگا ماري سا – ساني ڌاني پاماگامري

خاص تان: گاري گاپاماگا ماري ساري – پاري

تفصيل: هي راڳڻي جيجونتي ۽ بلاول جي ميل مان جڙي آهي. سڀ سر بلاول جا هوندا آهن. جيئن ري گا ماري ساري ساڌاني پاپاري. سرن کي ڏسندي خبر پوي ٿي ته آلاپ جو خاتمو ڪندي آخر ۾ جيجونتي جو نقشو ڏسڻو آهي. هن راڳڻي جي اترانگ ۾ ساري گاما ري سا جي سرن مان ڇا يا راڳڻي جو نقشو به نظر اچي ٿو. آروهي ۽ امروهي ۾ مڌم منع ٿيل سر آهي. آروهي ۽ امروهي ۾ وڪر سر سروپ آهن.

ڪونسي پيرو (راڳڻي)

هي مشرميل راڳڻي آهي. ٻئي رکبون، ٻئي ڌيوت ۽ ٻئي نڪاد ڪار آهن. باقي سرشد اٿس. آروهي ۾ نڪاد ورج آهي. راڳ ڪونسي ۽ پيرو جي ميلاپ مان ٺهي. پوروانگ ۾ ڪونسي يا باگيسري جي جهلڪ ڏئي ٿي، جيئن ڌا – ني ساما – اترانگ ۾ پيرو جي جهلڪ ڏئي ٿي. ڪونسي پيرو سان پيرو بهار تمام گهڻو ملي ٿي.

سرگم: ساما گاما – ڌي ڌي ني ني – ساري ني – ڌاپاماگا – گاماڙي سا – ني ڌاني سا – ماگاما – ڌاني ڌاڌا

آروهي: ساما گاما پاماما ڌاڌا ني سا

امروهي: ري ني ڌا پاماگاماگا ماپاري ساري ڌا ني ساما

وادي سر: مڌم

سموادي سر: ڪرج

وقت: ڏينهن جو پهريون پهر

ڪوهياري (راڳڻي)

هي ڪماچ ٺاٽ جي راڳڻي آهي. ڪجهه بلاول سان به مشابهت رکي ٿي. خاتمي تي ڪجهه آسا جو رنگ به اٿس. هي اصل ۾ انهن تنهي راڳن جي ميلاپ مان ٺهي آهي ۽ سنڌي گائيڪي ۾ خاص مقام رکي ٿي. شاهه لطيف ۽ ان جي پيروڪارن هن راڳڻي تي داستان لکيا آهن. سنڌي راڳڏاري ۾ سجاتل راڳڻي آهي. هن ۾ ٻئي نکادون ڪار آهن.

آروهي: ساگا ماپي ڌاني سا

امروهي: ساني ڌا پاماگا اري سا

واديـ:مڌم (ڪي ڪرج کي وادي سر مڃين)

سموادي سر:رکب (ڪي مڌم کي سموادي سر مڃين)

ڪوهياري (راڳڻي)

ڪوهياري سنڌي پرڪاش جي راڳڻي آهي. راڳداري جي ڪتابن ۾ نہ هن راڳڻيءَ جو ذڪر ملي ٿو نہ سرن جي اهڙي بيهڪ. هي سمپورن راڳڻي آهي. هن ۾ ٻئي نکاد لڳن ٿا. آروهي ۾ نکاد تيور ۽ امروهي ۾ ڪومل. انهي ڪري هي راڳڻي پنهنجي هم جنس راڳڻين کان مختلف ٿي بيهي ٿي. هن راڳڻي جي شڪل مٿين سرن ۾ سني ٿي بيهي.

آروهي: سا – ري – گا – ما – ڇا – ڌا – ني – سا

امروهي: سا – ني – ڌا – پا – ما – گا – ري سا

وادي سر: مڌم (ڪي رکب مڃن)

سموادي: رکب (ڪي مڌم مڃن)

ڳائڻ جو وقت: هن راڳڻي جو آلاپ بہ سنو نهي ٿو ساز ن جهڙوڪ بينن، مرلي، ڪينري ۽ بانسري تي ڪافي سنا لهرا نڪرن ٿا.

محترم الياس عشقي هن راڳڻي کي ڪماچ ٺاٽ جي راڳڻي ڪري ڄاڻايو آهي. آروهي جي خاتمي تي آسا جو رنگ بہ ڏسي ٿي.

آروهي: سا – گا - ما – پا – ڌا – ني سا

امروهي: ساني ڌا پا ماگا ري سا . هن ۾ ٻنهي نکادن جو استعمال ڏسيو اٿس.

ڪمانچ / ڪمانچہ (ساز)

ڪمانچہ يا ڪمانچي ايران جو تاري ساز آهي. هي وائلن وانگر ٿئي. جنهن کي گز سان وڄائبو آهي. هن جو آوازي حصو يا پيٽي بيضوي شڪل جي ڪدو يا ڪاٺ جي ٺهيل هوندي آهي. جنهن جي مٿان رڍ جي کل يا مڇيءَ جي کل چاڙهيندا آهن. ڪمانچي کي ٽي تارون، مگر جديد ساز کي چار تارون ٿين. جيڪي اڳي ريشم جون هونديون هيون هاڻي لوهہ يا پتل جو ٿين. ڪدو يا ڪاٺ جي آوازي پيٽيءَ جي وچان اڍائي ٽي فوٽ ڪاٺ جي ڏاندي آرپار نڪري ٿي. جنهن تي تارون ڳيٽين ۾ ٻڌل هونديون آهن. ڪدو يا ڪاٺ جي آوازي پيٽي هيٺ پيرن ۾ ڏاندي سان جهلي هڪ هٿ سان گز ۽ ٻئي سان تارن کي ڇيڙي پنهنجي انداز جو گهربل آواز وٺبو آهي. هي دنيا ۾ تمام پراڻو ساز ليکيو وڃي ٿو. ڪمانچہ جي لغوي معنيٰ آهي "ننڍڙي گزي". ڪي لورن جو تہ ڪي مغلن جو ايجاد ٿيل ساز چون ٿا. ساڳي ساز کي ڪرد کيوانس ۽ ترڪ ڪيمانس سڏين ٿا. هن ڪلاسيڪل ساز جا ايران ۾ علي اصغر بهاري ۽ ڪيهان ڪلهور خاص ۽ استاد وڄائڻ وارا آهن.

هي ساز هيٺ ويهي، مري تي ڪدوءَ جي آوازي پيٽي رکي وڄائبوآهي.

آنجهاني ڪن موتيهر (ڳائڪ نغمہ نگار)

سنڌ جي مشهور شهر سکر پراڻي ۾ 1924 – 12 – 12 تي ڄائو. نئين دهلي ۾ سندس پتو

R – 595 Neo Rajinder Nagar, New Delhi – 110060

1942ع ۾ گائڪي ۾ نغمه گري شروع ڪيائين ۽ تادم مرگ (1997) تائين اهو شوق جاري رکيائين.

هن جو مکيه رچنائون آهن:

1. سهڻي – ميهار
2. مومل – راڻو
3. عمر – مارئي

هن سنڌي جون 12 ۽ هندي جون چار ڪيسٽس پرايون. انهن مان جي مقبول ٿيون سي آهن:

1. شاهه، سچل، سامي جا ڪلام
2. شادي ۾ جشن
3. خالص سنڌي گيت
4. ميرا ۽ ڪبيرجا ڀڄن

هن هيٺين سنڌي فلمن جي موسيقي ترتيب ڏني

1. امي يا ممي
2. اوڪا ڀنڊ پهاڙ جا
3. ڪير ڪنهن جو
4. جوءِ جو چمچو

ميوزڪ ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾ هن ڪيترن مشهور ڳائڻن ۽ ڳائڻين جا گيت رڪارڊ ڪيا

مثلا:

1. Aasha bosale
2. Usha Mangeshkar
3. Anuradha Paudwal
4. Suresh Wadkar
5. Mahindra Kapur
6. Sushma Sreshta
7. Ghansham Vaswani
8. Bhagwanti Navani
9. Dewan Motihar
10. Prof Ram Panjwani

مجتا طور ڪيس ڪيترائي ايوارڊ ۽ اعزاز حاصل ٿيا. ڪن هم دان ۽ ڀهڳٽيو فنڪار هو. هن سنگيت کي عبادت سمجهي سکيو، سيکاريو ۽ ڳايو.

ڪهروا (وڄت)

تين تال جو حصو آهي. ڪي وڄوت هن کي ڇئن ته ڪي اٺن ماترائن جو ٺيڪو قرار ڏين ٿا. اٺن ماترائن جو ٺيڪو هي آهي
ڌاگي ناتي – تاڪي ڌي نا
ڇهو ٺيڪو
ڌي ڌي ڪ ٿ – ن ڪ ڌي نا

ڪيدارا/ ڪيڏارو (راڳڻي)

هي ڪلياڻ ٺاٺ جي راڳڻي آهي پر ڪن ڪتابن هن کي بلاول ٺاٺ جي راڳڻي ڪري به ڄاڻايو آهي. هن راڳڻي ۾ مڌم تيور ۽ مڌم ڪومل ٻئي سر لڳندا آهن. شڌ مدهم هن راڳڻي جو وادي سر آهي. تيور مڌم شڌ مڌم جي مقابلي ۾ گهٽ هٽبو آهي. پور وانگ ۾ رکب ۽ گنڌار کي ڇڏي به آروهي ڪبي آهي. اهڙي طرح اترانگ ۾ ڌيوت ۽ نکاد کو نه ڪندا آهن. گنڌار جو سر هن راڳڻي ۾ مڙئي لڳندو آهي.

آروهي: سا ما ما پا پا ڌي پاني ڌي سا

امروهي: ساني ڌي پا مي پا ڌي پاما گي ري سا

ڳائڻ جو وقت: سج لهڻ مهل

پندت سوم ناٿ پنهنجي ڪتاب نٽ راگ ۾ لکيو آهي ته ڪيڏاري ۾ ديوت ڪومل آهي پر رکب ۽ ڌيوت هي ٻئي سر گهٽ لڳندا آهن.

ڪيڏارو (راڳڻي)

هي به سنڌي پرڪاش جو راڳ آهي ۽ سنڌ جي پيداوار آهي. ڪن جو خيال آهي ته راڳداريءَ جو ڪدارو ۽ ڪيڏارو هڪڙو ئي نالو آهي. پر ائين ناهي راڳداري جو ڪدارو يا ڪداري جا انگ هن کان مختلف آهن. هي عام ورتاءُ جي راڳڻي ناهي، پر هي مخصوص راڳڻي آهي. جيڪا محرم جي ڏينهن ۾ ڳائجي ٿي. نغارن، تعزين، گهوڙن يا سيجن سان فقير مگڻهار شرناءِ تي ڪيڏارو وڄائين. محرم ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن به محفل يا شادي ۾ ڪيڏارو نه وڄايو ويندو آهي. هي راڳڻي به شاهه لطيف جي وقت کان وجود ۾ آئي آهي. ڪافي راڳ جي ٺاٺ مان نڪتل ڪاڏو – سمپورن آهي. هن راڳڻي ۾ ڪرج وادي ۽ پنچم سموادي ليکيو ويندو آهي. هن راڳڻي کي پنهنجي هم جنس راڳڻين کان جدا ڪرڻ لاءِ آروهي ۾ گنڌار جو ڪن به لڳائين ۽ نکاد ظاهر به ڪن ته هن راڳڻيءَ جي شڪل ٻين راڳڻين کان جدا ٿيو وڃي. رسالي جو ڪيڏارو ۽ هي سر ڪيڏارو ٻئي لطيف جا ايجاد ٿيل آهن، جيڪو بيت به ٺاهيندو هو ته انهن جا سُر به.

ٺاٺ: ڪافي

ورن: ڪاڏو سمپورن

وادي سر: ڪرج

سموادي سر: پنچم

آروهي: سا – رکب تيور – مقدم شڌ – پنچم اچل – مقدم شڌ – نکاد تيور – سا

امروهي: سا – نکار تيور – ڌيوت تيور – پنچم اچل – مڌم شڌ – گنڌار ڪومل – رکب تيور – سا

گج ليلا تال

هي 17 ماترائن ۽ چئن ضربن وارو تال آهي. جيڪو ٽن حصن ۾ سهوليت خاطر ورهايو ويو آهي پهرين ۽ ٻئي ۽ ٽئي حصي ۾ چار چار برابر ماترائون ۽ چوٿين حصي ۾ 5 ماترائون ڏنل آهن. سم کان سواءِ 5، 9 ۽ 13 پريل تالون آهن.

ٺيڪو

ڌا آ ڪ ٽ – د م ڪ ٽ – ٽ ٽ ڪ ٽ – ڌ م ٽ ڪي ٽ.

گره

راڳ جي اها جاءِ آهي. جتان راڳ شروع ٿيندو آهي. مثال: ايمن ڪلياڻ نکاد کان شروع ڪبو آهي. تنهن ڪري نکاد ايمن ڪلياڻ جي گره آهي. وجوت جا ماترائون به اتان کان ڳڻڻ شروع ڪبيون آهن.

گلا بداسي ڀڳت

سنڌ ۾ ڀڳت جي شروعات بابت ڪا پڪي پختي تاريخ ته ڪا نه ٿي ملي. پر ڀڳت جي انداز واري شروعاتي ڪٿائي سنگيت مهراج گلا بداس جي نالي پويان اوائلي دور يعني ارڙهين صدي عيسوي ڌاري ملي ٿي. گلاب داس امرتسر ۾ پيدا ٿيو. مٿس ڪبير پنٿي فقيرن توڙي نانڪ شاهي درويشن کانسواءِ مسلمان صوفين جو وڏو اثر هو. هو ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌ آيو ۽ شاهه عبداللطيف سان ملاقات ڪيائين. ساڌ ٻيلي واري مهراج بنکنڊي سان ملڻ ڪانپوءِ هو واپس امرتسر هليو ويو. جتي 115 ورهين جي عمر ۾ گذاري ويو. هن جي شاعريءَ ۾ ٻين چيزن کان سواءِ "گلاب چمن"، "گلاب گيتا"، "سر حرفيون" ۽ "ٻارنهن ماهيون" مشهور آهن. سندس سموري ڪلام تي صوفياڻو رنگ چڙهيل آهي. سندس مريد توڙي شاگرد وڏي سوز سان سندس ڪلام ڀڳت واري نموني ۾ ڳائيندا هئا. سندس ڪلام ڳائڻ جو نمونو اوائلي ڀڳت جي نمونن مان آهي. سندس شاگردن مان مهراج پرمهنس، پيروجن ڀڳت، لڏيندا رام ۽ سيٺ وشنداس ڏاڍا مشهور ٿيا.

گلزار علي خان، استاد (گائڪ)

استاد گلزار علي خان سال 1934ع ڌاري ضلعي نوشهري جي شهر خانواهڻ جي پرسان ڳوٺ ڏات ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو محمد مراد خان ذات جو دايو، پاڻ به ڳائيندو هو. اهو چوڻ ڏکيو آ ته گلزار علي خان ڪڏهن ڳائڻ شروع ڪيو پر 15 سالن جي عمر ۾ مشهور راڳي استاد مهر علي جو شاگرد ٿيو. ترت ئي استاد حاجي خان ۽ استاد مراد خان وارن جي شاگرديءَ ۾ سرجا سفر طئي ڪيائين. هڪ ڀيرو پاڻ ڳائڻ لاءِ سيد مهدي شاهه جهانيان واري وٽ لٽل هو

۽ انهيءَ بزرگ جو منظور علي خان بہ مريد هو. اتي ئي گلزار علي جي ملاقات استاد منظور علي خان سان ٿي. مهدي شاهہ گلزار جو هٿ منظور علي خان کي ڏنو ۽ پوءِ باقي حياتي منظور علي خان جي صحبت ۽ شاگردي هيٺ گذاريائين. هن استاد جو سڄو رنگ پنهنجو ڪيو نہ رڳو ڳائڻ پر ڪپڙا پائڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ، اٿڻ ويهڻ ۾ گلزار علي استاد منظور علي خان جو حلالي شاگرد هو. ان وقت گلزار علي جي عمر 25 سال هئي. 1955ع ۾ ريڊيو حيدرآباد ٺهيو تہ ان سان لاڳاپجي ويو. وري مارچ 1983ع ۾ ريڊيو خيرپور ٺهيو تہ اتي موسيقار جي حيثيت ۾ ڪم ڪرڻ لڳو. ٽي وي تي متعارف ڪرائڻ جو سهرو مشهور پروڊيوسر اعجاز عليم جي سر تي آهي، جنهن کيس ٽي وي تي آندو. 1985ع کان بيمار رهڻ لڳو. ڊاڪٽرن کيس ڳائڻ کان منع ڪئي. مٿس بہ پيرا اڌ رنگ جو حملو ٿيو. دل ۽ بڪيون بہ متاثر ٿيون. 1990ع کان سندس طبيعت وڌيڪ خراب رهڻ لڳي. مختلف اسپتالن ۾ علاج ڪرايائين، مائٽ کيس لاڙڪاڻي مان واپس خانواهڻ کڻائي ويا. جتي 22 سيپٽمبر 1992ع اڳاري ڏينهن شام جو دم ڌڻي جي حوالي ڪيائين. پونئيرن ۾ مظهر علي، اظهر علي ۽ چار نياڻيون صنم، افشان، ارم ۽ ڪرن سوگوار ڇڏيون. هو باجو، طبلو، ڍولڪ، بينجو، ستار، تانپورو ۽ وائلن مهارت سان وڄائيندو هو.

استاد گلزار علي راڳ وديا کي اڳتي وڌائڻ لاءِ لاڙڪاڻي شهر ۾ "استاد منظور علي خان" جي نالي سان ڪلاسيڪي ۽ سنڌي موسيقي جي سکيا جو مرڪز قائم ڪيو. جنهن مان ريڊيو ۽ ٽي وي جا مشهور راڳي سکيا وٺي نڪتا. ڪجهہ نالا هي آهن: عبداللطيف مهر، غلام قادر، شبير سمون، عبدالغفور سومرو، انيس لاشاري، سڄڻ سنڌي، مختيار علي، حنيف لاشاري، حميد راڄپر، نذير تنيو، علي بخش ۽ نجم علي مگسي وغيره. سندس فرزند اظهر علي ۽ مظهر هن وقت سنڌ جا سٺا راڳي آهن. انهن مان اميد ڪري سگهجي ٿي تہ هو پيءُ جي ورثي کي سنڀالين تہ جيئن عطائي ڳائڻا پيدا ٿيندا رهن.

استاد گلزار علي جا ڳايل ڪجهہ ڪلام

1. محب مئي جي گهر آيو (بيدل فقير)
2. تنهنجي رَمزَ سهڻا (مير علي نواز ناز)
3. ري ڪجل تڪبير وجهن ٿيون (سچل)
4. هيڏو ٿيڙم حال (نظام زائر)
5. پريا پورب پار (بيدل)
6. خيال ۾ گم ٿي خيال ڪمائي (محمد فقير ڪتياڻ)
7. اوهين پنهنجو پاڻ آهيو (سچل)
8. مون هادي مون سان ڪيون (ولي محمد فقير)
9. بوند برهہ جي بهار لڳي (شاهہ)
10. پنهنجو ننگ پال (بيدل)

11. سرتيون منهنجو ساهه (سچل)
12. اوڳڻ منهنجا عيب اپار (حافظ احسن چنه)
13. آئون ڪوجاڻان پنڌ ڪيچ جو (شاهه)
14. مان دل جون ڳجهڙيون ڳالهيون الا (طالب المولىٰ)
15. وري آءُ جاني جدائي تي ماري (ڪريم پلي)
16. تون باغ حسن جو گل گل (ولايت شاهه)
17. دل لڳ ڳئي بي پرواهه دي نال (بلهي شاهه)
18. ڏونگر ڏک نه ڏي (شاهه)
19. ڪانگ لنوي مني لات (صالح شاهه)

گنڌار

گنڌار – گا – رکب ڪومل ۽ رکب تيور سرن ڪانپوءِ ساڳي نموني گنڌار جا ٻه سر ايندا هڪ ڪومل ۽ ٻيو گنڌار تيور.

گن ڪلي / گن ڪري

ڀيرو ٺاٺ جي اوڙو راڳڻي آهي، هن ۾ گنڌار ۽ نکاد سر ورج آهن. مندر ۾ مڌ آستان جي سرن کان راڳڻي کي ڳائڻ گهرجي. رکب ۽ مڌم جي سنگت جي ڪري ڪجهه جوڳيا جي شڪل نظر ايندي پر جوڳ يا جوڳيا ۾ نکاد آهي. هن ۾ نکاد ورج آهي. شام جي راڳڻ ۾ جهڙي طرح نکاد ۽ گنڌار ٻنهي سرن جو ورج ٿيڻ سٺو ناهي، اهڙي طرح صبوح جي راڳڻ ۾ ڌيوت ۽ رکب ٻنهي سرن جو ورج ٿيڻ سٺو ناهي.

خاص تان: سا – را را – ساڌا سا – را – مارا – ساڌا پا- پا – ڌا سا رامارا – سا – سارا سا

آروهي: سارا ما پا ڌا سا

امروهي: سا ڌا پا ماراسا

وادي سر: ڌيوت

سموادي سر: رکب

ڳائڻ جو وقت: رات جو پويون پهر

گواليار گهراڻو سنڌ ۾

پهريون گويو شادي خان خيرپور مان شڪارپور ۾ رهيو ۽ پنجاب ڏانهن پيو ايندو هو. ڪيس تي پٽ ٿيا. احمد خان جيڪو ٽپو ڳائيندو هو. احمد خان جو پٽ هدو خان جنهن کي 1875ع ڌارا سيٺ وشنداس نهالچند مانجهندن ۾ وٺي رهايو. هدو خان درپد ۽ ٽپي جو ڳائڻو هو. خيال به ڳائيندو هو. هدو خان جو پٽ سينڌو خان جيڪو مانجهندن ۾ 1897ع ۾ جائو سندس نالو ئي ”سنڌي خان“ رکيو ويو جيڪو ڦري سينڌو خان ٿيو. هي ستار وڄائڻ ۾ ماهر هو. هن

موسيقي تي هڪ رسالو ”دربيان موسيقي هند“ لکيو. سينڌو خان 1938ع ڌاري محمد فقير کٽياڻ وٽ گذاري ويو. گواليار جو پيو ماڻهو استاد بني خان جو پٽ پيارو خان جيڪو جواني ۾ سنڌ ۾ آيو. سيٺ وشنداس ان کي حيدرآباد ۾ رهايو. خيال جو وڏو ڳائڻو هو. سندس پٽ اميد علي خان ۽ غلام رسول خان جيڪي حيدرآباد ۾ جاوا، پيءُ کان راڳ جي تعليم ورتائون. پياري خان جي وفات کانپوءِ اميد علي سندس جاءِ ورتي. استاد عاشق علي خان ۽ بڙي غلام علي سان مقابلن ۾ ڳايائين.

شادي خان کي ٽي پٽ هئا. هڪ احمد خان، ڪريم بخش خان ۽ گامڻ خان. ٽئي وڏا ڳائڻا هئا. احمد خان ڪافي عرصو سنڌ ۾ رهيو پوءِ نيپال جي راجا جو درباري گويو ٿيو. ڪريم بخش خان شڪارپور ۽ حيدرآباد ۾ رهيو ۽ اتي فوت ٿيو. گامڻ خان. تان گهٽ پر ميڊ مرڪ جو سنو ڳائڻو هو. شڪارپور ۾ وفات ڪئي. 1910ع کانپوءِ واري دور ۾ گامڻ خان جا ٽي پٽ مبارڪ علي خان، ببو خان، مراد علي خان مشهور ٿيا. مبارڪ علي خان 1880ع ۾ ڄائو گهڻو وقت حيدرآباد – شڪارپور ۾ گذاريائين. 1954ع ۾ وفات ڪري ويو. مبارڪ علي خان، ببو خان ۽ مراد علي. توڙي گامڻ خان چئني سنڌي ڪافيون ڪلاسيڪي انداز ۾ ڳايون. مراد علي خان، جوڳ مان مصري شاهه جي ڪافي تو لئه سڪندي ٽيڙهه سال ۽ ٻي ڪافي آسا مان ’پنهنجي پنهل جي ٻانهي آهيان‘ سنيون ڳاتيون اهڙي طرح ببي خان جانڻ سوناري دادوءَ واري جو ڪلام تلنگ مان ”بي عذر عشاق سان بي وفائي چو ڪريو، هي مون کي ار مان آ“ پلو ڳايو. اهي رڪارڊ ٿيل آهن. ڪريم بخش خان جا پٽ سينڌو خان ۽ جمالو خان گڏجي ڳائيندا هئا. جمالي خان سڄي عمر سنڌ ۾ گذاري. ڳائڻ پيءُ کان سکيو چاچي گامڻ سان به شروع ۾ ڳائيندو هو. جمالي خان به درپد ڳائڻ ۾ گواليار گهراڻي جي پوئيواري ڪئي. طبلي وارو ڪو به ساٿس پڇي نه سگهندو هو. ڊرپد ڌمار ميگهه، درباري، پوريا، پرج، سهڻي، رامڪلي، ديسڪار، للت ۽ جونپوري خاص طور ڳائيندو هو. جمالو خان شروع ۾ شڪارپور ۽ ٽنڊي آدم ۾ رهيو. اتي 1954ع ڌاري وفات ڪيائين. ڪيس منظور علي خان نالي پٽ 1927ع ۾ ڄائو. منظور علي خان استاد هدو خان استاد سينڌي خان ۽ والد جمالي خان کان راڳ جي تربيت ورتي. پنهنجي پيءُ سان گڏ سنڌ توڙي هند ۾ گڏ ڳايائين. ڪيس ڊرپد، خيال، ٺمري، دادرو، ٽپو ڳائڻ ۾ مهارت حاصل هئي. گذريل صدي ۾ ائين سمجهڻ گهرجي ته منظور علي خان سنڌي راڳ جو ابو هو. جنهن مقامي موسيقي کي صحيح نموني ڳايو ۽ سنڌي راڳ جي خدمت ڪئي. پلا ائين چئجي ته گواليار گهراڻي سنڌي راڳ جي وڌ ۾ وڌ خدمت ڪئي ته بيجا نه ٿيندو جو منظور پويان پٽ ڻو اولاد ڪو نه ڇڏيو پر گواليار گائيڪي جي انداز ۾ ڳائڻ وارا ايترا شاگرد ڇڏيا جو سنڌ مان گواليار گهراڻي جي گائيڪي جڻ سنڌي گائيڪي جو مزاج بڻجي وئي.

گوجري (راڳڻي)

ٽوڙي ٺاٽ جي ڪاڊو يعني ڇهن سرن جي راڳڻي آهي. جنهن ۾ پنچم ورج آهي. گرنٿن ۾ هن راڳڻي کي ڀيرو ٺاٽ جي راڳڻي ڪري به لکيو ويو آهي. اڄڪلهه رواج ۾ ڪا نه آهي. ڪي گائڪ هن کي سمپورن ڪري ڳائين ٿا. تنهن ڪري ٽوڙي ۽ گوجري ۾ فرق محسوس ڪو نه ٿيندو آهي. فرق قائم رکڻ لاءِ پنچم کي ورج ڪرڻو پوندو.

خاص تان: ڌا – ڌا – مي – گا – مي ڌا – مي گا – راگا – را – سا – گا – راگارا- سني – ڌا – مي – ڌا – ني سا – ني ڌا – گا – را گارا – سا

آروهي: سارا گامي ڌاني سا

امروهي: ساني ڌا مي گارا سا

وادي سر: ڌيوت

سموادي سر: رکب

وقت: ٻپهري

گوري (راڳڻي الف)

پيرو ٺاٺ جي اوڊو سمپورن راڳڻي آهي. رکب جو سر وادي ۽ گرهه جو سر بہ آهي. آروهي ۾ گنڌار ۽ ڌيوت ورج آهن. امروهي سمپورن اٿس. آروهي ۾ ڌيوت ۽ گنڌار جا سر ورج آهن. هي راڳڻي مندر ۽ مڌ آستان کان ڳائڻ کپي. ڪن پنڊتن جو چوڻ آهي تہ تيور مڌم لڳائڻ گهرجي. صحيح اصول بہ اهو آهي جو هي شام جي وقت ڳائڻ وارين راڳڻين مان آهي. جن جو اصول آهي تہ تيور مڌم لڳندو. پيرو ٺاٺ ۾ تيور مڌم لڳائبو تہ هي پوربي ٺاٺ ۾ ڳڻبي. گائيڪ هن کي دوانگ (ٻن انگن واري) راڳڻي ليکين ٿا. هڪ ۾ ڪالنگڙي جو ۽ ٻئي پوريا جو انگ نظر اچي ٿو. هن راڳڻي بابت الڳ الڳ اصول آهن، پر هر اصول ۾ سري راڳ جو انگ چٽو ڏسجي ٿي. ان لاءِ ڪن پنڊتن جو چوڻ آهي تہ امروهي ۾ گنڌار ورج ڪبو تہ سري راڳ کان الڳ ٿي بيهندي.

خاص تان: سا – را راسا- ني سا – گي را – را – سا

آروهي: سا راما پاني سا

امروهي: ساني ڌا پاماگي راسا

وادي سر: رکب

ڳائڻ جو وقت: شام جو وقت

هن راڳڻي جو ذڪر راڳ ساگر ڪتاب ۾ پيرو ٺاٺ واري باب ۾ تيل ڪو نہ آهي.

گوري (راڳڻي)

هي پيرو ٺاٺ ۾ بہ جاڻايل آهي. ٻئي اصول سان هي راڳڻي پوربي ٺاٺ جي اوڊو کاڊو راڳڻي آهي. جنهن جي آروهي ۾ گنڌار ۽ ڌيوت ورج آهن. امروهي ۾ صرف گنڌار ورج آهي. هي سري راڳ جي انگ ۾ ڳاتي وڃي ٿي. ڪنهن زماني ۾ سري راڳ ڪافي ٺاٺ مان اوڊو سمپورن ڪري ڳاتو ويندو هو. يعني ان جي آروهي مان گنڌار ۽ ڌيوت ورج ڪيا ويندا هئا ۽ گوري کي پيروي ٺاٺ مان گنڌار ۽ ڌيوت ورج ڪيا ويندا هئا. امروهي سمپورن رکبي هئي. الڳ الڳ ٺاٺن مان سُرن جي نڪرڻ سبب راڳڻين جي صورت بہ بدليل هوندي هئي. مگر زماني سان سنگيت جا رواج مٽيا تہ

هاڻي هيءَ راڳڻيون پوربي ٺاٺ ۾ ڳاتيون وڃن ٿيون. سومناٿ پنڊت پنهنجهي گرنٿ ۾ لکي ٿو ته ڏيوت ۽ گنڌار ورج ڪرڻ ضروري آهي. اڄڪلهه گائيڪ هيءَ مڌمون لڳائين ٿا. پائو پٽ پنڊت پنهنجي ڪتاب رتناڪر ۾ هن جا اٺ قسم ٻڌايا آهن. پر اهي رواج ۾ ڪو نه آهن.

خاص تان: سا – ني سا – را راسا – ني سا راسا – مي پا – مي – مي را – راسا – ني رااسا

آروهي: سارامي پاني سا

امروهي: ساني ڏا پامي را سا

وادي سر: رکب

سموادي: پنچم

وقت : شام

گوڙ سارنگ (راڳڻي)

هي ڪلياڻ ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي آهي. هن جو سروپ وڪر آهي. هيءَ مڌم لڳن ٿا. امروهي ۾ گنڌار وڪر آهي. ڏيوت وادي ۽ گنڌار سموادي آهي. هي ٻنپهرن جي ڳائڻ جو راڳ آهي پر جي گنڌار وادي سر کبو ته قاعدي موجب هن کي رات جو راڳ هجڻ کپي. نڪاد گهٽ لڳائڻ کپي ۽ مڌم تيور به گهٽ لڳائڻ گهرجي. ان ڪري ڪي پنڊت هن کي بلاول ٺاٺ جي راڳڻي ڪري سمجهن ٿا. ڪن گرنٿن ۾ هن راڳ کي بير رس ۽ شانت جي نالي سان به لکيو ويو آهي. نٽ ڪيدار ۽ پوربي جي ميلاپ مان جڙيو آهي.

آروهي: ساري ساگي ري ماگي پامي ڏي پاني ڏي سا

امروهي: ساڏي ني پاڏي مي پاگي ماري پاري سا

ڳائڻ جو وقت: ٻپهري برسات (سر ساگر)

گوند ملهار / گوڙ ملهار (راڳڻي)

ڪماچ ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي، امروهي ۾ نڪاد دربل اٿس. مڌم ڪان رکب جي چوٽ سٺي لڳي ٿي. سوم ناٿ پنڊت لکي ٿو، ته هن راڳڻي ۾ نڪاد الپ هجڻ گهرجي ۽ ڏيوت وادي سر ۽ وقت منجهند. واضح هجي ته ڪماچ ٺاٺ ۾ نڪاد ڪومل ٿيندي آهي. ڪن جاين تي هيءَ نڪادون لڳنديون آهن. هيءَ نڪادون لڳن ته به هي راڳڻي ڪماچ ٺاٺ ۾ شامل سمجهڻ گهرجي جو اڪثر ڪماچ ٺاٺ ۾ ائين ٿيندو آهي. پر اسان وٽ گهڻو ڪري نڪاد تيور لڳايو ويندو هو.

آروهي: ساري ما – ماپاڏي سا

امروهي: ساڏي ناپا – ماگي ما ري سا

خاص تان: ما – ماري – ري – پا – ماپا – ڏي – ني – سا – ڏي – ناپا – ما – ري – گي ما – پا – ماگي ماري – سا – ماري – سا – ڏي ڏي – سا ري گي ري- ماگي ري – سا

سموادي سر: ڪرج
وادي سر: مڌم
ڳائڻ جو وقت: برساتي موسم ۾ هر وقت
نوٽ: راڳ ساگر ۾ هن راڳڻي جي آروهي امروهي هيءَ آهي:
آروهي: ساري ما پا – ماپا ڌي سا
امروهي: ساني ڌي پا – ماگي ماري سا
ري گاري گاهن راڳ جي خاص تان چاٽائي وئي آهي.

گوهر جان (گائيڪا)

گوهر جان 1873ع ۾ بنارس ۾ ڄائي. پاڻ يهودي مذهب سان تعلق رکندڙ هئي. سندس والد جو نالو وليم رابرٽ يو وارڊ. جيڪو بنارس ۾ انجنيئر هو. سندس ماءُ جو نالو وڪٽوريا هيمنگ هو جيڪا پاڻ برهمڻ هئي. سندس ماءُ پيءُ جو نباهه ٿي نه سگهيو، سندس ماءُ کي طلاق ملي. گوهر جان جو اصل نالو انجلينا هو ۽ هن هڪ يهودي سان شادي ڪئي. هي شادي ڪامياب ڪا نه ٿي ۽ طلاق ٿي وئي. انهي وچ ۾ هن ڳائڻ ۽ نچڻ جو فن سکي ورتو. بنارس ۾ انهن ڏينهن ۾ فن جو وڏو چرچو هو. هن انهي فن سکڻ ۾ زندگي جا 18 سال گذاري ڇڏيا ۽ مسلمان ٿي، سندس مسلمانڪي نالي لاءِ ٻه نالا تجويز ڪيا ويا، هڪ ملڪه ۽ ٻيو گوهر. پاڻ ٻڙي گوهر جان جي نالي سان مشهور ٿي. 1883ع ڌاري هوءَ ڪلڪتي لڏي آئي ۽ بوبزار ۾ هڪ ڪوٺو وسايائين ۽ زميندارن ۽ ٻاهرين بابُن جي دل وندرائڻ لڳي. هن سڀ ڪجهه پنهنجي ماءُ کان سکيو. ٽيهن سالن جي عمر ۾ نومبر 14، 1902ع تي جڏهن جرمن مان هڪ گرامون فون ڪمپني انڊيا جي مارڪيٽ تي قبضي ڪرڻ لاءِ پهتي ته هن جي نظر انتخاب گوهر جان تي پئي، جيڪا ان وقت عوامي ڳائڻي طور تمام گهڻو مشهور هئي. ڪيس رڪارڊ ڪيو ويو. هيءَ پهرين ڳائڻي هئي جنهن جو رڪارڊ ٺهيو ۽ هن کي ان وقت هڪ گاني رڪارڊ ڪرائڻ جا ٽي هزار رپيا ڏنا ويا. ان گرامون ڪمپني جو مالڪ گيبس برگ هو. هن پشتو، هندي، بنگالي، سنڌي، تامل، مراٺي، عربي، فارسي، فرانسيسي ۽ انگريزي ۾ ڳاتو. 1910 – 1890ع تائين گوهر جان جو موسيقي جي دنيا ۾ نالو چانيل رهيو. هن ڪيترائي رڪارڊ ڀريا ويا. 1907ع ۾ هن جو رڪارڊ بمبئي ۾ ٻه ڀريو ويو. پاڻ وڏي راڳ جي ڄاڻو ۽ سٺي ڊانسر هئي. هن کان وڌيڪ عوامي سطح تي ايڏو نالو ڪنهن نه ڪمايو گائيڪي ڪانسواءِ دادرو، ٺمري ۽ غزل تي وڏو ملڪو هوس. پاڻ آخر ۾ ميسور جي دربار سان وابسته رهي ۽ 1930ع ۾ وفات ڪيائين. هن جا 150 ڪن رڪارڊ ڀريا ويا.

ڪٽ / ڪٽا (راڳڻي)

آساوري ٺاٽ جي سمپورن راڳڻي آهي. مڌم گرهه جو سر اٿس ۽ پنچم نياس جو سر – هي سنڪيرن راڳڻي آهي. ان لاءِ پنڊت هن کي مشر ميل راڳڻين جي زمري ۾ آڻين ٿا. هي بلاول، پيروي، ساوري جي ميلاپ مان ٺهيل

آهي. هي اترانگ جي راڳڻي آهي. ڪي گائيڪ هن ۾ تيور گنڌار هڻندا آهن. ڪي تيور ڌيوت، ٻئي ڌيوتون، ٻئي گنڌارون ۽ ٻئي نکادون لڳن ٿيون. پور وانگ ۾ پيرو جو انگ ۽ اترانگ ۾ آساوري جو انگ ڏيکاري ٿي. ڇهن راڳن جي ميلاپ سان ٺهيل آهي ان لاءِ سندس نالو کٽ آهي. کٽ سنسڪرت ۾ ڇهن کي چئبو آهي.

خاص تان: سا – گا – ما – پا – ڌاڌا – پا – گا – ما – پا – را – سا – گا – ماپا – پا – ڌاراڌا پا- ناپا – گا – پا – پارا – سا

آروهي: ني سا گا ماپا – ڌانا سا

امروهي: ساناڌاپا – ڌي ما – گي راسا

وادي سر: ڌيوت

سموادي

کڙتال يا چپڙيون (ساز)

هي ساز سڄي پاڪستان ۾ وڄايو وڃي ٿو. هي تال جو قديم ساز آهي. ٽالهي يا کهوءَ جي ڪاٺ جي چوڪور ٽڪرن مان ٺهيل هونديون آهن. جيڪي ماپ ۾ 6 يا ست انچ ڊگهيون ڏيڍ ڪان ٻه انچ ويڪريون ۽ 3 يا چار سينٽي ميٽر ٿلهيون. جن جو ٻاهريون پاسو قوسي يا گولائون ۽ اندريون پاسو گهٽو ڪري لَسو يا چپٽو هوندو آهي. پاڻ ۾ ٽڪرائجڻ سان تال جو آواز پيدا ڪن ٿيون. انهن جي قوسي طرف چمري جو ڪنڊو لڳل هوندو آهي، جنهن ۾ آنڱريون ڦاسائي، ٻنهي ٽڪرن کي پاڻ ۾ ٽڪرائي تال جو آواز ڪڍيو ويندو آهي. هي يڪتاري سان سنگت ۾ هونديون آهن. جڏهن ته ڍولڪ جي تار تي به وڄن. سنڌ جا ڳائڻا هڪ هٿ ۾ يڪتارو ۽ ٻئي هٿ ۾ چپڙيون جهلي وڄائين ۽ ماڻهن کي مست ڪن. ڪن چپڙين ۾ گهنگهرو به پاسن کان ٻڌل ٿين ٿا. سي به لَئه ۾ ڪافي، ڪلام ڳائڻ ۾ لطف پيدا ڪن ٿا. هي عوامي سادو ساز سنڌ جي اوطاقن تي گهڙي ۽ يڪتاري سان گڏ وڏي سونهن آهي. عبدالغفور فقير، ڍول فقير، سنگ جا سڀ صوفي فنڪار عثمان فقير ۽ نئين دور ۾ جلال چانڊئي کي چپڙين وڄائڻ ۾ وڏي مهارت هئي. جلال چانڊيو جڻ ته هوئي چپڙين وڄائڻ جو ڳائڻو.

کماچ ناٽ

گرنٿن ۾ هن کي ڪام پوڄي ميل جي نالي سان به سڏيو ويو آهي. "سا – ري – گا – ما – پا – ڌا – ني – سا" سر اٿس. يعني ڪرج شڌ – رکب – گنڌار شڌ – مڌم شڌ – پنچم – ڌيوت شڌ – نکاد ڪومل

ناٽ جون راڳڻيون: کماچ – جهجهونتي – سورٺ – ديس – ڪنپاوتي – تلنگ – درگا – راگيسري – جيجونتي – گوند ملهار- نٽ ملهار – تلڪ ڪاموڏ – بد هنس – غارا – نارائڻي- پرتاب ورالي – ناگ سراولي

هن ناٽ مان نڪتل راڳن ۾ نکاد ڪومل سر هوندو آهي ۽ ڪٿي ٻئي ڪومل ۽ تيور نکاد به لڳن ٿا پر تيور نکاد زائد سُر طور تصور ڪيو وڃي ٿو.

کنيات (راڳڻي)

کماچ ٺاٺ جي سمپورن کاڊو راڳڻي آهي. آروهي ۾ رکب ورج اٿس. آروهي وکر– کماچ ۽ کنيات ۾ فرق هي آهي تہ کماچ جي آروهي ۾ رکب ورج آهي. کنيات جي امروهي ۾ رکب ورج کيل آهي. هن راڳڻي ۾ مڌم ۽ ڌيوت جي سنگت رهي ٿي، جيکا خاص سنڌي پرڪاش راڳڻ جي نشاني آهي. اترانگ ۾ باگيسري سان ملي ٿي. هن راڳڻي ۾ رکب ۽ ڌيوت جي سرن کي زور ڏيڻ سان کماچ کان جدا ٿئي ٿي. هن کي کنياوتي بہ چوندا آهن.

آروهي: ساري گاپا ما ڌا پاني سا

امروهي: ساني ڌاپاڌاما گا ما سا

وادي سر: کرج

سموادي: نکاد / کي پنچم مجين ٿا

وقت: رات جو ٻيو پهر

کنياوتي (راڳڻي)

کماچ ٺاٺ جي سمپورن کاڊو راڳڻي، روپ ۾ وکر (يعني سر سلسلي سان نہ لڳندا) کماچ جي آروهي ۾ رکب ورج آهي ۽ امروهي ۾ باضابطا لڳندو. پر کنياوتي جي آروهي ۾ رکب باضابطہ لڳندو ۽ امروهيءَ ۾ ورج آهي. مڌم ۽ پنچم جي سنگت کري آروهي ۾ ديس راڳڻي سان ملي ٿي. امروهي ۾ پنچم وکر آهي. اترانگ ۾ ياڳيسري سان مشابهت رکندڙ آهي. رکب ۽ ڌيوت زياده لڳائڻ سان کماچ کان الڳ ٿي بيهي ٿي. هي راڳڻي رواج ۾ گهٽ آهي.

خاص تان: گي – ماسا – ري ماپا- ڌي ما – گي گي – ماسا

آروهي: ساري پاما – ڌي – پاني – سا

امروهي: سا – ناڌي پا – ڌي ما – گي ماسا

ڳائڻ جو وقت: رات جو ٻيو پهر

کمٽا (وڄت)

هي 12 ماترائن جو تال آهي. جيکو ٽن ٽن ماترائن جي چئن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. پهرين سم تالي 4 ۽ 10 تالي جڏهن تہ 7 ماترا خالي آهن.

ٺيکو

ڌا ٽي ڌي – ناٽي ني – تاٽي ڌي – ناٽي ٽي

ٻيو ٺيکو

تاتٽ ڌين – تاتا ڌين – تاتٽ ڌين – تاتا ڌين

ڪيمپٽا تال (تال)

هن تال کي ڪيمپ، ڪيمپٽا به چون. ان ڳالهه تي سوچڻ گهرجي ته هي الڳ تال آهي يا ڏاڍري جي ڏوڻ يا پڪڙ آهي. ڇو ته هن تال جي بيهڪ بنهه ڏاڍري جهڙي آهي. هن ۾ به وڀاڳ ۽ 3 ماترائون آهن.

ٺيڪو يا ٻول

ڏاتن تن نا ڌن ڌن

ماترائن جا ٻول به ڏاڍري وانگر آهن.

گهاٽم (ساز)

هي ساز گهڙي وانگر ٿئي ٿو. پر گول هوندو آهي. مٽي مان پچائي ٺاهيو ويندو آهي. هن جو سوڙهو منهن پيٽ سان لڳائبو آهي ۽ تري ۽ پاسن کان هٿن سان وڄائبو. ٻولن کي منهن وٽان پيٽ سان کولڻ ۽ بند ڪرڻ سان ڪيي سگهبا آهن.

هي ساز بلڪل گهڙو يا گهاگهرو آهي. جيڪو سنڌ ۾ استعمال هيٺ ڪو نه آهي. پر ڏکڻ هندستان جي ڪلاسيڪي موسيقيءَ ۾ گهٽ استعمال ٿئي ٿو.

گهاگهر (ساز)

هي مٽيءَ مان ٺهيل سنڌ جو ساز اوطاقن جي زينت آهي. ڪچهريءَ ۾ جي وڄوت لاءِ پکواز موجود ناهي ته دلو يا گهاگهر، دلي جي شڪل جي پر دلي کان گهٽي وڏي آهي ۽ ساخت ۾ سنهي ٿئي ٿي. پوءِ ته اهڙو رس ڪري جو پلي پکواز سنگت ۾ هجي پر گهاگهر ۽ ڏنبي جو هجڻ لازمي ٿيو پوي. اول دلو، پوءِ گهڙو ۽ گهڙو وڏي گهاگهر ٿيو. وڄائڻ وارا هڪ هٿ گهاگهر جي منهن تي رکندا آهن ۽ ٻيو هٿ پاسي تي .پوءِلئي تار سان گهاگهر تي ٻئي هٿ هٽندا آهن. گهاگهر مان سٺا وڄوت سڀ تار ڪيندا آهن ۽ سهٽا ٽڪا ۽ پنجا به ڪيندا آهن. اڄڪلهه سنڌ ۾ گهاگهر تي ڪافين ڳائڻ جو گهٽو رواج آهي. سنڌ ۾ جتي ڪٿي گهاگهر وڄائي وڃي ٿي. پر هن ساز کي جيڪا جلا مٺي خان زرداري پهچائي، سان ڪنهن نه ڏني. مٺي خان گهاگهر تي ڪهروا، ڏاڍرو، جهومر ويندي تين تال ۽ روپڪ تار وڏن فنڪارن سان سنگت ۾ وڄايا.

پڪي راڳ جا گهراڻا

ڪلاسيڪي موسيقيءَ جا گائيڪ ڪيترن ئي گهراڻن ۾ ورهايل هوندا آهن. هر گائيڪ پنهنجي گهراڻي جي مقرر ڪيل دائري اندر پنهنجو فن پيش ڪرڻ جو پابند هوندو آهي. هر گهراڻي جي گائيڪي جي انگ جو پنهنجو انداز ۽ پنهنجي سڃاڻپ هوندي آهي. هر گهراڻي ۾ گائيڪن جو سلسلو اڪثر موروثي هلندو رهندو آهي. البته ڪنهن گهراڻي جا شاگرد پنهنجي استاد واري گهراڻي سان منسوب سمجهيا ويندا آهن.

مشهور گهراڻن ۽ گائڪن جا نالا

گواليار گهراڻو

خيال گائيڪي جو قديم ترين خاندان جيڪو ميان تان سين سان منسوب آهي.

حدو خان، هسو خان ۽ نٿو خان کي هن گهراڻي جو باني سمجهيو ويجي ٿو.

سنڌ ۾ سنڌي ڪلاسيڪي موسيقي جا گائيڪ گواليار گهراڻي سان وابسته آهن. سندن وڏا گواليار مان جيئن سنڌ پهتا ته هُووري ڪنهن ٻئي پاسي ڪو نه ويا. هتي ئي مستقل رهائش اختيار ڪيائون.

گائيڪ

استاد گامڻ خان، استاد مبارڪ علي خان، استاد مراد علي خان، استاد بيبو خان صاحب، استاد نياز حسين، استاد فدا حسين خان، استاد قدرت الله خان، استاد منظور علي خان، استاد جمال خان، استاد امير علي خان، وزير علي خان، استاد پياري خان، استاد امير علي خان، استاد غلام رسول، حميد علي خان، فتح علي خان، استاد پائي لال خان، استاد غلام حسن شگن، پنڊت اوم ڪرنات ٺاڪر، وشنو ڊگمبر پلسڪر، پٽ ورڌن، ڪرشنا رائو شنڪر پنڊت. سنڌي موسيقي جي حوالي سان استاد منظور علي خان جو نالو تمام گهڻو مٿانهون آهي. سندس خدمتون بي مثال آهن.

آگره گهراڻو

باني، حاجي سبحان خان، استاد خدا بخش گهگهي، گائيڪ: استاد فياض حسين خان صاحب، استاد لطافت حسين خان، استاد اسد علي خان، يونس حسين خان

ڪرانه گهراڻو

باني استاد عبدالڪريم خان صاحب، استاد عبدالوحيد خان

گائيڪ

روشن آرا بيگم، هيرا بائي بڙوديڪر، گنگو بائي هنگل، ڀيم سين جوشي، بيگم اختر، سوائي گنڌروا.

شام چوراسي گهراڻو

نزاڪت علي خان، سلامت علي خان، اختر علي خان، ذاڪر علي خان، شرافت علي خان، شفقت علي خان

قوال بچه گهراڻو

چوٽي غلام علي خان، بدر زمان خان، قمر زمان خان

جئپور گهراڻو

استاد الهه ديا خان، ملڪ ارجن منصور، ڪيسر بائي ڪريڪر، ڪشوري امونڪر.

رامپور گهراڻو

استاد عنايت خان، استاد نثار حسين خان، استاد غلام مصطفيٰ خان.

پٽيالہ گهراڻو

باني جرنيل علي بخش خان، ڪرنيل فتح علي خان.

گائيڪ: استاد عاشق علي خان صاحب، استاد بڙي غلام علي خان صاحب، منور علي خان، برڪت علي خان، استاد اختر حسين خان، استاد امانت علي خان، فتح علي خان، رضا علي خان، مظهر علي خان، حامد علي خان، امجد امانت علي خان، اسد امانت علي خان.

دهلي گهراڻو

باني استاد ممن خان

گائيڪ: استاد چاند خان، رمضان خان، امرائو بندو خان

پينڊي بازار گهراڻو

باني استاد ڇجو خان

گائيڪ: استاد امان علي خان (لتامنگيشڪر جو استاد)

گهنشام سنتداس واسواڻي

گائيڪ، نغمہ نگار

1954 – 8 – 24 تي ممبئي ۾ ڄائو.

تعليمي لياقت جي حوالي سان هو B.Sc, L.L.B, B.D.M آهي.

ممبئي جو پتو

Gul Mohar, 2/ 53 Roop Nagar, Bandra (East) Mumbai, 400051

اهم حصہ رسدي

هن جون ڪيتريون ئي سيڊيون آهن جن مان خاص آهن:

1. سچل سرمست 1995ع
2. سڪ ساجن جي 1998ع
3. دولهہ شاه جا دوها 2001ع
4. جهولي لال جهولي لال 2001ع
5. جهولي لال ٻيڙا پار 1996ع

6. سنڌي سنگيت واليوم 1 ۽ 2
7. سائي پرميشور

حاصل ڪيل ايوارڊ ۽ اعزاز

1. سونو ٻلو – 1995ع ممبئي ۾
2. سونو ٻلو – 1993ع جئپور ۾
3. ٽروفي – 1999ع ممبئي ۾

هن بنيادي راڳ جي تعليم پنهنجي والد سنت داس واسواڻي جو شاش ۽ پوءِ وڌيڪ سکيا "غزل سمراٽ" جگجيت سنگ، سشيلا وهنڪر، راجا رام شڪلا کان حاصل ڪئي.

تنهن کانسواءِ هي آڪاشواڻي ۽ دور درشن تي گريڊ +A جو آرٽسٽ آهي. هن ڪيترا ڀيرا ملڪ کان ٻاهر به پرفارم ڪيو. ڪيس USA ۾ سنڌي سملن جي موقعي تي به گهرايو ويو.

لال ماڻي مسرا، ڊاڪٽر (شخصيت)

پي ايچ ڊي، ايم اي، ڊپلوما (ميوزڪ)

لال ماڻي مسرا جنهن فائين آرٽس ميوزڪ ۾ ايم اي ميوزڪ (ووڪل) بيچلرز (ميوزڪ ستار ۽ طبلا) ۽ ڊپلوما ميوزڪ ۾ ڪئي ڪيس ساهتيه ايوارڊ مليل آهي. پاڻ بنارس هندو يونيورسٽي جي ميوزڪ شعبي جو ڊين ۽ هيڊ آف فيڪلٽي ميوزڪ اينڊ فائين آرٽس آهي.

پاڻ 1924ع ۾ ڪانپور ۾ ڄائو. هندو مسلم فسادن ڪانپوءِ ڪلڪتي لڏي آيو. هن پنڊت شنڪر ڀٽ ۽ منشي پرگهونات کان درپد ۽ ڌمار سکيو. خيال ڳائڻ ۾ سندس استاد مهدي حسين خان هيو ان کان سواءِ هن سوامي پرموننددن کان درپد، خيال ۽ ٺمري جي وڌيڪ تعليم ورتي ۽ ستار جو علم شري سکديو کان ورتو. جلد استاد امير خان رامپوري گهراڻي واري کان ڪيترن ئي سازن جي تربيت ورتائين. 12 سالن جي عمر ۾ ڪلڪتي واري شاهن شاهي رڪارڊنگ ڪمپني ۾ اسسٽنٽ ميوزڪ ڊائريڪٽر جو عهدو مليس. پيءُ جي وفات ڪانپوءِ واپس ڪانپور آيو اتي ٻارن کي موسيقي جي تعليم ڏيڻ لاءِ ڪيترائي اسڪول کوليائين، هي اسڪول هن ان وقت کوليا جڏهن امير طبقو ميوزڪ کي حقارت جي نگاهه سان ڏسندو هو. مشهور ڊانسر ۽ ڊانس جي ڊائريڪٽر اڏي شنڪر کيس پنهنجي ٽولي ۾ شامل ٿيڻ جي آڇ ڪئي، جيڪا هن قبولي 1951ع کان 1955ع تائين هندستان جي ڪيترن شهرن کانسواءِ سيلون، فرانس، انگلينڊ، بيلجيم، امريڪا، ڪئناڊا وغيره جو سفر ڪيائين ۽ انهي ڊانس جي طائفي ۾ آرڪيسٽرا جو اڳواڻ هيو. 1955ع ڌاري ڪجهه وقت لاءِ کيس اکل ڀارت گنڌاوا منڊل مهاوديالا ممبئي جو رجسٽرار مقرر ڪيو ويو، جتان 1956ع ۾ گانڌي سنگيت مهاوديالا جو پرنسپال مقرر ڪيو ويو. ساڳي وقت (1956) پنڊت اوم ڪرنات ٺاڪر کي بنارس هندو يونيورسٽي جو پرنسپال مقرر ڪيو ويو ته مسرا صاحب جي اتي يونيورسٽي ۾ رجسٽرار طور مقرري

ٿي تہ هن انڊين ڪلاسيڪل ميوزڪ ۾ ماسٽرس ڊگري ڪري ورتي. 1969ع ۾ ڪيس پين يونيورسٽي فلاڊيلفيا جو وزيٽنگ پروفيسر مقرر ڪيو ويو. اتي هو 1978ع تائين انهي عهدي تي ڪم ڪندو رهيو ۽ اتان ئي هن پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي. 1973ع ۾ هن سنگيت سازن تي هڪ ڪتاب ڀارتيہ سنگيت وديا جي نالي سان هندي ۾ لکيو. جنهن ڪري سندس ناماچاري وڌي وئي. هن هڪ ٻيو ڪتاب ميوزڪ اينڊ سوسائٽي جي نالي ڪانسواءِ ڪوڙ سارا مضمون موسيقي تي لکيا. هي قديم توڙي جديد موسيقي جو وڏو ودوان آهي.

ڪيس هڪ پٽ نالي گوپال شنڪر آهي, جيڪو بنارس هندو يونيورسٽي ۾ ميوزڪ جو پروفيسر آهي ۽ هڪ نياڻي تري ديوي آهي, جيڪا بہ ممبئي ۾ هڪ سنگيت وديالا ۾ سنگيت جي سکيا ڏئي پئي ۽ هڪ ليکڪا آهي.

لتا منگيشڪر (سر سنگيت جي ديوي)

لتا 28 سيپٽمبر 1929ع ۾ هندستان جي رياست مڌيہ پرديش جي شهر اندور ۾ پنهنجي ماسيءَ جي گهر پيدا ٿي. سندس پيءُ ماسٽر دينانات مراٺي اسٽيج جو مشهور اداڪار ۽ گلوڪار هو. جيڪو بلونت سنگيت اڪيڊمي جي نالي سان هڪ مراٺي ڊراما ڪمپني جو مالڪ هو, لتا جي ماءُ جو نالو شيوانتي هو. جيڪا شادي بعد ساهراڻي گهر ۾ شدامتي سڏجڻ لڳي. لتا جي پيءُ جي مادري زبان مرهٽي جڏهن تہ سندس ماءُ جي ٻولي گجراتي هئي.

منگيش هندن جي هڪ ديوتا جو نالو آهي, جنهن جي معنيٰ هٽ بہ آهي. جيئن تہ لتا جو خاندان منگيش ديوتا جو پوڄاري آهي. سندس پيءُ عقيدت طور پنهنجي نالي جي آخر ۾ پنهنجي ديوتا جو نالو شامل ڪيو. جنهن ڪي لتا بہ پنهنجي نالي سان منسلڪ ڪري ڇڏيو.

لتا جي راڳ سکڻ جي ابتدا سندس ننڍپڻ ۾ سندس ناني جي گهر نرنا نالي هڪ ڳوٺ ۾ ٿي. پاڻ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي نانيءَ جي ڳوٺ رهڻ ويندي هئي. سندن ناني شام جي وقت پنهنجي گهر جي پوڄا پاٺ واري ڪمري ۾ هارمونيم تي مذهبي گيت ۽ ڀڄن ڳائيندي هئي. جڏهن تہ رات جو ٻارن کي آکاڻيون ٻڌائيندي هئي. جن ۾ گيت بہ شامل هوندا هئا. سندن ناني ٻارن کي پوڪ پچڻ, اٽي پيهڻ, وهنجڻ سهنجڻ ۽ ماني ڪائڻ جي موقعي تي ڳايا ويندڙ گيت سيکاريندي هئي. لتا جي راڳداري جي باقاعده سکيا پنجن سالن جي عمر ۾ شروع ٿي. سندس پيءُ صبح جو 5 بجي بيدار ٿي پنهنجي ڌيئرن لتا ۽ مينا کي تانپوره تي رياض ڪرائيندو هو. لتا جو پيءُ ماسٽر دينا ناٿ 24 اپريل 1942ع ۾ گذاري ويو. ان وقت لتا جي عمر 13 سال هئي. لتا جو خاندان 1945ع ۾ ممبئي منتقل ٿيو. اتي ڀينڊي بازار وارو استاد امان علي خان ۽ استاد امانت علي خان ديواس وارو سندس استاد مقرر ٿيا. لتا اردو تلفظ کي درست ڪرائڻ لاءِ هڪ مولوي صاحب جون خدمتون حاصل ڪيون ۽ سنسڪرت تلفظ جي درست ادائگي لاءِ ممتاز سنسڪرت اسڪالر جي اين دانيدار کي مقرر ڪيو ويو.

لتا جو پهريون فلمي گانو مراٺي فلم ”ڪتي هسل“ (توهان ڪيترو ڪلي سگهو ٿا) لاءِ 1942ع ۾ 13 سالن جي عمر ۾ رڪارڊ ڪيو ويو. سندس پيءُ جي خواهش جي احترام ۾ اهو گانو فلم مان خارج ڪيو ويو. لتا جو پيءُ

پنهنجي ڏيئرن جو فلم لاءِ ڳائڻ ناپسند ڪندو هو. لتا جي شهرت جو آغاز 1949ع ۾ رليز ٿيل فلم ”محل“ لاءِ ڳايل گاني ”آئيگا آني والا“ سان ٿيو. ان فلم جو موسقار کيم چند پرڪاش هو. ان ئي دور ۾ شنڪر جي ڪشن جي ترتيب ڏنل موسيقيءَ ۾ فلم برسات لاءِ ڳايل گيت تمام گهڻو مقبول ٿيا جيئن

1- **جيا بيقرار ہے**

2- **چھوڑ گئے بالم**

لتا جي زندگي جا اهم واقعا:

لتا ڪي 5 سالن جي عمر ۾ ماتا ٿي جنهن ۾ سيني ڪي سندس مرڻ جو يقين ٿي ويو. هڪ دفعي هڪ فلم ”باري ما“ جي شوٽنگ جي سلسلي ۾ ملڪه ترنم نورجهان جو ڪالهاپور اچڻ ٿيو. فلم ۾ لتا به شامل هئي. نور جهان نو وارد لتا ڪي ڳائڻ لاءِ چوندي هئي پوءِ پاڻ به لتا سان گڏ ڳائڻ ۾ شروع ٿي ويندي هئي. نور جهان لتا جي ڳائڻ جي انداز جي تمام گهڻي تعريف ڪندي. فلم ساز ڪمپني پرمولا پڪچرز جي مالڪ ماسٽر ويناٿيڪ ڪي چيو ته وينا ٿيڪ صاحب منهنجا لفظ نوٽ ڪري ڇڏيو هي چوڪري مستقبل ۾ ڪامياب گلوڪاره ثابت ٿيندي.

لتا ڪي ريڊيو خريد ڪرڻ جو تمام گهڻو شوق هوندو هو. پنهنجي بچايل پئسن مان 525 رپين ۾ هڪ ريڊيو خريد ڪيو. ان دور جا ريڊيو اڄ جي ٽيليويز ڪان به وڏا هوندا هئا. ريڊيو جو سئچ آن ڪيو ته ريڊيو مان پهريون نڪرندڙ آواز سهگل جي مرڻ جو اعلان هو. لتا ريڊيو ڪي منحوس سمجهي اڌ ملهه وڪرو ڪري ڇڏيو.

(سهگل جي وفات 46 – 1 – 18)

لتا جي پسنديده فنڪارن ۾ خان صاحب بڙي غلام علي خان، استاد امير خان، پنڊت ڀيم سين جوشي، پنڊت جسراج، سازندن ۾ شرناءِ نواز خان صاحب بسم الله خان، سرود نواز امجد علي خان، علي اڪبر خان سرود نواز سارنگي نواز رام نارائڻ شامل آهن.

لتا ڪي مليل اعزاز

1. پدم ڀوشن 1969ع
2. دادا صاحب ڦالڪي ايوارڊ 1989ع
3. ڀارت رتن

ڀارت رتن هندستان جو اعليٰ ترين سول اعزاز آهي، جيڪو Play Back گلوڪارن ۾ صرف لتا منگيشڪر کي حاصل ٿيو آهي.

لتا جي آواز ۾ ڪجھه مقبول فلمي گيتن جا ٻول هيٺ ڏجن ٿا

1- ***اٹھائے جا ان کی ستم***

2- ***جو دل میں خوشی بن کر آئیے گی***

3- برسات میں ہم سے ملے
4- مجھی کسی سی پیار ہو گیا
5- بچھڑی ہوئے پردیسی
6- ہوا میں اُڑتا جائے
7- میری آنکھوں میں بس گیا
8- کاصی کو دیر لگائے رے
9- آجارے پردیسی
10- نیناں برسے رم جھم رم جھم
11- بھاریں پھر بھی آئیں گی
12- آئیگا آنے والا

لتا کي ٽي ڀينرون، ممتاز گلوڪاره آشا ڀوسلي، اوشا منگيشڪر ۽ مينا منگيشڪر آهن. جڏهن ته ڪيس هڪ ڀاءُ هردي ناٿ آهي، سواءِ مينا مينگيشڪر جي لتا جون سڀ ڀينرون ۽ ڀاءُ موسيقي جي فن سان وابسته آهن.

مددي ڪتاب:

1. جهان فن (ظهور چوڌري)
2. لتا منگيشڪر (زندگي نامہ)

لچا ساک (راڳڻي)

بلاول ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي آهي. جهنجهوٽي جي سنگت هن راڳ کي صاف ظاهر ڪري ٿي. جتي گنڌار جو سر وڌيڪ لڳايو وڃي ٿو، اتي گوڙ سارنگ جي شڪل نظر ايندي آهي. بلاول جون ڪوڙ ساريون شڪليون آهن. جن تي پنڊتن جو بحث مباحثو پيو هلندو آهي. لچا ساک ۾ ٻئي نڪادون هنيون ويندون آهن پر بلاول جو انگ بهرحال ڏيکارڻ ضروري آهي.

خاص تان: سا – گي – ماپا – گي – ما – ڌي پا – گي پاما – گي ري گي – ري سا

آروهي: ساري گا ما – پاما پاما گي- ڌي ناڌي ناسا

امروهي: ساني ڌي ڌي پا – پاڌي پاما گي ري سا

وادي سر: ڌيوت

سموادي سر: گنڌار

ڳائڻ جو وقت: صبوح

لطيفي تال (وڄت)

هن تال جو موجود حضرت شاهه لطيف پيتائي آهي. هي تال طبلي پکاوج يا دهل جو کو نه آهي پر فقط دنبوري تي وڄايو ويندو آهي. هي اهو تال آهي جنهن سان شاهه صاحب جي سيني واين کي ماپي سگهجي ٿو. هي تال فقط الله تان ورتل آهي. هن تال جون ٽي ضربون آهن ۽ پنج ماترائون آهن. جيڪي هن طرح آهن.

اکر	ال	ل ا	هه
ماترائون	2	2	1

لنڪڏن سارنگ (راڳڻي)

ڪافي ٺاٺ جي کاڏو راڳڻي جنهن جي آروهي امروهي ۾ ڏيوت سر ورج آهي. ٻئي نکادون استعمال ٿين ٿيون. هن راڳ جي شڪل گهڻي ديس سان ملڻ گهرجي پر گنڌار ڪومل ۽ ڏيوت ورج هجڻ ڪري ڇڄي بيٺي آهي. هي به سارنگ جو هڪ قسم آهي

تان: پا – ني سا – ري ري – گا گا – ماري – سا – ري سا – ماپا – ماپا – ني سا – ري ري – ساري سا - گا گا – ماري – ماري – سا

آروهي: پاني ساري گاري ماپاني سا

امروهي: سانا پاگا ماري سا

وادي سر: رکب

سموادي: پنچم

لوڙائو (راڳڻي)

پهاڙي سان مشابهت رکي ٿو. هي سر آروهي ۾ درگا سان ۽ امروهي ۾ ڪافي سان ملي ٿو. هي راڳڻي گهڻو ڪري مڌم کان ٽيپ جي سا تائين قائم رهي ٿي. سنڌي ۾ هن راڳڻيءَ ۾ ڪافي ڪلام گهڻي انداز ۾ ڳايل آهن.

امروهي: ساني ڌا پا ماگا ري سا ما

آروهي: ساري ماپا ڌا سا

هي کاڏو سمپورن راڳڻي آهي، جنهن جي آروهي ۾ گنڌار ورج آهي.

وادي سر:مڌم

سموادي سر:

لوڙائو سر (سنڌي راڳڻي)

هي راڳڻي سنڌي ڪافين، بينن/ پاين ۽ سرندي وڄائڻ ۾ گهڻو هلي ٿي. سيوهاڻي شرنائي وارا هن کي اڄڪلهه سنو وڄائين ٿا. پهاڙي سان گهڻو ملي ٿو. هي سر آروهي ۾ "درگا" سان ۽ امروهيءَ ۾ ڪافي راڳڻي سان

مشابهت رکي ٿو. وادي سر مڌم اٿس. هي راڳڻي گهڻو ڪري مڌم کان ٽيپ جي کرج تائين قائم رهي ٿي.

آروهي: سا، ري، ما، پا، ڌا، سا

امروهي: ساني ڌا – پا – ما – گا – ري – سا – سا

لوڪ سنگيت ۽ ڪلاسيڪل موسيقي

هندستان جي موسيقي تي تحقيق ڪرڻ واري مغربي موسيقي دان ڪيپٽن اين آگسٽس ڊلارڊي جيڪو 1834ع ۾ هندستان جي ڪنهن رياستي نواب وٽ فوج جو ڪمانڊر هو. ان پنهنجي ڪتاب A Treatise on the Music of Hindustan ۾ لکيو آهي ته راڳ هند سنڌ جي مٽي مان ڦٽي نڪتو، اتي ئي وڌيو ويجهيو آهي ۽ اتان جي لوڪ ڌنن مان جنم ورتائين. راڳ لوڪ گيت نه آهي. چو ته راڳ سرن جو مرڪب ۽ ڍڪيو ميلاپ آهي. جنهن تي سالن جا سال ڪو موسيقي جو ماهر صرف ڪري ٿو. پر اهو سچ آهي ته راڳن جو ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ لوڪ موسيقي سان مائٽاڻو رشتو قائم رهي ٿو. لوڪ ڌنون راڳ جو بنياد ٿين ٿيون. جن تي راڳ جا بنياد رکيل هجن ٿا.

انهن محققن ڪي ڇڏي ڪري اسان مروج ٺاٺن تي غور ڪيون ته ڏهن ٺاٺن مان ڇهه ٺاٺ بلاول، پيروي، پيرو، ڪافي، ڪماچ ۽ پوربي، پنهنجي موجوده صورت ۾ صدين کان لوڪ ڌنن ۾ استعمال ٿي رهيا آهن ۽ انهن ٺاٺن مان جيڪي راڳڻيون نڪرن ٿيون اهي به صدين کان هڪ سنگيت جو جز رهنديون پيئي آيون آهن. اسان جا عوامي ڳائڻا پلي انهن راڳڻين کي نالي سان نه به سڃاڻي پر صدين کان انهن جو استعمال جاري آهي. انهن عوامي ڌنن ۾ ڇهه ته اهڙيون آهن جيڪي نه صرف مارگ سمپورن راڳ آهن پر انهن کي ٺاٺن ۾ شمار ڪجي ٿو. ٺاٺ راڳ جا اهڙا سرچشما آهن، جن جي سرن جي بندش ۽ ميل ميلاپ مان يا ڪن سرن کي آروهي يا امروهي ورج ڪرڻ سان سوين الڳ الڳ ڌنون نهيون آهن. اهي ٺاٺ ۽ راڳ بلاول، پيروي، پيرو، ڪافي، ڪماچ ۽ پوربي آهن. جيڪي پنهنجي جاءِ تي راڳ به آهن ۽ ٺاٺ به آهن. مثال طور بلاول ٺاٺ ۽ راڳڻي ۾ ست ئي سر ساري گاما پاڌاني شڌ لڳن ٿا. انهن ئي ستن سرن کي مختلف نموني ميل ميلاپ ڏبو ته بهاگ، بهاڳڙو، شنڪره، ديسيڪار، درگا، پهاڙي، ماند، ديوگري، نٽ، شڪل بلاول، ملوها، پٽ منجري، جلندر، جلندر ڪيڏارو، اليا بلاول، هنس، هيم، سر پرده، بنگال، لڇا ساک، ڪوکب ۽ ٻيون راڳڻيون ٺهن ٿيون. اهڙي طرح ٻين ٺاٺن ۾ سوين راڳڻيون سمايل آهن. موجوده ۽ مروج ڌنن ۾ ٿوري گهڻي تبديلي ڪري نوان راڳ ٺاهي سگهجن ٿا. استادن پيروي جي موجوده شڪل ۾ تبديلي ڪري مالڪونس راڳ ٺاهي ڇڏيو. انهي عوامي ڌن جو تجزيو ڪري ان کي پيروي ٺاٺ جي پنجن سرن وارو راڳ قرار ڏنو.

پيروي جو سرگم هيٺن آهي ساري گاما پاڌاني سا.

(رکب گنڌار ديوت ۽ نکاد ڪومل سر اٿس)

انهن ئي سرن مان رکب ۽ پنچم کي ورج ڪري مالڪونس ڪيو ويو جنهن جو سرگم هي آهي. ساگاما ڌاني سا. اهڙي طرح بلاول ٺاٺ ۽ راڳڻي جي شڌ سرن مان گنڌار ۽ نکاد ورج ڪري درگا ٺاهي وئي. وري انهن ئي سرن جي

آروهي امروهي مان رکب ۽ ڊيوت ورج ڪري ٻهاڳ راڳڻي ٺاهي وئي. تہ اصل مطلب اهو آ تہ ڪلاسيڪي موسيقي پنهنجو پاڻ ڪا ايڏي اهم چيز ڪا نہ آهي. ان ڪي مقامي لوڪ ڌنن مان استادن ترتيب ڏنو آهي ۽ اصل سرچشمو لوڪ سنگيت آهي.

لڪيو (لوڪ گيت)

هي ٿرپارڪر جو لوڪ گيت آهي. هن جو مضمون وڇوڙي جا ورلاپ ۽ بيوفائي جو بيان آهي. هن گيت جي وجود ۾ اچڻ بابت روايت آهي تہ سوني پيلڻ جو هڪ ڪنير سان نينهن ٿي ويو. مگر ڪنير بيوفائي ڪري اتان لڏي هليو ويو. سوني پيلڻ سندس وڇوڙي ۾ روئيندي رهي، آخر اهي ورلاپ گيت جي صورت اختيار ڪري ويا. هن گيت جو ستاءُ هي آهي تہ هن جي مصرع جيڪا هڪ سٽ جي هوندي آهي ان ڪي وراڻو "هي ڙي لڪيو" ضرور چوندا آهن. هي ٿرپارڪر جو گيت آهي.

مثال:

لڪڻ واري تان لڪي چڙيو هي ڙي لڪيو.
سمهلو پاڙو، چغلو چاڙو
هي ڙي لڪيو
ڍولتي جا ڏند هيئن جا بند
هي ڙي لڪيو.

لمڪيان ڙي لو (لوڪ گيت)

هي سنڌ جو گيت ٿر سان واسطو رکي ٿو. ڏٽ چوندڻ وقت زالون اڪيلي سر يا ٻہ ٽي ڄڻيون گڏجي ڳائين. هن گيت جي شروعات جو سبب ساهيڙي جي سڪ آهي جنهن پنهنجي پياري ساهيڙي جي ڏکئي وقت ۾ مدد ڪئي هئي. چون ٿا تہ عمرڪوٽ ۾ ڪي جوان نينگريون وسندي ۾ ڏٽ گڏ ڪرڻ لاءِ آسپاس نڪري ويون انهن ۾ مهت نالي ملوڪ ڇوڪري، جنهن تي ڳوٺ جا ڪيترائي جوانڙا عاشق هئا سا بہ نڪري وئي. اڪ ٽيٽ ڪري ڇوڪرا سندس پوئنيان لڳا ۽ ڪيس ورائي ويا نيٺ ساجن نالي هڪ جوان سندس منٿن تي سيني سان مهاڏو اٽڪايو. پر هو اڪيلو هو ڪيس ٻين ڊاهي وڌو. انهي وچ ۾ مهت ڪسڪي وئي ۽ ساهيڙين ڪي وٺي آئي ڏسن تہ همراهہ بيهوش پيو آهي. ٻيون ساهيڙيون هليون ويون پر ساران ۽ مهت هن ڪي هوش ۾ آندو ۽ جهولي ۾ ڪڻي ڳوٺ آيون. ساجن ۽ مهت جو ائين پيچ پئجي ويو. گهر وارن ڪي خبر پئي تہ هنن مهت جي شادي ٻئي هنڌ ڪرڻ چاهي پر ساران جي صلاح تي مهت ساجن سان هلي وئي ۽ وري پتو ڪو نہ پيو.

ڳائڻ ۾ هي گيت جمالي جي طرز تي ڳائبو آهي. پر لئي جمالي ڪان تکي اٿس. لمڪيان جي معنيٰ آهي لمڪي يا لڏي هلڻ وراڻي ۾ لمڪان لوڙي چئبو. هن مصرع ۾ هڪ سٽ چئي ۽ هر سٽ ڪانپوءِ وراڻو

مثال:

پنيان تنهن جي مهت موچاري، لمکيان لوڙي

کنهن نہ پروڙيو کير آهن لمکيان لوڙي

محبت وئينءَ مهت ملهائي، لمکيان لوڙي

لوڪ گيت (ڪتاب)

لوڪ گيت: هي لوڪ گيتن تي مشتمل ڪتاب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي تحقيق آهي. جنهن سڄي سنڌ گهمي لوڪ گيت هٿ ڪيا آهن. هن ۾ جملہ 57 قسم جا مختلف لوڪ گيت ڪٺا ڪيا ويا آهن ۽ هر هڪ لوڪ گيت بابت ميسر معلومات ڏني وئي آهي. اها عجب جهڙي ڳالهہ آهي جو ڪيترن گيتن جي عنوانن بابت ڪوجنا نہ ڪئي وئي آهي. جيڪا ضرور ڪرڻ کپندي هئي. هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ 1965ع ۾ شايع ڪرايو هن ۾ ڪل 405 صفحا آهن.

للت (راڳڻي)

پيرو ٺاٽ جي ڪاڊو راڳڻي آهي. پنچم جو سر ورج اٿس. مڌم ۽ ڏيوت جي سنگت رهي ٿي. ٻئي نکادون لڳن ٿيون. هي اترانگ جي راڳڻي آهي.

خاص تان: ني راگي ما — ڌامي ڌامي ما — گي

آروهي: ني راگي ما — مي ماگي — مي ڌا — سا

امروهي: ڌاني ڌا — مي ڌامي ماگي — راسا

وادي سر: شڌ مڌم

سموادي سر: کرج

سمو: آڌي رات

للت پنچم (راڳڻي)

پيرو ٺاٽ جي ڪاڊو سمپورن راڳڻي آهي. آروهي ۾ پنچم ورج اٿس. امروهي سمپورن ۽ وڪر اٿس. هن راڳڻي ۾ شڌ مڌم ڏکهو ڪري لڳايو ويندو آهي. ڳائيڪ للت جو انگ ظاهر ڪرڻ لاءِ ٻئي نکادون لڳائيندا آهن. پر امروهي ۾ جڏهن پنچم جو سر چٽو ڪبو آهي تہ للت جو انگ لڪي ويندو آهي.

خاص تان: ساني ڌا — پامي پا — ڌاني ڌاپا — مي ما — گي — ماگي ما — ما — ني — ڌاپا — گي — مي گي راسا

آروهي: سارا گي ماڌاني سا

امروهي: ساني ڌاپا — مي پا — گي — ماگي راسا

وادي سر: شڌ مڌم

سموادي سر: کرج

ڳائڻ جو وقت: رات جو ٽيون پهر

لولي (گيت)

ماءُ جي هنج ۾ پهريون موسيقيءَ جو سريلو آواز جيڪو سنڌ جو هر ٻار ٻڌي ٿو. ماءُ ٻار کي هنج ۾ سمهاري نهايت ڳنڀير ۽ پيار واري سريلي آواز ۾ لولي ڏيندي آهي. اها لولي زندگيءَ جي انت تائين ياد رهندي آهي. بيحد مٺو گيت، جنهن ۾ ٻاجهه، نرمائي، صداقت، پيار پاپوهه يعني ماءُ جي محبت جا سپ انگ ۽ عنصر سريلي انداز ۾ شامل هوندا آهن. هن سريلي آواز کي "الاهي راڳ" ڪوٺي سگهجي ٿو. هي گيت سنڌي ۽ سرائيڪي ۾ چيو ويندو آهي. لولي جا ڪجهه قسم ڏجن ٿا.

1. جيجل لولي: لولي جنهن ۾ ماءُ پنهنجي ٻچي لاءِ دعاڳڻ ٿيندي آهي.
2. مجازي لولي: دراصل وڇوڙيل جي دل جي دانهن هن لوليءَ ۾ سمايل هوندي آهي، جيڪا گهڻو ڪري ڇوڪراٽي ٻار کي ڏين.

لولي: هي سنڌ جي مشهور لوڪ گيتن مان آهي. اتر ۾ رهندڙ جتن ۽ ٻين قبيلن جو گيت آهي. هيءَ گيت گهڻو ڪري سرائيڪي ٻولي ۾ چيو ويو آهي. زالون توڙي مرد لولي پنهنجي منهن ورونهن طور پاٽي پرڻ مهل، مال چارڻ، رونبي يا لاباري وقت يا مجلس ۾ ڳائيندا آهن. محبت ۽ مجاز ان جو خاص مضمون آهي. مضمون مان ظاهر ٿئي ٿو ته اڳي مسافري انن تي ٿيندي هئي، جنهن ڪري اوٺارن کي پرخطر سفر ۾ جان جو جوکو هوندو هو. جڏهن اوٺي مال لڏي سفر تي روانا ٿين ٿا تڏهن سندن جدائي ۾ زالون پنهنجي جذبن جو اظهار ٻه لوليءَ ۾ ڪن ٿيون ۽ سندن خير سان موٽي اچڻ جون دعائون گهرن ٿيون.

عام روايتي لوليءَ جو سٽاءُ اڪثر ٻن مصرعن وارا هم قافيه بند هوندا آهن ۽ هر بند ڪانپوءِ وراڻي لازمي هوندي آهي. وراڻي واري مصرع عموما هيءَ هوندي آهي

هي لوڙي لوو لولي، پلوڙي سجڻ لولي،
لولي لو، هي لو، لولي لوڙي لوڙي.

جيتوڻيڪ لوليءَ جي ابتدا مڙس جي وڇوڙي ڪان ٿي پر اڳتي هلي ان ۾ محبت ۽ مجاز جي عنوان واريون لوليون ٻه چيون ويون

مثال:

ويندا جو پيا هيئن، ويندئين ٻانهن مريندا
وسريان جو ڳالهايان، ويندا يار ڏويندا
جانب لولي
ويندا پيا هين، ڏس وجين هان نڪاٽي
ڪاني دي ڪنڊڙي اتون پپل نماٽي
جانب لولي (ورتل لوڪ گيت ڊاڪٽر بلوچ)

لهجات سڪندري (ڪتاب)

سڪندر لوڌي جي دور ۾ هندستاني موسيقي تي هڪ ناياب ۽ بالتفصيل ڪتاب آهي. جنهن جو قلمي نسخو لکنو يونيورسٽي جي ڪتب خاني ۾ موجود هو. عمر سميع يحييٰ نالي هڪ افغاني هن جو ليکڪ ٻڌايو وڃي ٿو. هي صاحب افغانستان کان هندستان آيو هو ۽ هن کي هندستاني موسيقي سان ايترو شغف ٿي ويو جو هن اتان جي موسيقارن جي تعاون سان موسيقيءَ جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو. سڪندر لوڌيءَ جي وزير ميان ڀوڏا، سندس سرپرستي ۽ حوصلا افزائي ڪئي. جن ڪتابن تان مصنف مدد حاصل ڪئي انهن جا نالا هي ڏنا اٿس. سنگيت رتناڪر، سنگيت ماتنگ، نرت سنگره، اوپرت، سنڌ نڌي، سنگيت ساميا وغيره. هي سڀ ڪتاب هن وقت ڪٿي به ڪو نه ٿا ملن ۽ وقت جي وهڪري ۾ وهي ويا ٿا ڀانئجن. هي ڪتاب ڇهن ڀاڱن تي مشتمل آهي ۽ 47 باب اٿس. هن ڪتاب ۾ ناچ، ساز، راڳن ۽ راڳڻين بابت، تالن ۽ سرن بابت معلومات ڏنل آهي.

لئي (تال)

ڪلاسيڪي موسيقي ۾ لئي ٽن قسمن جي هوندي آهي.

1. بلمپت 2. مڌ 3. درت – بلمپت جي معنيٰ آهي ”دير“ مڌ جي معنيٰ آهي درمياني يا وچولي ۽ درت جي معنيٰ آهي تيز. پر اهي الفاظ نسبتي آهن انهن جو اندازو صحيح نٿو لڳائي سگهجي. سنسڪرتي گرنٿن ۾ لئي کي سمجهڻ لاءِ هيٺيون نقشو ذهن ۾ ويهارڻو پوندو.

8 ڇن – هڪ لو

8 لو – هڪ ڪاشتا

8 ڪاشتا – هڪ نمش

8 نمش – هڪ ڪلا

چار ڪلا – انودرت (هڪ)

2 انودرت برابر – هڪ درت

2 درت – هڪ لگهو

2 لگهو – هڪ گرو

3 لگهو – هڪ پلت

4 لگهو – هڪ ڪپد

زماني جي انهي تقسيم کي سمجهندي فرض ڪيو وڃي ته هڪ صحتمند ماڻهو جي نبض جو هڪ ڏڪ هڪ ماترا آهي ۽ ماترا برابر آهي هڪ انودرت جي، ته ڇن جو زمانو / وقت ڇا بيهندو؟ حقيقت ۾ ڇن جي زماني ۾ زبان مان

هڪ لفظ جي ادائيگي ناممڪن آهي. لوءِ ڪاشتا جي زماني جي ادائيگي ممڪن ڪو نہ آهي. راڳ درپن جي مصنف ان لاءِ لکيو آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ تال جو زمانو انودرت ٿي سگهي ٿو.

اهڙي نموني ماتري بابت بہ مختلف ماڻهن جا مختلف رايا آهن. ڪن جو چوڻ آهي تہ هڪ صحتمند ماڻهو جي نبض جو هڪ ڌڪ، ڪن جو چوڻ آهي تہ زبان مان نڪتل هڪ لفظ کي ماترو چئجي. لگهو لاءِ بہ ڪيئي اصول آهن. ڪن جو خيال آهي لگهو چار ماترائن جي برابر آهي. ڪن جو چوڻ آهي تہ لگهو هڪ ماتري جي برابر آهي. ائين ٿي سمجهڻ ۾ ڪا قباحت ڪا نہ آهي پر ابتدائي زماني کي سمجهڻ ان جي بيهڻ، ٽيڻ ۽ چوڻ کي سمجهڻ تمام ضروري آهي. سمجهون ٿا تہ لگهو چار ماترائن جي برابر آهي. تہ اهڙي حالت ۾ درت ٻن ماترائن جي ٿيندي. انودرت هڪ ماترا ۽ ڪپد 16 ماترائن جو ٿيندو. جنهن کي موسيقي جي زبان ۾ هيئن بيان ڪبو

هڪ ماترا کي برام يا انودرت چئبو = برام – 1

ٻن ماترائن کي درت چئجي = درت – 2 ماترا

ٽن ماترائن کي درت برام چئبو = درت – 2 + برام 1 ماترا

چئن ماترائن کي لگهو چوندا = لگهو – 4 ماترائون

پنجن ماترائن کي لگهو برام چوندا = لگهو – 4 + برام 1 ماترا

ڇهن ماترائن کي لگهو درت چوندا = لگهو – 4 + درت – 2

ستن ماترائن کي لگهو درت برام چئبو = لگهو 4 + درت 2 + برام 1

8 ماترائن کي گرو چئبو = گرو – 8 ماترائون

9 ماترائن کي گرو برام چئبو = گرو – 8 + برام هڪ ماترا

10 ماترائن کي گرودرت چئبو = گرو – 8 + درت 2 ماترائون

11 ماترائن کي گردرت برام چئبو = گرو – 8 + درت 2 + برام هڪ

12 ماترائن کي پلت چئبو = پلت – 12 ماترائون

13 ماترائن کي پلت برام چئبو = پلت – 12 + برام 1

14 ماترائن کي پلت درت چئبو = پلت – 12 + درت 2

15 ماترائن کي سرپلت درت برام چئبو = پلت 12 + درت 2 + برام 1

16 ماترائن کي ڪچو چئبو = ڪپد – 16 ماترائون

هاڻي وجوت جو ڪم انهن ماترائن لاءِ هموزن لفظ مقرر ڪرڻ آهي. مثال چئن ماترن لاءِ ت – ت – ڪ – ت ٽن ماترائن لاءِ ت – ڪ – ت وغيره تال ٻن قسمن جا گرنتن لکيا آهن

هڪڙا باقاعده جن کي جاتي تال چون ۽ ٻيا بيقاعده.

جاتي تالن ۾ ڏهہ ڳالهيون مخصوص هونديون آهن

1. ڪال – هن جو مطلب انودرت، درت ۽ لگهو سان جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ هر تال ۾ هوندا آهن.
2. مارگ: هن جا چار قسم آهن ڌروا، چترا، وڪشنا ۽ ورتيڪا. ڪلاجي مختلف ماترائن جي حساب سان انهن جي ورچ ٿيل آهي.
3. ڪريا: معنيٰ حرڪت. هي حرڪت ٻن قسمن جي ٿئي شبد جنهن مان آواز نڪري ٻي نشبد جنهن مان آواز پيدا نہ ٿئي جو تال ۾ سم تي ضرب لڳندي اهو شبد جو مثال آهي. روپڪ جي سم خالي آهي اهو نشبد جو مثال آ.
4. انگ: چند علامتون يا اڪر جيڪي تالن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڏنا ويا آهن.
5. گرهہ: سم بسم اتيت وغيره کي چون ٿا
6. پرستار: معنيٰ وڌائڻ.
7. جاتي: معنيٰ ذات يا قسم.
8. ڪلا: معنيٰ ورهائڻ
9. لئي: هي ٽن قسمن جي ٿئي.
10. يتي: معنيٰ بيهڻ، هر تال ۾ چند ماترائن ڪانپوءِ بيهڻو پوندو

لئي اصل ۾ وڄائڻ جي رفتار کي چئبو آهي هن کي هيٺين حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

ٺا: ڳائڻ يا وڄائڻ جي رفتار جڏهن تمام سست هوندي آهي تہ ماتري جو مدو بہ وڏو هوندو آهي. گهٽي ۾ گهٽي سست رفتار کي ”ٺا“چئبو آهي. جنهن جو ماتري جو عرصو چئن ماترائن جي برابر هوندو آهي. راڳ جي ابتدائي مرحلي تي هن لئي تي سنگت ٿيندي آهي.

بلمپت: هن جي ٺا کان ٻيڻي رفتار ٿئي هي بہ گهڻو ڪري راڳ جي ابتدائي مرحلي ۾ آلاپ ۾ ڪم ايندي آهي.

مڌم: هن بلمپت کان ٻيڻي تيز ۽ ٺا کان چئوڻي ٿئي. هن ۾ گهڻو ڪري هلڪي ڦلڪي ۽ نيم ڪلاسيڪي موسيقي جا انداز ڳايا ويندا آهن. عام طور گيت غزل وغيره هن لئي ۾ ڳائجي ٿو.

درت: هي مڌم لئي کان ٻيڻي تکي آهي. هن لئي جي هڪ ماتري جو عرصو مڌم جي اڌ ماتري جيترو ٿئي ٿو. قانون ۽ مينڊون ۽ خيال بلمپت ڪانپوءِ درت ۾ ڳايو ويندو آهي. ترانو بہ هن لئي ۾ ڳايو ۽ وڄايو ويندو آهي.

انودرت: هي لئي ”درت لئي“ کان ٻيڻي تکي رفتار واري ٿئي ٿي. خيال ڳائڻ ۾ ڪي ڪي گويا درت ڪانپوءِ انودرت ۾ تانون هڻندا آهن. انودرت وڄائڻ لاءِ آڱرين جي ڦڙتائي ۽ فن ۾ پختگي جي ضرورت پوي ٿي.

ترت: ڳائڻ ۾ وڄائڻ جي آخري تيز رفتار، انودرت کان ٻيڻي ٿئي ٿي، جنهن حساب سان سندس ماترا جو عرصو سيڪنڊ جو انون حصو ٿئي ٿو. هي لئي ڳائڻ وڄائڻ ڪمال جي نشاني ٿئي ٿي. گت يا ترانو/ تلانو وڄائڻ جي آخري صورت آهي.

لئيڪو (گيت)

لئيڪو اصل ۾ بلوچستان جو لوڪ گيت آهي. هر سياري جي مند ۾ بلوچستان مان ڪيئي قبيلا سنڌ ۾ لهندا آهن. انهي موقعي تي پيارن عزيزن توڙي محبت وارن ۾ ٿوري وقت لاءِ وڇوڙو پوي ٿو. سنڌ ۾ هي گيت سري ۽ ڪاڇي واري علائقي ۾ به رائج آهي. سٽاءُ جي لحاظ کان هر هڪ بند ۾ ٻه ننڍيون مصراعون ٽين ۽ وراڻي:

مثال: وڃان سنڌ، من تئو گهوري جند

لالڻ لئيڪو چونداسي

پير ٻاري، لال جي مجيم ياري

لالڻ لئيڪو چونداسي

ليالو (هڪ گيت)

ليالو هڪ گيت جو قسم جيڪو سنڌ ۾ رائج آهي. مضمون جي لحاظ کان فراق ڏک ۽ وڇوڙو جو ڀرپور اظهار ڪري ٿو. ليالو جي معنيٰ اتر ۾ "ڇورو" به آهي. ليالوڙي ياڙي ليالو وراڻي اٿس

مثال:

سنهڙا سانول سگهوور — ليالو

ڏڙي چڙهيو واٽ نهاريان — ڙي ليالو

ڪرڙ چڙهي مان ڪوڪ ڪيان — ڙي ليالو

لا مر چڙهي مان سام پوان — ڙي ليالو

ماڏو ڪونس (راڳڻي)

هي ڪافي ٺاٺ جي راڳڻي آهي.

آروهي: ني سا گي ماپاني سا

امروهي: ساني پاما پا سا

چيز: ني — سا — ري — ري — گي — گا — مي- ما — پا — پا — ڌا — ني — ني — سا ري

وقت: رات جو ٽيون پهر

مارو ا ٺاٺ

پراڻن گرنٿن ۾ هن ٺاٺ کي گن شرم ميل ڪري ڪوٺيو ويو آهي. سر هي اٿس.

سا — را — گي- مي — پا — ڌي — نو — سا

کرج — رکب ڪومل — گنڌار تيور — مڌم تيور — پنچم — ڌيوت — تيور — نکاد تيور

ٺاٽ جون راڳڻيون

مارواـ پوريا- سهڻي ـ براري ـ جيت ـ پڪار ـ پٽيار ـ بياس- ساج گري ـ مالي گوراـ پنڇم- پوريا ڪلياڻ.

پنڊتن مارواٺاٽ جون جيڪي 12 راڳڻيون لکيون آهن، انهن مان 6 راڳڻيون شام جي وقت ۽ 6 راڳڻيون صبوح جي وقت ڳائبيون آهن. پورياـ مارواـ جيت ـ گوري ـ سازگيري ـ براري شام جي وقت ڳائڻ جون راڳڻيون آهن. جڏهن ته للت ـ پنڇم ـ پٽيار ـ بياس ـ پڪار ۽ سهڻي صبوح جي وقت ڳائڻ جون راڳڻيون آهن. شام جي ڳائڻ وارين راڳڻين مان ڪي گوري انگ موجب ڳائبيون آهن ڪي پوريا انگ تي. شام واريون راڳڻيون گهڻو ڪري پور وانگ ٿين ٿيون. صبوح جو ڳائڻ واريون راڳڻيون ڪي للت انگ تي ته ڪي سهڻي انگ تي ڳائبيون آهن. انهن جو زور اترانگ تي هوندو آهي.

ماروا (راڳڻي)

مارواٺاٽ جي کاڊو راڳڻي جنهن ۾ پنڇم جو سرورج آهي. ڪي پنڊت ماروا ۾ وادي سر ڌيوت ڪن ٿا مگر اهو اصول درست ناهي جو هي شام جي وقت ڳائڻ جي راڳڻي آهي. هن ۾ ڌيوت وادي ڪبوته هنڊول جي صورت پيدا ٿيندي. پنڇم جو سرورج اٿس. ان لاءِ هن راڳڻي جو پور وانگ هجڻ لازمي آهي. وادي سر ڪن گنڌار ته ڪن کرج لکيو آهي. سنگيت پاريجات ۾ ماروا راڳ ڪافي ٺاٽ جو ڄاڻايل آهي. سوم ناٿ پنڊت پنهنجي گرنٿ ۾ هن کي بسنت پيروي ٺاٽ ۾ ڄاڻايو آهي. وقت شام جو لکيو آهي. ڪي پنڊت آروهي ۾ رکب ۽ ڌيوت ڇڏي ڏيڻ لاءِ لکن ٿا.

آروهي: ساراگي ـ مي ڌي ني سا

امروهي: ساني ڌي مي گي را سا

وادي سر: رکب

سم وادي سر: ڌيوت

وقت: ٽپهري

خاص تان: ڌي مي گي را ـ گي مي گي را ـ سا- ني سا ـ را راسا ـ ني ڌي ـ مي ڌي ني راگي ـ مي ڌي مي گي را ـ سا

مالڪوس (راڳڻي)

پيروي ٺاٽ جي اوڊو راڳڻي، جنهن جو رکب ۽ پنڇم ورج آهن. ڪلياڻ ٺاٽ ۾ رکب ۽ پنڇم ورج ٿيڻ سان هنڊول پيدا ٿيندو آهي. جڏهن ته پيروي ۾ اهي ٻئي سرورج ٿين ته مالڪوس جڙي. هن راڳڻي جو مزاج ٿڌو آهي. مڌم هن ۾ چٽو هٽڻو آهي.

پلٽو: ما ـ ما ـ گا ـ نا ـ نا ـ ڌانا- ڌا ـ ما ـ ڌا ـ نا سا ـ ماما ـ گا ـ سا

آروهي: سا گا ماڌا ناسا

امروهي: سانا ڌا ماگا سا

وادي سر: شد مڌم

مالوي (راڳڻي)

پوربي ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي، جنهن جي آروهي ۾ نکاد دربل ۽ امروهي ۾ ڌيوت دربل آهي. ان لاءِ ڪاڊو ڪري ڳاتي وڃي ٿي. هي راڳڻي سري راڳ انگ ۾ ڳائبي آهي. گنڌار ۽ پنچم جي سنگت رهي ٿي. ڪنهن گرنٿ ۾ مالوي مارو ٺاٺ جي راڳڻي ڪري ليکي وئي آهي (يعني ڌيوت تيور) سا امرت گرنٿ ۾ هي پيري ٺاٺ جي راڳڻين ۾ شمار ڪيل آهي.

خاص تان: پاگي – را را – سا – سارا سا- گي – مي گي – راگي – مي ڌا – را – سا – سا ني پا – گي – گي – مي گي- راسا – ساراسا

آروهي: سارا گي مي پا – مي ڌا اسا

امروهي: ساني پا مي گي راسا

وادي سر: رکب

سموادي: کرج

وقت: شام

ماليگورا (راڳڻي)

مارو ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي آهي. رکب وادي سر اٿس ۽ گرهه جو سر به اهوئي اٿس. هي راڳڻي پوريا ۽ سري راڳ جي ميلاپ مان پيدا ٿيل آهي. مندر ۽ مڌ استان جي سرن تي هن کي ڳاتو وڃي ٿو. ڪن پنڊتن جو چوڻ آهي ته ڌيوت ورج ڪرڻ سان هي راڳڻي سين کان ڇڇي بيهي ٿي. پر ڪي چون ٿا ته هن ۾ ٻئي ڌيوت هٽڻ گهرجن ۽ هن کي گوري جي انگ تي رکب وادي ڪري ڳائڻ گهرجي. ٽيان پنڊت چون ٿا ته پوريا ۾ پنچم چٽو لڳائڻ سان ماليگورا جي شڪل نهندي. ان ۾ شڪ ناهي ته اصل ۾ ائين ٿيندو آهي جيئن ٽيان پنڊت چون ٿا.

تان: سا – ني راسا – راگي – مي گي – راسا – ني ڌي ني – راني ڌي پا – مي گي – مي ڌي ني – راسا

آروهي: ساراسا – ني ڌي پا – ڌي سا – راگي مي پاڌي ني – ڌي سا

امروهي: ساني ڌي پامي گي راسا

وادي سر: رکب

سموادي: کرج

وقت: شام

ماليسري

هي ڪلياڻ ٺاٺ جي اوڊو راڳڻي آهي. يعني پنجن سرن واري راڳڻي. پنچم گرهه انش نياس سر اٿس. رکب ۽ ڌيوت هن راڳڻي ۾ ورجت سر آهن. اڄڪلهه ماليسري کي ڳائڻا ٽن سرن يعني کرج، گنڌار ۽ پنچم جي سرن ۾ ڳائين ٿا

پر شاسترن جي حساب سان ٽن سرن جو ڪو بہ راڳ ڪو نہ ٿيندو آهي. انهيءَ غلط فهمي جو سبب اهو آهي جو ماليسري ۾ جيڪي ٽي سر بيان ڪيل آهن، اهي پر بل آهن، يعني انهن سرن تي زور رهي ٿو. ان لاءِ مڌم ۽ نکاد بہ شامل آهن پر ڪمزور آهن. انهن ٻنهي سرن کي اهڙي نموني لڳايو ويندو آهي، جو انهن جي هجڻ يا نہ هجن جو ثبوت ملي. هن راڳڻي ۾ پنچم وادي سر آهي ۽ کرج سموادي، پنچم ۽ گنڌار جي سنگت سان راڳ ظاهر ٿئي ٿو. ڪن گرنٿن ۾ مالوشري نالي راڳ جو ذڪر بہ ملي ٿو، پر اهو ڪافي ٺاٺ ۾ شامل آهي. ڪن پنڊتن هن راڳڻي کي ڌناسري، ڌولسري ۽ جيتا راڳڻين جو مرڪب ڪوٺيو آهي.

آروهي: ساگي مي پاني سا

امروهي: ساني پامي گي سا.

ڳائڻ جو وقت: منجهند ٻن پهرن جو (راڳ ساگر ۾ هن جي ڳائڻ جو وقت ٽپري ڄاڻايو ويو آهي.

ماليسري (راڳڻي)

هي ڪلياڻ ٺاٺ جي راڳڻي آهي. مڌم تيور باقي سڀ سر شڌ ٿين. رکب ۽ ڌيوت ممنوع آهن.

ورن — اوڊو — اوڊپ

وادي سر: پنچم

سموادي: شرح سا

ڳائڻ جو وقت: ڏينهن جو ٽيون پهر (شام جو وقت)

خاص تان: پاني سا گا پا گا سا- ساني پانا گاپا گاسا

آروهہ: سا گا ما پاني سا

امروهہ: ساني پاما گا پاگا سا

تفصيل: هي ڪلياڻ ٺاٺ جي اوڊو راڳڻي آهي. پنچم سر هن ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. هي سُر گرهہ نياس ۽ انش جو سُر آهي. جنهن سر تان راڳڻي کي شروع ڪبو انهي سر تي ختم ڪبو.

مانجهہ (راڳڻي)

ڪلاسيڪي موسيقي جي اصول موجب هي سر صحيح نہ ٿو سمجهيو وڃي. هن جي آروهي کماچ جي آهي ۽ امروهي وري ڪيڏاري جهڙي آهي. هن ۾ ٻنهي نکادن جو استعمال ٿئي ٿو. قاعدي موجب آروهيءَ ۾ مڌم ڪومل جي استعمال کي غلط سمجهيو وڃي ٿو. هن جي آروهي ۾ جيڪڏهن تيور مڌم لڳايو وڃي تہ پوءِ هن جو روپ "بهاڳ" "ڪيڏارو" ۽ "آنندي" جهڙو ٿي ويندو. هن جي آروهي آهي: سا — ني — ڌا — پا — ما — گا — ري — سا ۽ امروهي اٿس: ساني — ڌا — پا — ما — گا — ري — سا. انهيءَ ۾ پهريون ٽڪرو يعني "سا — ني — ڌا — پا — ما — تيور). همير ڪلياڻ، ٻيو ٽڪرو (ڌا — پا — ما ڪومل) ڪيڏارو، ٽيون ٽڪرو "گا ري سا، گا آنندي ۽ چوٿون ٽڪرو ڌا — پا — سا — گا — ري

– سا بلاول جي صورت ٺاهين ٿا. سرن جي انهيءَ ترڪيب مان ڪنهن به راڳ جو صحيح روپ ٺهي نه ٿو سگهي. جنهن ڪري هي سر، راڳ مالا جي ترڪيب ۾ شمار نه ٿو ٿئي.هي سر راجستان ۽ جيپور جي مشهور ۽ مقبول راڳ مانڊ سان به گهڻي قدر ملي ٿو. هي سنڪيرن راڳڻي ڇڇي جو هن جي آروهي ڪماچ جهڙي آهي. آروهي وري ڪيڏاري جهڙي. هن ۾ ٻئي مڌم لڳندا آهن. جيڪڏهن هن جي آروهي ۾ مڌم تيور لڳايو وڃي ته پوءِ هن جو روپ بهاگ، ڪيڏاري ۽ آنندي سان ملندو.

آروهي: سا، گا ما پا ڌا ني سا

امروهي: ساني ڌا پا ماگا ري سا

سنڌي سنگيت ۾ ڪافي استعمال ٿئي ٿو.

مانجهه ڪماچ (راڳڻي)

مشر ميل راڳڻي آهي. جنهن ۾ ٻئي نڪادون ڪار آهن. آروهي ۾ رکب وڪر آهي. سڀ سر شڌ اٿس. هي ڪاڊو سمپورن راڳڻي آهي. مانجهه ۽ ڪماچ جي ميلاپ مان جڙي آهي.

تان: ني سا گا ما – پاما گاما – گاري سا – ني ساني ڌا پاما گاپا – ماگا ري سا – ني ساني ڌا – ماگاري سا

آروهي: سا گاما پا گا پاماگا ماپا ڌاني ڌاني سا.

امروهي: ساني ڌا پاما گا پا ما گا ماري ساني ساني ڌا

وادي سر: گنڌار

سموادي سر: نکاد

وقت: شام

مانڊ (راڳڻي)

بلاول ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي آهي. هن راڳڻي ۾ کرج مڌم ۽ پنچم پربل يعني زوردار آهن. نڪاد ڪمپت آهي. آروهي ۾ رکب ۽ ڌيوت گهٽ ڏيکارجي ٿو ۽ امروهي وڪر آهن. ڪن پنڊتن جو چوڻ آهي ته آروهي به وڪر ٿيڻ گهرجي، جو ته هي ڳالهه رواج ۾ آهي. مڌم ۽ ڌيوت جي سنگت رهي ٿي.

آروهي: سا گي ري – ماگي پا – ماڌي – پاني – ڌي سا

امروهي: ساڌي – ني پا – ڌي ما – پاگي – ماري – گي سا.

سرساگر ۾ هن راڳڻي جو ٺاٺ بلاول ۾ ڪو به ذڪر ڪو نه آهي.

مائي ڀاڳي

مائي ڀاڳي ٿرجي شهر مٺي ۽ ڏيپلي پرسان سال 1920ع ۾ ڄائي. سندس نالو ڀاڳ پري هو. سندس پيءُ جو نالو ونهيون فقير ذات مڱڻهار ۽ ماءُ جو نالو مائي ڪسبي. ڳائڻ ورثي ۾ مليل هوس. مائي ڀاڳي اصل ۾ ٽنڊي جان

محمد ۾ پيدا ٿي. جو ان وقت ونهيون فقير ڏکار سبب اتي لڏي آيو هو. ننڍپڻ کان ئي ڀاڳ ڀري ڳائڻ شروع ڪيو. ائن سالن جي عمر کان پنهنجي والد سان گڏ راڳ جي محفل ۾ ويندي هئي. جڏهن ٿر ۾ سارنگ ساٺ ڪندو هو. بوندون برسي ويران پٽن کي ساوڪ جي چادر پهرائينديون هيون. تڏهن اهي غريب فنڪار در در جهولي جهلي پنهنجي سال جو قوت جمع ڪندا هئا. مائي ڀاڳي ٿر جي مختلف هنڌن ۾ رهي، اتي جي لوڪ ڌنن ۽ مقامي طرزن تي عبور حاصل ڪيو. 14 سالن جي عمر ۾ هوتي فقير سان شادي ٿيس. مائي ڀاڳي ٿري ٻولين ڍاٽڪي ۽ مارواڙي ڪانسواءِ سنڌي ۽ سرائيڪي ۾ ڳائيندي هئي. ريڊيئي تي سندس پهريون لوڪ گيت ”تارن مان ترندي اچي“ ۽ پوءِ ”مرلي واري من موهيوڙي الا“ رڪارڊ ٿيو ۽ سنڌ ۾ ٻئي گيت بيحد مقبول ٿيا. سمن سرڪار جي مريدياڻي هئي. هونئن حاضري لطيف سرڪار ۽ لعل شهباز تي بہ ڏيندي هئي. ٽي وي تي پٽي جي دور ۾ ممتاز مرزا ۽ عبدالڪريم بلوچ کيس متعارف ڪرايو.

مائي ڀاڳي اهڙي سنڌي فنڪاره هئي، جيڪا نہ فقط نج سنڌي راڳڻين سان واقفيت رکندي هئي، پر ساڳي وقت گجراتي، مارواڙي ۽ ڪاٺياواڙي موسيقي جي ميلاپ سان جيڪي راڳڻيون ۽ ڌنون جنم وٺن ٿيون، تن جي نمائنده فنڪاره هئي. هن جي آواز ۾ قدرت ايڏي تہ وسعت ۽ سچائي رکي هئي جو کيس ”راڳ راڻي“ جو خطاب ڏنو ويو. سندس ڳايل ڌنن مان پاڪستان توڙي هندستان جي نامور موسيقارن استفادو ڪيو. سندس ڪن ڌنن جا سازينہ PIA جي مسافرن لاءِ وڄايا ويندا آهن. جيڪا سنڌين لاءِ فخر جي ڳالهہ آهي. 57 سالن تائين سندس ڪلام سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گونجندا رهيا. آخر ستين جولاءِ 1988ع ۾ هي ڪويل جهڙو آواز هميشہ لاءِ بند ٿي ويو. پاڻ پنهنجي پنيان هڪ ڌيءُ نالي سوني ۽ هڪ پٽ نالي ڪالو ڇڏيا. جيڪي هن وقت ٿري سنگيت جي خدمت ۾ رڌل آهن. کيس سندس فن جي مڃتا طور راڳ راڻي جو خطاب عوام کان مليو. سرڪار طرفان تمغئہ حسن ڪارڪردگي، شاهہ لطيف ايوارڊ، سچل سرمست ايوارڊ ۽ ٻيا ڪوڙ ايوارڊ مليا.

مائي ڀاڳي جا ڪجهہ ڳايل ڪلام

1. سمن سائين مان گولي غلام
2. ڪڙي نيم ڪي نيچي هون مين
3. مرليءَ واري من موهيوڙي الا
4. پٽ جا پٽائي. پٽ تي وسئي نور

ٻ ڪوڙ سارا ٻيا لوڪ گيت

مت تال (وڄت)

هي 9 ماترائن ۽ 6 ضربن جو تال آهي جيڪو ٽن حصن ۾ ورهايل آهي. پهريون حصو ٻن ماترائن جو، ٻيو حصو ٽن ماترائن جو ۽ چوٿون حصو چئن ماترائن جو اٿس. سم ڪانسواءِ 3، 4، 6، 7، 8 ڀريل تاليون ۽ 2، 5 ۽ 9 ماترائون خالي تاليون آهن.

ڌاڌن – تڪ ڌن تڪ- تٽ ڪت گد گن

منڪو (ناچ)

هن ناچ ۾ اڪيلو ماڻهو دهل جي وڄت تي نچندو آهي. دهلاري وچ تي بيهي دهل وڄائيندوآهي. ناچو پڙ ۾ لهندو آهي. شرنائي وارو، دهل جي وڄت تي، خاص سر ۾شرناءِ وڄائيندو آهي. هن ناچ ۾ ناچو اڪيلي هٿن جي اشارن، ٻانهن کي ڦيرائڻ، ڪمرجي تال، جسم جي حرڪت سان ڏسندڙن کي خوش ڪندو آهي. ناچو نچندي نچندي جڏهن پوري لئه ۾ ايندو آهي، تڏهن هٿن ۾ دلو يا مٽ کڻي، وڄت ۽ ناچ جي پوري چال دوران، دلي کي مٿي اڇلائيندو آهي ۽ وري ناچ دوران ئي ان کي جهٽيندو آهي. ان ڪان پوءِ ناچو ٻه چار ٽانو هڪٻئي مٿان رکي ، مٿي تي کڻي ساڳي طرح نچندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن چانورن چڙهن واري مهري مٿي تي اُپي رکي، ان جي مٿان دلو رکي ٻه ساڳي طرح نچندو آهي.

منا خان زرداري (گهڙي نواز)

منا خان زرداري ولد راڻو خان سال 1920ع ۾ پريتم آباد تعلقي نوابشاهه ۾جائو.1942ع ۾ نور محمد هاءِ هاءِ اسڪول مان ميٽرڪ ڪيائين. هن ڪنهن ڪان گهڙي وڄائڻ جي سکيا نہ ورتي جو اهو سنڌ جي اوطاقن ۾ رکيل عوامي ساز هو ۽ آهي. صرف سر تال جي ڄاڻ هجي. 9 سيپٽمبر 1942ع ۾ ايس پي آفيس ميرپورخاص ۾ ڪلارڪ ڀرتي ٿيو ۽ ترقي ڪندو 1970ع ۾ آفيس سپرنٽينڊنٽ جي عهدي تي پهتو. جون 1980ع ۾ رٽائر ڪيائين. سندس ڪي مائٽ گهڙو وڄائيندا هئا تہ شوقيہ طور هي بہ ساڻن سنگت ڪندو هو. تان جو 1952ع ۾ پهريون دفعو پٽ شاهہ تي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ کيس متعارف ڪرايو. ان ڪانپوءِ ريڊيو تي وي تي پروگرام ڪرڻ لڳو. شاهہ مهيندرا جڏهن پاڪستان جي دوري تي آيو تہ لاهور ۾ موسيقيءَ جي بندوبست ڪيو ويو. ان وقت جي صدر محمد ايوب خان جهاز موڪلي کيس گهرائي ورتو. نيپال جي بادشاهہ جي زال سندس هٿن کي ڏٺو تہ ڪٿي ڪا مشن تہ فٽ ٿيل ڪو نہ آهي.

منا خان ملڪ ڪان ٻاهر جرمني، آمريڪا، برطانيا، اٽلي، سوئيٽزرليند، سوئيڊن، چين، ڪوريا، ترڪي ۽ فرانس، پاڪستان طرفان ثقافتي طائفي سان گڏ ويو. منا خان سني فنڪار سان گڏ سنو زميندار بہ هو ۽ پنهنجن پٽن جي سني تربيت ڪئي هوائين. پاڻ ڪل مک، رلڻو ملڻو، تال گر جو ڄاڻو، اوطاقي مڙس هو. جنهن سال هن وفات ڪئي. حڪومت طرفان کيس حسن ڪارڪردگي جوا يوارڊ، شاهہ لطيف ايوارڊ، قلندر شهباز ايوارڊ وغيره مليا.

منو ڪلهوڙو (راڳي)

منو ڪلهوڙو منڍ ۾ اول درجي جو ناچو هو. پڳتن سان گڏ نچندو هو ۽ اترادي ناچن ۾ وڏو مقام هوس. اتان گهٽو پرايائين. پاڻ اصل ڏوڪري جي ڳوٺ پناڻ جو رهاڪو هو. پوءِ جڏهن راڳ ۾ نالو ڪڍيائين تہ لاهوري محلي لاڙڪاڻي ۾ اچي رهيو. ڪافي ۽ صوفياڻو ڪلام ڳائڻ ۾ وڏي مهارت حاصل هئس. ڪجهه عرصو گورنمينٽ ٽريننگ ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ ميوزڪ ٽيچر بہ هو. سندس شاگردن مان الهڏني نوناري وڏو نالو ڪڍيو. پاڻ 1960ع ڌاري وفات ڪري ويو.

استاد منو مگڻهار (گائڪ)

استاد منو فقير عرف منو خان ولد ڏمالي مگڻهار ڳوٺ شير علي ڪوسو ڏيڙان لڳ قاضي احمد تعلقو دولتور ۾ 1921ع ۾ ڄائو. سندس وڏا لاڪا ڳوٺ لڳ مانجهندن جا وينل هئا. منې فقير ڪي بہ راڳ ورثي ۾ مليو هو. پاڻ 15 سالن جي عمر ۾ راڳ جي تعليم استاد عاشق علي خان ۽ استاد بي بي خان کان حاصل ڪيائين. پاڻ پٽالہ گهراڻي وارن جو شاگرد هو. سندس گائيڪي ۾ اهو رنگ رهيو. پاڻ ٽي وي کان علاوه ريڊيو حيدآباد، خيرپور ۽ بهاولپور تان ڪلاسيڪي موسيقي جو مظاهرو ڪيائون.

سندس همعصرن ۾ استاد منظور علي خان، منو ڪلهوڙو، علي گل شاهہ، هادي بخش شاهہ، جيرو ميراثي ۽ استاد الهڏنو خان نوناري آهن.

سندن شاگردن ۾ امام بخش زرداري، محرم علي زرداري، مولا بخش مري، صديق ڏاريجو، غلام رسول لوهار، پنهل مگڻهار، امام بخش مگڻهار، الهڏنو شيدي ۽ الهداد زرداري آهن. ڳوٺ (طوفان جي دڙي) فيصل الڪريم ۾ 35 سال رهيو.

محمد ابراهيم ماسٽر (گائڪ)

محمد ابراهيم موسيقي جي دنيا ۾ اچڻ کان اڳ پاڻي واري جهاز تي نوڪري ڪندو هو جتي سندس پگهار ست سئو رپيا هئي. پاڻي جي جهاز تي جهاز جي مشين ڪي گهٽ پر راڳ ڳائڻ ڪي وقت گهڻو ڏيندو هو. محمد ابراهيم 1920ع ڌاري ڪڇ کان چتيهہ ميل ڏکڻ ٽونو هاف ڳوٺ سيلايا ۾ ڄائو. سندس پيءُ احمد ڪڇي انوقت ٽونهاربو ريلوي اسٽيشن جو اسٽيشن ماسٽر هو. پڻس ڪيس وڌيڪ پڙهڻ بمبئي موڪليو، تہ اتي جهازن جو علم سکڻ بدران موسيقي جي استاد پروفيسر نارائڻ راءِ وياس وٽ موسيقي سکڻ شروع ڪيائين. احمد ڪڇي 1946ع ۾ وفات ڪري ويو تہ هو ڪراچي هليو آيو ۽ ڪياماڙي انجنيئرنگ ورڪشاپ ۾ مڪينڪ جي حيثيت ۾ ڪم ڪرڻ لڳو پڻ راڳ سان ناتو هلندو آيس. 1948ع ۾ ريڊيو ڪراچي کليو تہ اٺ آنہ ڏهاڙي تي نوڪريءَ ۾ بيٺو. محمد ابراهيم پهريائين اردو، گجراتي ۽ ڪڇي ۾ ڳائيندو هو. پر هتي ڪياماڙي جي سنڌي ڳوٺن ۾ سنڌي ڳالهائي ۽ ڳائي ويندي هئي. هن ڏيان سان سنڌي سکي ۽ پوءِ ريڊيو تي سنڌي بہ ڳائڻ لڳو. 1955ع ۾ ريڊيو حيدرآباد کليو تہ ماسٽر ابراهيم ڪي حيدرآباد ڪمپوزر جي حيثيت سان موڪليو ويو. ماسٽر ابراهيم محمد جمن جي جوڙ ۾ گهڻو ڳايو. ڪڏهن محمد جمن ڏن ناهيندو هو تہ محمد ابراهيم ڳائيندو ڪڏهن ٻئي گڏجي ڳائيندا هئا. سندس وڃڻ کان پوءِ محمد جمن اڪيلو ٿي پيو. محمد ابراهيم هزارن جي تعداد ۾ نغما ڳايا ۽ ڪمپوز ڪيا. جن ٻولين ۾ ڳايو سي هي آهن: اردو، سنڌي، پنجابي، بلوچي، سرائيڪي، گجراتي ۽ پنهنجي مادري زبان ڪڇي. ڪيترين فلمن لاءِ پڻ ڳاتائين.

هن شاهہ جو ڪافي ڪلام ڳايو هن ريڊيئي، ٽي وي، گرامون فون ۽ ڪيسٽ جي دنيا ۾پاڻ مڃايو. سندس شاگردن ۾ روبينہ قريشي، سشيلا مهتاڻي، عبدالله پنهور، فقير امير بخش، زرينہ بلوچ ۽ احمد ابراهيم شامل آهن.

ماستر ابراهيم جو پهريون ڪلام شاهه صاحب جو ”ايندو سڄڻ سائين الا“ ڏاڍو مشهور ٿيو. پاڻ 3 مئي 1977ع تي وفات ڪري ويو. ڪيس ميوي شاهه جي قبرستان ۾ دفنايو ويو. احمد ابراهيم سندس فرزند هو جنهن ڳائڻ ۾ چڱو نالو ڪڍيو آهي.

محمد جمن، استاد

استاد محمد جمن 1935ع ڌاري ڳوٺ ڪنڊ جهنگ لسٻيلي ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو حاجي احمد سخيراڻي هو، جيڪو سرندو وڄائيندو هو. اتان ئي راڳ جي لغار لڳيس. هن راڳ جي باقاعده سکيا استاد نظر حسين ڪان ورتي جيڪو نور جهان جو به استاد هو. 1948ع ۾ ڪراچي ريڊيو تي بانسري نواز جي حيثيت ۾ زيد اي بخاري ڪيس اسٽار آرٽس جي حيثيت ۾ پرتي ڪيو. محمد ابراهيم جي ڳايل ڪوڙ نغمن ۾ هن بانسري وڄائي. 1955ع ۾ حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن کلي ته ڪيس موسيقار جي حيثيت ۾ حيدرآباد موڪليو ويو. جتي هن ڪافي ڪلام به ڳايا ۽ ڌنون به ٺاهيون. هن شاهه صاحب کي نيٺ سنڌي انداز ۾ ڳايو. ”منهنجو ملڪ ملير، ڪوٺن ۾ آئون ڪيئن گذاريان“ ان ڪلام جي ڌن مشهور موسقار ديبو ڀٽاچاريه ٺاهي. هن ڪلام جي ڪري گهڻو مشهور ٿيو. انڪانپوءِ بلي شاهه جو ڪلام ”انت بحر دي ڪل نه ڪائي، رنگي رنگ بنايا“ تمام گهڻو مقبول ٿيو. استاد محمد جمن ٻن فلمن ”تنهنجون ڳالهيون سڄڻ“ ۽ اردو فلم ”ڪالو“ جا نغما ڳايا.

محمد جمن اردو، سرائيڪي سنڌي ۾ ڳايو. پاڻ وڏو موسيقار هو. سندس ٺاهيل ڌنون ڪيترن ئي فنڪارن ڳايون. جن مان محمد ابراهيم به هڪ هو. هن سان جوڙ ۾ محمد ابراهيم گهڻو ڳايو. سندس شاگردن ۾ زرينه بلوچ، زيب النساءِ، علي محمد خاصخيلي، جميلا ناز، شفيع محمد سنڌي موسيقي جا وڏا نالا آهن. حيدرآباد کانپوءِ هي ڪراچي ريڊيو تي واپس وريو ۽ آخري دم تائين اتي رهيو. سندس ٽي وي تي پهريون ڪلام مرزا قليچ بيگ جو رڪارڊ ڪيو ويو. هو سنڌ جي سيني صوفي درگاهه تي حاضري ڀرائيندو هو. سر معذوري سندس پسند جو سر هو. هو ملڪ کان ٻاهر روس، ايران، بنگلاديس، چين، افغانستان ۽ انڊونيشيا ۾ فن جو مظاهرو ڪرڻ ويو. ڪيس پرائيڊ آف پرفارمنس، شاهه لطيف ايوارڊ ۽ پيرا، سچل سرمست ايوارڊ به مليا. 24 هين جنوري 1990ع صبح جو پنجين وڳي وفات ڪيائين.

محمد حسن، استاد (ڪمپوزر)

محمد حسن 1938ع ۾ ڪراچي ڪاڪڙ ڳوٺ جنهن کي هاڻي ملير ڪينٽ ٿا چون ۾ ڄائو. سندس والد محمد فقير عرف ممون فقير ڳائيندو به هو ته طبلو به وڄائيندو هو. هن کي ڳائڻ جو ماحول گهر ۾ مليو. ترت پوءِ استاد قدرت الله جو شاگرد ٿيو. سپ کان پهريان استاد محمد جمن سان گڏ ريڊيو ڪراچي تي 1949ع ڌاري آيو. تڏهن سندس عمر 12 سال ڪن هئي. هن کي علي محمد چاڳلا صاحب متعارف ڪرايو. ريڊيو تي نثار ميمڻ پروڊيوسر هن جي آواز ۾ شاهه جو ڪلام بنا سازن جي رڪارڊ ڪيو. ڪمپوزيشن ۾ سندس استاد نظر حسين هو ۽ ريڊيو تي ڪمپوزيشن 1971ع کان شروع ڪيائين. هن ڪيترن ئي فنڪارن کي ڪلام ڪمپوز ڪري ڳارايا، جن ۾ محمد

يوسف، عابده پروين، وحيد علي، منظور سخيراڻي، انور وسطڙو، ماسٽر اياز علي، عبدالله ڪچي، زرينہ بلوچ، گل بانو، ثمينا ڪنول، روبينہ قريشي ۽ رحمان مغل شامل آهن. سنڌي راڳ ۾ مهارت هجڻ ڪري شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي طرفان ڊاڪٽر درشهوار جي ترتيب ڏنل ڪتاب ”شاهه لطيف جي موسيقي“ جي ڪانئس نظرثاني ڪرائي وئي. هي ڪتاب 1992ع ۾ ڇپيو. 1964ع ۾ ٽي وي تي آيو ۽ اتي بہ ڌنون ڪمپوز ڪيائين. سندس شاگردن ۾ شاهد ڀٽو، غلام علي ۽ غلام مرتضيٰ شامل آهن.

ڪمپوز ٿيل ڌنون

1. ڪلهہ رات ڪو سپني ۾ آيو (منظور سخيراڻي) 2. مقدر سان مليو مون ڪي (عبدالله ڪچي) 3. منا مور ماڻن سان (منظور سخيراڻي) 4. هي منهنجو وطن (اياز علي ۽ نگهت سيما) 5. او سانولڙا هيلهہ تہ آ (منظور سخيراڻي) 6. موتين مالها پيار سان پوتي (محمد يوسف)

محمد صالح ساند، استاد (گويو)

محمد صالح ولد جمع خان ساند 1921ع ڌاري دادو شهر جي جڳت آباد محلي ۾ ڄائو. سندس والد جي خواهش هئي تہ مان محمد صالح کي ڳائيندو ٻڌان. پر صالح ننڍو هو تہ جمع خان جهان ڇڏي ويو. کيس پنهنجي امڙ نپايو. ننڍپڻ کان استاد عاشق علي ۽ الهڏني نوناري جا ڪلام ٻڌي ساڳي طرز ۽ گهٽ ۾ ياد ڪري ڳائيندو هو. سپ سياڪا ستي، جهڙا ڪلام هن انهي گهٽ ۽ طرز ۾ ياد ڪيا. ڳائڻ سان عشق هوس. ماءُ کي منٿون ڪيائين تہ کيس ڇڏي تہ هو وڃي راڳ سکي. پر امڙ نہ ڇڏيس. لاچار پوليس کاتي ۾ ڀرتي ٿيو. 30 رپيا مهينو پگهار ملندا هئس. ترت دادو مان ڪوٽڙي بدلي ٿيس تہ حيدرآباد ۾ بيبي خان سان نوڙي مليو. هن کيس گلي سان لڳايو. 17 سال بيبي خان جي خدمت ڪيائين. ببو خان، عاشق علي خان، مبارڪ علي سندس چوڻ موجب دادو ۾ ايندا هئا، هن وٽ رهندا هئا.

استاد صالح ساند کي منو ڪلهوڙي جيڪو دادو ۾ ڪيئي سال رهيو ۽ رهيو بہ سندس پاڙي ۾، منٿون ڪيون تہ منهنجو شاگرد ٿي، پر هي سندس شاگرد نہ ٿيو. استاد صالح چوندو هو ابا هاڻي ناچوءِ جو مان شاگرد ٿيان ٿهي نہ پيو. ڳائٽو هو، پر بيبي خان ڪون سڏائي. 1979ع ڌاري محمد عثمان، استاد بخاري ۽ حاڪم علي شاهه گڏجي پراڻي چوڪ ۾ ڪلب کولي تہ استاد کي ان جو روح روان مقرر ڪيو ويو. ڪوڙ شاگرد اڪبر بروهي، نظر محمد چنا، سخيراڻي برادرس وغيره اتي سکيا. شادي ڪا نہ ڪيائين. ڪجهہ عرصو طالب المولیٰ هاءِ اسڪول ۾ سنگيت جي تعليم ڏيندو هو. پر تاج صحرائي صاحب ڪڍي ڇڏيس. جاڻ وڏي ساعت گهٽ. وقت گذاري ويو. پاڻ 1985ع ۾ وفات ڪري ويو. پويان تانپورو، هارمونيم پونئرن پڳڙن مٿ تي کپائي ڇڏيا. هنن جي بہ کهڙي ڪم جا.

محمد ڪامل پيرزادو، استاد (گائيڪ)

استاد محمد ڪامل جو جنم 10 نومبر 1934ع ۾ شهر دربيلو ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ٿيو. ميٽرڪ دربيلي مان ڪيائين. 1960ع ۾ ڊي سي هاءِ اسڪول نوابشاهه ۾ ميوزڪ ٽيچر ٿيو. موسيقي جي شروعات 1948ع

ڪان ڪئي هئائون. ڪلاسيڪي راڳ ۾ چڱو ڏانءُ هوس. نوابشاهه جي ڊپٽي ڪمشنر نياز رسول ڇهه مهينا ڪيس موڪل ڏئي لاهور ٽريننگ تي موڪليو ۽ استاد فيروز نظامي کان راڳ جي وڌيڪ سکيا ورتائين. ريڊيو حيدرآباد تان سندس ڪافي پروگرام نشر ٿيا. 1994ع ۾ نوڪري تان رٽائر ڪيائين.

محمد يوسف (ڳائڻو)

محمد يوسف 14 جنوري 1940ع تي ٽنڊي طيب ۾ ڄائو. سندس والد لونگ فقير مڱڻهار وڏو ڍولڪ نواز هو. زنوار بسنت مشهور شرناءِ نواز سندس چاچو هو. هن کي راڳ جو ماحول پنهنجي گهر ۾ مليو. زنوار بسنت ۽ لونگ فقير ريڊيئي حيدرآباد ۽ ڪراچي تان پروگرام ڪندا هئا. لونگ فقير کيس پڙهائڻ لاءِ وس ڪيا پر همراهه نابري واري ويٺو ته لونگ فقير وقت جي وڏي گويي استاد منظور علي خان جي شاگردي ۾ ويهاري ڇڏيس. محمد يوسف تيرهن سال استاد منظور علي خان جي شاگردي ۾ ٽنڊي آدم ۾ رهيو. استاد منظور علي خان جو لاڏلو شاگرد هو. ان کان پهريان هو استاد بيبي خان جي حيدآباد واري موسيقي جي ڪلب ۾ داخل ٿيو ۽ استاد غلام حسين سندس پهريون استاد آهي. منظور علي خان ڪانسواءِ اميد علي خان، استاد مبارڪ ۽ سونا خان بلوچ کان به سکيو. آواز جا ڄاڻو ممتاز مرزا، نثار ميمڻ ۽ جهانگير قريشي ڪيس مهدي حسن کان به ڄاڻ ۾ مٿي قرار ڏين ٿا. سندس آواز کليو، چٽو ۽ صاف هو. محمد يوسف ڪافي ڪلام، گيت غزل ٺمري دادرو وغيره مهارت سان ڳائيندو رهيو. ڪراچي ريڊيو تان ڳائڻ تان مبارڪ علي خان ۽ سندس پٽ قدرت علي خان ڪانئس سخت ناراض ٿيا ته اجازت وٺڻ ڪانسواءِ تون ريڊيو تي ڇو وئين؟ هو ڪاوڙجي ڪراچي مان حيدرآباد هليو آيو. سنڌي ۾ ٺهندڙ فلمن جا ڪلام گهڻو ڪري محمد يوسف ڳايا آهن. انهن ۾ ”ڌرتي ۽ اجرڪ“، ”ليلا مجنون“، ”ڌرتي لال ڪنوار“، ”چاندوڪي“، ”بادل“، ”رنگ محل“، ”مومل راڻو“ وغيره ڪانسواءِ اردو جي فلم ”عورت ايڪ ڪهاني“ جا نغما به ڳاتائين. محمد يوسف به پيرا پرائيڊ آف پرفارمنس جو ايوارڊ، چار پيرا لطيف ايوارڊ، ٽي پيرا سچل ايوارڊ، چار پيرا قلندر لعل شهباز ايوارڊ حاصل ڪيا.

محمد يوسف به شاديون ڪيون. هڪ پنهنجي چاچي زنوار بسنت جي ڌيءُ سان ۽ ٻي اڳوڻي سيڪريٽري يوسف لوڌي جي ڌيءُ سان. پهرين زال مان ڪيس به نياڻيون ۽ ٻي زال مان هڪ نياڻي ٿيس. ممتاز مرزا محمد يوسف تي پورو ڪتاب لکيو، جنهن جو نالو هو ”سپريان سنڌي ڳالهڙي“ جنهن ۾ مرزا صاحب لکي ٿو ته ”محمد يوسف 17 سالن جي ڄمار ۾ مقبوليت حاصل ڪئي.“ ماڻهو ڪانئس تاريخ وٺي پنهنجي شادي جي تِٿِ ٻڌندا هئا.

سنڌ جو البيلو راڳي 14 فيبروري 1997ع تي اسان کان جدا ٿي ويو. ريڊيو حيدرآباد، ڪراچي، ڪراچي ٽيليويزن ۽ سنڌالاجي جي لائبريري ۾ سندس آواز محفوظ آهي.

مختار بيگم امرتسري

مختار بيگم امرتسر ۾ سال 1911ع ۾ پيدا ٿي. سندس پيءُ جو نالو غلام محمد هو. مشهور غزل گائيڪ فريده خانم سندس ننڍي ڀيڻ آهي. مختار بيگم 8 سالن جي عمر ۾ پٽيالا گهراڻي جي فنڪار استاد عاشق علي خان

کان راڳ جي تعليم حاصل ڪرڻ شروع ڪئي. مختار بيگم پنهنجي دور ۾ اسٽيج جي هڪ مشهور ۽ مقبول فنڪاره رهي چڪي آهي. ڪيس غزل گائيڪي تي پوري دسترس حاصل هئي. سندس ڳايل آغا حشر ڪاشميري جو هڪ غزل ”**چوری کھلی نہ کھین نسیم بہار کی**“ تمام گهڻو مشهور ٿيو.

گڏيل هندستان ۾ فلمن نهڻ کان اڳ ٿيٽر کي عروج حاصل هو. مشهور ڊراما نويس آغا حشر ڪاشميري جڏهن ميڊن ٿيٽرريڪل ڪمپني ۾ ملازم هو ته هڪ دفعو هيءَ ڪمپني امرتسر آئي. مختار بيگم جو ڳائڻ ٻڌي آغا حشر ڪاشميري ڪيس ڪلڪته اچڻ جي دعوت ڏني. مختار بيگم ان دعوت کي قبول ڪندي ڪلڪته رواني ٿي جتي آغا حشر ڪاشميري واري ميڊن ٿيٽريڪل ڪمپني ۾ ملازمت اختيار ڪئي. مختار بيگم جي پهرين شادي آغا حشر ڪاشميري سان ٿي. 1935ع ۾ آغا حشر جي انتقال بعد پاڻ ڪلڪته ڇڏي ممبئي آئي جتي پنهنجي نالي سان ”مختار فلم ڪمپني“ نالي هڪ ادارو قائم ڪيو. ليڪن هي ادارو ڪامياب نه ٿي سگهيو. برصغير جي تقسيم کان پوءِ پاڻ راولپنڊي ۾ رهڻ لڳي. سندس ٻي شادي سيد قمر زمان سان راولپنڊي ۾ ٿي.

مختار بيگم جي شاگردن ۾ فريده خانم ۽ مشهور گلوڪاره نسيم بيگم شامل آهن. فلمي اداڪاره ناصره عرف راني کي رقص جي تعليم ڏنائين. جڏهن ته پاڻ ملڪه ترنم نورجهان جي آئيڊيڪل فنڪاره هئي.

مختار بيگم 25 فيبروري 1982ع ۾ ڪراچي ۾ وفات ڪئي ڪيس ڪراچي ۾ دفن ڪيو ويو.

مددي ڪتاب: سر سنسار (شهباز علي)

مڌ مار (راڳڻي)

ڪافي ٺاٺ جي اوڊو راڳڻي جنهن ۾ گنڌار ۽ ڌيوت جا سر رواج ۾ رواج آهن. هونئن ته رکب وادي ۽ پنچم سر سموادي آهن پر اهو بل پنڊت نکاد کي وادي سر مڃي ٿو ڇو ته ڏينهن جي راڳڻين ۾ رکب سر جو وادي هجڻ عالمن کي سٺو نه ٿو لڳي. اترانگ ۾ نکاد ۽ پنچم جي سنگت رهي ٿي. هي به سارنگ جو هڪ قسم آهي. سارنگ جا ڪوڙ قسم آهن، جدا جدا وادي سر ڪرڻ سان راڳڻ جون جدا جدا شڪليون ٺهن ٿيون. ٻه پهري ۽ آڌي رات جي راڳڻين ۾ سارنگ جو انگ نظر ايندو. سوها ۽ سگرائي ٻپهري جون راڳڻيون آهن. شاهانا ۽ اڙانه آڌي رات جون راڳڻيون آهن. پر انهن ۾ سارنگ جو رنگ ڇٽو آهي. جو پور وانگ جي راڳڻي آهي. زياده زور مندر ۽ مڌسپتڪ تي رهڻ گهرجي. هي مسلمان گائيڪ مڌو نانڪ سيد نظام الدين جي تخليق آهي.

تان: نانا – ماپا – ماري – ماپا – نا – ما پا - ماري – سا – ناسا – ري – ما پا – نا- ماپا – نانا – ماپا – ماري – پاما پا – ماري- سا

آروهي: ساري ماپاني سا

امروهي: سانا پا ماري سا

وادي سر: رکب

سموادي: پنچم
وقت: ٻپهري

مردنگ (وڄت جو ساز)

تال جهلڻ لاءِ ڪرناٽڪ موسيقي واري انداز جو ڍولڪ جهڙو ٻنهي هٿن سان وڄڻ وارو ساز آهي. هي يڪو ڪاٺ جو گول پورو دهل، جنهن جو هڪ پاسو ننڍو ۽ ٻيو پاسو وڏو ٿئي ٿو. ننڍو پاسو مادي ۽ وڏو پاسو نر آهي. ساز جون ڀتيون 2 يا 3 سينٽي ميٽر ٿين ٿيون. ڪاٻي پاسي: ٻڪري جي چڙهيل کل مٿان آمڙي، چانور جو اٻاريل پاڻي ۽ ميگنيز جو پائوڊر ملائي هڻندا آهن. جنهن ڪري ان پاسي مستقل هڪ ٽِڪو ڪارو ٺهيل ٿئي ٿو. جنهن مان مادي يا تالي جا مٺا سر نڪرن ٿا ۽ آنگريون اجا ٻه هن تي وڌيڪ ڪمال ڏيکارين ٿيون. ڪاٻي وڏي مٿي تي ڪچن چانور جو پاڻي هڻندا آهن ته سندس آواز ٻاڙو ۽ ٿلهو ٿئي ٿو. باقي بناوت ڍولڪ جهڙي اٽس رسيون وغيره چمڙي جون ٿين. هي ساز گهاٽم سان سنگت ۾ ڏاڍو سٺو ٿو وڄي.

مرلي (ساز)

هي ساز جو ڳين، ڪاپڙين ۽ سامين جو ساٿي آهي. هن جا ٻه حصا ٿيندا آهن. مٿيون حصو مرلي ۽ هيٺيون حصو پيٽ. هڪ ڪدوءَ کي سڪائي اندران پورو ڪري هيٺان ٻه بينون گڏي ميڻ سان بند ڪري ڇڏيندا آهن. مرلي واري مٿئين حصي مان ڦوڪ ڏبي آهي ٻنهي بينن مان هڪ مادي سر جي نلي ٿيندي آهي. ٻي بين ڪرج سان مليل هوندي آهي. مادي سر واري بين کي اٺ سوراخ ٿيندا آهن. جنهن سان سرگم جا سر ڪيبا آهن. هن جي وڄائڻ جو طريقو بين وانگر آهي. جنهن ۾ هوا نڪ مان ڪئين ويندي آهي. هن جي اٺن سورخن کي هي نالا ڏنل آهن. 1. شاهد 2. وچون. 3. ٽيتاري 4. مرحلو 6. سر 6. ٻاڇ 7. ڏڪڙ 8. ڇيڇ. ستون سر تال سان ملائبو آهي. ڪن مرلين ۾ هڪ سر هيٺان ٻه ٿئي جيئن شرناءِ ۾ هوندو آهي. ان کي ٻاٻيهو سڏبو آهي، جيڪو لهرن وڄائڻ ۾ ڪم ايندو آهي. اهو سر مادي نلي جي هيٺان هوندو اهي.

مرليءَ جهڙو ساز ”پونگي“ به آهي جيڪو صرف نانگن نچائڻ ۽ ڦاسائڻ جي ڪم ايندو آهي. پر سنڌ ۾ مرلي ڄڻ ته هڪ ڪلاسيڪل ساز آهي، جنهن تي نه رڳو راڳ راڳڻيون ۽ ڌنون ڪڍبيون آهن، پر هيٺان لهرا به وڄائبا آهن.

1. ڌمال جنهن جا ٻه قسم آهي. 1. دودي پوٽي. 2. شادين پوٽي
2. لهرو: جنهن جا ٽي قسم آهن: نڙ جيڪو نڙ جي لهري تان ورتل آهي. گاجي شاهي لهرو جيڪو سرندي تان گاجي شاهه جي لهري تان ورتل آهي.

مصري فقير سيوهڻ وارو هن ساز جو شاهه ڪاريگر هو. محمد فقير دل سجاول وارو، قادر بخش چوهاڻ، اقبال جوڳي ۽ ڦوٽو جوڳي مرلي سٺي وڄائي ويا. هن وقت جيئه رام جوڳي شاهه ڪاريگر آهي.

مسيندو (ناچ)

هي شيدي قوم لاءِ مخصوص ناچ آهي. جيڪو مغرمان ساز تي ٿئي. مغرمان، دڦ وانگر هڪ طرفي ڪَلَ چڙهيل ساڍا ٽي فوٽ ڊگهو گنڊڙي جهڙو ساز آهي. جنهن کي شيدي وڄائين. هن ساز کي ڳاڙهي چولي چوڙاري چڙهيل هوندي آهي. مٿي تي چڙهيل ڪل اٺ يا ڍڳي جي چمڙي مان ڪيندا آهن. هن کي سيڪي تائي واس ڏوپ ڏئي پوءِ ميدان تي آڏي رکندا آهن. وڄت واري جي چوڌاري دهلن وارا، حلقو ٻڌي پهلوداري ڪندا. انهن جي پنيان چوگرد گهيري ۾ نچڻ وارا نچندا آهن. مغرمان جي ناچ تي نچڻ وارا چٽڪا، ڇڄاريون، ڪوڏ، سنڪ، نفيل وغيره به شامل ڪندا ۽ وڄائيندا آهن. وڄت ايڪ تال يا ڏيڍ تال واري هوندي آهي. ناچ پنهنجي چوڦير ۽ مغرمان جي چوگرد (ڌرتي جي ڦيري وانگر) ڦرندا آهن. هڪ ماڻهو ٻول چوندو ٻيا ان جي اٿلاٽي ڏيندا.

ٻول: مڪي سي آيا، مڪي سي آيا ڪرامت گودلي آيا.

وڄت: تمبڪ تمبڪ تمبڪ تمبڪ

استاد مشتاق علي خان (راڳي)

مشتاق علي مگڻهار سال 1959ع ڳوٺ ٽوٻا تعلقو ميرواهه ضلعي خيرپور ۾ ڄائو. ننڍي هوندي کان راڳ جي لڳار لڳل هيس. ويتر جو منظور علي خان جا رڪارڊ ٻڌائين ته باهه پڙڪي پيس ۽ استاد منظور علي خان جي شاگردي ۾ رهيو. تعليم 5 درجا. خيال ٺمري ۽ غزل سنو تو ڳائي. 1982ع تي پروڊيوسر محمد علي ٻانيڻ کيس ڪراچي ريڊيو تان متعارف ڪرايو. سنڌي،اردو ۽ سرائيڪي ۾ ڳائي ٿو. شاهه لطيف، مهدي شاهه، خوش خير محمد، استاد بخاري ۽ ڪوثر برڙي جو ڪلام ڳايو اٿس. سر جو سفر جاري آهي. ڪجهه آڊيو ڪيسٽون مارڪيٽ ۾ آيل اٿس.

مشر راڳ

ٻه ٻه ٽي ٽي راڳ ملائي ڪي راڳ يا راڳڻيون ٺاهيون وڃن ته انهن کي مشر راڳ چئبو. لفظ مشر جي معنيٰ آهي "مليل جليل" ڀائويٽ پنڊت پنهنجي گرنٿ ۾ اهڙن راڳن جا نالا لکيا آهن پر انهن جا لڇڻ ڪو نه ڏنا اٿس. گايڪن ڪلياڻ، بلاول، نٽ، سارنگ بهار، ملهار ۽ ڪانڙه کي انهي زمري ۾ آڻيندي ان جا ڪوڙ قسم ڏسيا ۽ لکيا آهن. ائين ٿوڙين جا به ڪافي قسم آهن. ان ڪري اهڙن راڳن کي وقت جي رواج موجب ڳائجي.

مشر غارا (راڳڻي)

هي مشر ميل سمپورن راڳڻي آهي. هن ۾ ٻئي گنڌارون ۽ ڌيوتون تيور ۽ نکاد ڪومل آهن.

سرگم: ني سا گاري — گاما پاڌا — ماما پا — گاري سا — گاري ني ما — گاري گاما — ني ڌا پاڌا — ماگا ري سا

آروهي: ني گاري گاما پاڌا ني سا

امروهي: ساني ڌاپا ڌا پاما گاما گاري سا

وادي سر: مڌم

سموادي: نڪاد
وقت: شام

مصري خان جمالي (الغوزه نواز)

مصري خان جمالي رونجهاڻ ضلعي جيڪب آباد ۾ سن 1921ع ۾ پيدا ٿيو. هو ڪو گهڻو پڙهيل ڪو نه هو، پر ڪيس ساز ۽ آواز سان لنونءُ لڳل هئي. رونجهاڻ ڪان لڏي اچي نوابشاهه ۾ رهيو ۽ پوءِ اتان جو ئي ٿي رهيو. شروع ۾ سنڌ جي مکيه درگاهن تي ڳائيندو هو. ان ڪانپوءِ ريڊيو پاڪستان تي ڪيس آندو ويو. جتي هن نج سنڌي ڍنن سان الغوزي کي جهرجهنگ متعارف ڪرايو. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ڪيس الغوزي جو پهريون استاد سڏيو آهي. مصري خان الغوزي تي سنڌي روايتي موسيقي اهڙي نموني متعارف ڪرائي، جو جهرجهنگ الغوزو وڄڻ لڳو. هن ملڪ کان ٻاهر به ڪيترائي پروگرام ڪيا. هي بلند پايه ساز نوازن ۾ شمار ٿئي ٿو جو هن سنڌ جي روايتي توڙي ڪلاسيڪي موسيقيءَ کي الغوزي وڄايو. 1977ع ۾ ڪيس حسن ڪارڪردگي جو تمغو مليو. 20 آڪٽوبر 1980ع تي سندس دماغ جي رڳ ڦاٽي پئي ته ڪيس گورنر ايس ايم عباسي نوابشاهه اسپتال ۾ داخل ڪرائڻ جو حڪم ڏنو بعد ۾ ڪيس ڪراچي نيو ويو پر پاڻ 10 نومبر 1980ع تي صبح جو 8 لڳي 55 منٽن تي وفات ڪري ويو. پويان هڪ بيواهه ۽ هڪ پٽ سوڳوار ڇڏيائين.

مصري موسيقي (بيان)

نيل نديءَ جي تهذيب وارو ملڪ، جنهن دنيا کي مصري تهذيب کان سواءِ موسيقارن جو به هڪ وڏو انگ ڏنو. جيڪي اڄ کان چار هزار سال اڳ به فليوٽ ۽ هارپ وڄائڻ جا وڏا ماهر هئا. 3500 ق – م ڊبل ڪلارنيٽ ۽ Lyre وڄائڻ ۾ مهارت رکندا هئا. 2000 سال ق – م وٽن بهترين فوجي آڪسترا موجود هئي. مليل قديم آثارن جي وٽن مان توڙي ڪا به موسيقي جي لکت ڪا نه ملي آهي پر سمجهجي ٿو ته وٽن لکت جو ڪو نه ڪو نمونو هوندو جيڪو محفوظ ٿي ڪو نه سگهيو آهي. ڪن موسيقي جي ماهرن جي راءِ آهي ته "ڪوپن چرچ" (مذهبي موسيقي) تي قديم مصري موسيقيءَ جو سڌو اثر آهي.

جديد موسيقي تي اصل ڪلاسيڪي مصري موسيقي ڪانسواءِ ترڪي، عربي ۽ مغربي موسيقيءَ جو ڏاڍو اثر آهي. عربي موسيقي ستين صدي ۾ امين جي دور خلافت دوران مصر تي اثرانداز ٿي. اوائلي مصري موسيقيءَ تي وري باز نطيني، هندستاني ۽ ايراني موسيقارن جو اثر رهيو، جنهن ڪري مصري موسيقي اڄ سڌي طرح هندستاني ۽ ايراني موسيقي جو اثر به قبول ڪيو. ڏهين صديءَ ۾ الفارابي، ارسطوءَ جو هڪ ڪتاب Problems ايڪليوجو ڪتاب Harmonic عربي زبان ۾ ترجمو ڪيا. انهن ڪتابن عربي موسيقي جي دنيا ۾ هڪ نئين نظريي جو بنياد وڌو ۽ مغربي موسيقي جو به بنياد پختو ڪيو. ۽ ٽروليمي جو ڪتاب Elements of Music

جديد مصري موسيقيءَ جي شروعات سيد درويش جي انهن مغربي ناهيل ڏنن سان ٿي، جيڪي هن عربي ڪلام کي ڏنيون ۽ مقبول ٿيون. اهڙي نموني ٻيا بہ وڏا موسيقار پيدا ٿيا، جن مصري موسيقيءَ تي لاجواب ڪم ڪيو ۽ نئون اسلوب پيدا ڪيو. جن ۾ محمد عبدالوهاب، ام ڪلثوم، امر دياب، محمد الاسبگي ۽ ذڪريا جا نالا اچي وڃن ٿا. ام ڪلثوم تہ تمام گهڻي مشهور ٿي. جنهن مصري ۽ مغربي موسيقي جي ميلان سان نئون انداز پيدا ڪري هڪ الڳ حلقو پيدا ڪيو ۽ وڏو نالو ۽ ناموس ڪمايو. پاڻ عبدالخليفہ حفيظ وانگر قومي تحريڪ سان وابستہ رهي. ڪلاسيڪي موسيقي ڪانسواءِ هن قومي موسيقي ۾ بہ وڏو ڪم ڪيو.

20 صدي مصر جي لوڪ موسيقيءَ لاءِ اهم صدي ثابت ٿي، جنهن ۾ نوبير ۽ بربر جا ڊونس لوڪ گيت ڏاڍا مقبول ٿيا، جن مصر جي لوڪ روايتن کي ٻيهر زندهہ ڪيو. سواهي (Swahii) موسيقي جيڪا اترين ساحلي علائقن کان آئي، انهيءَ موسيقي جو دارومدار سم سم مايا ۽ تاري سازن تي هو، سا ڏاڍي مقبول ٿي.

سواهي موسيقي ۾ عبدالاسڪندراني ۽ ايد ابل گنيرني گهڻو نالو ڪڍيو. اهڙي طرح بودين موسيقي، اولاهين صحرا جيڪا لبيا جي ويجهو آهي ۽ اوپر سينا جي علائقن مان آئي. مزمر ۽ ڊبل ڪلارنيٽ مشهور لوڪ ساز ٻيهر عوامي سطح تي ابري آيا. آواري ميرڪ، بودين موسيقي ۾ وڏو ڳائڻو تي ابريو. مٿئين مصر کان جيڪي عوامي موسيقار آيا، انهن کي سيدي (Saidi) سڏيو ويو. متقل ڪيناوي ليس ۽ ڊونيل سيدي گروپ جا مشهور ڳائڻا هئا. جن کي مصر سرڪار عوامي موسيقي کي ٻاهرين دنيا ۾ متعارف ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو. انهن نالو بہ ڪمايو، قومي طور سڃاتا بہ ويا ۽ مصري موسيقيءَ کي طائفن ذريعي ٻاهرين دنيا ۾ متعارف بہ ڪرايو. اهڙن فنڪارن ۾ شوڪو اوڪو، احمد اسماعيل، عمر غرضوي، سوهر سگدي ۽ احمد مگاهد اهم هئا. نوبين (Nobains) اصل ۾ ڏکڻ مصر ۽ اتر سوڊان جا رهاڪو هئا ۽ انهن مان ڪيترائي ڪيئرو ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ رهندڙ هئا. نوبين گهڻو ڪري هجرت واري ڪيفيت ۾ رهيا، ان ڪري پنهنجي موسيقيءَ جو اصل اثاثو سنڀالي نہ سگهيا، جنهن ڪري مٿن مغربي موسيقيءَ جو غلبو گهڻو ٿي ويو. جنهن هڪ نئون تاثر پيدا ڪيو جيڪو دلڪش هو. علي حسن ڪوبان جي جاز موسيقي ۽ محمد منير جي سماجي تنقيدي موسيقي جڻ مصر ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو. ويهين صدي جي 80 واري ڏهاڪي تائين ام ڪلثوم جو اڻ مٽ اثر ۽ ڏاڪو مصر جي ڪلاسيڪي موسيقي تي گهڻو رهيو.

ال گل موسيقي جي شروعات ستر واري ڏهاڪي کان ٿي. اهي پاپ نچڻا جيڪي راڪ اينڊرول ۽ پاپ موسيقي کان گهڻو متاثر هئا، انهن جو اثر بہ مصري موسيقي ڪٺي چڪي آهي، جنهن جو اڳواڻ لبناني نزاد حميدال شيري آهي.

مصري موسيقي وري يورپ ۾ ڏاڍي مقبول ٿي، جو اتان جي سرڪار مصري فنڪارن کي پنهنجي فن جي مظاهري لاءِ ٻاهر ملڪن ڏانهن وڃڻ جون وڏيڪ سهولتون ڏنيون. اهو ئي سبب آهي جو يورپ جي سڄي موسيقي اڄ مصري موسيقي جي اثر هيٺ آهي.

مضراب

هي تار وارن سازن کي وڄائڻ يا ضرب هڻڻ لاءِ هڪ اوزار، جيڪو ڇلي نما آڱرين ۾ پائڻ لاءِ ٺئي. هي ڏسٽي آڱر يا آڱوٺي ۾ پائبو آهي. گهڻو ڪري لوهه جو يا سخت قسم جي پلاسٽڪ جو ٽڪرو منڊي جهڙو ٺئي. ستار وڄائڻ وارو مضراب آڱر ۾ ڇلي وانگر پائبو آهي. هي لوهه جي ٿهيل ڇهنب واري منڊي وانگر ٺئي. مضراب آڱر جي چوٽيءَ تي سوگهو ٿي ويهندو آهي ۽ وڄائڻ مهل ڇري پري نہ سگهندو آهي. آڱر کان سندس ڇهنپ 1/4 انچ ٻاهر نڪتل هوندي آهي. ستار تي مضراب هڻڻ سان چار ٻول نڪرن ٿا. دا – را – دل يا در – درا

1. دا ٻول تڏهن نڪرندو آهي، جڏهن پهرين تار تي ٻاهر کان اندر ڏڪ هڻبو آهي.
2. ”را ٻول“ تڏهن نڪرندو آهي جڏهن پهرين تار کي اندران ٻاهر ڏڪ هڻبو آهي.
3. دل يا در ٻول تڏهن نڪرندو آهي جڏهن مضراب پهرين تار تي اندران ٻاهران (هڪ ئي وقت) تڪڙو ڏڪ هڻندو آهي.
4. ”درا“ ٻول تڏهن نڪرندو آهي جڏهن پهرين تار تي مضراب اندر ڏڪ هڻي وري ٻاهر اهڙو تڪڙو ڏڪ هڻندو آهي جو ٻاهرين ضرب جو پڙڪو يا آواز، اندرين ڏڪ جي پڙڪي کان وڌيڪ سگهارو محسوس ٿيندي درا جو آواز ڏيندو آهي.

مظهر حسين (راڳي)

مظهر حسين ولد استاد نياز حسين قريشي 3- اپريل 1966ع ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو. سنڌ يونيورسٽي ايم اي انٽرنيشنل رليشنز ۾ ڪيائين. نياز حسين، استاد بيبي خان جو فرزند هو، جنهن خاندان راڳ ۾ برصغير جي تمام گهڻي خدمت ڪئي. راڳ جي پهرين تربيت پنهنجي پيءُ ۽ بعد ۾ چاچي فدا حسين خان کان ورتائين. 1975ع ۾ ريڊيو تي سرور بلوچ جي پروگرام ۾ ڳايائين. ٽي- ويءَ تي سلطانہ صديقي روشن تارا ۾ ڳارايس. سنڌي کان سواءِ پنجابي، سرائيڪي، پشتو ۽ عربي ٻولين ۾ ڳائي سگهي ٿو. پاڻ ڪمپوزر بہ آهي. سندس پسند جو ڳائڻو محمد يوسف آهي. هن آمريڪا مان ميوزڪ ۾ گريجوئيشن ڪئي آهي. پاڻ ڪمپيوٽر تي ڪمپوزيشن ۽ سنڌي موسيقي کي بين الاقوامي موسيقيءَ ۾ لکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. سندس جوڙي سندس ڀاءُ ذوالفقار سان ٺهيل آهي. هو هر محفل ۾ گڏ ڳائيندا آهن. ٽي وي ۽ ريڊيو تي ڪافي ڪلام ڳايل اٿن. مجتا طور سانا ڀاران بهترين ڪارڪردگي جو ايوارڊ 2002ع، ورلڊ سنڌي انسٽيٽيوٽ آمريڪا ڀاران سرٽيفڪيٽ، قلندر لعل شهباز ايوارڊ 2002ع، لطيف فوڪ ايوارڊ، ريڊيو پاڪستان ڀاران شيلڊ 2002ع وغيره. سر جو سفر جاري آهي.

معذوري (راڳڻي)

چون ٿا تہ هي ڪماچ ٺاٽ مان سنڌ جي وڄايل راڳڻي آهي. گايڪي موجب آروهي هن ريت آهي: کرج – تيور رکب – تيور گنڌار – پنچم – تيور ڌيوت ۽ ڪومل نکاد

امروهي: کرج – ڪومل نکاد – تيور ڌيوت – پنچم – تيور گنڌار ۽ تيور رکب. آروهي توڙي امروهي ۾ مڌم سر ورج آهي. وادي سر: تيور گنڌار ۽ سموادي سر ڪومل نکاد آهي. درگا بہ ڪماچ ٺاٽ جي راڳڻي آهي. هن جو وادي سر بہ گنڌار

آهي. هي اوڊو يعني پنجن سرن جي راڳڻي آهي. معذوري کاڊو يعني ڇهن سرن جي راڳڻي آهي. ان لاءِ معذوري درگا کان جدا آهي. اهڙي طرح تلنگ بہ کماچ ٺاٺ جي راڳڻي آهي. وادي سر بہ گنڌار ۽ سموادي سر نکاد اٿس پر تلنگ پنجن سرن جي راڳڻي آهي. جڏهن تہ معذوري ڇهن سرن جي خود کماچ جو وادي سر گنڌار آهي ۽ سموادي سر نکاد. مگر کماچ کاڊو سمپورن آهي. معذوري کاڊو کاڊو آهي. انلاءِ کماچ کان بہ جدا آهي. پنچم ۽ گنڌار جي سنگت رهي ٿي. اهو ئي سنڌي راڳڻ جو لڇڻ آهي. ٻي مت جيڪا الياس عشقي صاحب لکي آهي. ان موجب صورت ۾ سري راڳ جهڙي آهي. سري راڳ مان پنچم جدا ڪبو تہ معذوري جي صورت ٺهندي. مڌم جهولايو ويندو آهي. هن جي آروهي ۾ گنڌار ۽ ڌيوت شامل ڪرڻ سان معذوري جو روپ نہ ٿو. هن جي آروهي ۾ ٽي ٻيرا مڌم لڳندو. هن جي آروهي: ساري گاما ڌاني سا آهي ۽ امروهي: ري ني ڌا ما ما پا سا گاري سا.

ٻنهي عالمن جي بيانن ۾ تضاد منجهائيندڙ آهي. پر مان سمجهان ٿو تہ سائين منظور نقوي صاحب درست آهي.

(منظور نقوي، سر معزوري جو مطالعو پٽ شاهہ مرڪز سنڌ جي روايتي موسيقي، الياس عشقي، زندگي آڪٽوبر 1965ع.)

مغرمان (ساز)

هي ساز وڄت جو آهي. ڪڙو اڌ دهل آهي. جيڪو ٻيهي وڄائي سگهجي ٿو. هن جو وڄت جو هڪ حصو جنهن تي دهل وانگر کل چڙهيل ٿئي ۽ هٿن سان وڄائجي ٿي. هن ساز جو اصل وطن آفريڪا آهي. سنڌ ۾ شيدي هن تي ڳائين بہ ۽ نچن بہ. هن تي ڳائڻي سان سنگت بہ ڪري سگهجي ٿي. هي ساز سنڌ جي ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٺٽي ضلعي ۾ وڄايو وڃي ٿو. اتر ۾ گهٽ آهي.

مغلن جي دور جي موسيقي

برصغير ۾ مغلن جي حڪومت قائم ٿيڻ سان موسيقي جي فن ۽ رقص ۾ ڪافي اضافو ٿيو. مغل بادشاهہ خود بہ موسيقي جا ڏاڍا ڄاڻو هئا ۽ اهو سندن سياست جو حصو بہ هو تہ هندن ۽ مسلمانن کي هڪ جاءِ ڪٺو رکيو وڃي. ان لاءِ هنن اهو ڪو نہ ٿي ڏٺو تہ ڪير هندو آ، مسلمان آ، راجپوت آ، هنن هر مذهب ۽ قوم جي موسيقارن ۽ گوين جي تمام گهڻي سر پرستي ڪئي. هندستان جي هر علائقي جي موسيقارن کي وڏيون جاگيرون ۽ پگهارون ڏئي هنن انهن کي پنهنجو ڪيو ۽ درٻار سان واڳي ڇڏيو. هنن بادشاهن، راڳين، گوين ۽ رقاصن کي ٻڌڻ لاءِ الڳ وقت مقرر ڪري ڇڏيو هو.

بابر پاڻ موسيقي تي وڏي دسترس رکندو هو. همايون جو دور توڙي ڏک ڏوڙ ۽ جدوجهد جو دور هو پر پوءِ بہ سندس درٻار سان واڳيل موسيقارن جو ذڪر ملي ٿو.

اڪبر جو دور موسيقي جي لحاظ کان پنهنجي عروج تي هو. اڪبر بادشاهہ هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ ڀائيچاري ۽ محبت، ٻڌي ۽ ايڪو پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. اڪبر جي سرپرستيءَ ۾ هندستاني موسيقيءَ ۾ نمايان ترقي ٿي. ابوالفضل آئين اڪبري ۾ ان جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ : قبلہ عالم هن فن تي خاص توجهہ فرمائيندا هئا ۽ هر قسم جي موسيقي جا سرپرست ۽ مربي هئا. بي شمار هندي، ايراني، لڏراني ۽ ڪشميري ڳائيندڙ بارگاهہ عالي ۾ جمع آهن جن ۾ مرد ۽ عورتون شامل آهن.“ اڪبر بادشاهہ دير تائين راڳ ٻڌي پوءِ سمهڻ لاءِ ويندو هو.

جهانگير، عيش عشرت، شراب نوشي جو عادي هو. ان لاءِ سندس درٻار سان ڳائڻن ۽ رقاصن جو وابستہ هجڻ فطري هو. اقبال نامئہ جهانگيري ۾ ان دور جي قوالن ۽ سازندن جا نالا ڏنل آهن. حافظ ناد علي، حافظ گيت فتحا، نصيرا، باقيا، حافظ عبدالله، استاد محمد نامي وغيره.

شاھ جهان بادشاھ خود بہ وڏو رقاص هو ۽ اڪبر وانگر سازن کي نهايت ڪاريگري سان وڄائيندو هو. هن جي دور ۾ اڪبر کان وڌيڪ راڳ ۽ رنگ جون محفلون اهتمام هيٺ آيون. سومهڻي جي نماز کانپوءِ حرم سرا ۾ راڳ ٻڌڻ لاءِ هليو ويندو هو. سندس دور ۾ لال خان، ميان تان سين، جگنات ۽ درنگ خان سندس درباري گويا هئا. شاھ جهان جي دور ۾ بہ ڇهہ راڳ ڳايا ويندا هئا. اورنگ زيب جي دور ۾ درٻار ۾ راڳ رنگ تي بندش پئي. پر شاهي حرم ۾ راڳ ٿيندو هو. سندس شاهي حرم سان هيئنيون ڳائڻيون وابستہ هيون. سندر بالي، سروش ٻائي، مرگ نين، پهلا لاٻائي، لالي بائي، هيراٻائي، منسا ٻائي، جليسا ٻائي، اپسرا ٻائي، ڪيسر ٻائي وغيره. منوچي جي چوڻ موجب اهي سو سوا سو ڇوڪريون هندي نسل جون هيون، جن کي ننڍي هوندي ڀهراڙي مان اغوا ڪيو ويو هو يا باغين جو اولاد هو. منو چي جي بيان جي تصديق امين خان جي بيان مان بہ ٿئي ٿي تہ اورنگزيب جي وقت ۾ حرم جي پٺ کي ”خواص پردو“ چوندا هئا. انهي چارديواريءَ جي اندر، نغمہ ساز، نرتڪار، ڳائڻا، ڪلاونت، ٻارن کي عليحده عليحده ديرن ۾ رکيو ويندو هو. نوبت وڄڻ مهل هر هڪ ديري جو طائفو بادشاھ جي خدمت ۾ حاضر ٿي ”مجرو“ ادا ڪندو هو.

اورنگزيب جي جانشين جهاندار شاھ بہ هڪ رقاصہ نالي ”لال ڪنوار“ سان شادي ڪئي، جنهن ڪري راڳين کي وڏن عهدن تي رکيو ويو. منتخب الباب (فارسي) جو مصنف جاني خان لکي ٿو تہ ”هن دور ۾ قوالن، ڪلاونتن جو ايترو اثر هو جو قاضي ”قرابہ ڪش“ ۽ مفتي ”پيالہ نوش تي پيا“ محمد فرخ سير بہ وڏو قدردان هو. موسيقي ٻڌڻ کان سواءِ ننڊ نہ ڪندو هو. هي اهو ئي فرخ سير آهي جنهن شاھ عنايت کي سزاوار ٺهرائي ٺٽي جي گورنر اعظم خان کي حڪم ڪيو هو تہ شاھ عنايت جي شورس کي ٻنجو ڏنو وڃي. محمد شاھ جيڪو تاريخ ۾ رنگيلي جي لقب سان سڃاتو وڃي ٿو، سو شاھ برج تي ويهي سڄي ڏينهن جو ٽڪ ساز ۽ سرودن جي محفل سان لاهيندو هو.

اڪبر جي دور کان وٺي ڪجهہ گائيڪن، سازندن جا نالا رڪارڊ ۾ محفوظ ڪرڻ لاءِ ڏجن ٿا.

1. صاحب خان (بين نواز) 2. باز بهادر (گويو) 3. دائود (گويو) 4. سرور خان (گويو) 5. ميان لال (گويو) 6. تان سين (گويو) 7. ملا اسحاق (گويو) 8. سبحان خان (گويو) 9. ميان چاند (گويو) 10. بير مندل خان (سر منڊل وڄائڻ وارو) 11. پربين خان (بين وڄائڻ وارو) 12. استاد ست خان (بانسري نواز) 13. مير سيد علي مشهدي (سارنگي نواز) 14. استاد يوسف هراتي (طبلي نواز) 15 استاد محمد حسين مشهدي (طبلي نواز)

محمد شاھ جي درٻار سان وابستہ موسيقار، گائيڪ ۽ سازنده هي هئا:

1. نعمت خان (بين نواز) 2 ادوت سين ، رحيم سين (گائيڪ) 3. قائم علي (ڍولڪ نواز) 4. حسين خان ، طاهر خان، غلام علي (سارنگي نواز) بولا خان، اڪبر خان، تاج خان، باج خان، طاهر خان، نور محمد ساز قانون وڄائڻ وارا. امان الله رباب نواز، صلابت خان طنبورچي. رقاصائن ۾ پنا ٻائي، روشن ٻائي، برج ڪنور، رمضاني، حياتي، ڪالي گنگا، انوپي وغيره.

ارڙهين صدي ۾ هندستاني ساز و سنگيت ۽ موسيقي جي فن تمام گهڻي ترقي ڪئي. ان ڪي موسيقيءَ جو سونهري دور سڏي سگهجي ٿو. نوان نوان تجربا ته خير ٿيا پر موسيقي شاهي درٻار کان نڪري اميرن جي هانڊين تي پهچي عوام لاءِ ڪو عجوبو نه رهي. توڙي جو ان وقت جي ڪلاسيڪي موسيقي ڏاڍي دقيق هئي. جو ڪلاڪارن ان کي پئسن ڪمائڻ جو وسيلو بڻايو ۽ هڪ ٻئي سان مقابلا ڪرڻ لڳا.

ملتاني (راڳڻي)

توڙي ٺاٺ جي اوڊو سمپورن، راڳڻي آهي. هن کي پورٻي ٺاٺ جي راڳڻين کان اڳ ۾ ڳائڻ گهرجي. هن جي آروهي ۾ رکب ۽ ڌيوت سر ورج آهن. اهو ان لاءِ جو هي ڏينهن جي ٽئين پهر ۾ ڳائڻ واري راڳڻي آهي. رکب ۽ ڌيوت صبح جي راڳڻ جي نشاني آهي. امروهي سمپورن اٿس. مڌم ۽ گنڌار جي سنگت رهي ٿي نه رکو سنگت پر اهي سر اندولن آهن. گنڌار ڪومل اٿس اگر ان کي تيور ڪبو ته پورٻي راڳ ٿي پوندو.

خاص تان: پا – گا – راسا – ني- سا – گا – مي پا – پا – ڌاپا – مي گا- گامي پا – مي گا – راسا

آروهي: سا گامي پاني سا

امروهي: ساني ڌاپا مي گاراسا

وادي سر: پنچم

سموادي سر: کرج

وقت: ٽيپهري

ملوها (راڳڻي)

بلاول ٺاٺ جي راڳڻي آهي. آروهي ۾ ڌيوت ممنوع سر آهي ۽ سمپورن آهي. هي راڳڻي ڪامود ۽ ڪيدار جي ميلاپ مان ٺهي آهي. ائين به چئي سگهجي ٿو ته ڪيدار جي هڪ شڪل آهي. ڪيدار ۾ سر مڌم ۽ پنچم تي زياده زور رهي ٿو. ليڪن ملوها ۾ ان تي اهڙو زور ڪو نه ٿو ري. هن راڳڻي کي مندر سبتڪ کان شروع ڪرڻ گهرجي. مندر سبتڪ ۾ بلمپت لئه ۾ راڳڻي زياده خوبصورت لڳي ٿي. نکاد کي تارسبتڪ جي سا کان عليحده نه رکڻ سان هيءَ راڳڻي واضح ٿئي ٿي يعني نکاد کي هميشه سا سان ملائڻ گهرجي.

هن راڳڻيءَ ۾ به نکادون ۽ به مڌم مستعل آهن. باقي سڀ سر شڌ آهن. ملوها ڪيدارا رنگ جي هڪ راڳڻي آهي. ڪيدار ڪامود ۽ شام ڪلياڻ جي شامل ٿيڻ سان جڙي آهي. هن جي آروهه ۾ رکب ۽ ڌيوت ڪمزور رهن ٿا. آلاپ جي ابتدا نکاد سر سان ڪئي ويندي آهي. تيور مڌم جو استعمال هيٺن ٿيندو آهي. ڌاما پا ۽ پاڌا ما پا. هن راڳڻي جو زياده زور مندر ۽ مڌ سبتڪ تي رهي ٿو. اهڙي نموني هيءَ راڳڻي ڪيدارا کان عليحده ٿئي ٿي.

ورن – کاڊو – سمپورن

وادي سر: مڌم

سموادي: سا

اروهه: ري ني سا ماري ساما گا پا ماڌا ما پاسا

امروهه: سا ني ڌا ما ڌا پاني ڌا ما پا گاري ماري ساني ڌا پا ما پاسا

ڳائڻ جو وقت: رات جو ٻيو پهر

خاص تان: ماري ساسا ڌا پا ما پاپاني ني

منشي ڪرم امام خان

هن 1925ع ۾ ”معدن موسيقي“ نالي موسيقي تي ڪتاب لکيو. جيڪو اڄ به سند طور ڄاتو وڃي ٿو. ڳوٺ اونام جو رهندڙ منشي ڪرم جي والد جو نالو دلاور علي خان هو. ڪيس موسيقي جي دنيا ۾ نائڪ جو درجو حاصل آهي. نائڪ هجڻ جو منجهس ڪافي خصوصيتون هيون مثال طور: پاڻ تحريري ۽ عملي موسيقي، ٻنهي تي دسترس رکندو هو. شاعري ۽ فن مصوري تي به دسترس هيس. ڪوڙ ساريون راڳڻيون ۽ تال ايجاد ڪيائين.

سندس ابتدائي تعليم عليم الله خان ۽ بشارت علي خان ڪئي جيڪي سندس ماما به هئا. سندس والد به موسيقي تي چڱي دسترس رکندو هو. منشي ڪرم علي خان جي استادن ۾ امير خان ولد امداد خان جو نالو به اچي ٿو. ستار ۾ امير خاني وڄاءَ جي سلسلي جا باني هئا. امير خان وڏو رباب ڪار به هو.

”معدن موسيقي“ هندستاني راڳين، راڳڻين ۽ تالن تي بهترين لکت سمجهي وڃي ٿي.

منظور سخيراڻي (راڳي)

منظور سخيراڻي ولد بهارالدين 1959ع ۾ دادو جي (چاڏي) شاهه آباد ۾ پيدا ٿيو. سندس تعلق دادو جي مشهور مگڻهار پاڙي سخيراڻي سان آهي. سندس والد ٽيپدار هو. ننڍي هوندي کان فن ڏانهن گهڻو راغب هو. ايوب پرياڻي، مصطفيٰ جانوري، شجاع منائي وارو ۽ منظور ميمڻ سان گڏ محمد عثمان وٽ استاد جي شاعريءَ جون ڌنون سکيائين. گهڻو ڪري گلي تي هٿن سان اسٽيج تي مرلي وڄائي داد وٺندو هو. گلي ۾ قدرت طرفان وڏي ڏات رکيل هيس. سر تاج سنگت پراڻي ديري ۾ ٿيندڙ ڊرامن ۾ ان وقت جي رواج موجب هيروئن جو ڪردار گهڻو ڪري منظور سخيراڻي يا خير محمد جوڻيجو ڪندا هئا. جڏهن ته هيرو جو ڪردار حاڪم علي شاهه بخاري يا فدا حسين ڪندا هئا. منظور اتي استاد بخاريءَ جا ڪلام چوندو هو. سرتاج سنگت جي ڊرامن ۾ ئي منظور سخيراڻي جي شناسائي استاد بخاري جي ڪلامن سان ٿي، جن کي حاڪم علي شاهه پنهنجي خوبصورت آواز ۾ ڌنون ڏئي ڳائيندو هو. اتان کان منظور جو فن اسريو. ميٽرڪ دادو جي پائليٽ اسڪول مان ڪيائين. سندس پهريون ڪلام هارون رند روشن تارا پروگرام لاءِ رڪارڊ ڪيو. سنڌي ثقافت جا امر آواز ۾ محترم ڪمال ڄامڙي لکيو آهي ته منظور جو پهريون رڪارڊ ٿيل ڪلام استاد بخاري جو پهريون ڪلام هو. تصحيح ڪجي ٿي ته استاد جو پهريون ڪلام غلام قادر ڳايو. ان ۾ شڪ ڪو نه آهي ته منظور سخيراڻي جو آواز ۽ استاد جي شاعري هڪ بهترين سنگم هو، جو استاد جون ناهيل ڌنون

استاد وٽان منظور کي مليون. منظور سنڌ جو تمام سريلو راڳي آهي. املهہ ماڻڪ آهي. ڪيس اغوا بہ ڪيو ويو. هن جون ڪيتريون ئي ڪيسٽون ۽ سي ڊيز نڪتل آهن. سندس پٽ جبران ڳائڻ سان دلچسپي رکي ٿو. سندس سر جو سفر جاري آهي. نشي جي گهٽي واهپي سندس سرن کي گهٽو بي ترتيب ڪيو آهي نہ تہ منظور سخيراڻي ڪير سڏائي؟!!

منظور علي خان استاد (گائيڪ)

منظور علي خان، ڪلاسيڪي ڳائڻي استاد جمالي خان جو پٽ هو ۽ سال 1927ع ۾ شڪارپور ۾ ڄائو. سندس پڙ ڏاڏو شادي خان، جواني واري وقت ۾ (1830ع ڌاري) اوير پنجاب جي شهر فتح ڳڙهہ چوڙيان (ضلعو گرداس پور) مان لڏي خيرپور ميرس آيو، ڇو تہ خيرپور وارا مير راڳ جي قدرداني ۽ سرپرستي ڪرڻ ۾ سڄي هندستان ۾ مشهور هئا. شادي خان ڌرپدي ڳائڻو هو. هو خيرپور مان لڏي شڪارپور ۾ اچي رهيو. سندس پوٽي جمالي خان موسيقي جي سکيا پنهنجي پيءُ ڪريم بخش خان کان ورتي ۽ پنهنجي چاچي گامڻ خان سان گڏ ڳائيندو هو. استاد جمالي خان پنهنجي ڪٽنب جي روايت موجب گواليار گائڪي جي انداز ۾ ڌرپد ڳائڻ ۾ مهارت حاصل ڪئي ۽ پنهنجي دور ۾ هند توڙي سنڌ ۾ ڌرپد ڳائڻ وارن ۾ وڏو نالو ڪمايائين. ڪو بہ طبلہ نواز ساڻس پڄي ڪو نہ سگهندو هو. هو ڌرپد ڌمار ڳائڻ ۾ بہ ماهر هو. ميگهہ، درٻاري، پوريا، برج، سهڻي، رامڪلي، ديسڪار، للت ۽ جونپوري ڳائڻ ۾ ملڪو هوس.

عمر جي شروع واري عرصي ڪانپوءِ جمالي خان شڪارپور کي ڇڏي اچي ٽنڊي آدم کي وسايو، جتي 1953ع – 1954ع ڌاري وفات ڪيائين. استاد منظور علي خان ننڍي وهيءَ ۾ پنهنجي پيءُ جمالي خان، استاد هدو خان ۽ استاد سينڌي خان کان راڳ جي سکيا ورتي. پنهنجي پربل آواز، ذهن ۽ لياقت سان سگهو ئي هن موسيقيءَ ۾ وڏي ڄاڻ حاصل ڪئي. جواني ۾ پنهنجي پيءُ سان هند ۽ سنڌ ۾ ڳايائين. 1940ع ۾ لاهور ۾ استاد بڙي غلام علي سان ڳاتائين، نوجوانيءَ ۾ اها سندس وڏي ڪاميابي هئي.

آزادي ڪانپوءِ استاد سنڌ ۾ ڪلاسيڪي موسيقي جو اڳواڻ ئي رهيو درپد جي انداز ڪانسواءِ خيال، ٺمري، دادرو، ٽپو ڳائڻ ۾ سڄي پاڪستان ۾ برک هو. چوڏهين صدي هجري جي ڪلاسيڪي موسيقارن مان استاد منظور علي خان پهريون گني گويو هو، جنهن کي سنڌ جي مقامي موسيقيءَ جي بہ بيحد ڄاڻ هئي، جيترين سنڌي راڳڻيون صحيح انداز ۾ هن ڳايون آهن، اوترين ڪانئس اڳ ڪنهن بہ نہ ڳاتيون آهن. هن ڪلاسيڪي موسيقي ۾ سنڌي موسيقي جي بہ درياهي کي گڏي موسيقي جون جڻ موڪون لائي (وهائي) ڇڏيون. راڳ سان گڏ هو ڪلاسيڪل موسيقي جو بہ وڏو عالم هو. ڪُليءَ محفل ۾ ڪلي ڳائڻ جو بادشاهہ راڳي هو.

هو هڪ سنجيده، بااخلاق، قربائتو، سنڌ سان ناتي نڀاهڻ وارو انسان هو. استاد جو ريڊيو پاڪستان سان بہ لاڳاپو رهيو. پهريائين ڪراچي ريڊئي سان سال 1957ع، تاريخ 17 آگسٽ تي پنهنجي آواز جادو جاڳايو ۽ 1978ع ۾ کيس صدارتي ايوارڊ بہ مليو. ان ڪانسواءِ لطيف ايوارڊ ۽ سچل ايوارڊ پڻ مليا. استاد مهدي سائين جهانيان جو مريد

هو. پاڻ نائين سيپٽمبر 1980ع ۾ تندي آدم ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. ڪيس پٽ ڪو اولاد ڪو نہ هو. صرف 3 نياڻيون هيس. وحيد علي جيڪو سندس ڀاڻيجو هو ان کي پٽ ڪري پاليو هئائين. جنهن راڳ ۾ پوءِ چڱو نالو ڪڍيو. سندس شاگردن جي وڏي فهرست آهي، جنهن ۾ محمد يوسف، وحيد علي، عابده پروين، رجب علي، گلزار علي وغيره.

استاد منظور علي جا ڳايل ڪجھ ڪلام.

1. پرچن شال پنهوار – شاھ
2. ويندي‌س يار مري – شاھ
3. عشق شرع ڪيا لڳي – سچل
4. جهندا عشق لڳا مين واريان – سچل
5. محبت لڌي وئي ملڪ مان – حمل
6. چڏ رسا مان آءُ تون يار – سچل
7. عمر ديس پنهنجو وسارڻ ڏکيو آ – حاڪم علي شاھ
8. آءُ ڪيئن آتڻ وڃان – شاھ

استاد منور علي خان صاحب (گويو)

استاد منور علي خان لاهور ۾ 15 آگسٽ 1932ع ۾ پيدا ٿيو. سندس تعلق موسيقي جي پٽيالہ گھراڻي سان هو. پاڻ استاد بڙي غلام علي خان صاحب جو ننڍو پٽ هو. استاد منور علي خان جي موسيقيءَ جي تعليم ۽ تربيت استاد بڙِ غلام علي خان جي نگرانيءَ ۾ مڪمل ٿي. پاڻ بڙي غلام علي خان سان سنگت ۾ ڳائيندو هو. سوز ڀريو آواز ۽ سريلائپ استاد بڙي غلام علي خان جي خاندان جي خاص وصف رهي آهي. سر ۽ سريلائپ سان گڏ استاد منور علي خان جي آواز ۾ هڪ قسم جي پڪار ۽ التجا بہ شامل هوندي هئي. اها وصف سندس ڳايل ڪلاسيڪل ۽ نيم ڪلاسيڪل اسمن ۾ واضح طور محسوس ڪري سگھجي ٿي.

سندس آواز ۾ رڪارڊ ٿيل ڪجھ نيم ڪلاسيڪل اسمن جا ٻول پيش ڪن ٿا.

1. مار ڈالا نظريا ملاڪ
2. نينو ڪاهي ڪو جهوٽي بنائي بتيان
3. باجو بنو کهل جائي
4. پيا توري ترڇهي نظر لاڳي پياري
5. شالا وي پنهلا موڙ مهاران

استاد منور علي خان 57 سالن جي عمر ۾ سال 1989ع ۾ وفات ڪري ويو. هندستان ۾ اڄڪلھ سندس پٽ رضا علي خان ۽ پائٽيا مظهر علي خان ۽ جاويد علي خان پٽيالہ گھراڻي جي نمائندگي ڪري رهيا آهن.

موائي ناچ (ناچ)

هي شيدي قوم جو مخصوص ناچ آهي. جيستائين مغرمان سيڪي تيار ڪري ميدان تي آڻين. ايستائين ٻه ٽولا ٺاهيندا، هر هڪ ٽولي ۾ پنجن کان ٻارنهن ڄڻا هوندا آهن. هر هڪ جي ڳچيءَ ۾ دهل هوندو آهي. سڌي صف ۾ هڪڙا اتر کان ڏکڻ ڏي منهن ڪري بيهندا ٻيا انهن کان پنجاهه قدمن تي ڏکڻ طرف کان اتر ڏي منهن ڪري بيهندا. دهلن جي وڄت تي نيپو (ساراهه) چوندا. هڪڙا نيپو چوندا تہ ٻيا نيپي جي وراڻي ڏيندا. ٻئي ڌريون نچنديون نچنديون هڪٻئي سان اچي ٽڪربيون ۽ سلامي (مجرو) ڏينديون وري واپس پنهنجي اصل جاين تي وينديون. جيستائين مغرمان سيڪجي تيار ٿئي تيستائين موائي ناچ پيو هلندو ان جي وڄت هيءَ آهي: تمبڪ تمبڪ تمبان تان تان ۽ نيپو هن نموني ڏيندا:

نريرا نچندا (نور رءِ نجيرا)

نڪ بو ڪانايو گوپا (نڪبوا آناءِ الغوغا)

نيپي جي وراڻي:

ياويلو – يالا – يالا – پير محي الدين (ياولي – يا الله يا ولي الله پير محي الدين عبدالقادر جيلاني)

ديوان موتيهر

22 – 2 – 1927 تي پراڻي سکر ۾ ڄائو. تعليمي لحاظ سان انديا مان B.A ۽ لنڊن مان CCS ڪيائين. سندس نئين دهلي جو پتو R. 595 نيو راجندر نگر، نيو دهلي 110060.

هي ڳائڻو بہ هو تہ نغمہ نگار بہ ان سلسلي ۾ سندس حصہ رسدي آهي:-

1. 1957ع ۾ ڪولڪتہ مان HMV سندس سنڌي گيتن جا ٻہ رڪارڊ رليز ڪيا.
2. 1984ع ۾ ڪبير ڀڄنن جي LP آمريڪا مان رليز ٿي
3. 1998ع کان 2001ع تائين سندس پنج ڪيسٽون نڪتيون جن ۾ سنڌي صوفي ڪلام ۽ گيت وغيره هئا. انهن مان سڄڻن جي سار، رس نہ راڻا، سپني ۾ سڄڻ آيو مڪيہ هيون.

هي سنو ستار نواز بہ هو جن ۾ قابل ذڪر آهن

1. Indo – Jazz suite اي ايم آءِ طرفان لنڊن 1966ع
2. Indo – Jazz Fusion اي ايم آءِ طرفان لنڊن 1967ع
3. Jazz meets indican سبا SABA رڪارڊنگ ڪمپني جرمني 1967ع فيسٽول
4. Indo – Jazz fusion اي ايم آءِ طرفان لنڊن 1968ع
5. جون ميرس Shring Quinlet اي ايم آءِ لنڊن 1967ع

انعام ۽ اعزاز

1. سنڌو رتن ايوارڊ 1965ع سنڌي ايسوسيئيشن دهلي
2. 1998ع لاءِ نمايان حصہ رسدي لاءِ سنڌي ساهت اڪيڊمي دهلي.

تنهن ڪانسواءِ هن

20 انگريزي فلمن ۾ ستار وڄائي

آمريڪن ناٽڪ Kindly Monkey لاءِ موسيقي ترتيب ڏني.

هن BBC لنڊن تي ستار وڄائي

1960ع ۾ ريپبلڪ ڏينهن پريڊ تي نئين دهلي ۾ ٽيبلو جهولي لال ڏيکاريو.

موٽڪي (ڪومل يا ڳيسري)

هي پيروي ٺاٽ جي سمپورن راڳڻي آهي. جنهن جي آروهي ۾ رکب دربل ۽ امروهي ۾ ڌيوت دربل آهن. رواج ۾ ٻئي ڌيوتون استعمال ٿين ٿيون. اترانگ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڀاڳيسري جو انگ ڏيکاري ٿي. هي راڳ مشرميل آهي. پيروي ۽ ڪافي ٺاٽ جي ميلاپ مان جڙيل ڏسين ٿا. هن کي مود جي نالي سان بہ سڏيو ويندو آهي.

آروهي: نا سا گا ما پا ڌا نا سا

امروهي: سا ڌا نا ڌي پا ما گا را سا

وادي سر: مڌم

سموادي: ڪرج

مورو (لوڪ گيت)

هي مجازي محبت جو ورلاپي آواز آهي. جيڪو اڪرن جي صورت ۾ دل مان اڌمان ڌئي نڪري ٿو. جيئن تہ لوڪ سنگيت، ماڻهن مان اپري پوءِ خاص سنگيت ٿئي ٿو. مورو بہ ائين آهي. جنهن ۾ ٽي سر هوندا هئا. تڏهن جو يادگار آهي. مورو ويٺي ڏيان ڙي ڍولڻ مورو ويٺي ڏيان. هن ۾ انتظار، فراق، ڳڻتي ۽ ڳارائي جا مضمون سمايل آهن. هيءَ ڪوهستان وارن جي مقبول ترين صنف آهي. خصوصا لاسي، ڪوسا، جوکيا، برفت ۽ بروهين وغيره وٽ هي صنف مقبول آهي. جيڪا دنبوري تي ڳاتي وڃي ٿي پر جي ڪو ساز نہ هجي تہ بہ ڳائجي جهونگارجي.

مورچنا (بيان)

سرن جي سلسليوار لاهہ چاڙهہ کي يعني آروهي امروهي کي مورچنا چئبو آهي. يعني هن ۾ هي ٺاٽ آهي. جنهن کي گرنٿن ۾ ”ميل“ ڪري بہ لکيو اٿن. هن مان ئي سڀ راڳ پيدا ٿين ٿا. مور چنا جو ڪم آهي. راڳ يا راڳڻي جو سر دريافت ڪرڻ. سٽن شڌ سرن ساري گاما پا ڌاني کي اسان شڌ ٺاٽ چونداسون. جيڪو بلاول ٺاٽ آهي. پنڊتن

وٽ هن جون ٽي صورتون آهن، 1. سمپورن 2. کاڊو 3. اوڊو. سمپورن ۾ ست ئي سر موجود هوندا آهن. کاڊو ۾ ڇهه سر ۽ اوڊو ۾ پنج سر موجود هوندا آهن پر پنجن سرن کان گهٽ کا به راڳڻي يا راڳ ٿي نه ٿو سگهي. مورڇنا جا نو قسم آهن.

1. سمپورن – سمپورن + آروهي ۽ امروهي ٻئي ستن سرن ۾ 1x1 = 1
2. سمپورن – کاڊو + اروهي سمپورن امروهي ۾ ڇهه سرن ۾ 6x1 = 6
3. سمپورن – اوڊو – آروهي سمپورن امروهي پنجن سرن ۾ 15x1 = 15
4. کاڊو – سمپورن – آروهي ڇهه سر – امروهي ست سرن ۾ - 1x6 = 6
5. کاڊو – کاڊو – آروهي – امروهي ڇهه ڇهه سرن ۾ 6x6 = 36
6. کاڊو – اوڊو – آروهي ڇهه سر امروهي پنج سرن ۾ 15x6 = 90
7. اوڊو – سمپورن – آروهي پنج سر – امروهي ست سرن ۾ - 15x1 = 15
8. اوڊو – کاڊو – آروهي پنج سر – امروهي ڇهه سرن ۾ 5x15 = 75
9. اوڊو – اوڊو – آروهي پنج سر – امروهي پنج سرن ۾ 5 x 15 = 75

مٿي بيان ڪيل مور ڇنائون، سڀ هڪ ٻئي کان الڳ الڳ آهن. يعني هر هڪ جي آروهي امروهي عليحده آهي. لهذا هر هڪ مورڇنا هڪ الڳ راڳ جي شڪل پيدا ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي. مٿي ڄاڻايل انگن مان معلوم ڪري سگهجي ٿو ته هر هڪ مورڇنا مان ايتريون راڳڻيون ٺهي سگهن ٿيون.

مولود (مذهبي راڳ)

هن صنف ۾ نبي ڪريم صلعم جي ثنا سمايل هوندي آهي. مولودن جي شغل جو خاتمو ڪافين سان ٿيندو آهي. هي مولود ڪنهن راڳ جي عام سنڌي راڳڻين ۾ ٻاري يا ٽولي جي صورت ۾ پڙهيا (ڳاتا) ويندا آهن. مولودن جي ڪافين ڪي خاص انداز سان ڳائبو آهي. اندروني سٿاءَ جي لحاظ کان ”سڌين“ يا ڏيڍين ڪافين جي پڙهڻي (ڳائڻ جي طرز) پڻ ساڳي قسم جي مولودن وانگر ٿيندي آهي. آڳاٽي دور ۾ شغل جون ڪافيون جن مقامي راڳڻين ۾ ڳائبيون هيون، تن جو يادگار فتح جو سر آهي. مولودن ۾ نبي صلعم جي تعريف جي لحاظ کان هي سر اسريو، ان ڪي نبي صلعم جن جي فتح ۽ ڪاميابي جي لحاظ کان فتح جو نالو ڏنائون. هاڻي ڇڻ اسرجي ويل ۽ پرڀات جو هڪ مقامي سنڌي راڳ آهي، جيڪو لئي جي لحاظ کان منو ۽ موهيندڙ آهي.

مولود پلارن ڏينهن کان سواءِ شادي ۽ موت ٻنهي تي ڳاتا وڃن ٿا. 4، 5 ڄڻا پنهنجو اڳواڻ چونڊيندا آهن. اڳواڻ سر سان مولود پڙهندو ۽ ساٿي وراڻي ڏيندا يا وچ ۾ ڏوهيڙا به ڏيندا. لاڙ وارا آ – آ – آ جي گهٽ گهٽي ڏين. اتر وارا لَس وڃن. هاڻي رواج گهٽبو ٿو وڃي. ان جي جاءِ اردو جي نعتن ورتي آ.

موهن ڀڳت (ڳائڻو)

موهن ڀڳت 1930ع ڌاري ٿرپارڪر ضلعي جي شهر اسلام ڪوٽ ۾ ڄائو. ننڍپڻ ۾ هو ٻڪريون چاريندو هو. ته جهونگاريندو به هو ۽ ڳوٺن جي پراڻي ماحول ۾ راڳ هڪ وڏو جز هو، جيڪو تفريح به هو ته عبادت به . تر جا

مشهور ڳائڻا اسلام ڪوٽ ۾ ايندا هئا. سندس پيءُ اميد رام ۽ چاچو موتي پڳت پنهنجي تر ۾ پنهنجي دور جا وڏا پڳت هئا. ائين راڳ هن جي گهر ۾ موجود هو. ڪجهه استادي مراد فقير کان به ورتائين جو اهو ڪافي جو پلو ڪاريگر هو. موهن سان گڏ ڪل چار ساز هوندا هئا، هڪ ڍولڪ، ٽلي، دنبورو ۽ هارمونيم. انهن سازن جي سنگت ۾ اهڙو رچاءُ پيدا ڪندو هو جو ماڻهو سندس آواز ۾ گم ٿي ويندا هئا. ساڻس گڏ سندس پٽ شنڪر ۽ ڀاءُ سروپو ڳائيندو هو. پاڻ گهڻو ڪري شاهه صاحب جو ڪلام ڳائيندو هو. گائيڪي ۾ انداز پڳتن وارو هوس. جو اهي ئي سنڌي راڳ جا اصل رکوالا آهن. شاهه جي ڪلام ڳائڻ وقت شروع ۾ ڍولڪ تي جيڪا لئه موهن پڳت قائم ڪندو آهي، ان جا به حصا هوندا هئا. پهريون حصو بلمپت ۽ ٻئي حصي ۾ تيز لئه جنهن کي درت چوندا آهن. موهن جو آواز صفا صاف چٽو هو. هو ڪافي ڳائڻ وقت سنڌي موسيقي ۾ عام طور "الو ميان" ضرور استعمال ڪندو هو. هن صرف سنڌي ۾ ڳاتو.

پاڻ 1995ع ۾ وفات ڪري ويو. سندس ڪلام ريڊيو حيدرآباد تان گهڻو رڪارڊ ٿيو.

مهتابي (راڳڻي)

هي ڀيروي ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي آهي. جنهن ۾ رکب ۽ نکاد ڪومل سر آهن. مڌم ورج آهي.

تان: ساري گاپا – ڌاني ڌاپا – گاري گا – پاگاري سا- ڌاني ساري – گاپا ڌاني – ڌاپا گاپا – گاري سا

آروهي: ساري گاپا ڌاني سا

امروهي: ساني ڌاپا گاري سا

وادي سر: گنڌار

سموادي: نکاد

وقت: صبح

مهدي حسن (شهنشاهه غزل)

مهدي حسن سال 1935ع ۾ هندستان جي رياست جيپور جي مشهور علائقي جهجهنا جي قريب شيخاوالي جي هڪ ڳوٺ لونا ۾ پيدا ٿيو. سندس پيءُ جو نالو اعظم خان ۽ چاچي جو نالو اسماعيل خان هو. اسماعيل خان ۽ اعظم خان جوڙي جي شڪل ۾ ڳائيندا هئا. سندس تعلق ڪلاونت گهراڻي سان رهيو.

مهدي حسن ڇهن سالن جي عمر ۾ پنهنجي پيءُ، چاچي اسماعيل خان ۽ وڏي ڀاءُ پنڊت غلام قادر جي نگراني ۾ راڳ جي تعليم حاصل ڪرڻ شروع ڪئي. سندس پهرين محفل فاضل ڪا بنگلا فيروز پور ۾ ٿي. ان وقت سندس عمر فقط ڏهه سال هئي.

جيئن ته لونا هڪ ننڍڙو ڳوٺ هو، ان ۾ موقعا گهٽ هجڻ ڪري مهدي حسن جو خاندان لونا کي ڇڏي فيروز پور مان ٿيندو لاهور پهتو. سال 46ع جي آخر ۽ 47ع جي شروع ۾ آزادي جي تحريڪ زور شور سان هلي رهي هئي. سماجي ۽ اقتصادي حالتون ناسازگار هجڻ ڪري مهدي حسن لاهور مان پنهنجي ڳوٺ لونا واپس هليو ويو.

1947ع جي اوائل ۾ مهدي حسن ڳوٺ مان چيچا وطني آيو، جتي سندس هڪ پڪي اڳ ۾ ئي رهندي هئي. چيچاوطني ۾ قيام دوران مالي مشڪلاتن باعث پاڻ سائيڪلن جي مرمت ۽ پنڪچر لڳائڻ جو دڪان کوليو. اتي تقريبن 2 سال رهڻ کانپوءِ سکر آيو. سکر ۾ مستري ڪشن کان گاڏين جي مرمت جو ڪم سکيو. موٽر مڪينڪ ٿيڻ کانپوءِ سکر کان بهاولپور آيو. بهاولپور ۾ هڪ ورڪشاپ کوليائين. بهاولپور کان سنڌ اچي مهدي حسن قاضي احمد ۾ رئيس علي نواز انڙ وٽ ڊرائيور ۽ مڪينڪ طور ڪم ڪيو.

مهدي حسن کي سال 1953ع ۾ پهريون دفعو فلم شڪار ۾ هڪ گاني ميري خيال و خواب ڪي دنيا لئي هوئي ڳائڻ جو موقعو مليو. انهن ڏينهن ۾ ريڊيو پاڪستان لاهور سان وابسته ٿيو. جتي سپ کان پهرين مرزا غالب جو هڪ غزل ”عرض نياز عشق کي قابل نهين رها“ سندس آواز ۾ رڪارڊ ڪيو ويو. جڏهن ته سندس شهرت جو آغاز سال 1959ع ۾ فيض احمد فيض جو هڪ غزل ”گلون مين رنگ بهري“ ڳائڻ سان ٿيو. ان کانپوءِ سڄي هندستان ۽ پاڪستان ۾ سندس آواز ۽ انداز کي ڏاڍو واکاڻيو ويو.

1964ع ۾ ملڪه ترنم نورجهان ۽ شهنشاهه غزل مهدي حسن گڏجي برطانيا جي دوري تي روانا ٿيا، جتي اڳ ۾ هندستاني غزل ڳائڻ وارا فنڪار ناڪامي جو منهن ڏسيو ويا هئا. ان ڪري ملڪه ترنم، مهدي حسن کي غزل ڳائڻ کان منع ڪري ڇڏي. شائقين جي فرمائش تي مهدي حسن کي غزل سرائي ڪرڻي پئي. سامعين سندس آواز ۽ انداز کي تمام گهڻو پسند ڪيو.

پاڪ ڀارت جنگ جي دوران سال 1965ع ۾ ملي نغمه ڳائڻ جي صلي ۾ حڪومت پاڪستان کيس تمغه امتياز عطا ڪيو. مهدي حسن کي نگار ايوارڊ، گريجوئيٽ ايوارڊ ۽ ايسٽ پاڪستان فيسٽول ايوارڊ به مليا.

مهدي حسن سڄي ڄمار نماز جو پابند رهيو. سندس ڪا به نماز ڪڏهن به قضا ڪا نه ٿي. مهدي حسن جي شاگردن ۾ غلام عباس، پرويز مهدي ۽ سلامت علي ڪافي مشهوري ماڻي. سندس پٽ آصف مهدي ڳائيندو آهي. سندس ٻيو پٽ عمران مهدي طبلو وڄائيندو آهي.

هي عظيم فنڪار اڄڪلهه فالج سبب هلڻ چلڻ ۽ ڳائڻ کان لاچار آهي.

مهدي حسن سنڌي ۾ به ڳايو. جيئن ”پرين اوهان سان پريت لڳائي ورتو سين ويراگ“

سندس ڳايل ڪجهه مشهور غزلن جا ٻول

1. ملا بهي درد بهرا دل (حفيظ جالنڌري)
2. تازه هوا بهار کي (عزيز حامد مرني)
3. ديکهه تو دل که جان سي انتا هي (مير تقي مير)
4. نازڪ انداز جو هر ديده جان هونگي (مومن)
5. نه آس هي نه ڪوئي انتظار (شاد امرتسري)
6. دل مين اب يون تيري بهولي هوئي غم (فيض)

7. جا کهو ان سي نسيم سحر (بهادر شاهه ظفر)
8. بات ڪرني مجهي مشڪل ڪبهي (بهادر شاهه ظفر)
9. چلتي هو تو چمن ڪو چلئي (مير تقي مير)
10. جب اس زلف ڪي بات چلي (ناصر ڪاظمي)
11. وه دل نواز هين ليڪن نظر شناس نهين (داغ دهليو)
12. غضب ڪيا تيري واعدي پہ اعتبار ڪيا

مهدي حسن 1966ع ۾ افغان شهنشاهه ظاهر شاهه جي دعوت تي افغانستان جي دوري تي ويو. ظاهر شاهه هڪ محفل جو بندوبست خاص طور پنهنجي محل ۾ ڪيو. ان محفل ۾ پاڻ رات 8 بجي کان صبح 4 بجي تائين ڳاتو. محفل جي اختتام تي افغان شهنشاهه جواهرات جو هڪ باڪس مهدي حسن کي ڏنو جيڪو ڪيس ڪنهن ملڪ جي سربراهه کي پيش ڪرڻو هو. افغان ملڪ مهدي حسن جي ايڏي تہ مداح هئي جو سندس پرس ۾ گلون مين رنگ بهري واري ڪيسٽ هر وقت موجود رهندي هئي.

مددي ڪتاب:

سر سنسار (شهباز علي)

موهن ڪونس (راڳڻي)

هي مشر ميل اوڊو – اوڊو راڳڻي آهي. هن ۾ رکب ۽ پنچم ورج آهن. ڪي گنڌار کي وادي مڃين ٿا تہ ڪي مڌم کي، گنڌار ڪانسواءِ سڀ سر ڪومل اٿس.

وادي سر: گنڌار

سموادي: ڌيوت

آروهي: ڌي ني سا گا ماڌي ني سا

امروهي: سا ني ڌي ما گاما گاسا

وقت: اڌ رات

تان: گاما گاسا – ني ڌي ني سا – گاما – ڌي ما – گاما ني ڌي – ماگا ماگا – ساني ڌي ني – ساگاما

موهن وينا (ساز)

هي تارن وارو ساز آهي، جيڪو ڪلاسيڪي موسيقي ۾ استعمال ٿئي ٿو. گٽار وانگر هن ۾ 20 تارون ٿينديون آهن. جن مان وچت جون تارون 12 ٿين. سر جون تارون ٽي ۽ پنج ميلاپ جون تارون هونديون آهن. هي بہ هٿ جي مضراب سان وڄائبو آهي. هن جو آوازي ڪوڪو ٻہ فوٽ ڪن ڊگهو ۽ اڌ منو فوٽ ويڪرو اندران ڪوڪلو ٿئي. 4 يا پنج انچ ويڪري ڳني جيڪا ڊيگهہ ۾ سوا يا ڏيڍ فوٽ ڪن ٿيندي آهي. اها بہ آوازي ڪوڪي سان جڙيل ڪوڪلي هوندي آهي.

ان جي مٿان تارون آوازي ڪوڪي جي مٿان ٽينديون ڳتين سان ويڙهبيون آهن. ڳتيون ڦرنديون آهن. اهي تارون ست ٻه ٽين ته اٺ ٻه. انهن ڳتين وسيلي تارن کي ڇڪي پنهنجي طلب جو سر بيهاربو آهي. اڄڪلهه پلاسٽڪ جو مٿان سينگار ڪن ٿا. ان لاءِ سهڻو لڳي ٿو. هلڪو آهي. هن کي پنڊت وسوا موهن ڀٽ ايجاد ڪيو. ان جي نالي سڏجي ٿو.

مياں جو سارنگ (راڳڻي)

هي ٻه سارنگ جو هڪ قسم آهي. هن ۾ رکب ڇٽو لڳندو آهي ۽ مندر ۽ مڌ استان جي سرن ۾ ڳائبو. نکاد ۽ ڌيوت جي سنگت جي ڪري ميان جي ملهار جو روپ ڏسي ٿو. هي تانسين جي ايجاد ڪيل راڳڻي آهي، چون ٿا ته ڪانڙو تانسين جي قبضي جو راڳ هو. ان لاءِ ڪجهه شڪل ڪانڙي سان مشابهت رکي ٿي. بندرا بني ۾ ڪومل نکاد ٻه هنيو وڃي ته سارنگ جي صورت ٺهندي جيڪا ٻين سارنگن کان مختلف هوندي.

تان: سا – ڌي ني – پا ڌي – سا – ري – ماما – پا – ڌي پا – ماري ما – ساري سا

آروهي: ساري – ماپا – ڌي پا – ناڌي – ني سا

امروهي: سا – نا پا – ڌي ني ڌي پا – ماپا – ماري – سا

وادي سر: رکب

سموادي: پنچم

مياں جي ملهار (راڳڻي)

ڪافي ٺاٺ جي ڪاڏو راڳڻي آهي. کرج وادي ۽ پنچم سموادي، گنڌار اندولن آهي. نکاد ۽ ڌيوت جي سنگت راڳ جي صورت کي ڇٽو ڪري ٿي. مندر استان جا سر سٺا لڳن ٿا. هن راڳ ۾ ٻئي نکادون لڳن ٿيون، ان ڪري بهار کان الڳ ٿي بيهي ٿي. جتي گنڌار اندولن هجي اتي ڪانڙي جي شڪل پيدا ٿيندي آهي. پر مڌم ۽ رکب جي سنگت جي ڪري ملهار جو انگ قائم رهي ٿو. هي راڳڻي ڪرناٽ ۽ گوڙ ملهار جو مشر ميل آهي. مڌم ڇٽو هٽبو آهي. پنچم ۽ نکاد جي سنگت رهي ٿي.

تان: ني سا – ري – سا – ڌي – ناپا – ماپا – ناڌي – ني سا – ري – پا – گا گا – ماري – سا – ماري – سا – ڌي ني سا – ري – ماري سا – ني سا – ري سا – ڌي ناپا – ماپا – نا ڌي ناڌي – ني ري سا

آروهي: ساري ماپا ناڌي ني سا

امروهي: سانا پا – گا ماري سا

وادي سر: کرج

سموادي: پنچم

وقت: بسنت رت ٻپهري

مهيش چندر (گائيڪ – نغمہ نگار)

سندس جنم 1942 – 9 – 3 تي سنڌ جي شهر ٺارو شاهہ ۾ ٿيو. ممبئي جو پتو آهيس : 25 / 2 Shivaji Park, Mumbai – 5400028 سنگيت کيتر ۾ سندس اهم حصہ رسدي:-

پهرين HMV ڊسڪ، سنڌي ۾، 1965ع ۾ متعارف ٿي. انهي ڪمپني سان ٻول موجب 12 سالن ۾ هن ڪيترائي سنڌي گيت ڳرايا، جن مان گهڻا مقبول عام ٿيا. 1977ع کانپوءِ Tips, Movac, IBH ۽ Magna ميوزڪ ڪمپنين مهيش جا ڳايل سنڌي گيت، اردو غزل ڊسڪن ۽ ڪيسٽن جي صورت ۾ متعارف ڪرايا.

مجتا طور ايوارڊ ۽ اعزاز

1. 1976ع ۾ Sur singar Sansad طرفان شباب غزل پروگرام ۾ اعزاز.
2. 1992ع ۾ Sahyog foundation طرفان شاندار ميوزڪ جي حوالي سان ٽروفي
3. 1993ع ۾ Tips طرفان پکونتي ناواٽي ايوارڊ.
4. 1995ع ۾ Sindhi International Pachayat پاران ٽروفي.
5. 1998ع ۾ Suvidha foun dation هن کي Vuruv puraskar پيش ڪيو.

هن کي HMV البم ۾ وزيراعظم اٽل بهاري واجپائي جي شعر "گيت نيا گاتا هون" جي موسيقي ترتيب ڏيڻ جو اعزاز بہ حاصل آهي. موصوف کيس 2000 ۾ دهلي ۾ ملاقات جو شرف ڏنو ۽ دعا ڪئي. ساڳي سال واجپائي صاحب اڳيان Bhartia vidya Bhaan طرفان آمريڪا ۾ ترتيب ڏنل جلسي ۾ هن "هم جنگ نهين هوني دين گي" خاص طور رچيل ورنن/ ترجمو پيش ڪيو، جنهن جي بہ پرائيم منسٽر سميت سيني تعريف ڪئي.

ساڳي سال يعني 2000ع ۾ سنڌي موسيقي لاءِ ممتاز خدمت جي عيوض Akhil Bharat Sindhi Boli ain Sahit Sabha جئپور ۾ کيس ايوارڊ پيش ڪيو.

هن ننڍي عمر کان ڳائڻ شروع ڪيو ۽ پهريان موسيقي جا سبق پنهنجي والد ماسٽر چندر وٽ پڙهيا. هن کي ريشمي آواز وارو گائيڪ چوندا آهن.

ميرا ٻائي ملهار (راڳڻي)

آساوري ٺاٽ جي سمپورن راڳڻي آهي. هيءَ راڳڻي مشر ميل آهي. اڙانا ۽ ملهار جو رنگ غالب اٿس. ٻئي گنڌارون ٻئي ڌيوتون ۽ ٻئي نکادون لڳايون وينديون آهن.

خاص تان: ساري – ساري سا –ني سا – ري – ماري – ماپا – ماپا – ڌي – ماپا – ماري – سا

آروهي: ني سا – ري – ماري – پا – ناڌي – ني سا

امروهي: سا – ڌاناپا – ماپا – گي ما – پاگا – ماري- سا

وادي سر: مڌم

سموادي سر: کرج

ميسو پوٽاميه يا قديم عراق جي موسيقي

قديم عراق جي ثقافت سميرين جو ڪارنامو آهي. جن جي باري ۾ تمام ٿوري ڄاڻ آهي. هن ۾ سڀ کان اول سنڌن ايجاد ڪيل لکت (Cuneiform) (3000 ق م) جي آهي. هن لکت مان باقاعده ترتيب ڏنل Diatonic Scales جو پتو ملي ٿو. ان جو دارومدار تاري سازن جا پنجان ۽ ڇوٽان سرواري وٽي سان ملائڻ تي هو. تنهن ڪانسواءِ ڇوٽان پنجان، ٽيان (۽ ڇهان) سر ملي به وڏو ڪيڏ ڪيڏي پئي سگهيا.

ساز: ميسوپوٽاميا جي سازن ۾ Drums, reed pipes, harps, lutes, lyres, شامل هئا. انهن مان اڪثر پاسي وارن ملڪن ۾ به آهن. آفريڪا جا lyres ۽ Lutes عراق جي قديم سازن کان متاثر آهن.ميسوپوٽاميا وارن جي لئي بابت ڪو پتو نه آهي.

آوازي ڍنگ: آواز سوڙهي نالي واري ڪاني جيان تيز ڳُهٽو ۽ شايد همعصر ايشيائي لطافت، جهولي، تاري (Glide)، زيرو بم، ميند، مرڪ وغيره جهڙين خاصيتن ۽ ڪاريگرين سان هجي ٿو ۽ فنڪار / ڳائڻا شايد پنهنجي شديد ۽ دبيل جذبن جا اظهار به ڪن ٿا، ڪن تي ڪُپي جي صورت ۾ هٿ به رکن. جو اڄا تائين به گهٽين عرب لوڪ موسيقي جي صورتن ۾ رائج آهي.

مذهبي موسيقي

سنڌن عميق جو ديوتا Ea موسيقي جو مربي به هو. ايتري قدر جو Ea پنهنجو نالو دهل جي علامت طور لکيو. ڇڻ ته اهو سنڌس روپ هو. دهل، جنهن تي ڏڳي جي کل چڙهيل هئي ۽ Pipe بانسري وغيره جي ڪاني مان ٺهيل هئي انهن جي آوازن کي استعاري طور مضبوط (ڏڳي وانگر) ۽ ڪمزور (ڪاني وانگر) سمجهندا هئا. ساز گهٽو ڪري Ea يا ڏڳي جي تصوير سان سينگاربا هئا. Ramman گوڙ ۽ واءُ جي ديوتا کي آواز ڳائڻ ۽ ڪاني جي بانسري (Hallhallatu) جو مربي سمجهندا هئا. Ishtar جي هڪ نالي جي معني آهي The soft reed pipe ۽ سنڌس ساٿي Tammuz وري سوڪيم ۽ نرم آواز جو ديوتا آهي.

معبد: هر وڏي شهر ۾ معبد هئا، جن ۾ ماهر عباديات/ رسم، عباديات مقرر ڪيل هئا. جن ۾ مکيه هو Precentor (مناجات يا راڳ جو هادي) سميري gala ۽ اڪادي Kalu جو سر سان ڳارائي يا تلاوت ڪرائي. مک هادي کي سميري gala mah ۽ اڪادي Kalu mahhu چوندا هئا.. ڪي سنا پڙهيل ۽ پڄن پاءُ جا ڄاڻو (Kalutu) ٿور وقتا ٿاقيل، پر غيرمقدس، جماعتن جي صورتن ۾ معبد جي ڪيلي (College) ۾ رهندا هئا. اهي معبد جي پڄن/ قوال منڊلي لاءِ ڪلانوت ۽ سازنده رنپائيندا هئا. جن کي سميري Nar۽ اڪادي Naru چوندا هئا. اهي به عباديات ۾ پاڳ ونندا هئا. پر آخرڪار مقدس خدمتن کان هٽي، پشيماني جهڙن خانگي موقعن، ڪفن دفن ۽ جادو جي رسمن ۾ لڳي، سنساري ثقافت جو حصو ٿيا. ٻئي موسيقي جي مقدس ڪرت کي سميري Ilukaka ۽ اڪادي Zammeru چوندا هئا، سي شايد صنفي يا عام موسيقار هئا پر دعاخواني ۽ مناجات وغيره ۾ به ڳائيندا هئا.

Ea سميرين جو مٽي پاڻي ۽ سياڻپ جو ديوتا هو جنهن جو مک مرڪز Eridu هو. هي ڀين ڀن ديوتائن Anu ۽ Enill سان گڏجي سومر جي عظيم طاقت ٿيو. Anu آسمان جو ديوتا Uruk جو ۽ Entil جي بہ آسمان ۽ طوفان جي ديوتا Nipper جو سنپاليندڙ هو.

Ishtar هي وينس سياري جي پيار ۽ توليد جي ديوي آهي، هن جي پرستش سميري، اڪادي، بابلي، اسيريائي، هڪ جيتري ڪندا هئا. هن جو نالو Inanna بہ آهي.

Tammuz يا Dumuzi هي Ishtar ديوي جو سنگي آهي. هي زرخيزي، مقدس شادين، موت جي رسمن جوديوتا هئڻ جي ڪري پاتال يا عالم ارواح جو ديوتا بہ تصور ڪجي.

ميگهہ (راڳڻي)

ڪافي ٺاٽ جي ڪاڊو راڳڻي جنهن جي آروهي امروهي ۾ ڌيوت ورج آهي. ڪرج وادي سر، پنچم سموادي، رکب اندولن ۽ گنڌار گپت (لڪل) آهن. هڪ مت موجب گنڌار ۽ ڌيوت ورج سر آهن، انهي مت موجب ميگهہ سورداسي کان الڳ ٿي وڃي ٿو. سورداسي ملهار ۾ سارنگ جو انگ وڌيڪ آهي. تنهن ڪري هن راڳڻيءَ ۾ ڌيوت گنڌار ورج ڪرڻا پوندا. چتر پنڊت جا اصول رواج ۾ آهن، جنهن موجب ڌيوت بہ گنڌار سان گڏ ورج ڪري ميگهہ ڳاتو ويندو آهي. هن راڳڻي جو مزاج قائم آهي، ان لاءِ بلمپت لئي ۾ ڳائڻ گهرجي.

تان: ري ري – سا – ناسا – ري سا – ري – پا – ماري ري – سا

آمروهي: ساري ماپا – ناسا

امروهي: - سانا پا – ماري سا

وادي سر: ڪرج

سموادي سر: پنچم

وقت: برسات جي موسم

ميگهہ (رنجني)

پيرو ٺاٽ جي اوڊو راڳڻي آهي. پنچم ۽ ڌيوت هن ۾ ورج آهن. ڪتي مڌم هن ۾ ظاهر نظر ايندو آهي تہ للت جي ڏک ڏيندي آهي: پر للت ۾ ڌيوت آهي. هن ۾ ڌيوت ڪو نہ آهي. ڪي گائيڪ هن جي امروهي ۾ تيور مڌم جي لڳي تيز ڪندا آهن، جيڪو درست آهي. چو تہ سنگيت جو قاعدو آهي تہ راڳ جي امروهي ۾ تيزي سان جيڪڏهن ببادي سر لڳايو وڃي تہ ان کي غلط ڪو نہ چئبو هي پيرو جي اصول کان ٻاهر جي راڳڻي آهي جو هن ۾ ڌيوت ڪو نہ آهي.

خاص تان: ني سا- گي ما – گي راگي ما- گي- راسا – ني سا – گي ما – مي ما – راگي ما – گي راسا

آروهي: ساراگي ما – ني سا

امروهي: ساني – ماگي را سا

وادي سر: مڌم

ڳائڻ جو وقت: رات جو پويون پهر

ميلڪم آرنلڊ (برطانوي موسيقار)

مليڪم آرنلڊ 1922ع ۾ انگلينڊ ۾ ڄائو. هي پهريون برطانوي موسيقار هو جنهن کي فلم ”دي بيچ ان دي ريور“ جي موسيقي ترتيب ڏيڻ تي آسڪر ايوارڊ ڏنو ويو. اهو ايوارڊ کيس 1993ع ۾ مليو. ساڳي سال راڻي ايلزبيٿ طرفان کيس سر جو خطاب پڻ ڏنو ويو هو. ميلڪم آرنلڊ پنهنجي زندگي ۾ 9 گيتن ستن رقصن، ٻن ڊرامن ۽ هڪڙي فلم جي موسيقي ترتيب ڏني هئي. پاڻ 24 سيپٽمبر 2006ع تي لنڊن ۾ گذاري ويو.

ناچ (بيان)

ناچ، جسم جو گيت آهي. ناچ ڏسڻ ۾ نهايت طاقتور آرٽ آهي. جنهن جي ذريعي فنڪار پنهنجي جذبن کي تمام گهڻي شدت سان، سچائي سان، روح جي گهرائي سان. لفظن کان بهتر نمونو ٻين تائين رسائي سگهي ٿو. نهايت سولائي سان ثقافتي قدر، جذبا، معنائون، جسم جي مخصوص چرپر سان ادا ڪري سگهي ٿو. پر فنڪار کي پنهنجو وجود، روح، دماغ موسيقي ۽ ردم ۾ تحليل ڪرڻو پوندو. ان لاءِ ناچ کي جسم جو گيت چون ٿا. مذهبي ڏڻ، خوشي جا موقعا، ڏک درد جو وارتائون، عشق جا اوسيئڙا، جدائي جا گهاءَ، مطلب ڪو به اهڙو انساني فطري جذبو رهي نه ٿو جيڪو ناچ ذريعي ادا نه ٿو ڪري سگهجي. علم آثار قديمه جي ماهرن جو چوڻ آهي ته انسان سڀ کان پهريان ناچ ڪيو هوندو، آواز ته تمام دير سان آيو معنيٰ راڳ ته ڄڻ هاڻي ڳائڻ سکيو آهي. ناچ کي غور سان ڏسبو/ پر کبو ته سڄو جسم ان ۾ مصروف عمل نظر ايندو، جنهن کي ماهرن ٽن حصن ۾ ورهايو آهي.

1. انگ: جنهن ۾ مٿو، هٿ، چيلهه، ڇڄي، ٽنگون وغيره.
2. پرتيانگ: جنهن ۾ ڪلها، ٻانهون، پيٽ، ٺونٺ، ڪرائي، مُرو، ران، گوڏو.
3. اپنگ: نظر، ڀرون، ٽنرا، ڳٽا، نڪ، هيٺيون چپ، ڏند، زبان، چهرو، پنبڻيون، ڪاڏي ۽ ڏندن جون مهارون وغيره ناچ ۾ پنهنجي نموني، اظهار جو ذريعو بڻجن ٿا.

ناچو

ناچو لفظ اڪثر ڪري مسلمان ڳائيندڙن لاءِ ۽ ڀڳت هندو ڳائيندڙن لاءِ استعمال ٿيل آهي، جيڪي ٽولن جي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ ڳائيندا رهيا آهن ۽ اڃا به ڳائين پيا. ٽولي ۾ هڪ به سهڻو ڪچي وهي جو ڇوڪرو هوندو اٿن جيڪو نچندو آهي. باقي اڳواڻ گهڻو ڪري باجي تي هوندو آهي. راڳ ڪندو آهي. دوهيڙو ڏيندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن رکو ڪلام مجازي چون. ڪڏهن ڪي سريلا ٽولا دودي چنيسر، عمر مارئي، سسئي پنهون، بانڪي بهرام يا ليليٰ مجني جو قصو ڪٿن. اڳي دلي، يڪتاري، چپڙي تي نچندا هئا ۽ هاڻي پاڻ سان ڍولڪ، هارمونيم به ڪٿن. ڪافيون به ڳائين. منڊل مچائڻ لاءِ پنهنجي محفل جو خاص مدار سازن جي وڄت تي رکيو اٿن. ڇوڪرن جي پيرن ۾ گهنگهرو ٻڌل

هوندا آهن. خاص ناچ وارو ويس ڪندا آهن. 70 – 80 سال اڳ اڪثر ڳيرو چوڪرن کي رنگين ويس پارائي ”پيش وازا“ پهرائي نچڻ سيکاريندا هئا. سندن ڳائڻ کان وڌيڪ سندن تکي تماشي واري ناچ ماڻهن کي گهڻو متوجهه ڪيو. مسلمان ناچن جا ٽولا سنڌ جي مختلف پاڱن ۾ ننڍين ٽوڙي وڏن ڳوٺن ۾ ڳائيندا هئا. الياس پنهور لاڙ وارو وڏو ناچو هو. منو ڪلهوڙو وڏو ناچو هو. مشهور ريڊيو ۽ ٽي وي جو فنڪار سليمان شاهه به وڏو ناچو هو. منو واري وقت ۾ ناچو مڪڻو به ڏاڍو مشهور ٿيو. ان ڪانپوءِ خيرو ۽ خدن بوبڪن جا ڏاڍا مشهور ٿيا. پاڪستان ڪانپوءِ واري دور ۾ ناچن جون جيڪي لاڙ ۾ مشهور ٽوليون ٿيون سي هي هيون:

1. حيدر ڪوسي جي ٽولي 2. عثمان اوٺي جي ٽولي 3. اسحاق ڪاري جي ٽولي 4. صالح جي ٽولي 5. لائق ميراثي جي ٽولي، عمر لوهر ۽ تڳيي جي ٽولي خاص رنگ واري هئي. عمر نچي ڳائيندو هو. تڳيو ”دلي جو ناچ“ ڪندو هو. ڇير ته پگهت ڪنور به ٻڌي. پر پير پير جو ڦيڙ آ. ان کي پرين پرچائڻو هو. هاڻوڪن کي پئسو، وقت ڦريو آ. اتر ۾ ناچو گهٽ آ، نه ته پڳتن سان مقابلي ۾ هوندا هئا. پر لاڙ ۾ ناچو اجا آهي.

ناچن جي ٽولن واري ڳائڻ جي تماشي جا ٽي مکيه پهلو هئا.

1. پيشواز ۽ پاجامائي سازن تي نچڻ 2. نقل نظير ڪٽي ڳائڻ 3. ڪافيون ڳائڻ. هتي اسان جو مقصد ڪافي ڳائڻ وارن ناچن سان آهي. بنيادي طور ناچو يا پڳت ”ٽولي وارو ڳائڻ“ هو. ڪافي ڳائڻ کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويو. سازن جي وڄت سان ڏوهيڙي جي شروعات راڳڻي جي ڪجهه ڇيڙ ۽ ڪافي جو ٿلهه. ايترو حصو اڳواڻي ڪندڙ کي ڳائڻو آهي/ هو. جيڪو پاڻ به وڏو ناچو/ ڳائڻو هجي. ڪافي جي مصرع، هڪ يا ٻن مکيه ناچن کي ڪٽڻي هوندي آهي. ويجهي دور جي ناچن جو مطالعو ڪجي ٿو ته هو نين طرزن ڏانهن گهڻو مائل رهيا آهن. سندن واسطي نالي ماتر شاعرن مجازي عشق جي هلڪڙي ۽ بازاري رنگ جي شاعري ڪئي، جيڪي هي ڦيريون پائي ڳائين ٿا.

لاڙ وارا ناچو گهڻو ڪري پهاڙي جي مقامي رنگ ۾ ڳائين جنهن کي ”لاڙ ڪٽ“ چون.

شادين مرادين تي اڳي ناچن کي گهرائڻ جو گهڻو رواج هو. پر هاڻي گهٽبو ٿو وڃي.

نارائڻي (راڳڻي)

ڪماچ ٺاٺ جي اوڊو ڪاڊو راڳڻي جنهن جي آروهيءَ ۾ گنڌار ۽ نکاد ورج آهن ۽ امروهيءَ ۾ صرف گنڌار ورج آهي. ڳائڻ مهل ٿورو سارنگ سان ملي ٿي پر سارنگ ۾ ڌيوت ورج آهي ۽ نکاد مستعمل ۽ نارائڻي ۾ نکاد ورج آهي ۽ ڌيوت مستعمل.

آروهي: ساري ماپا ڌي سا

امروهي: سانا ڌي پا ماري سا

خاص پلٽو: سا – ناڌي – ماپا – ناڌي پا – ماپا ما- ري – ساري – ماري – ڌي سا

وادي سر: رکب

سموادي سر: کرج

نارومل پڳت (ڳائڻو)

نارو مل 1889ع ڌاري ٽاٽي احمد خان، تعلقو ٽاٽو بولا خان هاٽوڪي ضلعي ڄامشوري ۾ ڄائو. هو واپار ڪندو هو. گهڻو ڪري ان سودرائيندو هو. پاڻ جهانيان پوٽي سيد قطب علي شاهه جو معتقد هو. هي منڊ ۾ مورا ڳائيندو هو. پوءِ صوفياڻي ڪلام ڏانهن راغب ٿيو ۽ لطيف سرڪار ڪي گهڻو ڳاتائين. هي ڪلام ڳائيندي وجد ۾ اچي حال ڪان بي حال ٿي ويندو هو. سندس مشهوري ۽ مقبوليت مني آواز يا راڳ ۾ مهارت سبب ڪا نه هئي. پر سندس جذبي، چيده ڪلام ۽ دل سان ڳائڻ جي ڪري هئي. ڪن سببن جي ڪري، پڇاڙيءَ واري وقت ۾ ٽاٽي احمد خان مان لڏي، ٽاٽي بولا خان ۾ اچي ويٺو. آزاد خيال ۽ بيدپو ماڻهو هو، جنهن ڪري ڪيس سهندا ڪو نه هئا. ڪنور پڳت وانگر هي راڳ جي ڪمائي پاڻ تي ڪتب نه آڻي ها ته اڄا به مقبوليت ٿئيس ها.

نارو پڳت سنڌ ۾ گذشته دور جي صوفياڻي ڪلام چوندڙ پڳتن جو آخري يادگار هو. پيريءَ سبب ڪمزور ٿي ويل هو ته به راڳ تي عاشق هو. 95 ورهين جي عمر ۾ 16 ڊسمبر 1966ع ۾ ديهانت ڪيائين. سندس پٽ ٽيئون وشنو مل به سريلو ڳائڻ تا. نارو مل جي پيءُ جو نالو آلو مل هو.

نائيڪي جو نهرو (راڳڻي)

ڪافي ٺاٽ جي ڪاڊو راڳڻي آهي. آروهي امروهي ۾ ڊيوت ورج اٿس. هي راڳ پور وانگ ۾ سوها لڳندو ۽ اترانگ ۾ سارنگ. هن ۾ گنڌار ڪمپت آهي. باگيسري ۽ ڪوسي ڪي ملائي ٺاهيو ويو آهي.

چال: ساري - پاگا – ماري سا – گا – ماري – سا – ماما – پاگا – ماري- ساري سا – پاپا – گا – ما – سا – ناپا – ماپا – گاما – ناپا- پاگا – ماري – سا – ري ناسا – ري پا – گاماري – پا – گاماري سا

آروهي: ساري گاما پاني سا

امروهي: سانا پا ما – گاما ري سا

وادي سر: مڌم

سموادي سر: ڪرج

وقت: رات جو ٻيو پهر

نٽ بلاولي (راڳڻي)

بلاول ٺاٽ جي راڳڻي آهي. امروهي ۾ بلاول سان ملندڙ آهي. مڌم ڪي هن راڳڻيءَ ۾ ظاهر ڪرڻو آهي. رکب ۽ ڌيوت جي سنگت وڻندڙ لڳي ٿي.

وادي سر: مڌم

سموادي: سا (ڪرج)

خاص تان: ساگي – گي ما – پا ما- ماپاپا- ماگي – گي – ما پا پا- ڌي پا – ماگي ماري سا

آروهي: ساسا – گي ما گي- ماپا ما – ڌي ني سا
امروهي: ساني ڌي – ناپا – ماگي ماري سا

نٽ بلاول (راڳڻي)

بلاول ٺاٺ جي اوڊو کاڊو راڳڻي آهي. مڌم وادي سر اٿس جڏهن تہ نياس يعني ختم ڪرڻ جو سر بہ اهو ئي اٿس. پنڊتن جو چوڻ آهي تہ هي بهادري ۽ شجاعت جي ڪارنامن ڪي ڳائڻ جو سر آهي. آروهي سمپورن جڏهن تہ امروهي ۾ ڌيوت ۽ گنڌار ورج ڪرڻ ضروري آهن. هن راڳڻي ۾ پور وانگ تي زور رهي ٿو. جڏهن تہ ڇايا، ڪامود ۽ اليا جي لهس اٿس.

آروهي: ساگي ما ما – پاماما ما- پاڌي ني سا
امروهي: ساڌي ني پا – ما – ماپا ماگي ما – ساري سا
چال: سا – ما – گي ما – ما پا پا - ماگي ما – ساري سا
ڳائڻ وقت جو: رات

نٽ ملهار (راڳڻي)

کماچ ٺاٺ جي سمپورن راڳڻي آهي. هن راڳڻي ۾ رکب کان پنچم تائين وچي ڌيوت ۽ نکاد ڪي ويرگ ڏيکارٽو آهي. جنهن سان راڳ جي شڪل نهي ٿي. اهڙي طرح ماري پا پا – ڌي ني امروهي هن جي وکر آهي. گنڌار ۽ مڌم جي هميشہ سنگت رهي ٿي. ڪن پنڊتن جو چوڻ آهي تہ نٽ ملهار ۾ گنڌار ۽ نکاد ورج آهن. ۽ ڌيوت ڪي وادي ڪيو وڃي. هن راڳڻي ۾ ڪجھ ڇايا نٽ جي ڇانو ڏئي گنڌار ڪومل لڳايو وڃي تہ نٽ ملهار واضح صورت اختيار ڪندو. هونءَ گوڙ ملهار کان بچڻ مشڪل آهي پر جي خيال ڪجي تہ گوڙ ملهار ۾ ڌيوت ۽ ڪومل نکاد تمام ڪمي سان لڳايو ويندو آهي. پر نٽ ملهار ۾ ڌيوت ۽ ڪومل نکاد ڪي واضح لڳائٽو آهي.

خاص تان: سا – ري گي – ما – ما – گي – پاما – گي ماري – گي ماري – گي ما – گي پاما – گي ري سا - ني – سا – ري گي – ماري سا – ري ني سا – ري گي ما – گي پا – ماگي ماري – پا – ما – گي ماپا ڌي – ڌي پاما – گي ري – سا
آروهي: ساري گي ما – ري پا – ماپا ڌي ني سا
امروهي: مانا ڌي پا – ما – گي ماري سا
وادي سر: مڌم
سموادي سر: ڌيوت

نڙُ (ساز)

نڙ سنڌ جو خاص ساز آهي ۽ ڪافي ڪهنو آهي. اڳي، جڏهن لاريون، موٽرون ۽ ريل گاڏيون نہ هونديون هيون، تڏهن سنڌ جا ماڻهو اٺن تي سفر ڪندا هئا. اهي اٺ هڪ قطار ۾ قافلو ڪري هلندا هئا. اهي قافلا ڪيچ مڪران کان

ڊيبل ويندي ملتان تائين هلندا هئا. انهي قطار جي اٺن جي ڳوڙن ۾ گهنگهرو ٻڌي ڇڏيندا هئا ۽ ڳچي ۾ ڇڙا يا گهنڊ ٻڌندا هئا ته جيئن ڪو اٺ قافلي کان وڇڙي وڃي ته خبر پوي ۽ انهن ڇڙن ۽ گهنگهرن مان هڪ تال ۽ موسيقي پيدا ٿيندي هئي. پوءِ آڏي جو قافلي جو سرواڻ بيت ڏيندو هو ۽ باقي اٺن وارا هو نگارو جهلائيندا هئا. انهي قسم جي بيتن ۽ هونگاري جو مقصد صرف هي هوندو هو ته اٺن وارا غافل ٿي سمهي نه پون ۽ سفر به سولو ٿئي. وري جڏهن قافلي وارا ڪٿي منزل ڪندا هئا ته ڊپ هوندو هو ته متان ننڊ ۾ ڌاڙيل، رهزن يا چور غالب نه پون ته محفل مچائيندا هئا ۽ نڙ ايجاد ڪيائون. وقت متجي ويو مگر نڙ ۽ بيت ڏيڻ جو رواج سنڌي موسيقيءَ جو جز بڻجي ويو. نڙ سنڌ، بلوچستان، ترڪي ۽ ايران ۾ وڄايو وڃي ٿو. ثقافتي طور نڙ تي محبت جا آلاپ آلاپجي سگهجن ٿا. جن ۾ سوز، درد، وڇوڙي جا ورلاپ هجن. نڙ ڪنگور (جي ڪاني) مان ٺاهيندا آهن. سنڌي سوڌي ڪنگور کي وڍي انهيءَ تي ڏاڍا انگ اکر هڻي پوءِ هيٺئين حصي ۾ چار سوراخ ڪدن ٿا. مٿئين منهن کان آڌي ڦوڪ ڏبي ۽ سوراخن تي آنگرين رکي سُر ڪيجن ٿا. پهريان نڙ جي ڊيگهه ڏيڍ فوٽ يا فوٽ هئي. پوءِ اهي نڙ ڊيگهه ۾ ڪجهه وڏا ٺاهيائون جيڪي سچي نڙ مان ٺهيا. ايران ۾ شمس تبريز نڙ کي وجداني ڪيفيت ڏني. سنڌ ۾ شاهه محمد نابينا ڪيس عروج تي پهچايو. نڙ وڄائڻ جون به چالون ٿينديون آهن. هڪ چال جو تار اٺن جي قدم قدم هلڻ وارو. ٻيو تار اٺن جي ڊوڙڻ وارو. جڏهن نڙائي پهريون لهرو وڄائي ٻئي تي لهندا آهن. تڏهن بيتن ڏيڻ وارو ڪن تي هٿ رکي بيت ڏيندو آهي. بيت ڏئي پورو ڪندو ته پڇاڙيءَ واري سٽ تي هو نگاري وارا هونگارو جهلائيندا. سنڌي ۾ گهڻن شاعرن پوءِ نڙ جا بيت چيا آهن. پر ساوڻ فقير سيني ۾ اتامرو آهي. ٻيا ڪي مشهور نالا به آهن.

ڏسڻ ۾ نڙ هڪ سادو پر وڄائڻ ۾ ڏاڍو اوکو ساز آهي. هن ڊگهي ڪاني ۾ چار سوراخ هڪ جيتري فاصلي ٿين ۽ ٻئي منهن کليل رهن. سنڌي ڦوڪ سان ڪو به آواز نه نڪرندو، جيستائين ڪو ڪاريگر فنڪار آڏي ڦوڪ منهن وٽ چپن کي هڪ انداز ۾ جهلي نه ڏيندو. ڊيگهه جي حساب سان هن جا ٻه نالا آهن. هڪ ڪاني، جيڪا ننڍي ۽ سنهي ٿئي ماپ ۾ 12 کان 18 انچ هوندي آهي ۽ ٻيو نڙ، جيڪو ڊيگهه ۾ ٻن فوٽن کان ساڍن ٽن فوٽن تائين ٿئي ٿو. گر سنگيت گهٽو ڪري ڪاني تي ۽ ڦوڪ جا لهرا نڙ تي ڏبا آهن. ايران ۽ ترڪي ۾ ساڳي قسم جي ساز کي نئي (Nai) جي نالي سڏجي ٿو. جنهن کي ترڪي ۽ ايران ۾ وجدي ڪيفيت لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو. ان نئه کي ڇهه سوراخ هوندا آهن.

سنڌ ۾ هڪ ٻيو شاهه محمد کان اڳ جو فنڪار گنهور چوهاڻ هيو جنهن هن جي وڄائڻ جون چالون مقرر ڪيون آهن.

1. سريا روپ: هن ۾ مٿيان ٽي سوراخ بند رکبا ۽ صفا هيٺيون سوراخ کليل رکبو. هي بنيادي گرام آهي، جنهن ۾ ڪلاسيڪي يا نيم ڪلاسيڪي موسيقي وڄائي وڃي ٿي. هي رکب تيور جي بندش ڏيندو، پر جي هيٺئين سوراخ جو اڌ کولبو ته رکب ڪومل جي بندش ڏيندو.
2. ڪٽ: هن ۾ چارئي سوراخ آنگرين سان بند رکبا آهن. هن ۾ گر سنگيت ڳائبو آهي. هي مڌ سپتڪ جو مقام آهي.
3. مرحلو يا مرحالو: هن ۾ مٿان ٻه سوراخ بند رکبا آهن. هن ۾ ڪي خاص قسم جا لهرا وڄائبا آهن. نٽ کان مٿي ڏيوت تيور جو مقام.

4. خراز: هن ۾ صرف صفا مٿيون سوراخ کليو رکبو آهي. هن ۾ منڍ جون ڦوڪون گر وغيره وڄائبو آهي. هي پنچم جو مقام آهي.
5. ڦوڪ: هن ۾ بہ صفا مٿيون سوراخ بند ڪبو آهي ۽ هيٺيان ٽي سوراخ کليل رکبا آهن ۽ مختلف ڦوڪون وڄائبيون آهن. هي مڌم تيور جو مقام آهي.
6. نڙ: مرحلي وانگر مٿيان ٻہ سوراخ بند رکبا ۽ هيٺيان ٻہ سوراخ کليل. پر مرحلو جڏهن مٿين سرن ۾ ڳائبو تہ نڙ وري هيٺين سرن ۾. نڙ هيٺين سر ۾ گنڌار تيور جو مقام آهي.
7. ڦوڪن جو ڪٽ: ڦوڪن وانگر صفا مٿيون سوراخ بند رکبو ۽ هيٺيان ٽي سوراخ کليل رکبا. هن مرحلي تي گلي جو سُر صفا مٿي رکبو. هي ڦوڪ جو صفا مٿيون سرجنهن جو مقام مڌم تيور آهي. مگر گلي جو آواز هيٺين سرن ۾ رکبو.

ياد رهي تہ نڙ جي وڄت سان گلي ۽ نڪ جا گڏيل آواز ڏئي اهي سر نڙ مان ڪڍيا وڃن ٿا. جيڪو صرف ڏسڻ ٻڌڻ سان سمجهي سگهبو. ڇٽڪار هن ساز جي خاص ۽ نرالي وصف آهي. جا سوز جي تاثر کي وڌائي ٿي.

نڙ سنگيت ۾ وڄائڻ جا ٻہ نمونا آهن. هڪ گر جنهن کي ”پيار جي غنائي احساس جو اهڃاڻ“ ۽ ڦوڪ جنهن کي ”پيار جي پڪار جو اهڃاڻ“ سڏجي ٿو. نڙ رات جو وڄايو ۽ ڳاتو ويندو آهي. جو ان وقت سڪون ۽ سانت هوندي آهي. بهرام جمالي پهريون نڙ جو فنڪار ڄاتو وڃي ٿو جيڪو ڳوٺ ليارِي تعلقو ميرپور بٺورو ضلعي ٺٽي جو وينل هو. جنهن نڙ وسيلي پنهنجو پيار پاتو. هن کي صابل نالي عورت سان پيار هو. جيڪا سندس نڙ جو موضوع بڻي. ان لاءِ هن وڄائڻ واري نموني کي صابل جون ڦوڪون جو نالو ڏنو ويو. جيڪو ناري جي نڙ جو بنيادي عنصر ٿي رهيو.
ناري جو نڙ: هي نڙ وڄائڻ جو ”نمونو ناري جو نڙ“ (ضلعو سانگهڙ) جي نالي سان مشهور آهي. بهرام جمالي، مولا داد لغاري، گولو جهولڻ، بخشل بالادي هن اسڪول جا خاص وڄائيندڙ هئا. بهرام ۽ صابل جو قصو هن اسڪول سان لاڳاپيل آهي. اهڙي طرح لاڙ جو نڙ – جاتي جو نڙ، اتر جو نڙ وغيره. نڙ وڄائڻ جا مختلف نمونا آهن. جيڪي اڄ تائين رائج آهن.
نڙ تي ديسي، راڻو، ڪوهياري، پرياتي وغيره راڳڻيون ڳاتيون وڃن ٿيون.

نظر محمد چنو (راڳي)

استاد محمد صالح ساند پنهنجي انٽرويو ۾ چيو آهي تہ منهنجا ڪوڙ شاگرد آهن انهن ۾ نظر محمد چنو سيني ۾ اڳرو آهي. ڪيس راڳ ۽ لئي جي وڏي ڄاڻ آهي. هو بہ ائين آواز ۾ رس گهٽ پر ڄاڻ ۾ واقعي استاد هو. فدل تمام سٺي وڄائيندو هو. پاڻ 1940ع ۾ پاٽ ضلعي دادو ۾ ڄائو. ڪافي عرصو دادو سيشن ڪورٽ ۾ ناظر هو. اتان نوڪري ڇڏي پيارو ڳوٺ شگر مل ۾ پرتي ٿيو. مل ويهي وئي تہ ميهڙ ۾ نوٽري پبلڪ ٿيو بعد ۾ دادو جا وڻ وسايا راڳ جي لغار ننڍڙي ڪان هوندي هيس. استاد محمد صالح ساند جو شاگرد ٿيو. 15 ورهيہ ان جي خدمت ڪيائين.

استاد جي وفات ڪانپوءِ ڇڻ دادوءَ جو صالح ساند هو. شاگردن ۾ خادم سخيراڻي، بسنري نواز شبير عمراڻي ۽ ڪافي ٻيا اٿس. پاڻ پوياڙي ۾ دم جو مريض ٿي پيو ته به محفل ۾ ويهندو ضرور هو. پاڻ 2004ع ۾ وفات ڪري ويو. پويان چار پٽ ۽ چار نياڻيون اٿس ڪنهن جو به راڳ ڏانهن لاڙو ڪونهي.

نصرت فتح علي (راڳي، قوال)

نصرت فتح علي 13 آڪٽوبر 1948ع پنجاب جي شهر فيصل آباد ۾ ڄائو. سندس والد فتح علي خان به وڏو قوال هو. جنهن نصرت کي ڊاڪٽر يا انجنيئر ٿي ڏسڻ چاهيو ٿي ڇو ته هن محسوس ڪيو هو ته معاشري ۾ قوال جي ڪهڙي حيثيت آهي؟ پر نصرت پنهنجي اباڻي ڌنڌي تي لڳي ويو. فيصل آباد ۾ بي – اي ڪيائين. فتح علي ڪيس قوالي کانسواءِ ڪلاسيڪي موسيقي جي سکيا ڏيڻ شروع ڪئي. سندس آواز ۾ رس هو. 1964ع ۾ استاد فتح علي خان وفات ڪئي ته هن استاد مبارڪ علي خان کان ڳائڻ پڙهايو. 1965ع ۾ نصرت فتح علي ”نصرت فتح علي خان مجاهد مبارڪ علي خان اينڊ پارٽي“ جي نالي سان هڪ قوال گروپ جوڙيو. جنهن جو پاڻ اڳواڻ هو. لاهور ريڊيو هر جشن بهاران جا پروگرام ڪندو آهي، سندس گروپ ان پروگرامن ۾ حصو ورتو ۽ ڪين رڪارڊ ڪيو ويو. پوءِ ڪيترائي سال انهي گروپ جي بينر هيٺ هن پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندي پاڻ کي ويهين صدي جو وڏو قوال مڃرائي ورتو. هن اردو پنجابي ۽ فارسي ۾ تمام گهڻو ڳايو. سندس انداز ته قوالي جهڙو هو پر موضوع عشق محبت، غم، اندوهه، ڏک وغيره هئا. سنگيت ۾ مشرقي سازن کان سواءِ مغربي سازن کي به گڏ ڪنيائين. لئه تال جو تمام پڪو ۽ آواز ۾ خاص درد ۽ پيڙا هيس. 1971ع ۾ سندس والد ۽ چاچي وفات ڪئي ته هن انهي قوال گروپ کي توڙي ڇڏيو. دم مست قلندر علي علي، سندس پهريون ڪلام هو جنهن ۾ هن گائيڪي جو زبردست انگ رکيو ۽ ڪلام ڏاڍو مقبول ٿيو. 1983ع ۾ هو ٽي وي تي آيو. 1995ع ۾ هڪ ڪئناڊا جي گٽارسٽ مائيڪل بروڪ سندس ڪلام کي رڪارڊ ڪري مغرب پهچايو. اتي سندس ڪلام تمام گهڻو مقبول ٿيو. ايڊي ويسٽرن سان گڏ هن مشرقي ۽ مغربي موسيقي کي گڏي ڪجهه ڌنون ٺاهيون ۽ البم ڪڍيا. انهن ۾ ”ڊيڊ مين واڪ“ تمام گهڻو مشهور ٿيو. يورپ ۾ سندس نالو وڃڻ لڳو. مغرب ۾ سندس مقبوليت ۾ پيٽر گريبل (دوست) کانسواءِ هڪ ٻئي البم دي ”لاسٽ ٽيمپيٽيشن آف ڪريسٽ“ (The Last Tempestation of Crest) جو تمام وڏو هٿ هو. گريبل سندس ڪلام جا 5 واليوم ريئل ورلڊ (Real World) جي سري هيٺ رليز ڪيا. جيڪي يورپ ۽ آمريڪا ۾ تمام گهڻو مشهور ٿيا. هاڻي هو ڇڻ مشرقي ۽ مغربي موسيقي جي امتزاج جو ڳائڻو ليکجڻ لڳو ۽ اهو اعزاز اڄ تائين هندستان ۽ پاڪستان جي وڏي کان وڏي فنڪار کي به نصيب ٿي نه سگهيو. توڙي روي شنڪر، الهه رکيا خان ۽ ٻيا ڪي مغرب سان وابسته رهيا، پر ڪو به ڳائيندڙ انهي درجي کي ڇهي به ڪو نه سگهيو. سندس ڪيترائي البم نڪتا. هن اردو غزل کي به پنجابي ثقافت جي انداز ۾ ڳايو. سرائيڪي ڪلام ڳايو. سندس نالو گنيز بڪ ۾ دنيا جي وڏي قوال طور شامل ٿيو. جو هن جا 125 البم رڳو قوالي جا رليز ٿيا. 11 آگسٽ 1997ع تي بڪين ۽ جيري ۾ خرابي سبب بيمار ٿي پيو. سندس بڪيون بدلايون ويون ته 16

آگسٽ تي سندس دل اوچتو بيهي وئي. لنڊن کان سندس لاش آڻي فيصل آباد ۾ دفنايو ويو تہ سون جي تعداد ۾ مغربي موسيقار ڪلهي ڪانڌي ٿيس. هزارين مغربي ۽ مشرقي پرستارن اوڇنگارون ڏئي رنا.

نڪشتر تال (وڄت)

هي 27 ماترائن ۽ نون ضربن جو تال آهي. جيڪو پورن نون حصن ۾ ورهايل آهي. هر هڪ حصي ۾ ٽي ٽي ماترائون ڏنل آهن. سم کان سواءِ 4، 7، 10، 13، 16، 19، 22 ۽ 25 ماترائون تالون آهن.

ڌاڌن نڪ — تڪ ڌن نڪ — ڌا ڪٽ تڪ

ڌم ڪٽ تڪ — نگ ڌن نگا — تڪ ڌن نا

ڪڙڌا تگ نگ — تاڪي تڏ ڪٽ — ڪڙان ڪڙان ڌا

نغارو (ساز)

نغارو عربي لفظ نقاره تان ورتل آهي. هي ڪنالي، پيالي يا نادي جي شڪل جو مٽيءَ يا ڪاٺ جو ٺهيل، اندران پورو ٿئي. ان جي مٿان ڪنارن وٽ، ڪليل منهن مٿان سوڏيل / ڪمايل کل جيڪا اٺ يا ڍڳي جي ٿئي چاڙهين کل کي سوراخ ڪري ان مان چمڙي يا سٽ جون مضبوط طنابون هيٺ تري ۾ پورو چوٽ نموني ڇڪي ٻڌن. نغارن جي جوڙي ٿئي. هڪ نر جنهن جو آواز ٿلهو ۽ جهڪو ٿئي انکي "بم" بہ چون. ٻي مادي، جنهن جو آواز سنهو ۽ تکو ٿئي ان کي "زيل يا زير" ڪري چون. بہ ڏونڪا ڪاٺ جا ٺهيل مٿ وٽ ٿورا وريل يا مڙيل هوندا آهن. انهن کي هٿ ۾ جهلي نر ۽ ماد جي مختلف هنڌن تي ضرب هڻڻ سان، يا هوريان ڌاڌيان ڌڪ هڻڻ سان تال ويهي ڪدن.

سنڌ ۾ محرم مهيني ۾ علم لهڻ کان نغارا وڄائڻ شروع ڪندا آهن. نغاره گهڻو ڪري معمولي حالتن ۾ صبح جو سويل، منجهند جو ۽ رات جو دير سان وڄائيندا آهن. پڙ اچڻ مهل "يا حسين" ۽ پڙ جي ترسڻ مهل "ڌڌ" ۽ پڙ جي هلڻ مهل "تاهو" وڄائيندا آهن. نغارن وڄائڻ جو رواج ملتان کان آيو. گهڻو ڪري هر پڙ تي ٽي چار جوڙيون نغارن جون ضرور هونديون آهن. وڄائڻ وارا بہ استاد ۽ ڪاريگر ٿين (ڪن جو احوال الڳ ڏيون ٿا) نغارن ۾ ڪل ڇهہ تال وڄائيندا آهن. جن مان پهريون "يا حسين" وڄائيندا آهن جنهن ۾ ڇهہ ماترائون ٿينديون آهن. جن جا ٻول هي آهن: ڌا — ڌنا — ڌاڪتا. يا حسين ڪانپوءِ پنجن تنن جي وڄت وڄائيندا آهن. هن تال ۾ بہ ڇهہ ماترائون ٿينديون آهن. جن جا ٻول آهن: ڌا —ڌنا — ت — نا — ل — ٽ، جنهن ڪانپوءِ "حسن حسن" وڄائيندا آهن. جنهن ۾ ٻہ ماترائون جنهن جا ٻول آهن ڌن — نا. ان ڪانپوءِ تاهو وڄائيندا آهن. تاهوءَ ۾ پنج ماترائون ٿين، جن جا ٻول آهن ڌنا — ڌا — تان — تان — تاهو پڙ جي رخصت ٿيڻ مهل وڄائيندا آهن. آخر ۾ لولي وڄائيندا آهن، جنهن ۾ يارنهن ماترائون ٿين. لوليءَ جا ٻول هي آهن. ڌا — ڌا — ڌي - ڌانا — تڪ — تات — نا — ڌي

نغاري وڄائڻ وارا هر تال تي چوٽون ۽ ٺڪا بہ رکندا آهن. ڏهي جو سڄي ڏينهن پڙن تي "ڌڌ" وڄائيندا آهن. پڙ هلندي دهلاري يا نغاري وارا "يا حسين" يا ڌڌ وڄائيندا هلندا آهن. ٻهراڙين ۾ ڏهي جي ڏينهن جيڪا ٻانهن تي پٽ ڪندا آهن، انهيءَ تي بہ ڌڌ وڄندي آهي. زالون جيڪي پڙ چونديون آهن، انهيءَ تي بہ ڌڌ وڄندي آهي.

نفيل (ساز)

هي جانور جي سنگ مان ٺاهيل آهي. چوٽيءَ وٽان سوراخ ڪري چپن جي ڦڙڪن يا ڦوڪر سان سنگ جي ٻئي پاسي آواز نڪرندو آهي. هوا جي زور سان هي هلڪو يا تکو آواز ڪري سگهبو آهي. هي قديم ساز اڳ ۾ مخصوص حالتن ۾ وڄايو ويندو هو. جيئن خطري جي حالت. حملي جي حالت وغيره. مگر هاڻي فقير به ان کي استعمال ڪن ٿا. کي فقير هن کي جوش مان به وڄائين ٿا. هن مان ڪو به سمجهه ۾ ايندڙ آواز ڪو نه ڪڍي سگهبو آهي. نڪو وري سنگت ۾ ڪنهن ساز سان وڄائي سگهبو آهي. مگر قلندر جي ڌمال ۾ جڏهن ڌمال ترنگ ۾ ايندي آهي ۽ نغارن جي لئي تکي ٿيندي آهي تڏهن قلندري فقير موج ۽ مستيءَ مان هن ساز کي توتاري وانگر ڊگهو آواز يا هڏکي وانگر رکي رکي وقفي سان آواز سنهو يا ٿلهو ڪري ڪڍندا آهن ۽ نچندا به آهن. هاڻي هي قلندري فقير ڪٺي گهمندا آهن. هنکي ناديا سنگڙي به چون. سنگڙي ننڍي ٿئي ۽ ناد وڏو ٿئي. ڪا خاص ڊيگهه ويڪر مقرر ڪو نه آهي.

نوا هائي راز (ڪتاب)

اداره ثقافت پاڪستان اسلام آباد طرفان سازن تي هي ڪتاب افضل پرويز صاحب جو لکيل آهي. هن ۾ قديم ۽ جديد سازن بابت ڄاڻ ڏنل آهي. جن سازن بابت ڄاڻ ڏني وئي آهي، سي هي آهن: اڪتارو، بلوچي دنبورو، چڪاري يا مڌم ستار، چترالي ستار، رباب، چڪارو، رباب، سارنگي، بلوچي سرود، گهگهو بوڙيندو، بانسري، الغوزه، بين، پونگي، مرلي، شرنائي، ڪرتال، چمٽو جهانجهه، گهڙو، دهل، ڍولڪ، دڦ، نغارو، نوبت، تانپورو، سرمنڊل، سنتور، رباب، وچتروينا، دلربا، هارمونيم، وائلن، بينجو وغيره. هن ۾ ڪل 144 صفحا آهن. ڪن سازن جون تصويرون به ڏنل آهن. اردو ۾ لکيل هي ڪتاب گهٽو ڪري پنجاب ۽ ڪشمير جي موسيقي جي پس منظر ۾ لکيو ويو آهي. ان لاءِ ڪيترين ڳالهيون اڌوريون ۽ مبهم آهن. پوءِ به سٺي ڪاوش آهي.

نوبت (ساز)

هي شاهي آرڪسٽرا سمجهڻ گهرجي. پراڻي زماني ۾ بادشاهن وٽ نوبت وڄندي هئي. پوءِ ڪن درگاهن تي به نوبت وڄندي هئي. هن ۾ 2 شرنايون وارا، 2 نغارچي هڪ جهانجهه وارو، هڪ قرناءِ (شرناءِ جو قسم)وارو، هڪ دهل وارو، هڪ خدمتگار ۽ هڪ جمعدار (وڏو)، اهي نوَ ماڻهو مقرر ٿيل هوندا هئا. هي شان شوڪت جو نشان آهي. اڳ بادشاهن وٽ هر پهر تي نوبت وڄندي هئي.

ملڪ ترنم نورجهان (گائڪ)

ملڪ ترنم نورجهان 21 سيپٽمبر 1926ع ۾ قصور شهر جي محلي ڪوٽ مراد خان ۾ پيدا ٿي. سندس پيءُ جو نالو محمد علي ۽ ماءُ جو نالو فتح بي بي هو. ڳائڻ وڄائڻ سندس خاندان جو موروثي پيشو هو. پيدائش وقت سندس نالو الله وسائي رکيو ويو. ملڪ ترنم تي اهو نالو سندس پڦيءَ الاهي جان رکيو. پنجن سالن جي عمر ۾ سندس راڳ داريءَ جي سکيا جو سلسلو شروع ٿيو. غلام محمد عرف گامي خان سارنگي نواز کي سندس استاد مقرر ڪيو ويو.

ملڪ ترنم ڪان اڳ ۾ سندس ٻه ڀينرون عيدن ٻائي (مشهور شاعر تنوير نقوي جي گهر واريءَ) حيدر بانو ۽ هڪ مائٽياڻي پشپا راڻي لاهور جي ٿيٽر ۾ ڪم ڪنديون هيون. ملڪ ترنم پهرين پرفارمنس ستن سالن جي عمر ۾ لاهور ۾ مهابير ٿيٽر ۾ ڏني. ان دوران الله وسائي کي سندس پيءُ مشهور موسيقار بابا جي اي چشتيءَ وٽ وٺي ويو. ڪيس الله وسائيءَ جي سرپرستيءَ لاءِ منٿ ڪئي. جي اي چشتي جيڪو ان وقت جينافون رڪارڊنگ ڪمپني ۾ ملازم هو. نورجهان جي آواز ۾ نعت جو هڪ رڪارڊ ”هنستي هين ستاري يا شاهه مدينه“ تيار ڪيو. سندس خوبصورت آواز ۾ رڪارڊ ٿيل ان نعت تمام گهڻي مقبوليت ماڻي.

لاهور ۾ مقبول ٿيڻ کانپوءِ نورجهان، حيدر بانو ۽ عيدن ٻائي ڪلڪتي روانا ٿيون. ڪلڪتو ان وقت اسٽيج ۽ فلمن جو مرڪز سمجهيو ويندو هو. ڪلڪتي جي ٿيٽر ۾ ان وقت مختار بيگم چانيل هئي. مختار بيگم ڪورنٿن ٿيٽر ۾ ڪم ڪندي هئي. جنهن هنن ٽنهي ڀينرن جي ملازمت جو بندوبست پڻ ساڳئي ٿيٽر ۾ ڪيو. پنجاب سان تعلق هجڻ ڪري ٽئي ڀينرون ”پنجاب ميل“ جي نالي سان سڃاڻڻ لڳيون. ڪورنٿن ٿيٽر جي مالڪ سک لال ڪرناڻي ملڪ ترنم جو نالو الله وسائي مان تبديل ڪري ”بي بي نورجهان“ رکيو.

نورجهان جي پهرين فلم بطور گلوڪاره شيلا ”عرف پنڊ دي ڪڙي“ هئي. جيڪا 1935ع ۾ تيار ٿي ان فلم ۾ 9 سالن جي عمر ۾ هڪ پنجابي گانو ”لنگهه آجا پتن چنا دايار“ ڳايو. ان فلم جو موسيقار ۽ هيرو استاد مبارڪ علي خان هو.

نورجهان جي پهرين شادي فلمساز ۽ ڊائريڪٽر شوڪت حسين رضوي سان 1942ع ۾ ٿي. شوڪت رضوي مان ڪيس ٻه پٽ اڪبر رضوي، اصغر رضوي ۽ هڪ ڌيءُ ظل هما پيدا ٿيا.

پاڪستان قائم ٿيڻ کانپوءِ نورجهان پنهنجي ڪٽنب سميت هندستان کي خير آباد چئي پاڪستان آئي ۽ لاهور ۾ آباد ٿي. گهريلو اختلافن ڪري نورجهان ۽ شوڪت رضوي جي وچ ۾ سال 1961ع ۾ عليحدگي ٿي وئي. نورجهان ٻي شادي فلمي هيرو اعجاز دراني سان ڪئي، جنهن مان ڪيس ٽي ڌيئرون حنا، شازيه ۽ نازيه آهن.

1985ع ۾ نورجهان دل جي مرض ۾ مبتلا ٿي. سندس علاج تي تقريبن چار ڪروڙ رپيا خرچ آيو. سندس زندگي جا آخري 4 سال ڪراچي ۾ دل، شگر ۽ گڙدن جي بيماري جي علاج ۾ گذريا.

هڪ ڀرپور زندگي گذارڻ کانپوءِ ملڪ ترنم 23 نومبر 2000ع تي ملڪ الموت جي هٿان زندگي جي جنگ هارائي وئي. ڪيس 27 رمضان (شب قدر) ڊفينس ڪراچي جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

1965ع جي جنگ دوران ڳايل قومي نغمن جي صلي ۾ فيلڊ مارشل ايوب خان ڪيس ملڪ ترنم جو خطاب ۽ حسن ڪارڪردگي جي اعزاز سان نوازيو.

نورجهان سنڌي فلمن لاءِ ٻه ڳايو جيئن ”اڄ راڻا رهه رات تنهنجي چانگي“ اي ڪاش محبت جو سورج نه هي نڪري ها.

نورجهان جي خاندان مان سندس ڌيءُ ظل هما گلوڪاري سان ۽ سندس پوٽي سونيا جهان اداڪاريءَ جي شعبي سان وابسته آهن. سندس هڪ ڀائٽي عذرا جهان ۽ ان جي ڌيءُ صائمه جهان به ڳائينديون آهن.

نورجهان پاڻ کي خان صاحب بڙي غلام علي خان جي شاگرد سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪندي هئي. جڏهن ته بابا جي اي چشتيءَ جو تمام گهڻو احترام ڪندي هئي. ايتري قدر جو ان جي پير ۾ جتي به پاڻ پارائيندي هئي. مختار بيگم نورجهان جي آئيڊيل فنڪاره هئي.

نورجهان جي آواز ۾ ڪجهه مشهور گانن جا ٻول

1. ڪس طرح ڀولي گا دل – گائون ڪي گوري – 45 – شيام سندر
2. جوان هي محبت – انمول گهڙي – 46 – نوشاد علي
3. ميري بچپن کي ساٿي - - -
4. آواز دي ڪهان هي - - - -
5. يهان بدلا وفائون ڪا – جگنو – 47 – فيروز نظامي
6. تم زندگي ڪو غم – دوپٽہ – 52 – فيروز نظامي
7. چاند هنسي دنيا بسي – انتظار – 56 – خورشيد انور
8. دل ڪا ديا جلايا – ڪوئل – 1959 – خورشيد انور
9. مدت هوئي هي يار ڪو – غالب – 61 – تصديق حسين
10. ڪچهہ بهي نہ ڪها – عذرا – 61 – ماسٽر عنايت حسين
11. مجهہ سي پهلي سي محبت – قيدي – 62 – رشيد عطري
12. دل کي افساني – باجي – 63 – سليم اقبال

مددي ڪتاب:

1. جهان فن (ظهور چوڌري)
2. سرچايا (علي سفيان آفاقي)
3. سرسنسار (شهباز علي)
4. نورجهان ڪي زندگي (طفيل اختر)
5. نورجهان فن کي آئيني مين (ياسين گوريجہ)

نور شاهه (ڪافين جو ڳائڻو)

هن صديءَ جي شروعات ۾ نور شاهه، وينل قمبر، هٽڙي واري غلام شاهه جو ٻالڪو هو. جوانيءَ ۾ ئي قمبر ڇڏي اچي ٽنڊي الهيار ۾ رهيو. ان ڪانپوءِ مير محمد بخش وٽ ٽنڊي غلام علي ۾ رهيو. اتي ئي وفات ڪيائين. سندس دور 1890 – 1955ع سمجهجي. پاڻ يڪتاري ۾ ڪلواڙي جي تار تي مٽي چوٽ واري آواز ۾ ڳائيندو هو. سندس آواز تمام گهڻو مٺو هو، پر ان ڪان وڌيڪ ته ڪلواڙي کي يڪتاري ۾ نهايت چٽو، مٺو ۽ سهڻو ڪيائين.

يڪتاري سان هڪ ٻه دلا به وڄرائيندو هو. آچر فقير سندس استاد هو ۽ ساڻس گڏ ڳائيندو هو. پيروي ڳائڻ تي وڏي دسترس هئس، هن جهڙي پيروي وري ڪنهن نه ڳاتي. مصرع ۾ ڏوهيڙا موافقت سان ڏيندو. لطيف سائين، سچل سائين، غلام شاهه ۽ ٻين گهڻن شاعرن جو ڪلام ياد هئس. سندس شاگردن جو انگ تمام گهڻو هو. ڪجهه ڏجن ٿا. محمد رازو خاصخيلي ٽنڊو غلام علي، چاڳو شيدي شهر ٽنڊو، ميهرو مگڻهار ٽنڊو الهيار، ياقوت شيدي ٽنڊو الهيار، مجنون ٻالو ٽنڊو الهيار، ابراهيم چڪي جو، بچو شيدي ڳوٺ ٻيراڻي جو. لاڙ ۾ سندس دور ۾ ٻيا هي ڳائڻا هئا. 1. دين محمد شيخ 2. ڪرم نظاماڻي 3. جنداري شيدي اصل بهاولپور پنجاب جو هو. سيد شريف شاهه وينئل ڳوٺ ڪمال خان لنڊ تعلقو جوهي. حافظ محمد اسحاق وينئل تلتي. پويان ٻئي جاڏايل فنڪار سوز بدران ساز جو سهارو وٺندا هئا.

نور محمد ڪنير ۽ مير محمد ڪنير (پڳت)

ميرل ۽ نورل پنهنجي دور جا وڏا پڳت هئا. هندن جي وڃڻ ڪانپوءِ به پڳت کي ڪافي عرصو زنده رکندا آيا. نورل جي مرڻ کان پوءِ ميرل دادوءَ جي پراڻي چوڪ ۾ ڪپڙي جو دڪان کوليو. نورل 1890ع ۾ ڳوٺ محب علي چانڊيئي تعلقي دادو ۾ ڄائو. 1977ع ۾ وفات ڪيائين. ميرل جي وفات 1991ع ۾ ٿي. ٻئي ڀائر گڏجي پڳت وڄهندا هئا. پڳت جي انداز ۾ ڳائيندا هئا.

نورونتي (راڳڻي)

پيروي ٺاٽ جي کاڊو راڳڻي آهي. جنهن ۾ رکب ۽ نکاد ڪومل ۽ مڌم جو سرورج آهي.

تان: ساري گا پا — ڌاني ڌا پا — گاري گا — پاگاري —سا — ڌاني ساري — گاپا ڌاني — ڌاپا گاپا — گاري — سا

آروهي: ساري گا پا ڌاني سا

امروهي: ساني ڌاپا گاري سا

وادي سر: گنڌار

سموادي سر: نکاد

وقت: صبح

ني / نوا (ايراني ساز)

هي سنڌ جي نڙ جهڙو ڦوڪ وارو ساز ايران جو ڪهنو ساز آهي. جلال الدين رومي، ايران جو صوفي شاعر هن ساز کي وڄائي، وجد ۾ اچي نچندو هو. هن ساز جون مصر جي اهرامن ۽ ار (عراق) جي کوٽائي مان مهرن تي اڪريل تصويرون مليون آهن. عالمن اندازو ڪيو آهي ته 4500 – 5000 ق-م هي ساز دنيا جي مختلف حصن ۾ باقاعده وڄايو ويندو رهيو آهي. ني بانس، نڙ يا اڄڪلهه مختلف ڌاتن جي ڊگهي ڪاني يا گول ڌاتو ڏانڊي جيڪا اندران پوري ٿئي، ان مان ٺاهيو ويندو آهي. ڊگهائي عام طور 2 فوٽ ۽ ڪن حالتن ۾ اڍائي کان ٽن فوٽن تائين ٿئي ٿي. سڌائي ۾ مٿان کان منو فوٽ ڪن ڇڏي پنج، ڇهه سوراخ نڪتل ٿين ٿا. مٿيون ۽ هيٺيون سرو کليل هوندو آهي. مٿين سري تي

چپ رکي هڪ خاص انداز ۾ ڦوڪ ڏيڻ سان ڳڻ گلي جو آواز به شامل ڪبو آهي، جيڪو اصل هوندو آهي. سوراخن تي آڱرين رکي مختلف سر ڪڍيا آهن. ني ايراني لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي. صدا عربي ۾ هن کي قصبه به سڏين، مصر جي اهرامن ۾ 3000- 2500 ق – م ۾ ني جون تصويرون اڪريل ملن ٿيون. هي صوفين جي پسند جو ساز آهي. جو هن ساز جي ڦوڪ ۾ عجيب سوز ۽ گداز ٿئي ٿو. عربي ۽ ترڪي ني ۾ ست سوراخ ٿين ٿا. جن مان هڪ سوراخ هيٺان ٿئي (جيئن پاڻ وٽ شرناءِ ۾) جنهن کي آڱوٺي سان بند ڪندا آهن. هر هڪ سوراخ کي پنهنجو پنهنجو الڳ سر ٿئي. هيٺين سوراخ (ٻاڀيهو) کي چار مختلف سر مٿين سرن سان وابسته ٿين.

عربي، ايراني ۽ ترڪ فنڪار "ني" جي مٿئين ڪليل سوراخ وٽ پنهنجا چپ رکي اندر ڦوڪ ڏيندا آهن ۽ گلي جو آواز شامل ڪري مخصوص آواز پيدا ڪندا آهن. ايراني فنڪار گهڻو ڪري ني جي مٿئين منهن کي ڏندن ۾ ڦاسائي ڦوڪ ڏئي گلي جو آواز ملائيندا آهن. جديد ايراني ني کي پنج سوراخ ٿين ٿا. موسيقار ني کي هيٺين ڏندن ۽ چاڙي تي رکي سڌي اندر ڦوڪ ڏين ۽ گلي جو آواز ملائين. ايراني وڄت جي آواز جو نمونو عربي ۽ ترڪي آوازن کان ڪجهه مختلف ٿئي ٿو. ني جي آواز ۾ عجيب سوز ۽ درد ٿئي ٿو. هي ساز ايران ۾ اڄا به انهيءَ ئي موج مستي سان وڄايو وڃي ٿو. جهڙي طرح سنڌ ۾. پر سنڌ ۾ نڙ جي وڄائڻ وارا پوين پساهن ۾ آهن. اسان جڏهن ناڙي ڳوليا (2006) ته اسان کي ٻن ٽن نالن کانسواءِ باقي خير مليو. پر ايران ۾ چڱو تعداد اڃا به موجود آهي.

نياز حسين خان، استاد (گائيڪ)

استاد نياز حسين خان، محمد ابراهيم المعروف بي بي خان جو پٽ، جيڪو گواليار گهراڻي جو وڏو گائيڪ هو، 24 جنوري 1936ع ۾ ڪراچي ۾ ڄائو. سنڌي فائنل الفاروق مسلم پرائمري اسڪول ڪاهي روڊ حيدرآباد مان پاس ڪيائين ۽ وڏن جي ڪرت کي لڳي ويو. موسيقي جا وڏا نالا سندس گهر ۾ موجود هئا، سندس والد استاد بي بي خان هندستان جي گواليار گهراڻي مان مشهور گائيڪ هو. سندس استاد ۽ رهبر ٿيو ۽ سندس چاچي مبارڪ علي خان کان به هن ڪلاسيڪي موسيقي ۾ شاگردي ورتي. انگريزي موسيقيءَ ۾ محمد عثمان صاحب کان گهڻو ڪجهه سکيائين. شاهه جي راڳ تي جڏهن محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان تحقيق جو ڪم تي ڪيو ته استاد منظور علي خان سان گڏ استاد نياز حسين کي به ڪنيائين ۽ اتي غلام شاهه جيڪو شاهه جي راڳ جو تمام گهڻو ڄاڻو هو، ان کان سکيو. استاد ڪيترن ئي سازن تي مهارت رکندو هو، جن ۾ وائلن، اڪارڊين، بينجو، ستار، گٽار، وچترروينا، پيانو ۽ هارمونيم وڄائي ويندو هو. 1955ع کان ريڊيو حيدراباد سان وابسته رهيو ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين ساٿ ڏنائين. موسيقي جا 2500 ائٽم ريڊيو حيدرآباد جي لائبريري ۾ سندس نالي محفوظ آهن. ريڊيو تان سندس مشهور پروگرام ريڊيو ميوزڪ اسڪول، ساٿيهه جا سينگار، راڳ پهيلي ۽ سڳنڌ مشهور هئا. ڪيس راڳ مالڪونس، ڀوپالي، راڻو، سنڌڙو، تلنگ، ڀيروي، لوڙائو ۽ ميان جي ٽوڙي تي ملڪو حاصل هو. سندس شاگردن جو وسيع حلقو هو، جن مان محمد يوسف، جمال صديقي، بي برنالڊ ببي، شازيه خشڪ، پريوش پٽو، باري ابڙو، مهتاب بلوچ، سحرش ميمڻ، مسعود رانا، حب

علي، ذوالفقار علي، نذر حسين، مظهر حسين، امانت علي، حميد علي خان، فتح علي خان، بخش وزير، محمود علي (نعت خوان) محمد اشرف گوڏر والا، عبدالغفار، بيدل مسرور، نصير مرزا، جهانگير قريشي، ارشاد اعوڻ ۽ اعجاز عليم عقيلي مشهور آهن. استاد نياز ريڊيو جي 38 سالن ۾ ڪافي فنڪار متعارف ڪرايا جن ۾ عابده پروين، وحيد علي، علڻ فقير، مائي ڀاڳي، نور بانو، فوزيہ سومرو، زرينہ بلوچ، بشارت علي شاهہ، سحرش ميمڻ وغيره اهم آهن ۽ سنڌ ۾ سندن وڏو نالو آهي. هن ڪيترائي ايوارڊ بہ مجتا طور ماڻيا، جن ۾ پي ٽي وي ميرٽ سرٽيفڪيٽ، لعل شهباز ايوارڊ، سچل سرمست ايوارڊ وغيره.

پاڻ 7 فيبروري 1992ع جمعي جي رات اٺ لڳي ڏهن منٽن تي وفات ڪري ويو. سندس عمر 56 ورهيہ هئي. پويان چار پٽ ذوالفقار علي، نذر حسين، مظهر حسين، امانت علي ۽ هڪ نياڻي سوڳوار ڇڏيائين.

نِياس (بيان)

اهو سر جتي راڳ اچي ختم ٿئي ۽ وچت جا ماترا بہ ان جاءِ تي اچي ختم ٿيندا آهن- نياس جي لغوي معني آهي ”رکڻ يا سجائڻ“.

نيلام بري (راڳڻي)

ڪافي ٺاٽ جي کاڊو سمپورن راڳڻي آهي. هتي کرج ۽ پنچم جي سنگت رهي ٿي. گنڌار ڪمپت آهي. چاڙهو چون ٿا تہ هن جي آروهي ۾ ڌيوت نہ لڳائڻ گهرجي. آروهي ۾ تيور گنڌار بہ هٽندا آهن. پيمر پلاسي ۽ مڌمات هن سان ملندڙ جلندڙ راڳڻيون آهن. آروهي ۾ مڌمات جو نقشو نظر اچي ٿو مگر مڌمات جي آروهہ ۾ گنڌار ۽ ڌيوت سر ورج آهن. مڌمات جي آروهي ۾ شڌ نکاد ۽ نيلام بري جي آروهي ۾ ڪومل نکاد استعمال ٿين ٿا.

آروهي: ساري گاماپا — ناسا

امروهي: سانا ڌي پاماگا اري سا

وادي سر: پنچم

سموادي سر: کرج

وقت: ٽيهري

وائلن (تار جو ساز)

هي مغربي ساز آهي، جنهن کي آرڪسٽرا ۾ شامل ڪيو ويو آهي. جديد ميوزڪ ۾ گهڻو استعمال ٿئي ٿو. هي سچو نفيس ڪاٺي جو نهيل ٿئي ٿو، جنهن کي ڏيڍ فوٽ کن پوري چپٽي ڏنڊي سان تنبو جيڪو بہ ساڳي ڪاٺي جو ٿئي، چار ڳنيون هونديون آهن. جنهن سان سر ملائبا آهن. ڏانڊي ڪان تنبي تائين ڪل چار تارون ڇڪيل هونديون آهن، جيڪي ڪاريگريءَ سان ڪاٺ جي تنبي جي پاسي ۾ ڪوڪن ۾ ڦاٿل هونديون آهن. تنبي کي وچ تي ٻن ڪان اڍائي انچن جو گول ڳترو ڪٽيل هوندو آهي تہ جيئن تارن جي گونج اپري سگهي. ان گول ڪٽيل جاءِ وٽ آڏ تي چئن

تارن جا نشان ٽيل هوندا آهن. جتي تارن کي ويهاربو آهي. پهرين تار مَڌم، ٻي کرج، ٽين تار پنچم ۽ چوٿين ٽلهي تار کي تارسبتڪ جي رکب سان ملائبو آهي. يا پهرين ٽلهي تار رکي، ڪنهن سر سان ملائي، ٻي تار کي ان جي پنچم تي، ٽين تار کي ان جي پنچم تي ملائيندا آهن. ان ڪانپوءِ سرن جي بندن مطابق اڪثر ڪاٻي هٿ جي آڱرين سان سر ڪڍبا آهن ۽ ساڄي هٿ سان تارن جي هيٺين حصي تي گز هلائبو آهي. اڳي اهو گز گهوڙي جي وارن مان ٺاهبو هو. مگر هاڻي پلاسٽڪ جون تارون بہ خوبصورت آواز ڏين ٿيون.

توڙي هي مغربي ساز آهي پر هاڻي هن هتي پنهنجي چڱي جاءِ ٺاهي آهي. جديد توري قديم ڳائڻا هن سان خاصي سنگت ڪن ٿا.

وائي (بيان)

وائي ٻن زاوين سان پرکڻ گهرجي. هڪ ان جو فني سٽاءُ ۽ ٻيو موسيقي جي بندش. وائي لغت جي لحاظ کان پراڪرت لفظ ”وارتا“ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ هجر يا جدائي آهي. پر هتي اسان کي وائي جي موسيقي ڏسڻي آهي.

وائي موسيقي جي لحاظ کان قديم ترين ڳائڻ جي اندازن مان هڪ انداز آهي. هن جو بنياد گهٽن آوازن جي ڳائڻ واري انداز تي آهي. گهٽن آوازن وارو ڳائڻ جو انداز تاريخ جي معلوم دور تائين سيني کان آڳاٽو آهي. موسيقي جي درجابنديءَ جي مد ۾ هن جو شمار ”مذهبي رساموت واري موسيقي (Chant Music) ۾ ٿئي ٿو. اتر آمريڪا ۾ اڃا بہ انهيءَ مذهبي موسيقيءَ جي قديم صورت موجود آهي. هندو تهذيب ۾ سنگيت جو تصور شِوِ مهراج سان آهي، جنهن ۾ نچڻ ۽ ڳائڻ ٻئي اچي وڃن ٿا. سم ڪيرتن (گڏجي ثنا جا نغما ڳائڻ) جو بنياد بہ اوائلي دور جي پر ٻند گيتن تي آهي. پر ٻند اوائل ۾ هڪ تڪ وارو هو، جنهن کي ”استايہ“ يا بنيادي چيو ويو. پوءِ ڪلاسيڪي لفظ استائي (منڍ) هاڻوڪو ٽلهہ (پيڙهہ) ٿي ويو. بعد ۾ ٻن فقرن وارا پر ٻنڌ پيدا ٿيا، جن کي ”دوي ڌاتو“ چيو ويو. جنهن جي معنيٰ آهي ٻہ ٽُڪو. انهيءَ ٻئي انگ کي ابوڳ يعني انت يا وراڻي جي اها تڪ جنهن تي دنگ ٿئي چئبو هو. بعد ۾ ٽين تڪ ڌروا يعني مرڪز چئبو هو ۽ چوٿين تڪ ”ميلاپڪ“ بہ شامل ٿيا. انهن چئن تڪن کي ”چترڌاتو“ سڏيو ويو. بعد ۾ انترو بہ ملايو ويو. پر ٻند جي تڪميل عيسوي صدي کان ڪجهہ صديون اڳ ٿي پر ٻند ئي بعد ۾ موسيقي جو بنياد بڻيو.

وائي پنهنجي سرائتي بيهڪ جي ڪري، حمديہ نغمن جي هڪ ڪڙي آهي. هن ۾ لفظن جو سٽاءُ حمديہ ٿئي ٿو.وائي ۾ هڪ يا ٻن مصراعن ڪانپوءِ استائيہ دهرائڻو پوي ٿو ۽ اهو استائيہ ئي آهي جو وائي جو مرڪز ٿئي ٿو. ڳائڻ جي لحاظ کان وائي جي ابتدائي صورت بہ ايڪيهين مت قائم ٿيڻ واري زماني کان ٿي. حمديہ سنگيت جو معياري نمونو ڇهين صدي عيسوي کان ٻڌي سگهجي ٿو.

شاهہ صاحب پنهنجي نئين سٽاءُ ۾ عربي موسيقي جي اثر کي شامل ڪيو. ڇاڪاڻ جو اسلام جي گهري اثر جتي زندگيءَ جي ٻين شعبن کي متاثر ڪيو اتي راڳ تي بہ اثرانداز ٿيو. شاهہ صاحب وائي کرج بدران پنچم کان شروع ڪئي، انهيءَ سان گڏ سرن کي ورهايو ويو. جيئن يونانين پنهنجي ڪورسن کي بعضي ٽن ۽ ڪڏهن وري چئن

يا پنجن حصن ۾ ورهايو. شاهه صاحب ڪوشش ڪري سپتڪ صرف ٻن حصن ۾ ورهايو. هڪ کرج ۽ ٻيو پنچم. پنچم کي بنيادي سر ڪرڻ سان کرج، مڌم جو ڪم ڏنو. اهڙي طرح سرن جي وڌيڪ اپتار جو موقعو مليو ۽ سرن جي ورتاءُ جو ڏانءُ آيو.

وچتر ويڻا (ساز)

هڪ ڊگهي ڪاني جيڪا اندران پوري ٿئي ان جي هيٺان ٻه تنبا هڻي مورجي شڪل جهڙي چيز ٺاهي هڪ پاسي هنئي ويندي آهي. ڏاندي جي مٿان اوٺيهه فولاد جا بند هنيا ويندا آهن. جيڪي سرن جا هنڌ چٽيا آهن. هڪ پاسي مور جي ڳچي ٺاهي لڳائيندا آهن. ٻئي پاسي ست ڳٽيون ڏاندي کي سوراخ ڪري وجهندا آهن. مورجي ڳچي کان وٺي ڳٽين تائين لوهه يا فولاد جون تارون ڇڪي هڻندا آهن. هن کي ٻن مضرابن سان وڄائبو آهي. هي يڪتاري، يا چوتاري جي ترقي يافته شڪل آهي. رگ ويد ۾ ڪيترين ئي قسمن جي ويڻائن جو ذڪر ٿيل آهي پر هي ساز اسان وٽ ايران کان آيو آهي. هي ساز پکواز يا طبلي تي اڪيلو به وڄائي سگهبو آهي. ڊگهي ۽ وڏي ڏاندي جي هيٺان لڳل ٻن تنبن مان پيدا ٿيندڙ گونج انتهائي سحرانگيز، ڳنڀير ۽ رس ڀريا آواز پيدا ڪندي آهي.

وردواڻي سارنگ (راڳڻي)

هي ڪافي ٺاٽ جي راڳڻي مندر ۽ مڌ سپتڪ تي ڳائبي آهي.

وادي سر: رکب تيور

سموادي سر: پنچم

آروهي: ني ساري مي پاني سا

امروهي: سا ني پامي ري مي ري سا ني سا

پڪڙ: ني – پا – مي – ري – مي – ري – ني سا

چيز: ني ساري ري گي گامي ماپا پا ڌي ڏاني ني ساري

ورڏاني سارنگ (راڳڻي)

هي ڪافي ٺاٽ جي راڳڻي آهي. هي راڳڻي گرنٿن ۾ ڄاڻايل ڪو نه آهي. ڇو؟ ان لاءِ ڪجهه چئي نٿو سگهجي. پر گرو نانڪ صاحب جون ڪيتريون ٻاڻيون هن راڳڻي ۾ ڳاتل آهن.

آروهي: نا ساري مي پاني سا

امروهي: ساني پا مي ري مي ري سا ني سا

وادي سر: رکب

سموادي سر: پنچم

ڳائڻ جو وقت:

پڪڙ: ني – پا – مي – ري – مي – ري – ني – سا
خاص تان: ني ساري ري گي گامي ما پا ڌي ڌا ني ني ساري

(پنڊت) وشوا موهن ڀٽ (گٽار نواز)

وشوا موهن سال 1952ع ۾ جئپور راجستان ۾ ڄائو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڀاءُ ششي موهن کان ورتي ۽ پوءِ اڄ تائين روي شنڪر جي نظرداري ۽ رهبري هيٺ رهي ٿو. هن جو پائيٽيو ڪرشنا ڀٽ هندستان کان سواءِ مغربي دنيا ۾ ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. هن گٽار ۾ ڪجھ تبديليون آنديون ۽ گٽار جون تارون ۽ چڪاريون وڌايون ويون. ان کانسواءِ هن اٺ اهڙيون تارون اضافي لڳايون،جن کي مختلف سرن سان tune ڪري سگھبو ٿي. باقي تارون هن ڪرج تي رکيون. هن گٽار کي موهن وينا جي نموني بيهاريو. هن وقت هند توڙي يورپ ۾ هي گٽار جو استاد وڄائڻ وارو آهي. هن جي البم Meeting by the Rider جيڪو هن مشهور مغربي موسيقار ري ڪوڊر (Ry Coder) سان گڏ ڪڍيو. ان هن کي نه صرف شهرت جي بلندين تي پهچائي ڇڏيو پر البم وڪري جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا. کيس مغربي موسيقي جو وڏو ايوارڊ گريمي عطا ڪيو ويو.

ولايت علي خان (ستار نواز)

عظيم گائيڪ تان سين جي اولاد مان امداد خاني ستار جو موجود امداد خان سندس ڏاڏو هو. عنايت علي خان جو پٽ 1928ع ۾ ڄائو. سندس وڏا صدين کان گني گويا رهيا آهن. سندس ڄم بابت به مختلف رايا آهن. ڪي 1926ع ۾ ته ڪي 1927ع چون ٿا. پر پاڻ 1928ع جو سال ڏسيو اٿس. ستار ۾ سندس پهريون استاد سندس والد عنايت علي خان هو. عنايت علي خان 1938ع ۾ وفات ڪئي ته پنهنجي ماءُ بشيران بيگم کان سکيائين جيڪا خود به پنهنجي وقت ۾ وڏي ستار نواز هئي. هن پنهنجي فن جو مظاهرو پهريون ڀيرو 1911ع ۾ ممبئي ۾ ڪيو. سندس فن جو وڏو چرچو ٿيو. هن پاڻ مڃائي ورتو. هو چار لک رپيا پنهنجي هڪ پروگرام جا وٺندو هو. کيس انگلينڊ جي راڻي ايلزبيٿ II جي سامهون پنهنجي فن جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو. جتي هن پاڻ ڇڳي طرح موکيو. کيس 1964ع ۾ پدماشري ۽ پدما ڀوشن جي اعزاز سان نوازيو ويو. 1968ع ۾ کيس هند سرڪار وڏو اعزاز ڏيڻ چاهيو. پر هن اهو چئي اهو اعزاز نه ورتو ته ڪاميٽي ۾ وينل ماڻهو جن مون کي انهي اعزاز لاءِ چونڊيو آهي، اهي فنڪار ڪو نه آهن. هن ستار ۾ تمام گهڻيون تبديليون آنديون. 13 مارچ 2004ع تي هي جهان ڇڏي ويو.

وهول تال (وڄوت)

ڍهلاري دس ۾ تال جهمر کانپوءِ وهول تال وڄائين. هي ڍهل جي وڄت جو تال آهي. هن ۾ ڪل اٺ ماترائون ٿين. هي ناچ مهل وڄندو آهي.

ٻول: ڌين نگ – تين تڪ – ڌين نگ – تين نگ

هارمونيم (ساز)

ڪاٺ جي چوڪور خالي پيتي جي مٿان پوئين حصي ۾ ڪاپي ڪان ساڄي تي سبتڪ، مندر، مڌ ۽ تار آستان جا ست ست ۽ پنج پنج تيور ۽ مڌم سرن سميت ڪل ٻارنهن ٻارنهن سر هر هڪ سبتڪ ۾ ڪل ڇتيهه سر جيڪي لوهه، پتل يا ٽامي جا، چيت وانگر ڪٽيل هڪ تختي تي لڳل هوندا آهن. انهن مٿان ڪاٺ جا پردا چڙهيل هوندا آهن. انهن پردن کي وٽان مٿان سڌي ڪائي ڏئي پوئين پاسي لوهي اسپرنگ نما سيخن ۾ جڪڙبو آهي ته جيئن آنگر کي کڻجي ته پردو بند ٿي وڃي. اهي ڪاٺ جا ڪمانچ يا پردا سفيد ۽ ڪاري رنگ جا هوندا آهن، جيڪي تيور ۽ ڪومل جي نشاني طور هوندا آهن. مٿي اپريل ڪاري رنگ جا ڪمانچ ڪومل سرن لاءِ ۽ اڇا سڌا پٽين وارا تيور سرن لاءِ. اندر ڏنُوٽي جا پيتي جي پنيان لڳل هوندي آهي، جنهن کي هڪ هٿ سان اڳتي پوئتي ڪبو ته هوا سرن ڏانهن ڌڪبي ۽ ڪمانچن تي ٻئي هٿ سان آنگر رکبي ته هيٺان چيتين (Reeds) مان آواز نڪرندو. هي هوا جي سازن ۾ شمار ٿئي ٿو.

